# ڪيرڏارا

ولي رام ولڀ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# ڪِيرَ ڏارا

[ڏيهي- پرڏيهي ساهتڪارن جون آتم ڪٿائون،
جيوَنيون، ڊائريون، خطَ ۽ انٽرويو]

سنڌيڪار:
ولي رام ولڀ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2015ع

# ارپنا

هيءُ محبت ۽ خلوص ڀريو پيار جو پورهيو

ارپيان ٿو

مُلڪ جي ناميارِي، اعليٰ ۽

عظيم آدرشن جي مالڪ شخصيت،

گُردن ۽ ٻُڪين جي بيمارين جو مايہ ناز ماهر ۽ انساني عُضون جي مفت

پيوندڪاريءَ جي علاج مهيا ڪرڻ وارِي فلسفي کي رائج ڪندڙ



پروفيسر ڊاڪٽر اديب الحسن رضويءَ

جي ناليِ!

- ولي رام ولڀ

# فهرست


- پبلشر پاران — ڊاڪٽر فهميده حسين — 9
- پيش لفظ — قاضي خادم — 11
- پنهنجي پاران — ولي رام ولڀ — 19

## (1) آتم ڪٿائون

1. ڇا مان ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ لکان ٿو؟ چيخوف (روسي) 21
2. چيخوف: لکڻ ۽ ڏسڻ ۾ چيخوف (روسي) 25
3. رُڳو مرڻ لاءِ جيئڻ ۾ ڪو مزو نہ آهي مئڪسم گورڪي (روسي) 30
4. امن جي آس ۾ اسٽيفن زويگ (آسٽريائي) 38
5. مان ۽ زندگي نِڪوس ڪازان زاڪِس (يوناني) 45
6. جيڪڏهن ڪتاب لکان ها! ارنيسٽ هيمنگوي (امريڪي) 60
7. موت ـ سارتر جي نظر ۾ جان پال سارتر (فرانسيسي) 69
8. لفظن ۽ عڪسن جي دنيا ۾ منهنجا تجربا ستيہ جيت ري (ڀارتي) 73
9. جڏهن گونگا ڳالهائڻ لڳندا آهن... جيمس بالڊون (امريڪي) 80

## (2) جيوَنيون


1. چيخوف جي ناٽڪن جي خاص ڳالهه **استانسلاوسڪي** (روسي) 88

2. هيمنگوي جي چوٽڪاري لاءِ جاڪوڙ — 94

3. ارنيسٽ هيمنگوي (امريڪي) 101

4. فرانز ڪافڪا (چيڪ- جرمن) 107

5. ڪافڪا: چاليهن سالن جي ڏکي اڪيلائپ جو درد — 110

6. فيدور دوستووسڪي (روسي) 117

7. ناظم الحڪمت ـ ترڪيءَ جو ريڊيڪل شاعر (ترڪ) 119

8. جيمس جائس ـ جديد عالمي ادب جو ابو **انتوني برجس** (آئرش) 127

9. يشپال : آزاديءَ جو اُپاسڪ **ڪورائين فرينڊ** (انگريزي) 136

10. البرتو موراوِيا ۽ اٽالين سهيوڳي ادب (اٽالين) 178

11. البر ڪاميو ـ 'ڏاريو' جو ناول نگار (فرينچ) 182

12. سال بيلو ـ انساني عظمت جو علمبردار (امريڪي) 208

13. وُول سوينڪا ـ نائيجيريا جو اديب (نائيجيريائي) 213

14. ڊاڪٽر طٰهٰ حسين- مصري جديد ادب جو ابو (عربي) 216

15. پن ـ ڇڻ جا ڇٽيل سدا ساوا پن **امرتا پريتم** (پنجابي- هندي) 226

(۱) جئڪ لنڊن (برطانوي)، (۲) ولاد مير ماياڪووَسڪي (روسي)، (۳) ارنيسٽ ٽولر (جرمن)، (٤) آتيلا يوسف (هنگري)، (٥) يُوڪيو مِشيما (جاپاني)، (٦) اليگزينڊر سرگيوچ پُشڪن (روسي)، (٧) شاندور پيٽوفي (هنگري)، (٨) خرِستو بوتيف (روسي)، (٩) اوسپ مئنڊيلستام (روسي)، (١٠) گِيو مِليو (بلغاريائي)، (١١) فيدريڪو گارشيا لورڪا (اسپيني)، (١٢) بينجامِن فيبوئِيانو (رومانيائي)، (١٣) جوليس فيوچڪ (چيڪو سلوواڪيائي)، (١٣) يي يُتڪ- سا (ڪوريائي)، (١٤) موسىٰ جليل (تاتاري)، (١٥) رادنوتي مِلڪوش (هنگري)، (١٥) نِڪولا واپتساروف (روسي).

16. شرلاڪ هومز- سَر آرٿر ڪانن ڊائل جو لافاني ڪردار (انگريزي) 261

19 ڪجهه ڪرشن چندر جي باري ۾ (اردو) 266

20. ترقي پسند شاعر ڪيفي اعظمي جي موت تي (اردو) 270

22 ٻئپسِي سِڌوا ۽ سندس ناولن جو سفر (انگريزي) 275

23. گلاب موتيي جي مهڪ **ڊاڪٽر جي. ايم مهڪري** (انگريزي) 280

24. قرةالعين حيدر ۽ سنڌي ادب (اردو) 291

25. قرةالعين حيدر جي ناولن جا سنڌي ترجما 294

26. عظيم مستشرقين جي آخري خاتون: اينميري شِمل
تائمن راشده لطيف (انگريزي) 302
27. آصف فرخيءَ جي Fires in an Autumn Garden جي باري ۾
(انگريزي) 307
28. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد (اردو) 315
29. امرتا پريتم جي ديهانت تي (پنجابي/ هندي) 327
30. محمد خالد اختر ڪي الوداع (اردو) 335
31. پائلو فريري - برازيل جو تعليمي نظرياتي ماهر (اسپيني) 340
32. مليالم ادب ۾ تڪشي شِو شنڪر پلئِي جو ناول 'چيمين' (مليالم) 343
33. Repentance [پڇتاءُ] - 1980 جي ڍاڪي جي هڪ ڪلاسِڪ فلم 346

## (3) ڊائريون

1. خودڪشيءَ کان اڳ ورجينيا وولف (انگريزي) 351
2. ڊائريءَ جا ڪجهه ورق فرانز ڪافڪا (جرمن) 358
3. زلاتا جي ڊائري زلاتا فِلپووِڪ (بوسنيائي) 368
4. دوزخ ۾ لکيل ڊائري فرينسيمِڪا پيرانتوزي (بوسنيائي) 374

## (4) خط

1. ڪيس پيار ڪندي رهج ... نيپولين بوناپارٽ (جرمن) 381
2. توکي ڪهڙي خبر...! جان ڪيٽس (انگريزي) 382
3. شايد مون توکي غلط سمجهيو هو... ابراهام لنڪن (امريڪي) 384
4. جهڙوڪر پڃري ۾ بُلبُل...! داغ دهلوي (اردو) 386
5. هڪ تنقيدي خط چيخوف جي نانءَ مئڪسم گورڪي (روسي) 387
6. گورڪيءَ ڏانهن لکيل جوابي خط انتون چيخوف (روسي) 388
7. مري به وڃون ته ڇا ! موهن داس ڪرمچند گانڌي (انگريزي- گجراتي) 390
8. آئون توکي پاڪُر پايان تو... ولاديمير ايليچ اولينوف لينن (روسي) 392
9. گهر مون کي کائڻ ٿو اچي... منشي پريم چند (هندي - اردو) 394
10. اوهان جي ڊپ جي گرفت... فرانز ڪافڪا (جرمن) 396
11 گُونگا ۽ گهَرا ڏينهن... خليل جبران (عربي) 403
12. ۽ سڀ کان پيار جون ڳالهيون اُهي آهن... ناظم حڪمت (ترڪي) 405

13. محمد ابراهيم جويي ڏانهن خط جي. ايم. مهڪري(انگريزي) 407
14. نثار حسينيءَ ڏانهن خط جي. ايم. مهڪري(انگريزي) 412
15. ليٽرس ٽو ايميلي شيرين نانا (انگريزي) 417


## (5) انٽرويو


1. آرسيءَ آڏو (Self Interview) امرتا پريتم (پنجابي/ هندي) 421
2. هڪ نيپالي گهر جو اندريون اڱڻ! امرتا پريتم (پنجابي/ هندي) 427
3. منهنجو ناٽڪ لاءِ موهه نصيرالدين شاهه (هندي) 438

# پبلشر پاران

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي نگاريءَ جي حوالي سان سائين ولي رام ولڀ جو وڏو نالو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ اولهه ۽ اوڀر جي بهترين ادب مان چونڊ ڪري تمام اهم ڪهاڻيون، شاعري، مضمون ۽ ڪتابن جا ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. هيءَ جيڪو ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي، اهو دنيا جي ادب ۾ تمام اهم ۽ عظيم ليکڪن جي ناولن، يادگيرين، ڪهاڻين، خطن ۽ سوانحي ڪتابن مان ورتل ٽڪرن تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ روس، آمريڪا، يونان، آسٽريا، ترڪي، فرانس، انگلينڊ، آفريڪا، هندستان، مصر، پاڪستان وغيره جي تخليقڪارن جي هڪ ڪهڪشان ۽ هڪ ڪيرڏرا موجود آهي، جيڪا ادب جي آسمان تي چمڪندڙ روشن ستارن تي مشتمل آهي.

تخليقي ادب جي دنيا جي هنن وڏن ناليوارن ليکڪن بابت ڄاڻ پڙهندڙن کي نه صرف دلچسپ لڳندي، بلڪ ڪن احوالن تي هنن کي حيرت به ٿيندي ته خوشي به ٿيندي ۽ ڪن تي ڏک ۽ افسوس به ٿيندو ته هنن حساس دل فنڪارن کي ڪهڙين ڪهڙين سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن کي منهن ڏيڻو پيو. هنن احوالن ۾ بيان جي سونهن آهي ته جذبن جي سچائي به آهي ۽ فن جي دنيا ۾ موجود تضاد به آهن. اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب اوهان کي ضرور وڻندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

مارچ 2015ع
حيدرآباد سنڌ

# پيش لفظ

دنيا جي شاهوڪار ٻولين جو سرمايو صرف سندن ديس ۾ سرجندڙ ادب ۽ لکيتن تي منحصر نہ هوندو آهي، بلڪ ان جو وڏو حصو ان ٻوليءَ، دنيا جي ٻين ٻولين جي بهترين لکڻين، پوءِ اهي نثر ۾ هجن يا نظم ۾، سماجي هجن يا تاريخي ۽ سائنسي، انهن جي ترجمي تي مشتمل هوندو آهي. انهن مان ئي اهي ٻوليون وڌيڪ سگهنديون بہ آهن تہ سندن ادبي ۽ علمي خزاني ۾ نواڻ ۽ جدت بہ ايندي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو انگريزي ٻولي، پنهنجي علمي ۽ ادبي سرمائي جي ڪري دنيا جي شاهوڪار ٻولين مان هڪ سمجهي تي وڃي، جنهن ۾ عربي، اٽالين، يوناني، جرمن، رشين، بنگالي، چيني، جپاني، روسي، فرينچ، اسپينوي ۽ ٻين ملڪن جي ٻولين جو ادب ترجمن جي صورت ۾ موجود آهي: جنهن مان هنن بيشمار فڪري، علمي ۽ مادي فائدا حاصل ڪيا آهن. اهي انگريز ئي هئا، جن بنگال تي قبضي ڪانپوءِ ڪلڪتي ۾ فورٽ وليم ڪاليج قائم ڪيو، جنهن ۾ هن خطي جا وڏا عربي، فارسي، بنگالي، هنديءَ ۽ سنسڪرت جا عالم مقرر ڪيائون، جن دنيا جو بهترين ادب، جنهن ۾ عربيءَ جي الف ليليٰ، ايران جي عمر خيام، حافظ ۽ سعدي جا شعر، هنديءَ جا پنج تنتر، شاستر ۽ ويد بہ ترجمو ڪري ڇڏيا. نہ صرف ايترو، پر دنيا جا سڀ اهم داستان بہ هنديءَ ۾ ترجمو ڪري ويا، جيڪو اڄ بہ اسان پيا استعمال ڪريون ۽ ان ڪاليج جي پرنسيپال جان گلڪرائسٽ جو نالو بہ هميشہ لاءِ ادبي تاريخن جي زينت بنجي ويو. 1843ع ۾ سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ انگريزن هت بہ پنهنجا پير پختا ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ قابلِ قبول لپي تيار ڪرائي، گرامر لکيائون ۽ منشي مقرر ڪيائون، جن ڪان پنهنجي مرضي ۽ پسند جا

ڪتاب، جن ۾ ناول، مضمون، مقالا ۽ ڊراما وغيره شامل هئا، ترجمو ڪرايائون ۽ ترجمن تي انعام ڏئي انهن کي همٿي ڏياريندا رهيا: جنهن مان اهو فائدو پيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ انگلستان، فرانس ۽ ٻين ملڪن جا ناول ترجمو ٿيڻ لڳا، مضمون متعارف ٿيا. هڪ طرح سان سنڌي ادب ۾ بين الاقواميت جو رنگ شامل ٿي ويو. هن ڳالهہ مان ئي ترجمن جو اندازو لڳايو تہ جيڪڏهن W.E yeats رابندر ناٿ ٽئگور جي 'گيتانجلي'، انگريزيءَ ۾ ترجمو نہ ڪري ها تہ ٽيگور کي نوبيل پرائز ڪونہ ملي ها. جيئن شيخ اياز کي بہ اها شڪايت هئي، جو ڪيس ڪو سنو مترجم ڪو نہ مليو، ورنہ هن کي نوبيل پرائيز ملي وڃي ها. ساڳيءَ طرح ترجمي نگاريءَ ۾ زوال اچڻ جي ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ڪو سنو ترجمو ڪندڙ نہ مليو، ورنہ جيئن ايچ. ٽي. سورلي هن تي ڪم شروع ڪيو هو ۽ هن کي پنهنجي ڪتاب wondering bards/ Musa Pervagans ۾ دنيا جي ستن ٻولين جي شاعرن ۾ پهرئين نمبر تي رکيو هئائين، سو جيڪڏهن اڳتي وڌي ها ۽ ڪو مترجم اهو ثابت ڪري ها تہ شاهہ لطيف ڪو چارڻ يا ڀَٽ ۽ ڀان ڪونہ هو، بلڪہ سنڌ جي ثقافت، ڏاهپ ۽ ماضيءَ جي ڪلاسيڪي فڪر جو پاسبان هو تہ اڄ دنيا ۾ شاهہ جو مانُ اڃا اوچو هجي ها. واضح رهي تہ سورلي شاهہ کي wondering bard سڏيو آهي، جڏهن تہ شاهہ مسافريون تہ بيشڪ ڪيون ۽ ويجهي پري جي ديس جو سير بہ ڪيو، ليڪن هن جي شاعري سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو عظيم ورثو آهي.

هتي هڪ ڳالهہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ ترجمو ۽ تخليق بہ جُدا صنفون آهن، اُنهن ۾ تخليق ڏات سان واسطو رکي ٿي ليڪن ترجمو هڪ فن آهي، جنهن جي لاءِ بنيادي طرح ڪنهن اديب يا لکندڙ جو هڪ کان وڌيڪ ٻولين سان واسطو هئڻ ضروري آهي. ان ڪري جو ڪنهن بہ لکڻيءَ کي هڪ ٻولي مان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ٻنهي ٻولين تي عبور هجڻ ضروري آهي، نہ صرف ٻولين، بلڪہ انهن جي ثقافت ۽ مزاج

سان واسطو هجڻ بہ لازمي آهي. ورنہ هڪ ٻوليءَ جا خيال، فڪر ۽ فلسفو ڪاميابيءَ سان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري نہ ٿو سگهجي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمن جي باقاعدي شروعات انگريزن ڪئي، جن ۾ رئسيلاس، سون ورنيون دليون ۽ ٻيا ڪتاب سنڌي اديبن کان ترجما ڪرائي، انهن کي انعام بہ ڏنائون تہ درسي ڪتابن طور بہ منظور ڪيائون، جڏهن تہ ڪيترن اديبن پاڻمرادو ترجما ڪيا، جن کي پڻ انگريز سرڪار انعام اڪرام سان نوازيو، جن ۾ شمس العلماءِ مرزا قلليچ بيگ بہ شامل آهي.

ويهين صديءَ جي شروعات سنڌ لاءِ ان لحاظ کان سياڳي هئي، جو ان ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙو مل، ڏيارام گدو مل، پرمانند ميوازا جهڙا اڻ ورچ ليکڪ هڪ ئي وقت گڏ ٿيا هئا، جن جا ترجمو ڪيل ڪتاب سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري ويا. ورنہ بيڪن جان ايسيز، وڪٽر هيوگو جو 'مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا' (les mdenbless) خانچند درياڻيءَ جو پاپ ۽ پاڪيزگي (Tess of the Durbervilles). شاهاڻيءَ جو بلو کوکر (The Mayor of caster-bridge) شيڪسپيئر جا ڊراما ۽ سر آرٿرڪانن ڊائل جي امر ڪردار شرلاڪ هومز جا قصا ڪتان اچن ها. نہ صرف اهو، پر الف ليليٰ جو قصو بہ رچرڊ برٽن جي محنت جو ثمر آهي، جيڪو امر سنڌيءَ ۾ ترجمي جي صورت ۾ پهتو. ڪوڙ مثال آهن، جن مان خبر ٿي پوي تہ ترجمو نہ صرف هڪ ڪتاب کي ٻي ٻوليءَ ۾ متعارف ٿو ڪرائي، بلڪ هڪ مخصوص سماج کي ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ جي سماج سان بہ ملايو ڇڏي.

ولي رام ولڀ جن اهم ۽ بين القوامي حيثيت رکندڙ ليکڪن، فلاسفرن ۽ انقلاب پسندن جون لکڻيون ترجمو ڪيون آهن، تن تي جيڪڏهن غور ڪبو تہ هُن جي آزاد سوچ ۽ گهري فڪر جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انڪري جو هن لسٽ ۾ اديبن، سياستدانن، انقلابين توڙي فڪشن رائيٽرز سان گڏ، جن

۾ دنيا کي فڪري راهه تي لڳائڻ وارا ڪيترائي نالا نظر ايندا، جن جي لکڻين مان فرينچ انقلاب، روسي عظيم انقلاب، ٻن عالمي جنگين ۽ جپان ۽ چين توڙي اسپين جي مشهور سول وار جا چٽا احوال ملن ٿا ۽ جن تي ارنيسٽ هينگوي کان وٺي جان پال سارتر تائين هي نالا نظر اچن ٿا. چيخوف، اسٽيفن زويگ، مئڪسم گورڪي، ستيه جيت ري، ارنيسٽ هينگوي، فرانز ڪافڪا، دوستو وسڪي، ناظم حڪمت، جيمس جوائز، البرڪامئو، ڊاڪٽر طحيٰ حسين، فيڊريو گارشيا لورڪا، آرٿر ڪانن ڊائل، ڪيفي عظمي، ڊاڪٽر مهڪري، قرت العين حيدر، اين ميري شمل، ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد، ورجينا وولف، ابراهام لنڪن، نيپولن بونا پارٽ، داغ دهلوي، منشي پريم چند، خليل جبران، امرتا پريتم، نصير الدين شاهه سان گڏ دنيا جي ٻين به ڪيترن ترقي يافته،ترقي پذير ۽ تازو غلاميءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيل ملڪن جا اديب به شامل آهن، جن جون جيون ڪهاڻيون، مضمون ۽ شعر توڙي خط ۽ مضمون، ننڍا ۽ وڏا. هن هڪ هنڌ سهيڙيا آهن.

کير ڌارا (Milkyway) جي تارن جي جهڳٽن وانگرهي به مختلف خوشبوءِ ۽ جهرمر وارا آهن، جن مان ڪي وڏن نالن جي حيثيت رکن ٿا ۽ ڪي ڪجهه غير اهم آهن. پر يورپ، امريڪا ۽ مشرق جي مختلف ٻولين مان چونڊيل هي گلدستو پنهنجي جڳهه تي اهم آهي.

هنن لکندڙن ۾ ارنيسٽ هيمنگوي يا گورڪي، چيخوف، ناظم حڪمت جان پال سارتر، البر ڪامئو، دوستو وسڪي ۽ ورجينيا وولف جي اهميت کان ڪهڙو پڙهيل لکيل ماڻهو نا واقف هوندو. اولڊ مئن اينڊ دي سي ، فارهوم دي بيل ٽالس، اي فيئر ويل ٽو آرمس جو نالو ذهن ۾ ايندي ئي هيمنگويءَ اکين آڏو تريو اچي، جنهن خود اسپين جي سيڪنڊ ورلڊ وار ۾ والنٽيئر طور ايمبولينس ڊرائيور تي ڪم ڪيو هو ۽ سندس لکڻيءَ جو حرف حرف سچ جي گواهي ٿو ڏي ته مشهور نوبل پرائيز يافته ناول نگار سال بيلو جو ’هرزاغ‘ به گذريل صديءَ

جي المناڪ تاريخي واقعي جو بيان ڪندي ٿو نظر اچي جڏهن تہ گورڪيءَ جو نالو ٻڌي روسي انقلاب اکين آڏو ٿو تري اچي، جنهن سڄي دنيا تي تمام وڏا اثرات وڌا يورپ ۾ فرانس روس ۾ انگلنڊ سان گڏ آمريڪي ملڪن سان گڏ برصغير تي هن جا تاثرات مرتب ٿيا تہ پهريون دفعو دنيا ۾ مزدور جو هڪ رول تسيلم ڪيو ويو. هندستان جي ترقي پسند تحريڪ جيڪا ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان ۾ بہ ڀرپور انداز سان قائم ٿي ڪيترن ذهين ماڻهن ان کي پنهنجي جان بہ ڏيڻ کان عار نہ ڪيو تہ ٻئي طرف سارتر ۽ ڪاميو جهڙا اديب جن عظيم جنگين جي عذابن جي اذيتناڪ ڏينهن ۾ راتين مان وجوديت جي فلسفي Existentialist Philosophy جو پرچار ڪيو ۽ دنيا کي وڏو ادب ڏنائون ۽ هنن جي اثرات هيٺ فراسوز ساگان جهڙن ڪيترن ليکڪن جون لکڻيون ان فلسفي کي ڪٽي اڳتي وڌيون. نہ صرف ايترو پر اهي سڀ ڪتاب گهڻو ڪري دنيا جي ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ۾ اردوءَ ۾ بہ ترجمو ٿيا. جن جو ذڪر ولي رام نهايت فراخدلي ۾ تفصيل سان ڪيو آهي.

ولي رام جي ترجمو ڪيل ۽ سهيڙيل هن ڪتاب ۾ خاص ڳالهہ هن جا پنهنجا قائم ڪيل رايا آهن جيڪي ادب جي پڙهندڙن توڙي علمي ۽ ادبي لاڙو رکندڙن لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا. حالانڪہ هن کي اجا ٿوري جاکوڙ ڪري انهن ليکڪن جي ڪجهہ وڌيڪ ڪارنامن تي روشني وجهڻ کپي ها خاص ڪري جان پال سارتر جي Triology يعني ٽن حصن تي ٻڌل ناول، ’ايج آف ريزن‘ ”آئرن ان دي سول“ ۽ ”ريپريوَ“ جو ذڪر ڪرڻ گهرجي ها جيڪو وجوديت پسند ادب جو بهترين مثال آهي، بلڪہ هن جي مشهور ترين ڊرامہ ’نڪروزاف‘ جو ذڪر بہ ضرور ڪري ها جنهن جو ترجمو منهنجي خيال ۾ ضرور ٿيڻ گهرجي تہ جيئن پڙهندڙ ڪن اهڙن دلچسپ واقعن ۽ جديد انسان جي سوچ جي مختلف اندازن جو نظارو بہ ڪري سگهن. بهرحال ڪا بہ لکڻي آخري نہ ٿي ٿي سگهي تنهن ڪري هن جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي

تنهن کي بيا ليکڪ، نقاد ۽ محقق اڳتي به وڌائي سگهن ٿا، خاص طور تي روسي، فرينچ، انگريزي ۽ هندستاني ادب جو اڀياس ڪرڻ لاءِانهن اديبن تي اجا به گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. ان هوندي به هندستان ۽ پاڪستان جي جن اديبن جو هن ذڪر ڪيو آهي اهو به نهايت اهم آهي جو پنهنجي مخصوص اقتصادي ۽ معاشي پس منظر ۾ هن علائقي جي ڏاهن ۽ مفڪرن ۽ اديبن به وسان ڪو نه گهٽايو آهي. انهن جو اجا تفصيلي ذڪر ڪرڻ جي ضرورت هميشه رهندي ۽ لکندڙن کي غير ضروري مواد کان پاسو ڪرڻ به ضروري آهي. ولي رام ولڀ هي ڪم پنهنجي دل سان ڪيو آهي. ورنه اهي ذميداريون يونيورسٽين جون آهن جت استاد به آهن ته شاگرد به ۽ سيني علمي ۽ ادبي ادارن جون نظرون انهن ۾ ڪتل آهن ته جيئن ڪين معياري ادب ۽ اعليٰ علمي لڪٽيون حاصل ٿي سگهن، ليڪن هتي ترجمه نگاريءَ کي هتي وناراٿڻ ڏانهن ڪنهن جو ڪو ڌيان ئي ڪونهي ورنه جيڪڏهن يونيورسٽيون 'دارالترجمه' قائم ڪن ته هيءَ کوٽ وڏي حد تائين پوري ٿي سگهي ٿي، جڏهن عباسي خليفن جي وقت ۾ بغداد ۾ دارالترجمه قائم ڪئي وئي، جنهن وڏا ڪم ڪري ڏيکاريا ۽ عرب فلسفين ۽ سائنسدانن جي علم کان دنيا کي واقف ڪيو. جڏهن 19 صديءَ ۾ ڪلڪتي جي فورٽ وليم ڪاليج برصغير جي ٻولين کي دنيا جي علم ۽ ادب سان مالا مال ڪري سگهي ٿي ۽ 20 صديءَ ۾ روس جي اداري دارالاشاعت ماسڪو طرفان روسي ادب جا شاهپارا سستي اگهه تي دنيا جي پڙهندڙن جي هٿن ۽ لائبريرين جي ڪبٽن جي زينت بڻجي سگهن ٿا ته پوءِ ڇا سبب آهي جو اسان وٽ ترجما گهر Translation bureau قائم نه ٿا ٿي سگهن. جڏهن ته ان جو خيال ڪيترن دانشورن حڪومتن کي ڏنو به. خاص ڪري شيخ اياز جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿيو هو ته هن سنڌ يونيورسٽي ۾ دارالترجمه قائم ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪيا، پر فنڊ نه ملڻ ڪري اهو ڪم نه ٿي سگهيو. سنڌي ادبي

بورڊ البت اهو بار کنيو ۽ وڏا شاهڪار فن پارا سنڌي ادب ۾ منتقل ٿي ويا.

ولي رام ۽ هن جهڙا ٻيا جاڪوڙي اديب پنهنجي منهن ادب، تاريخ، سياست ۽ فلسفي تي وڏا وڏا ڪتاب ترجمو ڪيو، پنهنجو ئي نور نچويو گهڻو ڪري هڙان وڙان خرچ ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري رهيا آهن ته اُهي جڻ پاڻ هڪ اداري جي حيثيت رکن ٿا. ورنه نه صرف سنڌيءَ ۾ ترجماڪيا وڃن بلڪ وڏي پئماني تي سنڌ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد ادب جا ٻه ٻين ٻولين ۾ ترجما ڪرائي ڇاپڻ جي تمام وڏي ضرورت آهي. متان ائين ڪو سنڌ جو اديب، شاعر ۽ نثر نويس ٽيگور وانگر نوبيل پرائز جو حقدار بنجي سگهي.

ولي رام پنهنجي لڪٽين توڙي ترجمن جي چونڊ ۾ نهايت سنجيده رويو رکندڙ اديبن مان هڪ آهي. جيڪڏهن هن جي انهي خوبيءَ جو ڪو مثال ڏيڻو هجي ته هو پنهنجي زندگي، چال چلت ۽ گفتگو توڙي ادبي منظر نامي ۾ پنهنجي هم عصر اديب مراد علي مرزا سان گهڻو ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هو ادب کي صرف تفريح جو ذريعو يا معلومات ڏيڻ جو ڪم نه ٿو سمجهي بلڪ هو ان کي زندگي گذارڻ ۽ زندگي سنوارڻ جو هڪ اهم وسيلو ٿو سمجهي جنهن جو مثال هن ڪتاب ۾ ڏنل لڪٽين جي چونڊ مان ملي ٿو، جن ۾ هڪ ئي وقت يورپ جي مختلف ٻولين، آمريڪا، لاطيني آمريڪا، بنگالي، هندي، اردو ۽ سنڌيءَ جي اديبن جو احوال موجود آهي. مون کي ڏاڍي حيرت ۽ خوشي ٿي ته هن هندو پاڪ جي اديبن ۽ دانشورن ستيه جيت، قرت العين حيدر، ڪرشن چندر، امرتا پريتم، سنڌ جي محمد ابراهيم جويو، جي . ايم مهڪريءَ جهڙن نالن جي وچ ۾ ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد جي شاهه بابت لکيل هڪ مضمون جو ترجمو به ڏنو آهي. شايد هن وقت ڊاڪٽر ڪريم الدين احمد جي نالي کان به ڪي ٿورا ئي واقف هوندا، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون اردوءَ ۾ پي ايچ. ڊي ڪندڙ ترقي پسند تحريڪ سان

واسطو رکندڙ استاد هو ۽ پنهنجي آدرش جي ڪري سرڪاري نوڪري تان هٿ ذوئڻ کان پوءِ 1961 -62 ۾ سچل آرٽس ڪاليج حيدرآباد ۾ اردوءَ جو ليڪچرر ٿيو ۽ مون کي سندس شاگرد ۽ پوءِ دوست هجڻ تي ناز آهي.

ڊاڪٽر ڪريم الدين هڪ اهو گوهرِ ناياب هو، جنهن ڪڏهن پنهنجي تعريف نہ پاڻ ڪئي نہ ٻين جي واتان ٻڌڻ پسند ڪيائين. ايتري قدر جو جڏهن ڪيس پي ايچ. ڊي جي ڊگري ملي تہ هو مون وٽ آيو. هو رهندو بہ منهنجي گهر جي ويجهو هڪ هوٽل ۾ هو جتي زندگيءَ جو تمام وڏو عرصو اڪيلي گذاريائين. هو ڪافي دير مون سان ڳالهائيندو رهيو پر اهو نہ ٻڌايائين تہ ڪو ڊاڪٽري جو اعزاز مليو اٿس. آخرڪار هٻڪي هٻڪي چيائين تہ ڪيس پي ايچ. ڊي جي ڊگري ملي وئي آهي ۽ جڏهن مبارڪباد ڏني مانس تہ هڪدم چيائين ”انهيءَ ڊپ ۾ تہ نہ تي ٻڌايم، هاڻ ان مبارڪباد جي بدلي ۾ مان ڇا چوان.“ هن جي سوچ مڪمل طور ترقي پسندانہ هئي ۽ علامہ اقبال کي سر علامہ اقبال سيالڪوٽي لکندو هو. ساڳي طرح سر سيد ۽ ٻين اهڙن ڪردارن تي. نهايت سخت مضمون لکيائين جنهن ڪري روايت پسند اديب ڪيس سخت ناپسند ڪندا هئا. ليڪن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي لکيل هن جو مضمون ترجمو ڪري ولي رام ترجمي جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي.

منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن هن قسم جو ڪم جاري رکيو وڃي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏو اضافو اچي سگهي ٿو ۽ وري جو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ان ڪم تي بہ ڌيان ڏئي ۽ ٻوليءَ کي ادب وسيلي ۽ خاص ڪري ترجمن وسيلي وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڏئي تہ ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي. ٿيڻ تہ ائين کپي تہ انسائيڪلوپيڊيا سيل وانگر ٽرانسليشن سيل بہ هن ئي اداري ۾ قائم ٿئي تہ ان کان بهتر ڪو ڪم ٻي نہ آهي.

**قاضي خادم**

24_06_2014

## پنهنجي پاران

منهنجو هيءُ ڪتاب ”ڪيرڏارا“ باقاعدي ڪنهن رٿابنديءَ هيٺ لکيل نہ آهي، پر مون اڌ صديءَ جي عرصي تي ڦهليل ادبي زندگيءَ دوران ادب پڙهندي، لکندي يا ترجمو ڪندي، جڏهن ڏيهي پرڏيهي تخليقڪارن جي زندگين تي نظر وڌي تہ سندن زندگيءَ بابت ڄاڻڻ ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي ويئي. سندن تخليقن جي پس منظر ۾ سندن زندگيءَ جي عڪسن ۽ اولڙن کي پهرين مختصر طور تي ۽ پوءِ انهن تي نوٽس، مضمون ۽ مقالا لکي، پڙهندڙن سان ونڊيندو رهيس، تان جو اُهو ڪتاب جيترو مواد گڏ ٿي ويو، جو اُن کي باقاعدي ترتيب ڏيئي، هن ننڍڙي ڪتاب جي صورت ۾ اوهان آڏو پيش ڪندي خوشي اٿم.

مون هن ڪتاب جي ترتيب کي تخليڪارن جي آتم ڪٿائن، جيونين، ڊائرين، خطن، انٽرويُوئن ۽ سندن زندگين جي باري ۾ مضمونن ۽ مقالن تائين محدود رکيو آهي، جيڪي مون کي يقين آهي تہ پڙهندڙن کي سندن زندگيءَ ۾ ليئو پائڻ ۾ مدد ڪندا. آءٌ انهن مضمونن ۾ محترم قاضي خادم جو ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي سنڌي ترجمو ڪيل ڪجهہ ڪتابن جي نشاندهي ڪري معلومات ۾ واڌارو ڪيو آهي.

آخر ۾ آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ۽ اُن جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين جو ٿورائتو آهيان، جنهن ڪتاب جي مسودي

۾ پيش ڪيل مواد کي منفرد ۽ روايت کان هٽيل موضوع کي مڃتا ڏيندي، ڇپڻ لاءِ پسند ڪري منظور ڪيو. آءٌ اداري جي سيڪريٽري محترم تاج جويي ۽ پبليڪيشن شعبي جي محترم امين لغاري ۽ محترم خالد آزاد جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي منصبي هدايتن هيٺ هي ڪتاب ڇپائيءَ جي مرحلن مان گذاري پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو آهي.

حيدرآباد سنڌ ولي رام ولڀ

16 فيبروري 2015ع

# چا مان ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ لکان ٿو؟

## چيخوف جي آتم ڪٿا



چا مان ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ لکان ٿو؟ هرگز نه. مون کي ماڻهن جي خوشي يا ناراضگيءَ جي ذري به پرواهه ناهي. مان پوت جي عدم وجود تي ويساهه ڪري سگهان ٿو، پر اهڙي ڳالهه تي نه. ته چا مان پيسن لاءِ ٿو لکان؟ نه، مان پنهنجي غريبيءَ مان خوش آهيان. پوءِ چا شهرت جو بکيو آهيان؟ پر شهرت منهنجي من ۾ بي چيني پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. مان ته پنهنجي پاڻ کي پڌرو ڪرڻ لاءِ لکندو آهيان.

اڄ ساهت يا ناٽڪ جي ميدان ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، انهيءَ جو مان مخالف آهيان. اهو مجنائن ۽ ردي رسمن جو چڪڙو آهي. ڪلا جو جنم نون ويچارن مان ٿيڻ گهرجي. منجهس ايڏو ڏيرج هئڻ گهرجي، جو اُها سچ کي ڄاڻڻ جي خواهش پيدا ڪندي رهي. نقاد اسان کي اهو سڀ سيکاري نٿا سگهن. سندن خيال ايندي ئي مون کي هر ۾ جوٽيل گهوڙن کي پريشان ڪندڙ گندين مکين جي ياد ٿي اچي. آخر اهي چو ٿيون يُون يُون ڪن؟ ڪيترن ورهين کان مان پنهنجي ڪهاڻين جون تنقيدون ڏيان سان پڙهندو اچان ٿو، پر منجهن مون کي ڪا نئين ڳالهه نه ملي سگهي آهي.

جڏهن به مان واقعن جي اخلاقيات کي نه سمجهندو آهيان ته منهنجي من ۾ پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ ايندي آهي. مان عجيب

---

* CHEKOV,ANTON PAVLOVICH (1860-1904): Russian Short-story writer and Playwright.

لاقانيت کي ”بيوقوفاڻو کوڙ“ کوني ٿو! مون لاءِ اها سڀ اڄ بہ هڪ اڻ سليل ڳجهارت آهي.

جيئڻ لاءِ ڪو مقصد گهرجي ۽ ڪنهن وٽ ڪو مقصد نہ هجي تہ سموري زندگيءَ جو سفر ئي سندس مقصد ٿي سگهي ٿو.

پر مان پنهنجي ڪڏهن جند نہ ڇڏيندڙ بيماريءَ جي ڪري سفر کي پنهنجو مقصد بنائي نہ سگهيس. مان تمام گهٽ گهمي سگهيو آهيان. انهيءَ بي مقصد ڪيفيت ڪي مون ڪيترن ئي ڪردارن جي منجهيل ڪيفيتن وسيلي پڌرو ڪيو آهي. منهنجي ناٽڪ ”ايوانوف“ جي ڪهاڻي ڪجهہ هِن طرح آهي: هو چڱن ارادن وارو پڙهيل لکيل شخص آهي. پر سندس زال ڪيس ڪڏهن ڪنييرتا سان سمجهڻ جي ڪوشش نٿي ڪري. سندس زال هن جي سمورين خواهشن تي پاڻي ڦيري ٿي ڇڏي. سندس زندگيءَ ۾ شاشا نالي هڪ ڇوڪري اچي ٿي، جيڪا ڪيس پيار ۽ سهارو ڏي ٿي. هوءَ ڪيس پاڻ سان آمريڪا ڀڄي هلڻ لاءِ چوي ٿي. هو پوءِ ڏک - سک جي چار ۾ ڦاسي پوي ٿو. غلط - صحيح جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوي ٿو. هو پنهنجي انهي چار ۽ ڏٻڻ جي اڳيان هارائي ويهي ٿو. گهٽ، ساڙ ۽ حسد ۾ ورتل سندس بيمار زال وڌيڪ بيمار ٿي، مري وڃي ٿي. هُن جي موت کان پوءِ، سندس روح ۾ گناهہ جي ڏپ جو هڪ سوجهرو ٿئي ٿو ۽ انهيءَ گناهہ جي ڏپ جي پڇاڙي ڪيس آتم هتيا جي لاءِ تيار ڪري ٿي، ڇو تہ پنهنجي ڏٻڻ ۽ چار ۾ ڦاٿل هو ڪو مقصد طئہ ڪري نٿو سگهي. ”اِن دي ڪورٽ“ بہ منهنجي اهڙي ئي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏوهاريءَ کي سُڌ ناهي تہ سندس ڏوهہ ڪهڙو آهي. مٿان وري بدنصيبي اها آهي جو سندس پُٽ اُهو سپاهي آهي، جنهن کي هن جي ڏُهاري هجڻ جي سڃاڻپ ڪرڻي آهي ۽ انهيءَ وقت هو ڪيس سڃاڻي ٿو. پوءِ اهو ئي طريقو، انساني زندگيءَ جو اهو ڏکوئيندڙ طريقو... جنهن جو اِنت شايد آهي ئي ڪونہ.

پنهنجي شروعاتي ڪهاڻي ۾ مون کي ”ڪورس گرل“ گهڻي پسند آهي. اها غريب ڪورس گرل، شاشا جي ڪهاڻي آهي،

جيڪا ڊپ جي دٻاءُ ۾ اچي پنهنجا سمورا ڳهڻا، جيڪي سندس ئي ملڪيت آهن، پنهنجي هڪ گراهڪ جي زال کي ڏيئي ڇڏي ٿي. انهيءَ گراهڪ جي هلئي وڃڻ کان پوءِ، هوءَ روئي ٿي، پڇتائي ٿي ۽ دانهون ڪري ٿي. ڪيس پنهنجي بي عزتيءَ جو درد محسوس ٿئي ٿو. هوءَ بي عزتيءَ جي باهه ۾ سڙندي رهي ٿي.

نقاد انهن ڪهاڻين جي پويان انهيءَ پيڙا ۽ درد ڀرئي عمل کي ڪڏهن سمجهي نہ سگهندا. منهنجي ڪهاڻين کي ظاهري طرح ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙيون اُهي، جن کي مون ڊپ ۽ ظلم سان پنهنجي نندپڻ کان متاثر ٿي ٻارن جي باري ۾ لکيون آهن. انهن ۾ ڪيتريون ڪهاڻيون ٻارن جي نفسيات ۽ سندن ڏُکن جو نمونو آهن. ٻيون اُهي، جيڪي مون ڪُڙمين جي باري ۾ لکيون آهن، جن سان مان پنهنجي ميليخوءَ ۾ رهڻ واري وقت ۾ ملندو رهندو هوس. ٽيون اُهي، جيڪي ڏاهن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جونِ ڪهاڻيون آهنْ. انهن ۾ ڪئين ڪهاڻين ۾ منهنجا ذاتي تجربا آهن. منهنجي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جا ٻئي حصا آهن- سُک ۽ ڏُک، پر منهنجو تجربو آهي تہ زندگيءَ ۾ ڏک ۽ پيڙا جو احساس ئي سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. انهيءَ ڪري اهو سُک اهم نٿو هجي، جنهن جي پويان پيڙا نہ هجي. انسان جي ڏک ۽ پيڙا ڀريل زندگيءَ ۾ ڪلا ڀريو سچ يا لئہ جو سُر ڳولهي لهڻ هڪ مشڪل ڪم آهي. ڪهاڻيڪار جي خوبي اها ئي آهي تہ هو پس منظر، ٻي شڪل ۽ اڻ چٽي راڳ - رنگن مان روپ، رنگ، تال ۽ لئہ جي ماحول کي ظاهر ڪري. سڦلتا تہ تڏهن آهي، جڏهن اهو چٽُ پڙهندڙن جي دل کي سولائيءَ سان ڇُهي وڃي. •••

مون کي لڳي ٿو تہ مان ڪو ائبنارمل شخص آهيان. اها ڳالهہ درست آهي تہ مان فيشن وارا ڪپڙا پايان ٿو، ٽيوبر ڪان پنهنجن وارن کي سنواريان ٿو ۽ منهنجو گهر ڪافي خوبصورت آهي؛ پر اهو سيڪجهہ هوندي بہ ايشيا جو ڪو ڏکي شخص آهيان. ڏاڍي خوبصورت چار سؤ ڊالرن واري ميز تي لکندو آهيان، خوبصورت ريشمي ڪپڙن سان سجايل فرنيچر، تصويرون، غاليچا، اڌ ڏڙ واريون مورتيون، هڪ چيتي جي کل، سڀ ڪجهہ مون وٽ آهي؛ پر بخاري جو مٿيون حصو ڪنهن عورت جي جئڪيٽ سان ڍڪيل آهي يا پوءِ مون وٽ ڪو ٽُڪ دان بہ ناهي. منهنجا مهمان بہ مون وانگر غاليچي تي ٽڪون اُڇلين ٿا. منهنجي گهر جي ڏاڪڻين ۾ بَدڪون پُجڻ جي بوءِ ايندي آهي، منهنجي خدمتگار جو چهرو نناڪڙو رهندو آهي، بورچيخانو ڪافي گندو ۽ خراب آهي، بستري ۽ الـمارين جي خانن ۾ ڪوريئڙي جا ڄارا آهن، ڌوڙ آهي. مان جُهڪيل چتين، نديءَ جي مڇين، پوسل ۽ پنهنجي اُنهن شرابي دوستن سان بہ ناهہ ڪري ونندو آهيان، جيڪي جوتا پائي منهنجي هنڌ تي ليٽي پوندا آهن. فٽپاٽ تي پيلي - پوري رنگ جي ڦهليل گندي سڙڪ جي ڪُنڊ سان لڳل گند جو ڍير، بيڪار شين سان ڍڪيل دروازا، غلط لفظن ۾ لکيل نالي جي تختي يا وري ڦاٽل ڪپڙا پاتل فقيرن وغيره سان منهنجي خوبصورت نظر تي ڪو فرق نٿو پوي. اهي مون کي ٻڌائين ٿا تہ ماسڪو جي مجسمہ سازن گهرن جي ديوارن تي صابڻ جا دٻا ناهي سمورو ماسڪو شهر خراب ڪري ڇڏيو آهي.

چڱو، هاڻي مان اوهان کي پنهنجي بوريت جو ٻيو ڪارڻ ٻڌايان ٿو. مون کي لڳي ٿو تہ مان اڻ برابري واري خيال ڪان چالاڪ ۽ شهرت جو بکيو آهيان. جڏهن بہ مان ڪٿي ويندو آهيان، ڳالهائيندو آهيان، چپ رهندو آهيان يا ادبي شيون پڙهندو آهيان ۽ لئستوف تي ڪاوڙ ڪرڻ لاءِ ماني کائيندو آهيان تہ مان اهو سمورو ڪم ڏاڍي اطمينان واري ڍنگ سان ڪرڻ چاهيندو آهيان. انهيءَ لاءِ مان هر قسم جو سهارو وٺندو آهيان. اصل ۾ مان هڪ اڻچاڻ ۽ ائبنارمل ايشيائي آهيان. جيتوڻيڪ مان ڪافي مطمئن آهيان، پر

ماڻهن اڳيان اهو ظاهر ڪندو آهيان ته مان ڪنهن به شيءِ مان مطمئن نه آهيان. مان اهي سڀ ڪم ايڏي هوشياريءَ سان ڪندو آهيان جو ڪيترائي ڀيرا مون کي پنهنجو پاڻ تي به شڪ ٿيڻ لڳندو آهي. ٿيئٽر ۾ جڏهن ڪو ڪل مسخريءَ جو منظر هوندو آهي ته منهنجي دل خوب کلڻ تي ٿيندي آهي، پر تمام جلد ئي مان پنهنجو پاڻ کي گنڀير ٿاهي ڇڏيندو آهيان، نه ته منهنجا ساٿي ڇا چوندا؟

ساهيءَ ۾ مان هوا ۾ مُڪ هڻندي رڙ ڪندو آهيان: "ڪهڙو نه ڪوڙو ناٽڪ آهي! مون کي ته غصو اچي رهيو آهي."

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سنگيت سڀا ۾ ڪا ڌُن وڄائڻ چاهيندو آهيان. ائين ڪرڻ سان مون کي ڏاڍو سُکي ٿيڻ گهرجي ۽ مون کي خبر آهي ته ڏُکي ٿيڻ تي ائين ڪرڻ ڪافي چڱي ڳالهه آهي، پر تڏهن "دي آرٽسٽ" جي ايڊيٽنگ جي ڪمرن ۾ وينل ماڻهو ڇا چوندا؟

نه، مون کي خدا ئي بچائي سگهي ٿو.

ڪنهن چترڪلا جي نمائش ۾ مان ڪافي تيزيءَ سان پنهنجون اکيون ڦيرائيندو آهيان، ڏاڍي تيزيءَ سان ڪنڌ لوڏي وڏي آواز سان چوندو آهيان، "مون کي لڳي ٿو ته انهن چترن ۾ سيڪجهه آهي. ڏاڍو اُتساهه آهي، رنگ آهن، پر خاص ڳالهه - ويچار ڪٿي آهن؟ اُهي انهيءَ ۾ ڪٿي آهن؟ ويچار ڪي هن ۾ ڪيئن ظاهر ڪيو ويو آهي؟"

مان چاهيان ٿو ته اخبارن ۾ جيڪي ڪجهه ڇپجي، ته انهيءَ ۾ ايمانداري هجي، انهيءَ سان ڪو فرق نٿو پوي ته انهن ۾ ڇپيل ليک ڪنهن پروفيسر جي بدران ڪنهن سائبيريا جي رهاڪوءَ لکيو آهي. جيڪو شخص ڪڏهن سائبيريا ويو ئي نه آهي، ونس اصلي ذهانت ٿي ئي نٿي سگهي.

مان خاص طور تي تخليقن کي وڌيڪ شايع ڪرڻ چاهيان ٿو. اڃا ڪالهه جي ئي ڳالهه آهي. مان هڪ وڏي اخبار جي ايڊيٽر وٽ ويس. مون ڪيس ڇيو ته منهنجو ناوليٽ (56 ڇپيل صفحا) شايع ڪري سگهندؤ؟ ايڊيٽر گهبرائجي چوڻ لڳو، "مان سمجهي نٿو سگهان ته اهو سڀ ڪيئن ٿو ٿي سگهي ۽ انهيءَ ڳالهه جي ته توکي به خبر آهي ته اهو ڪافي ڏکو آهي ۽... غير دلچسپ آهي."

مون چيو، ”جي ها، اوهان صحيح ٿا چئو، پر ٻئي طرف اهو ٻه ته ڏسو ته اها هڪ ايماندار تخليق آهي.“ ايڊيٽر مون سان سهمت ٿي، گهٻرائجي چوڻ لڳو، ”اوهان صحيح ٿا چئو... مان اهو ضرور شايع ڪندس.“

منهنجي چاڻ سڃاڻ واريون سڀ ڇوڪريون ۽ عورتون پنهنجي طور تي چالاڪ ۽ شهرت جون بُکيون آهن. اُهي سڀ هڪجهڙيون آهن، هڪ جهڙا ڪپڙا پائينديون آهن، هڪ جهڙو ڳالهائينديون آهن، هڪ ئي طرح هلنديون آهن- منجهڻ هڪ ئي فرق آهي ته منجهانئن هڪ جي ڇپن جي شڪل دل جهڙي آهي. جڏهن هوءَ کلندي آهي ته سندس وات ويڪري مڇي وانگر ڪافي کلي پوندو آهي.

مان اها ڳالهه قبول ڪريان ٿو ته هڪ ڀيرو هوءَ مون سان ملڻ آئي هئي. مون کي محبت جو اهو منظر اڃا تائين ياد آهي. هوءَ صرفي تي ويٺي هئي. هن جي ڇپن جي شڪل دل وانگر هئي. سندس پاتل ڪپڙن جي حالت ڪافي خراب هئي. منهنجو هٿ سندس چيلهه ۾ هو... سندس چولو ٿورو کُليو... سندس ڳل نمڪين هئا. ڏاڍو جلدي هوءَ شرم کان گهٻرائجي ويئي. ”مون کي ڇڏي ڏي.“ هوءَ چوڻ لڳي، ”محبت جو هيءَ ڏاڍو گندو طريقو آهي. پروٽوڪوف اهو سڀ ڏسي وٺندو ته ڇا چوندو؟ خدا جي واسطي مون کي ڇڏي ڏي، اهو ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي. ها، توسان مان دوستيءَ جو وعدو ٿي ڪريان.“ پر مون چيو ته رڳو دوستي ئي ڪافي ناهي. تڏهن هوءَ ڏاڍي بيباڪيءَ سان پنهنجي آڱر سان مون کي چتائيندي چوڻ لڳي، ”چڱو ٺيڪ آهي، مان توسان محبت ڪنديس، رڳو هڪ شرط آهي... تون منهنجي عزت ڪندين.“

۽ جڏهن مون ڪيس پاڪر پاتو ته هوءَ ڌيمي آواز ۾ چوڻ لڳي، ”هاڻي اسان ٻئي ملي جدوجهد ڪنداسين....“

مان بلڪل ئي نرالو شخص آهيان. جڏهن مان اهو ٻڌندو آهيان ته ڪنهن شخص ڏاڍو سٺو ليک لکيو آهي يا ڪنهن جو ناٽڪ سڦل ٿيو آهي ته مان سيڪجهه سمجهندي به هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳندو آهيان. ڪنهن بدنصيب شخص وانگر مان

ڪيس چوندو آهيان، ”مون کي اهو ڄاڻي ڏاڍي خوشي ٿي، پر ڇا توکي اها خبر آهي ته 1874ع ۾ هو چوري ڪندي پڪڙجي پيو هو.“

منهنجو روح هڪ شيهي جي ٽڪر ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. تڏهن مان پنهنجي پوري احساس سان انهيءَ شخص کان نفرت ڪندو آهيان، جنهن ڪاميابي حاصل ڪئي هوندي آهي، ۽ اهو عمل هلندو ئي رهندو آهي.

ڇا اوهان کي خبر آهي ته هر قسم جي ماڻهن جي باري ۾ پنج، ڇُڙتو ۽ ڏڪار جوڳيون ڳالهيون سموري ماسڪو ۾ مون خود ڦهلايون هيون.

اهڙي طرح مان هڪ مورک، ائبنارمل، پر چالاڪ ۽ اڻ برابري واري روپ کان شهرت جو ڀُکيو شخص آهيان. مون کي پنهنجي بوريت تي افسوس آهي. پنهنجي گناهه کي تسڪين ڏيڻ لاءِ پنهنجي دوست ۽ پاڙيسرين کي خراب ڪندو رهندو آهيان.

مان پاڇي وانگر ماڻهن جي پويان زبردستي پوندو رهندو آهيان. مان ڪجهه نه ڪندو آهيان، منهنجو ڳڙدو وڌندو ئي رهندو آهي. انهيءَ دوران، وقت سان گڏوگڏ ٻڏو ۽ ڪمزور به ٿيندو پيو وڃان. هڪ ڏينهن اوهان ڏسندؤ ته مان انفلوئنزا کان بيمار ٿي مري ويندس. مون کي گيهلي قبرستان کڻي ويندا. ٿوري دير لاءِ منهنجا ٻه ٽي دوست مون کي ياد ڪندا. پوءِ اهي به مون کي وساري ڇڏيندا. ڪنهن گذريل آواز وانگر مان هميشه جي لاءِ ختم ٿي ويندس... اسين رڳو هڪ پيرو ئي زندگيءَ کي جي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسين ان کي نٽا جي سگهون ته سيڪجهه وڃائجي ويندو. مان هڪ ليڙون ليڙ ٽڪرو آهيان، ڪومايل گل آهيان، مان ماسڪو جو هيمليٽ آهيان. مون کي قبرستان کڻي هلو!

پنهنجي بستري تي هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هڻندو رهان ٿو، مون کي ننڊ نٿي اچي. مون کي پنهنجي اُداسيءَ تي اچرج آهي. صبح ٿيندي ئي منهنجي ڪنن ۾ اهي لفظ وري ٻڌڻ ۾ اچن ٿا: ”اوهه! اوهين ٽيليفون جي تار جي پر واري ٽنيي تي وڃي ڦاسي ڪائو.“ •••

# ٻڳو مرڻ لاءِ جيئڻ ۾ ڪو مزو ناهي
## مئڪسم گورڪي
(آتم ڪٿا (1913_1914) My Childhood مان)°



ٻڌايو، اوهان ڪنهن ڪي هونئن ئي ياد ڪندا آهيو؟ نہ نہ؟ ياد اُنهن کي ڪيو ويندو آهي، جيڪي متاثر ڪندا رهيا هجن. يادگيرين ۾ اُهي واقعا ۽ ڳالهيون رهنديون آهن، جيڪي ياد ايندڙ جي تعلق ۾ رهندي ظاهر ٿين، وهنوار جي سطح تي... ڪردار جي طور تي...! اُهي ڳالهيون مثال بنجي وينديون آهن ۽ اسان کي سُڌ پوندي آهي تہ فلاڻو شخص مؤثر ۽ مهان ڇو ۽ ڪيئن ٿيو! چيخوف جي حوالي سان سندس زندگيءَ، جو هيءَ داستان مئڪسم گورڪي جي زباني پيش ڪجي ٿو.

ڪُچڪ- ڪوايہ ڳوٺ ۾ چيخوف وٽ ٿوري زمين ۽ اڇو بماڙ گهر هو. هڪ ڀيري هن مون کي پنهنجي ڳوٺ سڏايو... ۽ مون کي پنهنجي انهي ناليِ ماتر "جاگير" ۾ سير ڪرائيندي ڏاڍي اُتساهہ سان پنهنجي دل جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو....

---

° Maxim GORKY (1868-1936): Rassian Novelist, Journalist and Playwright

”جيڪڏهن مون وٽ پيسو هجي ها تہ مان هتي بيمار أستادن لاءِ هڪ سينيٽوريم جوڙايان ها. ڏاڍو خلاصو، ڪليل، هوادار ۽ روشن... وڏيون وڏيون چٽيون، وڏيون وڏيون دريون... هڪ شاندار لائبرري، ماڪيءَ جي مکين جو مرڪز، پاڇين جون واڙيون، گُلن جو باغيچو ۽ هر قسم جو سنگيت ۽ ساز هجي ها انهيءَ سينيٽوريم ۾، انهيءَ ۾ پوک ۽ تارن جي علم تي بہ ليڪچر ٿين ها... سمجهيئہ؟ أستادن کي گهٽي جاڻ هئڻ گهرجي، تمام گهٽي...!“

پوءِ هو ماٺ تي ويو. ڪجهہ ڪنگهي، پوءِ ٽيڏي نگاهہ سان مون کي ڏسندي مُرڪي ڏنائين. هن جي انهي مُرڪ ۾ ڏاڍي ڪشش هئي، جنهن کي ڏسي ڪوبہ ڪيس لڳاتار ٻڌندي رهڻ تي مجبور ٿي پوي ها. مون کي ايئن تجسس ۾ ڏسي هو وري چوڻ لڳو، ”منهنجي خوابن جا تفصيل ٻڌي تون بيزار ٿيڻ لڳو آهين شايد! پر مون کي انهن مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڏاڍي وٽي تي. ڪاش! تون محسوس ڪري سگهين تہ ڳوٺن ۾ لائق، سمجهدار ۽ پاڻ ارپيل أستادن جي ڪيڏي ضرورت آهي. پنهنجي ملڪ ۾ أستادن لاءِ جلد کان جلد اسان کي بهترين حالتون پيدا ڪرڻيون آهن. انهن جي آسپاس هڪ ماحول تيار ڪرڻو آهي. چو تہ ڳوٺن جي رهواسين کي جيڪڏهن گهڻہ پاسائين سکيا نہ ڏني ويندي تہ ملڪ انهيءَ عمارت وانگر ڍهي پوندو، جنهن جو بنياد ڪچين سرن جو رکيل هجي. انهيءَ ڪري تمام ضروري آهي تہ أستاد کي اداڪار بہ هئڻ گهرجي، ڪلاڪار بہ اديب بہ... ۽ ڪيس پنهنجي ڪم سان چرين وانگر پيار ڪرڻ گهرجي!... جيتوڻيڪ هتي حالت اها آهي تہ اسان جا أستاد تہ ڪاٺي ڪٽندڙ مزدورن وانگر... پڙهيل لکيل اڻ پڙهيل آهن. اهي ايڏي بي دليءَ سان اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن جڻ ڏيهہ نيڪالي ڏيڻ تي ڪين گهر ڇڏڻو پئجي ويو هجي! انهيءَ جا ڪيترائي ڪارڻ آهن... اسان جا استاد بُک ۽ بدحاليءَ جا شڪار آهن. انهن جي دماغ ۾ نوڪري وڃائڻ جو خطرو هميشہ لامارا ڏيندو رهندو آهي. انهن مونجهارن ۾ قاتل اهي ڪڏهن ڪجهہ نٿا سکي سگهن... جڏهن تہ هڪ ماستر کي تہ ڳوٺ جو اعليٰ شخص

هئڻ گهرجي، جيڪو هارين جي هر سوال جو جواب ڏئي سگهي. سندس عقلمنديءَ جي بنياد تي سڀ سندس عزت ڪن! ۽ هتي حال اهو آهي جو اسان جي ملڪ ۾ سيئي اُستادن جي بي عزتي ڪندا آهن. ڳوٺ جو پوليس وارو، سرمائدار، مُلان، وڏيرو ۽ اسڪول انسپيڪٽر، جيڪي تربيت کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي بدران رڳو گسيل پٽيل اصول لاڳو ڪرڻ ۾ ئي رڌل رهندا آهن!... اُستاد، جن کي عوام جي تربيت ڪرڻ جو فرض سونپيو ويو آهي، ڪين نالي ماتر اُجرت ڏيڻ بيهودگي آهي!... 'حڪومت جا مخالف' پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اهڙو لفظ بنجي ويو آهي، جن جو نالو وٺي چالاڪ ماڻهو، جاهلن کي ڊيڄاريندا- ڌمڪائيندا رهندا آهن... اهو بيحد ڌڪار جوڳو ڪم آهي... هڪ وڏي ۽ اوچي ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ جو مذاق ڪرڻ آهي... توکي چا ٻڌايان. ڪنهن اُستاد سان ملندو آهيان ته سندس مسڪيني ۽ بي حالي ڏسي سُن تي رهجي ويندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ته لڳندو آهي ڄڻ سندس انهي حالت لاءِ ذميوار خود مان آهيان... سچ، مان ايئن ئي محسوس ڪندو آهيان!"

هڪ ڪن لاءِ روڪجي هُن پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو ۽ چيائين، "ڪيڏو نه اجايو ۽ گندو آهي، اهو سڀ!" سندس اکين ۾ ڏک جهلڪڻ لڳو. لونڊڙين تي گهنجن جو موهيندڙ ڄار اُڀري آيو ۽ سندس شخصيت وڌيڪ گنڀير ٿي ويئي. پر هن هونئن ئي ساڄي-کابي ڏنو ۽ پاڻ تي ئي کلڻ لڳو، "ڏٺئہ نہ، مان ته توکي ڪنهن وڏي اخبار جو ايڊيٽوريل ٻڌائي ويس. هاڻي اچ، ايڏي صبر سان ٻڌندي رهڻ لاءِ توکي چانهہ پياريان!"

هو ايئن ئي ڪندو هو. گنڀير، گهريون ۽ ڪم جون ڳالهيون ڪندي ڪندي ڄڻ پنهنجين ڳالهين جو مذاق اُڏائي ڇڏيندو هو. سندس انهي مذاق جي پُٺيان، ڪجهه نه ٿيندي رهڻ جي تڪليف صاف صاف سڃاڻي سگهبي هئي، اُها تڪليف، جنهن مان لفظن ۽ سپنن جي قيمت پلي پانت معلوم ٿئي ٿي.

**ڪُتن سان ريس!**

اسان گهر ڏانهن موٽي رهيا هئاسين. اُهو اُس وارو وٽندڙ ڏينهن هو. سڄ جي رنگ وکيريندڙ چمڪندڙ ڪرڻن ۾ لهرن جا سُر، سنگيت پيدا ڪري رهيا هُئا. وٽڪار ۾ ڪتي ڪو ڪتو پنهنجي ئي خوشيءَ ۾ مست، ڪوڪاٽ ڪري رهيو هو. چيخوف منهنجو هٿ جهلي ورتو ۽ ڪنگهندي چيائين. ”ڏاڍي شرم ۽ افسوس جي ڳالهه آهي. پر سچ آهي تہ گهڻا ماڻهو ڪتن سان ريس ڪندا آهن...!“ پوءِ ڪلندي چيائين، ”مان جيڪي ڪجهه چئي رهيو آهيان، اهي پوڙهن جون ڳالهيون آهن... شايد مان پوڙهو ٿيندو پيو وڃان!“

**پنهنجي پسند جي ڳالهہ!**

چيخوف بي حد سرل سڀاءُ جو هو ۽ اها ئي سندس شخصيت جي سونهن بہ هئي. ڪيس اهو سڀ ڪجهہ وڻندو هو، جيڪو سرل هو، سچ هو، بنان ٺڳيءَ جي هو، پنهنجي واقفڪارن کي بہ سرل بنائڻ جو سندس پنهنجو ئي انداز هو.

هڪ ڀيري ٽي ڏِکيل چِٽيل عورتون ساڻس ملڻ آيون. سندس ريشمي ڪپڙن جي سرسراهٽ ۽ عطر جي سڳنڌ ڪمري ۾ ڦهلجي ويئي. اُهي چيخوف جي سامهون ويهي، منهن کي موڙا ڏيندي، سياست ۾ پنهنجي گهري دلچسپي ظاهر ڪندي پڇڻ لڳيون:

”جنگ جو نتيجو ڇا نڪرندو؟“

چيخوف ڪجهہ سوچيندي گنڀيرتا ڀريل پر نهنائي سان چيو. ”جنگ جو انت تہ امن ۾ ئي ٿيندو.“

”ها، اهو تہ ٺيڪ آهي، پر ڪير جيتيندو؟ يوناني جيتيدا يا تُرڪ؟“

”جيڪو طاقتور هوندو، اُهو ئي کٽيندو.“

”اوهان کي طاقتور ڪير ٿو لڳي؟“

”جنهن کي سٺي ماني ملي ٿي ۽ جيڪو وڌيڪ تربيت يافتہ آهي؟“

”واهہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي!“ هڪ عورت ٽڙي پيئي، ”هونئن اوهان کي ڪير وڌيڪ پسند آهي؟ يوناني يا تُرڪ؟“

چيخوف اُنهيءَ عورت کي هڪ نظر ڏٺو ۽ چپن تي ڏاڍي پنهنجائپ جي مُرڪ آڻيندي چيائين، ”مون کي تہ ميوي جو مُربو وڏيڪ پسند آهي!“

”مون کي بہ... مون کي بہ پسند آهي!“

”ڏاڍو ذائقيدار ٿيندو آهي مُربو!“ ٻي عورت بہ ڳالهائڻ لڳي. ۽ اُهي ٽيئي ٺهڪ ڏيئي مُربن جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. هيستائين اُهي رڳو ڏيکاءُ لاءِ پنهنجي پنهنجي ڄاڻ جو مظاهرو ڪري رهيون هيون. ڪين يونانين ۽ ٽُرڪن جي موضوع تي گفتگو ڪرڻي پيئي هئي، جن جي باري ۾ انهن ڪڏهن غور و فڪر بہ نہ ڪيو هو. اُهي خوش هيون جو هاڻي ڪين ٻي سبب دماغ تي زور نہ وجهڻو پوندو. شايد انهيءَ ڪري وڃڻ وقت ٽنهي عورتن چيخوف سان وعدو ڪيو تہ اُهي هن لاءِ ڪوڙ سارو مُربو موڪلينديون.

اُهي هليون ويون تہ مون چيو، ”ڏاڍي مزيدار گفتگو ٿي!“

چيخوف هوريان ڪليو، ”هر ماڻهو کي پنهنجي ئي دلچسپي جي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي!“

**ڏوهہ سزا ۽ گراموفون**

هڪ ٻئي موقعي تي وٽس هڪ نوجوان وڪيل آيو. هو سندس سامهون ويهي پنهنجي گهنڊيدار وارن کي پويان جهٽڪي، ڏاڍي خود اعتماديءَ سان چوڻ لڳو، ”اوهان جي ڪهاڻي ’ڏوهاري‘ منهنجي اڳيان ڏاڍو پيچيده مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن مان اهو مڃي وٺان تہ انهيءَ ڪهاڻيءَ جي ڪردار ’ڊينس‘ ۾ ڏوهہ جي خواهش موجود آهي تہ مان اکيون ٻوٽي ڪيس جيل موڪلي ڇڏيان، ڇو تہ انهيءَ ۾ سماج جو فائدو آهي. پر هو صفا جهنگلي آهي. ڪيس ڏوهہ جي ڪا خبر ئي ناهي. انهيءَ ڪري مون کي مٿس ترس ئي اچي ٿو. پر جيڪڏهن مان اهو سمجهي وٺان ٿو تہ ڊينس اهي بُرا ڪم پنهنجي بيوقوفي جي سبب ڪري ٿو تہ سماج کي ڪيئن پروسو ڏياري سگهجي ٿو تہ جيڪي ٿيو سو ٿيو، هاڻي ڊينس ريل جون پٽڙيون نہ اُکوڙيندو ۽ ريل گاڏيون

اونڌيون نہ ڪندو؟ اها منهنجي پريشاني آهي ۽ هاڻي اوهان ئي ٻڌايو، ڇا ڪيو وڃي؟“

چيخوف چيو، ”جيڪڏهن مان جج هجان ها تہ ڊينس کي آزاد ڪري ڇڏيان ها.“

”ڪيئن؟ ڪهڙي آڌار تي؟“

”مان ڪيس چوان ها... دوست، تون اجا تائين پيشي ور ڏوهاري نہ ٿئين. پڇي وڃ ۽ وڃي ڪجهہ سک!“

وڪيل کليو، پر وري گنڀير ٿي ويو. ”نہ چيخوف صاحب، انهي مسئلي جو حل هر صورت ۾ سماج جي فائدي ۾ ٿيڻو آهي، أنهيءَ سماج جي فائدي ۾ جنهن جي زندگي جي تحفظ جو بار منهنجي ڪلهن تي آهي. ٺيڪ آهي تہ ڊينس جهنگلي آهي... پر هو ڏوهاري تہ آهي... ۽ أهو سچ بہ آهي.“

”اوهان گراموفون ٻڌڻ پسند ڪندا آهيو؟“ تنهن تي چيخوف ڳالهہ بدلائي ڇڏي.

”جي ها، بيحد! ڏاڍي خوبصورت ايجاد آهي اهو گراموفون!“

”پر مان انهيءَ جو رينگٽ سهي نٿو سگهان.“

”ڇو؟“

”جڏهن ٻڌو تڏهن گانو... گانو... گانو!“ ڪو مزو ناهي منجهس! انهيءَ جا سُر بہ ڪوڪلا ۽ بي دم هوندا آهن!... خير، ڇا اوهان کي فوٽو گرافيءَ جو بہ شوق آهي؟“

وڪيل دراصل فوٽوگرافيءَ جو ئي شوقين هو. هو بيحد دلچسپيءَ سان انهيءَ جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳو. هاڻي ڪيس أنهي خوبصورت ايجاد- گراموفون ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي، چيخوف جي نظر ڪيس پهرين ئي تاڙي ورتو هو. سندس وڪالت نامو ڪٽي پري وڃي وينو ۽ سندس ڊريس جي اندران هڪ جيئرو ۽ دلچسپ انسان جهاتي پائڻ لڳو جيڪو زندگي جيءَ مشڪلاتن جي باري ۾ ايترو ئي اناڙي هو جيترو پهريون ڀيرو شڪار ڪرڻ لاءِ نڪتل ڪو ٻلو!

وڪيل صاحب ڪي دروازي تائين ڇڏي اچڻ کان پوءِ چيخوف پڻ پڻ ڪندي چيو، ”هه هه! ههڙي قسم جا ڇوڪرا انصاف جا نيڪيدار بنجي انسانن جي قسمت جا فيصلا ڪندا آهن!“... ۽ تورو ماٿ تي چيائين، ”مدعي هميشه مڇي جي ئي شڪار ۾ مزو وٺندو آهي!“

**انهن کي نه پڙهو!**

هُو چسائي جو پول پٽرو ڪرڻ ۾ هوشيار هو. اهو هڪ اهڙو فن آهي جنهن تي رڳو اهو ئي عبور حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو سماجي زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجو فرض محسوس ڪندو هجي... هڪ اهڙو فرض جيڪو انسان ۾ سادگي، سونهن ۽ دٻدٻو ڏسڻ جي خواهش سان معمور هجي. هو چسائيءَ جو ڪٽر نقاد هو.

ڪنهن ساڻس شڪايت ڪئي، ”فلاڻي اخبار جا گنڀير حصا ڏُکيا ۽ بيزار ڪندڙ هوندا آهن!“

”اهي بلڪل نه پڙهو! چيخوف ڏاڍي پروسي سان راءِ ڏني، ”اهي سهڪاري رچنائون هونديون آهن... اهڙو ساهت جنهن کي ڪريسنوف، چرنوف ۽ بيلوف يعني ”ڳاڙهو“، ”ڪارو“ ۽ ”سفيد“ لکندا آهن. هڪ ليک لکندو آهي، ٻيو تنقيد ڪندو آهي ۽ ٽيون ٻنهي جي ڄاهلپڻي جو رعب وهاريندو رهندو آهي. اهو ته ”ڊمي“ گڏ ڪٽي تاش کيڏڻ جهڙو ڪم آهي. افسوس آهي جو اهي ماڻهو پنهنجو پاڻ کان به ڪڏهن نٿا پڇن ته آخر پڙهندڙ کي انهن سيني جي ڪهڙي ضرورت آهي!“

**آفيسر بنجون يا عقلمند!**

لاڳيتو بيمار رهڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن هو پاڻ تائين محدود ٿي ويندو هو. انهن ڏينهن هو ٻاهر جي ماڻهن سان ملڻ قطعي پسند نه ڪندو هو.

انهن ڏينهن ڪيس سُکي کنگهه هئي. صوفي تي ليٽئي ٿرماميٽر سان کيڏندي چوڻ لڳو. ”رڳو مرڻ لاءِ جيئڻ ۾ ڪو مزو

ناهي... پر اها خبر هوندي به ته اسان وقت کان اڳ مري ويندا سين، برابر جيئرو رهڻ بلڪل جاهلپڻو آهي!“

هڪ ٻئي موقعي تي هو دريءَ مان سمنڊ کي نهاريندي هوريان هوريان چوڻ لڳو، ”اسان کي سنئي سڤل، سُک ڏيندڙ موسم ۽ بي حد محبت جي مرگهه ترشنا ۾ شاهوڪار ٿيڻ يا پوليس آفيسر بنجڻ جي ڪوڙي اميد ۾ جيئڻ جي عادت ٿي پيئي آهي. پر مون اڄ تائين ڪنهن کي وڏيڪ عقلمند بنجڻ جو خواهشمند نه ڏٺو. اسان پنهنجو پاڻ ۾ سوچيندا آهيون... نئين زار جو راڄ پهرين کان بهتر ۽ به صديون بعد اڃا به سٺو ٿي ويندو!... پر ڪوبه اها ڪوشش نٿو ڪري ته اهي چڱا ڏينهن سياڻي ئي اچي وڃن. جڏهن ته ساري زندگي روز بروز ڏُکي ٿيندي پيئي وڃي... پنهنجي مرضيءَ سان هلندي پيئي وڃي... زندگيءَ کان منهن موڙيندي پيئي وڃي... ڪنهن مذهبي جلوس ۾ منڊي ٽنڊي فقير وانگر!“

**هڪدم ملندي آهي خوشي!**

هن جون اکيون ڏاڍيون من موهيندڙ هيون، ڪلندي منجهن عورتاڻي سونهن اُجاڳر ٿي پوندي هئي. سندس خاموشيءَ واري ڪل ۾ غضب جي ڪشش هئي. سدائين ايئن لڳندو هو ڄڻ سچ پچ پنهنجي ڪل جو لطف حاصل ڪري رهيو هجي. جيڪڏهن چئي سگهجي ته مان به اهو ئي چوندس ته ايڏي معصوم کِل واري ٻئي ماڻهوءَ سان مان ڪڏهن به نه مليو آهيان.

هن جهڙي انسان کي ياد ڪرڻ هميشه سٺو لڳندو آهي. اهو خوشين جي هڪدم اچڻ وانگر هوندو آهي. جيڪو زندگيءَ ۾ اتساهه پري ڪيس وري گهري ۽ صاف معنيٰ عطا ڪندو آهي.

انسان ڪائنات جو مرڪزي قطرو آهي!

۽ تون پڇين ٿو، سندن برايون...؟ سندن ڪمزوريون؟ اسان سڀ پنهنجي ساٿي انسانن جي پيار جا بکايل آهيون... ۽ جڏهن بک لڳي هجي ته ڪچي ماني به سوادي لڳندي آهي. •••

# امن جي آس ۾

## اسٽيفن زويگ•



آسٽريائي ليکڪ اسٽيفن زويگ (Stefan Zweig) ۽ سندس زال ايلزبيٿ شارلوٽ زويگ گڏجي پنهنجي وطن کان ڏور برازيل جي پيٽرو پولِس شهر ۾ 25 فيبروري 1942ع تي پنهنجي هٿن سان پنهنجو انت آندو. هڪ ڏينهن اڳ لکيل سندس آخري سنديس هو:

”پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جي انت آڻڻ کان اڳ، مان برازيل جي خوبصورت سرزمين کي تهِ دل سان ساراهڻ ضروري ٿو سمجهان، جتي مون کي مڪمل آرام ۽ منهنجي لکڻين کي پورو تحفظ مليو. هن ديس لاءِ منهنجو پيار ڏينهون ڏينهن سرس ٿيندو رهيو. منهنجو روحاني گهر يورپ پنهنجي هٿان ناس ٿي چڪو آهي ۽ بئي ڪنهن ديس ۾ مون شايد پنهنجي لاءِ نئون اجهو اڏڻ نٿي گهريو، ڇو جو منهنجي پنهنجي ٻوليءَ جو ديس مون کان کسجي ويو هو.

”پر زندگيءَ جا سٺ ورهيه گذارڻ کان پوءِ نئين سر زندگي شروع ڪرڻ لاءِ غير معمولي قوت جي ضرورت آهي ۽ مون ۾ جيڪا به قوت هئي، اها اڪيئي ڏکي عرصي جي

---

• STEPHEN ZWEIG [illegible] Austrian Novelist, Playwright and Biographer.

رولُو زندگيءَ ۾ خرچ ٿي چڪي آهي. انهيءَ ڪري بهتر ائين ٿو سمجهان، تہ انهيءَ بي وطن زندگيءَ کان بس ڪجي- زندگي جنهن ۾ مون لاءِ ذهني پورهئي جي، يعني خالص سُک ۽ شخصي آزادي دنيا جي سڀ کان وڏي خوشي هئي. "مان پنهنجن سيني دوستن کي سلام ڪريان ٿو. شال ڪين ڏِگهي رات کان پوءِ ڪنهن پرهہ پسڻ جو موقعو ملي. مان جلد ۽ بي صبر، ڪاڻئن اڳ اُسهان ٿو."

سندس تصنيفون جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، جيڪي گهڻو ڪري سيئي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن. 1977 ۾ سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ محمد ابراهيم جويي، اسٽيفن زويگ جي ڪتاب "The Right to Heresy" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو 'فڪر جي آزاديءَ' جي عنوان سان شايع ڪيو آهي. هتي سندس آتم ڪٿا World of Yesterday (1941) (ڪالهوڪي دنيا) مان ڪجھ ٽڪرا پيش ڪجن ٿا.

انگلنڊ ۾ گهاريل اوائلي ورهين دوران، مون پاڻ کي اُوترو ئي بي وطن محسوس ٿي ڪيو، جيترو سُورينٽو ۾ گهاريل گورڪيءَ جي زندگي. پنهنجي ديس لاءِ جيڪا اُداسي منهنجي اندر ۾ چانئجي ويئي هئي، اها چئن سالن تائين قائم رهي. مان ڪڏهن بہ پنهنجي ديس موٽي سگهيس ٿي، منهنجو بهشڪار نہ ڪيو ويو هو. منهنجا ڪتاب سيلزبرگ ۾ منهنجي گهر ۾ حفاظت سان رکيل هئا. منهنجو آسٽريائي پاسپورٽ رد نہ ٿيو هو، منهنجو ديس اڃا بہ منهنجو ديس هو، مان اتان جو رهواسي هئس، اهڙو رهواسي جنهن کي سمورا حق حاصل هئا. اڃا منهنجي بي وطن زندگي شروع نہ ٿي هئي. اها هڪ اهڙي پوائتي ڪيفيت آهي، جا تصور ڪرڻ کان سواءِ سمجهائي نٿي سگهجي. هڪ اهڙي اندر چاٽيندڙ چاڻ هئي، جا هر گهڙي ياد ڏياريندي رهندي هئي، تہ جتي بہ پير ڄمائيندين، اُکڙجي ويندين، دسا ڙيو ويندين. ڪليل، ڪڏهن نہ سمجهي سگهندڙ اکيون، سموري شعور کي لوڏي وجهن ٿيون؛ پر اڃا تہ شروعات هئي!

مان فيبروري 1934ع جي پڇاڙيءَ ۾ لنڊن پهتو هئس ۽ خبر نہ هئم، تہ ڪيستائين انهيءَ شهر ۾ رهڻو پوندو! مون لاءِ هڪ ئي ڳالهہ اهم هئي تہ لکڻ جو ڪم جلد شروع ڪريان، پنهنجي سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي آزاديءَ ۾ ڪا رنڊڪ وجهڻ نہ ڏيان. ناٽي سان گهر نہ ورتم: پر هڪ ننڍو گهر مسواڙ تي ورتم، جنهن ۾ ميز ۽ ڪتابن جا بہ ڪبٽ رکي سگهجن، جن کان سواءِ منهنجو جيئڻ جاڙ هو. ذاتي ملڪيت جو مطلب هو نوان بنڌڻ- ۽ وري هڪ ليکڪ کي انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو گهرجي بہ ڇا؟ ماڻهن سان ملڻ جوَ سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. منهنجي زندگي بي خبريءَ ۾ ئي دائمي روپ ڌاري رهي هئي.

جڏهن مان پهريون ڀيرو پنهنجي نئين گهر ۾ گهڙيس، تہ پتين جا پاڇا ِاونداهيءَ سان گڏجي ويا هئا. انهيءَ ننڍي گهر ۾ جڏهن پير پاتو هئم، تہ گهرو ڌڪ لڳو هو، ان پل مون کي ائين لڳو هو ڄڻ مان ٽيهہ ورهيہ اڳ واري ويانا واري گهر ۾ پهچي ويو آهيان. پنهنجو پاڻ کي سنيالڻ ۾ مون کي ڪجهہ ڪن لڳا ڇو تہ ويانا واري گهر جي باري ۾ مون ورهين کان سوچيو ئي نہ هو. ڪٿي ائين تہ ناهي تہ اها ڪيفيت اهڃاڻ هئي منهنجي زندگيءَ جي- زندگي، جيڪا مڪمل روپ مان هوريان اُسرڻ کان پوءِ، هاڻي سُسي رهي آهي. مان پنهنجو پاڇو ٻٽبو پئي ويس؟ ٽيهہ ورهيہ اڳ جڏهن مون گهر ورتو هو، تہ اها زندگيءَ جي شروعات هئي. تڏهن مون ڪجهہ اهڙو لکيو بہ نہ هو. پنهنجي ئي ديس ۾، مون کان يا منهنجي لکڻيءَ کان ڪو واقف نہ هو- ۽ اڄ اهو هڪ عجيب سنجوڳ آهي، تہ منهنجا ڪتاب پنهنجي ئي ٻوليءَ مان غائب ڪيا ويا هئا. منهنجون نيون تخليقون جرمني ۾ نہ هيون. منهنجا دوست مون کان پري هئا. منهنجو دائرو ختم ٿي چڪو هو. منهنجو گهر، منهنجا ڪتاب، منهنجي پينٽنگس جا ڪتاب مونَ کان کسجي چڪا هئا. مان بلڪل اڳي جيان هڪ ڌارئي ديس ۾ بينو هئس. گذريل ٽيهن ورهين ۾ مون جيڪي حاصل ڪيو هو، گڏ ڪيو هو، سکيو هو، جيڪو ڪجهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جن ڳالهين مان

خوشي حاصل ڪئي هئي- اهو سيڪجهه مون کان هوا جي هڪ لهر سان کسجي ويو هو. منهنجي ڄمار پنجاهه ورهيه هئي ۽ اڄ مان هڪ نئين شروعات جي سامهون بيٺو هئس. هڪ ڀيرو وري ميز تي وينس، لائبرريءَ ۾ وينل هڪ شاگرد جيان. بيشڪ اوتري سهجتا، اوتري وشواس، اوتري اُتساهه سان نه هئس. منهنجي وارن ۾ ڪتي ڪتي اڇن وارن جو گمان هو ۽ منهنجو ٽڪل روح، نااميديءَ سان ڀريل ڌنڌلي صبح جي انتظار ۾ ٻڏي ويو هو!

ٽي ورهيه پوءِ ڏاڍي بيتابيءَ سان گذريا، ڇنتائن ۽ ڊپ سان ڀريل منهنجي زندگي، هڪ وشال سنگرهه بڻجي چڪي هئي. پرديس ۾ پنهنجا ويچار به ظاهر نٿي ڪري سگهيس. آسٽريا ۾ منهنجي ويچارن ڪڏهن ڏاڪو نه ڄمايو هو. هن ديس ۾، جتي مون پاڻ کي مهمان ٿي سمجهيو، مان ڪيئن ٿي ڇئي سگهيس، ته هٽلر سموري دنيا لاءِ هڪ ڀوائتي مصيبت آهي. هٽلر پنهنجي تقريرن ۾ 'امن' لفظ هر هر اُچاري، دنيا کي دوکو ڏيئي رهيو هو. ڄاڻم ٿي ته هو سموري دنيا تي حڪومت ڪرڻ چاهي ٿو، جرمنيءَ تي سوپ پائڻ رکو پهريون قدم هئس.

لنڊن مون لاءِ رکو رهڻ لاءِ هڪ هنڌ هو، منهنجو روح اتي نه هو. انهن ورهين ۾ مان به ڀيرا آمريڪا ويس. جيستائين جهاز پاڻيءَ ۾ آرام سان هلي سگهن ٿا، جيستائين دنيا کليل آهي، خراب ڏينهن اچڻ کان اڳ، جيترا به انومان ٿي سگهن، گڏ ڪرڻ جي خواهش ٿي مون کي هر هر سمنڊ پار وڃي ٿي ويئي.

پر اهي سفر يورپ لاءِ منهنجون ڇنتائون گهٽ نه ڪري سگهيا. لڳو ٿي، انساني سياءُ انسانيت کان هڪ اڄاڻ وير وڃي رهيو هو. مان يورپ مان ڪيترو به پري ڇو نه هليو وڃان ها، اُن جي نيت مون سان گڏ رهي ها.

ڪيترا ڀيرا مان ڪجهه ڏينهن لاءِ آسٽريا ويس. فقط آسٽريا جا رهاڪو ئي هٽلر جي ويانا ڏانهن وڌڻ جو مطلب سمجهي سگهيا ٿي. هڪ ڀيانڪ ڪيفيت کي هن سوپ ۾ بدلائڻ گهريو ٿي. هر ڀيري مون کي لڳو ٿي، ته آسٽريا کي مان آخري ڀيرو ڏسي رهيو

آهيان. مون کي پڇاڙي ڇتي ڏسڻ ۾ پئي آئي. هر صبح سيني ماڻهن اميد ڀريل نظرن سان اخبارون ڏٺيون ٿي؛ پر مان اندر ۾ ڊنل هئس، ته هڪ ڏينهن وڏن وڏن اکرن ۾ لکيل هوندو: 'آسٽريا ختم ٿي ويو'. مان پاڻ کي دوکي ۾ رکندو آيس، ته منهنجو ناتو آسٽريا کان ڇڄي چڪو آهي؛ پر وري به فڪر منهنجي دل کي ڏڪائيندو رهيو. 1937ع ۾ آخري ڀيرو آسٽريا ويس- پنهنجي ماءُ سان ملڻ.

1938ع ۾ آسٽريا کان پوءِ سموري دنيا ۾ ڳوڙ، بدامني ۽ وحشت پٽي جي هيراڪ ٿي ويئي هئي. جيڪو ڪجهه هڪ ڏينهن اڳ ويانا ۾ ٿيو هو، اهو بين الاقوامي بهشڪار لاءِ ڪافي هو؛ پر 1938ع ۾ ته سنسار جو ضمير خاموش ٿي چڪو هو، يا وري وقتي رهيو هو- وسارڻ ۽ معاف ڪرڻ کان اڳ.

ڪيڏو عجيب صبح هو اهو! ريڊيئي ڪمري ۾ جيڪو پيغام تفصيل سان ڦهلائي ڇڏيو، اهو بڌي اسان چپ چاپ ڪمري جي اندر ئي پوئتي هٽي ويا هئاسين. اهو اهڙو پيغام هو، جنهن کي صدين تائين ڦهليل رهڻو هو، جنهن کي دنيا کي مڪمل روپ ۾ بدلائڻو هو، اسان سيني جي زندگيءَ کي بدلائڻو هو. هڪ اهڙو پيغام، جنهن جي معنيٰ موت هو، هزارن جو موت، انهن سين جو موت، جن هاٽي بڌو هو- دک، پيڙا، ڌمڪي ۽ نراسائيءَ سان ڀرپور، جنهن جو صحيح مطلب ورهين، گهٽن ورهين کان پوءِ پوريءَ طرح سمجهه ۾ ايندو: جنهن جو مطلب هو هڪ ٻي لڙائي- هن ڌرتيءَ تي ٿيل پهرين ڪنهن به لڙائيءَ کان خوفناڪ! هڪ ڀيرو وري هڪ جُڳ جو انت ٿي ويو هو، هڪ نئون جُڳ نئين سر شروع ٿي ويو هو. ڪمري ۾ سناٽو ڇانئجي ويو هو، موت جهڙو سناٽو! اسان هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ جي همت وڃائي ويٺا هئاسين.

ٻاهر پکي لاتيون لنوي رهيا هئا، ڇڻ ڪجهه به نه ٿيو هجي. اهي هڪ ٻئي سان پيار ونڊي رهيا هئا، هلڪي هلڪي هوا گهُلي رهي هئي ۽ سونهري اُس ۾ وڻن جا پَن جهومي رهيا هئا، ڇپن

جيان هڪ ٻئي ڪي ڪوملتا سان ڇُهي رهيا هئا- سموري ڪائنات انسانيت جي ڏُکن کان بي خبر هئي.

پنهنجي ڪمري ۾ وڃي مون هڪ ننڍڙي بئگ ۾ ڪجهه سامان وڌو. شايد اسان آسٽريا جي سيني رهاڪن ڪي جرمن واسي مڃيو ويندو. انگلنڊ ۾ هاڻي اسان تي به اهي پابنديون لاڳو ٿينديون. شايد اڄ رات مون ڪي پنهنجي ڪپڙن ۾ سمهڻ نه ڏنو ويندو. هڪ ڪلاڪ اندر هڪ ئي ڏڪ سان هيٺ ڪريو هئس. مان هاڻي هن ديس ۾ هڪ 'ڏاريو' نه هئس- هڪ 'ڏاريو دشمن' هئس. هڪ پرڏيهي دشمن هئس. انهيءَ ڪيفيت ۾ منهنجي ڌڙڪندڙ دل جو سُبنڌ نه هو. انگلنڊ، جرمنيءَ تي حملو ڪري ڇڏيو هو ۽ منهنجي زندگيءَ جو مطلب ئي بدلجي ويو هو.

مان جرمن ٻوليءَ ۾ سوچيندو هئس، لکندو هئس؛ پر منهنجا خيال، منهنجا احساس انهن ملڪن سان لاڳاپيل هئا، جن دنيا جي لاءِ آزادي ۽ امن گهريو ٿي. هن لڙائيءَ کان پوءِ سڀ نئين سر شروع ٿيندو. جو گذري چڪو هو، اُهو ناس ٿي چڪو هو. جيڪا ڳالهه مون سڀ کان وڌيڪ گهُري ٿي، اُهائي ڳالهه اٿپوري رهجي ويئي هئي. پنهنجي موت کان وڌيڪ مون ڪي انهن جي ڳڻتي هئي، جيڪي ايندڙ لڙائيءَ ۾ مارجڻ وارا هئا ۽ اهو مون سان ٻيو ڀيرو ٿي رهيو هو. مون دل سان روح جي سموري زندگي انساني ايڪتا لاءِ ڪنن محنت ڪئي هئي ۽ هن وقت ته اسان کي ايڪي جي ضرورت هئي. مون کي لڳو، ڄڻ مان اوچتو اڪيلو رهجي ويو آهيان، هڪدم نڌڻڪو ٿي ويو آهيان! انهيءَ ڏينهن آخري ڀيرو مون شهر جو چڪر هنيو، آخري ڀيري ماٺ ڏٺم. اُس ۾ وهنتل آرام ۾ ماٺ شهر اڳي کان جدا نٿي لڳو. پاڻ کان پڇيو هئم، ڪٿي ائين ته ناهي، ته کين خبر ئي نه پئي آهي؟ پر اهي انگلنڊ جا رهاڪو هئا ۽ پنهنجي اندر کي قابو ۾ رکڻ جا ماهر هئا. کين پنهنجي حالت کي اجا به طاقتور ڪرڻ لاءِ نه جهنڊن جي ضرورت هئي، نه ڍُهل وڄائڻ جي ۽ نه ڪنهن حل ڪرڻ جي. اهو ڏينهن آسٽريا جي انهيءَ 1914ع - جي جولاءِ کان ڪيترو جدا هو ۽

مان بہ ڪيترو بدلجي چڪو آهيان. تڏهن مان هڪ اڻ سوچيندڙ جوان هئس. اهو سجايل، سنواريل ۽ پريل دڪان مون کي 1918ع جي خالي دڪانن جي ياد ڏياري رهيو هو.

لڳم، هلندي هلندي مان سپنو ڏسي رهيو آهيان، جنهن ۾ ٽڪل ٽٽل عورتون، راشن جي دڪانن اڳيان قطار ۾ بيٺيون آهن. مائرون ڪارن ڪپڙن ۾ اُداس آهن. ٿڪيل، مَندا، محتاج سپاهي... سيڪجهہ سپنو بڻجي چمڪندڙ اُس ۾ يُوت بڻجي منهنجي اکين اڳيان اچي بيٺا. مون کي پنهنجا پوڙها سپاهي، لڙائيءَ تان موٽيل ٽڪل ٽُٽل ڦاٽل ڪپڙن ۾ ويڙهيل سپاهي ياد اچي ويا. منهنجي تِکي ڌڙڪندڙ دل، گذريل لڙائيءَ کي ايندڙ لڙائيءَ جي اعلان ۾ هڪ ڀيرو وري محسوس ڪيو. ايندڙ ڀوائتو طوفان اڄا اسان جي نظرن کان لڪل هو. ماضي ختم ٿي چڪو هو. جو ڪجهہ اسان حاصل ڪيو هو، اُهو ڦرجي ويو هو، ناس ٿي چڪو هو، ۽ اهو هاڃو اسان جي زندگيءَ کان گهڻو پوءِ تائين جاري رهندو. ڪجهہ نئون، هڪ نئين دنيا ناهڻ کان اڳ، ڪيترن دوزخن، ڪيترن پيڙائن جي هنڌن تان لنگهڻو پوندو آهي.

اُس تمام تکي هئي، گهر موٽندي ڏٺم، تہ منهنجو پاڇو منهنجي اڳيان بلڪل اٿين ٿي لڳو، جڻ هاٽي هاٽي گذريل مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ايندڙ مهاڀاري لڙائي جو پاڇو ڏٺو هئم. مان اڄ تائين انهيءَ پاڇي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهيو آهيان. اهو هر وقت منهنجي هر خيال جي ڪڍ لڳو رهندو آهي. شايد انهيءَ پاڇي جون ڪاريون گهريون روپ ريکائون، منهنجي آتم ڪٿا جي صفحن ۾ بہ ڪٿي نہ ڪٿي لکيل آهن؛ پر پاڇي جو جنم روشنيءَ مان ٿئي ٿو. جنهن پرڀات ۽ سنڌيا، لڙائي ۽ امن جو لاهہ ۽ چاڙهہ ڏٺو آهي، تنهنَ جِيوَن ڏٺو آهي .•••

هونگرون ڏيئي رهيو هو جڻ زخمي هجي، يا پنهنجي وس ۾ نہ هجي. مون ڏٺي انهيءَ شخص جي ٻانهن مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ ڦٽيل پکي جيان رڙ ڪئي. اوچتو مکڙين ۽ سڙيل گُرڙين جهڙي بوءِ هوا ۾ آئي. مان انهيءَ ٻانهن تي اُچلون ڏيئي رهيو هوس، جنهن مون کي زور سان قابو ڪيو هو. ۽ پوءِ هڪ موڙ مُڙي لڳم جڻ ڪا تيز بوءِ ۽ تمام گهٽيون رڙيون، گڏجي سامهون اچي ويون هجن. سامهون سمورو سمنڊ جڻ منهنجي اندر ۾ وهڻ لاءِ اُتاولو هجي. منهنجون لونڊڙيون ڦاٽڻ لڳيون، منهنجو مٿو لوڻ جي کساري ذائقي ۽ ڏپ سان ڀربو پئي ويو.

۽ عورت جي ساروٽي- هن جو نالو انيڪا هو. هوءَ اسان جي پاڙيسرڻ هئي. گذريل سال سندس شادي ٿي هئي ۽ تازو ماءُ ٿي هئي. سندس بدن ڀريل ۽ پاڻ سهڻي هئي. سندس وار سونهري ۽ اکيون تمام وڏيون هيون. اُنهيءَ ڏينهن مان اگڻ ۾ کيڏي رهيو هوس. ٿن ورهين جو هوندس. هوءَ آئي ۽ مون کي پنهنجي هنج ۾ کڻي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيائين. منهنجون اکيون ٻوٽجي ويون هيون. سندس جسم سِنگهيم. تمام گهري بوءِ هئي- کير جي ۽ پگهر جي. جسم گرم ۽ پُسيل پُسيل لڳو هوم. اوچتو مٿو ڦرڻ لڳم ۽ بيهوش ٿي ويس. هن گهٻرائجي مون کي هنج مان هيٺ لاٿو. انهيءَ کان پوءِ هن مون کي ڪڏهن بہ هنج ۾ نہ کنيو. پري کان ئي پگهرجندڙ اکين سان ڏسندي هئي ۽ مرڪي ڏيندي هئي.

اونهاري جي هڪ رات مان اگڻ ۾ پنهنجي ننڍڙي مؤڙي تي وينو هوس تہ اوچتو مون مٿي ڏٺو پهريون ڀيرو آڪاس ۾ تارا ڏٺم. مان مُوڙي تان هيٺ لٿس ۽ ڏپ کان رڙيون ڪرڻ لڳس: "ڇٽنگون... ڇٽنگون." آڪاس مون کي هڪ وڏي ٻاهہ جي مچ جهڙو لڳو ۽ منهنجو ننڍڙو جسم جڻ ٻاهہ تي رکيل هجي.

اهو منهنجو پهريون تعارف هو- ڌرتيءَ سان، سمنڊ سان، عورت سان، ۽ تارن ڀرئي آڪاس سان.

هاڻي بہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا پل ايندا آهن جڏهن مان چئني پوائنٽين شين کي ساڳي طرح پنهنجي جسم تي محسوس ڪندو آهيان. اهي مون کي ساڳي طرح مدمست بہ ڪندا آهن ۽ ڏيڇاريندا بہ آهن.

اِهي اُهي بنيادي قوتون هيون، جن منهنجي روح کي پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو هو. اهي سڀئي پاڻ ۾ گڏجي منهنجي اندر ۾ جذب ٿي هڪ ٿي ويون هيون، جڇ سندن هڪ ٿي منهن هجي، رڳو اوچتو شڪل بدلجي ويندي هجي. تارن ڀرئي آڪاس ڏانهن ڏسندو آهيان تہ اهو ڪڏهن گلن سان ڀريل باغ وانگي ڏسڻ ۾ ايندو اٿم، ڪڏهن اونداهيءَ ۾ پوائنٽي سمنڊ وانگي ۽ ڪڏهن هڪ گرم سر ڇهري وانگي جيڪو رئندو هجي.

منهنجو هڪ هڪ تجربو، هڪ هڪ ويچار، پل ڪٽي سادو ڇو نہ هجي، انهن ئي چئن بنيادي عنصرن مان جڙيل هوندو آهي. منهنجي اندر ۾، وڏي ۾ وڏي روحاني مونجهہ بہ، هڏ ۽ ماس جي جيئري جاڳندي شڪل اختيار ڪري وٺندي آهي، جنهن مان مٽيءَ جي، سمنڊ جي ۽ انساني پگهر جي مهڪ ايندي آهي. هن دنيا کي، ڇهڻ لاءِ، مون کي جيئرو جاڳندو بنجڻو پوندو آهي. مان فقط تڏهن ئي ڇُري پُري سگهندو آهيان جڏهن مان سنگهي سگهندو آهيان، ڏسي سگهندو آهيان، ڇُهي سگهندو آهيان.

منهنجي چوٿين جنم ڏينهن تي، منهنجي پيءُ مون کي هڪ ننڍڙو پکي ۽ ڏرتيءَ جو هڪ ڦرنڊڙ گولو ڏنو هو. مان پنهنجي ڪمري جا در دريون بند ڪري انهيءَ پکيءَ کي کولي ڇڏيندو هوس ۽ اهو اُڏامي سدائين انهي ڏرتيءَ جي گولي تي ويهي رهندو هو ۽ ڳائيندو هو. مان پنهنجو ساهہ روڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏسندو رهندو هوس ۽ ڪيس ڳائيندي ٻڌندو رهندو هوس. انهيءَ ننڍڙي ۽ سادي واقعي، منهنجي خيال ۾، دنيا جي سيني ڪتابن ۽ ماڻهن کان وڌيڪ مون تي اثر ڇڏيو آهي. بعد ۾، وڏو ٿي، ورهين لاڪر هن ڏرتيءَ تي گهمي، ماڻهن سان ملي، ۽ ڪائنات وچڙجي، مون کي لڳو آهي تہ منهنجو مٿو ڏرتيءَ جو هڪ ڦرنڊڙ گولو آهي ۽ هڪ ننڍڙو پکي مٿس ويهي سدائين ڳائيندو رهي ٿو.

مان اهڙي ئي دنيا جوڙي وٺندو هوس جهڙي ڏسڻ جي خواهش هوندي هئم. مان پنهنجو پاڻ ۾، ڳوهيل اٽي جيان ٻه هوس ته دنيا ٻه. پنجن فوٽن کان سنگهڻ جي قوت سڀ کان اول هئي، جنهن دنيا سان منهنجو ناتو جوڙيو هو. جڏهن کو مون کي هنج ۾ کڻندو هو ته اهو فيصلو سندس بوءِ تي ٿيندو هو ته مان سندس هنج ۾ وينو رهندس يا لتون هڻي سندس هنج مان لهي پوندس. سنگهڻ سان مون کي اها به خبر پئجي ويندي هئي ته کير عيسائي آهي ۽ کير ٽُرڪ. هڪ ٽُرڪ خاندان اسان واري گهٽيءَ ۾ سامهين گهر ۾ رهندو هو. گهر جا ڀاتي ڏاڍا نيڪدل هئا. سندن خاندان جي هڪ عورت ڪڏهن ڪڏهن اسان جي گهر ايندي هئي، پر هوءَ جڏهن ايندي هئي ته منهنجو من ڪچو ٿيڻ لڳندو هو. مان اڱڻ ۾ بينل گلن جي ٻوٽي مان هڪ گل ٽوڙي سِنگهندو رهندو هوس. ڪيس هڪ چئن ورهين جي ڌيءَ هئي (مان تڏهن ٽن ورهين جو هوس)، انهيءَ ڇوڪريءَ مان هڪ تمام نئين قسم جي بوءِ آئِي ٿي، نه ٽُرڪي، نه يوناني ۽ اها مون کي وڻندي هئي. اها بوءِ جافر (جائفل) جهڙي هئي. مان پنهنجي گهر جي دروازي تي ويهي سامهين گهر جي دروازي تي وينل انهيءَ امينا کي ڏسندو رهندو هوس. وٽس وڃڻ چاهيندو هوس پر سندس در تائين پهچڻ لاءِ ٽي ڏگها ڏاڪا هئا. مان همٿ ڪري هڪ ڏاڪو چڙهي ويندو هوس، پوءِ ٻيهي رهندو هوس، ساهه پٽيندو هوس، ڏانهس ڏسندو هوس ۽ هوءَ ماٺ ڪري ساڳي طرح ٻنا چُرڻ جي ويٺي رهندي هئي. هٿ وڏائي مون کي ڏاڪو چاڙهڻ جي ٻدران رڳو ڏسندي هئي - ڇڻ چئي رهي هجي: رستي جي رنڊڪن کي پار ڪري وٺندين تڏهن مون تائين پهچندين ۽ تڏهن ئي اسان ڪيڏينداسين. اهي رنڊڪون پار ڪري نٽو سگهين ته وڃ، موٽي وڃ. مان آهستي آهستي ڏاڪا چڙهي ويندو هوس. پوءِ هوءَ منهنجو هٿ جهليندي هئي ۽ مون کي اندر اڱڻ ۾ وٺي ويندي هئي. اسان ٻئي پنهنجا جوراب لاهي ڇڏيندا هئاسين ۽ ڪڙين سان ڪڙيون ملائي ويهي رهندا هئاسين. اسان ڳالهائيندا نه هئاسين. مان اکيون بند ڪري ڇڏيندو هوس ۽ محسوس ڪري سگهندو هوس ته سندس پيرن جي گرمائش منهنجي پيرن ۾ چڙهي

رهي آهي، پوءِ اها گرمائش منهنجي گوڏن تائين ۽ پوءِ ڇاتي تائين پهچي ويندي هئي ۽ مان سموري جو سمورو انهيءَ گرمائش ۾ ونجي ويندو هوس. ائين ڪرڻ کان سواءِ مون کي لڳندو هو ته مان بيهوش ٿي ويندس. منهنجي سموري زندگيءَ ۾ ڪنهن عورت مون کي ايڏي پوائتي خوشي نه ڏني. عورت جي جسم جو اهڙو اسرار مون وري نه ڄاتو. هاڻي به، ستر ورهين کان پوءِ، مان جيڪڏهن اکيون بند ڪريان ٿو ته امينا جي گرمائش منهنجي ڪڙين کان چڙهي منهنجي روح تائين پهچي وڃي ٿي.

مان پنجن ورهين جو هوس ته مون کي هڪ عورت وٽ پڙهڻ لاءِ وهاريو ويو. اها هڪ سادي هارياڻي هئي. وچٿري قد جي، ٿلهي ۽ ٿوري جُهڪيل. ساڄي ڳل تي هڪ مَسو هئس. هوءَ منهنجو هٿ جهلي مون کي سليٽ تي لکڻ سيکاريندي هئي. (سندس ساهه کڻڻ سان مون کي ڪافيءَ جي بوءِ ايندي هئي.) اول ته مون کي سندس ڪا ڳالهه به پسند نه ٿي آئي، پوءِ خبر ناهي ڇو، هوءَ منهنجي اکين ۾ بدلجڻ شروع ٿي وئي-- مَسو غائب ٿي ويو، پٺي سڌي ٿي وئي، بيٺو جسم بلڪل يڪو هڪ ٿي ويو، ۽ ڪجهه هفتن کان پوءِ هوءَ سنهڙي ۽ جوان لڳڻ لڳي، جهڙي حوُر! ڪير جهڙي اڇي، فراڪ پاتل ۽ هٿ ۾ پتل جو ساز جهليل.

انيڪ ورهين کان پوءِ، مان دنيا گهمي، هڪ پيرو گهر موٽيس ته ساڻس ملڻ ويس. هڪ تمام ٻڍي عورت اُس ۾ پاڻ گرمائي رهي هئي. سندس ڳل جي مَسي جي ڪري ڪيس سڃاتم. مون کي ڏسي هوءَ خوشيءَ وچان روئڻ لڳي. مان هن جي لاءِ ڪجهه سوکڙيون کڻي ويو هوس- ڪافيءَ ۽ کنڊ. پڇڻ تي هٻڪيس، پر سندس اڇي فراڪ واري تصوير منهنجي اندر ۾ اهڙي ڄميل هئي جو پڇي ورتم، ”ميڊم، اوهان اڇو فراڪ پائينديون هيون ۽ هٿ ۾ پتل جو ساز هوندو هو نه؟“

”يا خدا! مون وٽ اهي شيون ڪٿي هيون....“

سڀ منهنجي تصور جو جادو هو- ڪارڻ ۽ اندازي کان پري، ديوانگيءَ جي ويجهو.

اڄ سوچيان ٿو- اها ديوانگي لوڻ جي انهي ڪٽيءَ جهڙي هوندي آهي، جنهن جي ڪارڻ شيون ڳرڻ ۽ سڙڻ کان بچي وينديون آهن.

مان پنهنجي اندر ۾ ڏسان ٿو ته ڏڪٽي وڌيو وڃي. ڏاڏاڻي طرفان منهنجا وڏا رت جا پياسا سامونڊي ڦورو هئا- جر تي ڦورو ۽ ٿر تي سورهيه. نه خدا کان ڊنا ٿي، نه ماڻهن کان. ناناڻن طرفان منهنجا وڏا سادا سودا هاري هئا، جيڪي عقيدي جي طور تي ڌرتيءَ اڳيان جهڪندا هئا. ڌرتيءَ تي گرجندا وسندا هئا ۽ پوءِ مقرر وقت تي سج جي پوڄا ڪندا هئا. سانجهيءَ ٽاڻي گهرن جي دروازن جي اڳيان ويهي الله اڳيان هٿ جوڙيندا هئا ۽ سموريون اميدون هُن جي حوالي ڪندا هئا.

باهه ۽ مٽي، انهن ٻنهي قوتن کي مان پنهنجي اندر ۾ کوجيندو رهيو آهيان. مون پنهنجي زندگيءَ جو مقصد اهو سمجهيو ته پنهنجي هر عضوي مان پنهنجي وڏن جي اونداهي ٻاهر ڪڍان ۽ جيترو ٻه ٿي سگهي، اها اُجالي ۾ بدلائي ڇڏيان.

انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ مان زندگي ڀر ڀٽڪندو رهيو آهيان. هڪ قسم جي اونداهي سدائين منهنجي اندر ۾ رهي آهي ۽ هميشه منهنجي ساڻس ڇڪتاڻ هلندي رهي آهي. منهنجا وڏا منهنجي اندر ۾ خبر ناهي ڪيترا گهرا پيهي ويل آهن. اتاهه اونداهيءَ ۾ ڪين سڃاڻڻ منهنجي لاءِ تمام ڏکيو آهي. پهرين نظر ۾ جيڪو چهرو بابي يا ڀاڻم جو ڏيکاري ڏي ٿو، اهو گهري نظر سان ڏسڻ تي منهنجي اندر ۾ ڪو وارن سان ڀريل ۽ ڊگهي ڪاڏيءَ وارو، خبر ناهي ڪير، منهنجو وڏو نڪري ايندو آهي، جيڪو ڄڻ ٻڪ جو ماريل هجي ۽ جنهن جي اکين ۾ رت ڀريل هجي. اهو مرون نما انسان، منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي ته مان ڪيس ماڻهو بنايان ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته انهيءَ کان ٻه ڪجهه وڌيڪ. ڪيترو ڏکيو رستو آهي- ٻاندر مان ماڻهو، ماڻهو مان خدا!

هڪ ڏينهن مان هڪ دوست سان گڏ هِماچا ڊِت جبل جي چوٽين تي گهمي رهيو هوس ته اسان رستو ڀلجي وياسين ۽ رات ٿي ويئي. ڪٿي ڪو بادل نه هو، آڪاس ۾ چنڊ لٽڪيل لڳي رهيو

هو، وچ سليٽي رنگ ۾ چمڪي رهي هئي. اسان ماڙيءَ ۾ لهي وياسين. اُتان جي خاموشي سهڻ جوڳي نہ هئي. خدا بہ اهڙي خاموشي کان گهبرائجي هيءَ ڪائنات جوڙي هوندي.

منهنجو من عجيب طرح سان سُست ٿي ويو هو. مان هڪ قوّت وانگيان ٽاٻڙيس پئي. پري کان جهڪي روشني ڏسڻ ۾ آئي. ضرور ڪا وسندي هوندي. انهيءَ پل مون کي هڪ عجيب واقعو پيش آيو. هينئر بہ جڏهن اهو ياد اچي ٿو تہ ڏڪٽي ونيو ٿي وڃي. مان ٻيهي رهيس. مُٺ پڪوڙي ڳوٺ ڏانهن ڏنم ۽ دانهن نڪري ويئي: "توهان سين کي ماري ختم ڪري ڇڏيندس."

مون اهو آواز ٻڌو، اهو آواز منهنجو نہ هو. لؤن لؤن ڪاندارجي وئي. منهنجي دوست مون کي ٻانهن کان جهلي ورتو، "توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ تون ڪنهن کي مارڻ چاهين ٿو؟"

مون کان ٻينو نٽي ٿيو. تمام گهٽي ٿڪاوٽ محسوس ڪري رهيو هوس، پر دوست کي ڏسي هوش سنڀاليم ۽ چيم، "اهو مان نہ هئس، اهو ڪو ٻيو هو."

اهو ٻيو ڪو هو، پر ڪير؟ مون ڪڏهن ايتري گهرائي سان پنهنجو پاڻ کي نہ ڏٺو هو، پر انهيءَ رات کان پوءِ مون سڄاڻي ورتو- اسان جي اندر ۾، اونداهين جي تهن مٿان تهہ ڄميل هوندا آهن- قاتل آواز ۽ چيريندڙ ۽ ڦاڙيندڙ مِرون. مان ڊڄي ويو هوس تہ انهيءَ سڀ ڪجهہ مان، مان ڪڏهن ڇوٽڪارو پائيندس يا نہ؟

ڪڏهن هڪ بيحد سنو سُر منهنجي اندر مان اٿندو آهي، "ڊچ نہ، تنهنجي جيئڻ ڪاڻ مان قانون جوڙيندس، مان خدا آهيان، يقين رک." پر وري اوچتو ڪو اندران ڏاڙهڻ لڳندو آهي، "بڪواس بند ڪر، مان تنهنجي اصولن کي ٽوڙي ڦٽو ڪري سگهان ٿو، توکي دفع ڪري سگهان ٿو، مان ڏقيڙ وجهي سگهان ٿو."

ڇوندا آهن تہ سچ پنهنجي مدار ۾ هلندي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ جو ڳائڻ ٻڌڻ لاءِ ٻيهي رهندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجن لڙڪن، پنهنجين مرڪن ۽ پنهنجي گيتن مان نوان اصول

جوڙڻ جي همت حاصل ڪريون ٿا ته اتل اصولن کي بدلائي به سگھون ٿا.

اهي منهنجا وڏا قتل ٿيندا هئا، قتل ڪندا هئا. روح جو آدر ڪرڻ انهن نه ڄاتو- نه پنهنجي روح جو، نه ٻئي جو. سندن واسطو رڳو پنهنجي بک ۽ اڄ سان هو. اونهاري ۾ سندن ڇاتيون اگھاڙيون رهنديون هيون ۽ سياري ۾ چمڙي سان ڍڪيل. منهنجي پيءُ جي پيءُ جو پيءُ خاص طرح سان مون کي پنهنجي رت ۾ جيئرو ڄاڳندو ڇاتل سڄاتل لڳندو آهي ۽ منهنجي رڳن ۾ ڏڙڪندي محسوس ٿيندو آهي. سندس ڳاٽ اوچو، متو پويان چڪيل ۽ پوئتان ڏگھن وارن جي چڳ هوندي هئي. هو الجيريائي ڌاڪن جو ساٿي هو، جيڪي سمنڊن ۾ ڌاڙا هڻندا هئا. ويران جبلن جي چوٽين تي انهن پنهنجي لڪڻ جو هنڌ ٺاهيو هو، جتان اُهي راهه ويندڙ جهاز ۽ ٻيڙيون ڦريندا هئا. اهي ٻيڙا حج تي ويندڙ مسلمانن جا هجن، يا عيسائين جا، انهيءَ سان سندن واسطو نه هوندو هو. ٻڌن کي ماري ڇڏيندا هئا، جوانن کي غلام بڻائيندا هئا ۽ عورتن کي پنهنجي حرم ۾ رکندا هئا. انهن جي مُڇن مان هر وقت رت جي بوءِ ايندي هئي.

هڪ ڀيري اُنهن اوير ڪان ايندڙ مصالحي سان لڏيل جهاز لٽيو هو. منهنجي وطن جي ٻُڍن کي اڄ به ياد آهي ته اسان جي سموري ٽڪري مان ڪافي عرصي تائين دالچيني ۽ جافرن جي هٻڪار ايندي رهي. منهنجي وڏڙن لُٽ جو اهو مال ڏور ڳوٺن جي يارن دوستن کي به سوغات طور موڪليو هو.

ڪئين اهڙا نشان مون پنهنجي پاڻ ۾ ڏٺا، جن تي پهرين مون ڌيان نه ڏنو هو، پر پوءِ اهي جاچي ڏٺم ته انهن چور دروازن کي ڳولي ورتم جن جو واسطو منهنجي اندر ۾ وينل منهنجن وڏڙن سان هو.

متئين واقعي کي جيستائين نه ڄاتو هوم تيستائين انيڪ ڀيرا عجب لڳندو هوم ته مون کي هر وقت پاڻ وٽ دالچيني جي ٽاري ۽ جافرن جو ٻج رکڻ چو ٿو سنو لڳي! اهي مان سفر ۾ به رکندو هوس ۽ لڪڻ مهل پنهنجي اڳيان پڻ.

مون اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي اندر مان ٻاهر نڪري، پنهنجي روح کي خوش ڏسڻ لاءِ ڪيو تي. اها منهنجي وڏي ۾ وڏي خواهش هئي.

منهنجا ابا ڏاڏا ڪٿي چاوا هئا، مون انهيءَ تي بہ ويچار ڪيو. هڪ سلطان جڏهن ڏهين صدي ۾ ڪيٿ کي عربن کان واپس ورتو ۽ جيڪي عرب انهيءَ قتلِ عام مان بچي ويا، اُهي ٻار ٻاري خالي ميدان واري ڳوٺ ۾ رهي پيا. اهڙي ئي هڪڙي ڳوٺ ۾ منهنجي ابن ڏاڏن جون پاڙون آهن. سين جو عربي سپاءُ آهي- مانُ تي مڻجندڙ ضدي، چپ رهندڙ، رُکي سُکي کائيندڙ ۽ لڳ لاڳاپن کان پري رهندڙ. سندن ڪاوڙ ۽ پيار ورهين کان سندن سينن ۾ دٻيو ساندِيو رهندو هو. منهن مان ڪجهہ بہ نہ ڪچندا هئا، پر ڪڏهن اوچتو اهو بند ٽُٽي پوندو هو. انهن لاءِ زندگي جي ايتري اهميت نہ هئي جيتري شڪار جي جذبي جي. ايتري قدر جوڪنهن عورت سان محبت هوندي هين تہ ڪيس ماري ڇڏيندا هئا، جيئن اها مٿن غلبو نہ جمائي سگهي.

منهنجي اندر ۾ ڪئين آواز آهن، جن ۾ مون کي پنهنجي وڏڙن تائين پهچڻ جو رستو مليو تو. مان جڏهن ڪو ڪجيءَ جو وڻ ڏسندو آهيان تہ خوشيءَ ۾ پرجي ويندو آهيان ۽ لڳندو اتم ڄڻ پنهنجي وطن موٽيو هجان. هڪ ڀيري اُٺ تي سوار ٿي مان عربستان جي ريگستان ۾ ويو هئس- نيڻ نهار تائين، واري ئي واري ڦهليل هئي- منجهند ويل پيلي ۽ سانجهيءَ ويل واڱڻائي. ماٺهو ڇيٽو نہ هو. مان مستيءَ ۾ چريو ٿي ويو هوس.

هڪ ڀيري مان هڪ اڪيلي جاءِ تي وڃي رهيو هوس- هڪ يوناني ڳوٺ جي هڪ جهوپڙيءَ ۾. اها جهوپڙي وڻن جي جهڳٽي ۾ ڍڪيل هئي. مان ڪيترائي ڏينهن اندر ويهي ڪوتائون لکندو رهيس. هڪ ڏنار اُتان لنگهندو هو جيڪو هر روز ڪير، اپاريل بيدا ۽ ماني ٽڪر ڏئي ويندو هو. هڪ ڏينهن سانجهيءَ ويل بيدن تي لڳائڻ لاءِ لوڻ جي پُڙي کوليم تہ ٿورو لوڻ زمين تي هارجي پيو. مان جلدي سان گهبرائجي لوڻ جو ڪٽو ڪٽو چپٽي ۾ کڻڻ لڳس

۾ پوءِ پنهنجي حرڪت ڪان پاڻيهي گهٻرائجي ويس تہ لوڻ جهڙي تڇ شيءِ ڪي اهڙي طرح مٿيءَ مان ڪٿي رهيو آهيان.

ڪٿي باهہ اجائي ٻرندي آهي، يا پاڻي اجايو ضايع ٿيندو آهي تہ بي اختيار باهہ کي وسائڻ ۽ پاڻيءَ جو نل بند ڪرڻ لاءِ ڊوڙندو آهيان. ورهين کان ائين ٿيندو رهيو آهي. انهن عادتن تي پهرين تہ غور نہ ڪيو هوم، پر پوءِ انهن جا وڪريل منجهيل ڌاڳا منهنجي من ۾ گڏ ٿي ويا ۽ سلجهي ويا. لوڻ، باهہ ۽ پاڻي ريگستان ۾ وڏيون نعمتون آهن. شايد منهنجي اندر مان منهنجو ڪو وڏڙو لوڻ يا پاڻي کي ضايع ٿيندو ڏسي منهنجي جسم جي عضون مان اُڇلجي انهن کي بچائڻ چاهيندو هوندو.

ابراهيم- اهو لفظ منهنجي لاءِ ڇڻ ڪنهن اونهي، اونداهي ۽ پوائتي کوهہ مان نڪتو هجي. ڪلاس ۾ جڏهن استاد ٻڌايو تہ ابراهيم هڪ ڏينهن پنهنجي پٽ کي قربان ڪرڻ لاءِ ڪيس گهر مان وٺي ويو هو، تہ مان ڏاڍو ڊڄي ويو هوس. سو، هو ننڍن ٻارن کي ماري بہ ٿو. مان اها ڳالهہ ٻڌندي ٻڌندي ميز جي پٺيان وڃي لڪيس جيئن سندس قوت مون کي ڏسي نہ وٺي. پوءِ جڏهن استاد ٻڌايو تہ خدا جي ٻڌايل حڪمن تي عمل ڪندڙن کي ابراهيم پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ٿو، تڏهن مون من ئي من ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ مان خدا جي حڪمن جي انحرافي ضرور ڪندس، جيئن مون کي ابراهيم جي ڇاتيءَ سان لڳڻو نہ پوي.

منهنجي ماءُ مون کي مقدس ڪتاب خريد ڪري ڏنو هو، جنهن ۾ لکيل هو: 'بهشت مان هڪ پٽر ڌرتيءَ تي ڪريو. اهو پٽر ٽٽي پيو تہ اندرئين حصي ۾ لکيل هو تہ انهيءَ شخص تي خدا ناراض ٿيندو جيڪو اربع ۽ جمع جي ڏينهن تيل لائيندو ۽ شراب پيئندو.' اهو ڪتاب جهنڊي جيان هٿ ۾ جهلي مون اربع ۽ جمع جي ڏينهن پاڙيسرين جا دروازا کڙڪايا، اندر وڃي سندن رنڌڻا ڏٺم، جتي مچي ۽ ماس پچندو ڏسي زور سان رڙيون ڪندي چيم: 'اوهان تي خدا ناراض ٿيندو، اوهان تي ڪا خدا جي مار پوي.' تہ اوڙي پاڙي جا ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا ۽ انهن ڏاڍي مشڪل سان مرن

کي ماٺ ڪرايو هو. پوءِ گهر اچي مون ڪئين سوال پڇيا. مون کي جڏهن اها خبر پئي ته مان جڏهن ننڍو هوس ته اربع ۽ جمع جو به کير پيئندو هوس ته سڏڪا پري روئي وينس.

پنهنجا سيپئي رانديڪا وڪڻي درويشن جون سوانحون خريد ڪيم، ۽ هر روز سانجهيءَ ٽاٽي اڳڻ ۾ گلن جي پرسان هڪ موڙي تي ويهي وڏي آواز ۾ پڙهندو هئس ۽ پاڙيسرياڻيون جيڪي رومال تي پرت پرينديون هيون يا جوراب اُڻنديون هيون، منهنجو آواز ٻڌي مون وٽ اچي ويهنديون هيون. هوريان هوريان اڳڻ پرجي ويندو هو. ڪا دال صاف ڪندي هئي، ڪا جوراب مڙهيندي هئي ۽ مان زور زور سان اهي آڪاڻيون پڙهندو هوس. انهن جيڪي سور سنا هئا، انهن جي باري ۾ ٻڌي سيئي عورتون سڏڪا پرڻ لڳنديون هيون. هر شام ائين ئي ٿيندو هو، لڳندو هو ڄڻ گهٽيئي عورتون گڏ ٿي يسوع مسيح جي قبر تي وينيون هجن. هڪ پيري ٻاهران ڪي ماڻهو لانگهائو ٿيا، انهن سمجهيو ته گهر ۾ ڪو قضيو ٿيو آهي، تن ڊوڙي وڃي منهنجي پيءُ کي ٻڌايو ته هن ڪنڌ ,ڦيري چيو، ”نه، ڪجهه به نه ٿيو آهي، منهنجو پٽ پاڙيسرين کي دين ايمان سيکارڻ تي اڙجي وينو آهي.“

هڪ پيري درويش يوحنا جي سوانح پڙهندي مان انهيءَ ارادي سان اٿي بيٺس ته مان جبل تي وڃي درويش بڻجي ويندس. اڳڻ ۾ امان ويٺي هئي، پر ڪانئس منهن موڙي ڇڏيم (ڇو جو ڳالهه ۾ درويش يوحنا به منهن موڙي ماءُ ڏانهن نه ڏٺو هو) ۽ ٻاهر گهٽيءَ ۾ نڪري ويس. اڳيان ڏاڍيون اونداهيون گهٽيون ورتم، جيئن رستي ۾ منهنجو ڪو چاچو نه ملي وڃي ۽ مون کي زبردستي گيهلي گهر نه وٺي وڃي. سمنڊ جي ڪناري تي پهتس، جتي هڪ ٻيڙي وڃڻ واري هئي. مان ڊوڙي ملاح وٽ ويس ۽ چيم، ”مون کي به پاڻ سان گڏ وٺي هل.“

”ڪٿي؟“

”مون کي پري جبل تي وڃڻو آهي.“

”ڇاجي لاءِ؟“

”درويش بنجڻ لاءِ.“

ملاح ڪلندي ڪلندي ٻيڙو تي ويو. هن منهنجي ٻانهن جهلي مون کي اهڙيءَ طرح پوئتي هٽائي ڇڏيو جيئن ڪنهن ڪڪڙ کي پري هٽائبو آهي، ۽ گجندي چيائين، ”ڀڄي وڃي پنهنجي گهر.“

مان بي عزتو ٿي گهر موٽيس ته ڪافي دير تائين ڪڻ جي هينيان لڪيو پيو رهيس.

جڏهن اوليائن کي (تصويرن ۾) الله جي در تي، در کلڻ جي انتظار ۾ چپ چاپ هٿ جوڙيل ويٺل ڏسندو هوس ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. ڪين ڏسي مون کي ڪوڙهه ۾ ورتل انهن ماڻهن جي يادگيري ايندي هئي، جن کي مان ٻنين ڏانهن ويندي ۽ شهر جي دروازي جي ٻاهر ويٺل ڏسندو هوس- ڪنهن جو هٿ نه هو، ڪنهن جو نڪ نه هو، ڪنهن جو ٻيو ڪو عضوو نه هو- ۽ اهي سيئي هٿ ڦهلائي ماڻهن کان سندن رحم جي خيرات گهرندا هئا. منهنجي من ۾ درويشن جي خوبصورتي به ختم ٿي ويئي.

سوچيندو هوس: ڇا بهشت وڃڻ جو ٻيو ڪو رستو ناهي؟ ڇا ٻاٽ اوچو ڪري سينجي گهوڙي تي سوار ٿي سوُرهين جيئن بهشت ۾ داخل نٿو ٿي سگهجي؟

امان وڏن ڏڻن تي منايون ناهيندي هئي ۽ منهنجي هتان شهر ۾ رهندڙ پنهنجن مائٽن ۽ ڪٽنب جي دوستن کي موڪليندي هئي. مان جڏهن منائي ڏيڻ ويندو هوس، ته اهي ڪجهه ڏوڪڙ خرچي منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندا هئا. مان اهي ڏوڪڙ جمع ڪري، جيئن شروع ۾ درويشن جون سوانحون خريد ڪيون هئم، تيئن ڏورانهن ملڪن جي معلومات جا تصويرن وارا جيڪي به ڪتاب مليا ٿي، خريد ڪرڻ لڳس.

منهنجي من ۾ ڏورانهن ملڪن جا منارا، پُراسرار چوٽيون ۽ مٽي تي لال رنگ جا ڪني ٻڌندڙ جهنگلي داخل ٿي ويا. اهي ڪلندا هئا، نچندا هئا، ٻاهه ٻاريندا هئا ۽ ماس پچائيندا هئا. اهي نئين طريقي جا عظيم شخص، خيرات نه گهورندا هئا. جيڪي ڪين گهربو هو، اُهو ٻانهن جي ٻل سان حاصل ڪري وٺندا هئا مڪمل

شخص جو تصور منهنجي من ۾ اهو ئي نهيو- سڀ کان طاقتور عظيم شخص!

هڪ ڏينهن گهٽي مينهن پوڻ ڪري انگورن جا باغ ناس ٿي ويا. گهرن تي وڄ ڪري پيئي، سيئي اسان جي ديس ۾ چوندا آهن ته جيڪڏهن بدنصيبي اڪيلي اچي ته ڪو فڪر ناهي پر ڏکيائي اها آهي ته اها اڪيلي نٿي اچي. مان منهنجي ماءُ ۽ منهنجي ڀيڻ پنهنجي پنهنجي ٻنين ۾ ٻچيل انگور چوندي رهيا هئاسين ته منهنجي پيءُ جي هڪ دوست ڪيس ڪن ۾ چيو ته ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪجهه ماڻهن هڪ وڏي معزز ماڻهو کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. غداري وري تيڻ واري آهي. تُرڪ ڳوٺن مان هتي شهر ۾ پناهه وٺڻ لاءِ اچي رهيا آهن. اسان سڙڪ ڏانهن ڏٺو، ڪئين گڏهه مال اسباب سان لڏجيو سڙڪ تان وڃي رهيا هئا.

”تُرڪ ڪتا...!“ منهنجي ماءُ چيو ۽ مون کي ٻانهن کان جهلي پاسيرو وٺي ويئي.

مان سندس گوڏي سان چنبڙي پيس. پڇيم، ”امان، تون ڏکي ڇو رهي آهين؟“

”هتي ڪيٽ ۾ جنم وٺندڙن جي اها حالت....“

سڙڪ جڏهن خالي ڏسڻ ۾ آئي ته امان منهنجو ۽ منهنجي ڀيڻ جو هٿ جهليو، منهنجي پيءُ ڪيسي ۾ پيل پستول وري ڏٺو ته پريل آهي يا نه، ۽ اسان گهر ڏانهن واپس ورڻ لڳاسين. سج لهڻ وارو هو، پر گهر جي آس پاس وارين گهٽين ۾ ائين ٿي لڳو ڄڻ رات پئجي ويئي هجي. ماڻهن دريون دروازا بند ڪري ڇڏيا هئا. بابي به وڃي، دروازا بند ڪيا ۽ مون کي پنهنجي پرسان ويهاري پڇيائين: ”تو کي ڊپ لڳي ٿو؟“

”نه.“

”جيڪڏهن ترڪ در پيجي اندر هليا اچن ۽ توکي قتل ڪن ته....“

مان ڏکي ويس، نڙيءَ تي تلوار ڇيندي محسوس ڪيم. دانهن ڪري چوڻ چاهيم، ’ها، مون کي ڊپ ٿو لڳي،‘ پر منهنجي پيءُ جون اکيون منهنجي منهن ۾ کُتل هيون، مون کي انهيءَ جو

شرم هو ۽ وري لڳم ڄڻ منهنجي ڇاتيءَ ۾ ڪجهه مردانگي پربي پيئي وجي. چيم، ”نه، پوءِ به نه ڊڄندس.“

گذريل اونهاري ۾ جڏهن منهنجي ڏاڏي مرڻ وقت مون کي پنهنجي ڳوٺ سڏايو هو ته اتي هڪ رات، مان پنهنجي چاچي سان گڏ، ٻنيءَ تي ستو هوس. ننڊ اچڻ واري هئي ته آسپاس کان عجيب آواز اچڻ لڳا.

چرر... چرر... مان ڊپ وچان چاچي وٽ هليو ويس، سندس ٻانهن لوڏي پڇيم، ”اهي آواز ڪٿان ٿا اچن؟“

چاچي وراڻي ڏني هئي، ”تو ڀهريون ٻيرو اهي آواز ٻڌا آهن؟ شهري ڇوڪرا! چپ ڪري سمهي رهه. اهي هنداڻن جا آواز آهن، جيڪي وڏا پيا ٿين.“

انهيءَ ڏينهن پنهنجي پيءُ جون اکيون پنهنجي منهن ۾ ڳُتل ڏسي لڳم ڄڻ مان به اندر ۾ ڪٿي وڏو ٿي رهيو هوس.

اسان جي شهر جي چؤطرف وڏا دروازا هئا. ترڪ عملدار انهن دروازن کي شام ٿيندي ئي تالا هڻي ڇڏيندا هئا، جيڪي ڪافي ڏينهن مٿي چڙهڻ کان پوءِ کوليندا هئا ۽ اسان سيئي سموري رات شهر ۾ بند رهندا هئاسين- پڃري ۾ ڪوئن وانگر. اهي، سڄي رات قتل يا خون ڪرڻ چاهين ته ڪري سگهيا ٿي.

اهو منهنجو اکين ڏٺو ڀهريون قتل هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ مون زندگيءَ جو اصلي روپ ڏسي ورتو، سمنڊ جو، ٻنين جو، انگور جي باغن جو، ۽ امان جي مرڪ جو، ڄڻ زندگيءَ جي منهن تي پردو پئجي ويو هو. اُهو هٽي ويو ته مون زندگيءَ جو اصلي چهرو ڏٺو- سندس کوپري.

اسان ڏڪندي ٻاهران گهنٽيءَ مان ايندڙ آواز ٻڌا- گهرن جي دروازن پچڻ جا، تُرڪن جي گارين جا، ماڻهن جي دانهن جا ۽ ڪين قتل ڪرڻ جا. منهنجو پيءُ هٿ ۾ پستول جهلي دروازي جي پرسان بينو هو. هن اسان کي پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو هو ته انهيءَ کان اڳ جو اسان ترڪن جي هٿ چڙهون، هو اسان کي پنهنجي هٿن سان گولي هڻي ماري ڇڏيندو.

ڪجهه ڏينهن گذري ويا. شهر ۾ ڪجهه ناپر آئي. هوريان هوريان ڏڪندي ڏڪندي دريون کلڻ لڳيون. هڪ ڏينهن منهنجي پيءُ منهنجو هٿ جهلي ٻاهر هلڻ لاءِ چيو. امان گهبرائجي ويئي، پر منهنجو پيءُ مون کي آگر کان جهلي ٻاهر وٺي ويو.

ڪيترن ئي هنڌن تي ڪئين گهر سڙي چڪا هئا. منجهائن اجا دونهون نڪري رهيو هو. ڪيترن ئي گهرن جا دروازا پڳل هئا، چانئنون رتهاڻيون ٿيل هيون. اسان وڏي چؤنڪ ۾ پهتاسين جتي شينهن جي منهن وارو قوهارو هو ۽ پرسان هڪ وڏو وڻ بيٺل هو.

”هوڏانهن ڏس!“ بابا چيو ۽ انهيءَ وڻ ڏانهن ڏسي مون کان رڙ نڪري ويئي. انهيءَ وڻ ۾ ڦاسي ڏنل ٽي شخص لٽڪي رهيا هئا. سندن سايون زبانون سندن واتن مان ٻاهر لٽڪي رهيون هيون. مون منهن ڦيرائي ڇڏيو ته منهنجي پيءُ منهنجو ڪنڌ هٿ ۾ جهليو ۽ پوءِ اوڏانهن ڦيرائي ڇڏيائين.

”ڏس!“ بابا حڪم ڏنو.

اهي ٽيئي جڻا جڻ منهنجي اکين ۾ پرجي ويا.

”انهن کي ڪنهن ماريو آهي؟“ مون پڇيو.

”آزادي جي خواهش. خدا اها بچائي!“

مون کي سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. بابا ڏور سنسان گهٽين ڏانهن ڏنو، ۽ پوءِ مون کي چيائين، .تون انهن کي ڇُهي سگهين ٿو؟“

”نه.“ مون ڊڄي جواب ڏنو.

”هيڏانهن اچ!“ بابي جلديءَ سان ڇاتيءَ تي صليب جو نشان ناهيو ۽ مون کي چيائين، ”انهن جي پيرن کي هٿن سان ڇُهه“ ۽ هن منهنجا هٿ جهلي انهن جي پيرن تي رکي ڇڏيا.

”انهن کي چپن سان چُم!“ بابي حڪم ڏنو مون کي هبڪندو ڏسي مون کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي مٿي کيائين، ۽ منهنجو ڪنڌ زبردستي جهڪائي، مهنجو منهن سندن پيرن تي رکي ڇڏيائين.

پوءِ مون کي (مان ان وقت مشڪل سان اٺن ورهين جو هوس) هنج مان هيٺ لاٿائين ۽ واپس گهر ڏانهن هلندي چيائين.

”اهو توکي بهادر بنائڻ لاءِ هو.“ •••

# جيڪڏهن ڪتاب لکان ها...

ارنيسٽ هيمنگوي•



جيڪڏهن مان هن کي ڪتابي شڪل ڏيئي سگهان ها، تہ هن ۾ سڀڪجهہ هجي ها. مان ٻڌايان ها پرودا جي باري ۾، جيڪو ڪنهن وڏي آمريڪي ڪاليج جي عمارت جهڙو نظر اچي ٿو، جتي مئڊرڊ جي ٽڙيل صبح جو گاهہ تي پاڻيءَ جي ڇنڊڪار ڪئي ويندي آهي. مان ٻڌايان ها انهن مٽيءَ جي سڏن ڊِبن جي باري ۾، جيڪي سدائين ڪارا، باشيل ڏانهن ڏسندي لڳندا آهن. پوءِ ريل گاڏيءَ تي گهاريل اُهي آگسٽ جا ڏينهن، جڏهن تکي اُس کان بچڻ لاءِ پردا ڏنا ويندا آهن.ءِ هوا انهن انهن کي اُڏاري ڪٽي ويندي آهي. انهيءَ موٽر جي سفر جي باري ۾ لکان ها، جڏهن ٻنين مان ٻُهہ اُڏري موٽر سان ٽڪرائبي آهي ۽ ماحول اناج ۽ پٽر جي وِنڊ مِل جي مهڪ سان واسيل هوندو آهي.

منهنجو ڪتاب ٻڌائي ها فطرت جي راز جي باري ۾، جڏهن آلساسوئا کان اڳتي سائو گاهہ ختم ٿي ويندو آهي ۽ ڪجهہ

---

• ERNEST HEMINGWAY (1898-1961): American Novelist and Short-story Writer. Awarded Pulitzer Prize (1953) and Nobel Prize (1953).

پرتي برگوز ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پوءِ انهيءَ ڪمري جو ذڪر هجي ها، جتي پوءِ اسان پنير ڪائيندا هئاسين. مان انهيءَ چوڪر جو حال ٻڌايان ها، جيڪو مئدرڊ جي پهرين سئر دوران بوتلن ۾ شراب ڀري ڪٽي ويندو هو، پوءِ ٻچئني وچان بوتلون کوليندو هو ۽ سڀ جهومڻ لڳندا هئا، جنهن جشن ۾ اهي ٻئي گارديا سِول به شامل هوندا هئا. مان ٻڌايان ها، ڪهڙيءَ ريت مون ريل جا ٽڪيٽ وڃائي ڇڏيا هئا ۽ گارديا سول اسان کي ڌوهارين جيان پڪڙي وٺي ويا هئا، پوءِ ٽئڪسيءَ ۾ ويهاري ڪهڙي ريت انهن اسان کي سلام ڪيو هو. هئڊلي جي باري ۾ به لکان ها، جيڪو انهيءَ ڏاند جو ڪپيل ڪن رومال ۾ ويڙهي ڪٽي وڃي رهيو هو. اُهو ڪن، جيڪو سُڪي سخت ٿي ويو هو. نہ فقط اهو، پر جنهن شخص اهو ڪپيو هو، اهو هاڻي گنجو ٿي چڪو آهي ۽ پنهنجي مختصر وارن کي مٿي تي چنبڙائي هلندو آهي، جيتوڻيڪ تڏهن هو چڱو جوان ۽ خوبصورت هوندو هو، سچ!

جيڪڏهن مان ڪتاب لکان ها تہ ان ۾ ظاهر ڪريان ها تہ ڪهڙي طرح ريل ۾ ويني ويني فضا بدلجي ويندي هئي، جڏهن شام جو جبلن تان لهي اسان بئلينسيا پهچندا هئاسين: هڪ عورت هٿ ۾ ڪڪڙ جهلي، پنهنجي ڀيڻ جي لاءِ ڪٽي وڃي رهي هئي. ڪتاب آلاسِراس جي اها جاءِ ڏيکاري ها، جتي گهوڙن جا لاش ميدان ۾ گيهلي آندا ويندا هئا ۽ انهن جي وچ مان هلڻو پوندو هو. مئدرڊ جي سڙڪن تي رات جو گوڙ ۽ جون جو ميلو، جيڪو سڄي رات هلندو رهندو هو ۽ ڪهڙي ريت مان آچر جو رئفيل يا رابرٽو سان گڏ ٽئڪسيءَ ۾گهر پيدل موٽندو هئس يا ڪڏهن رابرٽو ڪيڏو نهنو، ڪيڏو مانيٽو ۽ ڪيڏو سنو دوست هو. ۽ اهو گهر، جتي رئفيل ريپبلڪن هئڻ ڪان اڳ رهندو هو، جنهن ۾ انهيءَ ڏاند جو ڪپيل ڪنڌ هو، جنهن جو شڪار چِيتانِلو ڪيو هو ۽ ڪاڏو تمام لاجواب تيار ٿيندو هو.

انهيءَ ۾، انهيءَ دونهين، مچين ۽ ساون پنن جي وچ ۾ گونجندڙ تراڪا جو آواز ۽ اس ۾ ڌوتل سڙڪن، گدرن، بينئر ۽

بارڪو دي اِيولا جي گهرن تي وينل يا آسمان ۾ ڦيرا ڏيندڙ ٻگهن جو ذڪر هجي ها. رات جو ڊرم يا پائيپ سان گڏوگڏ نچڻ جو ذڪر هجي ها. ساون پنن جي وچان ايندڙ روشنيءَ جو ۽ پنن جي فريم ۾ لڳل گٺري بالڊي جي تصوير جو، لاگارئيتو جي لڳل مرڪ جو ذڪر هجي ها، جيڪا ڪڏهن اصلي مرڪ هئي ۽ پاردو روڊ تي مانجا نيرز ۾ وئشيائن سان انهن مئٽاڊورن جو، پوءِ گاهه تي ڪينهون سان ڪيڏڻ جون ساروٽيون ۽ اونداهيءَ ۾ گهر موٽڻ، جڏهن موٽرون رستي تي تيزيءَ سان هليون ويندڙيون هيون. سڙڪ تي بجليءَ جا بلب، رات جي هلڪي ٿڌ ۾ ماڪ سان ڍڪيل ڏوڙ؛ يوم ٻلا جي سائيڊر؛ سينٽياگو دي ڪنپوسٽيلا ڪان پونتيويدرا تائين سڙڪ؛ جيڪا چيڙ جي وڻن جي وچان وڪڙ ڪائي هلي ويندي هئي ۽ پوءِ اهو سال جڏهن سيني خوب شراب پيتو هو؛ پر ڪنهن تي خراب اثر نہ ٿيو هو. سچ اهڙو بہ هڪ سال هو؛ پر تفصيل لاءِ هتي جاءِ ناهي.

سڀ ڪجهہ وري جيئرو ٿي پوندو هو: تانبري نديءَ جي پُل تي شام جو مڇين لاءِ جيت اڇلائڻ؛ پراڻي ايگولار ۾ فيلڪس ميرينو جو گنڀير سانورو چهرو؛ ٻهادر پئڊرو ڙنٽيج، جيڪو وڙهڻ لاءِ گهر کان پري ڪپڙا بدلائيندو هو، جڏهن ڪان هن پنهنجي ماءُ کي چيو هو تہ هاڻي هُو ڪڏهن نہ وڙهندو، ڇو تہ سندس ياءُ مربيانو وڙهندي وڙهندي تيتوان ۾ مارجي ويو هو، نندڙي سهي جي شڪل جهڙو لنتري، جيڪو ڏاند وانگي اکيون ڇينيپي ڏسندو هو ۽ ڦڏن پيرن جي باوجود تمام ٻهادر هو. هاڻي ٿيئي مري چڪا آهن ۽ سڙڪ جي ڪناري انهيءَ بيئر جي دڪان کي ڪو ياد نٿو ڪري، جتي لنتري اڪثر پنهنجي پيءُ سان گڏ ويهندو هو ۽ جتي هاڻي اِسٽرن موٽرن جو شو روم آهي. نہ ئي ڪنهن کي ياد آهي پيٽرو ڪارينو، جنهن جي لاش کي سڙڪن تان، ٽارچ جي روشنيءَ ديول وٺي ويا هئا ۽ اتي ڪيس آلتر تي اگهاڙو رکي ڇڏيو ويو هو.

هن ڪتاب ۾ فرئنسسڪو گيوميز آلديانو جو ڪو ذڪر نہ آهي، جيڪو اوهايو ۾ اسپات جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو، پر مئنادور بنجڻ جي ارادي ڪان گهر موٽي آيو ۽ هاڻي هن جي ڇهري تي گهرا داغ پئجي ويا هئا. اڪيون ائين نڪري آيون هيس جو انهن مان هميشہ لڙڪ وهي نڪ تي ايندا هئا. گاوِرا جي باري ۾ بہ ڪجهہ ناهي، جيڪو وڙهڻ وقت ڏاند سان گڏ ئي مري ويو هو. زارگوزا جو ڪو ذڪر ناهي، جيڪو رات جو پُل تي ويهي اِبرو نديءَ ڏانهن ڏسندو رهندو هو، نہ پئراشوٽ مان ٽپو ڏيندڙ جو ۽ نہ ئي رئفيل جي سگارن جو. ناچ دي سڪري، جيڪو ڪهڙي ريت باراسِيلونا ۾ مارجي ويو هو، نيوارا جي باري ۾، ليون جهڙي گندي شهر جي باري ۾ ۽ ٻيئيلنسيا جي اُجري سڙڪ تي هوٽل ۾ زخميل پير ڪٽي سُتي رهڻ جو ڪو بيان ناهي. جڏهن ايڏي گرمي هئي جو اُتي وڃڻ ڪانسواءِ ڪو اندازو ئي نٿو ڪري سگهي تہ گرمي ڪهڙي شيءِ آهي؟ نہ ريڪَوينا ۽ مِئدرڊ جي ڊوڙ سان ٻريل وچ رستن جو ڪو ذڪر، نہ انهيءَ پوائنٽي گرميءَ جو، جڏهن موٽر جي ريڊيئٽر ۾ پاڻي ٽهڪڻ لڳندو هو.

جيڪڏهن اهو سمورو ڪتاب هجي ها تہ ڪئفي ڪتز ۾ منهنجي ۽ الفريڊو ڊيوڊ جي لڙائيءَ جو حال ٻڌايان ها ۽ جوتا صاف ڪندڙ انهن ڇوڪرن جو. اهي ڪيترا نہ گهٽا هئا. ڪيتريون خوبصورت ڇوڪريون ۽ وئشيائون هيون ۽ اسان ئي تڏهن ڪهڙا هوندا هئاسين؟ پنپلونا هاڻي بدلجي ويو آهي، ماتريءَ ۾ هاڻي نوان گهر ٺهي ويا آهن ۽ جبل نٿا ڏسجن. رگو هڪ سڙڪ ناهڻ لاءِ سڀ ڪجهہ ميساريو ويو آهي، انهيءَ هنڌ تي، جتي اُنهن ڏينهن چِڪُوئِلو جو چاچو نشي ۾ جهومندو هيٺ ناچ ڏسندو رهندو هو ۽ چِڪوئِلو ڪمري ۾ اڪيلو رهندو هو. مون هن جي باري ۾ هڪ ڪهاڻي لکي هئي 'A Lack of Passion'، پر سُني نہ ٻيني، جيتوڻيڪ انهيءَ جا ڪجهہ حصا خراب نہ هئا.

جيڪڏهن مان اسپين تي ڪتاب لکان ها تہ انهيءَ اٺ فوٽ ڇهہ انچ واري ڊگهي سنهڙي ڇوڪر جو ذڪر ضرور ڪريان ها. هو

اشتهار ناھڻ جو ڪم ڪندو ھو. انھيءَ رات کي ياد ڪريان ھا، جڏھن وئشيائن انھيءَ تنيي کي جڙيبوھو. ھو چڱو خاصو ڏکو ھو، پر پير رڳو ڇھ انچ ھئس ۽ ھن چيو ھو، ”مان ٻہ ماڻھو آھيان، ٻين وانگي“، جنھن تي وئشيائن چيو ھو، ”نہ، تون نہ آھين ۽ اھا ئي تہ ڳالھ آھي.“ اسپين ۾ ايترا ڏکيا ۽ اپاھج ميلن جي پويان پويان ھلندا آھن جو يقين ئي نہ اچي.

اُتي صبح جو نيرن کان پوءِ اسان اوئيز ۾ اِراتي نديءَ ۾ ترڻ ويندا ھئاسين، پاڻي روشني وانگي صاف ھوندو ھو ۽ ھيٺ ويندي ويندي ھڪدم ٿڌو ٿي ويندو ھو. ڪناري تي تيز اُس ھوندي ٻہ ڇانو ھوندي ھئي. نديءَ جي ھُن پار ھوا ۾ جھومندڙ پڪل ڪڻڪ جا سلا جبل جي دامن ۾ ڦھليل ھوندا ھئا. ماٿريءَ جي چيڙي تي، جتي ٻن پٿرن جي وچ مان ندي نڪرندي ھئي، ھڪ پراڻو قلعو ھو ۽ اسان اتي گاھ تي ٻي لباس ليٽيا رھيا ھئاسين، پھرين اُس ۾، پوءِ ڇانوَ ۾. اوئيز ۾ شراب سنو نہ ملندو ھو تہ اسان پنھنجو شراب ڪٽي آيا ھئاسين ۽ چو تہ ڪاڏو ٻہ نيڪ نہ ھو تہ ٻئي پيري اسان ڪَونتَانا کان پاڻ سان ڪاڏو ڪٽي ويا ھئاسين. اسپين ۾ ڪَونتَانا منھنجو ڪيڏو سنو دوست ھو ۽ سندس ڪيڏي سني ھوٽل ھئي، جنھن دا ڪمرا ھميشہ پريل رھندا ھئا.

۽ ڪئوِلري (گھوڙيسوار فوج) جو ذڪر ٻہ ڪري ئي ڇڏيان ھا. جيڪا نندي ندي پار ڪري رھي ھئي. پنن جي ڇانوَ، جيڪا گھوڙن تي پئجي رھي ھئي ۽ ڪھڙي طرح اُھي مشين گن اسڪول مان قواعد ڪندا نڪتا ھئا_ اھو اسڪول، جيڪو نہ ڄاڻان ڪيترو پري ۽ ننديو نظر تي آيو. پوءِ ڪونتانلا جي درين جو ذڪر ڪريان ھا، جن مان جبل ڏسڻ ۾ تي آيا. ۽ لڪان ھا آچر جي صبح جو اُتي خالي رستا ڏسڻ جي باري ۾، جڏھن پري زودار آواز ۽ بندوق جا نڪاءُ ٻڌڻ ۾ ايندا رھندا ھئا. ائين اڪثر ٿيندو ھو.

۽ اھو اِراتي جھنگل ٻہ ياد اٿم، جتي وڻ ڪنھن ٻار جي ڪتاب جي تصويرن جھڙا لڳندا ھئا _ اھي ھاٿي ڪپجي ويا آھن ندي ۾ ھاٿي وڻن جا ٿڙ وجھي ڇڏيا اٿن. مڇيون ماري ڇڏيون اٿن

يا گئلشيا ۾ انهن کي زهر ڪارايو ويو هو. هاڻي نيٺ اهو گهر وانگي ٿي ئي ويو آهي، فرق رڳو ايترو آهي جو ميدانن ۾ پيلي وٽڪار آهي ۽ مِنهن هوريان هوريان وسندو آهي. بادل جبلن کي پار ڪري سمنڊ کان ايندا آهن، پر جڏهن هوا ڏکڻ کان گهلندي آهي ته نيوارا ڪٽڪ جي رنگ سان پرجي اُٿندو آهي، فرق رڳو ايترو رهجي وڃي ٿو ته اهو ماتريءَ ۾ نه، پر جبل جي هيٺاهينءَ ۾ اپرندو آهي، سڙڪن ۽ ماترين کان وسندين جا ڪنارا ڪائيندو آهي، جتي ڪاڻ جي بوءِ سدائين وسيل هوندي آهي ۽ گهوڙا بيٺا هوندا آهن.

جيڪڏهن مان لکي سگهان ها ته اُس ۾ رکيل ميٺ بتين جي پيلي لاٽ ۽ تيل ۾ ٻڏل تلوارن تي ڪرٽن جي چمڪ جي باري ۾ يا پوءِ اهو ته ڪهڙي ريت ديوا ۾ دشمن جي ڪوٽيل ڪاهين ۾ ڪرندڙن کي اسان اوڪ جي جهنگلن ۾ ڳوليندا هئاسين. (ڪهڙو حال ٿيو هتي ڪئفي رتوندي ۾ رهندڙن جو، جيڪي ٿڏ ۾ ڪمري ۾ تيستائين قيد هئا جيستائين برگوس جو ڪئپٽن جنرل عدالت جو فيصلو نه بدلائي ڇڏي، ۽ اسان انهيءَ شهر ۾ هئاسين، جتي لايولا کي اهو گهاءُ لڳو هو، جنهن کان پوءِ هن سوچڻ شروع ڪيو هو، انهيءَ سال جڏهن سڀ کان بهادر شخص، گدڙ جي ڊپ کان هيٺ ٽپو ڏئي مري ويو هو، ڇو ته هن دشمن جي هٿ چڙهڻ نٿي چاهيو. (سندس ماءُ چاهيو ٿي ته هو خودڪشي نه ڪرڻ جو قسم ڪائي ڇو ته ڪيس پٽ جي زندگيءَ جو ڏاڍو فڪر هو، پر هو ڏاڍي صفائي سان ٻڏل هٿن سان ٽپو ڏيئي ويو)، جيڪڏهن مان جيئرو ڪري سگهان ها اُهو پادري، ڪانديدو تيباس ۽ تورون، ۽ ڪٽڪ جي ٻنين تي ڇانيل بادلن جا اهي پاڇولا، اهي ننڍا ننڍا گهوڙا، اها زيتون جي تيل جي مهڪ، اهو چمڙو، جوتا، ٿوم ۽ مٽيءَ جا برتن، اهو شراب ۽ ڪاٺ جا نهيل وڏا وڏا ڪاٽا، اها صبح جي وٽندڙ خوشبو، اهي جبلن جون ٿڌيون راتيون، اونهاري جا ڏگها گرم ڏينهن ۽ وڻن جي ڇانوَ، جيڪڏهن مان اهو سڀ لکي سگهان ها ته نيوارا جي باري ۾ توري گهڻي خبر پئجي وڃي ها.

آستورگا، لوگو، اورنس، سوريا، تاراگونا ۽ ڪالاتايُد ۾ ان ۾ رهندا هئا ۽ اهي اوچن جبلن تي چيسٽ نٽ جا جهنگل، سائو گاهه ۽ نديون، لال مٽي، سڪل ندين جي ڪناري هلڪي چانوَ، سفيد مٽيءَ جا ڍِبَ، سامونڊي جبلن تي وسيل پراڻي شهر ۾ ڪجيءَ جا وڻ، جن جي هيٺان اسان هلندا هئاسين. شام جي ٿڌي هوا، رات جا مڇر، پر صبح جو صاف پاڻي ۽ سفيد ريتي، پوءِ سانجهيءَ جو ميرؤ وڻ ويهڻ ۽ پري تائين انگور جي وڻن جو نظارو، ريل روڊ، پٿرائين ڪناري وارو سمنڊ ۽ جهنگلي گاهه، اتي هڪ اونداهي ڪمري ۾ مٽيءَ جا ڪافي وڏا برتن هئا، طرح طرح جا شراب رکڻ لاءِ ۽ گهر جي مٿان هڪ منارو هو، جتي شام جو هليا وڃو ته انگور جا باغ، ڳوٺ ۽ جبل ڏسبا هئا ۽ چوڌاري خاموشي هوندي هئي.

گهر جي اڳيان هڪ عورت بيٺي هئي، جنهن هڪ بدڪ جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيو هو ۽ هاڻي هوءَ مٽانئس هلڪا هلڪا هٿ گهمائي رهي هئي. هڪ ننڍڙي ڇوڪري پرسان بيٺي هئي، جيڪا بدڪ جو رت پيالي ۾ گڏ ڪري رهي هئي، شوروو ناهڻ لاءِ بدڪ خاموش هئي (سمورو رت پيالي ۾ هو) ۽ پيرا ڦٿڪڻ ڪان پوءِ مري ويئي هئي. اسان بعد ۾ اها پُچي ۽ ٻئي ڪاڏي سان گڏ کائي ڇڏي هئي ۽ نه ڄاڻان ڪيترا پراڻا شراب پيتا هئا، ايترا پراڻا جو مان انهن سالن جو حساب پلجي ويو آهيان. اسان فرانسيسي ڳالهائيندا رهيا هئاسين، جڏهن ته اسان سپيني اسپيني ٻهتر ڄاتي ٿي.

پوءِ اسپين جي مانترويچ جون ساروٽيون آهن. جڏهن جبلن تان لهندؤ ته شهر ماٿريءَ ۾ ڏسبو هو، پوءِ مٿي تائين سموريون لڏيل گرائو ويندڙ گاڏيون هيون ۽ اهو فنڪار ڇڪوتو، جنهن جي صورت ڇوڪرين جهڙي هئي ۽ وئلينسيا يا جنهن جي اک کي ڊاڪٽرن غلط سبي ڇڏيو هو ۽ هو سمورو شان پلجي ويو هو. اهو ڇوڪر به هو، جيڪو ڏاند سان لڙائي ۾ ٻئي پيرا ڪيس ماري نه سگهيو. جيڪڏهن ڪو راتِ تائين جاڳندو رهي هاته ڪافي عجيب منظر نظر ايندا هئا.

پوءِ مئدرڊ ۾ اهو مئٽاڊور هو، جنهن جي پيٽ ۾ ٻه ڀيرا روداليتو چاقو هڻي ڪڍيو هو. اگوبَرو هو، پنهنجي ڪٽنب سان ڪاڏو ڪائيندي. جڏهن سڀ الڳ عمرين جا ماڻهو هڪجهڙا لڳندا هئا. ڪا گانچو به هو، جيڪو منهنجي ڪمري ۾ آڱرين سان ڪائيندو هو، چو ته هو ڪانٽا استعمال ڪرڻ ڪڏهن نه سکي سگهيو ۽ جڏهن هو امير ٿي ويو ته سيٖن جي سامهون ڪائي نه سگهيو. آرتيز هو، مِس ايسپانا جو مگيندو، مِس ايسپانا، جيڪا سيٖن ڪان بدصورت هئي، پر سهڻي لڳندي هئي. ۽ سيٖن ڪان لڪڻ جهڙو ڪير هو؟ ها، لاءِ گراستانورت ۽ درپرڊِسيوز ۽ سڌني جي ڪمرن ۾ لڙائي جي وقت اُهي ماڻهو جيڪي ڪم لاءِ ايندا هئا، پين يا پرائي قميض ۽ سوٽ لاءِ سڀ بُل فائيٽر (Bull fighter) هئا. سڀ ڪٽي نه ڪٽي ماني جي مهل چاتل سڃاتل چهرا هوندا هئا. نهنا، پر تقدير جا ماريل. پنهنجي وسڪي به ياد اٿم، جيڪا مٽيءَ جي برتنن ۾ رکيل هوندي هئي. هن چيو هو: ”مرسيڊيز، گلاس ڪٽي اچ“ ۽ ٻڌايو هئائين ته سڄي رات ڪيس بخار هو ۽ ڪلاڪ ڪن اڳ هو ٻاهر ويو هو. مرسيڊيز اندر آيو هو. مون پڇيو هو، ”طبيعت ڪيئن آهي؟“ ”تمام بهتر.“ هوءَ چوندي هئي، ”توکي بخار هو“، ”پر هاڻي مان تمام بهتر آهيان“. ”ڪيئن ڊاڪٽر، ماني هتي ئي ڪٽي ڪائو. هوءَ ڪجهه ناهي وٺندي مرسيڊيز!“

پوءِ شهر ۾ انهيءَ ڪيفي ۾ وڃي سگهندا هئاسين، جتي هر قسم جي خبر حاصل ڪري سگهبي هئي. جيئن ڪنهن جا پيسا ڪنهن ڏانهن باقي آهن. ڪنهن، ڪنهن سان شادي ڪئي، ڪنهن ڪان پوءِ، فلاڻي ڪم ۾ ڪيتري دير لڳي ۽ ڊاڪٽر ڇا چيو؟ ڪير ايڏو خوش ٿيو، جڏهن ڏاند لڙائي لاءِ اچي نه سگهيا، چو ته وٽس هٿيار نه هئا ۽ ڪيس ڊپ وچان ڏڪڻي وٺي ويئي. پوءِ مينهن پئجي ويو هو ۽ لڙائي ٽري ويئي. ڪنهن، ڪنهن سان وڙهڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي ۽ هوءَ چو ۽ ڇا ڪري ٿي؟ بلڪل ڪري ٿي، عقلمند، توکي اها به خبر ناهي ته ڪري ٿي. بلڪل سائين، هوءَ ڪين جيئرو ڳرڪائي ويندي آهي ۽ اهي قيمتي سماچار ڪيفي ۾

ئي ملندا آهن. ڪيفي ۾، جتي ڇوڪرا هميشه بهادر ۽ هر ڳالهه ۾ صحيح رهندا آهن، ۽ ڪيفي جتي پليٽن جو ڍير لڳل هوندو آهي ۽ شراب جا اڳهه پينسل سان سنگ مرمر جي ميزن تي لکيل هوندا آهن ۽ هر شخص انين وڳي تائين سياڳو تي ويندو آهي، جيڪڏهن ڪو پيسا چڪائڻ وارو ملي وڃي.

ڪتاب ۾ بيو ڇا لکان ها انهيءَ وطن جي باري ۾، جنهن سان مون کي ايڏي محبت آهي؟ رئفيل چوي ٿو، سڀڪجهه بدلجي ويو آهي ۽ هاڻي هو پٽپلونا نه ويندو. پٽپلونا بدلجي ته ضرور ويو آهي، پر اوترو نه، جيترو اسان کي پوڙاهپ ورائي ويئي آهي. مون ڏٺو آهي ته جيڪڏهن اتي شراب پيئبو ته اهو هند اڳي جهڙوئي لڳڻ لڳندو آهي. مون کي خبر آهي ته سڀ ڪجهه بدلجي رهيو آهي، پر مون کي انهيءَ جي پرواهه ناهي. مون لاءِ سڀ بدلجي ويو آهي. بدلجڻ ڏيو، هن جي گهڻو وڌيڪ بدلجڻ کان اڳ ئي اسان مري چڪا هونداسين ۽ تڏهن به جواب ۾ گرميءَ جي موسم ۾ برسات وسندي، سينٽياگو ۽ لاگرانزا جي ڪئٿيڊرل ۾ سرڻ پنهنجو آکيرو ٺاهيندي، انهيءَ ڇانو ۾ جتي اسان ڪيڏندا هئاسين ۽ اسان کي ڪو فرق نه پوندو ته ڦوهارا هلن ٿا يا نه. اسان ٽوليڊو کان رات جو ڪڏهن واپس نه ايندا سين. اهي مئڊرڊ جون راتيون وري ڪڏهن واپس نه ايندي ون. اسان انهن کي ختم ٿيندي ڏٺو آهي ۽ وري ڏسنداسين.

سڀ کان وڏي ڳالهه ته اهائي آهي ته اسان جيئرا رهون، ۽ پنهنجو ڪم ڪريون، ڪرايون. ڏسون، ٻڌون، سکون، سمجهون ۽ تيستائين جيڪي ڪجهه اوهان ڄاڻندا هجو، اهو لکون، انهيءَ کان اڳ نه ۽ نه ئي انهيءَ کان پوءِ. جيڪي ماڻهو دنيا کي بچائڻ چاهين ٿا، بچائين. اسان کي ته رڳو ان کي صاف صاف ۽ پورو ڏسڻو آهي. پوءِ جيڪڏهن اسان ان جو ڪوبه حصو ٺاهينداسين ته اهو پوري حصي وانگر هوندو، جيڪڏهن اهو سچي دل سان ٺهيو آهي. ڪرڻو ته بس اهوئي آهي ته ڪم سکون ۽ دنيا کي بنايون. نه، اهو ڪتاب جُڙي نه سگهيو آهي، پوءِ به، چوڻ لاءِ ڪجهه ڳالهيون هيون. ڪجهه نه ڪجهه وهنواري ڳالهيون ضرور هيون.•••

# موت ـ سارتر جي نظر ۾

## جان پال سارتر



موت جو اصلي سوَ روپ چا آهي؟ چا جيئرو رهڻ تائين ئي موت جي نہ هئڻ جو ثبوت آهي؟ اهي ڪجھ سوال هڪ جيئري انسان لاءِ تمام اهم سوال آهن. ژان پال سارتر پنهنجي زندگيءَ جي تجربن جو تت پنهنجي آتم ڪٿا 'The Words' ۾ ڏنو آهي، جن ۾ هو انهن ئي سوالن جي حل ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هن منجهن موت پسڻ ۾ ان کي محسوس ڪرڻ جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي. هتي سندس آتم ڪٿا مان ڪجھ ٽڪرا پيش ڪن ٿا.

مانِ موت کان نٽي ڊنس، ڇو جو جيئڻ جي خواهش نہ هئم، انهيءَ ڪري موت ايترو هراس ۾ وڌو. مون شهرت جو ئي ٻيو روپ سمجهي موت کي پنهنجو مقصد بنايو. مون مرڻ چاهيو ٿي. خوف ڪڏهن ڪڏهن منهنجي بي چئنيءَ کي ٽڏو ڪيو ٿي، پر گهٽي وقت لاءِ نہ. منهنجي پاڪ خوشي وري جاڳي اٿندي هئي، مان انهيءَ پل جي چمڪ جو اوسيئڙو ڪندو هوس، تہ ڪڏهن ٿي مون کي ٻاهہ وڪوڙي ۾ رک ٿو ٿيان. اسان جا گنڀير ارادا، اسان جون رتائون ۾ بهانا آهن، جن جو پاڙ ۾ اڻٽٽ سُبنڌ آهي. مان سمجهي سگهان ٿو تہ نڳي ڪرڻ ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي باوجود پنهنجي هستيءَ کي بخشائڻ خاطر، لکڻ جي چرئي ڏنڌي کي ڪا حقيقت هئي، جنهن جو ثبوت اهو آهي تہ پنجاهہ ورهين کان پوءِ بہ لکي رهيو آهيان پر جيڪڏهن مان پنهنجي بنيادن ڏانهن موٽان ٿو، تہ

اتي پنهنجو پاڻ کي اڳتي وڌندو، پرواز ڪندو محسوس ٿو ڪريان، هڪ سادي سودي آتم هتيا ڪندي. ها، مهاڪاويہ (epic) کان وڌيڪ، آتم بليدان کان وڌيڪ، موت جي تلاش ٿي ڪيم. هڪ ڊگهي عرصي تائين، مان پنهنجي رچنائن کي آخري شڪل ڏيڻ کان ڊڄندو رهيس، ڇو تہ انهن جي شروعات ڪتان کان بہ نہ، ۽ ڪيئن بہ ٿيل هئي ۽ مان سوچيندو هوس تہ انهن جو منجهيل انت، انهن جي منجهيل شروعات جو عڪس هو. منهنجي پيشي (لکڻين) هرشيءِ بدلائي ڇڏي، منجهانئن خنجر جي نوڪ جي تکاڻ نڪري ويئي، باقي رڳو لکٽي رهجي ويئي. مون ڏٺو تہ لطيف ادب ۾ ليکڪ کي پنهنجي ئي ڏنل رچنا ۾ بدلائي سگهجي ٿو يعني هو نالي ماتر شيءِ رهجي وڃي ٿو. اتفاق آهي جو ماڻهو بڻجي ويس، اُدارتا مون کي ڪتاب ۾ بدلائي ڇڏيندي. مان پنهنجا پيغام، پنهنجا ويچار ٿامي جي اکرن سان اُڪيري سگهيس ٿي. مان پنهنجي زندگيءِ جي هُل بکيڙي کي امِٽ پٽرن تي لاهي سگهيس ٿي، پنهنجي گوشت کي هڪ اسٽائيل (لفظن) جي شڪل ڏيئي سگهيس ٿي، وقت جي ڪمزور پيچيدگي جو انت آڻي سگهيس ٿي.

اها بازيگري ڪامياب ٿي ويئي. مون موت کي شهرت جي ڪفن ۾ دفن ڪري ڇڏيو. مان هاڻي شهرت جي باري ۾ ئي سوچڻ لڳس، موت جي باري ۾ نہ. مون اهو سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي، تہ ٻئي هڪ ئي شيءِ جو نالو آهن. هن وقت جڏهن مان اهي سٽون لکي رهيو آهيان، تہ مون کي خبر آهي، تہ منهنجا ڏينهن پورا ٿي ويا آهن، بس ٿورن گهڻن سالن جي ڳالهہ آهي. مان ڇٽيءَ طرح تصور ڪريان ٿو- اهو تصور ڪري مان خوش ناهيان- پنهنجو اينڊڙ ٻڍاپو، ٻڍاپي جي پستي، انهن جي پستي جن کي مان چاهيان ٿو. مان پنهنجو موت ڪڏهن نٿو چاهيان. ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجي پيارن دوستن کي سڏيندو آهيان، جن مان ڪي مون کان 15، 20، 30 ورهيہ ڄمار ۾ ننڍا آهن. ڪانئن وڌيڪ جيئرو رهڻ تي ڪيڏو نہ دک ٿيندم. اهي مون تي کلندا آهن ۽ مان انهن تي. پر انهيءَ جي ڪا معنيٰ ناهي ۽ نہ ٿيندي. جڏهن مان نَون ورهين جو هئس تہ منهنجو هڪ آپريشن

ٿيو هو، جنهن جي دوران ڪنهن خاص قسم جي احساس جي قوت هلي ويئي هئي. چون ٿا ته اهي احساس انهيءَ عمر ۾ مڙيئي سرس هوندا آهن. ڏهن ورهين ڪان پوءِ ڏنم ته ايڪولي نارميلي ۾ منهنجي ڪن چڱن دوستن تي اوچتو انهيءَ احساس جو دورو پوندو هو. اهي شروع ۾ ڊپ يا ڪاوڙ جي ڪيفيت ۾ سجاڳ ٿي پوندا هئا. مان ڪاٺ ٻٽيو ڪونگهرا هٽندو رهيس. منجهانئن هڪ دوست سخت بيماريءَ ڪان پوءِ اسان ڪي پڪ ڏيارينديٰ چيو ته مون موت جو سور پوڳيو آهي. مون اهو به ڄاتو آهي، ته ماڻهو آخري ساهه ڪيئن ٿو ڪٽي، ٻِزان تي اهڙي قسم جا دور سين ڪان وڌيڪ پوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو شعوري حالت ۾ مٿلن وانگر نهارڻ لڳندو هو. هو اٿي بيهي رهندو هو، سندس اکيون سُڄي ونديون هيون، هو پنهنجي هٿڻ ڪٽندو ۽ غائب ٿي ويندو هو. ٻئي ڏينهن اسان هن کي ڏارين جي وچ ۾ شراب جي نشي ۾ چُور ڏسندا هئاسين. اهي سڀ هڪٻئي ڪان، حقيقتن جي اونهاين ۾ پوڙ ڪان سواءِ، چڱيءَ طرح واقف هئا. مان ڪين ٻڌندو هئس؛ مان ڪين گهٽو چاهيندو هوس ۽ خواهش هوندي هئي ته مان به انهن جهڙو ٿيان پر ناڪام رهيس. مان سڄي ڳالهه سمجهيس ٿي ته هر هنڌ ڏکوئيندڙ هڪجهڙائي آهي. هڪڙو جيئرو آهي، هڪڙو مري ٿو، ڪنهن کي خبر ناهي ته ڪير جيئي پيو، ڪير مري پيو؛ موت ڪان هڪ ڪلاڪ اڳ به ماڻهو جيئرو هوندو آهي. مون کي انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته منهنجن دوستن جون ڳالهيون بامعنيٰ هونديون هيون، جيتوڻيڪ مان انهن ڳالهين مان مطمئن نه ٿيندو هئس. مان ماٺ هوندو هوس، حسد ڪندو هوس ۽ انهن سين ڪان جدا ٿي ويندو هوس. نيٺ اهي مون سان مخاطب ٿيندا هئا ۽ غصي ۾ چوندا هئا: ’تون ڇا ٿو چئين؟ ڇا انهن ڳالهين جو تو تي ڪو اثر نٿو ٿئي؟‘ مان لاچاري ۽ بيوسيءَ وچان پنهنجا هٿ چنڊي ڇڏيندو٭هوس. هو غصي ۾ ڪلندا هئا ۽ ششدر ٿيندا هئا، ته هو پنهنجي ڳالهه مون کي ڇو نٿا سمجهائي سگهن. ’جڏهن تون هنڌ ۾ اکيون بند ڪري سمهندو آهين، ته ڇا توکي اهو خيال نه ايندو آهي، ته ڪي ماڻهو سُمهيل حالت ۾ مري ويندا آهن؟ ڇا توکي ڏندڻ

ڪندي وقت خيال آيو، تہ فقط اهوئي منهنجي زندگي جو آخري ڏينهن آهي؟ ڇا تو ڪڏهن سوچيو ناهي تہ وقت ٿورو آهي ۽ پنهنجو ڪم جلدي جلدي پورو ڪرڻو آهي؟ ڇا تون پاڻ کي غيرفاني سمجهين ٿو؟' مان ڪجهہ انڪاري ۽ ڪجهہ ڪجهہ ساڻس سهمت هوندي چوندو هئس- ڳالهہ صحيح آهي. مان سوچيان ٿو تہ مان غيرفاني آهيان، اها ڳالهہ ڪوڙي نتي ٿي سگهي. مون اوچتي موت کان بچڻ لاءِ ڏاڍو احتياط ڪيو آهي، نہ رڳو ايترو ڪيو اٿم، پر خدا مون کي وڏو ۽ ڏکيو ڪم سونپيو آهي، ڪيس مون کي هن ڪم پوري ڪرڻ ليءِ وقت ڏيڻو پوندو...'

هاڻي مان مڃان ٿو تہ اُهي صحيح هئا. انهن اسان جي ڪيفيت کي انهن جي تڪميل ۾ قبول ڪيو هو، جنهن ۾ سندن ڳٽيون بہ شامل هيون. مون کي آتت گهربو هو ۽ اهو بلڪل صحيح هو تہ بنيادي طور تي تہ مون پنهنجو پاڻ کي غيرفاني سمجهيو ٿي. مون پنهنجو پاڻ کي اڳيئي ماري ڇڏيو هو؛ ڇو تہ رڳو مري ويل ئي امرتا ماڻي ٿو. ٻِزان ۽ ميهوءُ کي خبر هئي تہ مٿن موت جو وحشياڻو حملو ٿيندو، ڪين دنيا مان جيئري ئي هڪ جهٽڪي ۾ ڇڪيو ويندو، جڏهن تہ مون پاڻ سان ڪوڙ ڳالهايو: جيئن موت وحشي صورت اختيار ڪري نہ ِسگهي. مون انهيءَ کي پنهنجو مقصد بڻايو ۽ پنهنجي زندگيءَ کي مرڻ جو هڪ ئي لڪل اصول بڻائي ڇڏيم. مان پنهنجي زندگيءَ جي پوياڙي ڏانهن وڌندو پيو وڃان ۽ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪتاب لکڻ کان سواءِ ٻي ڪا خواهش ئي نہ ڪئي آهي. مون کي پڪ آهي تہ منهنجي دل جي ڌڙڪن تڏهن بند ٿيندي، جڏهن مان پنهنجي ڪتاب جي آخري باب جو آخري صفحو لکي پورو ڪري وٺندس ۽ موت ان وقت هڪ مئل ِشخص کي ڪٽي ويندو هوندو. ويهن ورهين جي عمر ۾ ٻِزان موت جي دٻ کان جلدي جلدي عورتن ۽ موٽرن کي ڏٺو، زندگيءَ جي هر شيءِ کي ڏٺو: سڀ ڪجهہ ڏسڻو هوس. مون بہ انهن ڏانهن ڏٺو پر لالچ کان نہ، اتساهہ سان. مان ڌرتيءَ تي شين جو مزو ماڻڻ نہ، پر بئلنس شيٽ ناهڻ آيو آهيان. ●●●

# لفظن ۽ عڪسن جي دنيا ۾ منهنجا تجربا

ستيہ جيت ري*



ستيہ جيت ري هندستان جي بنگالي فلم انڊسٽري ۾ هڪ ليجينڊ بڻجي چڪو آهي. هو 2 مئي 1921ع تي ڄائو. هن پريزيڊنسي يونيورسٽي ڪلڪتي مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ٽن سالن تائين شانتي نڪيتن مان چترڪاري جي سکيا ورتي. تعليم کان واندو ٿي ڪجهہ وقت هڪ ئڊورٽائيزنگ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪيائين ۽ انهيءَ وچ ۾ ٻڀوتي چٽرجيءَ جي ناول 'پاٿير پانچالي' تي ساڳئي نالي سان تجرباتي فلم ٺاهيائين، جيڪا 1955ع ۾ رليز ٿي. انهيءَ فلم مٿس ڪاميابيءَ ۽ مشهوريءَ جا در کولي ڇڏيا. سندس 'مهانگر'، 'ڪنچن جنگا'،'اپراجتا'، 'اپور سنسار'، 'ديوي'، 'نائڪ'، 'چارولتا'، 'سنڪٽ آڪاش' (انگريزي ورشن: Distant Thunrder) بنگالي فلمون ۽ منشي پريم چند جي ڪهاڻين تي ٻڌل ٻہ هندي فلمون 'شطرنج ڪي کلاڙي' ۽ 'سدگتي' فن ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان جديد ڪلاسيڪي فلمون مڃيون ويون آهن ۽ بين الاقوامي فلمي ميلن ۾ انعام بہ حاصل ڪري چڪيون آهن. هيل تائين سندس 22 فيچر فلمون ۽ 4 ڊاڪيومينٽريز رليز ٿيل آهن.

بنگال ۾ فلمون سراسري ڏهن من نوَ ناولن تي ٺهيل هونديون آهن ۽ جيئن تہ فلمون ۽ ناول ٻئي لفظن ۽ عڪسن کي استعمال ڪن ٿا، انهيءَ ڪري اهو مڃڻ غير مناسب ناهي تہ اهڙا

---

* SATYA JEET RAY (1921-1992): Bengali (India) Film Producer, Short-story Writer & Artist. Winner of Several National and International Awards.

ناول فلمن جي پنهنجي زبان تيار ڪرڻ ۾ اهم مدد ثابت ٿيندا آهن. پر هتي هڪ اهم ۽ پوري ڪرڻ جوڳي اڌوري ڳالهه سامهون اچي ٿي: اسان جا گهڻا بنگالي ليکڪ لکڻ ۾ اکين ۽ ڪنن جي استعمال بجاءِ دماغ جو گهڻو استعمال ڪندا آهن؛ ٻين لفظن ۾، انهن ناولن ۾ ڪردارن سان ڳنڍيل پس منظر ۽ ماحول تي سنڌن زوردار پڪڙ نه هوندي آهي. سموري ماحول جي ذري پرزي جي ڄاڻ ۽ پڪڙ، جيڪا هڪ فلم نرماتا جي لاءِ وڏو وردان هوندي آهي، بنگالي ساهت جي ڪهاڻي عام طرح نٿي ملي. ڪن ٿورين رچنائن ۾ انهيءَ پاسي ڌيان ڏنو ويو آهي. مثال طور: بنڪم جي ناول 'وِش ورڪش' ۾ ناگيندرناٿ جي گهر ۽ ديوي چوڌراڻيءَ جي هائوس بوٽ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. هتي فلم ناهڻ مهل آرٽ ڊئريڪٽر جو ڪم سولو ٿيو پوي. موجوده ليکڪن ۾ هڪ ٻيو ليکڪ ڪمل مجمعدار اهڙو آهي، جنهن پنهنجي رچنائن ۾ انهن ڳالهين جو ڌيان رکيو آهي. ٻئي طرف بنگال جي هڪ اهم رچنا، رابندرناٿ ٺاڪور جي 'گهري باهري' ۾، جنهن تي مان ٻيو پيرو ڪم ڪري رهيو آهيان، انهيءَ ڳالهه جي ڏاڍي ڪمي محسوس ٿئي ٿي. مثال طور: سموري ڪتاب ۾ ڪليش جي گهر جو ڪٿي ذڪر ناهي. انهن ٻن ڪمرن جو جتي سموري ڪهاڻي وهي واپري ٿي، ٿن چئن ڳالهين کان سواءِ، ڪو خاص حوالو نه ڏنو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو ته هن ۾ ڪردارن کي اهميت ڏيڻ لاءِ ليکڪ انهيءَ ڳالهه کي نظرانداز ڪيو هجي. پر بنگالي ڪهاڻي- ساهت ۾ اڪثر ڏنو ويو آهي ته يا ته اها ڳالهه ليکڪ جي وس کان ٻاهر هوندي آهي يا اُهي انهيءَ ڳالهه کي هڪ بينل حالت کان ٻاهر ڏسڻ/ قابو ڪرڻ نٿا گهرن. انهيءَ ضرورت کي هڪ ناول جي اوڻائي نه ٻه مجحي پر اهڙي قسم جون رچنائو ظاهر آهي ته اهڙيون فلمون ڏين ٿيون، جن ۾ ڏيکاريو گهڻو ڪجهه وڃي ٿو، پر چيو تمام گهٽ. فلم هڪ اهڙو ميڊيا آهي، جنهن ۾ ڪردار ۽ ان سان ڳنڍيل پس منظر کي حقيقي ڪري ڏيکارڻو پوندو آهي اهو ڪم ڪئمرا ڪندي آهي. اوهان ڪردارن کي ڏسو ٿا؛ اوهان ڏسو ٿا ته اهي ڪٿي رهن- جيئن ٿا؛ اوهان انهيءَ پس منظر کي ڏسو

تا جنهن ۾ ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي؛ ٻين لفظن ۾ هڪ فلم جيڪي ڪجهہ چوي ٿي، اهو تمام ويجهڙائيءَ کان ڪردارن جي آس پاس انهن منظرن سان ڳنڍيل هوندو آهي. اسان جي فلمن ۾، جن تي ڪهاڻي تمام گهڻو حاوي رهندي آهي، گهڻو ڪري انهيءَ ڳالهہ کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. اسان جي فلمي نقادن کي رڳو انهيءَ ڳالهہ جو اونو هوندو آهي تہ فلمون ڇا ٿيون چون. بس انهيءَ تي زور ڏيندا آهن؛ اهي فلمون ڪيئن چون ٿيون، انهيءَ تي نہ. منهنجو مقصد اهو نہ آهي تہ ڪهاڻيءَ جي اهميت ناهي، پر اسان کي اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ وڏي سطح جي ڪهاڻيءَ تي تمام هيٺين سطح جون فلمون ٺاهيون ويون آهن. ڊائريڪٽر جن ڳالهين کي صحيح چوندو آهي، اُهي پنهنجو پاڻ ۾ ڪنهن ڪلاتمڪ رچنا جي گارنٽي ناهن. فلم ڇا ٿي چوي؟ اهو فلم ڊئريڪٽر جي شخصيت جو هڪ پاسو آهي پر اهو چوڻ جو ڍنگ هوندو آهي جنهن وسيلي سندس اندر جو ڪلاڪار اُڀري سامهون ايندو آهي. ڪي اهڙا نرماتا آهن، جن جي خاص ڪري انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪابہ دلچسپي نہ هوندي آهي تہ پاڻ فلم ۾ ڇا ٿا چون، بلڪ سندن دلچسپي انهيءَ ڳالهہ ۾ هوندي آهي تہ اسين ڪا ڳالهہ خوبصورتيءَ سان ڇئي سگهون ٿا. سنيما-ميڊيا وسيلي پنهنجيءَ ڳالهہ چوڻ ۾ سندن ڪاميابيءَ جو دارومدار سندن ٻولي جي تازگي، اُن جي نج هجڻ ۽ وسعت تي هوندو آهي

مان هتي پنهنجي هڪ فلم جي حصي جو ذڪر ڪرڻ گهرندس، جنهن ۾ ساهت ۽ ناٽڪ جي اثر کان پوريءَ طرح آزاد زبان استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ستن منٽن جي انهيءَ منظر ۾ رڳو هڪ جملو ڳالهايو ويو آهي، باقي سموري وقت ۾ منظر ۽ ڌُنون آهن جيڪي اکين ۽ ڪنن جي زبان آهن انهيءَ منظر ۾ جنهن ٻي خاص ڳالهہ سان واقفيت ڪرائي ويئي آهي، اها آهي فلم ۾ هر هر سامهون ايندڙ 'موتف' فلم ۾ انهن 'موتفن'

---

(1) Motif اصل ۾ فرينچ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي 'فن جو علامتي خاص مثال يا نمونو'

جو جدا جدا استعمال ڪهاڻيءَ جي مختلف منظرن کي ڳنڍڻ جو اهم ڪم ڪري ٿو.

اهو ستن منٽن جو منظر فلم 'چارولتا' جو پهريون منظر آهي. آهي ست منٽ، منظرن جي وسيلي ڪئين ضروري ڳالهيون اُيارين ٿا. مثال طور ڪهاڻيءَ جو هلندڙ وقت، سماجي نقطہ نظر کان متئين طبقي جو ماحول، جنهن ۾ ڪهاڻي هلي ٿي، فلم جي مُک ڪردار چاروءَ جو ۽ سنديس مڙس سان سنبنڌ جو هڪ اهم پهلو. ٻين لفظن ۾ ستن منٽن جو اهو سمورو منظر اسٽيج تيار ڪري ڏي ٿو، جنهن تي ناٽڪ کي اڳتي وڌڻو آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ روبندرناٿ جي ڪهاڻي 'نشٽ نيڙ' ۾، جنهن تي اها فلم ٺهيل آهي، اهڙي ڪنهن بہ منظر جو ذڪر ناهي پر فلم جي لاءِ اهڙن گهٽڪن ئي عنصرن جو تصور ڪيو ويو آهي. ڪنهن بہ ساهت- رچنا کي سنيما جي استعمال ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري ٿي پوندو آهي اجا بہ وڌيڪ مناسب هيءُ ٿيندو تہ جيڪڏهن اهڙي قسم جا تصوراتي عنصر ليکڪ جي موضوع مطابق هجن ۽ ان جي ڪردارن کي اُجاڳر ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هجن. فلم جي شروعات ۾ چاروُ رومال تي 'ٻ' حرف جو ڀرت ڀئي پري. اڳتي هلي اهو فلم جو هڪ مکيہ موتف(1) ثابت ٿئي ٿو. چاروُ ۽ سنديس مڙس ڀُوپت جي وچ ۾ هڪ گفتگو جو ڪارڻ بہ اهوئي موتف ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڀوپت کي احساس ٿئي ٿو تہ چاروُ اڪيلي آهي. فلم جي پڇاڙيءَ ۾ بہ جڏهن ڀوپت کي چاروُ جي پريمي اَمل جي باري ۾ سُڌ پوي ٿي تہ هو دکي من سان رئندو پنهنجا لڙڪ انهيءَ رومال سان اُگهي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ رومال تي اهو ئي موتف.ڪيس پنهنجي زال ڏانهن موٽڻ کان لاچار ڪري ٿو.

چاروءَ جيئن پنهنجي ڀرت ڀرڻ جو ڪم پورو ڪري ٿي تہ وراندي جي ڀت ۾ لڳل ڏاڏس جي گهڙيال ۾ شام جا چار ٿيڻ جا ٺڪاءَ ٿين ٿا. انهيءَ گهڙيال مان ٺڪاءُ جا آواز فلم ۾ ڪئين ڀيرا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. انهيءَ کي اسان فلم ۾ ٻيو موتف چئي سگهون

تا، گهڙيال ۾ چار وڄڻ سان گڏ ئي چاروُ پنهنجي پرت جو ڪم ڇڏي ٻاهر وراندي ۾ اچي نوڪر کي سڏي ٿي ۽ ڪيس مالڪ (پوپت) کي چانهه ڏيئي اچڻ جو چوي ٿي. ان موتف مان خبر پوي ٿي تہ پوپت جي آفيس گهر ۾ ئي آهي.

چاروُ پنهنجو اهو فرض پورو ڪري واپس پنهنجي ڪمري ۾ موٽي اچي ٿي. ٿوري دير تائين هوءَ غير يقينيءَ جي ڪيفيت ۾ رهي ٿي تہ ڇا ڪريان- سندس بيزاري ۽ بوريت جو اهو هڪ ضروري پهلُو آهي. وقت تہ گهٽو آهي، پر سمجهہ ۾ نٿو اچيس تہ ان جو ڪهڙو استعمال ڪيو وڃي. چاروُ کن لاءِ پنهنجي پرت کي اکين ئي اکين ۾ ساراهي ٿي. پوءِ بستري تان ڪتاب کڻي اُن جا ڪي پنا اُٿلائي پٿلائي ٿي ۽ وري واپس هيٺ رکي ٿي ڇڏي.

هوءَ وري پنهنجي ڪمري مان ٻاهر اچي ٿي ۽ هڪ ڀيرو وري وراندي مان ٿيندي ٻاهرئين ڪمري ڏانهن وڃي ٿي. چاروُ جو اهڙي طرح ٻاهر- اندر اچڻ وڃڻ سندس بي چئنيءَ تہ ڏيکاري ئي ٿو پر گڏوگڏ انهيءَ منظر جي سهاري پوپت جي گهر جي بہ پوريءَ طرح خبر پوي ٿي، جيڪو ڪهاڻيءَ جو مرڪز آهي. 'چاروُلتا' جهڙي ڪهاڻيءَ ۾ سمورو ماحول پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ڪردار وانگر هوندو آهي ۽ ڪنهن بہ هڪ جيئري جاڳندي ڪردار وانگي ان ماحول جي ذڪر کي پيش ڪرڻ بہ ضروري ٿيو پوي.

چارُو هاڻي ڊرائنگ روم ۾ اچي ٿي ۽ ڪتابن جي الماريءَ مان بنڪم چندر چٽرجي جو هڪ ناول ڪڍي ٿي اهو فلم جو ٽيون موتف آهي. چارُو ۽ سندس پريمي اَمل جي وچ ۾ بنڪم هڪ ڪڙي آهي. چاروُ انهيءَ وچ ۾ مداريءَ جي ڊهلڙيءَ جي آواز جي فلئش بئڪ کان لنگهي چڪي آهي. هوءَ ناول جا پنا اٿلائيندي پاڙي مان ڊهلڙيءَ جي ايندڙ آواز کي ٻڌڻ لاءِ پنهنجي مڙس جي اسٽڊي- رُوم ۾ وڃي ٿي، جتي دري کولي، جهاتي پائي ٿي ۽ پر واري گهر ۾ مداريءَ کي ڏسي ٿي.

انهيءَ سان چاروءَ جي ذهن ۾ هڪ خيال ابري ٿو. هوءَ تيزيءَ سان انهيءَ ڪمري مان نڪري پنهنجي بيڊ روم ڏانهن وڃي

تي ۽ اُتان هڪ دوربيني ڪٽي تي. اُها دوربيني فلم جو چوٿون موتف آهي، جيڪو اڳتي هلي اَمل سان هڪ خاص منظر وسيلي ڳنڍيل آهي.

مداري هاڻي اسڪرين تي ڪافي ويجهو اچي وڃي ٿو، ۽ چاروءَ کيس دوربينيءَ ۾ ڏسي ٿي. پر جلدئي اهو هليو وڃي ٿو ۽ چارُو ٻي دري ڏانهن وڃي ٿي، جيڪا رستي ڏانهن کُلي ٿي. هن ڀيري چاروءَ کي پالڪيءَ جي جهلڪ ڏسجي ٿي، جنهن جي پويان پويان هڪ ٿلهو ماٺهو مٺائيءَ جي هٽ لٽڪائي وڃي رهيو آهي. جيتوڻيڪ اهو شخص اکين کان الوپ ٿي وڃي ٿو، پر چاروءَ انهيءَ دلچسپ ڪردار ڏانهن دير تائين ڏسڻ جي نيت کان جلدي ڊرائنگ روم ۾ وڃي ٿي ۽ لاڳيتن ٽن درين مان انهيءَ شخص جو ايستائين پيڇو ڪري ٿي جيستائين هُو موڙ تي پهچي بلڪل الوپ نٿو ٿي وڃي.

چاروءَ جي انهيءَ معصوم ٻار جهڙي خوشيءَ کي اُپارڻ ضروري هو، ڇو جو اِن حالت ۾ هوءَ پنهنجي ڳِڀير ۽ مانيٽي مڙس کان گهڻو پري ٿئي ٿي ۽ جوين ۽ خوشيءَ سان ڀرپير اصل جي تمام ويجهو ٿئي ٿي.

چاروءَ هاڻي انهيءَ هنڌ تي پهچي ٿي جتي هوءَ هڪ ڀيرو وري ان غير يقيني ڪيفيت ۾ آهي تہ ڇا ڪريان! هتي ڦهريون ڀيرو سنگيت- موتف کي پيش ڪيو ويو آهي. هڪ سُر، جنهن جو چاروءَ سان سنبنڌ آهي، اهو سنديس پيانو وڄائڻ مان ظاهر ٿئي ٿو. هوءَ پيانو جو پوش لاهي بي خياليءَ ۾ هڪ سُر دٻائي ٿي پر وراندي مان پيرن جي ڪڙڪي تي سنديس ڏيان هڪدم ورهائجي وڃي ٿو.

هاڻي اسان پوپٽ کي ڏسون ٿا، جيڪو پريشانيءَ وچان وراندي کان بيڊروم ڏانهن پيو اچي. چاروءَ ڊرائنگ روم مان نڪري دروازي کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهي ٿي. هڪ هٿ ۾ دوربيني ڪٽي انهيءَ تي پنهنجي ڪاڏي رکي هوءَ اوڏانهن ڏسندي رهي ٿي جيڏانهن سندس مڙس ويو آهي. کيس سڌ آهي تہ سندس مڙس موٽندو هو سچ پچ تہ اچي ٿو ۽ هن ڀيري هڪ ٿلهو ڪتاب

ڪٽي، جنهن جي ڪليل صفحي تي سندس نگاهون ڄميل آهن. هو چاروءَ جي پرسان اچي ڪن لاءِ بيهي ڪتاب جو ورق اُٿلائي ٿو ۽ ڪيس ڏسڻ ڪان سواءِ اڳيان وڌي وڃي ٿو. چاروءَ سندس الوپ ٿيندڙ جسم کي ڏسندي رهي ٿي ۽ پوءِ خوشيءَ جي حالت ۾ دوربيني پنهنجين اکين جي ويجهو آڻي ٿي. ڪن لاءِ پوپٽ دوربينيءَ جي دائري ۾ تمام ويجهو اچي وڃي ٿو ۽ پوءِ ڏاڪڻ لهندي اکين ڪان الوپ ٿي وڃي ٿو. چاروءَ اکين تان دوربيني هٽائي ٿي ۽ ٿوري دير لاءِ انهيءَ دروازي ڏانهن ڏسندي رهي ٿي جنهن مان سندس مڙس ٻاهر نڪري ويو آهي.

ٿ پوءِ سندس هٿ دوربينيءَ سميت هيٺ ڍرڪي وڃي ٿو.

هاڻي اسان ڏسون ٿا تہ چاروءَ پنهنجي اڪيلائپ ڪان هار مڃي ويئي آهي.

ٿ اهڙي طرح ستن منٽن جو اهو منظر پورو ٿئي ٿو.•••*

---

*(امل پناچاريہ ميموريل ليڪچرز جي سلسلي ۾ ستيہ جيت ري جي تقرير جو آخري حصو.)

# جڏهن گونگا ڳالهائڻ لڳندا آهن
# تڏهن ٻوڙن کي ٻڌڻو پوندو آهي

## جيمس بالڊوِن•



دنيا ۾ اهڙا ٻه
کي مفڪر آهن، جيڪي
سڪون واري زندگي ٿي
نٿا گذارين بلڪ پنهنجن
اصولن ۽ ويچارن کي
پاڻ ٻه جيئن ٿا. ٿي
سگهي ٿو ته اسان سندن
ويچارن سان سهمت نه هجون، پر انهيءَ ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته پنهنجي پاڻ کي خطري ۾ وجهي ڪين زهر پياريندڙ آيا، اسان کي سندن زندگيءَ ڏانهن ڏسڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏي ٿي. اهڙا ڪئين ماڻهو دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيا پيا آهن. اهڙن ئي ماڻهن ۾ هڪڙو آهي آمريڪي نيگرو ليکڪ جيمس بالڊوِن. هو 1924ع ۾ نيويارڪ شهر جي نيگرو آباديءَ واري حصي هارليم ۾ ڄائو ۽ اتي جي اسڪولن ۾ پڙهيو. چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ مذهبي سڄاڳيءَ کان پوءِ، هو وزير مقرر ٿيو. اهو ذڪر هن پنهنجي پهرئين ناول(1953) Go Tell it on the Mountain ۾ ڪيو آهي. ٽي ورهيه وزير رهڻ کان پوءِ، بالڊون بيزار ٿي پيو، جنهن ڪري هن عيسائيت کي رد

• JAMES BALDWIN (1924-1987): American Novelist, Short-story Writer and Playwright.

ڪيو. گهر ڇڏيائين، شوقيہ ليکڪ ٿيڻ بدران مختلف اجوڳيون نوڪريون ڪيائين ۽ پڇاڙيءَ ۾ 1948ع ۾ فرانس هليو ويو.

سندس پهرئين ناول کي نقادن ڏاڍو ساراهيو. سندن راءِ مطابق، انهن هڪ اهڙي نيگرو ليکڪ کي ڳولي لڌو هو، جيڪو فنڪارانہ صلاحيتن جو مالڪ هو، جنهن پنهنجي لکڻين ۾ زندگيءَ کي ڪاري نسل جي پوڄنا کان سواءِ ڇنڊيو ٿي سندس مضمونن جي ٻن مجموعن Nobody Knows my Name (1960) ۽ Notes of a Native Son (1955) نقادن کي سندن غلطين کان آگاهہ ڪيو ۽ مضبوطيءَ سان پاڻ کي وڏي مضمون نگار هئڻ جي حيثيت سان مڃرايو. مضمونن ۾، نيگرو تجربي کي ٻين سيني نيگرو ليکڪن کان W.E.B Du Bois کان پوءِ هن پُراثر نموني ۾ بيان ڪيو آهي. ساڳئي وقت هن گهڻن گورن ليکڪن کي سندن عقيدن ۽ روين کي ٻيهر چڪاسڻ لاءِ آماده ڪيو.

1957 ۾ هو آمريڪا موٽي آيو ۽ ڏکڻ جي سفر دوران نسلي صورتحال جي تلخي کانئس مشهور ناول Fire Next Time (1963) ۽ Another Country (1962) لکرايا.

ڪارن عيسائين جي ذاتي زندگيءَ تي ٻڌل سندس ناٽڪن جا ڪتاب Blues for Mister The A men Corner (1968) and (1964) ڏکڻ جي ڪنهن شهر جي پس منظر ۾ آهن.

سندس ڪهاڻين جي مجموعي Tell Me How Going to Meet the Man (1965) سميت سندس تخليق ۾ سماجي ۽ نسلي صورتحال ۾ محبت لاءِ تانگهہ جي شدت آهي.

بالڊون پنهنجي ماءُ جي نون ٻارن مان سڀ کان وڏو هو هو غريبي ۽ نسلي متڀيد جو شڪار هو، جيڪو سندس تخليق مان پڌرو آهي. انن ورهين جي ڄمار ۾ لکڻ شروع ڪيائين ۽ عمر جي آخر تائين لکڻ ۾ رڌل رهيو. سندس لکڻين ۾ اختلافي رنگ ڀيد جي مساوات جا موضوع آهن ۽ هو آمريڪا جي شهري حقن جي هلچل ۾ سرگرم رهيو هن ابهن ماڻهن طرفان آواز اٿاريو، جن کي

ڳالهائڻ جو حق نہ هو ۽ اهو آواز انهن ماڻهن تائين پهچايائين، جيڪي سندن آواز ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هئا.

آمريڪا جي صدر بُش (2009_2001) چيو هو تہ اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن ڪو نيگرو، زال سان گڏ وائيٽ هائوس ۾ صدر جي حيثيت سان داخل ٿيندو. بيشڪ اڄ آمريڪا جو صدر بارڪ اوباما ۽ سندس زال مشيل نيگرو نسل جا آهن. هتي جيمس بالڊون جي ڪهاڻي سندس زباني پيش آهي:

مان جيمس آرٿر بالڊون آهيان. هارليم جي گندي غليظ وسندي، انساني جهنگل ۾ جنم وٺندڙ جمي بالڊون، جيڪو هارليم جي هر ڳلي ۽ موڙ کي اوترو ئي چڱي طرح سڃاڻي ٿو، جيترو پنهنجي هٿ جي ريکائن کي. چوڻ ۾ تہ هارليم آمريڪا جي نيگرو وسندي ئي نہ بلڪ منهنجن دوستن جو داستان بہ آهي. مان گرين وچ يا منهٽن ۾ رهندي بہ هر پل هارليم ۾ ئي جيئندو آهيان. نہ، مان اڳواڻ وانگر نتو ڳالهايان. ڪنهن جو عملدار هئڻ جي بہ منهنجي دعويٰ ناهي. مان هڪ ساهتڪار آهيان. آمريڪي حبشي ساهتڪار، جيڪو پنهنجي اندر ٻرندڙ تلخي ۽ ڪاوڙ جي اگني ڪُنڊ (باهہ جي آڙاهہ) کي لفظ ڏيندو آهي. هر آمريڪي حبشي جي من ۾ اها تلخي ۽ ڪاوڙ جي باهہ ٻرندي رهندي آهي. اها باهہ ڪيس پنهنجي رنگ سان گڏ ورثي ۾ ملندي آهي. اهي حبشين کان سواءِ ٻين کان نفرت، گوري آفيسرن کان، واپارين کان نفرت ڪري تسلي حاصل ڪندا آهن، پر مان انهيءَ چڪتاڻ مان تخليق ڪرڻ جو اُتساهہ حاصل ڪندو آهيان.

منهنجي چڪتاڻ ننڍپڻ کان ئي شروع ٿي وئي هئي. امان ٻڌايو هو تہ مان 2 آگسٽ 1924ع تي هارليم جي اسپتال ۾ ڄائو هوس ڪئين ورهين تائين پنهنجي ماءُ جي انهيءَ جي ڳالهہ تي پورو پورو پروسو ڪيم، پر انهيءَ ڏينهن اوچتو ئي ڳاڙهي مخمليءَ ڪپڙي ۾ ويڙهيل گهر جا ڪجهہ پراڻا ڪتاب هٿ چڙهي

ويم. منجهن اسان جي خاندان جو ورهيہ پراڻو بائبل بہ هو. اهي سڀ اٽلائڻ پٽلائڻ سان اوچتو منهنجي نظر هڪ تاريخ تي پئجي ويئي. اها منهنجي ماءُ جي شاديءَ جي تاريخ هئي. 1927ع جي ڪا تاريخ! تڏهن مون کي لڳو تہ منهنجي ڏسندي ڏسندي امان ٽٽي رهي هئي. هوءَ بلڪل ٽُٽي پوندي ۽ مان ايترو ننڍڙو آهيان جو مان چاهيندي بہ کيس بچائي نہ سگهندس. رڳو تماشائي بنيو رهندس. پنهنجي خاموشي ٽوڙڻ جي خيال کان تڏهن مون کانئس ايترو ئي پڇيو هو تہ ڊيوڊ بالڊون سان شادي ٿيڻ کان اڳ بہ سندس شادي ٿي هئي. مون کي لڳو، ڄڻ مون کانئس ڪو خطرناڪ سوال پڇيو هجي. امان ماٺ رهي. پر انهيءَ جو جواب اڪثر مون کي پنهنجي ماٽيلي پيءُ ڊيوڊ بالڊون کان ملندو هو. مون کي خيال ۾ نٿو اچي تہ اها ڳالهہ سچ هئي يا سپنو. تڏهن مان ٽن چئن ورهين جو هوندس. شايد مان رڌڻي ۾ امان جي ڪلهن تي ويٺل هوس. هن مون کي ڪيڏانهن وٺي وڃڻ چاهيو ٿي. سياري جا ڏينهن هئا. مان گرم ڪپڙا پائي تيار ٿي چڪو هوس، ۽ تڏهن پليٽون صاف ڪندي منهنجو پيءُ مون کي ڏسي مشڪيو هو. شايد مان کيس وڻيو هوس، پر اها اڪيلي ياد آهي. انهيءَ کان پوءِ جو اهڙو واقعو مون کي ياد نٿو اچي. گهڻو ڪري ٿي سگهي ٿو تہ بوتل پرڻ واري ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ ۽ آچر جو ننڍي چرچ ۾ خطبو ڏيندڙ منهنجي پيءُ کي پنهنجي آسپاس جي اُداسيءَ ۾ پنهنجي ناڪامين ۽ مجبورين ۾ ڪِلڻ ۽ مشڪڻ جو ڪو ڪارڻ ئي نظر نہ آيو هجي.

مون کي پنهنجي جسم سان زندگيءَ جي پوائتي هئڻ جو احساس تڏهن ٿيو، جڏهن مان هاءِ اسڪول پاس ڪري 1942ع ۾ هارليم جي جهنگ مان بيليمير، نيو جرسي ڏانهن ڀڳس. شروع شروع ۾ مون کي ريلوي ۾ مزدوريءَ جو ڪم مليو. اتي مون کي خبر پئي تہ رنگ جي معنيٰ ا آهي. مون کي خبر ناهي تہ جڏهن اُهي مون ڏانهن نهاريندا هئا تہ ڪين مون ۾ ڇا ٿي نظر آيو. انهن مون کي مارڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. مون سان گڏ گهٽا ئي ڏکڻ آفريڪي ڪم ڪندا هئا. اهائي سڀ کان وڏي مصيبت هئي.

انهيءَ ڪان اڳ مان ڏڪٽي گورن سان ڪڏهن نہ مليو هوس، ۽ جڏهن مليس تہ اهي مون کي پنهنجا دشمن نظر آيا. چؤطرف دشمنن سان گهيريل هئڻ جو اهو احساس ڪهڙو هو! انهن چاهيو ٿي تہ مان غلامن جي نيگرو شروعات کي سولائي سان قبول ڪري هلان، پر اهو مان ڪيئن ڪريان؟ هڪ ڪان پوءِ ٻي نوڪري تبديل ٿيندي رهي.

انهيءَ رات ڪا نئين ڳالهہ نہ ٿي هئي. ٽري ٽرن ريسٽورينٽ ۾ مان ائين ئي گهڙي ويو هئس. ڪائونٽر تي بيٺل شخص کي مون هيمبرگر ۽ ڪافي آٽڻ جو آرڊر ڏنو. سندس سڌو جواب اهو هو. ”اسان هتي حبشين کي ڪجهہ بہ نہ ڏيندا آهيون.“ سال کن ڪان، مان خبر ناهي ڪيترائي ڀيرا اهو جواب ٻڌي چڪو هوس. هن ڀيري بہ ٻڌم تہ اٿيس ۽ پنهنجي دوست سان گڏجي ٻاهر رستي تي نڪري ويس. پر ان مهل خبر ناهي ڇا ٿيو؟ مون کي لڳو، منهنجو جسم ٻري رهيو آهي، ڪا شيءِ منهنجي ڳچيءَ کي ڪپي رهي آهي، جڻ منهنجي ڌڙ کي سسيءَ کان الڳ ڪيو پيو وڃي. مان هڪدم ڪاوڙ ۾ ٻاهہ ٿي ويس. منهنجي دوست مون کي روڪيو پر مون نہ مڃيو ۽ ساڻس گڏجي هڪ شاندار، شاهي، ريسٽورينٽ ۾ گهڙي هڪ خالي ڪرسيءَ تي وڃي ويهي رهيس. ويٽريس منهنجي پرسان آئي ۽ مون کي لڳو جڻ اها ويٽريس نہ، پر منهنجي ڪا پراڻي دشمن هجي، جنهن کان مون کي نفرت هئي، هن جيئن ئي ڪانونٽر تي بيٺل شخص جا اهي ساڳيا لفظ ورجايا، ’هتِي حبشين کي ڪاڌو پيش نہ ڪيو ويندو آهي‘، تہ مون کي لڳو تہ اهو سڀ مون کان سٺو نہ ٿيندو. مون ڪيس مارڻ تي گهريو. مون سوچيو تہ جيڪڏهن هوءَ ٿورو وڌيڪ ويجهو اچي تہ جيڪر مان ڪيس گهٽو ڏيانس. پر هوءَ منهنجي اڪين کان ڊڄي وئي هئي. اوڏي مهل، سيني وينلن جي وچ مان، ٽيبل تي رکيل پاڻي جو مگ کنيو ۽ سندس منهن ۾ هنيو. پر هو ويهي رهي ۽ مگ دروازي سان ٽڪرائجي شيشي کي ڇيهون ڇيهون ڪندو ٻاهر وڃي ڪريو.

گورن جي ظلمن ۽ ڏاڍاين خلاف ڪنهن خاص شخص تي حملي جو اهو منهنجو پهريون ۽ آخري تجربو هو. انهيءَ کان پوءِ مون ڪڏهن ڪنهن گوري کي نه ماريو. انهيءَ جي معنيٰ اها ناهي ته هارليم کان ورتي ۾ مليل باهه وسامي ويئي آهي. اها اجا به ٻري رهي آهي، پر نفرت جي اُلن جو روپ منهنجين تقريرن، ناٽڪن ۽ ڪتابن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. مون رڳو آمريڪي حبشي رهڻ نٿي چاهيو. رڳو آمريڪي حبشي ليکڪ به نه. اختلاف ۽ بغاوت جي نالي تي مون کي فن کان وانجهيل رهڻ پسند نه هو. چوٿين ڏهاڪي جي آخري ورهين ۾ مان فرانس هليو ويس.

فرانس ۾ ئي مون پنهنجو پهريون ناول Go Tell on the Mountain (1953) پورو ڪيو ۽ پوءِ Giovanni's Room (1956) لکيم، جنهن ۾ ڪنهن به ڪاري جو ذڪر ناهي. اها سموري گوري دنيا جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ مون پنهنجي انهيءَ ويساهه جو تاڃو پيٽو اُڻيو آهي، پنهنجي اڻڄاڻائي کي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ شخص به نيٺ ڪرجي پوڻ لاءِ جوابدار آهي.

Giovanni's Room جو آمريڪا ۾ ڏاڍو چوٻول رهيو. شايد انهيءَ جو ئي اثر هو، جو يورپ ۾ اٽڪل نو ورهيه گذري وڃڻ کان پوءِ مان هڪ ڀيرو وري جولاءِ 1957ع ۾ پنهنجي وطن ڏانهن روانو ٿيم. انهن نون ورهين ۾ سچ پچ گهڻو ڪجهه بدلجي چڪو هو. آمريڪا ڪارن جي انقلاب جي وچ ۾ بيٺو هو. ڏاکڻين حڪومتن ۾ سول نافرمانيءَ جو آواز اٿي رهيو هو. پر مان اجا مورچي کان پري هئس. نيويارڪ جي هوٽل ۾ ويهي، ليٽي مان طئه ڪري نه پئي سگهيس. ته مون کي ڪرڻو ڇا آهي؟ مان پنهنجي اندر ۾ پاڻ کي ڳولي رهيو هئس. پر تڏهن مون کي... اخبار وارن ڏاکڻين حڪومتن جي حالتن تي ڪجهه لکڻ جو ڪم سونپيو. پنهنجي انهيءَ ڏکڻ ۾ رهائش دوران مون کي پهريون ڀيرو ليکڪ جي روپ ۾ پنهنجي اصليت جو احساس ٿيو. مون پهريون ڀيرو سمجهيو ته هڪ ليکڪ يا فنڪار جي روپ ۾ اسان جي انهن ماڻهن کي سندن وات ۾ زبان ڏيڻ جه. شروعات آهي، جيڪي

دستاويز ثابت ٿيو، جنهن ۾ مون هارليم ۾ گهاريل پنهنجي نندپڻ جي تجربن ۽ گوري مسلمان مذهبي مسيحا الحاج محمد سان پنهنجي ملاقات جي باري ۾ آمريڪي حبشي انقلاب جي ڪيفيت جو تجزيو ڪيو آهي ۽ هاڻي آمريڪين جي روح کي للڪاريو اٿم.

خدا اڳيان اُتر ۽ ڏکڻ ٻئي ڏوهاري رهيا اهن. عيسائي افواهن کي گهٽائي جواب ڏيڻا آهن. انياءُ ۾ ظلم کي بچائڻ ۽ گناهه سان گڏ ڪيل ملڪيت کي بچائڻ لاءِ سازش ڪري اهو مُلڪ بچائي نٿو سگهجي. بيشڪ نياءُ ۽ رحم سان ئي اهو بچي سگهي ٿو. انياءُ ظلم جي ڪري ملڪ تي خدا جي ڏمر نازل ٿيڻ جو نياءُ به اوترو ئي سچ آهي، جيترو پٽر جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ جو نياءُ! جيڪڏهن اسان ڪجهه نه ڪيو ته بائيبل ۾ غلام طرفان ڳايل گيت جي اڳڪٿي ضرور نتيجو آڻيندي "خدا نوح کي اندلٺ جو اشارو ڪيو. هاڻي وڏيڪ پاڻي ناهي. ايندڙ ڀيري رڳو باهه آهي، مون کي خبر ناهي ته اڄ آمريڪا ۾ اٿندڙ ڪاري طاقت جي نوجوانن ۽ بائيبل جي انهيءَ اڳڪٿيءَ ۾ ڪتي ڪو واسطو آهي يا نه! پر اها پڪ آهي ته اڄ جو ڪارو آمريڪي رنگ ڀيد جي ديوارن کي ڪنهن قيمت تي قبولڻ لاءِ تيار ناهي. انهن ديوارن کي ڊاهڻ لاءِ سندس جدوجهد جاري آهي.•••

# چيخوف جي ناٽڪن جي خاص ڳالهہ

## ڪانسٽينٽن اسٽانِسلاوسڪي
(چيخوف جي ناٽڪن جو هڪ اداڪار)



اسٽانِسلاوسڪي، چيخوف جي ناٽڪن جي پيشڪار، ڪلاڪار ۽ پڙهندڙن هئڻ سان گڏوگڏ ساٿس گڏ رهيو. سندس يادن جي ذريعي چيخوف جي ناٽڪن جي عملي جدوجهد جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي.

ليکڪن جي لاءِ ڪورش ٿيئٽر (ماسڪو) ۾ هڪ خوبصورت پروگرام هلي رهيو هو. مان ڏاڍو خوش هئس ڇو جو پهريون ڀيرو ڏسندڙن جي آڏو اداڪاري ڪئي هئم، خوشيءَ وچان مان پنهنجو اووَرڪوٽ ڪاريڊور ۾ ئي وساري آيو هئس، مون اهو تڏهن پهرڻ ٿي چاهيو جڏهن ڏسندڙ تاڙيون وڄائيندا هجن. ڇو تہ مون کي پڪ هئي تہ مان ڏسندڙن کي محو ڪري ڇڏيندس. پر اُميد جي برخلاف حالتون اُبتڙ ٿي پيون. شو ڪان پوءِ مان ماٺ ميٺ ۾ ڪسڪڻ جي تاڪ ۾ هئس. اهڙي نازڪ گهڙيءَ ۾ منهنجي ملاقات چيخوف سان ٿي. هو سڌو مون وٽ آيو ۽ ڏاڍي دوستاڻي انداز ۾ چوڻ لڳو، "ماڻهو چون ٿا تہ تو منهنجي ناٽڪ "دي بيئر" ۾ ڏاڍي شاندار اداڪاري ڪئي آهي... منهنجي راءِ ۾... توکي ورِي ڪرڻ

---

*CONSTANTIN STANISLAVSKI (1863-1938): Russian Actor And Theatre Director Founder of Mascow Art Theatre.

**ناٽڪ جو مرم**

1897ع ۾ ”اسڪو ٿيئٽر“ جو جنم ٿيو، مالي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي شيئر ڏنا پئي ويا، پر ماڻهن ڏاڍي مشڪل سان ٿي اُهي خريد ڪيا. چيخوف پهرين اپيل تي ئي موٽ ڏني. هن اسان جي معمولي ڳالهين ۾ دلچسپي ڏيکاري پر بيماري ڪيس ماسڪو کان پري ئي رکندي هئي.

تڏهن ”سي گل“ (Sea Gull) اسٽيج ڪرڻ جي رٿا اسان جي دماغ ۾ آئي، پر چيخوف انهيءَ ڳالهه تي اٽل هو ته ”سي گل“ اسٽيج نه ڪيو ويندو. سينٽ پيٽرسبرگ ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ ”سي گل“ ناٽڪ سندس سپ کان بيمار ۽ پياري ٻار وانگر ٿي ويو هو ، جنهن کي هن پاڻ کان جدا ڪرڻ نٿي چاهيو.

پوءِ به 1898ع جي آگسٽ مهيني تائين ”سي گل“ اسان جي رئيپرٽريءَ جو حصو بنجي ويو. مان گُبيرنيا ويس- منظر نامو تيار ڪرڻ لاءِ. اچرج جي ڳالهه ته اها آهي ته مان ناٽڪ جي مرم کي سمجهي نه سگهيو هئس. پر جيئن جيئن مان اڳتي ڪم ڪندو ويس، تيئن تيئن مان ناٽڪ جي خوبين کي سڃاڻڻ لڳس، ۽ اهو سڀ ايترو ماٺ ۾ ٿيو جو مان خود اچرج ۾ هئس ته اهو ڪهڙو جادو آهي جنهن مون کي ايتري قدر ٻڌي ڇڏيو آهي. چيخوف جي ناٽڪن جي اها خاص ڳالهه آهي ته هڪ ڀيرو انهن جي سونهن ۾ ٻُبي هٽڻ کان پوءِ اوهان انهيءَ جي سڳنڌ ۾ وڃائجي وڃڻ چاهيندؤ

**لڙڪن پري خوشيا**

ٿيئٽر جي قسمت چڱي نه هئي. ”فيودور اِوانو وِچ“ (ناٽڪ) کان سواءِ ٻيو ڪوبه ناٽڪ نيڪ طرح سان عوام کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهيو هو. اسان جون سڀ اُميدون هافتمانَ جي ”هانيلس“ (ناٽڪ) تي ٻيٺل هيون. پر انهيءَ تي به ماسڪو شهر جي اسيمبلي فحش سمجهي پابندي هٽي ڇڏي هئي. هوڏانهن ”سيگل“ کي هٿ ۾ ڪٽندي وقت اسان کي خبر هئي ته هن ناٽڪ مان اُپراسي جي اُميد نٿي لڳائي سگهجي. پوءِ به انهيءَ کي ڪرڻو هو. سيني کي

خبر هئي تہ ٿيئٽر جو آئيندو انهيءَ جي نمائش جي ڪاميابيءَ تي بيٺل هو، جڏهن تہ گذريل سال پيٽرسبرگ ۾ اهو ڊرامو خراب نموني ناڪام ويو هو. اسان ايترو پريشان هئاسين جو هڪ ڀيرو تہ اسان شو کي رد ڪرڻ تائين جي ڳالهہ سوچي ورتي. آخري ڊريس-ريهرسل جي ڏينهن چيخوف جي ڀيڻ ماريا ٿيئٽر ۾ آئي. ”سيگل“ کي اسان اسٽيج ڪري رهيا آهيون-انهيءَ ڳالهہ کان هوءَ ڏاڍي گهبرايل هئي. اسان اهڙي همٿ ڪريون. اُها هن قطعي نٿي گهري. سبب ظاهر هو پهرين ناڪاميءَ کان پوءِ بي ناڪاميءَ جي خبر چيخوف جي بهتر صحت کي وڏيڪ خراب ڪري سگهي ٿي

پر اسين بہ وچ ۾ هئاسين آخري دؤر ۾، ناٽڪ کي رد ڪرڻ مان مراد هئي ٿيئٽر کي تالو هڻڻ، جيڪو پنهنجي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪرڻ جي برابر هو

نتيجي جي طور تي 17 ڊسمبر 1898ع تي ”سيگل“ جو پهريون شو ٿيو. ڏسندڙ تمام ٿورائيءَ ۾ هئا. اسان جي ذهني ڪيفيت اهڙي هئي جو پهريون پردو کڄڻ ٿيو، اسان کي اُن جو احساس تائين نہ ٿيو موں کي ياد آهي، جريمچنايا جي مونولاگ جي دوران مان ڏسندڙن ڏانهن پُٺي ڏيئي وينو رهيس، ۽ انهيءَ دوران مان ايتري قدر ڊنل رهيس جو مون پنهنجي ٽنگن کي ڏڪڻ کان روڪڻ لاءِ هٿن سان جهلي ورتو.

اهو ڀيانڪ ناڪامي وانگر ٿي لڳو. ناٽڪ جي ختم ٿيڻ تي پردي جي ڪِرڻ کان پوءِ بہ هال ۾ موت جهڙو سناٽو هو، اسين پردي جي پويان گهبرائجي ڏسندڙن جي تاڙين جا منتظر هئاسين. پر نہ، اُتي سناٽي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو. اسان مان ڪنهن جي رڙ نڪري ويئي، ڪي روئڻ لڳا. پوءِ اسان قطار ناهي پويان لهي وياسين.

نيڪ انهيءَ پل ڏسندڙن جي تاڙين جي ٺهڪي سان هال گونجي اُٿيو. اسان پردو کڻي جڏبو اسان جي چهرن تي هئيد هاريل هئي، اسان ڏسندڙن ڏانهن ڏسڻ جي همٿ نہ پئي ڪري سگهياسين. اسين ايترو گهبرايل هئاسين جو اسان ڏسندڙن کي ٿورا مڃڻ جي موٽ بہ نہ ڏيئي سگهياسين اسان کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ اهو

سيڪجھ ڇا ٿي رهيو آهي. پر ناٽڪ هڪ شاندار ڪاميابي حاصل ڪري چڪو هو.

**مهمان نوازي**

مهمانن کان جند ڇڏائڻ سندس وس جي ڳالھ نہ هئي. جيڪڏهن مھمانن ۾ ڪو ليکڪ هوندو تہ پاڻ وڏيڪ ڏکيائي. ڪو ونس اينڌڙ ملاقاتي تمام گھڻو وقت وٺي هليو ويندو هو تہ بہ چيخوف کيس نہ چئي سگھندو هو. پر اهڙي صورت کان جند ڇڏائڻ لاءِ هو هيءُ رستو اختيار ڪندو، جو پنهنجي اسٽڊي روم جي در ڪوليندو ۽ ٻار وينل پنهنجي ڪنهن دوست کي ماٺ ۾ سڏيندو ۽ چوندو، "مهرباني ڪري هن سڄڻ کي چئوس تہ مان کيس سنجاڻان نٿو ۽ نہ ئي مان سندس رچنائون نيڪ ڪرڻ جي لائق آهيان... مون کي خبر آهي تہ هيءُ ماڻهو پنهنجي ڪيسي ۾ ناول کڻي آيو آهي. هو لنچ تائين ترسندو ۽ پوءِ اُهو پڙهي ٻڌائيندو...!"

جڏهن ڪو دروازي جي گھنٽي وڄائيندو تہ هو تيزيءَ سان وڃي صوفي تي ويهي رهندو ۽ پنهنجي ڪنگھ کي روڪي رکندو. دوست بہ ماٺ ٿي ويندا ۽ ٻاهر بيٺل ماڻهو سمجهي ويندو تہ گھر ۾ ڪوبہ ناهي. پوءِ ڪجھ هن ريت منظر هوندو. ماريا دروازي تائين ويندي ۽ هي گفتگو ٻڌڻ ۾ ايندي:

"پاڻ موجود آهن؟" اينڌڙ شخص پڇندو.

"..." خاموشي رهندي!

"آھ!" اينڌڙ شخص جي وات مان ٿڌو ساهہ نڪرندو.

"..." وري خاموشي.

"مان ماسڪو آيو هئس...زيارت ڪرڻ چاهيم ٿي." وري اُهو ئي آواز

"مان چيخوف کي ٻڌائي ڇڏينديس." ماريا ڪافي دير کان پوءِ چوندي.

"هڪ ڪهاڻي آهي ۽ هڪ ناٽڪ." اجنبي چوندو

"چڱو الھ واهي!" ماريا موڪلائيندي.

"لِک ٿورا... سندن راءِ چاهيان ٿو."

"مان کين ڏيئي ڇڏينديس." ماريا وري چوندي.

”نوَن ليککن جي مدد ڪرڻ... سندن جهڙي ڏاهي شخص جي همٿ افزائي....“

”فڪر نہ ڪريو... الله واهي!“ ماريا خاطري ڏياريندي چوندي.

... آخر ۾ ماريا موٽندي ميز تي آيل شخص جا ڪاغذ رکي ڇڏيندي.

مسودي ڏانهن ڏسندي چيخوف چوندو، ”ڪيس ٻڌائي ڇڏ تہ مون لکڻ ڇڏي ڏنو آهي... لکڻ جو ڪو مطلب بہ تہ ناهي.“

پوءِ بہ نہ رڳو هُو اهڙن مسودن کي پڙهندو هو، بلڪ موڪليندڙن کي جواب بہ لکي موڪليندو هو.

چيخوف جي موت کان پوءِ، گورڪي لکيوهو:

”مان جڏهن جهڪيل پن- ڇٽيل شام کي ڏسندو آهيان،ڳوٺ جي گهرن تي ڪرندڙ اُس، گهرن مٿان بيٺل آڪاس، تہ مون کي چيخوف جون ڪهاڻيون ياد اچي وينديون آهن.“

هڪ ڀيري چيخوف، گورڪيءَ کي چيو هو: ”چانڊوڪيءَ کي ڏسڻ لاءِ چنڊ کي ڏسڻ ضروري ناهي. اُنهي ڀڳل بوتل کي ڏسڻ ڪافي آهي، جنهن تي چانڊوڪي پئجي رهي آهي.“ •••

# هيمنگوي جي چوٽڪاري لاءِ جاکوڙ*



ارنيسٽ ملر هيمنگوي 1898ع ۾ شڪاگو، مشيگان رياست (يونائيٽڊ اسٽيشن اف آمريڪا) ۾ ڄائو هو. پٽس ڊاڪٽر هو.هوُ 1917ع ۾ ٻه پيرا گهر مان ڀڄي ويو هو. ٻئي سال پهرين مهاڀاري جنگ ۾ اٽليءَ جي محاذ تي ايمبولنس ڊرائيور جي حيثيت سان رضاڪار ٿي ڀرتي ٿيو 1919ع ۾ 'ٽورنٽو اسٽار ويڪلي' (ڪئناڊا) لاءِ خاڪا لکڻ شروع ڪيائين. 1922ع ۾ يونان ۽ ترڪيءَ جي لڙائيءَ جي باري ۾ لکيائين. 1923ع ۾ سندس ڪتاب 'ٽي ڪهاڻيون ۽ ڏهه نظم' ڇپيو هيمنگوي جي پهرين تصنيف جنهن کيس شهرت بخشي، اُهو The Sun Also Rises (1926) ناول هو ير هيمنگوي جي بهترين تخليق سندس ناول Old Man and the Sea (1952) آهي انهيءَ کان سواءِ For Whom the Bell Tolls (1940)، To Have and Have Not، (1927) Man Without Women ٻه سندس مشهور ڪتاب آهن سندس ادبي خدمتن ڪري کيس 1954ع ۾ ادب جو نوبيل انعام ڏنو ويو ٻجاڙيءَ ۾ هو گهڻو ڪري ڪيوبا ۾ رهندو هو جنگ جي بربريت ۽ مهذب سوسائٽيءَ جي خالي ۽ غير حساس ٿيڻ ڪري، هو جسماني توڙي جذباتي طور تي ڀڄي پُري پيو ۽ ٻيٺ جولاءِ 1961ع ۾ پنهنجي شڪار ڪرڻ واري بندوق سان پنهنجو انت آندائين

---

*ERNEST HEMINGWAY (1899-1961): American Short-story Writer, Novelist and Journalist Won Nobel Prize for Literature on his Novel "The Old Man and the Sea" (1953)

1942ع ۾ هڪ انٽرويو ۾ ارنيسٽ هيمنگوي چيو هو:
گذريل لڙائي ۾ حصو وٺڻ ۾ سيني کي احمق سمجهان ٿو. پر هيمنگوي جي پهرين ۽ ٻي عظيم جنگ ۾ لاڳاپيل ڪارنامن کان دنيا واقف آهي. آسٽريا جي فوج سان ٿيل هڪ لڙائي جو ذڪر ڪندي هيمنگوي لکيو هو: هڪ اڇي روشني، جيڪا تمام جلدي ڳاڙهي رنگ ۾ بدلجي ويئي، طوفان جيان اسان جي وچان لنگهي ويئي. اسان جي ڪنن جا پردا ڦاٽي پيا ۽ اُها روشني اسان جو ساهه مُٺ ۾ ڪري ويئي. مون گهڻئي ڪوشش ڪئي، پر ساهه ڪٽي نه سگهيس. سامهون اڳيان زمين ڦاٽي ويئي هئي. مون چُرڻ جي ڪوشش ڪئي پر چُري نه سگهيس. نديءَ جي پرئين پَر بندوقن ۽ مشين گنن جا آواز اچي رهيا هئا. مون کي ائين لڳو ڄڻ مون ربڙ جا بوٽ پاتا هئا ۽ منجهن گرم گرم پاڻي پرجي ويو هو. منهنجي پرسان هڪ شخص ليٽيو پيو هو. هو صفا ماٺ هو. ٿورو پريان ٻيو شخص روئي رهيو هو. هو ڪافي ڏکيل هو. هيمنگوي ڪيس ڪنڌ ۽ ٽنگن کان جهلي اُٿاريو. منڊڪائيندو جيئن تيئن هن ڪيس چوڪي تائين ڪٽي وڃڻ تي چاهيو. اجا هو پنجاهه وال ڪن مس اڳتي ويو هوندو ته مشين گن جو هڪ رائونڊ سندس ساڄي ٽنگ ۾ پار ٿي ويو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس ٽنگ هڪ برف جو ٽڪو بال هو. هو ٿابو ڪائي ڪري پيو. هيمنگوي کي ڪڏهن ياد نه اچي سگهيو ته هو انهيءَ شخص سان چوڪيءَ تائين ڪيئن پهتو. ها، ايترو ياد رهيس ته اتي پهچندي ئي هو بيهوش ٿي ويو هو.

پوءِ، گهڻو پوءِ هو لاشن سان گهيرجي ويو هو. ڪيس لڳو ته مري وڃڻ، جيئڻ کان بهتر آهي. اُونداهين راتين ۾ گهيريل اٽويهين ورهين جي هيمنگوي پنهنجي پستول سان خودڪشي ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪري ورتو هو.

خودڪشي جي موضوع تي هيمنگوي ڏاڍي هوشياري سان پنهنجا خيال ظاهر ڪندو هو. جڏهن سندس پيءُ پنهنجي ئي بندوق سان خودڪشي ڪئي ته هيمنگوي جو خيال هو ته حالتن جي گهڻي خراب ٿيڻ تي خودڪشي ڪرڻ غلط ناهي. هڪ ڏينهن مارٿا کي

هن پوري تفصيل سان شاٽ گن جي گهوڙي کي پير جي آڱر سان هلائڻ جو طريقو سيکاريو هو.

موت، هيمنگوي لاءِ هڪ مکمل ذهني ڪيفيت هئي. 1944ع جي سيپٽمبر 13 ۽ 14 جي رات جو، ٻويهين ريجيمنٽ جا ڇهه آفيسر ۽ ايڪهٺ سپاهي مارجي ويا هئا. انهيءَ ڏينهن هيمنگوي جيڪو نظم لکيو، انهيءَ جو مفهوم ڪجهه هيئن آهي.

'اڄ هوُ انهيءَ ٻُڍي وئشيا- موت سان سمهيو پيو آهي، ڪالهه جنهن سان گڏ سمهڻ کان هن ٽي ڀيرا انڪار ڪيو ڇؤ، ڇا اڄا تون هن ٻڍي وئشيا- موت کي پنهنجي زال مڃين ٿو تہ مون سان آواز ملائي ڇؤ:

ها، مون کي قبول آهي. ها، مون کي قبول آهي ستهٺ ڀيرا ڇؤ.'

1961ع جي مارچ ۾ هيمنگوي جي ذهن ۾ پنهنجي بلڊ پريشر، تولهہ ۽ ڪاڏي جي ڳُٽتي وڌندي تي ويئي. کيس پڪ تي ويئي هئي تہ کيس ڪينسر آهي. ميري سندس اُداسي ڏسي رهي هئي، پر روڪي نٿي سگهي هيمنگوي کي گهيرو ڪري حق جمائڻ جي ناڪام ڪوشش، ميري کي ٿڪائي وڌو هو هڪ ڏينهن هوءَ ننڊ ۾ هلندي هلندي ڏاڪڻ تان ڪري پيئي ۽ مٿو ۽ پير زخمي ٿي پيس. لٽ جي آڏار تي منڊڪائي هلڻ جي باوجود هوءَ خوش مزاج رهندي هئي.

سيارو ختم ٿيو، برف ڳرڻ لڳي. گاهہ سائو ٿي ويو هو پکي درين جي آس پاس پنهنجون ٻوليون ٻولڻ لڳا. پر هيمنگوي نراسائيءَ جي پڃري ۾ بند انهن سڀني کان بي خبر هو

اپريل جي هڪ صبح جو ميري منڊڪائيندي هيٺ آئي. هيمنگوي بينڪ ۾ بندوق جي رئڪ جي پرسان بيٺو هو. کيس اٿليءَ ۾ خريد ڪيل ڳاڙهو گائون پاتل هو. هٿ ۾ شاٽ گن هئس ۽ دريءَ ۾ ٻہ ڪارتوس ميري ساڻس هوريان هوريان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ڊاڪٽر سيوپرز کي ٻن پهرن جو اچي هيمنگوي جو بلڊ

پريشر ڏسٽو هو ۽ هن چاهيو ٿي تہ تيستائين هيمنگوي ساٽس ڳالهين ۾ پنليو رهي. هوءَ ڪيس سمجهائيندي رهي تہ اڃا ڪيس گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. هن سندس همٿ ڪي ساراهيو ۽ پٽن جي يادگيري ڏياريائين.

هيمنگوي هڪ پني ٽڪر تي ڪجهہ لکيو ۽ پنهنجي گائون جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. اهو ڪاغذ ميري جي هٿ ڪڏهن بہ چڙهي نہ سگهيو. منٽ تي منٽ گذرندو ويو. هوءَ ساڻس هوريان آهستگيءَ واري لهجي ۾ ڳالهيون ڪندي رهي. هو ماٺ ۾ ۽ ناخوش وينو رهيو. رکو بندوق هٿ ۾ جهليو ڳولائو اکين سان دريءَ کان ٻاهر پئي نهاريائين.

پنجيتهن منٽن کان پوءِ ڊاڪٽر سيوپرز جي موٽر جو ۽ پوءِ سندس قدمن جو آواز آيو. انهيءَ وقت ميريءَ کي هو فرشتو لڳو. هو هيمنگوي سان ماٺ ۾ ڳالهيون ڪندو رهيو، ۽ ڪانئس بندوق گهرندو رهيو. بعد ۾ هو ڪيس 'سن وئلي' اسپتال وٺي ويو ۽ ڪيس ننڊ جون گوريون کارائي سمهاري ڇڏيائين.

مِيو ڪلينڪ ۾ داخل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو. لئري جانسن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ هيمنگوي کي روچيسٽر وٺي وڃڻو پوندو. ڊان اينڊرسن ۽ سن وئلي جي نرس جئني هِگنس، هيمنگوي کي گهر وٺي آيا. هڪ چالاڪ مرڪ چپن تي آڻي هن چيو تہ مون کي خبر آهي تہ منهنجا ڪپڙا ڪٿي رکيا آهن. توهان اندر نہ اچجو، مان جلدي موٽي ٿو اچان. ڊان هوريان چيو تہ اسان کي توهان سان گڏ رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هيمنگوي سڌو بيٺڪ ڏانهن ويو. ڊان بلڪل سندس پويان هو، پوءِ بہ هن رئڪ مان بندوق ڪڍي منجهس بہ گوليون پريون ۽ بندوق جي نالي پنهنجي نڙي تي رکي ڇڏيائين.

"پاپا نہ!" ڊان هيمنگوي کان بندوق کسڻ لڳو ڊان پنهنجي طاقت جي باوجود کانئس بندوق کسي نہ سگهيو، پر جيئن تيئن بندوق کي کولي ڇڏيائين. جئنيءَ کي گوليون ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چئي، هن هيمنگوي کي ڪرسيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو. هڪ هنڌ ٽڪيل اکين

سان هو چپ چاپ غصي ۾ پريو وينو رهيو.ميري هيٺ آئي تہ ساڻس بہ نہ ڳالهائين. جئنيءَ جو چوڻ آهي تہ اُن وقت هيمنگوي جو چهرو سڄيل ۽ پوائنٽو لڳي رهيو هو. هن ڊاڪٽر سيوِيَرز کي سڏايو. ڊان ۽ ڊاڪٽر کيس وري اسپتال وٺي ويا.

25 اپريل جو اينڊرسن ۽ سيوِيَرز هيمنگوي کي جهاز ۾1100 ميل پري هٿلي وٺي ويا. هيمنگوي، ميريءَ کي خط لکڻ چاهيو ٿي. اِهو خط لکڻ ۾ هن پنڌرهن منٽ لڳايا. جهاز تمام اوتاهين تي هو. ٻاهر موسم خوبصورت هئي. برنڊڙ جبلن مان نڪتل پگهريل چوٽيون هيٺ ڦهليل هيون، پر هيمنگوي گم سم وينو رهيو. هڪ ڀيرو نظر ڪٽي ٻاهر نہ ڏنائين. ڊان بدڪن جي شڪار جي باري ۾ ڳالهائڻ چاهيو پر هو پنهنجي ڪمربند سان کيڏيندو رهيو. هو ايترو ڏبرو ٿي ويو هو جو ڪمربند کيس تمام ڍرو ٿي ويو هو. ڊان پوءِ ۾ چيس: ”ويٺي ويٺي تہ پتلون هيٺ ڪِري نہ پوندي؟“ پر هيمنگوي تيسر ٻار وانگر ڪجهہ پڻ پڻ ڪندو رهيو.

ريپڊسٽي ۾ پيٽرول لاءِ جهاز هيٺ لٿو. ٽنگون سڌيون ڪرڻ جي بهاني هو ٻاهر ايو. هوائي اڏي جي هينگرن ۾ وڃي هن المارين جا ڪندون پاسا جاچي ڏٺا، موٽرن جي تلاش ورتائين. هوُ ڊان ساڻ گڏ ئي هو. کيس خبر هئي تہ هو بندوق جي تلاش ۾ آهي.

ٻن پهرن جو ٽين وڳي سيئي روچيسٽر پهتا. ڊاڪٽر بٽ سان ملي هيمنگوي ڏاڍو خوش ٿيو. پر ڊان ۽ ٻيا دوست انهيءَ وقت موٽي رهيا آهن- اهو ڄاڻي هو اُداس ٿي ويو.

ميري گهر ۾ سيئي بندوقون گدام ۾ بند ڪري ڇڏيون هيون کيس شڪ هو تہ ڊاڪٽر بٽ جو علاج هيمنگوي لاءِ نيڪ بہ آهي يا نہ. مئي ۾ هڪ ڏينهن هن بيٽي ۽ اوٽو کي چيو: ”مان ايتري تڪجي پئي آهيان جو مان چاهيان ٿي تہ پورو مهينو ڪولڊ اسٽوريج ۾ بند ٿي وهان.“ پر هن لاءِ آرام ڪرڻ جو تہ سوال ئي نٿي اُٿيو. هيمنگوي کي شڪايت هئي تہ کيس ڪا ڏيءَ ناهي، تنهنڪري ميريءَ کي بہ روچيسٽر گهرايو ويو. پر سندس موجودگي ناڪامياب رهي.

بيشڪ سيني ڊاڪٽرن جي خيال موجب هيمنگوي هاڻي ٺيڪ ٿي ويو هو. اخبارن ۾ به اِهائي خبر ڇپي هئي. پر اصليت جي خبر ميريءَ کي ٿي هئي، جيڪا بلڪل بيوس هئي ۽ اها حالت جُون تائين جاري رهي.

گهر موٽيا ته ميريءَ کي خبر هئي ته ڪيڏي وڏي غلطي ڪئي پئي ويئي. پهرئين ڏينهن ته سڀڪجهه ٺيڪ هو. ٻئي ڏينهن هيمنگوي ۽ جارج ڊاڪٽر سيوِيَرز جي بيمار پٽ فرٽز سان ملڻ اسپتال ويا. سن وئليءَ جي آفيس ۾ ڊان سان به ملڻ ويا، پر هو ٻاهر ويل هو. ٻن پهرن جو چَڪ ايٽڪنِسن هيمنگوي سان ملڻ آيو. ٻنهي جي وچ ۾ ڪلاڪ کن ڳالهيون ٿينديون رهيون. 'ڪِلارا سِپي ايگل' ڪيس مانيءَ تي سڏڻ چاهيو ٿي، پر هيمنگوي نه مڃيو. اٽلندو هن ڪلارا کي ٿي آچر جو مانيءَ تي اچڻ لاءِ مڃايو.

ڇنڇر جي رات جو هيمنگوي ۽ ميري، جارج سان گڏ ڪِسيٽنِيا هوٽل ۾ پوءِ چَڪ ايڪٽنِسن جي موٽل به ويا. ٻنهي هنڌن ڏاڍي رش هئي. هيمنگوي ماٺ ضرور هو پر اُداس نه هو. هو ڪافي جلدي گهر موٽي آيا هئا. هيمنگوي ڪپڙا مٽائڻ کان اڳ ڏند برش ڪري رهيو هو ته ميري کي هڪ پراڻو اطالوي گيت ياد آيو. گيت جي آخري مصرع تائين پهچندي پهچندي هيمنگوي به سندس ساٿ ڏيڻ لڳو هو. هن نيرو پاجامو پاتو ۽ پڙهڻ جي بتي ٻاري پڙهڻ لڳو. ميري ٻاهرئين وڏي ڪمري ۾ سمهي رهي.

آچر جي صبح جو آسمان صاف هو. هميشه وانگر هيمنگوي صبوح سوير اٿيو. هن پنهنجو ڳاڙهو گائون، جنهن کي سيئي بادشاهي جبو چوندا هئا، پاتو ۽ هوريان قدم کڻندو هيٺ لهي ويو. صبح جي سج جي روشني بينڪ جي فرش تي پئجي رهي هئي. ڪيس اڳ ۾ ئي خبر هئي ته بندوقون گدام ۾ بند ڪري رکيل آهن. ڪيس اها به خبر هئي ته گدام جي ڪنجي ڪهڙي دريءَ ۾ پيل آهي، ڊبيل پيرن سان هو گهر جي هيٺان ٺهيل تهخاني ۾ پهچي ويو. گدام جو دروازو کوليائين. ڪمري ۾ قبر جهڙي آلاڻ ڦهليل

هئي. هن هڪ بندوق چوندي ڪنئي جنهن جي هلائڻ سان گوليءَ جا چرا چيري نہ وجي سگهن ۽ نہ ڦهلجن. ڪيترائي پيرا انهيءَ بندوق سان هن ڪبوتر ماريا هئا. هڪ ڏہي مان هن گوليون ڪڍيون، دروازو بند ڪيائين ۽ گدام ڪي ڪلف هٽي متي آيو. ٻاهر خوبصورت صاف صبح هو، پر پوءِ بہ هو نہ ڀيتو. بينڪ مان لنگهي هو ٻاهر وراندي ۾ آيو. ہہ گوليون بندوق ۾ وجهي، بندوق کي هيٺ ڪيائين. پاڻ کي اڳيان جهڪائي نالِي پنهنجي متي تي جهلي بندوق جا ٻئي گهوڙا دٻائي ڇڏيائين. •••

# ارنيسٽ هيمنگوي



هيمنگوي دنيا جي بهترين ڪهاڻيڪارن مان ته آهي ئي، پر امريڪي ڪهاڻيڪارن ۾ هو اسان جي ۽ ٽين دنيا جي ذهن کي وڏيڪ ويجهو بيهي ٿو. ڪمزور چاهي کهڙي به ڏيهه ۽ دور جو هجي، پر سندس زندگيءَ جون ڪيفيتون، سندس خوف، سندس سوچ، سندس تڪليف، سندس مهاڏو ۽ سندس ماٽيجي ماءُ جو زهريلو سلوڪ هڪجهڙا ۽ هڪجيتْرا آهن. انهيءَ مهاڏي ۽ مٽيلي ماءُ جي زهر کي جيڪو به ليکڪ پوري ايمانداريءَ، سيبتائي ۽ جيئري صورت سان ظاهر ڪري ٿو، اهو پڪ سان مهانْ هوندو آهي. هيمنگوي انهيءَ اسلوب جي ڪري هڪ مهان ليکڪ آهي- اسان جو پنهنجو ليکڪ آهي. هيمنگوي کي پڙهندي اسان کي قطعي نٿو لڳي ته اسان ڪنهن ڌارئي پرڏيهي زندگيءَ کي پڙهي رهيا آهيون. هيمنگوي جو 'پوڙهو' اسان جي مهاڻن جي وستيءَ مان نڪري بيهي رهي ٿو.

**هيمنگوي: جدوجهد ۽ شروعات**

سنه 1921ع ۾ هيمنگوي.شادي ڪئي ۽ زال سميت پيرس اچي ويو. 1926ع تائين هو اُتيئي رهيو. اهي سندس جدوجهد جا ڏينهن هئا ۽ پيار جا به. فري لانس صحافي جي حيثيت ۾ هن ڪيترن ئي موضوعن تي قلم هلايو، پر سندس ذهن ۾ لڳاتار تياري هلندي هئي، اُنهن ناولن جي، جيڪي اڃا لکيا وڃڻا هئا

هيستائين جيڪي ناول جنهن نموني هن لکيا هئا، انهيءَ ڍانچي کي هيمنگوي ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ صحيح معني ۾ هڪ سرجڻهاري رچنا ڏيڻ گهريائين ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ پئراگراف لکڻ ۾ ئي صبح ٿي ويندي هئي. ناول جهڙي ڏکي شيءِ هوُ ڪيئن لکندو، ڪيس خبر نه هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪا نئين ڪهاڻي شروع ڪندي هيمنگوي ڪٿي اٽڪي پوندو هو ۽ ڪهاڻي اڳتي نه وڌندي هئي. انهيءَ ويل هيمنگوي بخاريءَ جي اڳيان ويهي سنگترن جون کلون باهه جي ڄبين ۾ وجهندو هو ۽ لاٽ کي نيري ٿيندي ڏسندو رهندو هو. ڪڏهن بيهي پيرس جون ڇتيون ڏسندو هو ۽ سوچيندو هو، ”فڪر نه ڪر ارنيسٽ، تو اڳ ۾ به هميشه لکيو آهي، هاڻي به لکندين، بس توکي رڳو ايترو ڪرڻو آهي جو هڪ اصلي واقعو ڄمي لکي وٺ، پوءِ لکندو وڃ. هڪ کرو جملو لکي ته ڏس!“ پنهنجي طور لکڻ دوران، هن اهوئي ڪيو. هن انهن موضوعن تي لکيو، جن جي باري ۾ کيس چڱي طرح سُڌ هئي. اها هڪ اعلي، پر ڏکي مشقت هئي. انهن ڏينهن انهيءَ ڪمري ۾ هن اهو به ڄاتو ته ڏينهن جي جنهن نقطي تي لکڻ بند ڪريو، ٻئي ڏينهن تائين گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ موضوع جي باري ۾ بلڪل نه سوچيو. اهڙي طرح پنهنجي لاشعور ۾ هو هڪ تياريءَ ۾ جُنيو رهندو هو، گڏوگڏ بين ماڻهن جي ڪم ڪار ۾ دلچسپي وٺندو هو، جنهن ڏينهن هو نيڪ ناڪ لکي وٺندو هو ته گهر جي ڏاکڻ لهندي هڪ احساس هيٺ گهيرجي ويندو هو ۽ پيرس ۾ گهمندو ڦرندو هو.

انهن ڏينهن هيمنگوي وٽ ڪتاب خريد ڪرڻ جيترا پيسا نه هوندا هئا. هو سِلويا بيچ جي لئبرري ۽ دڪان 'شيڪسپيئر اينڊ ڪمپني' کان ڪتاب اڌارا وٺندو هو. سياري جي ٿڌي گهٽيءَ ۾ اهو هڪ نرم گرم هنڌ هو، جتي هڪ وڏو آتشدان هو. ڀتين تي مشهور ليکڪن جون تصويرون لڳل هيون. عجيب خدوخال وارو سِلويا جو چهرو هڪدم تازو توانو لڳندو هو، سندس ڀُورا وار، سندس ڀُوري واسڪوٽ سان ملي سنو لڳندو هو. نه رڳو سندس ٽنگون، پر سندس سياءُ به سنو هو- المست، جڏهن هو ڀهريون پيرو انهيءَ

دڪان ۾ ويو ته شڪي پئي ٿيو. ونس لائبرري جو ميمبر ٿيڻ جيترا پيسا به نه هئا. سِلويا چيس، ”ڪا ڳالهه ناهي، دير سوير جڏهن پيسا ٿين، چندو جمع ڪرائج.“ ۽ ڪارڊ ناهي چيائين، ”اوهان جيترا ڪتاب چاهيو، وٺي سگهو ٿا.“

بهار جي مُند اچڻ تي، ايتري قدر جو جُڙتو بهار جي اچڻ تي به هيمنگوي وٽ زال ۽ مڙس جي سامهون سُڪي رهڻ کان سواءِ ڪو مسئلو نه هو. هر ڏينهن دائمي هو، سن جي دائميت رڳو ماڻهو خراب ڪندا هئا. ورلي بهار جي برابر هئا.

رِتو راج جي لاـ صبح ، جڏهن هيمنگوي جي زال ستي بيئي هوندي هئي ته هو اُتي لڪڻ لڳندو، وچ ۾ اُتي ريس (Race) جي اخبار خريد ڪري ايندو. هڪ ڀيري ٻئي ڄڻا ريس ۾ به جيتي ويا. انهيءَ ڏينهن وٽن دولت ۽ بهار جو عجيب سنجوڳ هو، پر پيرس پُراڻو هو، بيحد پراڻو ۽ هو نوان هئا، جوان ۽ نوان.

جڏهن پيٽ پورو پريل نه هو ته پيرس ۾ بُک زوردار لڳندي رهندي، ڇو جو اُتي نانوائي جي دڪان ۾ بهترين شيون ملنديون ماڻهو. ٻاهر پيل ميزن جي چوڌاري ڪائيندا، کاڌي جي خوشبوءِ سان بُک اچا وڌيڪ جاڳي پوندي.

انهن ڏينهن هيمنگوي صحافت کان ڪنارو ڪري ڇڏيو هو.

### ارنيسٽ هميشہ 'ارنيسٽ' نہ رهندو هو

ميري هيمنگوي جو چوڻ آهي ته سندس مڙس تي لکيل سندس سيني ڪتابن ۾ جيڪا ڳالهه رهجي ويئي آهي، اُها آهي هيمنگوي جي تفريح طبع. هن اهو به چيو آهي ته هيمنگوي پنهنجي ڪتابن ۾ مزاج تي پورو پورو زور نه ڏنو آهي اهڙي طرح اهو هڪ وڏو مذاق اهي ته ارنيسٽ هميشہ 'ارنيسٽ' (گنڀير) نه رهندو هو. مختصر طور، هيمنگوي جي مزاح جو هڪ نمونو ڏسو حوائس ڪِلمر جي نظم 'ٽريز' جي هن پيروڊي لکي آهي.

مان سوچيان ٿو
مان ڪنهن شيءِ ڏانهن نه مُڙيس

جهڙي طرح گاهہ ڦُندجي هڪبئي ڏانهن
وڏندو آهي
گاهہ جنهن جو بکايل مَن
ريل جي پٽڙين کي موڙي چڏي ٿو
گاهہ جيڪو پيرن هينان اُيري ٿو
ڪدو ۽ گوگڙن جي ولين کي جنم ڏي ٿو
وڻ خدا جهڙن بيوقوفن طرفان جوڙيا وڃن ٿا
گاهہ ڪان متي ڪين ڪير متي ڪٽي ٿو؟

ڪٿي ڪٿي هيمنگوي جو مزاحيہ سياءَ ايترو وڏيڪ بيهودو ٿي ويو آهي، جو اُنهن حصن کي ساڳي شڪل ۾ ڇپي بہ نٿو سگهجي.

**هيمنگوي: لکڻ جي ميز ۽ بي ترتيبي جي سُتراڻي**

ارنيسٽ هيمنگوي پنهنجي بيڊ روم ۾ لکندو هو. اُن ۾ سندس ميز تي هڪ پاسي ڪتابن جو ڍير ۽ ٻئي طرف اخبارون، رسالا، مينيوُ اسڪرپٽ ۽ پمفليٽس رکيل هئا. لکڻ وقت هو اُٿي بيهي لکندو هو.

هيمنگوي عادت پٽاندر پنهنجي لکڻ واري ڪمري ۾ رکنو وجهندڙ وڏيڪ ميز استعمال نہ ڪندو هو، جيتوڻيڪ انهيءَ تي لکڻ جي وڏيڪ جاءِ رهي ها، جيتوڻيڪ، تبديلي انهيءَ ميز تي بہ رهندي خطن جا بنڊل، شينهن جو رانديڪو، گوشتخور جانورن جي ڏندن ۾ پريل هڪ تلهو، بہ زيبرا ۽ هڪ ٽيلهو سوئر- آخر ۾ ٻئي سوئر هڪ قطار ۾ رکيل هوندا هئا. ۽ ڪتاب بہ! ناول، ڪهاڻي، تاريخ، مضمون، ناٽڪ، شاعري، سڀ ڪجهہ _ هيمنگوي جو اهو ڪمرو جيڪو پهرين نظر ۾ چگو بي ترتيب هو، ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ جو مالڪ بنيادي طور صفائي پسند آهي، پر شين کي ٻاهر بہ نٿو اُڇلي سگهي، خاص ڪري انهن شين کي، جن سان هو جذباتي طور جُڙيل آهي.

انهيءَ کي هو پنهنجي شهرت ڇئي سگهي ٿو، پر هو انهن جي باري ۾ وڏيڪ ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو هو، اهو سوچي تہ انهن جو جيڪو مقصد ۽ قدر هو، اهو ائين ڪرڻ سان وڃي سگهي ٿو

لکڻ جي باري ۾ بہ سندس اهوئي ويچار هو تہ لکڻي پوري تي سامهون اچڻ کان اڳ انفرادي عمل آهي.

ٻالپڻ کان ئي هيمنگوي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري گذرڻ جو سوچيندو رهندو. اوپيرا ڳائڻيءَ ۾ چترڪار ماءُ کيس ڪلائن ڏانهن موڙيندي هئي، ۾ پيءُ چوندو هو تہ جيڪي بہ ڪرين، وڏي پئماني تي ڪر.

”هتيا ڪنهن جي بہ هجي صفائي سان کيل هجي تہ ڇا ۾ خراب آهي، سيني کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي.“ شڪار ۾ ائين چوندڙ ارنيسٽ اسپين جي سڙڪن تي قتل ڏسي بيچئن ٿي ويندو هو.

بابا چوڻ ۾ چورائڻ جو کيس شوق هو. ڪلمنجارو جي چوٽين کي ڏسي بابا مرڪي چوندو هو، ”جبلن جي آڏو باقي سموريون دوريون جاميون تي وجن ٿيون.“

### دلبر هو منهنجو مڙس

”ايڪس ري مان خبر پيئي تہ منهنجو السر نيڪ ٿي ويندو.“ انهيءَ خوشخبريءَ سان گڏ جارج سيوَيرس صلاح ڏني، ”هاڻي تنهنجي صحت جو خيال رکڻ لاءِ پاپا ناهي، هاڻي پنهنجي صحت کي منهن ڏيڻ جون ترڪيبون توکي خود ڪڍڻيون پونديون.“

سندس وڃڻ کان پوءِ، ارنيسٽ جي ڇاتيءَ جي بوءِ کان وانجهيل رهيس. سندس ڇهاءُ جي ٻُک وڌندي رهي. ڪوبہ ساهوارو اهڙو نہ هو، جيڪو سنيهہ ٻُڌل ٿيڪي، ٻُچڪار، پاڪر پائي دلبري ڪري. گهڻجندڙ پيار جي ويراني ۾، مان اندر ۾ وٽ ڪائيندي ۾ ٿنندي رهيس ۾ پنهنجي دلبر مڙس جي ننڍين ننڍين ڳالهين کان وانجهجي ويس. انهيءَ پيار سان گڏوگڏ سندس هدايت ۾ حڪم هيٺ رهڻ جي صلاحن جي ڏاڍي ياد ايندي رهي، خاص ڪري جڏهن مان ڪنهن غلط اتساهہ يا پڙ جي چپيٽ ۾ ايندي هيس.“

- ميري ويلش هيمنگوي

اهو چوڻ مشڪل آهي تہ پاپا ميري کي شڪار سيڪاريو يا خود ميري جي خواهش جو شڪار ٿيو، پر نہ سهڻ جوڳي زندگي جيئڻ ۾ ميري پاپا کان پوئتي قدم نہ رکيو.

**نوبيل انعام جيتيندڙ ناول ڪيئن لکيو ويو**

ڪيترن ئي ڪارٽن ڪري هو آخري ڏينهن دوران ڪافي بيچئن ۽ پريشان رهندو هو. انهن ئي ڏينهن هڪ دوست کي هن چيو، ”62 سالن جي هڪ شخص جو تصور ڪر، جنهن کي اوچتو اها خبر پئي ته هو اهي رچنائون تخليق نٿو ڪري سگهي، جنهن جو وعدو هن ڪڏهن پنهنجي پاڻ سان نه ڪيو هو.“

دوست کيس ياد ڏياريو، ”1938ع ۾ تو پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي جي مهاڳ ۾ چيو هو ته توکي ٽي بيا ناول ۽ 25 ڪهاڻيون لکڻ جي اميد آهي. ٽي ناول تنهنجا شايع ٿي چڪا آهن، ۽ ڪهاڻين جو تعداد 25 کان مٿي ٿي چڪو آهي.“

”نه. انهيءَ ڪري نه جو نه لکڻ ڪا مجبوري ناهي، پر اها ڄاڻ ته مان لکي ئي نٿو سگهان، اهڙي مجبوري آهي جو سدائين مون کي کٽڪندي رهي ٿي. ۽ آرام؟ ڪٿي ليکڪ به آرام ڪندو آهي؟ ۽ وري تخليقي ليکڪ؟“

”پوڙهو ۽ سمنڊ ۽ لکڻ جو خيال توکي ذهن ۾ ڪڏهن آيو هو؟“

”دوست هئڻ جي ناتي.“ •••

# فرانز ڪافڪا•



فرانز ڪافڪا جو جنم 3 جولاءِ 1883ع تي چيڪو سلوواڪيا جي گاديءَ جي شهر پراگ ۾ هڪ يهودي جي گهر ۾ ٿيو. پٽس هرمن ڪافڪا واپاري هو، جنهن هيٺئين درجي کان ترقي ڪئي هئي. ڪافڪا اول هڪ سيڪنڊري اسڪول ۾ تعليم ورتي ۽ پوءِ ڪجهه عرصو جرمن ادب ۽ طب جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ قانون جو اڀياس ڪرڻ لڳو، جنهن بابت سندس خيال هو تہ کيس خانگي زندگي ۾ لکڻ لاءِ ڪافي وقت ملندو. پراگ يونيورسٽيءَ مان قانون ۾ ڊاڪٽوريٽ جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هُو هڪ ويمي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. شروع ۾ ئي کيس انهيءَ ڳالهہ جي پڪ ٿي ويئي هئي تہ سندس صحيح منصب لکڻ ئي آهي. هن انهيءَ ڪري خاص اهڙي نوڪري جي چونڊ ڪئي جيڪا نهايت خشڪ ۽ بيزار ڪندڙ هجي جيئن سندس لکڻيون پئسي پنجڙ جي ضرورت کان آزاد رهي سگهن پر سندس ذهن ۾ لڳاتار ڇڪتاڻ ٿيندي رهي تہ هو روزمره جي ڪم ڪار کان ڪنارو ڪري ادبي ڪمن ۾ رڌل رهي. پر پٽس جو اهو سهارو جنهن جو اندروني طور تي کيس شعور هو، کيس پنهنجي دفتري ڪم کان آجو نہ ڪري سگهيو. اهو ايذاءُ اجا سرس

•FRANZ, KAFKA (1883-1924): Czech Republic, (then part of Austria.) Novelist and Short-story Writer

روحاني جلوو نئي ڏسڻ ۾ آيو ۽ نہ ئي ڪو اهڙو تجربوتيو جنهن مان مستقبل ۾ اهو جلوو ڏيکاري ڏيڻ جي اميد ملي. ڪڏهن ڪڏهن انساني زندگيءَ جو منجهيل سُٽ ڪيس ايتري قدر ٽڪائي، زخمي ۽ بيوس ڪري ڇڏيندو هو جو هو هڪ نهايت اونهي خوف جي نامعلوم گهراين ۾ نهايت بيوسيءَ سان ريڙهيون پائڻ لڳندو هو.

سندس حياتيءَ جو پويون سال پولنڊ جي هڪ نوجوان يهودڻ جي محبت جي ڪري ڪجهہ قدر شگفتہ ٿي ويو هو. هو انهيءَ عورت سان گڏ برلن پهتو، جتي هن پاڻ کي رڳو ادبي ڪمن تائين محدود ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ عورت سان شاديءَ جو ارادو ڪيائين، پر 3 جون 1924ع جو ويانا جي ڀرسان ڪيرلنگ جي سينيٽوريم ۾ گذاري ويو.

پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪافڪا پنهنجون ڪي لکڻيون شايع ڪرايون هيون. مثال طور اهي ٽڪرا جيڪي مجموعہ ڪلام جي پهرئين جلد ۾ شامل آهن. سندس مذهبي جذبي سندس هر لکڻي لاءِ هڪ اعليٰ ترين معيار کي لازمي قرار ڏيئي ڇڏيو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن گهڻو ڪري پنهنجي سيني لکڻين کي ازخود پلنگ زده ڪيو آهي. هڪ خط، جيڪو هن مرڻ کان اڳ ميڪس براڊ لاءِ لکيو هو، انهيءَ ۾ هن پنهنجي دوست کي نهايت نماڻائي سان عرض ڪيو هو تہ هو سندس سيني ادبي لکڻين کي ساڙي ڇڏي. ڏاڍي سوچ ويچار کان پوءِ، جنهن جو مڪمل احوال ميڪس براڊ ڪافڪا جي ناول The Trial جي پڇاڙيءَ ۾ لکيو آهي، هن انهيءَ وصيت کي پورو نہ ڪيو ۽ ڪافڪا جي سيني لکڻين کي شايع ڪري بيحد شهرت حاصل ڪئي.

ڪافڪا جيتوڻيڪ چيڪ هو، پر سندس سيئي ڪتاب جرمن زبان ۾ لکيل آهن، جن مان ست سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپيا. ”دي ٽرائل“ ڪافڪا جي مرڻ کان پوءِ 1925ع ۾، ”دي ڪئسل“ 1926ع ۾ ”آمريڪا“ 1927 ۾ ۽ ”دي گريٽ وال آف چائنا“ 1931ع ۾ ڇپيا. •••

# ڪافڪا: چاليھن سالن جي ڏکي اڪيلائپ جو درد



يورپ جي پھرين مھاڀاري لڙائي واري ساھ ٻوساٽيندڙ ماحول ۾ اڪيلائپ ڪافڪا جي تن من کي پوري طرح جھوري وڌو ھو. پراگ ۾ ھو ھڪ پرڏيھي جرمن ليکڪ ھو، جرمنيءَ جي يھودي- دشمن ملڪ ۾ ھڪ ڌڪاريل يھودي. سموري زندگي انھن دشمنن جي وچ ۾ جيئندڙ ڪافڪا جي زندگيءَ جي ھڪ جھلڪ... ھتي سندس ھڪڙو خط، جيڪو ھن پنھنجي پيءُ کي لکيو ھو ۽ ڊائريءَ جا ڪجھ ورق شامل آھن.

آخري ڏينھن ۾ ڪافڪا جو ڳالھائڻ بہ بند ٿي ويو ھو ونس جيڪو بہ ملاقاتي ويندو ھو تہ ھو ڪاغذ تي لکي ڳالھہ ڪندو ھو. 2 جون 1924ع تي سندس حالت ڪجھہ سڌري اُن ڏينھن ھُن پنھنجي ڪھاڻي A Hunger Artist جا پروف بہ ڏٺا پر ٻئي ڏينھن ڪيس سُور وڌي ويو اُن وقت پريشانيءَ وچان پنھنجي ڊاڪٽر چاچي ڪلوپسٽوڪ کي چيائين تہ مون کي ماري ڇڏ نہ تہ تون منھنجو قاتل ليکيو ويندين. ائين چوندي جڳ مشھور ليکڪ فرانز ڪافڪا پنھنجي چاليھہ سالہ تنھا زندگيءَ کان موڪلايو ۽ ھميشہ لاءِ سمھي پيو.

ڪافڪا جو جنم اُن وقت جي آسٽريا-هنگريءَ جي شهنشاهيت واري شهر ۽ پوءِ جي چيڪو سلوواڪيا جي گاديءَ واري شهر پراگ جي هڪ يهودي خاندان ۾ 3 جولاءِ 1883ع تي ٿيو هو. سندس پيءُ هرمن ڪافڪا گهوڙريو واپاري هو، جنهن جو پيءُ ڏکڻ بوهيميا ۾ ڪاسائي هوندو هو. هرمن جو خاندان ڏکڻ بوهيميا کان لڏي پراگ ۾ اچي وسيو هو. ڪافڪا جي ماءُ جُولي هڪ اهڙي خاندان مان هئي، جيڪو انتظامي رٿابندي جي معاملن کي نبيرڻ ۾ مشهور هو.

فرانز ڪافڪا، هرمن ۽ جُوليءَ جو پهريون اولاد هو. ڪافڪا جا ٻه ڀائر ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا هئا ۽ سندس ٽي ڀينرون هن دنيا ۾ ڪانئس گهٽو پوءِ آيون. اِهوئي ڪارڻ هو جو ڪافڪا جو ننڍپڻ بي حد اڪيلائيءَ ۾ گذريو. گهر ۾ ڪيترين ئي ماسترياڻين کان تربيت وٺڻ کان پوءِ، کيس جرمن جي هڪ اسڪول ۾ موڪليو ويو، جتي هن جرمن ٻوليءَ جي تعليم هڪ جرمن وانگر ئي ورتي. کيس پنهنجي چيڪ يا يهودي هجڻ جو احساس گهٽو پوءِ ٿيو.

سڀ کان اول کيس پراگ جي هڪ پرائمري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو، تنهن کان پوءِ هو اولڊ ٽائون اسڪوائر جي جرمن گرامر اسڪول پڙهڻ ويو، جيڪو پراگ، جو پڙهائيءَ جي خيال کان ڏکئي کان ڏکيو اسڪول هو. ننڍپڻ کان ئي ڪمزور نازڪ ڪافڪا جي چهري تي هميشه سنجيدگي ڇانيل رهندي هئي.

18 ورهين جي ڄمار ۾ ڪافڪا پراگ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ، اڳياس لاءِ هن ميڊيڪل سائنس جي چونڊ ڪئي. پر پندرهن ڏينهن کان پوءِ هن پنهنجو ارادو مٽائي ڇڏيو ۽ جرمن ٻولي پڙهڻ لڳو. جرمن ٻوليءَ جي سکيا پوري ڪرڻ کان پوءِ هن قانون پڙهڻ شروع ڪيو. قانون جي موضوع ۾ کيس دلچسپي نه هئي، پر سندس چوڻ هو ته ائين ڪري هن پنهنجي پيءُ جي خواهش کي پورو ڪيو هو ۽ پنهنجي پاڻ کان هار ڪاڍي هئائين.

يونيورسٽي جي ڏينهن ۾ ڪافڪا جي ملاقات ميڪس براڊ (Max Brod) سان ٿي، جيڪو پوءِ ڪافڪا جو گهاٽو دوست ۽ سندس

سوانح نگار بڻيو. يونيورسٽيءَ ۾ ميڪس براڊ، ڪافڪا کان هڪ سال پوئتي هو. اُتان جي شاگرد- سنگت جرمن شاگردن لاءِ هڪ ليڪچر جو اهتمام ڪندي هئي، جن جي گڏجاڻين ۾ ٻنهي جي ملاقات ٿي. جيتوڻيڪ انهيءَ شاگرد- سنگت ۾ سماجي مسئلن سان سنبنڌ رکندڙ موضوعن جو هڪ جدا حصو هوندو هو، پر ڪافڪا ۽ براڊ رڳو فن ۽ ادب جي باري ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ حصو وٺندا هئا. انهن گڏجاڻين ۾ ئي هنن جي ادب لاءِ دلچسپي ۽ لاڙو پيدا ٿيو.

هو ادب کي پنهنجي حساب سان پرکيندا هئا ۽ پنهنجين زندگين جي مسئلن جو حل، ڪٽنبي زندگي ۽ روايتي مذهب ۾ ڳولي نہ سگهيا هئا، ان ڪري سندن دلچسپي ادب ۾ وڌندي ويئي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ 1909ع ۾ ڪافڪا براڊ کي پنهنجي پهرئين ناول ”ڳوٺ ۾ هڪ شاديءَ جي تياريءَ“ جو پهريون باب ٻڌايو. هيءُ اُهو وقت هو، جڏهن ميڪس براڊ جون لکڻيون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ لڳيون هيون ۽ هڪ ڪتاب پڻ شايع ٿي چڪو هو. براڊ پنهنجي دوست کي ادبي ميدان ۾ آڻڻ لاءِ سڀ کان پهرين سڌو رستو اختيار ڪيو. برلن جي هڪ هفتيوار اخبار ’دي گگين وارٽ‘ جي هڪ تحرير ۾ هن ڪيترن ئي اهم ليکڪن جهڙوڪ: ٿامس مانَ (Thomas Mann) ۽ ٻيري ڪائيند جي قطار ۾ ڪافڪا کي پڻ جاءِ ڏني. دلچسپ ڳالهہ اها هئي جو اُن وقت تائين ڪافڪا جي ڪابہ تحرير ڇپي نہ هئي. ڪجهہ مهينن کان پوءِ، فرينز وئلي جي ادارت ۾ شايع ٿيندڙ اخبار ’هاءِ پيرين‘ توڙي پراگ جي روزاني اخبار ’بوهيميا‘ ۾ سندس ڪجهہ تخليقون شايع ٿيون. اهو براڊ جي اڳواٽ ورتل انتظامن جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو.

1906ع ۾ ڪافڪا جرمن يونيورسٽيءَ ۾ قانون جي موضوع تي ڊگري حاصل ڪئي. ان کان پوءِ هڪ سال کن عدالت ۾ ڪم ڪندو رهيو. انهن ئي ڏينهن دوران، هن هڪ پيرو قانون کي پيشي طور اختيار ڪرڻ جو سوچيو، پر هو فيصلو ڪري نہ سگهيو. هن لاءِ ادب کي پيشي طور اختيار ڪرڻ جو سوال ئي نٿي اُٿيو. جيتوڻيڪ هو پنهنجي تحريرن کي پنهنجي روزگار جو

وسيلو بنائي سگهيو ٿي، پوءِ بہ هو شايد ائين نہ ڪري ها. ميڪس براڊ جي مدد سان هُو ڪنهن اهڙي وڏي اداري ۾ نوڪري تلاش ڪرڻ لڳو، جتي رڳو پينءَ ڪان انين وڳي تائين ڪم ڪرڻو پوي تہ جيئن باقي وقت ۾ لکڻ- پڙهڻ، گهمڻ ۽ تجربيگاهن ۾ وڃي سگهي. اهڙي نوڪري رڳو سرڪاري ڪاتن ۾ ملي سگهي ٿي. ڪافي ڊوڙ ڊُڪ ڪان پوءِ نيٺ جولاءِ 1908ع ۾ ڪافڪا کي هڪ لائيف انشورنس ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ ڪلارڪي ملي ويئي. آفيس ۾ ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ، ڪافڪا ايترو ٿڪجي پوندو هو جو ڪوبہ تخليقي ڪم ڪري نہ سگهندو هو. ڪجهہ ڏينهن تائين تہ ڪافڪا منجهند جو سمهندو هو ۽ پوءِ رات جو لکندو رهندو هو.

ڪافڪا پنهنجي ڊائري ۽ خطن ۾ اها ڳالهہ بيحد ڏکوئيندڙ لفظن ۾ بيان ڪئي آهي تہ هو ڪهڙين ڏکين حالتن ۾ رهڻ لاءِ مجبور هو. گهٽ جي انهن ڏينهن ۾، هو پنهنجي زندگيءَ کي ڪو مناسب رُخ ڏيڻ ۾لڳو رهيو. ڪافڪا جي تحريرن مان پتو پوي ٿو تہ سندس ادب ۾ هڪ خاص نقطہ نگاهہ آهي. هن لاءِ لکڻ هڪ اٽتر عمل هو جو تہ هُو پنهنجي زندگيءَ سان واڳيل مسئلن جو حل ادب ۾ ڳولڻ چاهيندو هو.

موڪل جي ڏينهن هو براڊ سان گڏجي سير سفر، ترڻ ۽ وهنجڻ لاءِ ويندو هو. 1909ع ۾ هو ٻئي ريوا ويا، جتي کين هڪ مقامي اخبار مان پتو پيو تہ بريسڪا ۾ پهرين هوائي اُڏام ٿيڻ واري آهي. اُن وقت تائين هنن هوائي جهاز نہ ڏٺو هو، تنهن ڪري هو ٻئي جٽا گڏ هوائي- اُڏام ڏسڻ لاءِ بريسڪا ويا. اهو واقعو انهيءَ ڳالهہ جو ڏس ڏي ٿو تہ هو هر نئين ۽ اهم شيءِ کي ڏسڻ لاءِ ڪيڏو نہ بي چئن رهندا هئا!

ڪافڪا پنهنجي جنسي زندگيءَ مان مطمئن ڪونہ هو. ڪافڪا جڏهن ڳڀرو هو تہ سندس شامون خوبصورت ڇوڪرين سان گذرنديون هيون. براڊ جي لکڻ پٽاندر، هڪ ڀيري ڪافڪا شراب خاني ۾ شراب وکٽندڙ هنسي نالي ڇوڪريءَ جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويو هو.

1912ع ۾ براڊ ۽ ڪافڪا گڏجي گوئٽي جي شهر بئمار ويا. انهن ٻنهي گوئٽي کي گڏجي پڙهيو هو. ڪافڪا جي گوئٽي سان دلچسپي نہ هئي، تنهن ڪري هن لاءِ گوئٽي (Goethe) جي شهر جي سفر جو تجربو ڪجهہ نرالو ئي هو.

رستي ۾ هو لئپزگ ۾ ترسيا، جتي براڊ ڪافڪا جي ملاقات، ارنيسٽ روهالٽ ۽ ڪُرٽ وولف نالي پبلشر سان ڪرائي. براڊ پنهنجي دوست جي ڪتاب شايع ڪرائڻ لاءِ بيچئن هو، پر ڪافڪا انهيءَ معاملي ۾ ڪافي فڪرمند هو. پبلشر ڪافڪا جا ڪتاب شايع ڪرڻ تي راضي ٿي ويو. هن ڪافڪا کي صلاح ڏني تہ هو پنهنجي تحريرن کي عام ڪري. پراگ موٽڻ تي ڪافڪا پنهنجين تحرين، ڊائرين ۽ شروع ڪيل ڪهاڻين جي مسودن کي گڏ ڪيو. جڏهن هُو انهن مسودن کي سهيڙي رهيو هو تہ اوچتو ڪيس محسوس ٿيو تہ سندس سموريون تخليقون گند ڪچرو آهن. براڊ اِنهيءَ ڳالهہ جي مخالفت ڪئي ۽ پنهنجي طرفان ڪافڪا کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين. نيٺ ڪافڪا هڪ ننڍڙو ڪتاب شايع ڪرڻ تي راضي ٿيو جيڪو 1913ع ۾ شايع ٿيو. تلهيءَ ٽائيپ ۾ ڇپيل 99 صفحن جي انهيءَ ڪتاب جو نالو هو- "ميڊيٽيشن".

ائين لڳي ٿو ڄڻ پهرئين ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ ڪافڪا جي تخليقي سگهہ جاڳي پيئي. اُنهيءَ سال ڪافڪا پنهنجي هڪ ننڍي ڪهاڻي The Judgement (فيصلو) مڪمل ڪئي. اها ڪافڪا جي پهرين ڪهاڻي آهي، جيڪا هر لحاظ کان مڪمل چئي سگهجي ٿي. پوءِ هن America, 1927 (آمريڪا) ناول تي ڪم شروع ڪيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي شاهڪار ڪهاڻي Metamorphosis (ڪايا پلٽ) پڻ لکي. سندس ناولن مان ڪو بہ مُڪمل ناهي، نامُڪمل هجڻ جي باوجود سندس ناول The Trail (Prozess-1825 ...) (مقدمو) (loss, (Das the Castle) (1926) (محلات) يورپ جي 1930ع جي ڊڪٽيٽرشپ جي گڏهپٽي عڪس پيش ڪن ٿا. هن پنهنجي هڪ شاهڪار ڪهاڻي 'ڊاڪٽر بابُو' (Country Doctor) ۾ خواب جي ڪيفيت کي ڪاميابيءَ اُتاريو آهي.

1913ع جي اونهاري ۾ ڪافڪا جي ملاقات برلن جي هڪ ڇوڪري فيلِس بائر سان ٿي، جنهن جي محبت ۾ هو ديوانو ٿي پيو، هوءَ برلن واپس هلي ويئي، پر ٻنهي جي وچ ۾ خط و ڪتابت هلندي رهي. شروع ۾ ته فيلس، ڪافڪا جي محبت جي موٽ ڏيندي رهي، پر ڪيس انهيءَ ڳالهه جو تمام جلدي احساس ٿي ويو ته فرانز ڪافڪا هن لاءِ سنو مُڙس ثابت نه ٿي سگهندو، تنهنڪري هن هڪ ڏينهن اوچتو ساڻس ناتو ٽوڙي ڇڏيو.

مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، جڏهن ڪافڪا پنهنجي ڀيڻ سان بالٽڪ سمنڊ جي ڪناري رهيل هو ته سندس ملاقات ڊورا ڊائمونٽ سان ٿي. ڊورا برلن ۾ يهودين جي عوامي بورچي خاني ۾ ڪم ڪندي هئي. اُن وقت ڊورا جي عمر ويهه ورهيه مس هوندي. هوءَ هڪ شاهوڪار پولش يهودي خاندان جي ڄائي هئي. پنهنجو گهر ان ڪري ڇڏي آئي هئي، جو هُن هِن دنيا ۾ پنهنجو رستو پاڻ ڳولڻ ٿي چاهيو.

ڪافڪا عبراني (Hebrew) پڙهي رهيو هو ۽ ڊورا عبرانيءَ جي ڄاڻو هئي. سندس پهرين ڳالهه ٻولهه جو موضوع ٻوليءَ جو علم هو. ڪافڪا جي دلچسپي ڊورا ۾ وڌندي ويئي ۽ هن جلدئي ڊورا سان برلن ۾ رهڻ ۽ پراگ کي هميشه الوداع چوڻ جو فيصلو ڪري ورتو. ڪافڪا کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو گهري سڪون جو سک مليو ۽ ماءُ پيءُ کان نيٺ ڇوٽڪارو به آخري طور ملي ويو، جنهن لاءِ هوُ ننڍپڻ کان پريشان هو. ڪيس پهريون ڀيرو گهري ننڊ جو سُک مليو ۽ هو لکڻ به لڳو. پر سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪرندي ويئي. مارچ ۾ سندس حالت ڏاڍي خراب ٿي ويئي. ميڪس براڊ، ڪافڪا جي چاچي رابرٽ ڪلوپسٽوڪ کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪيو، جيڪو ڊاڪٽر هو. ڪافڪا کي پراگ آندو ويو ۽ ساڻس گڏ ڊورا به آئي. سندس صحت اڳي کان وڌيڪ ڪري پيئي، ان ڪري ڪيس ويانا جي جهنگل پرسان هڪ سينيٽوريم ۾ نيو ويو. سينيٽوريم جي ڊاڪٽرن تپاسي ٻڌايو ته ڪيس ٽي- بي آهي ۽ ڪيس واپس ويانا اسپتال موڪلي ڇڏيائون.

ويانا اسپتال جي حالت چڱي نہ هئي. اپريل جي پڇاڙيءَ ۾ ڊورا ۽ ڊاڪٽر چاچي ڪلو پسٽوڪ احتياط طور ڪافڪا کي ويانا کان ٻاهر واقع ڪيئرلنگ اسپتال ۾ داخل ڪرايو. انهن ڏينهن ۾ ڪافڪا کي سُور وڌي ويو هو. ڪجهه ڊاڪٽرن ڊورا کي صلاح ڏني تہ هوءَ ڪيس پراگ ڪٽائي وڃي، جو اُتي اُنهي بيماريءَ جو علاج ڪرڻ سندن وس کان ٻاهر هو. سندس سور جو علاج ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽرن وٽ هاڻي رڳو مارفيا جا انجيڪشن ئي بچيا هئا. ڪافڪا جي ڊاڪٽر چاچي ڪلوپسٽوڪ سندس سار سنڀال لاءِ پنهنجي نوڪري ڇڏي ڏني هئي ۽ ڪافڪا جي مرڻ گهڙي تائين ساڻس گڏ رهيو. آخرڪار 3 جون 1924ع تي ڪافڪا اُتي ئي گذاري ويو. •••

# فيوڊور دوستووسڪي

## روس جو اعليٰ اديب•



مشهور روسي ناول نويس دوستووسڪي جي زندگيءَ جو گهڻو حصو تڪليفن ۾ گذريو. غريب هئڻ ڪري پيٽ لاءِ پئسو نہ هو ۽ گڏوگڏ هو انساني محبت کان بہ محروم هو. انهيءَ محبت جي پياس سندس دل کي هر هر جلائيندي رهي.

هوڏانهن تڪليفن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي زار جي خلاف سياست ۾ بهرو وٺڻ جي ڏوهہ ۾ کيس ڦاسيءَ جو حڪم ڏنو ويو، پر پوءِ اها سزا رد ڪري.کيس سائبيريا جي سرد برفاني ميدانن ۾ موڪليو ويو. چار سال سخت پورهئي جي سزا ڪاٽڻ کان پوءِ جڏهن هو واپس وريو تہ اهڙو ماڻهو ڪونہ هو جو کيس پنهنجو ڪري سڏي، سواءِ سندس هڪ ڀاءُ جي جيڪو گذر سفر مس ڪندو هو، جنهن جي ڪابہ خبر دوستووسڪي کي نہ هئي.

محبت جو بکايل دوستووسڪي آخرڪار هڪ عورت جي محبت ۾ ڦاسي پيو، پر هوءَ پنهنجو مطلب ڪڍي کيس دوکو ڏيئي هلي ويئي ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مري ويئي.

نيٺ دوستووسڪي کي پنهنجي ڀاءُ جي رهائش جو ڏس مليو. ٻنهي ڀائرن گڏجي هڪ اخبار ڪڍڻ شروع ڪئي، جيڪا ماڻهن ۾ مقبول هئي. پر اوچتو سندس ڀاءُ گذاري ويو، جنهنجو نتيجو اِهو نڪتو جو ڪيس ڪيترن هزارن جو نقصان پيو. جيتوڻيڪ انهن گهڻين رقمن جو قرضدار سندس ڀاءُ هو، پر هُن قرض ادا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيو. سندس اعليٰ تصنيفن جي ڪري سندس هاڪ ساري روس ۾ پکڙيل هئي، پر سندس مالي حالت ڏاڍي ڪمزور هئي. لهڻيدار

---

•FYODOR DOSTCEVSKY (1821-1881): Russian Novelist.

زوردار نموني پئسن جي گهر ڪري رهيا هئا. ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، هن پنهنجين سيني تصنيفن جا Copy Right (حق ۽ واسطا) هڪ پبلشر کي ڇهہ هزار رپين ۾ وڪڻي ڇڏيا. پر اهي سڀ پئسا چڪائڻ بعد بہ سندس جند آزاد نہ ٿي. پبلشرز جو ٻيو پڻ شرط هو تہ هو هڪ مهيني اندر هڪ نئون ناول لکي ان جا Copy Right بہ پبلشر کي ڏيڻا پوندا نہ تہ ڪانئس ٻين سيني ڪتابن جا Copy Right ڪسجي ويندا ۽ ڏنل رپيا پڻ پرايا ويندا. ايتري ٿوري عرصي ۾ ڪتاب لکڻ ڪا چرچي جي ڳالهہ نہ هئي ۽ انهي لاءِ بہ هڪ Short hand ڄاڻوءَ جي ضرورت هئي.

آلڪن سندس هڪ دوست هو، جيڪو شارٽ هينڊ جو اُستاد هو، تنهن هڪ ڇوڪريءَ دوستووسڪي ڏانهن موڪلي ڏني.

ڇوڪريءَ جو نالو هو اناگرو گوريونا. جڏهن سندس استاد آلڪن کيس مشهور اديب دوستووسڪي وٽ وڃي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو تہ کيس اعتبار ئي نہ پيو اچي. هن دوستووسڪي جا ناول پڙهيا هئا ۽ سندس تازو ڪتاب (ڪال ڪوٺڙيءَ جون يادگيريون) بہ پڙهيو هو. هن خوشيءَ سان انهيءَ ڪم کي قبول ڪيو. هو غريب گهراڻي جي ڇوڪري هئي. کيس جيڪو ڪم ٿي مليو، اها ڳالهہ سندس لاءِ ڪا گهٽ خوشي جي ڳالهہ نہ هئي پر کيس سڀ کان وڌيڪ ڳالهہ اها لڳي تہ دوستووسڪي جهڙي وڏي مشهور اديب وٽ کيس ڪم ڪرڻو ٿي پيو.

ٻئي ڏينهن هو آلڪن جو خط کڻي دوستووسڪي وٽ ويئي. کيس خبر نہ هئي تہ ليکڪ ڇا ٿيندو آهي؟ جنهن وڏي گهر ۾ دوستووسڪي رهندو هو، اُن ۾ گهڻا مزدور ۽ ننڍا وڪاندار هئا. انهن ڏينهن ۾ دوستووسڪي جو مشهور ناول(1986) Crime and Punishment (ڏوهہ ۽ سزا) سلسليوار هڪ ماهوار مخزن ۾ ڇپرو ٿي رهيو هو. هُن انهيءَ ڪتاب ۾ ڪتاب جي هيري جي گهر جهڙي تصوير چٽيل هئي، هوبهو انهيءَ گهر کي انا نيڪ سامهون ڏٺو. جنهن ڪان پوءِ هن جو هڪ ٻيو نالي وارو ناول "برادري ڪرامازوف" شايع ٿيو هو. اناگرو گوريوانا کي هن پنهنجو نئون ناول جيڪو ٻين ناولن کان مختصر بہ هو "The Gambler" لکرايو ۽ پبلشر جو مطالبو پورو ڪيائين. هن ڪتاب جو ترجمو سنڌيءَ ۾ "جواري" جي نالي سان قاضي خادم ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو. ●●●

# ناظم حڪمت

## ترڪيءَ جو ريڊيڪل شاعر



ناظم حڪمت (1901-1963ع) ترڪيءَ جو ريڊيڪل (نؤپسند) شاعر ۽ ناٽڪ ڪار، عثمانيہ عملدارن جي ڪٽنب ۾ سالونيڪا ۾ جنم ورتو ۽ استنبول ۾ ٽرڪش بحريہ ۾ ڪئڊٽ ٿيو ۽ 15 ورهين جي ڄمار ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. 1921ع ۾ هوُ ماسڪو ويو، جتي 1928ع تائين سوويت روس ۾ رهيو. هو مارڪسي نظريئي کان متاثر هو ۽ ولادمير ماياڪوسڪي جي Futurist شاعريءَ جي اثر هيٺ رهيو. هوُ 1924ع کان 'ٽرڪش ڪميونسٽ پارٽيءَ' سان وابستہ هو ۽ 1928ع ۾ هو ترڪي موٽي آيو ۽ هُن پنهنجي شاعريءَ جا ڪتاب شايع ڪرايا. سندس شاعري، ترڪي شاعريءَ کي ڪلاسيڪي عروضي شاعريءَ کان، جيڪا اُن وقت لکي ويندي هئي، کي چوٽڪارو ڏياريو. سندس دلڪش خوش بياني ۽ روان طنزومزاح سان پنهنجي وقت سان ڪمال جي ترڪيءَ جا گهٽائي سماجي مسئلا اُڪلايا، جيتوڻيڪ هن محبت ۽ فطرت جا گيت لکيا.

1938ع ۾ حڪمت کي بغاوت ۽ شاگردن کي ڪميونزم ڏانهن موڙڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ 28 ورهيہ قيد جي سزا

* NAZIM AL-HIKMAT (1902-1963): Turk Peot, Playwright, Novelist and Memoirist.

ڏني وئي. 51_1950ع ۾ سائس بدسلوڪيءَ جي خلاف بين الاقوامي احتجاجي مهم جي نتيجي ۾ ڪيس آزاد ڪيو ويو. جلدئي هو روس ڀڄي ويو، جتي سندس شاعريءَ جا گهڻا مجموعا ۽ ناٽڪ روسي ۽ آذربائيجاني ترڪي زبانن ۾ شايع ٿيا. سندس ڪجهه شاعري يوناني ۽ فرينچ زبانن ۾ ترجمو ٿي آهي. سندس اهم تخليق سندس زوردار نيم آتم ڪٿائي ناول پهرين روسي ۽ پوءِ فرينچ ۾ Les romantiques (Pairs, 1964) جي عنوان سان ڇپيو. حڪمت جون لکڻيون شروع ۾ سندس وطن ترڪيءَ ۾ بندش هيٺ هيون. سندس هيٺيان پيا نظم جا مجموعا انگريزي زبان ۾ موجود آهن: The Moscow Symphony and Other Poems, Things I didn't Know Epic of Sheikh Bedrehhin. جيڪي پنڌرهين صديءَ جي شروع ۾ ترڪ، يوناني ۽ يهودي پورهيتن جيڪي عثمانيہ شهنشاهيت خلاف اٿڻ جي پس منظر ۾ آهي. هو 1917ع ۾ Heybeli Navel Academy ۾ داخل ٿيو، ۽ 1921ع ۾ استنبول (جيڪو ان وقت اتحادين جي قبضي ۾ هو) مان اناطوليا ڀڄي ويو ۽ 1922ع مان وري نڪتو ماسڪو ڀڄي ويو، جتي University of the East ۾ پڙهيو. 1925ع جي وچ ڌاري هُو جڏهن ترڪي موٽي آيو ۽ 1951ع جڏهن هن هميشہ لاءِ خيرآباد ڪيو، جي وچ ۾ هو ڪميونسٽ سرگرميءَ جي ڪري جيل ۾ اندر ۽ ٻاهر هو.

سندس پهريون ڪتاب '835 Lines'، 1929 ۾ ڇپيو. هڪ ٻئي پنيان مجموعن ۾ هن زباني ٻوليءَ جو هڪ امتيازي شاعرائي استعمال ۾ واڌارو آندو. هڪ آزاد نظم جو اهو عروضي (Rhymed) قسم، جنهن ۾ جديد ۽ قديم ڪلچرل لاڙن کي ڪاميابيءَ سان ڳنڍڻ جو ڪم ڪيائين. سندسُ موضوع آفاقي هئا پر سندس ڪن بهترين نظمن ۾ هن پنهنجي ملڪ ۽ ديس واسين جي محبت جو اظهار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هو 1963 ۾ گذاري ويو، تڏهن بہ سندس زندگيءَ جو گهڻو ڪم سندس ڪرشماتي (Chrismatic) شخصيت ڪان ڌار نٿو ڪري سگهجي.

ناظم حڪمت بيشڪ ترڪيءَ جو بين الاقوامي شهرت جو شاعر آهي سندس شاعري گهڻن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي آهي ۽

سندس نالو روس ۽ فرينچ ميڊيڪل سينٽر جي حوالي سان آهي. هن ڪميونسٽ هلچل ۾ مشهور ٿيڻ کان اڳ، اڌ زندگي اناطولي جيلن ۾ گذاري ڇڏي. ترڪيءَ ۾ سندس ناليِ پويان ڪوبه روڊ رستو ناهي ۽ سندس ڪتابن تي عام بندش آهي پر سندس نظم ورهايا ويندا آهن جڏهن ائين ٿيندو آهي ته نوجوان شاعر سندس اسلوب جو نقل ڪندا آهن. سندس اسلوب منفرد آهي، جيئن Human Land_scapes، ترڪيءَ جو ترڪيءَ جي ويهين صدي جي ماڻهن جو، هڪ ڏکيو تاريخ وار بيان، اڌ شعر، اڌ نثر.

ناظم پنهنجي هڪ پراڻي نظم ۾ چوي ٿو:

'... مون رکيو
لڪٽين ۽ تصويرن ۾
يورپ جو سفر ڪيو آهي.
سموري حياتيءَ ۾ ايشيا مان
هڪ به نيري ٽڪلي وارو (محصول ڏنل) خط نه پهتو اٿم
اسان جي مقامي پساري ۽ مون کي
امريڪا ۾ ڪوبه نه سڃاڻي.'

اهو نظم هن صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جو آهي. جيتوڻيڪ انڪساريءَ وچان هو پنهنجو پاڻ کي هڪ پساري جي سطح تي پيش ڪري ٿو، پر اها حقيقت آهي ته هو پنهنجي ملڪ کان ٻاهر انهن ڏينهن ۾ ايترو مشهور ڪونه ٿيو هو. جيتوڻيڪ ترڪيءَ ۾ سندس نالي تي طوفان اٿندو هو، پر ترڪيءَ کان ٻاهر سندس شاعري ڄاتي نٿي ويئي.//////

جڏهن هو 1963ع ۾ ماسڪو ۾ گذاري ويو ته هو سموري دنيا ۾ مشهور ٿي چڪو هو. اڄ مشڪل سان ڪا زبان هوندي جنهن ۾ سندس شاعري ترجمو نه ٿي آهي؛ ۽ نه ڪو ننڍو يا وڏو ملڪ هوندو جنهن ۾ سندس ڪتاب شايع نه ٿيا هجن. جڏهن توهان يورپ، ايشيا ۽ افريڪا جي سفر تي آهيو ۽ چئو ٿا ته توهان ترڪ آهيو ته توهان اهڙو ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي وڃو: "توهان ناظم جي ملڪ جا آهيو؟" اها ڪيڏي نه حيرت انگيز ڳالهه آهي جو ملڪ

شاعرن جي نالي پويان ياد ڪيا وڃن: نرودا جو چلي، اراگان جو فرانس، ناظم جو ترڪي!

جيڪڏهن زبان جي حدبندي ناظم تي روڪ نہ وڌي تہ اهو هڪ طرف سندس زندگيءَ جي واقعن جي ابتي اثر ڪري ۽ ٻئي طرف سندس شاعريءَ جي آفاقيت ۽ ان جو آفاتي سنگيت هو، جنهن سندس تخليقن کي قومي رنگ مان بين القوامي رنگ ۾ آندو. مٿيون نظم اڳتي ُهيئن آهي:

”.... پر انهيءَ جي باوجود
چين کان اسپين تائين،
ڪيپ کان الاسڪا تائين
هر ساموندي جيل ۾
هر ڪلوميٽر ۾
منهنجا دوست ۽ دشمن آهن.
دوست، اسان هڪ ٻيرو بہ پاڻ ۾ ڪيڪاريو ناهي،
پر اسان ساڳي ماني لاءِ
ساڳي آزاديءَ لاءِ
ساڳي اُڪير لاءِ مرنداسين.
دشمن، جن جي رت جو پياسو آهيان
منهنجي رت جا پياسا آهن.
منهنجي سگهہ ايتري آهي
جو مان هن وسيع دنيا ۾ اڪيلو ناهيان.
(’دنيا، منهنجا دوست، منهنجا دشمن، تون ۽ هي ڌرتي‘)

هو هن وسيع دنيا ۾ ڪڏهن بہ اڪيلو نہ هو، ايتري قدر جو جيل ۾ بہ هو اڪيلو نہ هو. هن زندگيءَ ٻاهرين دنيا کان، واقعن کان جن انساني .... کي اثرانداز ڪيو هو، لاڳاپا ٽوڙيا تہ هئا. انهيءَ کان سواءِ هن جدوجهد ۾ فن جي وسيلي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهو آفاقي آواز جيڪو سيني انسانن لاءِ ساڳيو آهي- دنيا ۽ انسانيت سان لڳاءُ، خراب ترجمو پڻ سندس شاعريءَ مان ختم نٿو ڪري سگهي.

Tristan Tzara فرينچ شاعر چوي ٿو، ”جيئن ته ناظم جي شاعري اسان ترجمي جي صورت ۾ پڙهون ٿا، تنهنڪري ظاهر آهي ته انهيءَ جي رواني جو ملهه نٿا ڪٿي سگهون. پر سندس شاعري انساني امڪانن سان ايتري پريل آهي جو جيتوڻيڪ انهيءَ پنهنجي زبان جي ڪشش ۽ سونهن وڃائي ڇڏي آهي، جيڪي ترجمي جي صورت ۾ اڻتر اوڻايون آهن، اسان جي دلين تي اثرانداز ٿي آهي، ۽ ان جي حساس لهجي جي تازگيءَ سان بيهر جنم ورتو آهي.

مون کي لڳي ٿو ته ناظم جي شاعري، جيئن Tristan Tzara چيو آهي، گهڻو ڪري پنهنجي پاڻ ۾ ’انساني امڪان‘ ۽ نتيجي ۾ ’حساس لهجي‘ جي ڪري ٻاهر ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. سندس شاعريءَ، شاعراڻي زبان ۾ اظهار، جنهن کي ’گهاڙيٽو‘ چئجي، ايترا اهم آهن جيترو مواد ۽ معنيٰ- پاڻ وڏيڪ اهم. سچي فنڪار ۽ وڏي شاعر وانگر، هن نه رڳو ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اهو سڀ ڪجهه هڪ تمام ڇهندڙ ۽ اثرائتي نموني چيو آهي. انهيءَ جو سٺو مثال اهو آهي ته هو پنهنجي آخري ڏينهن تائين، نئون گهاڙيٽو ڳولهڻ ۾ لڳو رهيو، پاڻ اظهار ڪرڻ جو هڪ نئون رستو ڄڻ ته هو نوجوان شاعر وانگي هو.

انهيءَ ڪارڻ جي ڪري، انهيءَ حقيقت کان شروع ٿيندي ته شاعري ٻي زبان ۾ ترجمو نٿي ٿي سگهي، رڳو بيهر لکي سگهجي ٿي. اسان اهو چئي سگهون ٿا ته پل ڪٿي ناظم پنهنجي شخصيت، پنهنجي زندگي ۽ شاعري ۾ آفاقي مواد هجڻ ڪري ملڪ کان ٻاهر سڃاتو وڃي ٿو پر ڏاريان پڙهندڙ تيستائين ڪيس نه سڃاڻيندا، نه سمجهندا جيستائين سندس نظم انگريزي، فرينچ، روسي وغيره ۾ ترجما نه ٿيندا ۽ پڻ جيڪڏهن انهن زبانن ۾ وري نه لکيا.

۽ اهو سڀ ڪجهه ناهي؛ سنا ترجما ڪرڻ ڪافي نه ٿيندا. ناظم جي شاعري، ٻي شاعريءَ کان وڏيڪ واقعن ۽ سماجي حالتن تي ٻڌل آهي. جيستائين ڪو تاريخي پس منظر جي ڄاڻ حاصل نٿو ڪري، تيستائين مقامي سماجي- سياسي واقعن جي سلسلي کي

Excitement of Ours, Pierre Loti, Berkeley, The Last Word in Every Book I Write ۽ Advice to Our Children، ناظم جي Selected Poems ۾ هئڻ نہ گهربا هئا. انهن نظمن جي باري ۾ ناظم کي خود پوءِ چوڻو پيو تہ اهي نظم انهيءَ دور جا آهن جڏهن هن کجهہ وڌي آواز ۾ کجهہ چوڻ لاءِ شاعري تخليق ڪرڻ جي بجاءِ، پروپئگنڊا کي گهڻي کي ترجيح ڏني هئي. انهن نظمن سان انگريزي پڙهندڙن اڳيان ناظم کي متعارف ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ مترجم ناظم کي نتو سمجهي.

چيو وڃي ٿو تہ ناظم ترڪي زبان کان سواءِ ٻي ڪنهن زبان ۾ هڪ مصرع بہ نہ لکي آهي. اها حقيقت آهي. اهو انهيءَ ماسٽر ڪرافٽسمن جو خاص رويو آهي، جنهن کي خبر هئي تہ ڪنهن مخصوص ٻوليءَ ۾ رڳو لفظن وسيلي رچي سگهجي ٿو. اسان جيڪڏهن پيرو ڪٽنڊاسين تہ هن Human Landscapes From My Country ۾ اڪثر نظم گهٽا پيرا لکيا ۽ وري ترتيب ڏنا تہ سڌ پوندي تہ هو پنهنجي شاعريءَ جي گهاڙيٽي ۾ سيني عظيم شاعرن وانگر ۽ سيني عظيم نظمن وانگر ڪيو نہ نازڪ طبع ٿي ويو هو.

ناظم انهن ورلي شاعرن مان آهي، جن جي زندگي ۽ رچنائون هڪٻئي کان ڌار نٿيون ڪري سگهجن. ذڪريا سرٽل (Zekeriya Sertel)، جيڪو ڪيس ورهين کان ويجهڙائيءَ کان سڃاڻي، چوي ٿو:

”منهنجي لاءِ، ناظم الحڪمت جي زندگي بهتر طرح سندس نظمن مان ڏسي سگهجي ٿي، ڇو جو هو پنهنجي زندگيءَ جا سڀ واقعا منجهن عڪس ڪري ٿو. اهڙو ڪوبہ واقعو ذاتي يا سياسي ناهي جو سندس شاعريءَ ۾ ڏسي نہ سگهجن. انهي ڪارڻ ڪري، اسان اهو ڄاڻي سگهون ٿا تہ ڇو، ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ هن اهي نظم شروع ڪان آخر تائين لکيا. سندس شاعري پڙهڻ سان، ناظم جي زندگي اسان ڳليل ڪتاب وانگيان پڙهي سگهون ٿا. (Mavi Gozlu Dev (1969), The Blue Eyed Giant)

اهڙي طرح ناظم جي شاعري جي ارتقا جي پيروي لاءِ بهتر طريقو اهو ٿيندو تہ انهيءَ جو تاريخوار طريقي سان اهو ڏسڻ لاءِ اڀياس ڪرڻ گهرجي تہ هن ڪيئن ڪن اهم واقعن ۾ تبديلين کي آڌار بنايو آهي جيڪي انهن واقعن پيدا ڪيون آهن.

1916ع دوران لکيل نظم، جڏهن هن پهريون نظم لکيو، ۽ 1921، جڏهن هو ڳجهي طرح استبول مان آزادي جي جنگ لڙڻ لاءِ روانو ٿيو، جيڪا اناطوليا ۾ شروع ٿي هئي، فن جي جمالياتي نظرين کان جدا نٿي ٿي ۽ جيڪا استنبول جي انهن ڏينهن جي ادبي فضا جي خصوصيت هئي، هڪ طرف شاعري ۾ پراڻين روايتن جو حامي گروهہ يحيٰ ڪمال ۽ احمت حاسم تي مشتمل هو، تہ ٻئي طرف ٻيو گروهہ فاروق نافذ، احمت حامدي، نيسپ فاضل، احمت مُحيپ وغيرهہ جي چوڏاري هو. •••

# جيمس جائس
# جديد عالمي ادب جو اَبو

انتوني برجس•

انتوني برجس برطانيا جو گهڻ لکڻو مصنف آهي، جنهن ڪيترائي ناول ۽ ٻيا ڪتاب لکيا آهن ۽ هاڻي هو پنهنجي 45 هين ڪتاب تي ڪم ڪري رهيو آهي. جائس سان سندس دلچسپي گهڻي پراڻي آهي، انهيءَ ڪري سندس تخليقون جيمس جائس (1881-1941ع) کان متاثر آهن. هن جائس جو هڪ اپياس لکيو آهي جيڪو امريڪا ۾ (نارٽن 1965) "Rejoice" جي عنوان سان ۽ برطانيا ۾ (فيبر 1945) "Here Comes Everybody" جي عنوان سان شايع ٿيو. هو جائس جي آخري ڪتاب "Finnegans Wake" جي اختصار (فيبر 1965 ۽ وائڪنگ 1967ع) جو ايڊيٽر به آهي. برجس سنگيتڪار به آهي. هن "Ulysses" جي باري ۾ " Blooms of Doublin" جي عنوان سان موسيقي ترتيب ڏني، جيڪا جائس جي سوَ ساله جنم ڏينهن، 2 فيبروري 1982ع تي پيش ڪئي ويئي هئي.

سمجهو ته اوهان کي جيمس جائس (James Joyce) جي باري ۾ ڪا به خبر ناهي. جيڪڏهن اوهان کي اڳيئي ڪا خبر آهي ته پوءِ اوهان جي مرضي آهي ته هيءُ چاڻ پڙهو يا نه پڙهو. جيمس جائس آئرلنڊ جو رهاڪو هو. هو 2 فيبروري 1882ع تي ڊبلن ۾ ڄائو. آئرلنڊ جي گاديءَ واري هنڌ ٻيا به ڪيترائي وڏا اديب پيدا ٿيا، جن ۾ آسڪر وائلڊ، برنارڊ شا، سيموئل بيڪٽ شامل آهن. وليم بٽلر

•ANTONY BRIGES (1914-2007): British Artist and Priest.

ييٽس (W.B.Yeats) جهڙي عظيم شاعر بہ اُتي ئي جنم ورتو. هونئن تہ ڊبلن ۾ پيدا ٿيل هر عظيم اديب گهڻوڪري پروٽيسٽنٽ هوندو آهي، پر جيمس جائس ڪئٿولڪ هو.

جيتوڻيڪ ڊبلن هڪ ڪئٿولڪ ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي، پر اُهو ڪافي عرصي تائين برطانوي بينڪ جي گادي، جو هنڌ ٿي رهيو آهي، انهي ڪري انگلنڊ جي جي چرچ جو مذهب هِتان جي تعليم يافتا ماڻهن، حڪمرانن، مٿئين طبقي ۽ مقامي ادارن جو مذهب رهيو آهي. جائس جو تعلق مٿئين طبقي سان نہ هو. اهو بہ چئي ائين چوڻ جو هڪ طريقو آهي تہ هو هو ڪئٿولڪ هو.

سندس تعليم جيسوئٽ (Jesuit) فرقي ۾ ٿي هئي. اهو فرقو بين سيني ڪئٿولڪ ادارن کان وڌيڪ ۽ سختيءَ سان تعليم ڏيندو رهيو آهي. اهڙيءَ طرح کيس هڪ ڪئٿولڪ پادري بنائڻ جي ارادي کان تعليم ڏني ويئي هئي، پر هن پنهنجي جوانيءَ جي آخر ۾ هر اُنهيءَ ڳالهہ کان بغاوت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جي مقدس هئڻ جي کيس تعليم ڏني ويئي هئي. مثال طور ڪئٿولڪ چرچ، آئرلنڊ جي مقدس سرزمين، آئرش ٻولي، برطانوي شهنشاهيت کان آئرلنڊ جي آزاديءَ جي جاکوڙ- ايتري قدر جو ويجهن خانداني رشتن کان بہ هن بغاوت ڪئي. جڏهن سندس ماءُ آخري پساهن ۾ هئي تہ هن گوڏن ڀر جهُڪي سندس حق ۾ دعا گهرڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو هو.

ملڪ، خاندان ۽ مذهب مان ويساهہ وڃائڻ کان پوءِ، هُن هڪ نئون عقيدو- ’فن جو عقيدو‘ اختيار ڪيو. هاڻي هو انگريزي ٻوليءَ جي اُنهن اولين اديبن ۾ شامل ٿي ويو، جيڪي بيحد عقيدت سان ادب تخليق ڪندا آهن. شاعر يا ناول نگار بہ هڪ طرح جو مذهبي پيشوا هوندو هو، جنهن جو ڪم اهو هوندو هو تہ روزمرهہ جي مشاهدن کي فن جي تابناڪ مواد ۾ تبديل ڪري ڇڏي. اها ڳالهہ ڪافي حد تائين اهڙي ئي هئي جهڙي پادري ماني ڪٽي اُن کي يسوع مسيح جي گوشت ۽ رت ۾ تبديل ڪندو آهي. اهو ڪيٿولڪ آجياڻي جي تقريب جو مرڪزي عمل هوندو آهي.

1904ع ۾ هن آئرلنڊ کي ڇڏي ڏنو ۽ پاڻ سان گڏ هڪ اٽيڙهيل ڇوڪريءَ کي به وٺندو ويو، جيڪا ڊبلن جي هڪ هوٽل ۾ نوڪرياڻي هئي. هو ايڊرياٽڪ جي بندرگاهه ٽري ايسٽ ۾ انگريزي پڙهائڻ لڳو. اهو بندرگاهه ڪنهن وقت آسٽريا- هنگري جي سلطنت جو حصو هو. اُتي سندس گهر ۾ ٻارن جي بنيادي ٻولي اطالوي ٿي ويئي، جورجو ۽ لوشا سندس ناجائز اولاد هئا، ڇو جو جائس شاديءَ جي ضرورت نٿي سمجهي. سندس خيال موجب شادي هڪ ڪئٿولڪ مذهبي رسم هئي ۽ هو ڪئٿولڪ مذهب کي ڇڏي چڪو هو. جهن هن 1914ع کان 1918ع جي پهرين مهاڀاري لڙائي ڇڙي ته هن پنهنجي خاندان کي غير جانبدار ملڪ

سئٽزرلئنڊ جي شهر زيورخ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. انهيءَ لڙائيءَ جي ختم ٿيڻ تي هُواُنهن کي پئرس وٺي ويو. پنهنجي عملي زندگيءَ جا باقي پويان ڏينهن هن اُتي ئي گذاريا.

1940ع ۾، جڏهن هو پنهنجا سمورا ڪتاب لکي چڪو هو ته هڪ ٻي نئين جنگ ڇڙي چڪي هئي، تڏهن هن ٻيهر زيورخ ۾ وڃي پناهه ورتي. پر اُن جي ٻئي سال ئي هو فوت ٿي ويو. اُن وقت تائين هو دنيا ۾ هڪ انتهائي جرئتمند ۽ تجربيڪار اديب جي حيثيت سان پاڻ مڃائي چڪو هو. ايڏي عرصي کان پوءِ جو ڪيس ڊانتي، شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جهڙن عظيم ڪلاسيڪي اديبن سان گڏ ڳڻيو وڃي ٿو ته نيٺ ڪا ڳالهه ته هوندي!

جائس ٿورا ڪتاب لکيا آهن: غير اهم نظمن جا ٻه ننڍا ڪتاب، هڪ رواجي درجي جو اسٽيج ناٽڪ ۽ ٽي ناول سندس ڪُل تصنيفون آهن. پهرئين ناول جو عنوان ('A Portrait of the Artist as a Young Man.' (1916 آهي. اهو ڪئٿولڪ ڊبلن ۾ ليکڪ جي پنهنجي تربيت جي باري ۾ آهي. لکڻ جي عمدگيءَ ۽ صاف گوئيءَ جي لحاظ کان اهو تمام اهم ناول آهي، جنهن ۾ جائس هڪ نوجوان ذهن ۽ جسم جي واڌ ويجهه بيان ڪئي آهي. هن ۾ اُهي سمورا جنسي ۽ اخلاقي مسئلا پيش ڪيا ويا آهن، جن جي هڪ حساس ڪئٿولڪ نوجوان کي درپيش اچڻ جي توقع ڪري سگهجي ٿي. پر

جائس کي ڪنھن اھڙي پبلشر جي ڳولا ۾ ڏاڍي جاکوڙ ڪرڻي پيئي، جيڪو اھو ناول ڇپائڻ قبول ڪري. ھن جديد لکڻيءَ جي نموني کي ڪو پبلشر سمجھي ئي نٿي سگھيو. ھُن حقيقت جي اظھار ۾ جنھن ڇڙائيءَ کان ڪم ورتو، اُن کي اُن دور ۾ حد کان باھر سمجھيو ويندو ھو ۽ انڙين شين کي ڇاپڻ جي اجازرت نٿي ڏيئي سگھي ويئي. اھو پھرين مھاڀاري لڙائيءَ جو زمانو ھو. 1922ع ۾ جائس پنھنجو عظيم شاھڪار "Ulysses" (يوليسيز) پيش ڪيو، جنھن سندس حيثيت ويھين صديءَ جي عظيم ترين ناول نگار طور مڃائي ڇڏي.

اسان کي ھڪ عجيب، غريب حقيقت تي بہ غور ڪرڻو پوندو. 1904ع ۾ جڏھن جائس آئرلنڊ کان موڪلايو تہ اُنھي، اٽل ارادي سان تہ ھاڻي ھُو ڪڏھن بہ واپس نہ ايندو، ۽ ھو سچ پچ ڪڏھن واپس بہ نہ آيو، سواءِ اُن جي تہ ھو ھڪ ڀيري تمام ٿورڙي وقت لاءِ ڊبلن ۾ آيو. ھن پنھنجي سموري زندگي پنھنجي اباڻي شھر کان پري جلاوطنيءَ ۾ گذاري، پوءِ بہ ھن پنھنجي شھر جي ماڻھن کان سواءِ ڪنھن ٻئي جي باري ۾ ڪجھہ نہ لکيو. "يوليسيز" ھڪ طويل ڪتاب آھي، پر رڳو ڊبلن ۾ ھڪ ڏينھن 16 جون 1904 جي سرگرمين تائين محدود آھي. اُن جي ھيرو جو نالو ليوپولڊ بلوم آھي. ھو ھڪ نيم يھودي آھي، جيڪو ھڪ اخبار لاءِ اشتھار ھٿ ڪندڙ جي حيثيت سان ڪم ڪري ٿو. اُھا اخبار اڄ بہ موجود آھي،جنھن جو نالو "Free Masson's Journal" آھي. ھُو دڪانن ۽ ٻين تجارتي ادارن کي اخبارن ۾ اشتھارن ڏيڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اڳتي ھلي ھو ھڪ آئرش عورت سان شادي ڪري ٿو، جنھن جي پالنا جبرالٽر ۾ ٿي ھئي. سندس نالو مولي ھو جيڪا ڊبلن جي ھڪ مشھور ڳائڻي ھئي، پر ھوءَ پنھنجي مڙس سان وفادار نہ ھئي. نيھريءَ جو ڇئين وڳي ھوءَ بليزيز بوائلن نالي ھڪ شخص سان بدڪاريءَ ۾ ملوث ٿئي ٿي. ھي اُھو شخص آھي، جيڪو ڳائڻ جي ھڪ سلسلي ۾ آئرلنڊ ۾ سندس آئيندي جي دور جي ذميواري کڻي ٿو. ھوءَ بلوم سان گڏ ئي رھندي آھي، پر سندس گھرو زندگيءَ ۾

خلل پئجي وجي ٿو. سندن هڪ ٻار روڊي ياروڊلف آهي. (سندس نالو بلوم جي پيءُ جي نالي جي پويان رکيو ويو آهي). جيڪو پيدا ٿيڻ کان ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ مري وڃي ٿو، جنهن لاءِ اُهي ٻئي پنهنجو پاڻ کي ڏوهي سمجهندا آهن، جڏهن ته قصور ڪنهن جو به نه هوندو آهي. هاڻي ڪين جنسي لاڳاپن برقرار رکڻ ۾ عار محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. پر بلوم کي هڪ ٻار جي پيءُ بڻجڻ جي زبردست خواهش ٿئي ٿي ۽ 16 جون 1904ع تي اُهو ئي ٿئي ٿو جو کيس هڪ پُٽ ملي وڃي ٿو.

اهو پُٽ جيمس جائس هو، جيڪو هڪ ٻاويهن سالن جي نوجوان شاعر اسٽيفن ڊيڊالس جي ويس ۾ هوندو آهي. اسٽيفن اُها شام ڊبلن جي هڪ ناچ گهر ۾ شراب پيئندي گذاري ٿو. بلوم کي سندس باري ۾ ڳڻتي ٿيڻ لڳندي آهي ۽ هو ڪوشش ڪندو آهي ته کيس اُنهن ٻن برطانوي سپاهين کان بچائي ڪيڊي اچي، جن سان هو وڙهندو پيو آهي. ٻين لفظن ۾ هو ساڻس هڪ پيءُ وارو رويو اختيار ڪندو آهي. هو کيس گهر وٺي اچي. ڪوڪو جو هڪ گلاس پيئڻ لاءِ ڏيندو آهي ۽ بلوم خاندان سان گڏ ئي رهڻ جي آڇ ڪندو آهي. اها خبر پئجي نه سگهندي آهي ته اسٽيفن ائين ڪري ٿو يا نه، ڇو جو انهيءَ ڳالهه جي فيصلي ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ڪتاب پورو ٿي ويندو آهي. اسان کي جيڪا ڪجهه خبر پوندي آهي، اُها اِها آهي ته ڊبلن جي هڪ معمولي ماڻهوءَ، جيڪو هڪ نيم يهودي هئڻ ڪري هڪ ڪئٿولڪ شهر ۾ پاڻ کي ڌاريو محسوس ڪري ٿو، هڪ نوجوان آئرش دانشور سان رابطو قائم ٿي وڃي ٿو. البت مولي بلوم هاڻي اسٽيفن سان عشق جو خواب ڏسڻ لڳندي آهي. اُنهن ٽنهي زندگين جي وچ ۾ هڪ نئين قسم جو رشتو جُڙڻ لڳندو آهي ۽ اهوئي انهيءَ ڪتاب جو موضوع آهي.

اوهان چوندؤ ته اها ڪا خاص ڪهاڻي ته نه آهي. انهيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ته ٿئي ئي نٿو. اها ڪا هيجاني ڪهاڻي يا ڪو جاسوسي محبت جو داستان ناهي، پر يقيني طور تي جيڪي ڪجهه آهي، اُهو انساني زندگيءَ جي هڪ اهڙي پيشڪش آهي،

جيڪا حقيقت ۾ ٿي گذري ٿي. جيمس هڪ ٽيڪنڪ ايجاد ڪئي آهي، جنهن کي ”داخلي خودِ ڪلامي“ (Introverted Monologue) يا ”شعور جو وهڪرو“ (Stream of Conciousness) چيو ويندو آهي، جنهن جي ذريعي اسان جي پهچ اُن جي ڪردارن جي ذهن جي اندر تائين ٿئي ٿي ۽ اسين سندن اندروني خيال ۽ خواهشون بہ ٻڌي سگهون ٿا. جيئن تہ اُنهن مان ڪي خواهشون جنسي آهن ۽ اُنهن جو ڏاڍي صفائيءَ سان اظهار ڪيو ويو آهي، انهيءَ ڪري يوليسيز کي سرڪاري سينسر جي سلسلي ۾ مختلف ملڪن ۾ ڏکيائيون پيش آيون ۽ هاڻي بہ ڪجهہ ملڪ اهڙا آهن، جتي هي ڪتاب اوهان کي نہ ملي سگهندو. هن ناول جا ڪردار پنهنجي سوچن ۽ احساسن ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪن ٿا، اُن ۾ احتياط نٿو ڪيو وڃي ۽ اهائي شيءِ پڙهندڙن جي ذهن کي ڌوڏي ٿي ڇڏي، جيڪي حقيقي ادب کان وڌيڪ رومان ۽ هيجان جي اپياس جا عادي آهن. بهرحال ادب جو فرض اهوئي آهي تہ زندگيءَ جي باري ۾ سچ ڳالهائي ۽ اهو فرض جائس پوري سنجيدگيءَ سان ادا ڪيو آهي. پر ’يوليسيز‘ رڳو ڊبلن جي ماڻهن جي هڪ گروهہ جي اندروني خيالن ۽ خواهشن جي هڪ روئداد ئي نہ بلڪ انهيءَ ۾ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي. ناول جو عنوان قديم يوناني شاعر هومر جي هڪ رزميہ نظم ’اوڊيسي‘ (Odyssey) جي هيرو سان لاڳاپيل آهي، جنهن کي يونانيءَ ۾ ’او ڊي سي اس‘ چوندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو ’يولي سيز‘ چوندا آهن. هن ۾ انهن مهمن جو ذڪر آهي، جيڪي ڪيس ٽراءِ جي جنگين کان پوءِ پنهنجي وطن اٿاڪا جي ٻيٽ واپس اچڻ جي ڪوشش دوران پيش اچن ٿيون. يوليسيز جو مقابلو ديون، پرين، جادوگرن ۽ طوفانن سان ٿئي ٿو، پر هو پنهنجي ارادي جي مضبوط قوت ۽ چالاڪيءَ سان سيني کان پاڻ بچائي صحيح سلامت نڪري اچي ٿو. جائس جي ڪتاب ۾ ليوپولڊ جديد يوليسيز آهي. ڊبلن ۾ اُنهيءَ ڏينهن ڪيس جن واقعن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، اُهي سمورا دراصل اُن جي اصلي يوليسيز جي ڪارنامن جو هوبهو مزاح ڀريو جواب آهن.

جائس اسان کي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته عام ماڻهو به بهادر ٿي سگهي ٿو ۽ اهو ته جديد زندگي به اهڙي ئي حيرت انگيز ۽ خطرناڪ آهي جهڙي عام قديم رزميه نظمن ۾ ٻُڌايل آهي، پر هو اسان کي اهو سڀ ڪجهه ڏاڍي مزاحيه انداز ۾ ٻڌائي ٿو. ’يوليسيز‘ هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو اسان کي کلائي ٿو. نئون ’يوليسيز‘ يعني بلوم جيڪڏهن مزاح ڀريون مهمون سرانجام ڏئي ٿو ته جنهن زبان ۾ اهو ڪتاب لکيو ويو آهي، اُها به مهمن جي مزاح ڀري ٻولي آهي. لفظن سان ڏاڍو عجيب ورتاءُ ڪيو ويو آهي. ٻين ڪتابن جو نقل يا پيروڊي ڪئي ويئي آهي. هڪ تمام ڊگهو باب، هڪ عجيب و غريب ناٽڪ جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هڪ ٻيو باب جيڪو خود ڪلامي تي ٻڌل آهي، جدا ڪيل ڳالهين جي رمزن کان خالي آهي. پوءِ هڪ ٻئي باب ۾ موسيقيءَ جو نقل ڪيو ويو آهي. اهو ڏکيو ته لڳي ٿو، پر حقيقت ۾ سچو، مزيدار، تازو ۽ دلچسپ آهي. هڪ وڏي اديب وانگر جائس به خطرن سان کيڏيو آهي، پر هن هڪ وڏي ڪامياب شيءِ پيش ڪئي آهي. ويهين صديءَ جو انتهائي جديد قسم جو دلڪش ۽ منفرد ناول!

1939ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان ٿورو اڳ، جائس پنهنجو آخري ڪتاب پيش ڪيو، جنهن تي هن سترهن ورهين تائين ڏاڍي محنت ڪئي هئي، جيڪا سندن اکين جي تڪليف وڌي وڃڻ سبب اڳي کان به ڏُکي ٿي پئي هئي. اها بيماري گهڻو ڪري سندس ابتدائي ڏينهن جي مفلسيءَ جو نتيجو هئي. اُنهيءَ ڪتاب جو ناو آهي. ”فِنيگنز ويڪ“ (Pinnegans Wake). اهو هڪ اهڙو نالو آهي، جنهن جو ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي. لفظ "Wake" جي معنيٰ ننڊ مان جاڳڻ آهي، پرَ اُنهيءَ مان هڪ آئرش رسم جي مراد آهي، جنهن ۾ خاندان جي ڪنهن فرد جي تازي موت تي، اُن جي لاش جي پرسان شراب پيتو ويندو آهي. ’فِنيگن‘ هڪ آئرش ديومالائي ديو جو نالو آهي، پر اُهو نيويارڪ جي آئرش ديومالائي ديوَ جو نالو آهي، پر اُهو نيويارڪ جي آئرش تغبي ’ٽم فيني گن‘ جي هيرو جو به نالو

آهي، جيڪو نشي جي حالت ۾ ڏاڪڻ تان ڪِري پوي ٿو ۽ لڱندو آهي تہ مري ويو. سندس جسم بي جان لڳندو آهي، پر جڏهن مٿس هڪ گيلن وسڪي اوتي ويندي آهي تہ منجهس ساهہ پئجي ويندو آهي. هتي جائس اسان کي موت ۽ ٻيهر جيئڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو، پر سڀ ڪجهہ خواب جي صورت ۾. 'يوليسيز' ۾ جائس انساني ذهن جا معمول پيش ڪرڻ ۾ سمورا ادبي امڪان ختم ڪري ڇڏيا آهن، پر 'فِنيگنز ويڪ' ۾ سندس رُخ انساني رات ڏانهن آهي. اُن جي هيرو جو نالو 'ايئروڪر' آهي، جيڪو ڊبلن جي هڪ سراءِ جو مالڪ آهي. ڇنڇر جي مصروف رات جو جڏهن هو گراهڪن کي بيئر ۽ وسڪي ڏيڻ کان پوءِ سمهڻ لاءِ وڃي ويندو آهي تہ خواب ۾ انساني تاريخ کي ورجائيندو آهي، جيڪا هميشہ گناهہ سان لاڳاپيل هوندي آهي. گناهہ ئي انساني قوت جو وقت کن اڳ ۾ تعين ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ازل کان وٺي ايڊولف هٽلر تائين سمورن وڏن گناهگارن جو واسطو نوَن نوَن انساني سماجن جي اڏاوت سان رهيو آهي. انسان ڪِرندو آهي، پر انسان جي ڪِرڻ جو سلسلو بہ هڪ چڪر وانگر آهي. هو اُنهيءَ دائري ۾ ڪِرندو آهي، ٻيهر اُٿڻ لاءِ. انساني تاريخ گول آهي، جنهن ۾ هڪ ئي ڳالهہ وري وري ٿيندي رهندي آهي، ايئروڪر' جي اُنهيءَ خواب جي، جنهن ۾ هو تاريخ ۽ ڏندڪٿا جي سمورين وڏين هستين جو ڪردار ادا ڪندو آهي، جنهن جي نہ شروعات هوندي آهي ۽ نہ پڇاڙي. 'فِنيگنز ويڪ' کي جنهن ڳالهہ غيرمعمولي طور ڏکيو بنايو آهي، اُها آهي 'زبان'، جنهن ۾ اُهو لکيو ويو آهي.

جائس جو خيال هو تہ خواب جي زبان کي هڪ آفاقي زبان هئڻ گهرجي، ڇو جو خواب ۾ ماڻهو قوميت ۽ قومي ٻولي کان، جنهن ۾ هو ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهي ٿو، مٿيرو ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري جائس يورپ جي سيني زبانن کان ڪجهہ وٺي هڪ اهڙي زبان جوڙي ورتي جيڪا سندس آفاقي خواب لاءِ موزون هجي. ڇو جو اوهين انهيءَ ۾ جرمن، فرينچ، اٽالين ۽ اسپينش زبانن کي سلاوي ۽ اسڪينڊينيويا جي زبانن سان زور آزمائي

ڪندي ڏسندا، پر اهي سموريون انگريزيءَ جي جهنبي هينان گذ ٿين ٿيون. اِها ڪا حيرت جي ڳالهہ ناهي تہ هن ڪتاب جو پوريءَ طرح ڪٿي بہ ترجمو نہ ٿي سگهيو. اوهين ڪنهن آفاقي زبان جو ترجمو ڪري بہ ڪيئن ٿا سگهو؟ اُنهيءَ جي اندر تہ اڳ ۾ ئي اُن جا پنهنجا ترجما موجود آهن، جيڪا ڳالهہ ناممڪن جي حد تائين ڏکي لڳي ٿي. اصل ۾ اُهائي ڳالهہ ڏاڍي مزيدار ۽ گهٽ ڪري دلڪش بہ ٿيندي آهي، پر هيءُ ڪتاب پڙهڻ لاءِ اوهان کي پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو خرچ ڪرڻو پوندو. مان ان کي گذريل اڌ صدي کان ڪان پڙهي رهيو آهيان، پر هاڻي بہ ڪافي حد تائين انهيءَ ۾ وچڙيل رهيو آهيان.

جيڪڏهن مون کي ڪافي ڊگهي زندگي ملي پوي تہ پوءِ شايد ان کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندس. اسان هن ڪتاب جي شڪايت ڪري سگهون ٿا، پر انهيءَ کان انڪار نٿا ڪري سگهون. اهو هڪ ذهين اديب لکيو آهي، جنهن کي جيتري محبت زبان سان هئي، اوتري ئي محبت انسانيت سان بہ هئي.

1982ع ۾ سندس جنم جي سؤ سالہ تقريب ملهائيندي اسان سندس تخليقي قوت ۽ حوصلي جو جشن ملهايو هو. هو خود عام ماڻهن جو، هڪ شهر جي ڏکي ۽ مُرڪندڙ شهرين جو جشن ملهائيندو رهيو ۽ انهن تي تاريخ ۽ زبان جي دولت لُٽائيندو رهيو. هو پنهنجي دور جو عظيم ترين مزاح نگار ۽ واحد ناول نگار آهي، جنهن لفظن جي فن کي موسيقيءَ جي فن جو ويجهو آڻي ڇڏيو. جيتوڻيڪ سندس نظر ڪمزور هئي، پر ٻُڌڻ جي حِس نهايت ئي تيز هئي ۽ اتفاق سان آواز بہ بلند هئس. ڪوبہ اهڙو شخص، جنهن کي ڪتابن سان محبت هوندي، کيس نظرانداز نٿو ڪري سگهي ۽ پوءِ اسان جهڙا ماڻهو بہ جيڪي ڪتاب لکندا آهن، کيس پنهنجو 'اُستاد' سمجهندا آهن. هي اُهوئي آئرش ديوانو هو، جنهن اسان کي ٻڌايو تہ فن سنجيدگيءَ سان توجهہ گهري ٿو ۽ هي اُهوئي سودائي آئرش هو، جنهن اسان کي ڏيکاريو تہ انسان جي حقيقت ڇا آهي.

○○○

# يشپال: آزاديءَ جو اُپاسڪ

## (هڪ ڪرانتيڪار جي آتم ڪٿا مان)

ڪورائين فرينڊ*



ڪورائين فرينڊ آمريڪا جي پينسيلوانيا يونيورسٽيءَ مان ڏکڻ ايشيائي اڀياس ۾ پي ايچ. ڊي ڪئي آهي ۽ يونيسڪو لاءِ يشپال جي ناول ”اميتا“ کان سواءِ سندس ڪهاڻين جي مجموعي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس. هن آمريڪا جي مشيگان يونيورسٽيءَ جي ايشين اسٽڊي سينٽر طرفان ”جنرل آف سائوٿ ايشين لٽريچر“ مخزن جو ”يشپال نمبر“ پڻ ايڊٽ ڪيو آهي جو ميل-پٿر جي حيثيت رکي ٿو. هن مضمون ۾ ڪورائين فرينڊ يشپال جي آتم ڪٿا ”سنهاولوڪن“ جي پيش نظر سندس زندگيءَ جي ڀن روپن جو جائزو ورتو آهي.

انعام يافته ناول ”جهوٽا سچ“ جي ناول نگار، ”پدم ڀوشڻ“ جي اعزاز سان نوازيل، پنجاهه کان وڌيڪ ڪهاڻين جي مجموعن، مضمونن، ناولن، هڪ ناٽڪ ۽ پنهنجي آتم ڪٿا جي ليکڪ يشپال کي پريم چند کان پوءِ هندي ساهت ۾ سڀ کان وڏو ليکڪ مڃيو وڃي ٿو. انهيءَ کان سواءِ هو پنهنجي زندگيءَ جي شروعاتي دور

*YASHPAL (1903-1976): Hindi Novelist and Revolutionary.

۾ هندستان جي آزاديءَ لاءِ انگريزن سان وڙهندڙ انقلابيءَ جي حيثيت سان پڻ چڱو ناميارو آهي.

هو 1903ع ۾ ڪانگڙا ٺڪرين جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ هندستان جي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ هنگامن جي دور ۾ وڏو ٿيو. هو اول مهاتما گانڌيءَ ۽ اسهڪاري هلچل ڏانهن لڙيو، پر پوءِ محسوس ڪيائين ته ڪانگريس پارٽي غريب عوام جي ضرورتن ڏانهن اڪيوٽ ڪري رهي هئي ۽ اسهڪاري هلچل طور بي اثر هئي. تنهنڪري هو هندستان سوشلسٽ ريپبلڪن آرمي (HSRA) ۾ گهڙيو، جيڪا 1920 کان 1930ع جي شروع دوران انگريزن جي راڄ جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ عوامي انقلاب آڻي هڪ ساميه واد رياست جو پايو وجهڻ لاءِ دهشت پسند تحريڪ ۾ سرگرم هئي. 1932ع ۾ کيس (HSRA) جو ڪمانڊر اِن چيف چونڊيو ويو.

HSRA ڪيترين ئي ڊرامائي مهمون سَر ڪيون، ۽ جيتوڻيڪ هندوستاني اسٽيج تي انهيءَ جو عرصو ٿورو هو، پر آهستي آهستي تاريخدانن محسوس ڪيو ته HSRA جي عمل ڪري ماڻهن ۾ فخر جو جذبو ۽ سجاڳي پيدا ٿي ۽ انگريز- حڪومت کان رعايتون ۽ سهوليتون وڌيڪ جلد حاصل ٿيون. HSRA جا گهڻا ميمبر مارجي ويا، ڦاسي چاڙهيا ويا يا قيد ڪيا ويا، ۽ يشپال کي پڻ 1932ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ کيس چوڏهن سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني ويئي. ڇهن ورهين جي سزا ڪاٽڻ کان پوءِ، ڪانگريس جي حاصل ڪيل سياسي قيدين لاءِ عام معافي تحت کيس آزاد ڪيو ويو. 1933ع ۾ هن ناول نگار، ڪهاڻيڪار، سماجي نقاد ۽ سياسي مبصر جي حيثيت سان پنهنجو ڪيريئر شروع ڪيو. پر وقت گذرڻ سان ڳهربل سماجي مقصدن حاصل ڪرڻ ڪاڻ وسيلن جي استعمال جي باري ۾ سندس سوچ ۾ تبديلي ايندي ويئي.

هندستان کي آزادي ملڻ کان پوءِ، يشپال هنديءَ ۾ پنهنجي آتم ڪٿا "سنهاولوڪن" لکي. "سنهاولوڪن" سندس اوائلي زندگيءَ جي آتم ڪٿا ۽ HSRA جي تاريخ آهي. جيئن ته HSRA هڪ خُفيه تحريڪ هئي. هن تحريڪ ۾ تمام ٿورن ماڻهن حصو ورتو

هو، جن مان تمام ٿورا اها روئداد ٻڌائڻ لاءِ بچيا هئا ۽ انهيءَ جي تاريخ ۾ عام ماڻهن تمام گهٽي دلچسپي ني ورتي، تنهن ڪري يشپال هندستان ۾ انقلاب آڻڻ جي جدوجهد جي واقعن کي سهيڙيو. هن مضمون ۾ ليکڪ جي ڪردار، مزاج ۽ واقعن کي پروڙڻ لاءِ سندس آتم ڪٿا تي روشني وڌي ويئي آهي، جنهن ڪيس اعليٰ ليکڪ جي پد تي پهچايو آهي.

”هڪ ڊگهي عرصي کان اسان جا ديس واسي سچي ڪهاڻي جي ڳُهر ڪري رهيا هئا تہ ڪيئن هندستان ۾ هٿياربند انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. سچائي سان ٻڌائڻ ۾ ڪيترائي مسئلا هئا. مواد گڏ ڪرڻ ۽ لکڻ ۾ وڏي ۾ وڏي ڏکيائي اها هئي، جو سيڪجهہ ڳجهي طرح ڪيو ويو هو. حقيقت ۾، اهي سرگرميون جيئن عمل ۾ آيون هيون، انهن کي ايئن ڳجهو ئي رهڻو هو. جڏهن بہ انهن مان ڪابہ ڪوشش! ڪئي ويئي تي تہ انگريزن انهيءَ کي ڏڪار جوڳو ڏوهہ تي سڏيو. جڏهن بہ ڪانگريس جي معتبرن کي موقعو مليو يا انهيءَ موضوع تي ڪين اظهار ڪرڻ جي ضرورت محسوس تي تہ انهن نوجوانن جي ڪچي ذهن بابت ڳالهايو تہ اهي وطن جي حب جي خواهش وچان انڌا تي ويا آهن ۽ تباهي جي رستي ڏانهن وڌي رهيا آهن جڏهن انقلابين کي ڳالهائڻ جو موقعو مليو تي ۽ انهن پنهنجو پاڻ کي قرباني ڏيڻ جي جذبي سان سرشار تي فرياد تي ڪيو تہ مٿن انهن تنقيد تي ڪئي جو پنهنجو پاڻ لاءِ آزاديءَ جي هلچل جي اڳواٽي جي دعويٰ تي ڪئي نتيجي جي طور تي، اهي واقعا پنهنجي صحيح پس منظر سان ماڻهن اڳيان پيش نہ ڪيا ويا. تنهنڪري اهي جيئن سچ پچ پيش آيا آهن، مان تيئن بيان ڪريان ٿو.“

”هيءَ ڪهاڻي جيڪا مان هت بيان ڪريان ٿو، اها منهنجي ذاتي ڪهاڻي آهي. اها تاريخ نٿي چئي سگهجي- ڪنهن جون انفرادي يادگيريون تاريخ نٿيون ٿي سگهن. پر فردن جي تجربن ۽ سماج جي تاريخ جي وچ ۾ اهو ساڳيو سنگ آهي جو مالها سان مڻين جو هوندو آهي، جن کان سواءِ مالها جُڙي نٿي سگهجي. جيئن

تہ اهي يادگيريون تاريخ نتيون چئي سگهجن، تنهنڪري اهي انقلابي هلچل جي واقعن ۽ انهيءَ سوچ ۾ جهاتي پائي ڏسڻ جي آچ ڪن ٿيون، جنهن انهن واقعن کي جنم ڏنو.“

طبع ۽ ڪردار جون اهي کهڙيون خصوصيتون هيون جن هڪ اهڙي نوجوان کي تيار ڪيو، جنهن جي زندگي ديس جي مقابلي ۾ هن پاڻ لاءِ تيچ هئي. انگريز حڪومت کان نفرت پريون يادون يشپال کي سندس ننڍپڻ تائين وٺي وڃن ٿيون:

”جڏهن اهو ياد ڪرڻ لاءِ ياداشت کي ڪوٺيان ٿو تہ ڌارين جي راڄ مان ڇوٽڪارو پائڻ جي خواهش ڪڏهن محسوس ڪيم تہ منهنجي ساروٽي انگريزن سان نفرت، مخالفت ۽ ڪاوڙ جي صورت ۾ پڌري ٿئي ٿي. انهي جو ڪو ذاتي ڪارڻ نہ هو پر سندن قوت ۽ سندن حاڪميت ڏسي، مون انهن وانگي ٿيڻ ٿي چاهيو. جيئن تہ انهيءَ جو امڪان نہ هو پر فقط خوف ۽ غلام هئڻ جي تجربي مان گذرڻ سبب ڪانئن نفرت ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي حقير سمجهڻ فطري هو. مان انهيءَ کي پنهنجي ذاتي ڪمزوري نٿو سمجهان تہ ننڍپڻ کان مان ڪانئن نفرت ڪندو هوس ۽ دشمني محسوس ڪندو هوس، پر مون کي يقين آهي تہ انهيءَ جو ڪارڻ خوشيءَ سان حقير حيثيت کي قبولڻ منهنجي فطرت جي خلاف هو.“

يشپال جي زندگيءَ تي ٻيو انوکو اثر هردوار جي آريہ سماجي گروڪُل جي تعليم ڪيو، جن بابت انگريزن جو خيال هو تہ اهي بغاوت جو اڏو هئا ڇو جو اهي اسڪول هندستاني علم ۽ هندو ڪلچر کي وڌائڻ ويجهائڻ ۾ لڳل هئا- ۽ آريائي مذهب ۾ انگريزي راڄ کي اهڙي ڇڙواڳي ڏيڻ هڪ عارضي نقصان يا سرا سمجهي ٿي ويئي. اُتي شاگردن کي اهو سيکاريو ويندو هو تہ آريہ هڪ ڏينهن وري اوج ماڻيندا ۽ دنيا تي حڪومت ڪندا

يشپال اهو وقت سنياريندي چوي ٿو تہ منتر اچارڻ جي نيم دوران سندس ذهن گهڻو ڪري هر روز انگلند کي آريائي حڪومت هيٺ تصور ڪندو هو.

”گھڻو شايد لاڳيتو انگريزن خلاف ڳالھائيندي، مان پنھنجين بند اکين سان انگلنڊ تي آرين جو راڄ ڏسندو ھوس. انھن ڏينھن مان انگلنڊ کي بلڪل گروڪل جھڙو تصور کندو ھوس.“

پنھنجي خيالن جي دنيا ۾ انگريزن کي ڪرتو ۽ ڌوتي پاتل تصور ڪندو ھوس. انگريز برھمچارين کي تلڪ لڳل ۽ جٽيو پيل ھوندو ھو ۽ مون مٿن پرنسپال جيئن حڪم تي ھاليو. انھيءَ باري ۾ خاص ڳالھ اھا ھئي تہ مون انگريزن کي ڪرتي ۽ ڌوتي ۾ تي ڏنو تہ پاڻ کي وري سوٽ ۾. انھيءَ جي وضاحت فقط اھا آھي تہ طاقتور انگريز حڪمرانن لاءِ جيڪو احترام اسان محسوس ڪيو تي اھو پاڻ سان لاڳو ڪرڻ جي خواھش ھئي ۽ پنھنجي غلامي جي بدلي ۾ انھن کي رعيت جي روپ ۾ ڏسڻ جي خواھش ھئي.

انھيءَ حقيقت جي باوجود تہ سڀني شاگردن کي ھڪجھڙو کاڌو پيتو ۽ لباس ھوندو ھو ۽ ھڪجھڙو سلوڪ ڪيو ويندو ھو پر طبقن ۽ دولت جو فرق ختم نہ ٿيو ھو: يشپال جي ماءُ آريہ سماج جي پڪي پوئلڳ ھئي ۽ پنھنجن ٻن پٽن جي اڪيلي سنڀاليندڙ ھئي. ھوءَ ماھوار پنجويھہ رپيا ڪمائيندي ھئي. يشپال جي اسڪول ۾ في معاف ھوندي ھئي پر ڪيس غربت جو ڏنگ محسوس ڪرايو ويندو ھو:

”مان ’گروڪل‘ ۾ لاڳيتو بيمار رھندو ھوس. جڏھن مان ستين ڪلاس ۾ آيس تہ دستن جي بيماري ۾ ونجي ويس. ڏاڍا علاج ڪرايا ويا ايتري قدر جو انھيءَ اميد سان ديراڏون بہ موڪليو ويس تہ جيئن آبھوا جي تبديلي سان ڪجھہ فائدو رسي پر صحت ۾ سڌارو نہ آيو.“

”مان گروڪل ۾ مفت ۾ رھندو ھوس. سڀني شاگردن سان ھڪ جھڙو سلوڪ ڪيو ويندو ھو، پر تڏھن بہ پيسي وارن جي عزت ھوندي ھئي، جڏھن منھنجي ھر ڪلاسين کي خبر پيئي تہ مون نڪا پڙھائي جي في ٿي ڀري ۽ نہ وري کاڌي پيتي جو خرچ تہ

---

سنھاولوڪن، ڇاپو چوٿون (لکنوء: وپلو ڪاريالئيہ، 1964 ص 6_7.

انهن مون تي چٿرن ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. اهو تجربو، انهيءَ ڄمار ۾ پڻ، مون لاءِ سهڻ جوڳو نہ هو. مان پنهنجي لاڳيتي بيماري ڪري تمام ڪمزور ٿي ويو هوس، تنهن ڪري سياري ۾ مون کي ٻين جي مقابلي ۾ ٿڌ کان بچاءُ لاءِ وڌيڪ ڪپڙا ۽ ڪاڏي ۾ مکڻ ملائي وغيره ڏنا ويندا هئا. جڏهن منهنجي هم ڪلاسين مون تي چٿرون ڪيون تہ ”هن کي تہ ڏسو! هڪ پيسو بہ خرچ نٿو ڪري ۽ سين کان وڌيڪ مکڻ ۽ ملائي کايو وڃي“، تہ منهنجي لاءِ اهو ڪاڏو ڪائڻ مشڪل ٿي پيو ۽ ائين چئي انڪار ڪري ڇڏيم، ”مون کي مکڻ ۽ ملائي نٿا وڻن.“ پوءِ مون کي سندن اهو طعنو ٻڌڻو پيو، ”ويچاري ڪڏهن گهر ۾ اهڙو ڪاڏو هجيس تہ وڻيس.“

يشپال ’گروڪل‘ ۾ پنهنجي لاڳيتي بيماري سبب وڌيڪ رهي نہ سگهيو. هن پوءِ انهيءَ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي سمجهي، ڇو جو لاهور ۾ پنهنجي ماءُ سان گڏ رهڻ ڪري ڪيس وڌيڪ حقيقتن ۽ دنياوي ماحول جو پتو پيو. هو لاهور جي مڊل اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ سندس ڪٽنب فيروزپور ڪئنٽونمينٽ ۾ لڏي ويو جتي هو هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لڳو.

1921ع ۾ جڏهن يشپال سترهين ورهين جو ٿيو تڏهن پنجاب ۾ ’سِول ڊِس اوبيڊينس‘ (نافرماني) هلچل زورن تي هئي. هاءِ اسڪول ۾ ئي پڙهندو هو تہ ڪانگريس جي رضاڪار جي حيثيت سان وڏن ميڙن اڳيان تقريرون ڪيائين ۽ ملڪ کي آزاديءَ جي ويجهو آڻڻ لاءِ ماڻهن کي ڪاڏي پائڻ لاءِ زور ڪيائين. پنهنجي فڪر کي وڌيڪ گهرائي بخشڻ لاءِ، هن پوءِ تاريخ ۽ اقتصاديات جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو:

”مون ’ديش درشن‘ نالي ڪتاب پڙهيو جنهن ۾ هندوستان جي پرڏيهي واپار جا انگ اکر ڏنل هئا. انهيءَ ۾ هندوستان جي صنعت کي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي چالبازين رستي تباهہ ڪرڻ بابت بحث نہ ڪيل هو. مون مغلن جي دور جي اناج ۽ گيهہ جي اگهن جي اڄ جي اگهن سان ڀيٽ ڪئي تہ جيئن انگريزي راڄ جي خلاف آواز اٿاري سگهجي... مان عوام تي واضح ڪندو رهيس،

جنهن جو ٻنياد اقتصاديات ۽ سياسي ڄاڻ تي ٻڌل هو ته ڪيئن اسان جي ملڪ جو استحصال ڪيو ويو آهي ۽ حالتون فقط تڏهن سڌري سگهن ٿيون جڏهن اسان پاڻ کي انگريزن کان آزاد ڪرائيندا سين.“

مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي يشپال هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ۾ هاري طبقي تائين ڪانگريس جو پيغام ٻڌائڻ لاءِ نڪري پيو. هن محسوس ڪيو ته سندس پيغام اثرائتو ڪونه هو، انهيءَ کان وڌيڪ اهم اهو هو ته هن محسوس ڪيو ته ڪانگريس وٽ اهڙو پروگرام نه هو جو انهن جون ضرورتون پوريون ڪري. گهٽ مهينن جي سفر کان پوءِ هو ڳوٺاڻي حالتن ۽ مسئلن کان آگاهه ٿي موٽيو. هن مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو ۽ پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو. انهيءَ بنياد تي کيس هڪ نئين گورنمينٽ ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ جي آڇ ڪئي ويئي، پر هن انڪار ڪيو ۽ نيشنل ڪاليج لاهور ۾ پڙهڻ جو فيصلو ڪيائين، جيڪو لالا لجپت راءِ قائم ڪيو هو ۽ سماجي خدمتن لاءِ وقف ڪيل هو. اُتي ڪابه مالي مدد فراهم نٿي ڪئي ويئي پر سندس ماءُ کيس پيسا ڏيندي هئي. هن محسوس ڪيو ته کيس کو ڪم ڪري پنهنجو خرچ ڪڍڻ گهرجي.

پروفيسر جئچند روديالنڪر، جيڪو تاريخ ۽ سياسيات پاڙهيندو هو، پنهنجي شاگردن کي منطقي طور تي سوچڻ ۽ وسيع طريقي سان پڙهڻ لاءِ اوپاريندو هو. هن نوجوانن کي، خاص طرح يشپال، ڀڳت سنگهه ۽ سُکديو تي ايڏو اثر ڪيو جو اهي پنجاب ۾ انقلابي تحريڪ جا مرڪز بنجي پيا. شاگردن 22-1920ع واري سِول ڊس اوبيڊينس جي هلچل کي ناڪام هلچل ڄاتو ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جا ٻيا طريقا سوچڻ لڳا. انهن والٽيئر ۽ روسو جون لکڻيون پڙهيون، مزني (Mazzini) ۽ گريبالدي (Garibaldi) جون سوانح عمريون پڙهيون، فرينچ انقلاب، ۽ هندستان جي آزاديءَ جي حوالي سان آئرش جي آزاديءَ جي جدوجهد، سچندرناٿ سانيال جو ’باندي جيون‘ (جيل جي زندگي) ۽ رولٽ ڪميٽي رپورٽ پڙهيون. رولٽ ڪميٽي رپورٽ مان کين انقلاب بابت ڪجهه ڄاڻ حاصل ٿي.

ڀڳت سنگھہ يو- پي ۽ پنجاب جي انقلابي قوتن کي يڪجا ڪيو ۽ 1928ع ۾ هندستان سوشلسٽ ريپبلڪن آرمي (ايسوسيئشن) ٺاهي ان جو اڳواڻ بڻيو. 'سوشلسٽ' جو لفظ ڳنڍڻ مان اهو ظاهر ٿي ٿيو تہ اها ذات پات جي پيد ڪان پري هئي ۽ سموري هندستان سان وابستہ هئي جنهن تي روسي انقلاب جو اثر هو:

"سوشلسٽ جو لفظ پنهنجي جماعت جي نالي جو حصو بنائڻ واري خواهش مان اهو ثابت نٿو ٿئي تہ اسان سچ پچ مارڪسي سائنٽيفڪ نظريئي ۽ انقلابي طريقي مان خوب ڄاتو ٿي، پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان انهيءَ ڏس ۾ قدم رکي چڪا هئاسين جيڪو اسان جي ڄاڻ ۽ سمجھہ تائين محدود هو. خاص ڳالهہ اها هئي تہ اسان طبقاتي پرماريت جي بنيادن کي سمجهيو هو ۽ هارين ۽ مزدورن جي بالادستي اسان جو مقصد بڻجڻو هو. پر اسان هاري- مزدور طبقي جي طاقت کي سائنسي طرح سان منظم ڪري سندن ڇوٽڪاري لاءِ استعمال ڪري سگهڻ جي مرحلي تائين پهتا نہ هئاسين. اسان کي مارڪس، لينن ۽ اسٽالن جي انهيءَ سائنسي سچ جي خبر نہ هئي تہ عوام کان سواءِ ڪابہ طاقت يا سُپرمئن، سندن زنجيرون ٽوڙي نٿو سگهي ۽ نہ ڪي کين آزادي ۽ خود آزاديءَ جو حق ڏيئي سگهي ٿو.

"آڪٽوبر 1928ع جي پڇاڙي ڌاري، يشپال ۽ نوجوان ڀارت سڀا جي شاگرد طبقي جي ڀين ڪافي نوجوانن لالا لجپت راءِ سان گڏجي لاهور اسٽيشن تي سائمن ڪميشن جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. پوليس مظاهرين کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ لجپت راءِ کي ڏاڍو ماريو ۽ سندس ڪلهو زخمي ڪري ڇڏيو. زخمي هئڻ جي باوجود، هن انهيءَ رات هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪيو- انهيءَ موقعي تي هن چيو، "مان اعلان ڪريان ٿو تہ جيڪي ڌڪ اڄ مون کي لڳا آهن اهي هندستان ۾ انگريزي راڄ جي تابوت ۾ آخري ميخون ثابت ٿينديون."

مهيني کان پوءِ هُو مري ويو، سِڌي طرح زخمن جي ڪري نہ، پر ڊاڪٽرن موجب تہ سندس موت ۾ جلدائي ٿي هئي. HSRA سندس موت جو بدلو وٺڻ لاءِ جي- پي ساندرس (J.P Saurders) ڊپٽي

سپرنٽينڊنٽ آف پوليس لاهور کي مارڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ڪيس ڏک هنيا هئا. جن اهو ڪم سرانجام ڏنو، انهن ۾ ڀڳت سنگهه، راج گرو ۽ چندر شيکر آزاد هئا. يشپال رٿابندي ڪئي پر گوليون هڻڻ ۾ حصو نہ ورتائين. اهي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ ٻئي ڏينهن سموري لاهور ۾ اشتهار ورهائجي ويا تہ HSRA لالا لجپت راءِ جي موت جو بدلو وٺي ڇڏيو. يشپال کي پڪ ٿي تہ هندستانين کي خوشي ٿي هئي جو ملڪ جو مان مٿانهون ٿيو هو.

اپريل 1929ع ۾، وائسراءِ جي ٻن بلن جي منظوري سبب جيڪي اڳ ۾ اسيمبلي نامنظور ڪيا هئا ۽ HSRA مزدورن جي حقن جي خلاف سمجهيا ٿي، ڀڳت سنگهہ ۽ بي.ڪي دت، HSRA جي سرپرستي هيٺ، دهلي ليجسلٽو اسيمبلي چيمبر ۾ بم اڇلايا. ڀڳت سنگهہ ۽ بي. ڪي دت پوءِ پنهنجو پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو جيتوڻيڪ اهي ڀڄي وڃي سگهيا ٿي. انهن پنهنجون زندگيون قربان ڪري ماڻهن کي کُلي ڪورٽ ۾ ڪيس جي وسيلي سنديش ڏيڻ ٿي چاهيو، ۽ سچ پچ سندن ڪيس ۽ سندن سوچ ۽ فڪر کي اخبارن ۾ چڱي طرح پيش ڪيو ويو. ڪين جون 1929ع ۾ عمر قيد سزا آئي.

ساڳئي وقت HSRA لاهور ۽ سهارنپور ۾ بم ٺاهڻ جون فئڪٽريون قائم ڪيون. يشپال جو تعلق لاهور فئڪٽري سان هو، عملي طرح بمن ٺاهڻ سان نہ، پر ٻين ڳالهين سان جيڪي زير زمين تنظيم ۾ گهربل هونديون آهن. ڪيس پنهنجي گذاري لاءِ نوڪري ڪرڻي پيئي، تنهن ڪري لڪشمي انشورنس ڪمپني ۾ ڪلارڪي جي نوڪري ڪيائين:

"منهنجون سڀ کان وڌيڪ تلخ يادون، لڪشمي انشورنس ڪمپني ۾ ڪلارڪي جي نوڪريءَ سان وابستہ آهن. انهيءَ کان اڳ، ڪو مون کان ناخوش نہ ٿيو هو؛ حقيقت ۾، مون کي منهنجي سخت پورهئي ۽ اهليت ڪري ساراهيو ويندو هو. پر ڪلارڪ جي حيثيت ۾ مان بلڪل نااهل ثابت ٿيس. ذاتي طرح، اهو ڪم منهنجي لاءِ ايڏو غير دلچسپ هو جو مان دل لڳائي نہ سگهيس.

هڪ بئي مثان غلطيون ڪندو هوس ۽ مون کي چيني‌يو ويندو هو. هڪ ڪامياب وڪيل يا پروفيسر يا پر اثر سياسي شخصيت بنجڻ جا اوچا خيال ڪيڏانهن ويا جو هاڻي سارو ڏينهن ڪلارڪي جي ڪرسيءَ تي ويهي ڪچيون رسيدون ۽ گراهڪن جي نالي پريميئم پيارڻ لاءِ ياداشت نامہ موڪلي رهيو هوس؟“

”جڏهن سڪديو جو ڏسيل ڪم پورو ڪرڻ لاءِ موڪل وٺڻ جي نوبت ايندي هئي تہ اصل قصو خراب ٿي ويندو هو. هيڊڪلارڪ مون کي گهوريندو هو ۽ ڏاڙهيندو هو، ”موڪل! هر روز موڪل!... جيڪڏهن ٻيا ضروري ڪم اٿيئي تہ نوڪري ڇو نٿو ڇڏي وڃين؟ ٻيا گهڻائي نوڪري لاءِ تيار آهن. ڪمپنيءَ کي پنهنجو ڪم سڀ کان وڌيڪ اهم آهي.“ مان محسوس ڪندو هوس، منهنجو، ساهہ ٻوساٽبو پيو وڃي. مون زندگيءَ ۾ ڇا اهوئي ٿيڻ چاهيو ٿي- هڪ ڪلارڪ؟ مون پنهنجو پاڻ کي صندوق ۾ بند ٿيل محسوس ڪيو، بي وس، ڊڪ ڪولي سگهڻ کان قاصر. مون محسوس ڪيو تہ اها بدنصيبي مون اڪيلي سان نہ هئي پر انهيءَ جو ڪارڻ اسان جي سماجي جوڙجڪ ۾ موقعي جي ڪوتاهي جي ڪري هو. مون محسوس ڪيو تہ انهيءَ جو حل رڳو ملڪ ۽ سماج جي چالو رستي کان تبديليءَ ۾ هو. پوءِ مون انقلاب ڏٺو، هڪ فائدو حاصل ڪندڙ وانگر نہ، پر پنهنجي وجود لاءِ دانهن وانگر.“

15 اپريل 1929ع تي، جيئن پوليس کي سڌ پيئي تيئن اُنهن لاهور جي بم فئڪٽري تي ڇاپو هنيو.. سڪديو، جئہ گوپال ۽ ڪشوري لال کي گرفتار ڪيو ويو. يشپال ان مهل اتي موجود نہ هو ۽ هو ساڳئي ڏينهن لاهور مان ڀڄي ويو:

”شروع ۾، ڇو جو مون کي پوليس کان ڀڄڻ جو تجربو نہ هو، مان ڇڙواڳ جهنگلي جانور جيان؛ جيڪو شڪاري کان ڀڄندو آهي، ڀڄندو رهيس. جڏهن ڪو جانور جهنگل ۾ ڊڄندو آهي تہ هو پنهنجي بچاءُ لاءِ پنهنجي غفا ڏانهن ڀڄندو آهي. سو مان ڪانگڙا ڏانهن ڀڳس، جتي پنهنجي هڪ وڪيل مائٽ ديوان رام چندر وٽ ترسيس جيڪو اعتبار جوڳو دوست هو. مون ڪيس دوڪي ۾ رکڻ

نٿي چاهيو ۽ ڪيس سيني ڳالهين کان واقف ڪيم جنهن جي ڪري مان پڪو هوس.“

ديوان رام چندر يشپال کي چيو:

”تون سموري زندگي پڄندي نٿو گذارين سگهين. پڄڻ سان ته پاڻ پوليس کي تنهنجي باري ۾ وڌيڪ شڪ پوندو ۽ ڪورٽ جي نگاهه ۾ اها تنهنجي ڏوهه جي احساس جي ثابتي ٿيندي. تنهنجي فائدي جي ڳالهه اها آهي ته تون پنهنجو پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏ. انهيءَ ڪان پوءِ اسان تنهنجي هرڪا قانوني مدد ڪري سگهنداسين. پر جيڪڏهن توکي اها ڳالهه نٿي آئڙي، ۽ روپوش رهي پنهنجو ڪم جاري رکڻ چاهين ٿو ته پوءِ تون پاڻ ڇاڻ- پر انهيءَ لاءِ ڪانگڙا مناسب هنڌ ناهي. هيءُ هڪ ننڍو ڳوٺ آهي جنهن ۾ پنجويهه گهر آهن، جتي هرڪو هڪ ٻئي کي سڃاڻي، اتي هڪ ڌاريو سندن نظر ڪان بچي نٿو سگهي. اوپرو مهاندو هتي ورلي هجي ٿو ۽ پراسار ٿي رهڻ پاڻ ڀاري ٿيو پوي. ڪو شخص پڄي وڃي جبلن ۾ پناهه وٺي ته اهو ته برتن ۾ مڇي پڪڙڻ مثل آهي. هتي جا ماڻهو سياسي طرح ڪيترا سجاڳ آهن ۽ سندن خيال ڪيئن آهن، انهيءَ جي ڄاڻ بهتر اٿيئي. هتي جي ماڻهن کي بس هڪ ئي پيشي جي ڄاڻ آهي- فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ.“

يشپال اڳتي لکي ٿو: ”جيئن مان ڪانگڙا قلعي جي کنڊرن ۾ وينس ۽ سوچيم... ته مون محسوس ڪيو ته هنن ويران ٽڪرين ۾ انقلاب ۽ بم ڦاهڻ جو سوچڻ ڪيڏي نه بيوقوفي آهي... انقلاب فقط اتي آڻي سگهجن ٿا جتي ماڻهو هجن، نڪي خالي هنڌن ۾... ٻئي ڏينهن، مان پنجاب ڏانهن ماڻهن جي جهنگلن ۾ جن کي وڏا شهر چئجي ٿو پاڻ لڪائڻ لاءِ روانو ٿيس جيئن پنهنجي ساٿين سان ملي سگهان. يا پنهنجي طور تي انقلابي مهم کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪريان.“

هتي يشپال جي چوويهه ورهين جي ڄمار وارو عرصو ’سنهاولوڪن‘ جي پهرئين ڀاڱي ۾ پورو ٿئي ٿو. هو دهشت پسند ۽ لاهور ڪنسپائريسي ڪيس ۾ روپوش ٿي انهيءَ شهر ۾ واپس

اچي ٿو، جتي ڪيس انقلابي مهم هلائڻ جو ڪم سونپيل آهي.

”سنهاولوڪن جو ٻيو ڀاڱو نسبتا ٿوري عرصي تي مشتمل آهي- اپريل 1929ع کان سيپٽمبر 1930ع- جڏهن يشپال لاهور موٽي HSRA کي يڪجا ڪرڻ، ٻم ٺاهڻ، هندستان جي وائسراءِ کي قتل ڪرڻ، پرڪاش وتيءَ سان لنؤ لڳائڻ؛ ۽ HSRA ۾ ڦوٽ پوڻ جو سبب بنجي ٿو.

انهيءَ وقت 1929ع جي بهار جي موسم ۾ هن چاتو تہ HSRA جو مقصد عوام ۾ سياسي سجاڳي آڻڻ هو ۽ اهو حاصل ڪرڻ لاءِ نوجوان کي دهشت پسنديءَ جي عمل ۾ مرڻو هو ۽ ڪيس پنهنجي پارٽيءَ جي ٻين ساٿين سان رابطو قائم ڪرڻو هو جيڪي اڃا گرفتار نہ ٿيا هئا. ڪيس خبر هئي تہ ٻيا ميمبر دهلي ۽ يوپي ۾ هئا. پر اها خبر نہ هئس تہ اهي ڪٿي هئا. رڳو سڪديو کي خبر هئي جو لاهور جي جيل ۾ هو.

ڪيس لاهور مان هراسجي پڄڻ کي مهيني کان گهٽ عرصو ٿيو هو تہ وري ذهن ۾ هڪ منصوبو ڪٽي واپس آيو. هن اخبارن ۾ پڙهيو هو تہ سڪديو جيل ۾ بک هڙتال تي آهي. هو جيل ۾ پاڻ کي وڪيل ۽ هڪ عورت کي سڪديو جي ڀيڻ ظاهر ڪري ساڻس ملڻ ويو:

”قميض تي سوٽ، ٽاءِ ۽ اکين تي چشمو لڳايم، (جيڪو منهنجي نظر سان نٽي نهڪيو ۽ مون کي هر هر لاهڻو ٿي پيو)، شڪنتلا ۽ مان جيل جي حاطي ۾ گڏ گهڙياسين. مون پنهنجو پاڻ کي جيل اختياري وارن سان لائلپور جي بئريسٽر جي حيثيت سان تعارف ڪرايو ۽ چيم تہ اڃهو هاڻي انگلنڊ مان موٽيو آهيان. مون انگريزي تمام مختصر طريقي سان ڳالهائي ٿي، جيئن اڪثر نوجوان ولايت کان موٽڻ تي ڳالهائيندا آهن. مون سگريٽ ڪڍيو ۽ قانون جي احترام جو ڏيکاءُ ڪري پهرين پڇيم تہ قاعدي موجب سگريٽ پيئڻ جي اجازت آهي. پوءِ چيم، ’لالا اچنت رام، سڪديو جو چاچو ڏاڍو بيچئن ۽ پريشان آهي تہ سندس ڀائٽيو هفتي کن کان بک هڙتال تي آهي. مان جوابدار کي اهو تاثر ڏيارڻ ٿو چاهيان

تہ سندس خاندان انهيءَ رويي جي ڪري ناراض ۽ جوش ۾ آهي. سڪديو جي ماءُ جڏهن کان اهو ٻڌو آهي تہ هن پڻ ورت رکڻ جوفيصلو ڪيو آهي. اها تمام ڏکي صورتحال آهي. انهيءَ کان سواءِ مان ساڻس سندس بچاءُ جي باري ۾ ڳالهائڻ ٿو چاهيان.“

”پوءِ شڪنتلا، پنهنجي پيءُ ۾ دلچسپي ڏيکاري، روئڻ شروع ڪيو. ڪيس لائلپور (هاڻوڪو فيصل آباد) جي خاص پوشاڪ پاتل هئي ۽ ڳوناڻين الڙ ڇوڪرين جهڙو طريقو اختيار ڪيو هئائين. مون جيلر جي روبرو شڪنتلا کي چيو، ’تنهنجي روئڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ بس رڳو پنهنجي پيءُ کي چئو تہ اها بيوقوفي ڇڏي ڏي. انهيءَ مان جيلر مطمئن ٿي ويو. هن سڪديو کي جيل جي ڪوليءَ مان آفيس ۾ گهرايو. سڪديو جا ڪپڙا ميرا هئا ۽ ٻڪون ڪاٽڻ جي ڪري ڏاڍو ڏٻرو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مون سڪديو کي اشارو ڪيو ۽ شڪنتلا کان پڇيم، ’هيءُ تنهنجو پيءُ آهي؟ شڪنتلا، پيءُ جي محبت ۾ ونجي، روئڻ ۾ اچي چڻڪي. سڪديو ڳالهہ سمجهي ويو ۽ مون کان پنهنجو نالو پڇيائين جڻ اسان هڪ ٻئي کي اڳ سڃاڻيندا نہ هجون. مون جيلر جي روبرو ڪيس سندس بيوقوفاڻي حرڪت کان باز اچڻ ۽ قانون جو احترام ڪرڻ لاءِ چيو. پوءِ پڇيم تہ ڪيس گرفتار ڇو ڪيو ويو. ۽ پڇاڙيءَ ۾ مون مشڪندي جيلر کي مخطاب ٿي چيو، ’جوابدار هڪ سرڪاري ملازم جي روبرو دل کولي ڪيئن ٿو ڳالهائي سگهي؟“

جيلر ٻاهر هليو ويو، سڪديو، يشپال کي اشو اورما جو پتو ڏنو جيڪو سهارنپور جي ڪارخاني ۾ هو. ڪجهہ ڏينهن اندر سهارنپور فئڪٽريءَ تي پوليس ڇاپو هنيو ۽ اتان ۽ لاهور ۾ گرفتار ٿيلن مان ڪن ماڻهن خابروئن جو ڪم ڪيو. اهڙي ريت سانڊرس (Saunders) جي قتل، دهلي اسيمبلي بم جي واقعي ۽ لاهور بم فئڪٽري جي واقعن ۾ ڪڙيون ملايون ويون. ڀڳت سنگهہ، جنهن کي دهلي ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ڏني ويئي هئي، هاڻي لاهور سازش ۽ سانڊرس جي قتل جو الزام ڌريو ويو ۽ 1931ع ۾ ڪيس، سڪديو ۽ راج گرو کي ڦاسي تي لٽڪايو ويو.

هندستان ۾ ويهين صديءَ جي آزادي کان اڳ وارن ڏهاڪن ۾ انقلابي تحريڪ ڪا هڪ نه پر گهڻيون هيون- ڪي مذهبي اتساهه واريون ته ڪي سيڪيولر. HSRA مغربي اقتصادي ۽ سماجي نظرين کان متاثر هئي، پيون، جهڙوڪ مهاسڀا قديم هندو آدرش کي اپنايو هو. ساورڪر ڀائر، جن مهاسڀا جو پايو وڌو هو، مهاراشٽر جي شروعاتي انقلابي تحريڪ جا هيرو هئا. جڏهن وي او ساورڪر جو وڏو ڀاءُ، جنهن کي پيار وچان 'بابا' سڏيو ويندو هو، دهليءَ آيو ته، يشپال ۽ ڀڳوتي چرن ساڻن مليا ۽ پنهنجي ڪم لاءِ مالي مدد حاصل ڪيائون. هن يشپال کي مهاراشٽر ۾ ساڻس ملڻ لاءِ چيو. جڏهن يشپال اتي ويو ته ڏٺائين ته بابا هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ رهيو ٿي جنهن ۾ ميز ڪرسي يا کٽ به نه هئي ۽ فرش تي تڏو وڇائي سمهندو هو. هو نه فقط سادگي پسند هو پر ڪنهن به ولايتي شيءِ کي نه قبوليندو هو. هو چانهه نه، پر تلسيءَ جا پن ڪاڙهي پيئندو هو. هن انگريزي لفظ استعمال ڪرڻ جڏي ڏنا هئا جيڪي مراٺي ۽ هندي ڳالهائيندڙ ماڻهو روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ ڪتب آڻيندا هئا. انهي جي بدران هو سنسڪرت جي بنياد وارا لفظ جوڙيندو هو. هو نه رڳو انگريزي اثر جو مخالف هو پر مسلمانن جو به مخالف هو. يشپال سندس تنگ نظري، انتهاپسند رويي ۽ پوشاڪ کان چڙي پيو. جيتوڻيڪ وٽن انگريزي راڄ ۽ ڪانگريس جي پاليسي جي مخالفت ساڳي هئي، جيڪا ٻنهي جي نظرن ۾ بي اثر هئي.

يشپال کيس مدد ڪرڻ لاءِ چيو.

”هن منهنجو عرض ٺڪرايو ڪونه پر پنهنجو نقطهء نظر ۽ مقصد سمجهائيندي چيائين، اسان جو مقصد ديش کي ڌارين جي تابعداري کان ڇڏائڻ آهي. ديش کي آزاد ڪرڻ جو مقصد قوميت جي ڏس ۾ ترقي ڪرڻ آهي- جنهن جي پڪ هئڻ گهرجي. انگريزي حڪومت کان سواءِ، اسان جي ديس جو ٻيو دشمن، جيڪو قومي اتحاد جو مخالف آهي، ۽ جيستائين اهو انگريزن جو طرفدار آهي، آزاديءَ جي راهه ۾ اسان جي ڪوشش تي پاڻي ڦيري رهيو آهي، اهو مسلمان آهي- جو پنهنجو پاڻ کي هندو جاتي ۽ ملڪ جي

روايتي ڪلچر کان جدا سمجهي ٿو. ڪنهن ملڪ جو ڪلچر اهو ڪجهه آهي، جيڪو انهي لاءِ پنهنجي زندگي ۾ قوت ڏي ٿو ڪلچرل اتحاد قومي اتحاد جو بنياد آهي.

'انهيءَ سان ۾ شڪتيءَ جي قوت سان، اسان ڏارئين غلبي سان وڙهي سگهون ٿا ۽ پنهنجي آزادي حاصل ڪري سگهون ٿا. پر اول، پنهنجي ڪلچرل اتحاد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي دشمنن کان جند ڇڏائڻ گهرجي. ٻي صورت ۾، انگريزن سان وڙهڻ ائين آهي جيئن غلامي جي وڻ جي پاڙن کي نظرانداز ڪري ٽارين کي ڪپڻ. اسان تنهنجي مقصدن سان همدرد آهيون پر اسان توسان تڏهن تعاون ڪري سگهنداسين جڏهن فقط پروگرام ۾ هڪجهڙائي هجي...'

بابا منهنجي خاموشيءَ کي هاڪار سمجهي پنهنجو سلسلو جاري رکندي اڳتي چيو، 'هن وقت قوم تي سڀ کان وڏيڪ لڪل اثر، مسلمانن جو آهي جيڪي جناح جي اڳواڻي هيٺ، هڪ قوم مان ٻه قومون بنائڻ جي پاليسي تحت، هندستاني قوميت جا مخالف آهن. جناح انهيءَ جي علامت ۽ انهيءَ پاليسيءَ جو نمائندو آهي. جيڪڏهن تون ڪيس ختم ڪرڻ جي ذميداري کڻين ته پوءِ آزاديءَ جي راهه جي وڏي رڪاوٽ هٽي ويندي. ۽ انهيءَ لاءِ مان پنجاهه هزار رپين جي رقم جو بندوبست ڪري سگهان ٿو".

يشپال کي صدمو پهتو ۽ نرمائي سان انڪار ڪري شام واري گاڏيءَ ۾ دهلي روانو ٿي ويو. فڪرمندي ۽ اداسيءَ وچان هن هندستان جي فرقيوارانه ڇڪتاڻ جي مسئلي تي غور ڪيو. غلطيءَ تي ڪير هو- هندو يا مسلمان؟ هن ڄاتو ٿي ته هندو مسلمان جي ڇڪتاڻ جي ذميداري بنيادي طرح اوچ ذات ۽ اوچ طبقي جي هندُن تي آئي ٿي جيڪي ٻئي اصل ۾ هڪ هئا. ڪين پنهنجي اقتصادي ۽ سماجي حقن ۽ سهولتن لاءِ ساڙ هو ۽ پنهنجي ذات جي جوڙ ٽوڙ وسيلي اڇوتن ۽ ٻين گهٽ ذات وارن تي دائمي احساس ڪمتري مڙهي سگهيا ٿي. انهن مسلمانن کي به اڇوتن جهڙو رکڻ ٿي گهريو. HSRA جي فلسفي مطابق هندستان... برابر هئا. ۽ هندُن

۽ مسلمانن کي هڪجهڙو تي سمجهيو. انهن ماڻهن کي هندو مسلمان جي صورت ۾ نه پر هندستانين جي روپ ۾ تي ڏنو. اهڙي طرح حب الوطني لاءِ هر ڪنهن جي هڪجهڙي دعويٰ هئي.

جڏهن آزاد کي 'بابا' جي ڏنل تجويز بابت ٻڌايو ويو ته هو جوش ۾ اچي ويو جو HSRA کي پيشيور قاتل مقرر ڪرڻ لاءِ سوچيو ويو هو.

HSRA پڇاڙيءَ ۾ يشپال کي وائسراءِ (هندستان جي گورنر جنرل) کي قتل ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. اهو ڪم ڪيس ڊسمبر 1929ع جو، ڪانگريس جي ساليانې اجلاس جي موقعي تي وائسراءِ جي گاڏيءَ ۾ دهلي اچڻ جي دوران ڪرڻو هو. بم ڦاٽو، ريل جي پٽڙيءَ جو ڪجهه حصو اڏامي ويو، ڪجهه مسافر زخمي ٿيا پر وائسراءِ ۽ ليڊي ارون بچي ويا. مهاتما گانڌي وائسراءِ تي حملو ڪرڻ سبب ناراض ٿي پيو ۽ لاهور ۾ ڪانگريس جي ساليانې اجلاس ۾ لارڊ ۽ ليڊي ارون جو توري تان بچي وڃڻ تي ۽ مٿن بم ڦٽو ڪرڻ تي افسوس ڪائڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيائين ۽ يڪراءِ منظور ڪرڻ تي زور پريائين. سندس پرپور اپيل جي باوجود گهٽڻ انهيءَ جي ٺهراءَ جي مخالفت ۾ ڳالهايو ۽ 1731 ووٽن مان 81 ووٽن جي اڪثريت سان پاس ٿيو.

يشپال جي خيال موجب ڪانگريس جي اجلاس ۾ جن ٺهراءَ جي موافقت ۾ ووٽ ڪيو هو تن دٻاءُ هيٺ ووٽ ڪيو هو. گانڌي انهيءَ ووٽ کان مطمئن نه ٿيو ۽ 'ينگ انڊيا' ۾ The Cult of Bomb جي عنوان سان مضمون لکي بم اڇلائڻ تي افسوس جو اظهار ڪيائين ۽ دعويٰ ڪيائين ته انهيءَ ڪري قومي مقصد کي نقصان پهتو آهي ۽ عوام کي تلقين ڪيائين ته اهي پنهنجو پاڻ کي عليحده رکڻ جي طاقت استعمال ڪرڻ جا حمايتي آهن. يشپال ۽ ڀڳوتي چرن ڳڏجي، پنهنجي مضمون Philosophy of Bomb ۾ انهيءَ جو جواب ڏنو. اهو مضمون هينڊ بل جي صورت ۾ 26 جنوري 1930ع تي اتر هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ لڪل صورت ۾ ورهايو ويو.

اول، انهن تشدد ۽ عدم تشدد جي سوال بابت سمجهاڻي ڏني هئي. تشدد جي معنيٰ ’جسماني قوت ذريعي بي انصافي ڪرڻ‘، سمجهائي انهن لکيو هو تہ جيئن تہ سندن مقصد انصاف تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري جسماني قوت جيڪا اهي استعمال ڪن ٿا، انهيءَ کي تشدد نٿو چئي سگهجي. طريقن ۽ آدرشن جي باري ۾ انهن لکيو هو:

”انقلابين جو انهيءَ ڳالهہ ۾ يقين آهي تہ سندن وطن جون واڳون انقلاب ذريعي ئي حاصل ٿي سگهنديون. جنهن انقلاب لاءِ اهي لاڳيتو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اميدون وابستہ ڪري وينا آهن، اهو ڌارين حڪومت ۽ ان جي حمايتين ۽ عوام جي وچ ۾ فقط هٿيارن جي صورت واري اظهار ۾ نہ هوندو پر اهو هڪ نئين سماجي نظام کي پاڙ سان ڳنڍ وٺي ايندو. اهو انقلاب سرمائيداري، طبقاتي تفريق ۽ آسائشن جي تابوت ۾ آخري ميخ ثابت ٿيندو. اهو لکين ڪروڙين ماڻهن لاءِ سک ۽ شانتي جو سنديش آڻيندو جيڪي اڄ ڌارين ۽ توڙي هندستاني پرماريت جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا آهن. اهو انقلاب پنهنجي قوم کي اڳيان آڻيندو. اهو انقلاب هڪ نئين رياست ۽ هڪ نئين سماجي نظام کي جنم ڏيندو. سڀ کان اول، اهو انقلاب پرولتاري حڪومت قائم ڪندو ۽ سماجي جيوڙن کي سياسي قوت کان الڳ ڪري ناس ڪندو.“

انهيءَ مضمون ۾ دهشت پسنديءَ کي انقلاب جو ضروري ۽ اڻ ٽر پهلو ڪوٺي حق بجانب ثابت ڪري اعلان ڪيو ويو هو تہ ماضيءَ ۾ بين ملڪن وانگي هندستان ۾ پڻ دهشت پسندي ترقي ڪري انقلاب جي صورت اختيار ڪندي ۽ انقلاب سماجي، سياسي ۽ معاشي آزاديءَ جي صورت ۾ پڌرو ٿيندو.

انهيءَ مضمون ۾ انهيءَ ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي ويئي هئي تہ گانڌي پنهنجي طريقن ۾ ڏکڻ آفريڪا ۾ هندوستانين کي سندن جائز حق ڏيارڻ ۾ ناڪام ويو ۽ سندس عدم تعاون جون ڪوششون هندستان کي پڻ آزادي ڏيارڻ ۾ ناڪام ويون آهن. انهيءَ ڳالهہ ۾ گانڌيءَ جي انهي دعويٰ کي بہ رد ڪيو ويو تہ تشدد

ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي ۽ آزاديءَ جي ڏينهن ڪي مهمل ڪري ٿو:

"... اسان ڪيس ڪيترائي اهڙا مثال ڏيئي سگهون ٿا، جتي ماڻهن تشدد ذريعي سماجي آزاديءَ وسيلي ترقي ۽ سياسي آزادي حاصل ڪئي آهي. روس ۽ ترڪي ٻنهي ملڪن کي مثال طور ڪٿو. ٻنهي ملڪن ۾ پارٽين ترقيءَ خاطر رياست جو انتظام هٿيارٻند انقلاب وسيلي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. اتي اجا تائين ترقي ۽ سياسي آزاديءَ تي بندش ناهي..." ۽ پڇاڙيءَ ۾ عوام کي اپيل ڪندي لکيو هئائون تہ اهي مهاتما گانڌيءَ جو ڪين ننڍڻ نظر انداز ڪن:

"گانڌي انهن سيني کي، جيڪي انقلابين جي حمايت واپس وٺڻ جو پراٽو سبب ناهن ۽ سندن عمل کي ننڊين ٿا، للڪاري چيو آهي، "اسان جا گمراهہ محبِ وطن پنهنجي ارڏي روح جي ڪاڌ و خوراڪ ڪارڻ تشدد جي هلڪڙائپ ۽ وڏي نقصان کي محسوس ڪن؟" ماڻهن کي پراٽو دڪارڻ ظاهر ڪري ڪين گمراهہ سڏڻ ڪيڏو سولو آهي ۽ ماڻهن کي للڪاري حمايت واپس وٺڻ ۽ ڪين ننڍڻ جيئن اهي الڳ ٿي ٻيهن ۽ پنهنجون سرگرميون ڇڏي ڏين. خاص ڪري جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي عوام جي اثر واري طبقي جو اعتماد حاصل هجي! اها رحم جوڳي حالت آهي جو گانڌي پنهنجي عوامي زندگيءَ جي ڊگهي تجربي جي باوجود انقلابي نفسيات نٿو سمجهي ۽ نہ سمجهي سگهندو. زندگي تمام قيمتي شيءِ آهي جيڪا هر ڪنهن کي پياري آهي. جڏهن ڪو شخص انقلابي بڻجي ٿو، جيڪڏهن هو زندگي هٿ جي ترريءَ تي کڻي قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ٿو هجي، تہ هو رڳو رونشي خاطر ائين نٿو ڪري: هو پنهنجي جان رڳو انهيءَ لاءِ جوکي ۾ نٿو وجهي جو ڪنهن وقت، ماڻهن جو مجموعو همدردي وچان سندس نالي جا نعرا هڻي ٿو. پر هو ائين انهيءَ ڪري ٿو ڪري جو مقصد ڪيس اهو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ زوري ڪري ٿو، ڇو جو اهو سندس ضمير جو حڪم آهي. هڪ انقلابي سڀ کان اول مقصد ۾ ويساهہ رکي ٿو. اهو رڳو مقصد ئي آهي جنهن اڳيان هو جهڪي ٿو. گاريون ۽ گلائون ڪنهن بہ مٿانهين

هنڌ تان چو نہ جاري ٿيندیون هجن پر كيس پنهنجي مقرر مقصد كان هٽائي نٿيون سگهن.“

جنوري 1930ع ۾، چندرشيكر آزاد (HSRA) كي وري منظم كيو ۽ يشپال كي پنجاب جو آرگنائيزر ۽ سينٽرل كميٽيءَ جو ميمبر مقرر كيائين. سندس ملاقات پركاش وتيءَ سان ٿي، جنهن پوءِ ساڻس شادي كئي جيكا HSRA ۾ حصو وٺڻ آئي هئي. سندن كهاڻي مان HSRA جي سماجي تنگ نظري جي دلچسپ ڄاڻ ملي ٿي چو جو جن مشكلاتن جو انهن مقابلو كيو اهي، تنظيم جوئي نتيجو هيون، نہ كي ٻاهرين دنيا جو.

پركاش وتي اول پارٽيءَ كي مالي مدد كئي ۽ پوءِ شامل ٿيڻ لاءِ درخواست ڏنائين. جيئن تہ هوءَ فقط سترهن ورهين جي پناهہ ۾ آيل ۽ اڻ آزمودگار هئي، تنهن كري يشپال كي اهو كم سونپيو ويو تہ هو كيس پارٽي ۾ شامل ٿيڻ كان باز ركي. انهن جي خط و كتابت ٿي پر اها سندن پهرين ملاقات هئي. يشپال اهو مطلب كڍيو تہ هوءَ پنهنجن مائٽن طرفان ٺهہ كيل شاديءَ كان ڀڄي نكتي آهي:

”سندس اتساهہ ۽ ڀاڻ ارپڻ واري جذبي ۾ كو شك نہ هو پر اتساهہ سان گڏ ٿوري ڄاڻ پڻ ضروري هئي.“ ڏس، ”مون پنهنجو ڀاڻ كي واضح كندي چيو، “جيكڏهن توكي پنهنجي پسند نہ ايندڙ شاديءَ تي اعتراض آهي تہ منهنجي توسان همدردي آهي. پر اها اهڙي ڳالهہ آهي جنهن ۾ اسان تنهنجي مدد نٿا كري سگهون. اسان فقط سياسي جدوجهد سان وابستہ آهيون.

”اوهان جو مطلب ڇا آهي؟“ پركاش وتي پڇيو. هوءَ پريشان ٿي ويئي هئي.

”منهنجو مطلب اهو آهي تہ جيئن تہ تون پنهنجي گهران ڀڄي نكتي آهين ۽ هتي انهيءَ كري آئي آهين جو تون شادي نٿي كرڻ چاهين، تنهنكري اسان كوبہ انتظام كري نٿا سگهون اهو اسان جو كم ناهي.“

پرڪاش وتي نظرون جهڪائي ڇڏيون. سندس سيئي اميدون ختم ٿي ويون. ”ٺيڪ آهي، مان وڃان ٿي“.

”ڪيڏانهن وينديءَ؟ ۽ انهي بي انصافيءَ جي ڪارڻ پنهنجي پيءُ جو مقابلو ڪر.“ مون کيس صلاح ڏني.

”نه، مان گهر نه وينديس. جڏهن گهر ڇڏي آئي آهيان ته وري واپس نه وينديس. پل ڇا به ٿي پوي.“

”پوءِ ڪيڏانهن وينديءَ؟“

”جتي به پناهه ملي، شايد دريا ۾“

منهنجي دل جي ڌڙڪن بيهي رهي. مون کيس چيو ته اها عقلمندي ناهي.

پرڪاش وتي پاڻ مون کي ٻڌايو، ”جيڪڏهن مان پسند جي شادي ڪري نٿي سگهان ته مون کي شادي ڪرڻي ناهي.“ هن اهو پڻ چيو ته جيڪڏهن منهنجو خاندان پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي، ته مون کي گهر ڇڏي ڏيڻ گهرجي. ۽ خود تو پڻ اهو لکيو هو.“ ۽ مون کي ياد آهي ته پرڪاش وتيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئا.

مون چيو، ”پر تون چئين ٿي ته تون گهر مان انهيءَ ڪري ڀڄي نڪتي آهين جو تو شادي ڪرڻ نٿي چاهي. تون انهي ڪري ڀڄي نڪتي ناهين جو توکي پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.“

”جيڪڏهن مان شادي ڪنديس ته پوءِ پارٽيءَ ۾ ڪم ڪيئن ڪري سگهنديس؟“

”پوءِ ائين چوءَ ته تون گهر ڇڏي پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ آئي آهين. انهيءَ حالت ۾ اسان خوشيءَ سان تنهنجي آجيان ٿا ڪريون. منهنجي ڏکين ڳالهين پڇڻ لاءِ دل ۾ نه ڪج. مون صحيح حقيقت ڄاڻڻ ٿي گهري. منهنجي رُڪائي لاءِ مون کي معاف ڪج.“

جڏهن مان کيس ڪوڙيون ڳالهيون چئي رهيو هئس ته پرڪاش وتي پاڻ تي ضبط ڪيو ويني رهي. پر جڏهن کيس معاف ڪرڻ لاءِ چيم ته پنهنجو چهرو رئي سان ڍڪي ڇڏيائين ۽ اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيس. اوچتو مون سوچيو ته پارٽيءَ جو ڪو ماڻهو اچي

ڪيس رئندو ڏسندو تہ ڇا چوندو؟ هو ڇا سوچيندو؟ تنهنڪري ڪيس چپ ڪرائڻ لاءِ آتت ڏني مانس پر متس ڪو اثر ڪونہ ٿيو.

”مون کي پاڻ تي پنهنجي شروعاتي انومانن ۽ کهرائپ تي شرم محسوس ٿيو ۽ تورن ڏينهن ۾ مان سندس محبت ۾ گرفتار ٿي ويس.“

جيتوڻيڪ ٻنهي هڪٻئي سان محبت ڪئي ٿي پر شاديءَ جو سوال ئي نٿي اٿيو. يشپال قانون جي نظر ۾ روپوش ۽ خطرناڪ ڪمن ۾ سرگرمِ عمل هو. ڪيس انهيءَ حال ۾ گهٽو وقت جيئري رهڻ يا جيڪڏهن بچي ويو تہ آزاد گذارڻ جي اميد نہ هئي. پوءِ بہ انهن هڪٻئي سان عهد و اقرار ڪيا ۽ يشپال پرڪاش وتيءَ جي باري ۾ پارٽيءَ جي ٻين عورتن مان ڪنهن هڪ سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو جيئن سندس چال چلت جي باري ۾ ڪجھ ڳجھو يا بي عزتيءَ جهڙو نہ رهي. سندس تعلقاتن جي ڪاوڻ پارٽيءَ جي ٻين ڪن مَيمبرن ۾ حسد پيدا ٿيو ۽ اعتراض اٿاريائون، جنهن جي نتيجي ۾ پوءِ ڪيس قتل ڪرڻ جو فيصلو ٿيو.

ڪجھ وقت ڪان پوءِ، جڏهن يشپال نئين بم فئڪٽري ۾ مدد ڪري رهيو هو، جيڪا پارٽي طرفان دهليءَ ۾ نصب ڪئي ويئي هئي، تہ دهليءَ جي آرگنائيزر ڪئلاش پتي، ڪيس چيو تہ آزاد توکي سينٽرل ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شام جي گاڏيءَ ۾ ڪانپور وڃڻ لاءِ چيو آهي. ڪانپور جي اسٽيشن تي پارٽيءَ جو هڪ ميمبر ملندو جيڪو ڪيس ميٽنگ ۾ وٺي ويندو. پر يشپال ڪيس ملي نہ سگهيو ۽ ڪيس خبر نہ ئي تہ ميٽنگ ڪهڙي هنڌ ٿيڻي هئي تنهن ڪري هو سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر ورياڌر تيواري سان ملڻ لاءِ ويو، جنهن کي هن ڪانپور ۾ سڃاتو ٿي. ورياڌر ڪيس ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. هن ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪئي ۽ پوءِ صلاح ڏنائينس تہ هو باقي وقت سندس گهر ۾ رهي ۽ شام جو دهلي واپس وڃي. يشپال منجهي پيو:

مون چيو، ”پر مان سينٽرل ڪاميٽي جي ميٽنگ لاءِ آيو آهيان.“

۽ ورياڌر پڇيو، ”سينٽرل ڪميٽي جي ميٽنگ ختم ٿي ويئي.“

مون کي عجب لڳو. ”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“ مون پڇيو.

پوءِ وريا در پڇيو، ’محفوظ هنڌ ڪهڙو آهي جتي تون رهي سگهين ٿو؟‘

۽ مون وراڻيو، ”سيئي هڪجهڙا آهن جتي به مون کي ڪو ڪم ڪرڻو پوي ٿو. دهليءَ ۾ منهنجو ڪم پورو ٿي ويو آهي. ان واپس پنجاب ٿو وڃان.“

تنهن تي وريادر مون کي چيو، ”پنجاب تنهنجي لاءِ تمام محفوظ هنڌ ناهي.“ مان اجان وڏيڪ عجب ۾ پئجي ويس. مون سوچيو، ٿي سگهي ٿو ته پنجاب ۾ ڪي گرفتاريون عمل ۾ آيون آهن جن جي مون کي خبر ناهي پر وريادر کي خاص ذريعي ڪان خبر پئجي وئي آهي.

”پنجاب ۾ ڇا ٿيو آهي؟“ مون اشتياق وچان پڇيو.

وريادر سمجهي ويو ته مون کي انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ ذري به خبر نه هئي. هن منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا منهنجي اکين ۾اکيون وجهي چيائين، ”وعدو ڪر ته جيڪي مان توکي ٻڌائيندس اهو ڪنهن کيَ به نه ٻڌائيندين.“

”پارٽيءَ جي راز ٻڌائڻ جو سوال ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون تي تون ڪيئن ٿو شڪ ڪري سگهين؟“ مون بي قرار ٿيندي چيو.

”اهو پارٽيءَ جي راز ڪان وڌو راز آهي. جيڪڏهن مان توکي ٻڌائيندس ته توکي وعدو ڪرڻو پوندو ته ڪنهن کي به نه ٻڌائيندين. آزاد کي به نه.“

۽ مون مضبوطيءَ سان چيو، ”مان پارٽيءَ جي مقصدن جي خلاف ڪڏهن به ڪجهه نه چوندس.“

”مان پڻ پارٽيءَ جي مقصدن بابت چوان ٿو. پاڻ ٻنهي ۾ ڪا خاص دوستي ناهي. مون توکي فقط ٽي يا چار ڀيرا ڏٺو آهي.“ پر جيڪي تنهنجي باري ۾ ٻڌو اٿم ۽ جيڪي هاڻي ٻڌان ٿو، پارٽيءَ جي ڀلي ڪارڻ مون کي تنهنجي وعدي جي ضرورت آهي.

مون چيو، ”جيڪڏهن اهو پارٽيءَ جي ڀلي لاءِ آهي ته مان راز کي راز ئي رهڻ ڏيان، ته مان وعدو ٿو ڪريان ته اهو ڪٿي به نه

ورجائيندس.“ ۽ کيس وري پڪ ڏياريم ۽ انهيءَ تي ساڻس هٿ ملايم. پوءِ ورپادر چيو، ”نيشنل ڪميٽي جي ميٽنگ ختم ٿي ويئي. فيصلو اهو ڪيو ويو هو تہ توکي گهرائي شوٽ ڪيو وڃي.“

جڏهن يشپال سبب پڇيو تہ ورپادر وراڻيو تہ تون آرام پسنديءَ کي وڌيڪ ٿو پسند ڪرين ۽ بزدل ٿي ويو آهين ۽ ٿي سگهي ٿو تہ پارٽيءَ سان غداري ڪرين. جڏهن يشپال پڇيس تہ اهو الزام ڪنهن هنيو هو ۽ ميٽنگ ۾ ڪير هو تہ، ورپادر نہ ٻڌايس. يشپال چيس تہ کيس الزام جو نہ ٻڌايو ويو ۽ الزام لڳائيندڙ کي منهن ڏيڻ جو موقعو چو نہ ڏنو ويو. ورپادر وراڻيو تہ انهيءَ ڳالهہ جو ڊپ هو تہ تون متان پوليس ۾ نہ وڃين. ورپادر مٿس زور ڪيو تہ تون پنهنجي ۽ پرڪاش وتيءَ لاءِ ڪو محفوظ هنڌ ڳولهہ چو جو پارٽي اوهان ٻنهي کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو آهي:

”منهنجي دل ۽ دماغ پريشانيءَ ۾ گهيرجي ويا هئا، سارو ڏينهن عجب وچان ويهي سوچيندو رهيس تہ ڇا ڪريان. انهيءَ کان پوءِ مون کي فقط پوليس جو ڊپ هو. انهن ڏينهن، سيني اسٽيشنن، پوسٽ آفيسن ۽ پبلڪ هالن ۾ وڏا اشتهار چنبڙايا ويا هئا، جن ۾ لاهور جي سازش ڪيس ۽ وائسراءِ جي گاڏي تي بم اڇلائڻ وارن انقلابي روپوشن تي انعام جي رقم لکيل هئي. اهي رقمون تمام وڏيون هيون. انهن اشتهارن ۾منهنجي تصوير عام طرح سڀ کان مٿي هئي ۽ آزاد ۽ منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو انعام رکيل هو. انهيءَ پريشانيءَ سان گڏ هاڻي ٻي پريشاني اها هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت منهنجي انقلابي ساٿين مون کي ڏسي ورتو تہ اهي مون کي شوٽ ڪري ڇڏيندا.“

يشپال شام جي گاڏيءَ ۾ دهلي واپس ويو ۽ پرڪاش وتيءَ کي هنڌائتو ڪري، پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪري لاهور روانو ٿيو. هن کي خبر هئي تہ مٿس الزام مڙهيندڙ پارٽي ميمبر سکديو راج ئي آهي جنهن پرڪاش وتيءَ ۾ تمام گهڻي دلچسپي ٿي ورتي. سڀ کان وڌيڪ کيس ڪاوڙ ۽ پريشاني انهيءَ ڳالهہ جي هئي تہ مٿس الزام ڪنهن مڙهيو آهي ۽ حقيقت ۾ الزام

کھڙو آهي. ٻن هفتن کان پوءِ، هو هڪ ٻئي پارٽي ميمبر کنا سان مليو جو سندس دوست هو. هن کيس ٻڌايو تہ الزام اهو آهي تہ تو پرڪاش وتيءَ کي گهر مان پڇائي پاڻ سان گڏ رهڻ لاءِ برغلايو آهي. انهيءَ کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي مثال ٻڌايائين.

يشپال لاءِ متس مڙهيل الزامن کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ سولو هو جو انهن سيني لاءِ هڪ ٻيو شاهد هو جنهن کان يشپال جي واقعي بابت بيان جي تصديق ٿي سگهي ٿي. کنا کي هن هڪ هڪ واقعو ٻڌايو ۽ انهيءَ شخص جو نالو ٻڌايائين جو ان وقت ساڻس گڏ هو جيئن الزامن جي سچ يا ڪوڙ پرکي سگهجي ۽ پڇاڙيءَ ۾ هو چوي ٿو:

”مون کي انهن ماڻهن ۾ شڪ آهي جيڪي مون تي ملوث هئڻ جا الزام مڙهين ٿا يا چون ٿا تہ مان ڪنهن بہ وقت پوليس کي راز ٻڌائيندس ۽ سيڪجهہ تباهہ ڪري ڇڏيندس. مون پندرهن ڏينهن ۾ جاٽي ورتو آهي تہ، اهي ماڻهو بنا ڪنهن انصاف جي، مون کي مارڻ ٿا گهرن. مان انهيءَ کي پارٽيءَ جي خلاف دغا ٿو سمجهان. جيڪڏهن ڊپ ۽ ڪوڙ وچان وحشي ٿي وڃان ها تہ هن کان اڳ مان پوليس وٽ بچاءَ لاءِ پهچي وڃان ها. هاڻي بہ مان پنهنجو ڪيس پارٽي جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ سندس فيصلو قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. منجهانئن ڪنهن هھڙي قسم جي ثابت قدمي، همٿ ۽ وفاداري ڏيکاري آهي؟ ۽ منهنجي لهجي ۾ ڪاوڙ ۽ مايوسي ظاهر ٿيندي ويئي.“

پڇاڙيءَ ۾ يشپال، آزاد سان مليو ۽ کيس مطمئن ڪيائين تہ متس مڙهيل الزام بي بنياد آهن، پر پوءِ بہ پارٽيءَ جي سيني ميمبرن جا پاڻ ۾ خاص ڪري يشپال جا ڏنونت راءِ ۽ سکديو راج سان واسطا ايترا ڪشيدا ٿي ويا هئا جو آزاد پارٽيءَ کي ٽوڙي ڇڏيو، سمورا هٿيار ۽ بارود هڪ سريکا ورهائي ڇڏيائين ۽ هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي صوبي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيائين. اهڙي طرح مرڪزي تنظيم ختم ٿي ويئي:

”پارٽي ٽوڙي ويئي، مون کي اهو سوچي ڏاڍو ويچار ٿيو ته انهيءَ بدقسمتيءَ جو ڪارڻ مان هوس، پر انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو. ايتري قدر جو ڏنونت راءِ ۽ سکديو راج کان سواءِ ومل، بچن ۽ ٻين جهڙا پارٽيءَ ۾ ٻيا به هئا جيڪي منهنجي چال چلت ڪري مون تي ناراض هئا. جيتوڻيڪ اِنهن مون تي مڙهيل ٻين الزامن بابت بلڪل ويساهه نٿي ڪيو، پر سندن نگاهن ۾ مون هڪ وڏو ڏوهه ڪيو هو: مون پرڪاش وتيءَ کي پنهنجي زال ڪري رکيو هو. ۽ اهو ڪافي هو. سندن خيال مطابق انقلابين کي قرباني ۽ برهمه چريه آدرشن سان شادي ڪرڻ گهربي هئي. انهيءَ ڪري منهنجو طريقو شرم جوڳو هو.“

سنهاو لوڪن جي ٽئين ۽ آخري جلد جو دور سيپٽمبر 1930ع کان، جڏهن پارٽي ٽوڙي ويئي، مارچ 1938ع تائين ڦهليل آهي جڏهن يشپال جيل مان آزاد ٿيو هو.

قومي منظر تي، رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس، جيڪا گانڌي_ارون پئڪٽ ۾ عروج تي پهتي، گهٽ ۾ گهٽ شروع ۾ هندستان جي ڏيهي حڪومت ڏانهن ڊگها قدم کڻندي نظر آئي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته انقلابين جي، سودي بازيءَ جي قوت گهٽي ڪمزور ٿي ويندي. يشپال ۽ آزاد ٻئي 1931ع جي شروع تائين گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا. آزاد جواهرلال نهروءَ سان انهيءَ بابت ڳالهايو ته جيڪڏهن انگريز ۽ هندستان ڪنهن ناهُ تي پهچي وڃن ته ته انقلابين جي حيثيت ڪهڙي هوندي؟ ڇا مٿن قانون جي ڏوهارين وانگر مقدما هلايا ويندا يا ڪين عام معافيءَ ۾ شامل ڪيو ويندو؟ اهو ذڪر نهروءَ جي آتم ڪٿا ۽ 'سنهاولوڪن' ۾ ڪيل آهي.

ٻنهي هڪٻئي جي ڳالهين کي چڱي طرح نه سمجهيو ۽ آزاد يشپال کي چيو ته هُو نهروءَ سان ملي فقط پنهنجو نقط نظر واضح ڪري. يشپال پنهنجي طور تي پڻ نهروءَ جي مدد وٺڻ لاءِ آتو هو. هن سوشلزم جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ ۽ روسي انقلاب جي نتيجن کي پاڻ ڏسڻ لاءِ روس ڏسڻ تي چاهيو. نهرو يشپال جي

سفر لاءِ مالي مدد جو انتظام ڪيو. ٿورا ڏينهن پوءِ جڏهن آزاد کي پوليس الهه آباد ۾ گوليءَ هڻي ماري ڇڏيو تہ يشپال جو پروگرام بدلجي ويو. هن محسوس ڪيو تہ ڪيس هندستان ۾ ئي رهڻ گهرجي ۽ HSRA کي يڪجا ڪري ٻيهر جيئارڻ گهرجي.

پر سندس ڪوششون ناڪام ويون ۽ هن وري روس وڃڻ جو سوچيو. هن محسوس ڪيو تہ ڪنهن سان رابطي ڪان سواءِ روس ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تمام نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري هن انڊين ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪنهن معزز ميمبر ڪان پنهنجي اعتبار جوڳي هئڻ جي پرک جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. سندس نظر ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اهڙو ميمبر ايم- اين راءِ هو.

”ان وقت تائين مون کي انڊين ڪميونسٽ پارٽي ۽ ايم- اين راءِ جي پروگرامن جي وچ ۾ فرق جي خبر نہ هئي. ميرٺ سازش ڪيس اڃان تائين ڪورٽ ۾ هلي رهيو هو. مان ميرٺ وڃي انهيءَ ڪيس جي هڪ جوابدار هچنسن (Hutchinson) سان مليس جو ضمانت تي ٻاهر هو. ڪيس ڇيڙ تہ مون کي ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪان هڪ اهڙي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت آهي جنهن ۾ اهو ڄاڻايل هجي تہ مان انقلابي آهيان ۽ انگريزي حڪومت جي خلاف وڙهيو آهيان ۽ هڪ ڀروسي جوڳو ماڻهو آهيان. هچنسن مون کي پڪ ڏني تہ اهو ڏکيو ڪم ناهي پر توکي انهيءَ لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو... اتي وڃي مون ڪامريڊ رناڊائيوَ (Ranadive) سان ڳالهايو. انهن اهڙو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ ڪان ڪيٻايو جو ڪين ڊپ هو تہ متان مان پڪڙجي پوان ۽ سرٽيفڪيٽ مان اها ثابتي ملي تہ سندن پارٽي ۽ دهشت پسندن وچ ۾ ڪو رابطو آهي. پر هن مون کي ٻين ماڻهن سان ملائڻ ٿي چاهيو، جن جي مدد سان مان ساموندي رستي ٻاهر وڃي سگهيس ٿي... مون راناڊائيوَ ڪان ايم- اين راءِ سان ملاقات جو پڇيو تہ ٻڌايائين، ”اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي پر جيڪڏهن تون ايم- اين راءِ سان رابطو رکڻ چاهين ٿو تہ پوءِ اسان جي پارٽيءَ ڪان ڪنهن قسم جي مدد جي اميد نٿو رکي سگهين.“ مون کي پوءِ خبر

پيئي ته ايم- اين- راءِ هندوستان موٽڻ کان اڳ ڪميونسٽ انٽرنيشنل سان وڙهي پيو هو ۽ چين ۾ مٿس غداري جو الزام ڌريو ويو هو.“

يشپال اهڙين حالتن هيٺ روس ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش جو خيال لاهي ڇڏيو. ۽ انهيءَ جي بدران هن HSRA جي باقي رهيلن کي ٻيهر يڪجا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڀيري ڪيس ڪاميابي حاصل ٿي. جنوري 1932ع ۾ کيس ڪمانڊر_ان چيف چونڊيو ويو. انهيءَ ميٽنگ ۾ ميمبرن بنگال ۽ ٻين گروپن جي مدد حاصل ڪري تنظيم کي وڌائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انهيءَ مقصد ڪارڻ يشپال کي جنوريءَ جي آخر ۾ الهه آباد ۾ ٻين انقلابين سان ملڻو هو. انهيءَ کان به اڳ HSRA هڪ هينڊ بل شايع ڪيو هو، جنهن ۾ عوام کي گوريلا ويڙهه ذريعي حڪومت جي خلاف سندن فوجي ڇانوڻين ۽ پوليس ٿاڻن کي نشانو بنائڻ ۾ ساٿن شامل ٿيڻ لاءِ چيل هو. يشپال اصولن جو هيٺيون پٽرنامون لکيو هو:

”HSRA جي طاقت هٿياربند نوجوانن جي جماعت جي پڪڙيل هٿن ۾ ناهي، پر ڪروڙين ديسواسين جي دلين ۾ آهي، جيڪي انگريزي راڄ کي شرم ۽ نفرت وچان ڏسن ٿا. اهاڻئي طاقت آهي جنهن سان اهي ديس کي آزاد ڪرائيندا. سمورا محنتڪش هاري ۽ مزدور، جيڪي پنهنجي محنت جو اجورو ماٽي نٿا سگهن ڇو جو اقتصادي توڙي سياسي طابعداري هيٺ آهن، انساني سلوڪ جا حقدار آهن ۽ ملڪ جي آزادي لاءِ جنگ ۾ صف آرا آهن. HSRA کي انهن ماڻهن ۽ گروپن مان ئي هن آزاديءَ جي جنگ ۾ تعاون جي اميد آهي. توهان جي ايراضيءَ ۾ پوليس ٿاڻا ۽ فوجي ڇاوڻيون اوهان جي غلامي ۽ تابعداريءَ جون علامتون ۽ بنديخانا آهن.

اهو اوهان جو فرض آهي ته انهن کي تباهه ڪري برطانوي راڄ کي ناڪام ڪريو. اوهان کي ڏارين حڪومت تي حملي ڪرڻ لاءِ بمن ۽ رائفلن لاءِ ترسڻو ناهي. سندن هٿن ۾ جيڪي هٿيار آهن،

اهي اوهان جا آهن. جيڪي اوهان کي هٿ اچن، اهي اوهان جا هٿيار آهن. انقلاب جي راهه جي نشاندهي شولاپور ۾ چوري چؤرا ۾ ڪئي ويئي هئي. اوهان کي ڪنهن جي به حڪم جو انتظار ڪرڻو ناهي. برطانوي حڪومت تي هڪ هڪ زخم، اسان جي ديس جي آزاديءَ جو ڏڪ آهي. دنيا جي ڪابه طاقت هن ملڪ جي پنجويهه ڪروڙ ماڻهن جي خواهشن کي دٻائي نٿي سگهي.

هن پڌرنامي ذريعي انهن کي خبردار ڪجي ٿو ته جيڪي برطانوي حڪومت جا نوڪر آهن ۽ اسان جي عوام کي غلام ڪري رکيو اٿن، اهي سڀ پنهنجي ملڪ جا غدار آهن. ملڪ دشمن حڪومت جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ غداري آهي. هر محبِ وطن کي حق آهي ته انهن غدارن کي سزا ڏين، جيڪي اهڙي ڪنهن حڪومت جي خدمت ڪري پنهنجو گذارو ڪن ٿا.

اسان جو مقصد اندروني توڙي ٻاهرين پرماريت کي ختم ڪرڻ ۽ محنت ڪش طبقي کي سندن خوداراديءَ جو حق ڏيارڻ آهي جيئن سيني مرد توڙي عورتن کي پنهنجي پيٽ ڀرڻ جو مڪمل ۽ هڪ جيترو حق ملي. اهي مڪمل ترقي حاصل ڪن ۽ کين پنهنجي محنت جو سمورو ڦل ملي.

(صحي ٿيل) يشپال

22 جنوريءَ تي يشپال الهه آباد ويو، جتي پهچڻ کان پوءِ صبح جو، کيس اسپيشل پوليس جي سپرنٽينڊنٽ کي گوليءَ سان شوٽ ڪرڻ واري ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو. کيس سڌو الهه آباد جي ڪيننگ روڊ پوليس اسٽيشن تي وٺي ويا ۽ جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائون.

”حالتن جي پيدا ڪيل خوف ۽ ولولي منهنجي رويي کي متاثر ڪيو. حالتن مان منهنجي مراد نه فقط جسماني حالت آهي پر ذهني ڪيفيت پڻ آهي. مون ڄاتو ٿي ته پڪ سان ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ وارو آهي ۽ وڏيڪ ٿيڻ جو انديشو آهي. مون کي خاص طرح پڪ هئي ته جيئن، ته سکديو کي لاهور سازش ڪيس ۾ ڦاسي ڏني

ويئي آهي تہ کو سبب ناهي جو ٻين ڪيسن جي پيش نظر آئون گهربل هئس، مون کي ڦاص نہ ڏني وڃي. انهيءَ اندازي جي ٻين بہ پُنيرائي ڪئي. هر ڪنهن، جنهن مون کي سڃاتو ٿي، ساڳي ڳالهہ ٿي ڪئي.

انهيءَ کان سواءِ مان انهيءَ ڳالهہ جي انتظار ۾ هوس تہ ٻين ماڻهن ۽ واقعن بابت پڇڻ لاءِ پوليس ڪڏهن ٿي مون کي ايذائڻ شروع ڪري. نتيجي ۾ مون پنهنجو پاڻ کي مرڻ ۽ ايذاءُ سهڻ لاءِ تيار ڪيو ٿي... اها منهنجي ذاتي عزت ۽ پارٽيءَ جي عزت لاءِ منهنجي ذميداري هئي تہ مان همٿ ۽ اٿلتا سان ايذاءُ برداشت ڪريان ۽ عزتِ نفس برقرار رکان. مون پنهنجي ذميداري محسوس ڪندي پُختي پير تي بيهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سوچيم تہ جيڪڏهن هڪ انچ بہ انهيءَ ڏس ۾ ٿڙي ويس تہ پوءِ انهيءَ ٿيڙ جو ڪٿي بہ ڇيهہ نہ ٿيندو. انهيءَ ڳالهہ جي بوج منهنجي غصي کي بي اختيار ڀڙڪائي وڌو.

ڪوليءَ جي در بند ٿيڻ کان ڏهہ منٽ پوءِ، هڪ سپاهي اچي چيو، "هان وٽ، تنهنجي چانهہ." مان در کي پٺي ڏيئي ويٺو هوس. جڏهن مون پٺ ورائي ڏٺو تہ هڪ گندو اليومينم جو وڏو سيخن سان اچي لڳو. سپاهي مشڪل سان ٽي چار وکون کنيون هيون تہ مون اهو وٺو ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪيو."

پوءِ تہ ڪيس تازي چانهہ صاف ڪوپ ۾ ٽري تي رکي آڻي ڏني ويئي. اجا سندس آزمائش جي گهڙي شروع نہ ٿي هئي.

ڪلاڪ کن کان پوءِ، ايس- ٽي هالنس (S.T. Hollins) يو- پيءَ جو انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ۽ مسٽر شا (Mr. Shaw) ڊپوٽي انسپيڪٽر آف سيڪريٽ پوليس ڪوليءَ ۾ داخل ٿيا. شروعاتي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ هالنس پُڇيس:

"تون هڪ تمام مهذب شخص آهين. تو اهو رستو ڇو اختيار ڪيو؟"

”چاڪاڻ تہ ٻيو ڪو رستو نہ هو.“ مون وراڻيو. صاف ظاهر هو تہ هو اسان جي هٿياربند انقلابي ڪوشش ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو. ”۽ بهرحال، ٻيو رستو بہ ڪهڙو آهي؟“

هالنس پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ پوءِ پڇيائين. ”انهيءَ مان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”منهنجو مطلب صاف آهي،“ مون وراڻيو، ”هر ڪنهن کي خبر آهي تہ هن ملڪ جا رهواسي پيٽ بکيا، انگ اگهاڙا ۽ اميدون لاهي ويٺا آهن. اهي جانورن جهڙو زندگي بسر ڪن ٿا. ڌارئين غلبي هيٺ ڪين محتاج ۽ بي يارو مددگار بنايو ويو آهي. پنهنجو پاڻ کي ڌارين جي پنجوڙ مان آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش فطري آهي.“

”صاحب اها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ هن ملڪ جا رهواسي ڏُتڙيل حالتن ۾ آهن ۽ هن اهو بہ مڃيو تہ آزادي حاصل ڪرڻ فطري حق آهي، پر پوءِ هن مون کي صلاح ڏيندي چيو تہ آزادي جو صحيح رستو گانڌيءَ جي طريقي جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي ۽ اهو اختيار ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ تي مون هالنس کي چيو تہ جيڪڏهن حڪومت گانڌيءَ واري طريقي کي صحيح ۽ حق تي سمجهي ٿي تہ پوءِ ڪانگريس جي ماڻهن کي ڇو ٿو زخميو ۽ ماريو وڃي؟ ڪانگريس کي غير قانوني ڇو سڏيو ٿو وڃي؟ بيشڪ، مان فقط هڪ انگريز حڪمران سان اهڙيءَ ريت ڳالهائي سگهيس ٿي، پر هڪ انقلابي جي نقطہ نظر کان، دشمن جو بيان تہ گانڌيءَ جو طريقو ئي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ صحيح طريقو آهي، ڪافي ثابت ڏئي ٿو تہ اها تحريڪ مڪمل طرح غير موثر هئي.“

اها ملاقات مختصر، نرمائي واري ۽ بنا ڪنهن نتيجي جي هئي. انهيءَ کان پوءِ يڪدم يشپال کي ٻي جيل ڏانهن منتقل ڪيو ويو، جڏهن تہ اجان ڪيس گرفتار ٿئي فقط ٽي چار ڪلاڪ ئي ٿيا هئا. هاڻي هو اڪيلو هو.

”هاڻي سوچڻ بيڪار هو. جيستائين ڪنهن ڳالهہ ٿيڻ جو ڪو اشارو ملي تيستائين انهيءَ باري ۾ ڪيئن ٿي سوچي

سگهيس؟ پر مون کي خيال آيو تہ مون کي لاهور ۾ دهليءَ جي ڪيسن ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ بنهي مان ڪنهن هڪ ۾ ڦاسي ڏني ويندي. اهو فيصلو مهيني بن ۾ ٿيڻو هو. پوءِ مون ڪمري ۾ پسار ڪرڻ شروع ڪيو. جن مون کان اڳ انهيءَ ڪمري ۾ پنهنجا ڏينهن گذاريا هئا، تن مختلف هنڌن تي پنهنجا نالا ۽ٽين تي ڪرڙي لڪي چڙيا هئا. پٽين تي ڏک ڀريا انگريزي بيت بہ اُڪريل هئا. اهو انهن بيتن جو اثر هو يا منهنجي ذهني ڪيفيت اهڙي هئي، پر مان وڏي آواز سان اهي مصرعون پڙهڻ لڳس:

"Oh friends of gathering,
I am a guest only for a moment,
I am the lamp of the morning.
And soon will be extinguished.

انهيءَ کان سواءِ اهي پڻ:

What will be ended
When Ghalib is no more?
Why are you crying?
Everything will go on just as before."

جيئن يشپال اهي ڏک ڀريا بيت جهونگاري رهيو هو تہ ڪوليءَ جو در ڪليو ۽ جي- بئنرجي (J. Banerjee) ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس اندر گهڙي آيو. سندس پٺيان هڪ سپاهي هو، جنهن جي هٿن ۾ هڪ وڏي ٿري ڪپڙي ٽڪر سان ڍڪيل هئي. بئنرجي، يشپال کي گرمجوشيءَ ۽ خلوص سان ڪيڪاريو. سپاهي ٿري تان ڪپڙو هٽايو، جنهن تي ماني رکيل هئي، جيڪا بئنرجيءَ جي گهران تيار ٿي آئي هئي. بئنرجي يشپال کي چيو تہ اول تون ماني کاءُ، پوءِ ڳالهايون ٿا. يشپال جيئن ماني پئي کاڌي تيئن کيس ياد آيو تہ ڪافي ورهيہ اڳ هڪ انقلابي بنارس ۾ بئنرجي کي گولي سان زخمي ڪري وڌو هو.

”جڏهن مون ماني کائي ورتي تہ اسان ڳالهائڻ شروع ڪيو. مختصر اهو تہ بئنرجي چيو تہ تنهنجي هن ڏکئي وقت ۾ مان هر

ڪنهن طرح سان تنهنجي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو. هن مون تي زور آڻيندي چيو تہ انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪر جڏهن تنهنجي گرفتاريءَ جي سڌ تنهنجن مائٽن کي پوندي تہ اهي ڪيترا پريشان ٿيندا. ۽ خاص ڪري، اها نوجوان خاتون (پرڪاش وتي) جو ڇا ٿيندو؟ حقيقت ۾ قانوني بيهودگين کي ٽوڙڻ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي جيئن تون پنهنجي زندگي ڪٽنب سان آرام ۽ مزي ۾ گذاري سگهين. تو جهڙي لائق نوجوان کي تباهہ ٿيڻ نہ گهرجي. هن اهو ڄاتو ٿي تہ مان عادي ڏوهاري ناهيان. ڪيس خبر هئي تہ مون بي غرض مقصد ۽ اوچن آدرشن لاءِ اهو ڪم ڪيو هو. ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ هاڻي اها آهي تہ بين مون جهڙن نوجوانن کي، جيڪي حب الوطنيءَ وچان پنهنجون زندگيون خطري ۾ وجهي رهيا آهن، ڪيئن بچائجي."

ڪافي ڏينهن تائين بئنرجي پنهنجي متاثر ڪندڙ لفظن ۽ گهر جي تيار ڪيل کاڌي سان وٽس ايندو رهيو. هو ڏک وچان اهو اظهار ڪندو هو تہ اهڙو ذهين شخص هن طرح سان پنهنجو پاڻ کي تباهہ ٿو ڪري. پنجين ڏينهن جڏهن يشپال کي ٻڌايو ويو تہ ڪيس ٻئي جيل ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي تڏهن ڪيس خبر پيئي تہ هاڻي سندس آزمائش جي گهڙي اچي ويئي آهي. ڪيس ڊزن سپاهين سان الهہ آباد ڊسٽرڪٽ جيل ڏانهن اماڻيو ويو ۽ پهريون پيرو ڪيس ڄنگهن ۾ ڏنڊا ٻيڙيون وڌيون ويون. هن احتجاج ڪيو تہ مان سياسي قيدي آهيان ۽ جڏهن سندس احتجاج تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو تہ هن بک هڙتال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. سندس ڄنگهن ۾ ڏنڊا ٻيڙيون پيل هيون ۽ ڪيس بنا هنڌ ۽ کٽ جي ڪوليءَ ۾ واڙيو ويو. جنهن ۾ رڳو هڪ ٽڏو، بہ ڪارا ۽ کهرا ڪمبل، پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ لوهي وٽو ۽ ڪنڊ ۾ ڪاڪوس لاءِ مٽيءَ جو برتن رکيل هئا.

ڏينهن جو اونڌهہ ۽ رات جو ڪا روشني نہ هئي. ڪوليءَ جو در لوهيءَ چادر جو هو جنهن ۾ ٻاهران ليئو پائڻ لاءِ هڪ ڳڙکي رکيل هئي جيئن سپاهي ڪنهن بہ وقت اندر ڏسي سگهي. نيرن ۾

چار آئونس اڌ رڌل چٽا ڪوليءَ جي در مان ڌڪي ڏنا ويا. منجهند جو، اڌ ڊزن مانيون ۽ پاڻيءَ جهڙي پنڙي دال. يشپال ڪجھ بہ نہ کاڌو. هو تڏي تي ليٽيو رهيو ۽ سارو وقت سمهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. اهڙي ريت پنج ڏينهن گذري ويا.

ڇهين ڏينهن، الھ آباد جو سول سرجن جيڪو جيل جو سپرنٽينڊنٽ پڻ هو، ڪانئس اهو پڇڻ آيو تہ هن بک هڙتال ڇو ڪئي آهي. يشپال وراڻيس تہ مان بک هڙتال-تي بلڪل ناهيان پر کاڌو انسان جي کائڻ لائق ناهي. انهيءَ کان سواءِ مان هڪ سياسي قيدي آهيان ۽ مون سان اهو سلوڪ ڪيو وڃي جيڪو هڪ سياسي قيدي سان ڪيو ويندو آهي. ٻئي ڏينهن سندس ڏنڊا ٻيڙيون هٽايون ويون. هڪ لوهي پلنگ ڪوليءَ ۾ آندو ويو ۽ کاڌو اڳي کان بهتر ڏنو ويو. اهي ڪي ڏکيوڻ ڳالهيون ڪين هيون. ڪيس مستقبل ۾ اڃا وڌيڪ خراب ڏينهن جي توقع هئي. هن لاءِ وڏي ۾ وڏي مصيبت دنيا کان مڪمل عليحدگي هئي.

”انهيءَ کان پوءِ، جڏهن مون انهيءَ باري ۾ پنهنجن ٻين ڪجھ دوستن سان ڳالھ ڪئي، تہ انهن اهو مڃيو تہ ڪنهن قيديءَ لاءِ جيل ۾ اهو احساس وڌيڪ ايذائيندڙ ٿيندو آهي تہ سندس باري ۾ ڪنهن کي خبر نہ هجي ۽ هو انهي اونداهي ڪوليءَ ۾ مري ويندو جنهن جي ڪنهن کي خبر بہ نہ پوندي. پر جيڪڏهن قيديءَ کي ٻاهر ڪنهن ڏانهن نياپو موڪلڻو آهي تہ ڪيس پوليس کي چوڻو آهي جنهن وٽ هو قاتل آهي.“

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ يشپال کي اطلاع مليو تہ مٿس پِلڊچ (Pilditch) کي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ هٿياربند هئڻ جو الزام آهي. قتل ڪرڻ جي ڪوشش جو هڪ ٻيو الزام هو، جيڪو ڪانپور ۾ گولي هڻڻ سان متعلق هو. ڪيس هر هڪ ڏوھ ۾ ستن ستن سالن جي سخت پورهئي سان سزا ڏني ويئي هئي. انهيءَ کان پوءِ ڪيس دهلي ۽ لاهور موڪليو ويندو، جتي مٿس ٻين الزامن هيٺ ڪيس هلندو. يشپال کي اِنهيءَ ڪيس جي نتيجي کان سندس

وڪيل شيام ڪماري نهرو آگاهه ڪيو. شيام ڪماري عورت هئي ۽ نهرو خاندان مان هئي:

”هن مون کي ٻڌايو تہ انگريز جج ڪيس، هڪ ڏينهن اڳ چيو هو تہ ٻئي سزائون هڪ ئي وقت ۾ (Concurrent) لاڳو ٿينديون، پر هن فيصلو صحيح نہ ڪيو، ڇو جو اهو ان وقت ٽائيپ نٿي ٿي سگهيو. ڏسجي ٿو تہ رات جو، ٻين انگريز ڪامورن سان ڪلب ۾ ڳالهائڻ کان پوءِ هن پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو ۽ صبح جو جڏهن هن صحيح ڪيو تہ هن (Concurrent) لفظ ڪاٽي انهيءَ جي بدران لاڳيتي (Consecutive) يعني هڪ کان پوءِ ٻي سزا لکي ڇڏيو. چوڏهن سال سزا فقط چوڏهن سال سزا ناهي، پر اها عمر قيد سمجهي ويندي آهي جو قاعدي مطابق، چوڏهن ورهيہ ڪاٽڻ کان پوءِ بہ قيديءَ کي آزاد ڪرڻ کان اڳ حڪومت جو اجازت نامو وٺڻ ضروري هوندو آهي.“

ٻئنرجي آخري ڀيرو وري آزمايو. هن يشپال کان پلدچ سان ڳالهائڻ جي مرضي بابت پڇيو. يشپال وراڻيو تہ جيڪڏهن پلدچ مون سان ڳالهائڻ چاهي ٿو تہ مون کي خوشي ٿيندي، پر ڪنهن بہ نتيجي تي پهچڻ جي ذميداري نٿو کڻان. پلدچ نئنيتال مان الهہ آباد ساٿس ملڻ لاءِ آيو. ”پلدچ مون کان پڇيو تہ توکي ڇا چوڻو آهي.“ مون چيو ”مون کي افسوس آهي جو اوهان کي پري کان اچڻو پيو. مون کي جيڪي چوڻو آهي اهو هي آهي تہ مان نٿو چاهيان تہ مسٽر ٻئنرجي هن کان پوءِ مون سان ملڻ لاءِ اچي. جيڪڏهن سي. آءِ. ڊي وارا مون سان هيئن ملاقاتون ڪندا رهندا تہ ماڻهو مون لاءِ عجيب طرح سوچيندا.“

”بس، اهو ئي؟“ پلدچ عجب وچان پڇيو.

ها، سائين، مون کي رڳو اهو ئي چوڻو آهي. پر اوهان جيڪڏهن مون کان ڪجهہ پڇڻ چاهيندا تہ مون کي اهو ٻڌائڻ ۾ خوشي ٿيندي. ٻڌايو، مان اوهان جي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان.“

پلدچ سوچيو ۽ چيائين، ”منهنجي صلاح اٿيئي تہ پنهنجي زندگيءَ جي واقعن جي حقيقي ۽ مڪمل ڪهاڻي لک...“

”فقط وڏا ماڻهو ئي پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي لکندا آهن،“ مون وراڻيو. ”مان انهيءَ جي اهل ناهيان ۽ اهڙي ڪا ڳالهه به ناهي.“

”نه، نه، اها ڳالهه ناهي.“ پلدچ زور ڪيو. ”تو انهيءَ هلچل ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. تنهنجي زندگيءَ ۽ تنهنجي تنظيم جي ڪهاڻي مستقبل ۾ بين ڪي بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي جيڪي هونئن جيڪر پنهنجيون زندگيون تباهه ڪري ڇڏين...“

مون چيو، ”جيڪڏهن مان اها ڳالهه قبول ڪريان ته بين ماڻهن جون زندگيون تنهنجي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس، جن سان مون گڏجي ڪم ڪيو آهي... تون مون کي اهو چئين ٿو ته مان تنهنجي لاءِ جيڪي وهيو واپريو آهي، انهيءَ جي ۽ پنهنجن ساٿين جي سچي ۽ مڪمل ڪهاڻي لکان. پر فرض ڪريو، مان انگريز هجان، ۽ تون منهنجي جاءِ تي هجين ته تون ائين ڪندين؟“

پلدچ ڳاڙهو ٿي ويو. ”نه، ڪڏهن به نه! ڪنهن به حالت ۾ نه.“ هن وراڻيو.

مئي 1932ع ۾ يشپال کي دهلي سازش ڪيس ۾ الزام جي سلسلي ۾ دهلي آندو ويو. جيل ۾ ڪافي مهينا رهڻ کان پوءِ ڪنهن به سبب ڪري جيل کان ٻاهر وڃڻ هڪ وڏي ڳالهه هئي. يشپال کي ياد آهي ته سيني قيدين هڪ ئي طرح رد عمل ظاهر ڪيو هو.

”... جيل جي يونيفارم کان سواءِ مردن ۽ عورتن کي ٻارن ۽ جانورن کي ڏسڻ جو اهو هڪ موقعو هو. بازار، ريلوي اسٽيشن، جهنگل ۽ ميدان جي هڪ جهلڪ- اهي سڀ وڻندڙ لڳا. جيل جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي اسان ”دنيا ڏسڻ“ چوندا آهيون. اها قيدين لاءِ وڏي حاصلات آهي. شايد قسمت سان ڪا جاءِ يا ڪو واقفڪار ڏنوسين. عام ماڻهو اسان کي هٿڪڙين ۽ ڏنڊا بيڙين ۾ هٿياربند پوليس جي وچ ۾ گهيريل ڏسي اسان کي چور، خوني يا نهايت خطرناڪ شخص سمجهندا آهن. اهو خود پاڻ هڪ عجيب تجربو آهي. ڪنهن نفرت وچان ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو ۽ ڪن وري بنا ڪنهن سبب جي ڪاوڙ ۽ نفرت وچان منهن ڦيري ڇڏيون.“

جيل ۾ هئڻ جي دوران، يشپال سنجيدگيءَ سان پرڪاش وتيءَ جي مستقبل بابت سوچڻ شروع ڪيو. ڪيس انهيءَ ڳالهه جي توقع هئي تہ جڏهن هو آزاد ٿيندو تہ سندس عمر چاليهه ورهيہ ٿيندي. سندس صحت اڳيئي ڪري چڪي هئي، ۽ پوءِ سندس ڪمائڻ جي اهليت پڻ گهٽجي ويندي. وٽس پرڪاش وتيءَ کي آڇڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. ۽ هن پرڪاش وتيءَ جي سچائي ۽ خلوص کي سندس بهتر زندگيءَ جي وچ ۾ بيهارڻ نٿي چاهيو. هن ڪيس شاديءَ جي انهيءَ سوچ کان پري ڪرڻ تي گهريو، جيڪا هنن گڏجي سوچي هئي، جيئن هوءَ پنهنجي گهر ۾ ڪٽنب سان خوش زندگي گذاري سگهي، جيڪا هو ڪيس ڏيئي نہ سگهيو هو:

”نيٺ مون ڪيس ڪجهہ هن طرح لکيو:

زندگيءَ کي حقيقت پسندانہ ۽ عقلي نقطہ نگاهہ سان ڏسڻ گهرجي. ڪنهن شخص جو قدر هن جي ڪارائتي هجڻ ۽ سماج ۽ ٻين ماڻهن کي سک ڏيڻ مانِ ماپجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن جي موجودگي يا ياد ڪنهن جي لاڳيتي دک ۽ محروميءَ جو ڪارڻ آهي تہ پوءِ انهيءَ ڪارڻ کي مٽائڻ ئي صحيح آهي. جيڪڏهن ڏند ۾ لاڳيتو سور ٿيندو رهي تہ اهو ڇڪي ڪڍڻ گهرجي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي ٻيو وجهائڻ گهرجي. اهو نياءُ اهي ۽ اهو فرض آهي، وغيرهہ وغيرهہ...“

پر، پرڪاش وتي وفادار ۽ سچي رهندي آئي. هن سينيٽوريم ڏانهن پاڻيهي وڃڻ ۾ آنا ڪاني نہ ڪئي، جتي سندس صحت سڌري ويئي. يشپال کي پوءِ بريلي سينٽرل جيل ڏانهن تبديل ڪيو ويو جتي هن ٻہ سال گذاريا.

1936ع ۾ هڪ ڏينهن ميجر ملهوترا، بريلي سينٽرل جيل جو سپرنٽينڊنٽ، يشپال جي ڪوليءَ ۾ آيو ۽ گرم جوشيءَ سان پڇيائين:

”ٻڌاءِ، مس پرڪاش وتيءَ ڪير آهي؟ تون ڪيس سڃاڻين؟“

”ڇو، ڇا ٿيو؟“ مون سوال جو جواب ۾ سوال پڇيو.

”اڃا ڪنهن کي انهيءَ باري ۾ ڪجهہ نہ ٻڌائج. مِس پرڪاش وتي ڪپور، ڊپٽي ڪمشنر کي توسان جيل ۾ شادي ڪرڻ جي اجازت لاءِ درخواست ڏني آهي.“ اهو چونديئي هو تمام جذباتي

ٿي ويو. ”مان انهيءَ حقيقت جي باري ۾ سوچيندو رهيو آهيان تہ توکي اڃا ڏهہ يارهن سال جيل ۾ گذارڻا آهن- خدا ڪري تون جلد آزاد ٿين- پر ڇوڪريءَ جي قرباني ڏانهن تہ ڏس! دنيا ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ هندستاني عورت کان سواءِ اهڙي قرباني ۽ خوبي ملڻ ناممڪن آهي. مان مڃان ٿو تہ تون غير معمولي ديش ڀڳت ۽ بهادر آهين ۽ تو پنهنجي زندگي پنهنجي ملڪ لاءِ قربان ڪئي آهي. جڏهن توکي گرفتار ڪيو ويو هو تہ مون سمورو احوال اخبار ۾ پڙهيو. مان نهرو خاندان کي سڃاڻان ٿو- وجئہ لڪشميءَ ۽ شيام ڪماريءَ کي پڻ. پر مان هن ڇوڪريءَ بابت سوچيندو رهندو هوس تہ ڪيس توسان شادي ڪري ڇا حاصل ٿيندو؟ پنهنجي آدرش لاءِ هن جي اها غير معمولي قرباني آهي. جيڪڏهن هندستان هن وقت تائين ختم نہ ٿيو آهي تہ ان جو ڪارڻ پرڪاش وتي جهڙين گڏوان ديوين جو ڪردار آهي. مون کي اهو ڄاڻي خوشي ٿئي ٿي تہ مون کي اهڙي عورت جو درشن حاصل ٿيندو.“

”انهيءَ باري ۾ مان ڇا ٿي چئي سگهيس.“

نيڪ ٻئي ڏينهن يشپال کي ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس جو سرڪاري خط مليو، جنهن ۾ لکيل هو: ”لاهور جي مس پرڪاش وتي ڪپور، دهشت پسند قيدي يشپال سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي جيڪو هن وقت بريلي سينٽرل جيل ۾ آهي. يشپال قيدي ساڻس شادي ڪرڻ چاهي ٿو يا نہ؟“

يشپال قبوليت ڏني ۽ 7 آگسٽ تي شادي مقرر ڪئي ويئي. ڊپٽي ڪمشنر پيڊلي (Pedley) ڪنوار کي بريلي جي سينٽرل جيل جي آفيس ۾ آندو، آفيس کي ڪورٽ قرار ڏيئي رسمي ضرورتون پوريون ڪري ڪورٽ فيءَ هڪ رپيو چار آنا وصول ڪيائين. شاديءَ جي خوشيءَ ۾ پنج سير مٺائي ورهائي ويئي. انهيءَ کان پوءِ ڪنوار جيل مان هلي ويئي ۽ گهوٽ پنهنجي ڪوليءَ ۾ واپس آيو ۽ هندستان جي تاريخ جڙندي ويئي. اهو پهريون ڀيرو هو جو هندستان جي جيل ۾ ڪنهن جي شادي ٿي هئي.

جڏهن شادي جي خبر اخبارن ۾ ڇپي تہ هڪ طوفان مچي ويو. جيل جي حالتن کي انسانن جوڳو بنائڻ ئي گهٽن حلقن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. ۽ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ انهيءَ واقعي لاءِ ڪير ذميدار آهي، انڪوائري جو حڪم ڏنو ويو. جڏهن پبلڪ کان سبب پڇيائون تہ هن چيو:

”قيدين جي شادي يا جيل ۾ شاديءَ جي باري ۾ قانون ۾ ڪٿي بہ ڪو حوالو ڏنل ناهي. مِس پرڪاش وٽي شاديءَ ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني جيڪا ڪنهن بہ طرح غير قانوني نہ هئي. جيئن تہ مون کي سندس خواهش پوري نہ ڪرڻ لاءِ ڪو سبب نہ هو تنهنڪري مون اها منظور ڪرڻ ئي بهتر سمجهي.“

اها پڄاڻي نہ هئي. جيل مينيوئل ۾ هڪ نئون سيڪشن ڳنڍيو ويو جنهن موجب قيدين کي جيل ۾ شادي ڪرڻ کان روڪيو ويو هو. يشپال هڪ انوکو تجربو ماڻيو. ائين اڳي ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو ۽ اهو پوءِ ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهيو.

نئين آئين تحت ڪانگريس پارٽيءَ کي سياسي طرح هڪ وڏي اُپاءَ جو فائدو مليو ۽ جڏهن ڪانگريس جولاءِ 1937 ۾ وزارتون ٺاهيون تہ يوُپاءَ ۾ هڪ بيان ڪڍيو ويو تہ بنان ڪنهن فرق جي سمورا سياسي قيدي آزاد ڪيا ويندا. سيئي ڪانگريسي قيدي- يعني ستيا گرهي- هڪدم آزاد ڪيا ويا.

آگسٽ ۾ يوُ. پيءَ جو وزيراعليٰ، جي. بي پنت انقلابي قيدين سان ڳالهائڻ آيو، جيڪي گهٽي ياڳي نئني جيل ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا. مختصر طور تي هن اجهو هيئن چيو:

”ڪانگريس پنهنجي چونڊن واري پٽرنامي ۾ سيني سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جي نيتيءَ جو اعلان ڪيو آهي. اوهان کي جيل ۾ روڪيو نہ ويندو، اها پڪ آهي. پر اهنسڪ ستيا گرهين ۽ جن تي تشدد ڪرڻ ۽ هٿيار استعمال ڪرڻ جو الزام آهي، ٻنهي ۾ ڪو تفاوت ناهي. جيتري قدر منهنجو تعلق آهي، مون کي اهو

مڪمل اطمينان آهي تہ هنن بدليل حالتن ۾ اوهان هاڻي تشدد ۾ يقين نٿا رکو. اوهان کي ڪجهہ بہ لکي ڏيڻ لاءِ نٿا چئون. اوهان اسان جا پنهنجا آهيو، اوهان جيڪي چوندؤ انهيءَ ۾ اوهان جي عزت تي ڪو حرف نہ ايندو. اوهان جيڪڏهن اسان کي چوندا تہ اوهان تشدد ۾ هاڻي يقين نٿا رکو تہ پوءِ اسان جڏهن گورنر سان اوهان کي آزاد ڪرڻ بابت ڳالهائينداسين تہ مڪمل اختيار سان ڪيس زوردار طرح سان چئي سگهنداسين تہ هاڻي توهان تشدد ۾ يقين نٿا رکو ۽ اوهان کي جيل ۾ رکڻ جو ڪو جواز ناهي.“

پنت جي ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ هرڪو خاموش هو. انهيءَ تي سچندرناٿ سانيال اهو چيو تہ اسان جو مقصد ڪڏهن بہ تشدد نہ رهيو آهي پر اهڙي بيان ڏيڻ سان جيڪڏهن پنت جا هٿ مضبوط ٿيندا، تہ پوءِ ٺيڪ آهي. يشپال، جنهن کي اختياري وارن سان ڳالهائڻ لاءِ انقلابي گروپ وارن پنهنجو نمائندو چونڊيو هو، ڳالهائڻ جي اجازت گهري ۽ چيائين:

”جيتري قدر ڪانگريس پاليسيءَ جو سياسي قيدين جي آزاديءَ سان تعلق آهي، مون کي پورو ويساهہ آهي تہ اسان کي اوهان سان مڪمل کُلي دل سان ڳالهائڻ ۾ هڪ تي ٿئي پر هر ڪنهن ڳالهہ کي جيڪا چئي وڃي ٿي، انهيءَ جي وقت ۽ حالت جي پس منظر ۾ معنيٰ ٿئي ٿي. اسان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪي بہ شرط وغيرهہ مقرر نہ ڪيا ويا اهن، پر جيڪڏهن پنهنجي آزاديءَ جي باري ۾ ڪجهہ چئون ٿا تہ اسان جي چيل ڳالهہ ۽ آزاديءَ ۾ تعلق مقرر ٿئي ٿو. جيڪڏهن اسان اهو چئون ٿا تہ بدليل حالتن ۾ اسان تشدد ۾ يقين نٿا رکون تہ انهيءَ مان اهو مطلب ڪڍيو ٿو وڃي تہ اسان اڳ ۾ تشدد ۾ يقين ٿي رکيو. حقيقت ۾، تشدد اسان جو مقصد ڪڏهن نہ رهيو آهي ۽ نڪي اسان اهو چوڻ ٿا چاهيون تہ اسان آزاد ٿيڻ ٿا چاهيون. اسان اوهان کان ڪجهہ بہ نٿا گهرون ۽ نڪي اوهان کي ناراض ڪرڻ ٿا چاهيون. بهرحال، جيڪڏهن اوهان جي اها پاليسي آهي ۽ جيڪڏهن اها عوام جي گهر جي ردِ عمل طور آهي، تہ پوءِ

اسان کي آزاد ڪريو. جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ اسان پنهنجي ملڪ جي لاءِ ائين رهڻ ۾ خوش رهنداسين. اسان جيڪڏهن پنهنجي آزاديءَ جي باري ۾ ڪجهہ چونداسين تہ پوءِ اسان جي آزادي شرط ۽ درخواست جو نتيجو سمجهي ويندي. هن وقت تائين اسان پنهنجي عزتِ نفس بچائي رکي آهي ۽ اسان کي اميد آهي تہ اوهان بہ اهوئي چاهيندا. تنهن ڪري اوهان اسان کان هن وقت اهو چوڻ جي اميد رکو تہ اسان جو تشدد ۾ هاڻي يقين ناهي، نامناسب ٿيندو . اسان کي جيڪو چوڻو هو، اسان ڪئين ڀيرا چئي چڪا آهيون. اسان جي انهيءَ باري ۾ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي فيصلي تي ڀروسو آهي.“

پڇاڙيءَ ۾ مون چيو، ”مان هتي ٻئرڪن ۾ سيني رهندڙن پاران مقرر نمائندي جي حيثيت سان چوان ٿو پر جيئن تہ هتي اسان کي گروپ جي صورت ۾ بحث ڪرڻ جو موقعو حاصل ناهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو مون سان متفق نٿو ٿئي تہ مهرباني ڪري پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري.“هرڪو يشپال سان سهمت هو. نتيجي ۾، ڪنهن بہ قيديءَ کان ضمانت نہ ورتي ويئي ۽ پوءِ سيني قيدين کي آزاد ڪيو ويو.

يشپال مارچ 1938ع ۾ جيل مان ٻاهر نڪتو. اها سندس سياسي ڪردار جي پڄاڻي هئي. هاڻي سندس ادبي زندگي شروع ٿيڻ واري هئي. هن ڪميونسٽ پارٽيءَ کي HSRA جو وارث سمجهيو ۽ مارڪسي طريقي تي انهيءَ جو بنياد رکيائين پر پاڻ ڪنهن بہ سياسي پارٽي ۾ شامل نہ ٿيو. هوَ اڳي جيان مضبوطيءَ سان هندستاني سماج مان براين کي تڙي ڪڍڻ سان ٻڌل رهيو، پر هاڻي اهو سندس ناولن، مضمونن ۽ ڪهاڻين وسيلي هو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ’پنجري ڪي اُڙان‘ 1938 ۾ ڇپيو ۽ هندي ادبي دنيا ۾ هڪدم شهرت حاصل ٿيس.

يشپال ۽ پرڪاش وتي لکنوءِ ۾ رهائش اختيار ڪئي، ۽ ٿوري وقت لاءِ هندي ادبي مخزن ’ڪرم يوگي‘ ۾ لکڻ کان پوءِ جلدي پنهنجي مخزن وِپلوَ (Viplav) ناليءِ اُردو ۽ هنديءَ ۾ شروع ڪيائين. 1941ع ۾ هن وپلوَ بند ڪئي چاڪاڻ تہ برطانوي-

هندوستاني حڪومت سندس لکڻين کي بغاوت ڀريل قرار ڏنو ۽ ڪيس 13000 رپيا ضمانت طور جمع ڪرائڻ لاءِ چيو. انهيءَ سال هن 'دادا ڪامريڊ' نالي ڀهريون ناول لکيو جنهن ۾ هن هيرو کي دهشت پسنديءَ مان مارڪسزم اختيار ڪندي ڏيکاريو آهي (يا ڪميونسٽ پارٽي جو ضروري آهي). 1943ع ۾ هن هڪ ائڊونچر اسٽوري 'ديش دروهيءَ' جي عنوان سان لکي، جنهن ۾ هن مهاڀاري لڙائي دوران، جڏهن جرمني روس تي حملو ڪيو ته ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي پاليسيءَ کان منهن موڙي انگريزن جي حمايت ۽ ڪانگريس پارٽيءَ جي 'ڪُئٽ انڊيا' تحريڪ جي مخالفت جو ڪارڻ واضح ڪيو آهي.

لڙائي وارن ورهين دوران ۽ آزادي حاصل ٿيڻ تائين، هن ڪيترائي ناول، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيون ۽ جڏهن هندستان آزاد ٿيو ته هن وري 'وپلوَ' شايع ڪرڻ شروع ڪيو. 1949ع ۾ ڪيس وري جيل موڪليو ويو. هن ڀيري حڪومت ڪميونسٽن جي ريلوي هڙتال دوران سيني ڪميونسٽن کي گرفتار ڪيو. جيتوڻيڪ هو ڪميونسٽي پارٽي جو ميمبر نه هو تڏهن به اتر پرديش جي حڪومت سندس لکڻين کي اشتعال ڏيارينڊڙ قرار ڏنو. بهرحال سندس گرفتاري جي ڪري حڪومت کي رڳو بدمزگي حاصل ٿي. اخبارن ۾ دانهون پڪارون شروع ٿي ويون ته ڪيس جلد آزاد ڪيو وڃي. حڪومت پاڻ کي بچائڻ خاطر يشپال کان هڪ سؤ رپين جي چڱي چال چلگت جي ضمانت گهري. هن انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اها قيمت اچي پنجن رپين تي پهتي. هن وري انڪار ڪيو ۽ ظاهري طرح صحت جي بنياد تي ڪيس آزاد ڪيو ويو. بهرحال ڪيس ڇهين مهينن لاءِ لکنوءِ بدر ڪيو ويو ۽ نتيجي جي طور تي 'وپلوَ' هميشه لاءِ بند ٿي ويو.

سندس روس ڏسڻ جي خواهش 1952ع ۾ تڏهن پوري ٿي، جڏهن ڪيس 'ورلڊ پيس ڪانگريس' جو ويانا وڃڻ لاءِ ڊيليگيٽ (وفد) چونڊيو ويو ۽ پوءِ ماسڪو جي دعوت مليس. هن 1956ع ۾ 'اميتا' ناول لکيو، جنهن ۾ جنگ جي اثر، ڏک ۽ تباهي جو ذڪر

ڪيو اٿس. 1958ع ۾ ٻيو پيرو روس ڏسڻ کان پوءِ، هن 'جوُنا سچ' جو پهريون ڀاڱو لکيو جنهن کي سنڌس شاهڪار ناول مڃيو ويو آهي. انهيءَ ناول ۾ انهن واقعن جو ذڪر ڪيو اٿس جيڪي پنجاب جي ورهاڱي سان وابستہ آهن. انهيءَ ناول ۾ طبقاتي ڪشمڪش جي سادن لفظن جي ٽڪراءُ کي گهٽايو اٿس. انهيءَ ناول جي وسعت ۽ حقيقت پسندي جي ڀيٽ ٽالسٽاءِ جي ناول 'وار اينڊ پيس' سان ڪري سگهجي ٿي.

وقت سان گڏوگڏ يشپال جا سياسي نسخا ۽ ڪميونسٽ پارٽي بابت نظريا بدليا پڻ آهن. 1958ع ۾ هن جڏهن 'پروگريسو رائيٽرس ايسوسيئشن' کي خطاب ڪيو تہ چيائين:

”ڪنهن بہ نتي ڏنو تہ سرمائيداري مارڪسي وضاحت مان گهٽو ڪجهہ سکي ونندي ۽ پنهنجي تباهڪار طريقي کي بند ڪري نفعي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جون رٿائون شروع ڪندي... پيدائش کي بونس جي صورت ۾، قيمتن تي ضابطو، سُپر ٽئڪس، ويل فيئر اسٽيٽس (رفاعي رياستون) وغيره... ترقي پسند سوچ ۽ ادب جي اهم خوبي اها آهي تہ حالتن جي سدا بدلجندڙ حالتن کان واقفيت هُجي ۽ سماجي تجربي جي وسيلي حاصل ڪيل ڄاڻ جي بنياد تي نظرين تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار هجڻ جي آمادگي هجي. ترقي پسند سوچ ۽ ادب کي پراڻي دقيانوسي ۽ رجعت پسنديءَ جي ارادن کان خبردار رهڻ گهرجي.“

يشپال جي لاثاني ادبي خوبين کان سواءِ سندس عظمت لاڳيتو پرمار ٿيل طبقي سان سندس وابستگي ۽ لاڳيتو سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نين راهن کي ڳولهڻ لاءِ فڪر ۾ آهي.

•••

# البرتو موراويا ۽ اٽالين سهيوڳي ادب*



ويهين صديءَ جو اٽالين ادب فاشزم جي عتاب هيٺ رهيو آهي. انهيءَ دوران وڏا ليکڪ گوشه نشيني اختيار ڪري ويهي رهيا يا Narcissm ۽ Lyricism ۾ پناهه ورتائون. ڪن فاشزم سان وڙهندي پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڪنيو. لارو دي بوسز (Lauro de Bosis) اٽليءَ جي انهيءَ دور جو مثال آهي جڏهن مسولينيءَ جي ويهن ورهين جي وحشي دور ۾ موت جهڙي ماٺ ڇانيل هئي. ڪي پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي وڃي پرڏيهه ويٺا ۽ جلاوطنيءَ ۾ پنهنجو اظهار جاري رکيائون. جلاوطنيءَ دوران سرجيل ادب گهڻو ڪري Militant ادب آهي. ايميليو لُسئُو (Emilio Lussu) لڙائيءَ جي وقت جون پنهنجو ساروڻيون لکيون آهن. اِگنازيو سائيلون (Ignazio Silone)، جنهن ڪيترائي ناول لکيا آهن [Fontamara, Bread and Way]، تازو هڪ ناٽڪ (And He Hid Himself)لکيو آهي، جنهن ۾ بحران، انياءُ ۽ فوجي ڪارروائين جو ماحول چٽيو اٿس، جيڪو فاشي آبهوا جي خصوصيت هوندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ليو فريرو (Leo Ferrero)، جنهن 'انجليڪا' (Angelica)لکيو آهي، وسارڻ جوڳو ناهي.

اٽالين ادب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو نالي ماتر ٿيو آهي، تنهنڪري اسان وٽ ان جو چٽو خاڪو موجود ناهي. پر پوءِ به ڪي اهڙا نالا آهن، جيڪي سمنڊ لتاڙي اسان تائين پهتا آهن- خاص

---

* ALBERTO MORAVIA (1907-1990): Italian Novelist and Journalist.

ڪري ٿي نوبيل انعام يافتہ ساهتڪار- گريزيا ڊيليڊا ( Grazia Deledda)ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار (نوبيل انعام- 1926ع)، ليوگي پرانڊيلو (Luigi Pirandello)ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ ڪار، [نوبيل انعام- 1934ع) سلوا توري ڪازيموڊو (Salvatore Ouasimedo) شاعر(نوبيل انعام- 1959)، اوريانا فلاسي (Oriana Fallaci) صحافي ۽ ناول نگار، جنهن کي (Interview with History) ۽ A Man جي ڪري گهڻي شهرت ملي ۽ يورپ ۽ امريڪا جا ڪيترائي انعام مليس ۽ هن مجموعي جو ڪهاڻيڪار البرتو موراويا (Alberto Moravia).

**البرتو موراويا**

البرتو موراويا 28 نومبر 1907ع تي روم (اٽليءَ) ۾ ڄائو. پٽس عمارت ساز هو. پنهنجي مادري زبان کان سواءِ ڪيس، فرينچ، انگريزي ۽ جرمن ٻوليون نندپڻ کان ئي اينديون هيون. 1925ع ۾ جڏهن هن پهريون ناول لکيو، تڏهن هو پئرس ۽ تورن جي مشهور اخبارن جو پئرس، لنڊن ۽ ٻين هنڌن تي نمائندو هو. اٽليءَ تي جڏهن فاشزم جو ڪارو ڪڪر اڀريو، تڏهن سندس ڪتابن تي پڻ بندش پيئي، پر پوءِ بہ هو فرضي نالن سان لکندو رهيو. اٽليءَ تي جڏهن جرمن قبضو ڪيو تہ هو تيستائين جبلن ۾ روپوش رهيو جيستائين مئي 1944ع ۾ امريڪين اچي نجات ڏياري. انهيءَ تجربي جي پس منظر ۾ سندس Two Women (1957) يادگار ناول آهي جنهن تي ساڳئي نالي سان پوءِ انگريزيءَ ۾ فلم پڻ ٺهي.

موراويا ڪافي ناول، ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون لکيا آهن جيڪي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي شهرت حاصل ڪري چڪا آهن. پر سندس The lie(1947), Woman of Rome(1949), Conjugal Love and Two women(1945) دنيا جي گهڻي ۾ گهڻا وڪرو ٿيندڙ ڪتابن ۾ ڳڻيا ويندا آهن. منجهن ليکڪ جنس، محبت ۽ پنهنجي وهمن جي جاڪوڙ ۾ گهيريل مردن ۽ عورتن جون سلسليوار تصويرون پيش ڪيون آهن. سندس لکڻيءَ ۾ نرمي پر ڏاڍو زور اٿس جنهن کي هو پنهنجي ذهني تجسس ۽ يورپي وچئين طبقي جي جنس

۾ وکوڙيل زندگيءَ جي اظهار ۾ استعمال ڪري ٿو. پر جنهن ڳالهه کيس انفراديت بخشي آهي، اها آهي پڙهندڙ کي سندس لکڻين مان ملندڙ تکي، چڀندڙ ۽ مٺي درد جو احساس. موراويا 1964ع ۾ نيشنل اڪيڊمي آف ليٽرس ۽ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف آرٽس جو اعزازي سيڪريٽري رهي چڪو آهي. پاڻ اڄ ڪلهه روم ڪئپري بيٽ تي رهي ٿو ۽ سهيوڳي اٽالين ادب جو وڏو ساهتڪار مڃيو وڃي ٿو.

**البرتو موراويا جي ڪهاڻين جو مجموعو "تڪل سُريت" (1983)**

ڪهاڻي- سنسار سان ڳنڍيل ڏيهي- پرڏيهي شخصيتن جي چنائن کي سيهڙڻ جو خيال مون کي تڏهن آيو جڏهن ٻه ورهيه ڪن اڳ سنڌالاجيءَ جي سربراهه ڊاڪٽر غلام علي الانا مون کان اٽالين شاعريءَ جي سنڌي ترجمي جي تفصيل بابت پڇيو. ڪتاب ۽ رسالا اٿلائڻ پٿلائڻ کان پوءِ شاعري جو ڏس ته ڪونه مليو پر ڪجهه ڪهاڻين جا تفصيل ملي ويا، جيڪي کيس ڏياري موڪليم. انهن ڪهاڻين ۾ البرتو موراويا جي ڪهاڻين جا ترجما وڌيڪ هئا، جن مون کي هر هر پئي اتساهيو ته چو نه دنيا جي ماسٽر ڪهاڻيڪارن، اوهينري، پو، موپاسان، چيخوف، ڪافڪا ۽ ٻين جي ڪهاڻين جا سنڌيءَ ۾ ٿيل ترجما، جيڪي مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ پکڙيا پيا آهن، سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندا وڃن، جيئن ادب پڙهندڙن کي ڪهاڻيڪارن جي انفرادي فن، ٽيڪنڪ ۽ اسٽائيل جي اڀياس ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ۽ مدد ملي. هي مجموعو اڄهو ائين عملي صورت وٺي سگهيو آهي ۽ انهيءَ رٿا جي هڪ ڪڙي آهي.

البرتو موراويا جي ڪهاڻين جي مجموعي "تڪل سُريت" (1983) جو دائرو تمام محدود آهي ڇو جو انهن ڪهاڻين جي چونڊ ۾ پسندي جو دخل ناهي. هي اهي ڪهاڻيون آهن جيڪي سنڌي ليکڪن (مون سميت) جون ترجمو ڪيل آهن ۽ مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ وقت بوقت ڇپبيون پئي رهيون آهن ۽ هٿ اچي سگهيون آهن. بس وکريل ڪهاڻين کي هڪ هنڌ ګڏ ڪري پيش ڪيو ويو آهي جو ائين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه هو.

موراويا جون ڪهاڻيون جنهن دور ۾ حالتن جي قدرن ڪي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلن ٿيون، اهي رڳو اٽليءَ تائين محدود يا ڳنڍيل آهن، ائين ناهي. اهي قدر اسان جا به ٿي سگهن ٿا ۽ ٻين ملڪن جا پڻ. عام ماڻهو جون حالتون لڳ ڀڳ هڪجهڙيون آهن. انهن جو پيار، انهن جي نفرت، انهن جو ڏک، انهن جي پيڙا، انهن جون خواهشون ۽ انهن جي جدوجهد- انهن جي شعور جو روپ ۽ ڪارڻ لڳ ڀڳ هڪجهڙا آهن. نالا، هنڌ ۽ ٻوليون بنيادي قدرن کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿا ڪن بلڪ انهن جي سموري اصليت برقرار رکندي گڏوگڏ هلن ٿا. انهن ئي قدرن جي وسيلي اسان الڳ الڳ ڏينهن، ٻولين ۽ نالن توڙي قومن ۾ ورهايل هوندي به هڪ ٻئي سان جڙيل رهون ٿا. اهو ڳانڍاپو ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ سڃاڻپ آهي.

زندگي پلي کهڙي به هجي، ڪٿي جي به هجي، جيئڻ لاءِ هوندي آهي، پر ڇا اسان اها صحيح ڍنگ سان جي سگهون ٿا؟ ڇا اسان هر وقت ۽ هر قدم تي تباهه ڪرڻ لاءِ مجبور نٿا ڪيا وڃون؟ ڇا اسان جو سمورو وجود حالتن جي ڪوريئڙي- ڄار ۾ اجا وڏيڪ ڦاسندو نٿو وڃي؟ البرٽو موراويا پنهنجين رچنائن وسيلي جرمن ۽ اتحادي فوجين جي پيدا ڪيل بک، خوف، زناڪاري ۽ نااميدي جي ڪوريئڙي- ڄار مان نڪرڻ ۽ پنهنجي وجود کي ميچائڻ جي جدوجهد ڪندي نظر اچي ٿو، جنهن جي جهلڪ هنن ٽورين ڪهاڻين ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿي. •••

# البيرڪاميو، ’ڏاريو‘ جو ناول نگار٭



البيرڪاميو (Albert Camus) الجيريا جي منڊووي شهر ۾ 7 نومبر 1913ع تي جنم ورتو. پٽس لوسَين فرينچ نسل مان هو ۽ هارپو ڪندو هو. سندس وڏا فرانس جي 1870ع جي شڪست ڪان پوءِ، الجيريا ۾ لڏي آيا هئا. ماڻس ڪئٽرائين سنتيس اسپيني نسل جي هئي. ميٽروپوليٽن فرانس ۾ اچي اخبار نويسيءَ جون ڏنڌو اختيار ڪرڻ ڪان اڳ، سندس ننڍپڻ اتر افريقا ۾ گذريو، جتي فوٽ بال راند کيڏڻ ۽ ترڻ جي شوق سان گڏوگڏ گهٽيئي نوڪريون ڪيائين. 1934ع ۾ هوُ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، پر پوءِ جڏهن 1940ع ۾ فرانس تي جرمنيءَ قبضو ڪيو تہ علحدگي اختيار ڪري. 1941ع ۾ مزاحمتي تحريڪ ۾ حصو ورتائين ۽ 1944ع ۾ مُخفي اخبار "Combat" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. جنگ ڇڙڻ ڪان اڳ هڪ ناٽڪ (1939) Caligula ۽ جنگ جي دوران بہ ڪتاب "L`Etranger" (The Outsider- ناول 1942ع) ۽ "Le My the de Sisyphe" (The Myth of Sisyphus- نظرياتي مضمون 1942ع) لکيائين، جن جي ڪري کيس وڏي شهرت ملي.

1954ع ۾ جڏهن الجيريا ۾ لڙائي ڇڙي تہ ڪاميو ڪنهن بہ ڌر جي حمايت ۾ ڪو بيان ڪونہ ڏنو، پر 1956ع ۾ لڙائي بند ڪرڻ

---

٭ ALBERTO CAMUS (1913-1960): French. Algeria-born French Nobel Prize Winning Author, Journalist and Philosopher.

لاءِ اپيل ڪيائين، جيڪا 1958ع ۾ (Algerian Chronicles) (Chronigues-Algeriennes) ۾ ورجايائين. هن يورپي- الجيريائي هئڻ جي حيثيت سان، جنهن جي ماءُ ۽ پاءُ اڃا الجيريا ۾ رهيل هئا. فرانس جي ڪابي ڌر جي انهن ميمبرن جي حمايت نہ ڪئي، جن عرب باغين جي مڪمل طور تي حمايت تي ڪئي. پر ڪابي ڌر جي فرد هئڻ جي حيثيت سان، جيئن 1930ع ۽ وري 1945ع دوران الجيريائي عربن جي مخالفت ۾ فرينچ رويئي جي خلاف احتجاج ڪيو هئائين، تيئن الجيريائي فرانس جي انتهاپسند حمايتين جي حمايت ڪرڻ کان پاسو ڪيائين.

پڇاڙيءَ ۾ سياست ۽ صحافت کان پاسو ڪري. هو سمورو وقت ڪتاب لکڻ ۾ گذارڻ لڳو. La Peste (The Plague- ناول 1947ع)، "L'Etat de Siege" (Stage of Seige- ناٽڪ 1949ع)، "Les Justes" (The Just- ناٽڪ: 1949ع)،"L`Homme revolte" (The Rebel- سياسي فلسفو: 1952ع)، "La Chute" (The Fall ناول 1956ع)، "L'Exil et le Royaume" ( Exile and Kingdom- ڪهاڻيون: 1957ع)، "Resistance, Rebellion and Death" (نظرياتي مضمون)، "Carnets 1935-42" (نظرياتي مضمون) ۽ دوستووسڪيءَ جي ناول تان ڪنيل "The Possessed" (ناٽڪ: 1959ع) ۽ ٻين ڪيترن ئي تصنيفن جي ڪري مهانتا حاصل ڪيس.

ڪاميو پنهنجي لکڻين ۾ "Absurdity and Existentialism" (وجوديت ۽ بي معنيٰ/ واهياتپڻو) جي نظريئي پيش ڪرڻ ڪري اهميت حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ هو اڄوڪي انسان جي اندر جي پيڙا ۽ ذهني ڇڪتاڻ کي سلڻندو نظر اچي ٿو. سندس ادبي مهانتا جي مڃتا ۾ کيس 1957ع ۾ ادب جي نوبيل انعام سان نوازيو ويو. اهو انعام فرانس ۾ جن بہ حاصل ڪيو آهي، ڪاميو ڄمار ۾ انهن سڀني کان ننڍو هو. 1930ع کان، ڪاميو سلهہ جي بيماريءَ ۾ ورتل هو ۽ مٿس وقت بوقت اُن جو حملو ٿيندو رهندو هو. ڪاميو 4 جنوري 1960ع تي موٽر جي حادثي ۾ گذاري ويو. مرڻ کان پوءِ، 1970ع ۾ سندس ناول، "The Happy Death" شايع ٿيو آهي، جيڪو هن مرڻ کان اڳ ۾ مڪمل ڪري ڇڏيو هو.

**ناول جي ڪهاڻي**

’ڏارئي‘ جو مرڪزي ڪردار ميرسو هڪ نوجوان آهي، جيڪو الجيئر ۾ رهي ٿو. پڻس مري ويو آهي ۽ ماڻس ٻُڍن جي گهر ۾ رهي ٿي. جيئن ته هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ وٽن ڪجهه ناهي، تنهنڪري هو ساڻس ورلي ملڻ ويندو آهي. هو معمولي ڪلرڪيءَ جي نوڪري ڪري ٿو، پر اڳتي وڌڻ ۾ دلچسپي نٿو وٺي. حقيقت ۾، هو پنهنجي ترقيءَ کان انڪاري آهي، جو ڪيس پيرس وڃڻو پوي ٿو. هو اڪيلو رهي ٿو. سندس رڳو ڪيفي جا ڪجهه دوست آهن. هفتي جي آخري ڏينهن تي پنهنجي گرل فرينڊ ماريءَ سان ملندو آهي، جيڪا ساڻس محبت ڪندي آهي، جيتوڻيڪ پاڻ ساڻس محبت نٿو ڪري. جڏهن ماڻس مري وڃي ٿي، ته سندس جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هو پنهنجي ڪم مان وقت ڪڍي ٿو، پر ڪوبه ڏک محسوس نٿو ڪري ۽ سوڳواريءَ جون رسمون مٿاڇري طور ادا ڪري ٿو. ان جي پيٽ ۾، هو ٻڍن جي گهر جي هڪ ٻئي سوڳوار پيريز تي ڌيان ڏي ٿو. جيڪو سندس ماءُ ڪي ويجهو آهي ۽ خلوص سان رنجيده آهي. ڪفن دفن کان پوءِ ميرسو الجيئر موٽي اچي ٿو ۽ آچر جي موڪل جو ڏهاڙو پنهنجي گرل فرينڊ ماريءَ سان گهاري ٿو.

ميرسو جي وڪريل گهر ۾ ٻين سان گڏ غيمون سنتيس رهي ٿو، جيڪو عورتن جي دلالپ ڪندو آهي. جڏهن غيمون، ميرسو کي هڪ واقفڪار کي سيکت ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته هو ڪا آناڪاني نه ٿو ڪري. غيمون کي ميرسو جي مدد جي ضرورت آهي. سندس پنهنجي سُريت سان جهيڙو ٿي پيو هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته هن ساڻس بيوفائي ڪئي آهي، جيتوڻيڪ پڙهندڙن کي اهو شڪ ٿو ٿئي ته هو ڪيس بدپيشي لاءِ مجبور ٿو ڪري. انهيءَ مقصد لاءِ هو ميرسو کي ڏانهس خط لکڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن هوءَ وٽس موٽي اچي ته هو ڪانئس پنهنجو بدلو وٺي سگهي. ميرسو سندس چيو مڃي پڙهندڙن تي چٽو ٿو ڪري، ”مون غيمون کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿي، جو ائين نه ڪرڻ لاءِ ڪو سبب نه هو.“

ٻئي آچر تي غيمون جي گهر تي خوفناڪ جهيڙو ٿي پوي ٿو، جنهن ۾ هو پنهنجي سُريت کي، جيڪا عرب، عورت آهي، مار ڪڍي ٿو. پوليس پهچي وڃي ٿي ۽ غيمون کان پڇاڳاڇا ڪري ٿي، ۽ ميرسو شاهدي ڏي ٿو ته سندس دوست غيمون اشتعال ۾ اچي ائين ڪيو هو. انهيءَ وچ ۾ ڇوڪريءَ جو ڀاءُ بدلو وٺڻ جي نيت سان غيمون جي تاڙ ۾ رهڻ لڳي ٿو. هفتي کان پوءِ، غيمون، ميرسو ۽ ماريءَ کي سمنڊ- ڪناري تي ڏينهن گهارڻ جي دعوت ڏي ٿو، جتي سندس دوست جو بنگلو آهي. ٻه عرب سندس پيڇو ڪن ٿا ۽ غيمون سمجهي وڃي ٿو ته متس حملو ٿيندو. اها ڳالهه ڳڻي هوُ ئي اول حملو ڪري ٿو. پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪري لڳي ٿي، جنهن ۾ هو عربن کي ڀڄائي ڪڍن ٿا. پر منجهانئن هڪ عرب، غيمون کي خنجر وهائي ڪڍي ٿو. انهيءَ ڏينهن، ان کان پوءِ ڪين اهي ٻئي عرب ٻي هٿيار ملي وڃن ٿا ۽ غيمون ڪين گولي هڻڻ جو سوچي ٿو، يا گهٽ ۾ گهٽ پيو حملو ڪري اشتعال ڏيارڻ چاهي ٿو ته جيئن پاڻ پنهنجو روالور استعمال ڪري سگهي. ميرسو اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ جي صلاح نٿو ڏي ۽ غيمون کي روالور ڏيڻ لاءِ چوي ٿو. غيمون ائين ئي ڪري ٿو ۽ عرب ڀڄي وڃن ٿا.

ٿوري دير کان پوءِ، ميرسو جڏهن سمنڊ- ڪناري، اهو سوچي ته جهيڙو ٽري ويو آهي، چهل قدمي ڪري رهيو آهي ته اوچتو هڪ عرب ڪيس ٿيون پيرو ملي ٿو. اُن وقت ڏينهن نهايت گرم آهي ۽ سج جا تيز ڪرڻا سمنڊ- ڪناري تي پئجي رهيا آهن. ميرسو جي رڳو انهيءَ ڳالهه ۾ دلچسپي آهي ته گرميءَ کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪجي. لڳوٿي ته هو گرميءَ جي جهولي جو شڪار ٿي رهيو آهي. هو عرب ڌانهن وڌي ٿو، متس حملي ڪرڻ لاءِ نه، پر رڳو ڪنهن ڇانوَ هيٺ ويهڻ لاءِ. عرب چاقو ڪڍي ٿو، جنهن تان سج جو ترورو ترڪي، ميرسو جي اکين ۾ پوي ٿو. اوچتو سندس اعصاب ڀڙڪو کائين ٿا ۽ هو پنهنجي کيسي ۾ پيل روالور ٻاهر ڪڍي شوُٽ ڪري ٿو. ٿوري ساهيءَ کان پوءِ، ۽ ڪنهن سبب کان سواءِ، هو سندس زمين تي ڪريل جسم تي فائر ڪري ٿو.

ميرسو کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪورٽ سندس بچاءُ ڪرڻ لاءِ وڪيل مقرر ڪري ٿي. سندس لاپرواهي، پڇتاءَ جي اڻ هوند ۽ پنهنجي مقدر کان بي نيازي ڏسي سندس وڪيل ۽ جاچ ڪندڙ مئجسٽريٽ مُنجهي پون ٿا. مئجسٽريٽ کيس عيسائي هجڻ جي حيثيت سان پڇتاءُ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. وڪيل کيس صلاح ڏي ٿو تہ جيوريءَ تي پنهنجي ڏِپ جو هلڪو تاثر ڏيڻ لاءِ، هو ڪجهہ نہ ڪجهہ چوي. مقدمي هلندي، سندس ماءُ جي موٽ تي رنجيده نہ ٿيڻ لاءِ گهٽي ڏي وٺ تئي ٿي. اها ڳالهہ سندس سخت بدڪرداريءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ حوالي طور ڪم آندو وڃي ٿي. ڏوهہ جي ثابتيءَ جو فيصلو ڏنو وڃي ٿو ۽ ميرسو کي ڪنڌ لاهڻ جي سزا ڏني وڃي ٿي.

سزا تي عمل جي انتظار دوران، ڪوٺڙيءَ ۾ جيل جو پادري ساڻس ملڻ اچي ٿو، جيڪو کيس چرچ پاران تسلي ڏئي ٿو. ميرسو، جنهن جو ڪو مذهب ناهي، آٿت حاصل ڪرڻ ۽ پشيمان ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو. پادريءَ جي هدايتن هيٺ، هو نيٺ پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي ورتاءُ جي بچاءَ ۾ دانهون ڪري چوي ٿو تہ جيئن تہ سيني ماڻهن کي مرڻو آهي، تنهن ڪري سموريون زندگيون بي معنيٰ آهن ۽ سڀ ماڻهو هڪجهڙا ڏوهاري يا بي ڏوهي آهن. انهيءَ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي تہ هو پنهنجي زندگي ڪيئن ٿو گذاري يا هو ڪنهن کي قتل ڪري ٿو. ڦاٽ ڪائڻ سان کيس سڪون ملي ٿو ۽ کيس ننڊ وٺي وڃي ٿي. جڏهن هو سجاڳ ٿئي ٿو تہ رات هوندي آهي، ۽ هو نيٺ سُڪون محسوس ڪندو آهي:

"ائين لڳو ٿي جڻ تہ انهي غضب جي غصي مون کي سيني ڏکن کان ڌوئي پاڪ ڪري ڇڏيو آهي. اُميد ۽ اُمنگ کان خالي هن تارن ڀري رات ۾ مون تي پهريون ڀيرو دنيا جي نازڪ ۽ ملائم بي نيازيءَ جو راز کليو اهو نيڪ منهنجي پنهنجي تجربي پٽاندر هو. بني نوع آدم ۾ هڪ اخوت جو سلسلو آهي: هاڻي مون کي خوشيءَ جو احساس ٿيو. مون کي تارن ڀري اونداهي

آسمان ڏانهن تڪيندي، پهريون ڀيرو پنهنجي من کي
پلاري بي پرواهه ڪائنات ڏانهن کولي رکيو، ۽ اُن کي
پاڻ جهڙو محسوس ڪندي، سچ پچ ائين لڳو تہ مان
خوش هئس ۽ هن وقت بہ خوش آهيان.“

**تنقيدي راءِ**

ماڻهوءَ کي هن ڪائنات ۾ ڪيئن رهڻو تو پوي؟ اهو سوال، جيڪو ’ڏارئي‘ جو مرڪزي مسئلو آهي، يورپي ماڻهو جو ترت مسئلو آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ اسان جي دؤر جو ڳؤرو سوال آهي. ماضيءَ ۾، مذهب يورپ کي معنيٰ جو سلسليوار سرشتو ميسر ڪري ڏنو، جنهن زندگيءَ ۾ انسان جي مقصد ۽ ڪيس اهو حاصل ڪرڻ ۾ مدد جو سمجهايو ٿي. جيئن عيسائيت جو اثر گهٽيو تہ ڊيڪارٽيس ڪان هيگل تائين جي ٻين سرشتن اهو ٻڌايو تہ دنيا سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ منطقي آهي. ڪاميو وٽ پڻ انهيءَ پَڪ جي حيثيت ختم ٿي ويئي هئي. سندس نظر ۾، ماڻهو جي مقدر ۾ ڪوبہ رهنما ٿنيو يا منزل نہ آهي. اڄ جيڪي ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا تہ خدا پنهنجي اخلاقي توڙي عقلي سيني جاودانين سان مري چڪو آهي، ڪاميو کي سندن حالت سان ڳالهائيندي ڏسن ٿا. هاڻي اهڙا پڙهندڙ گهٽا آهن. گهڻو ڪري ادب جو هرڪو استاد ڏسي ٿو تہ سندس شاگرد ڪاميو کي عزت ڀرئي ڏيان سان پڙهي ٿو، جنهن جو سني گريڊ ۾ پاس ٿيڻ جي خواهش سان ڪو لاڳاپو ناهي. اهوئي سبب آهي جو ’ڏاريو‘ ڪتابن جي انهيءَ ورلي قسم مان آهي، جيڪي گهڻو ڪري ڇپجڻ جي وقت ڪان وٺي ڪلاسڪ طور مڃيا ويا آهن.

اها ڳالهہ چوڻ تہ دنيا ائبسرڊ (بي معنيٰ/ واهيات) آهي، دنيا جي پنهنجي باري ۾ ايترو نٿي ٻُڌائي جيترو اسان جو اُن ڏانهن رد عمل آهي. اسان جو ان جي ائبسرڊ هجڻ جو احساس، اسان جي ناڪام توقعات مان، غلطين مان، جيڪي اسان زندگيءَ مان چاهيون ٿا- خاص ڪري ترتيب ۽ موافقت- ۽ جيڪي اسان کي

حاصل ٿئي ٿو، اُبري ٿو. اهو پرم تنڻ جو احساس، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ايترو ئي پراڻو آهي جيترو ايڪسليسيئٽيس (Ecclesiastes)، ڪن عام روين يا زندگيءَ بابت فيصلن ۾، خاص نموني اظهار پائي ٿو. انهن ۾، سڀ ڪان پهرين، شين جي بي ترتيبيءَ جو احساس شامل آهي. واقعا هڪ ٻئي جي پنيان رونما ٿيندا وڃن ٿا. پر اُهي پاڻ ۾ ڳنڍجي تنگيل ناهن. سندن وچ ۾ ڪوبہ ضروري سنبنڌ ناهي. ڪاميو جي تشبيهہ موجب دنيا ڏاري ۽ ائبسرڊ ڏسڻ ۾ ائين بي رُخ نظر اچي ٿي جيئن ڪنهن شخص جي عينڪ ڪنهن ٽيليفون جي بوٿ جي شيشي جي پويان خاموشيءَ سان اشارا ڪندي آهي. ساڳي ائبسرڊٽي عقلي دائري ۾ راڄ ڪري ٿي. سمورن فلسفيانہ سرشتن، ۽ انهن سان گڏ قانون ۽ اخلاقيات جي سمورن سرشتن، جيڪي مطلق ورتاءُ جا قطعي درجا ڏيڻ جو اقرار ڪن ٿا، سواليہ بنجي وڃن ٿا. جيئن تہ عام قائدا خاص صورتحال کي رهنمائي نٿا بخشين، تنهن ڪري هر پل پنهنجو پاڻ بيهي ٿو ۽ پنهنجا قانون پاڻ ناهي ٿو. ترت لمحي جو تجربو ئي اڻ انڪار جوڳي ۽ مصدق حقيقت آهي. آخر ۾، سموري حياتي، موت جي پاڇي ۾ گذارجي ٿي، جيڪو شريف ۽ گناهگار، عقل ۽ بي عقلائي کي ساڳي سطح تي سوڙهو ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو دنيا کي انهيءَ روشنيءَ ۾ ڏسي ٿو، اُهو ٽن رستن مان ڪنهن هڪ رستي موٽ ڏي ٿو: هو انڌي عقيدي ۾ پناهہ وٺندو، آتم هتيا ڪندو، يا ڇتي سُچيتائي ۽ پنهنجي صورتحال جي ماٺ ميٺ ۾ مجتا سان گذارڻ جي چونڊ ڪندو. انهيءَ ماڻهو لاءِ، جيڪو اِهو ڪرڻ جي اهل آهي، اها سُچيتائي هڪ وڏو نرواڻ آهي، جو جيڪڏهن خدا ناهي، ۽ ڪوبہ پل ٻئي ڪنهن وانگر موجود آهي، ۽ آخرڪار سڀ ماڻهو مري وڃن، تہ پوءِ هو جيڪي چاهي اُهو ڪري سگهي ٿو.

زندگيءَ جو اهڙو نظريو، ڪنهن ترتيب سان فلسفيانہ سمجهاڻي کان سواءِ، بهترين طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي، جو اهڙي هلت مان منطقي ترتيب جو اهو قسم مُراد ٿيندي، جنهن کي ائبسرڊ جو احساس انڪار ڪري ٿو. پر ناٽڪ يا ناول ۾ اهو اسان

ڪي ائبسرڊٽي جو احساس ڏياريندو. ميرسو اهو شخص آهي، جنهن ۾ اهو احساس سندس هڏين اندر گهڙي ويو آهي. هو جيئڻ زندگيءَ ڪي پل پل جيئي ٿو تيئن وٽس ورلي يادون آهن ۽ توقعات نہ آهن. هو ٻين ڪان ڪي بہ ڪونہ ٿو گهُري، ۽ چاهي ٿو تہ ٻيا بہ ڪانئس گهٽ ۾ گهٽ اُميدون رکن. هن جو وڏو گڻ سندس قطعي ايمانداري آهي. جيتوڻيڪ سندس زندگي داءُ تي آهي، پر هُو انهن آدرشن يا احساسن جي هٿڻ جو ڍونگ نٿو رچائي، جيڪي وٽس ناهن.

ميرسو يقيني طور ڏوهاري ناهي. عملي ٻچڙائي ڪرڻ جي اهل ئي ناهي، ۽ غيمون جي برعڪس، ماڻهن کي ايذاءُ رسائڻ جي خواهش نہ اٿس. سندس گهڻا واقفڪار ڪيس ڪافي گهڻو چاهين ٿا، ايتري قدر جو ماري سندس محبت ۾ مبتلا آهي. هو عام طرح مهربان طبع جو مالڪ آهي، بيشڪ اصولي طور نہ، پر چاڪاڻ تہ ڪيس ائين نہ ٿيڻ ۾ ڪو ڪارڻ نظر نٿو اچي. هو نڪي نيڪ آهي نہ بد ڪردار. هو رڳو اڻ ٻَڌل آهي، ۽ انهيءَ حد تائين معصوم آهي. پوءِ هن قتل ڇو ڪيو؟ ”سج جي سبب،“ هو وضاحت ڪري ٿو. ڪورٽ انهيءَ صفائيءَ تي مٿس کلي ٿي؛ توڙي جو اهو سبب ٻئي ڪنهن سبب جهڙو آهي. اهو قتل پاڻيهي ۽ بي اختيار، بي معنيٰ ۽ بنا ارادي آهي، ۽ ساڳي حالت ۾ ڪو بہ ڪري سگهي ٿو.

بهرحال، واقعن جو اهو بي معنيٰ (absurd) سلسلو، ميرسو کي دنيا جي طاقت جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو، جيڪا قطعي عقيدن ۾ اعتبار رکي ٿي، جنهن وٽ پيار ڪندڙ پُٽن لاءِ ورثاءُ جو دستورالعمل آهي، جنهن کي خبر آهي تہ ڏوهارين ۽ ٻين ماڻهن جي وچ ۾ فرق آهي، ۽ جيڪو هر ڏوهہ جي وزن سان نهڪندڙ سزائن سميت قانون جي دستور العمل کي قبول ڪري ٿو. ميرسو هڪ شخص کي قتل ڪيو آهي، پر سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي خيال موجب، پنهنجي بچاءُ جي بنياد تي ڇڏي سگهيو پئي ويو. فيصلو انهيءَ ڳالهہ تي ٻڌل آهي تہ ڪورٽ ميرسو کي ڪيئن ڏسي ٿي. ڇا سندس زندگيءَ جي ڍنگ مان پتو پوي ٿو تہ قتل هڪ مجيل ڏوهاريءَ جو عمل آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ هو قتل جو ڏوهاري آهي.

بدقسمتيءَ سان ڪورٽ هن قسم جي ماڻهوءَ جي عمل ڪي نتي سمجهي سگهي. هرڪو ڪانئس رسمي ردعمل ظاهر ڪرڻ جي توقع ڪري ٿو ۽ اها ڳالهه ڏڪار جوڳي سمجهي ٿو ته هو ائين نٿو ڪري. نتيجي طور ميرسو احتجاج ڪرڻ ۾ صحيح آهي ته ڪيس هڪ عرب کي قتل ڪرڻ لاءِ نه، پر سندس ماءُ جي مؤت تي ماتم نه ڪرڻ لاءِ سزا ڏني ويئي آهي.

ناول جو آخري مرحلو ميرسو جي سماج جي فيصلي جي شرطن مڃڻ جي ڪوشش لاءِ وقف ٿيل آهي. پهرين، سندس موت اهڙي سِڌي ۽ بي ڍنگي آهي جهڙي سندس هر ڳالهه آهي. هو پنهنجي آزادي ۽ ان سان ڳنڍيل جنسي مايوسيءَ تي افسوس ڪري ٿو، پر هو اُن سان پڻ پاڻ کي نهڪائي هلڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. جيڪا ڳالهه سندس بي پرواهي مان نيٺ کيس ٻاهر ڪڍي ٿي، اُها آهي پادريءَ جو کيس چيڙڻ، جيڪا سندس اندر کي باترتيب ظاهر ڪري ٿي، جنهن سان هميشه هو گذاري ٿو.

”هن سموري بيڪار زندگيءَ جي دوران هڪ گمنام نامعلوم نفس منهنجي مستقبل جي گهراين کي چيريندو، انهن مهينن ۽ سالن کي اورانگهيندو، جيڪي اجا وجود ئي ۾ نه آيا هئا. مون ڏاهن وڏندو رهيو ۽ مون کي چوندو رهيو ته هن زندگيءَ جي ڪابه اهميت ناهي. پلا مون لاءِ ڪهڙي اهميت ٿي سگهي ٿي، ٻين جي موت جي، هڪ ماءُ جي محبت جي، خدا جي وجود جي، انهيءَ زندگيءَ جي، جيڪا ماڻهو پنهنجي لاءِ چوندي ٿو، انهيءَ تقدير جي، جيڪا هو پنهنجي لاءِ چوندي ٿو، پر اها ئي تقدير مجبور آهي ته نه رڳو مون کي بلڪ مون جهڙن لکين ڪروڙين ماڻهن کي چوندي. مون کي رڳو هڪ زندگي ملي ۽ مون سان گڏ لکن کي. جن کي دراصل اقتدار حاصل آهي، پر پنهنجو پاڻ کي منهنجو ڀاءُ چون ٿا. هو سمجهيو اُن کي... ٻين کي به ڪنهن ڏينهن قتل جو حڪم ملندو. انهن کي به ڪو موت جو حڪم ٻڌائيندو.

کنهن تي الزام لڳائڻ جي پلا ضرورت ئي ڪهڙي آهي
ته هو پنهنجي ماءُ جي جنازي تي نه رُنو. انهيءَ سان
ڪهڙو فرق پوي ٿو. نيٺ مرڻو ته سڀني کي آهي.“

ميرسو جو اهو ڦاٽ آزاديءَ جو اعلان آهي. هو هاڻي پنهنجو مالڪ پاڻ آهي ۽ بيڊ پائيءَ سان موت کي منهن ڏيئي سگهي ٿو.

هن ناول جو اسٽائيل ۽ گهاڙيٽو ساراهه جوڳي نموني ميرسو جهڙي ڪردار جي پيشڪش سان، خاص ڪري ضمير متڪلم (First person) جي بياني ٽيڪنڪ اختيار ڪرڻ سان، ٺهڪي اچي ٿو. جيڪڏهن ميرسو کي ضمير غائب (Third person) ۾ بيان ڪيو وڃي ها، ته هو اسان کي جج ۽ سرڪاري وڪيل وانگر سمجهه کان پري لڳي ها. جيڪڏهن اسان کي مٿس اعتماد ڪرڻو آهي ته ڪيس سندس شرطن سان ڏسڻو پوندو. اسان کي سندس شخصيت جو احساس، خاص ڪري سندس ڳالهائڻ جو اسٽائيل- سڌو، سادو ۽ بلڪل بي ڍنگو- ملي ٿو. جيڪو ظرفن ۽ صفتن جي غير موجودگيءَ ۾، ۽ اڻ ٻڌل لفظن ’۽‘ يا ’پر‘ کان سواءِ، ننڍن محاورن کي اڻ ڳنڍيندڙ لفظن جي استعمال سان حاصل ڪيو ويو آهي. اسٽائيل ٻڪايل ۽ تڪڙو آهي ۽ ڏيکاري ٿو ته مٿس آمريڪي ليکڪن، خاص ڪري هيمنگوي جو چٽو اثر آهي. جڏهن رسمي لفاظي ظاهر ٿئي ٿي ته اُها رسمي ماڻهن جهڙوڪ جج ۽ سرڪاري وڪيل جي عام زبان آهي، ۽ انهن جو بناوٽي هئڻ ٻڌائي ٿي ته ڳالهيندڙ پڻ ڪوڙا آهن.

’ڌاريو‘ هڪ ڪلاسڪ، فنڪارانه ساک- پلاٽ، ڪردار، موضوع، اسٽائيل ۽ ڍانچي جي مڪمل هم آهنگيءَ جو درجو ماڻي ٿو. ناول جي ننڍڙي دنيا ۾، فنڪارانه اِڪائي، اُهو ميلاپ ۽ سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه پيدا ڪري ٿي، جيڪا ڪاميو حقيقي دنيا ۾ نٿو ڳولهي لهِي سگهي. انهيءَ معنيٰ ۾، ڪابه فنڪارانه تخليق زندگيءَ کي ٽوڙڻ جي ڌمڪي مثل آهي. ميرسو پنهنجي وجود جي

ائبسرڊٽي خلاف ڪنهن بہ وقت احتجاج نٿو ڪري، پر ڪاميو ناول لکڻ جي پهرين عمل ۾ ئي احتجاج ڪري ٿو.

**"ڏاريو" جو هيءُ ترجمو**

مون 'ڏاريو' جو هيءُ ترجمو اسٽوئرٽ گِلبرٽ (Stuart Gilbert) جي انگريزي ترجمي "The Outsider" (1946ع) تان ڪيو آهي، جيڪو البير ڪاميو جي فرينچ ناول "L'Estranger" (1942ع) جو انگريزي زبان ۾ پهريون ترجمو مڃيو وڃي ٿو.

'ڏاريو' ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جنهن جي پهرئين ڀاڱي جا پهريان ڪجهہ باب ماهوار 'سهڻي' حيدرآباد جي آڪٽوبر- نومبر 1967ع ۽ ڊسمبر 1967ع جي ٻن شمارن ۾ قسطوار ڇپيا هئا، پر پوءِ اهو سلسلو منجهس جاري رهي نہ سگهيو. منهنجي دوست مرحوم طارق اشرف، جنهن جي اتساهہ ڏيارڻ تي مون اهو ترجمو مڪمل ڪيو هو، پنهنجي اشاعتي اداري طرفان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو پڻ رٿيو هو، پر هو پنهنجي مجبورين سبب ائين بہ نہ ڪري سگهيو. پنهنجي وفات کان ڪجهہ وقت اڳ، گذريل سال هِن ترجمي جي ڇپائيءَ جو پنهنجو دوستاڻو حق، هُن مون کي "سنڌيڪا" ڪراچي وارن کي ڏيڻ لاءِ چيو. انهيءَ وچ ۾ "هالار ڊائجيسٽ" حيدرآباد وارن هن ترجمي جا بہ حصا جولاءِ 1992ع ۽ آگسٽ 1992ع جي شمارن ۾ قسطوار ڇپيا تہ "سنڌيڪا" وارن مارڪيٽنگ جي متاثر ٿيڻ جي خيال کان انهيءَ ترجمي کي پنهنجي اداري طرفان شايع ڪرڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو. اهڙي طرح هيءُ ترجمو گذريل ويهارو سالن کان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ کان رهجي ويو.

هاڻي "روشني پبليڪيشن" ڪنڊياري وارن هن ترجمي کي شايع ڪرڻ جو بيڙو هٿ ۾ کنيو آهي، جنهن لاءِ آئون انهيءَ اداري جي روح روان محترم علي نواز گهانگهرو جو ٿورائتو آهيان، جنهن انهيءَ ترجمي کي وڌيڪ رُلائڻ کان بچائي ورتو آهي.

هيءُ ترجمو ڪرڻ وقت، سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ڪهاڻيڪار- ناول نگار لعل پشپ جو ساڳئي ناول جو ترجمو 'اجنبي' منهنجي نظر مان نہ گذريو هو، جيڪو سندس ئي ماهوار ڪتابي سلسلي 'پرھ ڦٽي' بمبئي ۾ سيپٽمبر- آڪٽوبر 1967ع ۽ نومبر 1967ع جي ٻن شمارن ۾ مڪمل طور تي شايع ٿي چڪو هو. جيڪڏهن مون کي اها سُڌ پوي ها تہ شايد آئون هيءُ ترجمو ڪرڻ جي همٿ نہ ڪري سگهان ها. اهي اڻ ڄاڻائي جا ڀال آهن، جنهن ڪري هن 'ڪلاسڪ' جا هاڻي اسان وٽ سنڌي ۾ ٻہ ترجما (Versions) ميسر آهن، جيئن مغرب جي مختلف ٻولين جي 'ڪلاسڪس' جا انگريزيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ ترجما موجود آهن. خود ڪاميو جي هن ناول جي انگريزي ترجمي "The Outsider" کان سواءِ، هڪ ٻيو ترجمو "The Stranger" پڻ موجود آهي.

جيئن تہ هيءُ ترجمو انگريزي زبان تان ڪيو اٿم، تنهنڪري ناول ۾ آيل فرينچ ڪردارن جا نالا، انگريزي اُچارن پٽاندر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا هئم. پر پنهنجي محترم دوست ۽ ڪهاڻيڪار ظفر حسن جي صلاح تي، تہ انهن ڪردار جي نالن جا فرينچ زبان ۾ اچار، انگريزي زبان جي اُچارن کان بلڪل مختلف ٿيندا آهن، مون هن ترجمي ۾ فرينچ زبان ۾ اُچارجندڙ فرينچ ڪردار جا نالا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور Ce'leste کي 'سيليت'. Meursault کي 'ميرسو'، Marie Cardona کي 'ماري ڪاردونا'، Raymond Sinte's کي 'غيمون 'سنتيس'، Masson کي 'ماسون' ۽ ڪتاب جي ليکڪ Albert Camus کي 'البيرڪاميو' لکيو اٿم. فرينچ اُچارن جو اهو ڏکيو ڪم، فرينچ زبان جي ڄاڻو، ڊاڪٽر ابراهيم شاھ بخاري صاحب، سائين ظفر حسن جي وسيلي سان، ڪري ڏنو آهي، جنهن لاءِ آئون ٻنهي صاحبن جو ٿورائتو آهيان.

آئون ترجمي جي مسودي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ پڻ سائين ظفر حسن جو احسانمند آهيان، جنهن نہ رڳو مون کي پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازيو پر ترجمي جون ضروري درستيون ڪري پريس لائق بنائڻ ۾ مدد ڪئي.

مون هن ناول جي مُنڍ ۾ 'ڏاريو' جي باري ۾ البير ڪاميو جي 1942ع واري "Notebook IV" ۾ ڪيل داخلائن،[1] "The Outsider" جي پهرين انگريزي ايڊيشن (1946ع) تي لکيل سِرل ڪونولي جي تعارف،[2] ۽ البيرڪاميو جي پنهنجي ناول "L'Etranger" جي امريڪن يونيورسٽي ايڊيشن (1955ع) تي لکيل مهاڳ "Avant Propos"[3] جا ترجما ڏنا اٿم تہ جيئن لکيڪ جي وجوديت (Existentialism) جي نظريئي ۽ ناول جي پس منظر کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿئي.

هن ناول کي دنيا جو 'جديد ڪلاسڪ' مڃيو ويو آهي، جنهن جي خوبيءَ جو سهرو ناول نگار جي سِر تي آهي ۽ ترجمي جي ڪوتاهي آئون پنهنجي سِر تي کڻان ٿو.

## "ڏاريو" جو آجياڻو

(البيرڪاميو جي 1942ع واري "Notebook IV" ۾ ڪيل داخلائن مان)

**'ڏاريو' جي باري ۾ J.T کي جواب**

هيءُ هڪ تمام خبرداريءَ سان رٿيل ڪتاب آهي، ۽ انهيءَ جو لهجو... سوچيل سمجهيل آهي. اهو درست آهي تہ اهو چار يا پنج ڀيرا اڀار کائي ٿو، پر ساڳيائپ کان پاسو ڪرڻو هو ۽ هڪ بناوت مهيا ڪرڻي هئي. منهنجو 'ڏاريو' جيل جي پادري اڳيان پنهنجو پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نہ پيو ڪري. هو جنهن غصي ۾ وٺلي ٿو، اهو تمام مختلف آهي. اهو چئي سگهو ٿا تہ اوهان مان آهيان، جيڪو وضاحت پيو ڪريان. بيشڪ، ۽ مون

---

1 Albert Camus: "Selected Essays and Notebooks", (The Reception of the "Outsider". From Notebook IV), Ed & Tr. By Philip Thody, Penguin Book Ltd. 1970, pp. 209-212.

2 Albert Camus: "The Outsider", Tr. By Stuart Gilbert, (Introduction by Cyril Connolly), Hamish Hamilton, 1946, pp. 5-10.

3 Albert Camus: "Selected Essays and Notebooks'. (Preface to the American University Edition of the "L'Etranger"), Ed. & Tr. By Philip Thody, Penguin Books Ltd. 1970, pp. 207-208.

انهيءَ باري ۾ گهڻو ڪجهه ويچاريو آهي. مون ائين ڪرڻ جو انهيءَ ڪري فيصلو ڪيو جو مون پنهنجي انهيءَ ڪردار کي روزمره ۽ قدرتي واقعن جي وسيلي هڪ وڏي مسئلي سان مُنهان مُنهن آڻڻ چاهيو ٿي. انهيءَ وڏي لمحي کي اهميت ڏيڻي هئي. وڏيڪ اهو ڏسو ته هتي ميرسو ۾ اوچتو تبديلي نه ٿي اچي. هِن باب ۾ ڪتاب جي رهيل حصي وانگر هو پنهنجو پاڻ کي "سوالن جا جواب" ڏيڻ تائين محدود رکي ٿو. شروع ۾، اُهي سوال آهن، جيڪي دنيا اسان کي روزمره پڇي ٿي- هاڻي، اُهي سوال آهن، جيڪي پادري ڪانئس پڇي ٿو. اهڙيءَ ريت مان پنهنجي ڪردار کي ناڪاري نموني واضح ڪريان ٿو.

بيشڪ انهيءَ سموري ڳالهه جو فنڪارانه وسيلن سان تعلق آهي، نه ڪي نتيجن سان. هن ڪتاب جي معنيٰ بنهي ڀاڱن جي هڪجهڙائيءَ ۾ مختصر طور تي آيل آهي. نتيجو: سماج کي انهن ماڻهن جي ضرورت آهي، جيڪي پنهنجي ماءُ جي ڪفن دفن تي رُئن؛ يا، اوهان انهن ڏوهن لاءِ ڪڏهن به سزاوار نه آهيو، جيڪي اوهان سوچيو ٿا، انهيءَ سان گڏ، ڏهه ٻيا ممڪن نتيجا منهنجي ذهن ۾ آهن.

**'ڏاريو' تي تنقيدون**

هوا اوچن اخلاقي اصولن ۾ سرسراهٽ ڪري رهي آهي. بيوقوف سوچين ٿا ته انڪار معنيٰ هار مڃڻ، جڏهن ته حقيقت ۾ اها هڪ چونڊ آهي. "The Plague" ناول ۾ ساڳيو ليڪڪ انڪار جو سورهيائيءَ وارو پهلو ڏيکاري ٿو. خدا کان وانجهيل ماڻهوءَ لاءِ ٻي ڪا زندگي ممڪن ناهي- ۽ سمورا ماڻهو خدا کان وانجهيل آهن. جيڪي ماڻهو اهو تصور ڪن ٿا ته مردانگي پيغمبرانه هيٺ مٿي ٽپا ڏيڻ تي مشتمل آهي، اها عظمت روحاني محبت ۾ آهي! پر شاعريءَ ۽ اُن جي ابهام ذريعي اها جدوجهد، اها ذهن جي ظاهري بغاوت، بيحد سستي آهي. انهيءَ جو ڪو اثر ناهي ۽ اها ڳالهه عوام آزاريندڙ ماڻهو چڱي ريت ڄاڻن ٿا.

**سپاٽي ن**

’مان اُن تي چا ويچاريان، جيڪو مون کي اعليٰ آهي ۽ جنهن کي مان واضح ڪري سگهڻ کان سواءِ محسوس ڪريان ٿو؟ اها انڪار جي سنتپٽي ڏانهن هڪ قسم جي ڏکي ڊوڙ آهي- خدا کان سواءِ هڪ سورهيائي- حقيقت ۾ خالص ماڻهو. سمورا انساني گڻ، جنهن ۾ ايڪانت سان خدا جو احترام شامل آهي.

’اها کهڙي ڳالهه آهي، جيڪا عيسائيت کي سندس برتري هڪ ”مثال جي طور“ (جيڪا وٽس رڳو هڪ آهي) ڏي ٿي؟ عيسيٰ ۽ سندس پوئلڳ سنت- ”زندگيءَ جي ڊنگ“ لاءِ ڪوچ. هِن ڪتاب ۾ ايترائي گهاڙيٽا شامل آهن، جيترا پورٽتا جي راهه ۾ مرحلا آهن، جيڪي ثواب نٿا آڇين. ’ڏاريو‘ قطعي طور بُڙيءَ جو انگ ڏيکاري ٿو. جيئن "The Myth" ۾ ڏيکاريل آهي. "The Plague" ترقي ڏيکاري ٿو، بُڙيءَ کان بي حد تائين نہ، پر هڪ گهري مرڪبيت ڏانهن، جيڪا وصف جي اوسيئڙي ۾ آهي. آخري مرحلو سنت ٿيندو. پر ڪيس پنهنجو حسابي مُلهه هوندو- ايئن ماڻڻ جوڳو، جيئن ماڻهو آهي.‘

**تنقيد بابت**

(ٽي ورهيہ ڪتاب لکڻ ۾ لڳا. پنج سِٽون متس ٽٽولي ڪرڻ تي- ۽ غلط حوالا. ادبي نقاد، A.R ڏانهن خط (جيڪو موڪليو نہ ويو)).

تنهنجي مضمون جو هڪ جملو خاص طور تي مون کي دل سان لڳو: ”مان ليکي ۾ نہ آٽيندس...“ هڪ تجربيڪار نقاد، اهو ڄاڻيندي تہ ڪا فن جي ڪاوش ڪيئن سوچي ويچاري رٽي وڃي ٿي، ڪردار کي چٽڻ ۾ اُن ”اڪيلي لمحي“ کي ليکڻ کان ڪيئن ٿو انڪاري سگهي، جڏهن اهو ڪردار پنهنجي باري ۾ ڳالهائي ٿو ۽ پنهنجي راز جو ڪجهہ حصو پڙهندڙ کي سونپي ٿو؟ ۽ تون اها ڳالهہ چو محسوس نہ ڪري سگهيو آهين تہ اها پُڄاڻي مختلف موضوعن سان گڏ هڪ نقش هئي، هڪ خصوصي حيثيت وارو هنڌ

هئي، جنهن ۾ سَنڌ- سَنڌ ڏار تيل ڪردار آهي، جنهن کي مون آخرڪار ڪنهن يڪ وجودي شڪل ۾ آڻي بيان ڪيو آهي؟

... تون مون کي حقيقت پسندانہ لکڻ جي موھہ لاءِ جس ڏين ٿو. حقيقت پسندي هڪ کوکلو لفظ آهي. "Madame Bovari" ۽ "The Possessed" حقيقت پسندانہ ناول آهن ۽ منجهن هڪ جهڙائي ناهي). انهيءَ سان منهنجو ڪو واسطو نہ آهي. جيڪڏهن مون کي پنهنجي موھہ کي بيان ڪرڻو هجي ها تہ ان جي ابتڙ ڪنهن اهڃاڻ جي باري ۾ ڳالهايان ها. ۽ تون اهو محسوس ڪرين ٿو. پر تو انهيءَ اهڃاڻ کي اهڙي معنيٰ ڏني، جيڪا اُن جي ناهي، ۽ تو، مختصر طور، هروڀرو هڪ ڪلٽهاب فلسفي سان مون کي ساراهيو آهي. حقيقت ۾، هن ڪتاب ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، جيڪا توکي اهو چوڻ جو موڪل ڏي تہ مان فطري انسان ۾ ويساھہ رکان ٿو، تہ مان انسان کي بناسپتي ساهواري جهڙو سمجهان ٿو، تہ انساني فطرت جو اخلاقيات سان ڪو واسطو نہ آهي، وغيره. منهنجي ڪتاب جو مرڪزي ڪردار ڪڏهن بہ اوائلي قدم نتو کڻي. تو ڌيان ۾ ئي نہ آندو آهي تہ هو هميشہ پاڻ کي زندگيءَ جي باري ۾ يا ماڻهوءَ جي باري ۾ "سوالن جا جواب" ڏيڻ تائين محدود رکي ٿو. اهڙي طرح هو پڪ سان ڪجھہ بہ نٿو چوي. ۽ مون رڳو سندس جهلڪ جو ٿُرت اُبتو عڪس ڏنو آهي. مختصر طور تي آخري باب کان سواءِ، سندس بيحد گهري رويئي سان ڪابہ ڳالهہ توکي بدگمان نہ ڪري سگهندي. پر تون "اها ليکي ۾ نہ آڻيندين."

'توري ۾ تورو چوڻ' جي انهيءَ خواهش جا سبب گهڻو وقت وٺي ويندا. پر مان گهٽ ۾ گهٽ افسوس ڪري سگهان ٿو تہ منهنجي ڪتاب جي سطحي اڀياس توکان ڪاروباري فلسفي واري شاباس مون کي ڏياري آهي، جيڪا مان قبولڻ لاءِ تيار ناهيان. تون شايد مون کي بهتر طور تي سمجهي سگهندين جيڪڏهن مان اهو چوان تہ تو پنهنجي مضمون ۾ جيڪو واحد حوالو ڏنو آهي، اُهو غلط آهي (اهو حوالي ڏي ۽ درست ڪر) ۽ جن نتيجن کي اهو جائز نهرائي ٿو، تنهنڪري اُهي قبولڻ جوڳا ناهن. اهو شايد ٻيو ڪو

فلسفو هو ۽ تو ’غير انساني‘ لفظ استعمال ڪري، اهو لاڳو ڪيو. پر اها ثابت ڪرڻ مان ڇا حاصل؟

شايد تون اهو سوچين ته هڪ گمنام ليکڪ جي ننڍڙي ڪتاب تي اهو اجايو ڳالهوڙو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته اهو معاملو منهنجي ذات کان اڳيرو نڪري ويو آهي. ڇاڪاڻ جو تو اخلاقي رويو اختيار ڪري ورتو آهي، جيڪو توکي ڇڻي نظر ۽ ذهانت سان، جنهن جي توکي مڃتا مليل آهي، پرکڻ کان روڪي ٿو. اها صورتحال بچاءُ جوڳي ناهي، جيڪا تون ڪنهن ٻئي کان بهتر سمجهين ٿو. تنهنجي تنقيدن ۽ اهڙن ۽ اهڙي ڪاوش جي اخلاقي ڪردار سان لاڳاپيل، حڪومت جي طابع ادب تحت جلدي جُڙيل تنقيدن (جيڪي تمام آڳاٽو نه جُڙيون هيون) جون حدون تمام مبهم آهن. مان بلڪل ناراض نه آهيان، جڏهن توکي اهو چوان ٿو ته اها تمام ڏڪار جوڳي ڳالهه آهي. تون يا ٻيو ڪوبه اهو پرکڻ جي اهل ناهي ته اهو ناول هينئر ڪڏهن به ڪا قوم جي خدمت ڪري سگهي ٿو يا نقصان رسائي سگهي ٿو. ڪنهن به صورت ۾، مان اهڙي اختيار اڳيان پيش پوڻ کان انڪار ڪريان ٿو ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو مان هيءُ خط تو ڏانهن لکي رهيو آهيان. مون کي تنهنجو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن تو سچ پچ ويساهه ڪندين ته مان گهٽ ناروا جذبي سان ڪيل سخت تنقيدون بيحد ماٺ ميٺ ۾ قبول ڪريان ها.

مان ڪنهن به صورت ۾ اهو نه چاهيندس ته هيءُ خط ڪا وڏيڪ غلط فهمي پيدا ڪري. اهي جملا ڪنهن ناراض ليکڪ طرفان ناهن ۽ مان توکي اهو چوندس ته هن خط جو ڪو به حصو ڇپڻ لاءِ نه ڏج. تو منهنجو نالو اڄ ڪالهه شايع ٿيندڙ تبصرن ۾ عام جام نه ڏٺو هوندو، جن جو انهيءَ هوندي ڇگو سولو دخل آهي. انهيءَ جو اهو سبب آهي ته انهن ۾ ڪا ڳالهه نه چوڻ سان، مان مشهوريءَ لاءِ ڪا قرباني ڪرڻ نٿو چاهيان. مان هاڻي اُهي ڪتاب شايع ڪرايان ٿو، جن تي ڪئين ورهيه لڳايا اٿم- ته انهيءَ جو رڳو سبب آهي ته اهي مڪمل ٿيا آهن ۽ اُهي مُڪمل ڪري رهيو

آهيان، جن کي ڪائنڻ پوءِ اڇٽو آهي. مان انهن مان نہ دنياوي فائدي ۽ نہ وري شهرت جو آرزومند آهيان. مان اها توقع ڪري رهيو هوس تہ اُهي مون کي ڏيان ڇڪائڻ ۽ صبر ڪرڻ ۾ سوپارو ڪندا، جيڪي عام طرح ڪنهن بہ خلوص پرئي جوکم کي عطا ڪيا ويندا آهن. هاڻي مون کي ويساهہ ڪرڻ گهرجي تہ اها خود هڪ وڏاءُ ڪيل گهُر هئي. انهيءَ هوندي، مان آهيان اوهان جو خلوص سان....

*

’ڏاريو‘ جي جوڙڻ ۾ ٽي ماڻهو شامل ٿيا: بہ مرد (جن مان هڪ مان هوس) ۽ هڪ عورت.

*

’ڏاريو‘ ۽ اُن جا نقاد: اُهي چون ٿا ڏُکُ نہ سهڻ جي قوت. غلط. ’خيرانديشي‘ بهتر ٿيندو.

### ’ڏاريو‘ جي پهرئين انگريزي ايڊيشن جو تعارف

’ڏاريو‘ البيرڪاميو جو پهريون ڪتاب آهي. هو هينئر ٽيهن جي پيٽي ۾ آهي. هن فرينچ مزاحمتي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، روزنامہ "Combat" ايڊٽ ڪيائين ۽ سندس نالو فرينچ ادب جي نئين فلسفيانہ ۽ حقيقت پسند اسڪول جي مُهڙ ۾ جان پال سارتر سان گڏ کنيو ويندو آهي. البير ڪاميو 1942ع ۽ 1946ع جي وچ ۾ بہ ناٽڪ "Le Meletendu" "Caligula" ۽ هڪ مضمونن جو ڪتاب "Le Myth de Sisyphe" شايع ڪيا، پر سندس امتيازي خصوصيت، جيڪا سندس سيني لکڻين کي رنگ بخشي ٿي، اُها آهي سندس الجيريائي هئڻ.

الجيريائي هجڻ ڇا آهي؟ هو فرينچ بينڪي راڄ جو باشندو نہ، پر فرانس جو شهري اُتر آفريقا جو ڊوميسائيل رکندڙ آهي. هو يونوچ سمنڊ جي علائقي جو رهاڪو، هڪ Homme du Midi برابر آهي، توڙي جو وئليري (Vale'ry) جي اُبتڙ، جنهن جون پاڙون (Se'te) کان ’مونٽ پيليئر‘ (Montpellier) جي رستي کان جينوئا (Genoa)

تائين پکڙيون، پر روايتي يونوچ سمنڊ واري ڪلچر سان وابسته ناهي. هن لاءِ نه ارڙهين صدي آهي، نه سترهين ۽ ارڙهين صدين جو يورپي عمارت سازيءَ جو شاندار فن 'بروق'، نه جاڳرتا جو دؤر، نه صليبي جنگيون يا بربري ساموندي ڪناري (Barbary Coast) جا تيرهين ۽ چوڏهين صدين واران پَٽ ۽ چارڻ- ڪجهه به نه آهي. پر ونس رومي سلطنتون، تُرڪن ۽ حبشين جا زوال پذير خاندان، فرينچ فتح ۽ اسلامي کنڊهرن تي ٽين ريپبلڪ جا لاڳو ٽيل قانون ۽ تجارت آهن. "پئگن" (Pagan) ۽ ويران فلسطيني ڪلچر جو گل، اُهو 'ڏاريو' گرم ۽ گهميل آب و هوا ۽ لاطيني تهذيب جي افريقي ڪنڊ مان اُيري ٿو. انهيءَ سماجي ماحول سان هيمنگوي جي Key West (ويسٽ انڊيز جو هيناهين وارو بيٽ). يا فاڪنر ۽ ڪالڊ ويل جي ڏور ڏکڻ جي انهن گرم امريڪي شهرن جو ڳانڍاپو آهي، جتي 'غريب ڪارن' سان گڏ 'غريب گورا' ڏکيا ڏينهن گهارين ٿا. حقيقت ۾ "نيو- پئگنزم" (New- Paganism) ڪاميو جي تڪڙي ۽ ڪجهه قدر عام مروج بولي (Colloquial) جي اسٽائيل سان گڏ، ڪجهه نقادن ڪي انهيءَ ڳالهه تي غور ڪرايو آهي ته 'ڏاريو' رڳو امريڪي 'ڏکئي مڙس' (Tough guy) جي ڍنگ جو هڪ فرينچ تجربو آهي. پر اُن ۾ پيش ڪيل ماحول سچ پچ ساڳيو نه آهي. 'ڏاريو' بيمار ڪتاب بلڪل نه آهي. اها صحت ۽ عقل جي هڪ جبري ميجتا آهي. منجهس ديوَ، زنا، بدڪاري، بي قاعدي سزائون ناهن. منجهس مجموعي طور هڪ خوشحال سماج جو اولڙو آهي. سارتر ڪان سندس هڪ دوست هڪ تازي انٽرويو ۾ ڪاميو جي 'وجوديت پسند' (Existentialist) هئڻ جو پڇيو ته هن وراڻيو، "نه، اها نهايت ئي غلط سوچ آهي. جيتوڻيڪ هو ڪجهه قدر ڪيرڪگارڊ، جيسپرس ۽ هئڊيگر ڪان متاثر آهي. پر سندس حقيقت سونهان اٺويهين صديءَ جا فرينچ 'اخلاق پسند' (Moralists) آهن. هو ڪلاسيڪي يونوچي آهي. مان سندس نراجيت (Pessimisim) کي 'شمسي' چوندس، جو اوهان کي ياد هوندو ته ناول ۾ سج ڪيڏو نه تپيل آهي. ڪاميو جو فلسفو 'ائبسرڊ' (Absurd) جو فلسفو آهي، ۽

سندس پٽاندر، اهو ائبسرڊ، انسان جي دنيا سان ناتي مان، انساني خواهشن جي هٺ ۽ بيسودگيءَ لاءِ سندس جائز آرزوئن مان اُپري ٿو. انهيءَ مان جيڪي نتيجا هو ڪڍي ٿو. اُهي ڪلاسيڪي نراجيت جا آهن.“

اسان وٽ شاهديءَ لاءِ هڪ قيمتي حوالو آهي، جنهن مان اهو نظريو اُپري ٿو. 1936ع ۽ 1937ع ۾ ڪاميو ٻه ٽي مضمون لکيا هئا. جيڪي "Les Noçes" جي عنوان سان ٻيهر ڇپجي چڪا آهن. ڪوبه ليکڪ پنهنجي شروعاتي مضمون ۾، انهن موضوعن جي ذڪر کي ٽاري نٿو سگهي، جيڪي سندس پوءِ جي لکڻين کي ڇِٽو ڪن ٿا. انهن ورقن مان ٻه آلاپ اُپرن ٿا: هڪ الجيئر ۽ ڏکڻ فرانس جي گهري لهر لاءِ جوشيلي محبت، جيڪا نوجوان اُتي ماڻين ٿا، ۽ ٻيو غصو ۽ موت کان بي پرواهي، جنهن تي اسان جو اُتر وارو زور آهي. ’ڏاريو‘ کي سمجهڻ جون اهي ٻه ڪنجيون آهن.

Le bourreau e'trangla le Cardinal Carra:a avec un cordon de soie qui se rompit- il fallut y revenir deux fois. Le Cardinal regarda le bourreau sans daigner prononcer un mot.

STENDHAL, La Duchesse de Palliano

"Les Noces" جو شروع ۾ ڏنل اهو حوالو ٽي سگهي ٿو ته ناول جي مقصد طور ٻيهي.

ڪاميو پنهنجي مضمون "Summer in Algiers" ۾ اسان کي هڪ اهڙي قسم جي سماجي ماحول سان متعارف ڪرائي ٿو. جنهن کي اسان پوءِ جي ڪتاب ۾ ڏسنداسين.

”ماڻهو هتي پنهنجي سموري جواني دوران زندگيءَ گذارڻ جو هڪ اهڙو رستو ڏسن ٿا، جيڪو سندن خوبصورتيءَ سان برميچي ٿو. اُن کان پوءِ، زوال ۽ ويسارو آهي. اُنهن اهو سمورو بار جسم تي کنيو آهي ۽ کين خبر آهي ته کين هار کاڻي آهي. الجيئر ۾، جيڪي جوان ۽ جيئرا آهن، انهن لاءِ هو ڪا شيءِ- ڪاڙي، سج،

سمنڊ ۾ هيٺ لهي ويندڙ ٽيرسن جا ٻاڙها ۽ اچا چيڪ بورڊ، ڳل ۽ اسٽيڊيم، تازا ناسي جسم- سندن اجهو ۽ بازي کٽڻ جو هڪ موقعو آهن... پر جن جي جواني گذري ويئي آهي، انهن لاءِ سندن اُداسي گهٽائڻ لاءِ ڪو عبادتگاهه نه ٿو هجي.“

اڳتي هو انهن رانديگرن جي اخلاقيات جو مختصر احوال ڏي ٿو:

”مثال طور دوزخ جو خيال هتي هڪ بيوقوفاڻي لطيفي کان وڌيڪ ناهي. اهي تصوراتي ڳالهيون بيحد ڳٽوانن لاءِ آهن. ۽ مان مطمئن آهيان ته ’ڳڻ‘ جو لفظ سموري الجيريا ۾ مڪمل طور تي بي معنيٰ آهي. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته هتان جا ماڻهو ڪي بي اصولا آهن. ڪين پنهنجو اخلاقياتي دستور العمل آهي. اسين پنهنجي مائرن کي ’تنگ‘ نٿا ڪريون، اسين گهٽين ۾ پنهنجي زال جو احترام ڪندا آهيون. اسين حاملائن جو خيال ڪندا آهيون، اسين دشمنيءَ ۾ ڪنهن تي ٻه ڄڻا گڏجي حملو نه ڪندا آهيون، جو اها ڪريل حرڪت آهي. جيڪو به انهن بنيادي احڪامن جي پوئيواري نٿو ڪري، ’اهو ماڻهو ناهي‘ ۽ اها ڳالهه طئه آهي.

”اهڙا لفظ به آهن جن جي معنيٰ مون واضح طور نه سمجهي آهي

(هو جاري رکندي چوي ٿو)، مثال طور لفظ ’گناهه‘ آهي. پر اهو ڏسي مون کي ڪافي خبر آهي ته انهن ماڻهن زندگيءَ جي خلاف ڪڏهن به گناهه نه ڪيو آهي، جو جيڪڏهن زندگيءَ جي خلاف ڪو گناهه آهي، ته اهو شايد زندگيءَ جي مايوسين لاءِ ايترو گهٽو ناهي، جيترو ٻي زندگيءَ جي اميد رکڻ ۾، هن زندگيءَ جي بي رحم شان جي جهلڪ وڃائڻ لاءِ آهي. انهن ماڻهن سان دوکو نه ڪيو آهي. ويهين ورهين جي ڄمار دوران

پنهنجي زندگي خوشين سان گهاريندڙ اُهي اونهاري جا شهزادا، جيتوڻيڪ سيني اُميدن کان وانجهيل آهن، اجا تائين فرشتن وانگر آهن. مون اهڙن بن ڇٽن کي دهشت وچان پر خاموشيءَ سان مرندي ڏٺو. اهو ائين بهتر آهي. اهو الجيرائي ڪتن جي دور جو سخت سبق هو.“

’ڏاريو‘ لاءِ ايترو مواد ڪافي آهي. جڏهن اسين انهيءَ جي فلسفي جو اڀياس ڪريون ٿا ته انهيءَ جو اجلو اسلوب ڪنهن مونجهاري کي لڪائي ٿو. هڪ نقاد پٽاندر، جيڪو ’ڏاريو‘ خود حس جي سيني بورجوا وسيلن جي سُڪي وڃڻ ۽ انساني جاڳرتا جي مڪمل زوال جي نمائندگي ڪري ٿو، اُهو ’غريب گورو‘ آهي. هڪ ٻئي نقاد مؤرائيس بلانڪوٽ (Maurice Blanchot) پٽاندر، آخري صفحن ۾ جڏهن هو پنهنجي ڪردار کان ٻاهر نڪري ٿو ته هو بيحد چٽو ٿي پوي ٿو ۽ اهڙي طرح ڪتاب جي وحدت کي وڃائي ٿو ڇڏي. مان ٻنهي سان سهمت ناهيان. ميرسو ’نيوپئگن‘ جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪو يُونوچي ماڻهوءَ جو وارث آهي، جيئن هو ڪنهن زماني ۾ ’ڪورنٿ‘ يا ’ڪارٿيج‘ يا ’اسڪندريه‘ يا ’تارشيش‘ ۾ هو ۽ جيئن اڄ ڪلهه ’ڪيسابلانڪا‘ يا ’ڏکڻ ڪيليفورنيا‘ ۾ آهي. هو زندگيءَ سان گهري محبت ۾ مبتلا، نفساني ۽ نيڪ نيت آهي، جنهن جون وهنجڻ کان وٺي اوباسي ڏيڻ جون ننڍيون عياشيون کيس مڪمل ۽ خاموش خوشيون مهيا ڪن ٿيون. هو زمان حال استمراريءَ ۾ بيچئنيءَ کان سواءِ زندگي گذاري ٿو ۽ کيس سوچڻ يا پنهنجي اظهار جي ضرورت ناهي، جو فطرت سان سندس ناهه ۾ اُتر يورپ (Nordic) جي سوالي شق ناهي. پنهنجي خوشي خاطر سست خواهش جي ڪري، هو جن مصيبتن ۾ ڦاسي ٿو ۽ پنهنجي سرڪش سچاين جي ڪري هوريان هوريان محسوس ٿيل پر سندس وجود جي اڻ چيل فلسفي کي گلئي عام اُپرڻ لاءِ، ۽ آخرڪار پنهنجو پاڻ کي لفظن جي اظهار لاءِ زور پري ٿو. اهو آخري ڦاٿ سمجهڻ لاءِ، اسان کي ڪاميو جي موت ڏانهن رويئي جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. جميلا (Djemila) جي رومي کنڊرن تي

لکيل پنهنجي مضمون ۾ هو اهو چٽو ڪري ٿو تہ هو 'پئگن' پڇاڙيءَ جي همٿ کي ڪيترو ساراهي ٿو، جيئن هو 'پئگن' جي زندگيءَ لاءِ خواهش ۾ حصو وٺي ٿو. "منهنجي لاءِ دائميت ڪهڙي معنيٰ رکي ٿي؟ گلن ۽ عورت جي هٿن جي ڇهاءُ کي وڃائڻ هڪ سڀ کان وڏي جدائي آهي. " آتم هتيا تي لکيل پنهنجي ڊگهي مضمون "The Myth of Sisyphus" ۾، هو پنهنجي ائبسرڊ جي تصور کي متعارف ڪري ٿو. "هر ڳالهہ جيڪا زندگيءَ کي اوج تي رسائي ٿي، اُها ان جي ائبسرڊٽي ۾ واڌارو ڪري ٿي،" هو اهو Summer in Algiers ۾ چوي ٿو ۽ "Myth" ۾ انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ "موت جي سزا هيٺ ماڻهو آتم هتيا کان وڌيڪ آزاد آهي- اُن ماڻهوءَ کان جيڪو پنهنجي زندگي پاڻ وٺي ٿو." آتم هتيا ڪنڌڙ ڪانئر آهي. هو اهو ماڻهو آهي، جيڪو قسمت سان ويڙهاند ڪرڻ ڇڏي ڏي ٿو؛ پر 'سزاوار شخص' کي سماج کان مٿي اُبرڻ جو موقعو مليل آهي، جنهن کيس سزا ڏني آهي ۽ پنهنجي همٿ ۽ دانشورانہ آزاديءَ سان ان کي رد ڪرڻ جو موقعو حاصل آهي. پنهنجي الوداعن ۽ مزاحمتن سان، آتم هتيائن جي اناپرستي بعض ڪِل جهڙي هوندي آهي. ڦاهيءَ جي تختي تي بهادر شخص جو شان ڪڏهن نٿو رهي. سندس لفظن ۾ "آتم هتيا جو پورو پورو مخالف اهو ماڻهو آهي. جيڪو موت جو سزاوار آهي... سزاوار ماڻهوءَ جي خدا جهڙي Disponibility، جنهن جي اڳيان هڪ ڏينهن صبوح ٿيڻ کان اڳ جيل جا دروازا کلي پون ٿا، سندس اندر ۾ زندگيءَ جي نج شعلي کان سواءِ، سيني سان لاڳو ٿيندڙ نہ وسهڻ جوڳي عدم دلچسپي، هتي مون کي پڪ آهي تہ 'موت' ۽ 'ائبسرڊٽي' اهي اصول آهن، جيڪي رڳو عاقلاڻي نجات کي پيدا ڪن ٿا- اُها جيڪا هڪ انسان جسم ۽ روح سان اُتپوَ ڪري سگهي ٿو."

اهو سڀ چئي، مان پڙهندڙ تي ڇڏيندس تہ هو پنهنجو فيصلو پاڻ ڪري. 'بورجوا مشينري پنهنجي زوال پذير عيسائي اخلاقيات سميت ۽ ڪامورا شاهي واري پاڻ کي سچو سمجهڻ واري سوچ، جيڪا 'ڌارئي' کي رڳو انهيءَ ڪري سزاوار ٺهرائي ٿي جو هو غير آهي، انصاف جي يورپي قانون بنديءَ جي اهڙي

حرڪت آهي جيڪا غير يورپي ماڻهن سان لاڳو ڪئي ويئي آهي. بيشڪ مقامي ماڻهوءَ جي قاتل گوري جوابدار جو مقدمي مان ڇٽي وڃڻ جو ڪارڻ ڏکڻ ۽ ڪي سؤ ميل اڳتي جو رهاڪو هجڻ ۽ 'سج جو ڇهاءُ' ڏنو ويو آهي، پر مرٽينگ فرينچ ڪورٽ جي سختيءَ جو ڪردار ڪوڙو ڏيکاءُ دار پيڪو آهي ته الجيئر فرانس آهي. ٻئي طرف ڪاميو جي نازڪ دليءَ جي اها ناڪامي آهي ته ڪهاڻيءَ جي ٻئي پيڙا پوڳيندڙ ڪردار، هڪ شيدياڻي ڇوڪريءَ کي وساريو ويو آهي، جنهن کي سندس عاشق ماري ٿو ۽ سندس ياءُ، پنهنجي پيڻ کي بچائيندي مارجي وڃي ٿو. هوءَ پڻ اوتروئي زندگيءَ سان محبت ڪندڙ خصوصي هجي ها، جيترو سندس مقتول ياءُ، پر اُهي بينڪي نظام لاءِ ڏاريا هئا. مان سمجهان ٿو ته پراڻي جي پيٽ ۾ "نئون پئگن ازم"، عورتن تي مهربان ناهي.

انهيءَ جي باوجود ڪجهه ٿيٽو ضرور آهي ۽ ماڻهن لاءِ خوشي، خيرات ۽ انصاف جو نئون متو آٽٽو پوندو. 'ڏاريو' رڳو هڪ مرحلو آهي. هو ناڪاري تباهه ڪُن قوت آهي، جيڪو بورجوا اخلاقيات جي ڪوڙ کي پڌرو ڪري ٿو. زندگيءَ سان محبت ڪرڻ ڪافي ناهي، اسان کي گهرجي ته هر ڪنهن کي ساڻس پيار ڪرڻ سيکاريون، اسان قدر ڪريون ته خوشي سُچيتائي آهي ۽ سُچيتائي هڪ آهي- سندس سمورا مظهر مقدس آهن ۽ سيني ملڪن جي ناول نگارن ۽ شاعرن جي انهن نوَن اسڪولن ڪان اسان هڪ ڏينهن اهو سکي وٺنداسين.

سِرِل ڪونولي (Cyril Connolly)

## 'ڏاريو' جي امريڪن يونيورسٽي ايڊيشن جو مهاڳ

[البيرڪاميو پنهنجي ناول L'Estranger (1955) جو مهاڳ Avant Propos جي عنوان سان لکيو هو، جيڪو هن Bre'e and Carlos Lynes, Jr جي ايڊٽ ڪيل ۽ Appleton-Century-Crofts, Division of Meredith Publishing Company

جي پبلش ڪيل ايڊيشن لاءِ خاص طور تي لکيو هو.]

گهڻو وقت اڳ ۾ مون 'ڏاريو' جي پڇاڙي هن جملي سان پوري ڪئي هئي، جيڪا مان ميجان تو تہ تڪراري هئي: ”اسان جي سماج ۾ ڪوبہ ماڻهو جيڪو پنهنجي ماءُ جي ڪفن دفن مهل نٿو روئي، هو موت جي سزا جي فيصلي جو جوکم کڻي ٿو.“ منهنجي مراد اها هئي تہ ناول جو هيرو سزاوار ٺئي ٿو، ڇو جو هو قانون جي پيچڪڙي ڪري ٿو. انهيءَ لحاظ کان هو انهيءَ سماج ۾ ڌاريو آهي، جنهن ۾ هو رهي ٿو. هو سمنڊ ڪناري، خانگي طور، اڪيلي نفساني زندگيءَ جي پسگردائيءَ ۾ آوارگردي ڪري ٿو ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو پڙهندڙ ڪيس سماجي پيچ ڊاهہ جي هڪ حصي طور ڏسڻ لاءِ هِرکيا آهن. انهيءَ ڪردار جو وڌيڪ ٺُز خيال، يا گهڻ ۾ گهڻ ناول نگار جي خيال جي گهڻو ويجهو تڏهن اُڀرندو، جيڪڏهن اهو پڇبو تہ ميرسو عقيدي کان ڪيئن انڪاري آهي. جواب سولو آهي: هو ڪوڙ ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ٿو. ڪوڙ ڳالهائڻ معنيٰ اها ڳالهہ چوڻ جنهن جو وجود نہ هجي. سيني کان مٿي، انهيءَ جي اها پڻ معنيٰ آهي تہ حقيقي ڳالهہ کي وڌائي چئجي، ۽ جيتري قدر انساني دل جو تعلق آهي. اُها اسان جي محسوس ڪرڻ کان مٿي هجي.

”ڏاريو“ ڪامپوءِ هن جو ٻيو نهايت اهم ناول ”The Fall“، ”زوال“ جي نالي سان قاضي خادم ترجمو ڪيو هو. هن ناول ۾ وجوديت جي حوالي سان اهڙي تہ ڪهاڻي مونولاگ ۾ بيان ڪيل آهي، جنهن جو مثال ڳولڻ مشڪل آهي. هو ٻنهي ناولن ۾ ڊرامي جي ڪري موجودي لکندڙن ۾ وڏو مرتبو رکي ٿو.

زندگيءَ کي سولو ڪرڻ لاءِ، اسان روزمرهہ ائين ڪندا آهيون، ميرسو، ظاهري ڳالهہ جي ابتڙ، زندگيءَ کي سولو ڪرڻ نٿو چاهي. هو اُهوئي چوي ٿو، جيڪي هو آهي. هو پنهنجي احساسن ۾ وڌاءُ نٿو ڪري، ۽ تنهن ڪري سماج هڪدم پنهنجو پاڻ کي دٻاءُ هيٺ محسوس ڪري ٿو. مثال طور کيس چيو وڃي ٿو

تہ هو پنهنجي ڏوھہ تي مجيل ڊنگ سان، پڇتاءُ ظاهر ڪري. تنهن تي هو وراڻي ٿو تہ ڪنهن مجبوريءَ جي صورت ۾، هو جيڪي محسوس ڪري ٿو، اُهو سچو پچو پڇتاءُ ناهي. ۽ اهوئي معنيٰ جو باريڪ فرق، ڪيس سزاوار پڌرو ڪري ٿو.

منهنجي سوچ پٽاندر، ميرسو انهيءَ ڪري سماجي پيچ ڊاھہ جو حصو نہ آهي، پر هو هڪ اهڙو شخص آهي، جيڪو 'سچ' جي محبت ۾ اگهاڙو ۽ ڪنگال آهي ۽ سچ متانئس ڪابہ ڇانوءَ نٿو ڇڏي. سيني احساسن ڪان خالي هجڻ ڪان گهٽو اڀتي، ڪيس هڪ خواهش مان اُتساھہ ملي ٿو، جيڪا گهَري آهي- ڇاڪاڻ تہ اُها مَڃڌ آهي، ۽ اُها خواهش آهي: ڪامل لاءِ ۽ سچ لاءِ. اهو سچ تہ اسين ڇا آهيون، ۽ اسين ڇا محسوس ڪريون ٿا- اهو سچ اڃا ناڪاري آهي. پر انهيءَ ڪان سواءِ اسان جي يا دنيا جي سوپ ڪڏهن بہ ممڪن نہ ٿيندي.

تنهن ڪري، 'ڌاريو' کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي طور پڙهڻ ۾ گهٽي غلطي نہ ٿيندي، جيڪو ڪنهن سورهيائيءَ ڪان سواءِ، سچ لاءِ مرڻ قبولي ٿو. مان اڃا بہ تڪراري طرح سان چوندو آهيان تہ مون پنهنجي هن ڪردار ۾ رڳو يسوع کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جا اسان حقدار آهيون. منهنجي انهيءَ وضاحت ڪان پوءِ، مون کي اميد آهي تہ اهو ڄاتو ويندو تہ مون اهو ڪفر بڪڻ جي نيت سان نہ چيو آهي. مون اهو رڳو کي قدر مضبوط محبت جي جذبي سان چيو آهي، جيڪو هڪ فنڪار کي سندس تخليق ڪيل ڪردارن لاءِ محسوس ڪرڻ جو حق آهي. •••

# سال بيلو، انساني عظمت جو علمبردار*



سال 1924ع جي بهار ۾ هڪ وٽندڙ صبوح جو هڪ نَوَن سالن جو ڪمزور ڇوڪرو شڪاگو ۾ آيو هو. سندس اکين ۾ اُداسي ۽ معصوميت جا پاڇولا هئا ۽ هيڏي وسيع شهر کي سڀاجهائي ۽ تعظيم سان ڏٺل اکين سان ڏٺائين ٿي.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي وچ اولهه ۾ پهچڻ کان اڳ، هو ماٽيريل (ڪئنادا) جي غريب نواحي بستي ۾ رهندو هو، جتي هو روسي مائٽن جي گهر پيدا ٿيو، جيڪي سينٽ پيٽرسبرگ ملن لڏي آيا هئا.

۽ هاڻي آڪٽوبر 1976ع جي هڪ بي وٽندڙ صبوح جو ساڳيو ڇوڪرو، جيڪو هاڻي 61 ورهين جي ڄمار جو شخص آهي، پنهنجي وڏين ڇپرن وارين غمگين اکين سان هڪ دفعو وري شڪاگو ۾ ڏسڻ ۾ آيو آهي. هي اُهوئي عظيم شهر آهي جتي کيس نوازيو ويو آهي، جنهن کيس لکڻ لاءِ وسيع مواد ڏنو ۽ هاڻي پنهنجي اوچي قد سان بلند ٿي ويو آهي کيس زندگيءَ مان هر طرح مطمئن ٿيڻ جو هرڪو سبب آهي جو کيس هاڻي 1976 ۾ ادب جو نوبيل انعام ڏنو ويو آهي.

سال بيلو فنڪار، ناول نگار ۽ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي. پاڻ هڪ دفعي شڪايتاً چيو هئائين تہ علم الانسان

---

*SAUL BELLOW (1915-2005): Canadian-born American Writer.

(Anthropology) تي ڪم ڪندي هن جڏهن ٿيسز تي ڪم ڪيو، ته اُها تحقيقي ڪم جي بجاءِ ڪهاڻي تي پيئي ۽ پهرئين ئي دفعي وڏو انعام کٽيائين جڏهن ته محقق ۽ نقاد منجهانئس اُميد وجائي چڪا هئا. انهيءَ جو ڪارڻ اهو نه هو ته هو انهيءَ انعام جي اهل نه هو، پر ڪيس انعام گهٽو اگ ۾ ڏنو وڃي ها. Herzog جي 1964ع ۾ Prix international de literature ۾ شايع ٿيڻ کان پوءِ ڪيس اهو انعام نيشنل بوڪ ايوارڊ پاران ڏنو ويو هو.

Herzog جي ڪري ڪيس گهڻن ئي ملڪن ۾ مشهوري ملي، جن ۾ اُهي اُپڪنڊ به اچي وڃن ٿا، جتي پڙهندڙ پهريون ڀيرو نئين دنيا جي هڪ نئينءَ زوردار ليکڪ کان واقف ٿيا، جنهن جو آواز بين سهيوڳي ناول نگارن کان مختلف هو. راڪاس جيڏي شهر جي پيداوار، جيڪو ’تجارتي به آهي ۽ ظالم به‘ هئڻ جي باوجود پاڻ ڪيس نٿو ڪوئي، جيئن Dos Passos, Opperessive يا Theodone Dreiser ڪوئيو James T.Farrel اٿس. هن فقط انهيءَ جو باهريون عنصر ڏٺو هو، جيڪو انسان جي مقدر تي اثر انداز ٿيو هو، پر اصل منزل جي صورت تشڪيل نه ڪئي هئي. انهيءَ ڪري شهر خراب نه هو. دراصل اهو انسان جي وس ۾ هو، بشرطيڪ ڪيس پنهنجي اندروني حاصل ڪيل قوت جو شعور هجي ها.

جڏهن سندس اوائلي لکڻيون دنيا جي انهيءَ حصي ۾ پهتيون- ناول جهڙوڪ (1959) Henderson the Rain King ۽ Seize the Day (1956) ڪي هن جون شاهڪار ڪهاڻيون جهڙوڪ Gonzaga Manuscripts and Looking for Mr. Green ۽ ناٽڪ جهڙوڪ Wrecker ۽ The Last Analysis، ته ماڻهن محسوس ڪيو ته وليم فاڪنر، هيمنگوي ۽ جان اسٽين بيڪ جو حقيقي جانشين اچي ويو. جيتوڻيڪ سندس لکڻين مان آتم ڪٿا جو تاثر ملي ٿو، پر ڪافي لکڻيون سمر سيٽ ماهم، هيمنگوي يا ڪنهن حد تائين جئڪ لنڊن جهڙيون آهن، تڏهن به سندس ٽيڪنڪ ۽ لفظي مصوري

(Verbal impasto) ۽ ذاتي تجربن جو اصلوڪو (Indigenious) استعمال ڪيس منفرد ناول نگار جي حيثيت سان بيهاري ٿو.

اِهي اُهي ڪهاڻيون هيون جن ڪن اوائلي امريڪي ناول نگارن جي علاقائيت پسندي جي اُبتڙ قومي سرحدون متعين ڪيون آهن ۽ يونيورسل مسئلن کي ڪٽي آيو ۽ عزتِ نفس واري (Egoistic) جديد سماج ۾ انساني روح جي بيگانگي بابت لکيائين ۽ انساني عظمت جا انهيءَ ٻوليءَ ۾ سُر آلاپيائين، جنهن کي جتي بہ انگريزي ٻولي سمجهي، ڳالهائي ۽ پڙهي ويندي هئي، اُتي جي پڙهندڙن پسند ڪيو.

پنهنجي گهٽن ئي سهيوڳين جي ابتڙ، بيلو پنهنجي لکڻين ۾ ماضي کان منهن موڙيو هو. هن انهيءَ عام اعتماد کي رد ڪيو تہ انسان زندگي جي ظالم هٿن ۾ هڪ بي پهچ ۽ بيوس جيتامڙو هو ۽ هن منجهيل مشيني دور جو نشانو بڻيل هو، جنهن جي اندر ۾ اختلافي قسم جون سماجي، اخلاقي ۽ اقتصادياتي بوج پوڻ ڪري تلخيون هيون. هن جي Protagonists (حامين) ڪيس انهن ڊيڃاريندڙ حقيقتن کي همٿ ۽ جرئت سان اختلافِ راءِ رکڻ جو طريقو ڏنو. اهڙي طرح سندس ڪردار ڪڏهن سڌي طرح، گهٽو اڻ سڌي طرح، بي ربطيءَ مان سليقہ مندي ۽ مايوسي مان اُميد پيدا ڪرڻ جي اهليت جو ٻڌايائون.

بيلو جي فلاسافي سندس هن ريمارڪ مان پڌري ٿئي ٿي، جنهن مطابق هن جديد ترين ليڪن انسانيت کي ڪيرائڻ واري رويي کي ننديو اٿس: هو چوي ٿو:

مان انهي ڳالهہ ۾ يقين نٿو رکان تہ انساني احساس ۽ ڪم ڪرڻ جي اهليت سچ پچ ختم ٿي ويئي آهي يا انسانيت جي جنس پيدا ٿيڻ بند ٿي ويئي آهي. منهنجي خيال مطابق عام ماڻهو نندیا ٿي ويا آهن چو جو سماج وڏي وڏو ٿي ويو آهي ۽ سڀ کان وڏا اُهي خوف آهن جن اسان کي چوڏاري وڪوڙي ڇڏيو آهي، جن اسان کي اهڙي طرح رکيو آهي جو اسان کي پنهنجي اصلي قدبُت

جي خبر نہ آهي ۽ نڪي اسان کي اسان جي ڪارنامن جي اهميت جو پتو آهي.

35 ”’انساني ڪارنامن جي اهميت‘ کي وزنائتو ڪرڻ لاءِ بيلو ورهين کان پيار جي پيغام جو پرچار ڪري رهيو آهي ”سڀ فنا تي وينداسين، تنهنڪري خوشي ۽ عظمت سان رهو ۽ سلوڪ سان رهو.“ اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪردار پيارا ماڻهو آهن ۽ اُهي وڏيڪ وڏا ۽ وڌيڪ چڱا آهن، انهن کان جيڪي اسان سماج ۾ انهن جا زوردار خوف اسان کي يقين ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا.

”سندس گهڻن Protagonists (حامين) ۾ ڪجهہ ساڳيو آهي. انهيءَ سان گڏ اُهي پنهنجي ليکڪ سان گهڻي هڪجهڙائي رکن ٿا ۽ ڪن نمونن سان سندس زندگيءَ ۾ واقعا پيدا ڪن ٿا، اُهي سڀ تيز ترقي پذير سماج جا جديد ماڻهو نشانو بڻيل آهن، جڻ سندس پهرئين ناول Dangling Man (1944) جي هيرو جوزف جي بقول، انهن مان هر هڪ تي سيني قسمن جون غلطيون مڙهيون ويون هجن.“

انهن مان سيني کي سڌ آهي تہ هو هاريل جنگ وڙهي رهيا آهن ۽ تنهن هوندي بہ اُهي پنهنجو پاڻ کي بي جان مشينون سمجهڻ لاءِ تيار ناهن چاڪاڻ تہ اهڙو رويو يا هلت، سندس سچي پچي سڃاڻپ سندن عظمت ۽ عزت ۽ انهن جي سوچ جو حق ۽ آزاد انسان تي گذارڻ ۾ بہ دخل ڏيندو.

جيئن ظاهر آهي تہ بيلو پنهنجا گهڻا خاص ڪردار اهڃاڻن جي طور تي پيش ڪري ٿو ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪِن جهڙوڪ Angic March ۽ Sambler کان سواءِ اسٽيريو ٽائيپ آهن. ڪن نقادن جي خيال موجب بيلو ڄاڻي ٻُجهي پنهنجا ڪردار اسٽيريو ٽائيپ ڪري ٿو. Dutton مطابق ”اُهي سختي سان روئن ٿا، زور سان ٽهڪ ڏين ٿا، گهڻو ڪري رڙيون ڪري ڳالهائين ٿا، گهڻو ايذائين ٿا، جلدي ناراض ٿين ٿا ۽ عام ماڻهن کان وڌيڪ لڳاءُ رکن ٿا.“ جيڪا عجيب اُها ڳالهہ آهي تہ باوجود انهيءَ ڪمزوريءَ جي، اهي ڪردار جوش (Vitality) سان پرپور آهن ۽ اُهي عجب جهڙا ٿيڻ کان

انڪاري آهن. خارجي ناڪامين جي باوجود اُهي پنهنجي حق ۾ عزتدار انسانن وانگي رهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

تڏهن به ٻي ڪمزوري، جيڪا سندس اوائلي لکڻين ۾ آهي، اُها آهي غيرواقف ڪينواس تي طبع آزمائي. مثال طور، باوجود انهيءَ جي ته سويڊش اڪيڊمي وارن Henderson the Rain King (ironic comedy) کي ليکڪ جو سڀ کان Imaginative Expidition لکيو آهي، منجهانئس تاثر اهڙو ملي ٿو جڻ ليکڪ آفريڪي هيرو Eugene جي مهم جوئي بابت پري کان پيو ڳالهائي. اهوئي سبب آهي جو سندس تخليق ڪيل آفريڪا (ناول جو ڪينواس) غير حقيقي دلچسپ ٿو لڳي پر ٻين امريڪي ليکڪن جهڙوڪ هيمنگوي حقيقي رنگ ڀريو آهي.

سندس پهرين مختصر ڪهاڻي ڪان پوءِ Two morning Monologues، 1941 ۾ ڇپي هئي. بيلو هن وقت تائين ڪي شاهڪار ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ ست ناول لکيا آهن انهن ۾ پهريون The Dangling Man 1944 ۾ پڌرو ٿيو ۽ سندس آخري ۽ سڀ کان سٺو Humboldt's Gift گذريل سال ڇپيو، جنهن تي کيس فڪشن جو پليٽزر انعام (Pulitzer Prize in fiction) مليو. انهيءَ ناول ۾ بيلو امريڪي ليکڪن جي Trail and Tribulationsسان نباهيو آهي، جنهن مان هڪ دفعو وري آتم ڪٿا وارو رنگ اُڀري ٿو.

جيڪي مٿس انهي نقطء نظر کان آڱريون کڻن ٿا، اُهي به انهن ڳالهه کان انڪاري نٿا ٿي سگهن ته سندس سڀ ڪتاب پڙهڻ لائق آهن. جيئن ئي ماڻهو اهي پڙهي ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته انهن ۾ هو انسان جو اجيت جذبو ۽ سندس محڪم ارادو سونهري ۽ ڏماچوڪڙي واري دنيا ۾ هڪ باوقار زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ڇا اهو سندس حق ناهي؟

•••

# وُول سوينڪا. نائيجريا جو اديب*



وُول سوينڪا کي سندس غير معمولي نثر جي ڪري، جيڪا افريقا جي انگريزيءَ جي ترجمي کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ وُول سوينڪا اکيون پٽيون آهن، سال 1986ع ۾ نوبيل انعام سان نوازيو ويو.

52 سالہ ڄمار واري نائجيريائي ليکڪ اها خبر جينيوا ۾ ٻُڌي، جتي هو ڪجهہ وقت لاءِ ترسيل هو. ڪينس اها خبر نہ هئي تہ هن رڳو پنهنجي نسل لاءِ نہ پر پنهنجي ملڪ جي نہ، پر پنهنجي ڪنڊ جي پڻ تاريخ ٺاهي آهي. هو پهريون افريقي ۽ پهريون حبشي ليکڪ آهي، جنهن کي انهيءَ انعام سان نوازيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن غير گوري کي ورلي ڏنو ويو هو.

رابندرناٿ ٺئگور پهريون ڏکڻ ايشيائي هو، جنهن کي انهيءَ انعام سان نوازيو ويو هو، جڏهن تہ ڪنهن عرب ليکڪ کي تہ هن وقت تائين مليو ئي ناهي. جپاني رڳو هڪ آهي، جيڪو هن

---

* Wole Soyinka (Born : 1934) : Nigerian Author, Poet And Playwright. Won Nobel Prize in Literature.

وقت تائين اهو انعام حاصل ڪري سگهيو آهي. چين تہ انهيءَ جي پرسان بہ نہ گذريو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تمام تورا افريقي ليکڪ- مثال طور پيٽر ابراهاما مس، ليو پولڊ سينگهور، چينوُئا اچيبي ۽ نيدائين گورڊيمر- گهڻن ئي ورهين کان انهيءَ جا اميدوار رهندا پيا اچن. فيض احمد فيض کي انهيءَ انعام لاءِ نامزد ڪيو ويوهو ۽ سويڊش اڪيڊميءَ جي 18 ميمبرن جيءَ حمايت سان ڪيس انعام ملڻ جو ڪجهہ اسرو بہ هو. وڪٽر ڪيرنن کي تہ انعام جي اعزاز جي ڪافي اميد هئي، جيڪا نوبيل پرائيز ڪميٽي پنهنجي طور تي ڪري سگهي ٿي، پر فيصلا ڪرڻ جو تمام پُراسرار طريقو آهي.

گذريل نومبر ۾ اوسلو ۾ هڪ معزز نارويائي اڪيڊميءَ جي ميمبر مون کي ٻڌايو تہ نيدائين گورڊيمر ۽ نائيجريائي ليکڪ وُول سوينڪا جو مقابلو آهي. ڪين ڪافي ورهين کان سوچيو پئي ويو پر اهو اشارو ايڏو سڌو ۽ سچو نٿي لڳو.

نيدائين انسان پسندي (Humanism) جي زبردست حامي رهي آهي. هوءَ 'Parallel Cultural Development' جي فلسفي جي مڃيندڙ ناهي، جيڪو سندس ملڪ جي نسلي حڪومت پيش ڪندي آهي. سندس کي تورا اتساهي حمايتي خود نوبيل ڪميٽي ۾ آهن، پر 52 سالہ ڏکڻ اولهہ نائيجيريائي وُول سوينڪا، جيڪو پنهنجي آتم ڪهاڻي 'The Man Died' (1972) جي ڪري مشهور آهي، کي آخرڪار انعام ڏنو ويو.

هن سال جو سندس اعزاز امتيازي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ سويڊش اڪيڊمي پنهنجي 200 سالہ ورسي ملهائي رهي آهي.

وُول سوينڪا ناٽڪ ڪار، شاعر، مقالہ نگار ۽ اورچ Polemist آهي. هو لنڊن، نيويارڪ ۽ افريقي ميٽروپوليٽن ۾ ٿيئٽر ڏسندڙن ۾ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي.

"A Dance of the Forests (1960)" نائجيريائي آزاديءَ جي رسمن وارو سيني جهڙو حبشي آهي ۽ Kongi's Harvest (1965) ڊڪٽيٽرن تي هڪ تلخ حملو آهي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ متس بورجيس جو گهڻو اثر آهي- بورجيس، جيڪو اولهہ جي بي روح ماديت جو بي ترس نقاد آهي. هن جي خيال پٽاندر افريقا جون مصيبتون گهڻو ڪري بينڪي پاليسين جا ڪاريندڙ اثر آهن. هڪ پاسي هو فرانز فينن جو حمايتي آهي تہ بينڪي سرشتو خود مقامي ڪلچر جو خاتمو نتو آڻي. "تاريخي مشاهدو پڌرو ڪري ٿو، اُن جي اُبتڙ، تہ اڳ ۾ موجود ڪلچر جي مڪمل غائب ٿي وڃڻ ڪان حاصل ڪيل مقصد هڪ مسلسل پيڙا آهي. اهو ڪلچر، جيڪو ڪنهن وقت زندهہ ۽ مستقبل لاءِ ڪليل هوندو آهي، بند ٿي وڃي ٿو، بينڪي سطح تي قابو ٿي وڃي ٿو، ظالم جي قنڌي ۾ ڦاسي وڃي ٿو. اهو پنهنجي ميمبرن جي خلاف شاهدي ڏي ٿو."

اها ڳالهہ اسان کي ويساهہ ڏياري ٿي تہ بينڪي راڄ جي دور ڪان پوءِ، يعني تصور ۾ آندل آزاديءَ جو دور بي پرواهہ (غافل) ردِ عمل جي خطري سان پريل آهي يا فقط بينڪي ماڊل جي سرگرم نقالي آهي.

اهو سنئون سڌو خاليپڻو آهي، جنهن سان انساني روح کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ ترقي لاءِ اڳيرو وڌڻ ۾ پاڳن کي ختم ڪرڻ جو اڪيلو زنده رستو آهي. اها سوينڪا جي حالت آهي ۽ اهو اُهو هنڌ آهي، جتي هو جارج لئوئيس بورجيز (George Luis Borges) جي مقابلي ۾، جيڪو 1986ع جي 14 جون تي جينيوا ۾ 86 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو، اسان سان لاڳاپجي ٿو. •••

# ڊاڪٽر طٰه حسين*

## مصري جديد ادب جو ابو



ادب قومن جي ذهني زندگيءَ جو هڪ حساس ماپو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو زندگيءَ جو منظر نموني ترجمان آهي ۽ انساني ضمير جي جاڳوڙ جي تاريخ پيش ڪري، قومن جي اندروني تخليقي قوتن کي جاڳائڻ لاءِ آرسيءَ جو ڪم ڏئي ٿو.

گذريل قريبي صدين دوران، اوير جي مسلم ملڪن ۾، ادب خودمختيار تنظيم جي حيثيت سان اُڀري نہ سگهيو، ڇو جو ادب کي فقط مذهب ۽ علمِ معرفت جي خدمت لاءِ ڪم آڻي محدود ڪيو ويو.

ڊاڪٽر طٰهٰ حسين نہ رڳو ادب جي آزاديءَ جو پروانو هو، پر ادب کي علمِ معرفت کان نجات ڏيارڻ ۾ اڳواٽي ڪيائين ۽ ادبي ڇاڻ ۽ پرک کي نئين سر تشڪيل ڏيئي بي نظر ماڻهن ۾ تنقيدي نگاهہ پيدا ڪري ادب جي مٿانهين حيثيت مڃارايائين، جنهن ڪري ادب جي آزاديءَ جي مخالفن (جن ادب کي مذهب جو تابعدار بنائي ڇڏيو هو) سان ادبي قومي جنگ جوٽڻي پيس. انهيءَ جدوجهد ۾ هڪ طرف مصر جي، رجعت پسند مُلن، قاضين ۽ فتويٰ ڏيندڙ مولوين کان جند ڇڏائڻي ۽ ٻئي طرف قوم جي ذهن ۾ ترقي

---

*DR. TAHA HUSYN (1889-1973): Egyptian Man of Letters and Humainist.

پسند سوچ سرجي. هي اٿموٽ سپاهي، جيڪو پراڻن، دقيانوسي ۽ رجعت پسندانہ ادبي اصولن ۾ طريقن خلاف احتجاج ڪندي سموري عمر جنگ جوٽيندو رهيو، 28 آڪٽوبر 1973ع تي 84 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو، جنهن سان عربي زبان جي ادبي انقلاب جي هڪ صدي جو دؤر پورو ٿي ويو. هو موجوده دؤر جي عربي زبان جو سڀ کان وڏي جادوُ بيان مقرر ۽ خطيب هو ۽ موجوده دؤر ۾ زبان جي حفاظت، بلاغت ۽ معجزن جو زندهہ ۽ علمي ثبوت پيش ڪندڙ هو. هو جيترو تحرير ۾ عربي زبان جو اعليٰ انشا پرداز هو، اوترو تقرير ۾ زبردست خطيب ۽ مقرر هو. نابينا هئڻ جي باوجود سندس لکٽيون سندس عمر جي آخر تائين عربي زبان جي بلند پايہ رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿينديون رهيون.

ڊاڪٽر طٰهٰ جي ادبي نظرين سان اختلافن جي باوجود سندس تيز فهمي، اعليٰ تخليقي قوت ۽ غير معمولي مهارت ۽ علميت جو پندار هئڻ کان ڪير بہ انڪار نٿو ڪري سگهي. هڪ ئي وقت هڪ مهان سُڌارڪ، مفڪر، جدت پسند، تعليمي ماهر، ترقي پسند، عالم، نقاد، مورخ، ڪهاڻيڪار، ناول نويس، مقالہ نويس، اديب، خطيب ۽ مقرر هو. هتي، سندس انهن حيثيتن سان مڪمل تصوير پيش نٿي ڪري سگهجي پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ هو جاڳرتا جي مورتي ۽ سرگرم انقلابي هو. سندس شهرت دانشورانہ قوتن ۽ انهن جي فتحيابي ڪري ٿي هئي ۽ اهوئي سبب آهي جو مصر ۾ ادبي جاڳرتا ۾ تيزي ايندي ويئي.

ڊاڪٽر طٰهٰ جي ادبي آتم ڪهاڻي 'ال - ايام' (Al-Ayyam)، جيڪا ٻن حصن تي ٻڌل آهي، ايتري تہ دلچسپ ۽ زندگيءَ جي حقيقتن تان پردو کڻي بيباڪ نموني ۾ لکيل آهي، جو فن جي بهترين تخليق مڃي وڃي ٿي ۽ جديد عربي ادب ۾ شاهڪار تسليم ٿيل آهي. اها آتم ڪهاڻي دنيا جي هر وڏي زبان ۾ ترجمو ٿيل آهي ۽ دنيا جي وڏين يونيورسٽين جي جديد عربي ادب جي نصاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي.

طٰهٰ 1889ع ڌاري هڪ غريب گهر ۾، مصر جي اترئين حصي جي هڪ ڳوٺ مگهاگها (Maghagha) ۾ ڄائو. سندس پيءُ صوفي مٽي جو ماڻهو هو. ٻن سالن جي ڄمار ۾، هڪ ڳوٺاڻي حجام جي اکين جي غلط علاج سبب، هو اکين جي نعمت کان محروم ٿي ويو هو. پنهنجي پيءُ جي تيرنهن ٻارن مان ستون نمبر ۽ ماءُ جي يارنهن ٻارن مان پنجون نمبر هو، جنهن ڪري کيس گهڻ ڪري ڄاتو ويندو هو. سندس ڀائر ۽ ڀينرون مٿس چٿرون ڪندا هئا ۽ ويجها مٽ مائٽ به ساڻس بدسلوڪي سان هلندا هئا. پر هن بي يارو مددگار جي جيءُ اندر، دنيا جي سڀني تڪليفن ۽ بدسلوڪين برداشت ڪرڻ جي قوت اُڀري مضبوط ٿيندي وئي. نابينا هئڻ جي باوجود هو ابتدائي تعليم مقامي مڪتب ۾ وٺندو رهيو، جتي شروعات قرآن شريف کان ڪيائين ۽ ڇهن سالن ۾ قرآن شريف حفظ ڪري ورتائين. سندس شوق ۽ ذهانت ڏسي، سندس والدين کيس 1902ع ۾ جامع الاظهر (Al-Azhar University) ۾ داخل ڪرايائونس، جتي ڪاميابيءَ سان اسڪالرشپ حاصل ڪيائين. طٰهٰ، ننڍپڻ کان ئي آزاد خيال هو، تنهنڪري الاظهر ۾ پڙهڻ ليڪچر ئي کيس شاڪي ڪري ڇڏيو. سندس روح ۾ انقلاب جو جوالامُکي پڙڪي رهيو هو ۽ پوري قوت سان ملڪ جي تعليمي سرشتي خلاف آواز اُٿاري الاظهر جي 'عبده جي سڌارن' (Abduh's Reforms) جي کُلي حمايت ڪيائين، جنهن ڪري استادن سان سندس اختلاف وڌندا رهيا. نتيجو اهو نڪتو جو طٰهٰ آهستي آهستي الاظهر ۾ غير معروف ٿيندو ويو ۽ استادن کيس 'الاميہ' (Alamiyyah) جي امتحان ۾ ناپاس ڪري الاظهر مان نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هن الاظهر ۽ ان جي ريڪٽر (Rector) خلاف لکيو، پر سندس تنقيد کي رسالي ۾ شايع نہ ڪيائون. سندس مٽن مائٽن ۽ پاڙيسرين، جن کيس شيخ (Shaykh) بڻائڻ گهريو ٿي، تن جڏهن اهو ٻڌو تڏهن ڏاڍو ڏک ٿين. الاظهر ۾ استادن مان جنهن کان هو گهڻو متاثر ٿيو، اهو هو ال-مرصفي (Al-Marsafi)، جنهن کيس ادب جي چاشني جو مزو چکايو.

انهيءَ زماني ۾ مصري اهلِ علم جي ڪوشش سان جامع مصريہ (Eygptian University) قائم ٿي هئي، جتي يورپ جا مشهور متشرقين استاد هئا، طٰهٰ بہ ال- ازهر ڇڏي اچي جامع مصريہ ۾ داخلا ورتي ۽ اٽليءَ جي متشرق 'نلينو' جهڙن مشهور معروف استادن کان تعليم پرايائين ۽ عربي زبان جي مشهور مفڪر ۽ نابينا شاعر 'ابوالعلاء المعري' جي شاعرانہ خوبين تي پنهنجو تحقيقي مقالو پيش ڪيائين ۽ 1914ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري مليس. انهيءَ يونيورسٽي جي اها پهرين ڊگري هئي، جيڪا طٰهٰ حسين کي ڏني وئي.

انهي کان پوءِ، طٰهٰ اعليٰ تعليم لاءِ فرانس روانو ٿيو، جتي 1917ع ۾ ساربان يونيورسٽي (Sorborne University) مان (Licences Letters) مليس ۽ فرانسيسي زبان ۾، 'اِبنِ خلدون ۽ سندس فلسفہءِ اجتماعي جي تشريح ۽ تنقيد' (Philosophied'ibn Khaldoun) جي عنوان سان پنهنجي ٿيسز (Thesis) پيش ڪيائين جتان Tres honourable جي عنوان سان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري مليس ۽ 1919ع ۾ Doctorat-d'Etat عطا ٿيس.

انهيءَ دوران 1915ع ۾ سندس ملاقات هڪ فرينچ ليڊي 'سوزان برطيو' سان ٿي. هوءَ طٰهٰ حسين وٽ سندس سيڪريٽري ۽ ريڊر ٿيڻ لاءِ انٽرويو لاءِ آئي هئي، ۽ طٰهٰ جي علمي لياقت کان ڏاڍو متاثر ٿي. طٰهٰ حسين جي نابينا هئڻ ڪري ساڻس همدردي جو احساس ٿيس، تنهنڪري 1917ع ۾ ساڻس شادي ڪيائين. هوءَ پاڻ بہ اعليٰ تعليم يافتہ هئي ۽ شاديءَ کان پوءِ طٰهٰ حسين جي علمي ۽ ادبي تصنيفن ۾ شريڪ ڪار رهي. هوءَ ڪتاب پڙهي ٻڌائيندي هئي ۽ طٰهٰ اُهو ٻڌي ياد ڪندو ويندو هو. اهڙي ريت طٰهٰ پنهنجون سڀ تصنيفون ۽ مقالا کيس لکائيندو ويندو هو ۽ هوءَ لکندي ويندي هئي.

سنہ 1919ع ڌاري ڊاڪٽر طٰهٰ حسين جڏهن وطن واپس وريو تہ جامع مصريہ ۾ کيس قديم تاريخ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ 1925ع ۾ کيس ترقي ڏئي عربي زبان ۽ ادب جي شعبي جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو، جتي هن فرانس مان حاصل ڪيل پڙهائي

جي جديد اصولن جي روشني ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ قديم عربي ادب جي موضوع تي ادبي طوفان برپا ڪري ڇڏيائين. رجعت پسندن، کيس ملحد ۽ ڪافر جي لقبن سان نوازيو ۽ حڪومت کان، مٿس مقدمو هلائڻ جي گهر ڪيائون. طٰهٰ حسين عربي ۾ لکيل 'في الشعر الجاهلي' (Fishe`r al-Jahili) ڪتاب تي سخت حملا ڪيا آهن. اهو ڪتاب جاهليت جي دؤر (اسلام کان اڳ) واري شاعريءَ جي باري ۾ هو ۽ انهي شاعريءَ ۽ ثقافت تي لکيو ۽ ڇنڊ ڇاڻ ۽ بحث ۽ تنقيد ڪئي ويئي هئي، ته اسلام کان اڳ عربن جي جاهليت جي دؤر جا گهڻا شعر جعلي آهن. انهيءَ ڪري مصر جي مذهبي ڪٽر طبقي سخت اعتراض ورتا، جو انهن اڪثر انهن رسمن ۽ رواجن کي اهميت ڏني هئي، جيڪي جاهليت جي دؤر ۾ مروج هئا. نيٺ حڪومت هڪ تحقيقاتي ڪميٽي مقرر ڪئي، پر انهيءَ ڪميٽي ڊاڪٽر طٰهٰ حسين جي باري ۾ فيصلو ڏيندي لکيو ته هن ڪتاب ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، اهو حق ۽ ايمانداري تي ٻڌل آهي، پر مخالفين ائين ڪٿي ٿا چپ ڪري ويهن، تن 'جامع مصريہ' جي خلاف احتجاج جو طوفان ڪڙو ڪيو، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر طٰهٰ کي جامع طرفان تحفظ ۽ حمايت حاصل هئي. جڏهن صدقي پاشا کيس يونيورسٽي مان برطرف تي ڪيو ته يونيورسٽي جي ريڪٽر لُطفي السعيد (Lutfi Al-sayyid) سندس حمايت ڪئي. نتيجو اهو نڪتو جو لُطفي کي استعيفا ڏيئي پيئي ۽ ڊاڪٽر طٰهٰ صديقي جي مخالف وفد پارٽي (Wafd Party) جو ميمبر ٿيو.

عربي ادب جي اڀياس جي تنقيدي طريقن ۽ اصولن کي رجعت پسندن پسند نٿي ڪيو ۽ رجعت پسندن تي ڊاڪٽر طٰهٰ انهيءَ ڪري تنقيد تي ڪئي جو پراڻن نظرين کي اِلاهي ـسچ تي ڇپائون. مٿيون ڪتاب 1927ع ۾ ٻيهر 'فِل ادب ال- جاهلي' (Filadab al-Jahli) نالي سان ڇپيو. ڊاڪٽر طٰهٰ ادبي نظرين کي نون گهاڙيٽن ۾ وجهڻ تي زور ڏنو آهي ۽ ادبي اڀياس کي معرفت جي علمن جي ٻنڌڻن کان آزاد ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي. هن انهي ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته عربي ادب جي سائنسي کوجنا ڪئي

وجي ۽ انهيءَ كوجنا جا سائنسي طريقا عمل ۾ آندا وڃن، جيكي سيني مفروظن كان آجا هجن ۽ نقل ۽ تقليد كان پاسو كيو وڃي.

صحافي ۽ سياسي حيثيت سان بہ سندس شخصيت مثالي آهي. هو 1922ع ۾ عادل پاشا جي لبرل كانسٽيٽيوشنل پارٽي Liberal Constitutional Party جو ميمبر ٿيو ۽ پارٽي جي رسالي "اسياسہ" (As-syyasa) ۾ لکڻ شروع كيائين. 1926ع ۾ انهيءَ رسالي جي ادبي حصي كي ايڊٽ (Edit) كرڻ لڳو.

1930ع ۾ ڊاكٽر طٰهٰ جامع مصريہ جو ريكٽر مقرر ٿيو. سندس صاف گوئي ۽ حكومت جي غلط نيتين تي نقط چيني، ان وقت جي مصر جي وزيراعظم اسماعيل صديقي كي نہ آئڙي. رجعت پسند گروهہ اڳ ۾ ئي سندس مخالف هو، تنهنكري انهن جي چُرچ تي سندس پگهار بند كري ڇڏيائين. انهيءَ وقت پٽس جي بيماري سبب سندس مالي حالت ڏاڍي خراب ٿي چكي هئي، مٿان آمدني جو بيو كو وسيلو نہ هئڻ كري ڏاڍي مشكل ۾ اچي ويو، پر هن دل نہ لاٿي ۽ حق جي ڳالهہ چوڻ كان باز نہ آيو. انهيءَ وچ ۾ هن ست كتاب لکيا، جن مان كي مصري حكومت ضبط بہ كيا، جنهنكري وچ اوپر ۾ سندس شهرت جي ڌاك ڄمي ويئي. نيٺ 1933ع ۾ جڏهن اهو وزيراعظم برطرف ٿيو تہ نہ فقط ڊاكٽر طٰهٰ كي نئين سر بحال كيو ويو، پر مصر جي تعليمي ادارن كي مكمل آزادي ڏني ويئي. انهيءَ عرصي ۾ ڊاكٽر طٰهٰ جيكي تلخ تجربا كيا، انهن مان خاص اهو هو تہ مصري نوجوانن كي مفت تعليم ڏيارڻ لاءِ هلچل هلايائين. 1942ع ۾ جامعہ اسكندريہ (Alexandaria University) جو سنگِ بنياد ركيائين جتي پنجن سالن جي عرصي ۾ جامع جي شاگردن جو تعداد ٻارهن هزارن كان وڌي ويو. پر وفد پارٽي جي خدمت جو صلو تڏهن مليس جڏهن 1941_45ع دوران Nihas Govt. جي تعليمي وزارت جو جنرل سيكريٽري مقرر ٿيو. انهيءَ وچ ۾، 1943ع ۾ مصر جي پارليامينٽ جي اجلاس ۾ ابتدائي تعليم مفت ڏيڻ جو اعلان كيو ويو. اها فتحيابي، ڊاكٽر طٰهٰ جي ورهين جي جدوجهد جو نتيجو هئي. هك دفعو وري جڏهن نئين

حڪومت اقتدار ۾ آئي تڏهن ڪيس انتها پسند قرار ڏيئي وزارتِ تعليم ۽ يونيورسٽي مان خارج ڪيو ويو. بنهي عهدن جي ڇڏڻ کان پوءِ ”الڪاتب“ جاري ڪيائين، جنهن ۾ حڪومت ۽ غلط پاليسي تي تنقيد ۽ جمهوريت رائج ڪرڻ لاءِ گهر ڪيل هوندي هئي. حڪومت جي خلاف هڪ مضمون لکڻ جي ڏوهه ۾ رسالو بند ڪيو ويو ۽ ڪيس گرفتار ڪري ٽن سالن لاءِ قيد ۾ رکيو ويو.

1946ع ۾ اديبن جي ڪاميٽي حڪومت کي سفارش ڪئي ته شاهه فواد پهرئين جي نالي وارو ساڍن تيرهن هزار روپين جو انعام، انهيءَ سال جي بهترين مصنف ڊاڪٽر طٰهٰ حسين کي ڏنو وڃي، پر شاهه فاروق نه فقط انهي سفارش کي قبول نه ڪيو، بلڪ اهو انعام هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيائين. ڊاڪٽر طٰهٰ جي انقلابي پروگرام ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ شاهه فاروق هو، جيڪو ڊاڪٽر طٰهٰ کي اقتدار لاءِ خطرناڪ دشمن تصور ڪندو هو.

جڏهن ڪرنل نجيب ۽ جمال عبدالناصر، شاهه فاروق جي ملوڪيت جو تختو اونڌو ڪيو تڏهن ڊاڪٽر طٰهٰ حسين وطن کان ٻاهر، اٽلي ۾ هو. انهي ۾ ڪوبه وڏاءُ ناهي ته شاهه فاروق جي بادشاهي جون پاڙون پٽڻ ۾ ڊاڪٽر طٰهٰ جي انقلابي سرگرمين جو وڏو هٿ هو. انقلابي ڪائونسل ڪيس واپس وطن گهرائي وڏا اعزاز ۽ انعام ڏنا ۽ ان کان سواءِ نه فقط عرب ملڪن پر ٻين يوروپي ملڪن جهڙوڪ انگلنڊ، اٽلي، فرانس، بيلجم ۽ يونان جي حڪومت ۽ يونيورسٽين طرفان ڪيس علمي ۽ ادبي اعزاز سان نوازيو ويو.

52-1950ع دوران، هو وفد حڪومت ۾ تعليم جو وزير رهيو ۽ جولاءِ 1952ع ۾ ڪائونسل آف گورنمنٽ ۾ کنيو ويو. سندس ڪيل جاکوڙ جي ڪري، مصر ۾ ثانوي تعليم مفت ۾ ڪئي ويئي. آخر ۾ هو سرڪاري عهدن کان علحدو ٿي علمي ۽ ادبي ڪمن ۾ مشغول رهيو. سندس مرڻ کان اڳ، گڏيل قومن جي اداري (U.N.O) طرفان ڪيس ’پهرين صف‘ جو اعزاز ڏنو ويو ۽ يونيسڪو (Unesco) جي ڊائريڪٽر جنرل جو عهدو آڇيو

ويو، پر پاڻ چيائين تہ 'مصر جي اکين کي اجا هن انڌي جي ضرورت آهي.'

ڊاڪٽر طٰهٰ حسين مصر جي سڀ کان وڏي لساني انجمن 'المجمع ال- لغوي' جو ڪافي عرصي تائين صدر رهيو. انهيءَ کان سواءِ عرب ملڪن جي بيشمار ادبي ۽ علمي ڪاميٽين جو صدر ۽ سرپرست هو. سندس تصنيفن جو تعداد پنجاهہ کن ٿيندو. ڪيس ٻين ٻولين تي بہ مهارت حاصل هئي. سندس لاتعداد تصنيفون، مقالا ۽ مضمون عربي زبان ۾ شايع ٿيا آهن، جيڪي ڪيترن ئي زبانن ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن. انهيءَ ڪري سندس علميت جي خوشبوءِ ساري دنيا ۾ پکڙجي ويئي. سندس تصنيفون گهڻو ڪري ادبي تنقيد جي باري ۾ آهن، ڇاڪاڻ تہ هو ادبي نقاد هو ۽ ادبي ڪلچر جي جاڳرتا ۾ وڏي حصو ورتائين. هن ادبي مهارت کي سائنسي لياقت جي سطح تي آڻڻ گهريو تي ۽ انهيءَ ڏس ۾ هن حقيقت ۾ اصولن ۽ عمل کي ڦهلائي نمايان ڪيو. هن خاص انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ادب جو اپياس مذهبي سوچ جي ٻنڌڻن کان آجو هئڻ گهرجي. هن ادب کي پراڻن رجعت پسندانہ سوچ کان صاف ڪرڻ چاهيو ٿي.

ادب ۾ زبان، اسلوب ۽ سوچ جي بي ربطيءَ ڪري، جاهلي عربي ادبي روايتن جي نظم توڙي نثر جي هڪ وڏي حصي کي ڊاڪٽر طٰهٰ جڙتو ڪوٺيو آهي. هو انهيءَ ادب کي تاريخي تحقيق جي روشنيءَ ۾ پرکي چوي ٿو تہ انهيءَ ادب پويان، قومن جا پاڻ ۾ رقابت جا جذبا ڪارفرما هئا، جيڪي داستان راوي بڌائيندا هئا ۽ زبان جي اپياس لاءِ مواد مهيا ڪندا هئا، اُهي سڀ فرضي هئا. انهن قياس آرائين تي جڏهن جاهلي شاعري کي پرکيو ويو تہ قديم شاعري سان، جيڪا چالاڪي سان دانشورانہ هٿ چُراند ڪيل آهي، سا پڌري ٿي پئي.

ڊاڪٽر طٰهٰ جو شاعري کي پرکڻ ۽ اپياس ڪرڻ جو طريقو فرينچ بنياد جو آهي. هو تنقيد ۾ Sainte_Beuve, Taine and Jules Lemarte جي خاص اصولن جو پوئلڳ آهي، جن جي مطابق هو

ڦهريائين شاعر جي شخصيت، پوءِ سنڌس ماحول ۽ آخر ۾ سنڌس فن جو اڀياس ڪري ٿو.

تخليقي ادب جي باري ۾ ڊاڪٽر طٰهٰ جي راءِ اها آهي تہ 'اهو سنئون سڌو زندگي بابت آهي' تنقيد جي لاءِ چوي ٿو تہ 'اُنهن کي، سائنسي يا فقط خارجي حصي ۽ فنڪارانہ حصي ۾ ورهائي سگهجي ٿو. Textual Criticism سائنسي تنقيد آهي. جيئن تہ Textual Criticism سيني تنقيدي تخليقن جي پيڙهہ آهي، انهيءَ ڪري منجهس علميت جي خصوصيت اعليٰ هئڻ گهرجي.' اها حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ ڊاڪٽر طٰهٰ جو متن تي تنقيد (Textual Criticism) تي مواد تمام ٿورو آهي. ڊاڪٽر طٰهٰ مطابق ادبي تاريخ کي سائنسي اصولن تي پرکڻ گهرجي، پر فنڪارانہ فيصلي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

ڊاڪٽر طٰهٰ جي راءِ مطابق، ادب لاءِ هڪ صحيح ڪلاسيڪي زبان جو هئڻ ضروري آهي ۽ ادبي جاڳرتا لاءِ بحر، وزن ۽ آسان ٻولي جو هئڻ اهميت ڀريو آهي. ڊاڪٽر طٰهٰ خود لفظن جي جادوءَ کي استعمال ڪيو آهي، چاڪاڻ جو ڪيس فنڪاري بدران لطيف اثرات ڏيڻ پسند هئا. سنڌس اسلوب انوکو هو، جنهن جو استعمال فقط زبان سان ئي سگهيو ٿي، پر لکڻ ۾ مشڪل هو. انهيءَ اسلوب جي خصوصيت اصطلاحن کي هر هر ورجائڻ ۾ هئي، جو اهي لکڻ بجاءِ ڳالهائڻ ۾ پُر اثر ٿيندا آهن. آسان لفظن جي چونڊ، گفتگو ۾ رواني، مزاج ۽ موضوع کي ماهراڻي انداز سان نباهڻ ۾ ڪيس غلبو حاصل هو ۽ اهي ئي سنڌس اسلوب جا دلڪش گڻ هئا. نظم جي ڪنهن حصي کي پڙهي راءِ قائم ڪرڻ جي بدران، هوُ سڄي نظم تي غور ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو، جو جو سنڌس راءِ مطابق، تڏهن ئي تخليقي فنڪار جو اندروني مقصد ظاهر ٿي بيهندو.

ڪن نقادن جي راءِ آهي تہ "ادبي قلعي جو محافظ هئڻ جي حيثيت سان ڊاڪٽر طٰهٰ ايياس جي مجيل مصري طريقن ۽

Sainte_Beuve, Taine and Jules Lamarte جي اصولن کي ٻُڌيندڙ هڪ پل ناهي آهي، پر ذوق ۽ پسندي جي ديوار تي روايت ۽ جديديت جو پاڙ ۾ اجا ناهه نہ ٿيو آهي.“

ڪوبہ وڏو دانشور اختلافن کان بچي نہ سگهيو آهي ۽ نہ وري انقلابي هلچلون ۽ طريقا مڪمل آهن. پر تاريخ ناهيندڙ شخصيتون دؤرن جي دلين تي پنهنجا اڻمٽ نشان ڇڏي ويندیون آهن. ڊاڪٽر طٰهٰ حسين غير معمولي صلاحيت واري شخصيت جو مالڪ هو ۽ کيس تحسين جوڳي حيثيت حاصل هئي، جيڪا سندس خدمتن کي زندهہ جاويد رکندي ايندي. •••

# پن- چڻ جا چٽيل سدا ساوا پن*

امرتا پريتم

هڪ قديم نظم.



پئپيرس هڪ اهڙو پوٽو آهي،
جيڪو قديم دؤر ۾ مصر جي نيل نديءَ جي پروارن علائقن ۾ پوکيو ويندو هو ۽ ڏکڻ يورپ جي مختلف علائقن ۾ اهو اڄ به اپريل ڏسبو آهي.
انهيءَ پوٽي جي مُک پاڙ کنهن مرد جي ٻانهن جهڙي ٿلهي ٿيندي آهي، جنهن مان ڪيتريون ئي سنهڙيون پاڙون ڦٽنديون آهن ۽ ٿاريون اٽڪل چار هٿ کن مٿي وينديون آهن، جن ۾ ٽڙندڙ گل ديوتائن تي چاڙهيا ويندا هئا. انهيءَ پوٽي جي پاڙ جي ڪاٺيءَ مان ٻيڙين جا ونجهه ۽ ٻين گهٽن قسمن جا اوزار ٺاهيا ويندا هئا ۽ ٿارين مان ڪاغذ ٺاهيو ويندو هو. چيو وڃي ٿو ته انهن جي گُودي کي رڌي توڙي ڪچو کاڌو به ويندو هو ۽ ائين به چيو وڃي ٿو ته انهيءَ جي ڪاٺيءَ مان پوڄا-گهرن جي پوڄارين جون چاکڙيون به جوڙيون وينديون هيون.

مصر جو اوائلي ادب انهيءَ پوٽي مان جوڙيل ڪاغذن تي لکيو ويو هو، جيڪو گهرن جي ڀتين تي لڳل ۽ قبرن ۾ سنڀالي رکيل آهي. اهڙن ڪاغذن تي جيتوڻيڪ يوناني ادب توڙي اطالوي ادب جا حوالا ملن ٿا؛ پر انهيءَ جو بنياد مصر ۾ پيو هو ۽ شروعاتي شڪل ۾ اهو ڪاغذ به اوڏانهن مصر مان ئي ويو.

---

* AMRITA PRITAM (1919-2005): Panjabi Writer and Peot.

چون ٿا، انهيءَ جي ٿارين کي ڪپي، انهن کي هڪجهڙو ڏگهو ۽ هڪجهڙو سنهو ناهي، هڪ ته ۾ سريڪو ڪري وچايو ويندو هو ۽ پوءِ اهڙين ئي تيلين جو ٻيو ته انهن مٿان تاجي پيٽي وانگر وچايو ويندو هو. پوءِ انهيءَ اُٽيل ٽڪر کي نيل نديءَ جي پاڻي ۾ پسائي آلو ڪري سُڪايو ويندو هو. ڏاندين مان نڪرندڙ رس پاڻيءَ ۾ آلو تي، ڪين پاڻ ۾ ڳنڍي چڏيندو هو. پوءِ انهيءَ ٽڪر کي لوهي بار سان هڪجهڙو ساريڪو ڪري سج جي اُس ۾ سُڪايو ويندو هو ۽ انهيءَ جي ڪُهراڻ تي سِپين يا هاٿيءَ جي ڏندن جي ٻُوري جي پالش ڪري، ان کي چمڪايو ويندو هو.

قديم مصر جون اهي لکٽيون، جيڪي اهڙن ڪاغذن تي لکيل مليون آهن، گهڻو ڪري مذهبي رنگ جون آهن. نظم ۾ ٻه ته نثر ۾ ٻه. انهن ۾ هڪ ننڍڙو نظم لکيل مليو آهي، جنهن جو سرو آهي: جيون- ڊائو ماڻهو. اها هڪ ماڻهوءَ جي خودڪشيءَ کان اڳ، پنهنجو پاڻ سان ڳالهه ٻولهه آهي. نظم هيئن آهي:

'اڄ موت مون اڳيان ائين آهه سمُهاڙو...
جيئن پراڻي روڳ جو ڪو روڳي ٿئي نؤبنو
۽ جيئن ڪو بند پڃي ٻاهر نڪري...
اڄ موت مون اڳيان ائين آهه سمهاڙو...

جيئن ڪنول جي گلن مان پکڙجي سُڳنڌ
۽ جيئن ڪو وينو هجي مدمست ڌرتيءَ ڪناري...
اڄ موت مون اڳيان ائين آهه سمهاڙو....

جيئن ڪو پنهنجي گهر لاءِ اُتاولو
۽ جيئن ورهين جا ورهيه بند ۾ گهاري...'

زندگيءَ جو موهه، انسان جي بنيادي خواهش آهي، پر ائين تو لڳي، ته زندگيءَ مان ڪنو ٿيڻ به تاريخي آهي. قديم زماني ۾، زندگيءَ کان انڪاري شخصيتن جي ڪهڙي تاريخ آهي، اها اڄ

ڳولي نٿي سگهجي؛ پر اهو نظم هڪ تاريخي حقيقت آهي، جنهن ڪي من جي بيحد اداس ڪيفيت ۾، مرندڙ ماڻهن جو ’ازلي نظم‘ چئي سگهجي ٿو. ۽ هن نظم کي ’ازلي نظم‘ چوڻ ڪان پوءِ، اڄ جي دنيا جي ڪجهه انهن شاعرن ۽ ليکڪن جي شاعريءَ ۽ لکڻين جو ذڪر ڪجي ٿو، جن جيئڻ مان به بيزار ٿي، هن جڳ ۾ جيئڻ ڪان انڪار ڪيو هو، يا وري اُن وقت جي حڪومتن جي گولين جو شڪار ٿيا، جلاوطن ڪيا ويا، جن جلاوطني قبول ڪئي. بيزاري وقتي ٿيندي آهي ۽ انهيءَ جي خاص پلن ۾ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو؛ پر مهان شاعرن ۽ ليکڪن جي ڪيرتين ۾ ڪجهه به وقتي نٿو هجي، انهيءَ ڪري سندن ڪيرتين مرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

(1) جئڪ لنڊن (Jack London: 1876 - 1916)

’مون کي سچ جي چهري کي ڏسڻ ڏيو. مون کي ڏيکاريو، سچ جو چهرو ڪهڙو ٿو ٿئي...‘ اهي دنيا جون بيحد پياريون سٽون جئڪ لنڊن جون آهن. هڪ ناول نويس جي شاعري.

اهو دنيا جو ايڏو بي ڊپو شخص ڪير هو؟ جون ٿا 1875ع جي جون جي شروع وارن ڏينهن ۾، سئن فرئنسسڪو جي ’ڪرانيڪل‘ اخبار ۾ هڪ خبر ڇپي هئي، ته هڪ عورت پنهنجي ڪن ۾ گولي هنئي آهي، ڇو جو هن پنهنجي اڻ- ڄائي ٻار کي مارڻ ڪان انڪار ڪيو هو، جنهن تي سندس مڙس کيس گهر مان لوڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. اها عورت، جيڪا مرڻ چاهيندي به مري نه سگهي، فلورا ويلمين هئي- ۽ سندس مڙس (جنهن سان سندس شادي ڪڏهن ٿي نه سگهي) آئرش پروفيسر چئني هو... ۽ گرم جو اهو ٻار جيڪو فلورا سڙڪن تي نڌڻڪو گهمندي ڇڏيو، دنيا جو تمام وڏو ناول نويس ’جئڪ لنڊن‘ هو.

ارونگ اسٽون، جئڪ لنڊن جي جيوني لکندي يڪساهي کيس ڏاڙيل، عاشق، حرامي ۽ سُڄاڻ (Bastard and Genius Pirate, Lover) چيو آهي.

ڏرتي پنهنجي ڇاتيءَ جا ٻيڙا کولي، جئڪ کي پنهنجي اندر جي سموري ڪُروپتا ۽ سونهن ڇڻ اکين ڏيکاري ڏني هئي. دنيا جي هر ليکڪ ڪجهه ڏنو، ڪجهه ٻڌو ۽ ڪجهه انومان ڪيو، پر جئڪ لنڊن اهو سڀ ڪجهه اکين سان اٿين ڏٺو، جو ڪيس اڪ چينيڻ جو به وجهه نه مليو. هو ساموندي ڌاڙيل به ٿيو، مِلين ۾ ڪوئلا وجهندڙ به- ۽ هو بي درو ديوار راتين جو ڏوهي ٻڌجي جيل جو قيدي به ٻڻيو... ۽ هو دنيا جي ڪتابن کي، نرم آڱرين سان ائين ڇُهي ڇُهي ڏسندو رهيو، ڇڻ دنيا جي هر عظيم ڪتاب جو جلد، سندس پريمڪا جو ٻدن هجي ۽ سندس پنهنجا هٿ جنم جنم جي پريميءَ جا هٿن....

جئڪ کي فرش جي صفائي يا ٻنيءَ ۾ ڪوئلا وجهڻ جهڙي جسماني ڪمن جي عيوض، هڪ ڊالر روز ڪان وڌيڪ نٿي ملي سگهيو ۽ اهو ظاهر هو ته جسماني پورهئي جو عيوضو سموري عمر ۾ انهيءَ ڪان وڌيڪ نٿي ٿي سگهيو. موت جو پاڇو، هر هنڌ ساٿس گڏ هو، جنهن کي هن هروقت جو ساٿي قبولي ورتو هو. سمنڊ ۾ ٻڏي مرڻ جو خيال ڪئين ڀيرا سندس اکين ۾ چمڪيو، ايتريقدر جو هڪ ڀيري هو تمام گهٽي دير تائين سمنڊ ۾ ترندو رهيو ۽ پاڻيءَ جي لهرن جي ڇهاءُ کي من ئي من ۾ الوداع ڪندو رهيو - پر تڏي ڪاري پاڻيءَ، سندس جسم ۾ وري ويساهه ڀري ڇڏيو ۽ هن هڪ ڀيرو وري مرڻ گهڙي ٽاري ڇڏي...

سندس هٿن ٻيوسيءَ وچان ڪاغذ ۽ قلم کنيا، سڙڪن ۽ سمنڊن جي ڪئين حادثا ڪهاڻين جي شڪل ۾ لکيا ۽ مانيءَ بدران، ٽڪليون خريد ڪري اهي ڪهاڻيون ٽپال ۾ موڪليندو رهيو. جئڪ جي ماءُ فلورا، انهن مهينن جي جئڪ کي جهوليءَ ۾ وجهي، جنهن مهربان شخص مسٽر لنڊن سان شادي ڪئي هئي، انهيءَ جون اڳئين زال مان ٻه ڌيئرون هيون، جنهن مان ايلسا سموري ڄمار جئڪ سان پيار ڪندي رهي، جيترو ماني ٽڪر بچائي سگهي ٿي، بچائي جئڪ کي موڪليندي هئي ۽ پنهنجي گهر ۾ ڏيهاڙي جي خرچ مان ڪجهه بچائي، جئڪ لاءِ ڪاغذ ۽ سگريٽ خريديندي هئي...

انهن ڏينهن هڪ هزار لفظن جا ڏهه ڊالر ملندا هئا. نومبر جي هڪ ڏنڌلي صبوح جو جئڪ کي هڪ خط مليو، جنهن ۾ سندس پنج هزار لفظن جي هڪ ڪهاڻي کي ڇپڻ قبوليو ويو هو ۽ پنجاهه ڊالر جو چيڪ به گڏ هو. انهيءَ خط کولڻ وقت سندس ڏڪندڙ هٿ ڇڻ پنهنجي ياڳ جو در کولي رهيا هئا...

۽ پوءِ ٻي ڪهاڻيءَ جا چاليهه ڊالر ملڻ تي، جئڪ گروي رکيل سائيڪل ڇڏائي، واچ ڇڏائي، گهر جي ٻن مهينن جي مسواڙ اڳواٽ جمع ڪرايائين ۽ ماڻس جي بورچيخاني ۾ اٽو- دال ڀري ڇڏيائين. هڪ عرصي کان، هو پنهنجي هڪ امير دوست جي ڀيڻ کي دل جي گهراين سان پيار ڪندو هو؛ پر اهو پيار، پري کان پوڄا ڪرڻ جهڙو هو، جنهن کي جئڪ جي خوديءَ ڪڏهن سندس چپن تي اچڻ نه ڏنو. جڏهن سندس به ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون هيون، تڏهن پهريون ڀيرو سينڊوچز خريد ڪري، هو انهيءَ ڇوڪريءَ کي پاڻ سان گڏ پڪنڪ تي وٺي ويو، جتي انهيءَ ڇوڪريءَ ساڻس من جو 'مڱڻو' قبول ڪيو ۽ سال کن کان پوءِ شادي ڪرڻ منظور ڪيائين... تيستائين جئڪ جون ٻيون به ڪهاڻيون ڇپجي وينديون... ۽ ٻنهي ڄڻن آڪاس ۾ هڪ چمڪندڙ سپنو ڏٺو: 'جڏهن جئڪ ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو هوندو، تڏهن هوءَ سندس زال هن لاءِ پيانو وڄائي رهي هوندي ۽ سندن ٻار گهر جي اڱڻ ۾ کيڏي رهيا هوندا....'

دنيا جي چئن دانشورن کي جئڪ پنهنجو سڪر وڏو مڃيندو هو - ڊارون، اسپينسر، مارڪس ۽ نطشي. جئڪ، من جي سموري همٿ ۽ اتساهه انهن کان ئي حاصل ڪيو. 'سُپرمين' جي فلاسافي جئڪ نطشي کان قبول ڪئي هئي. بيشڪ انهيءَ کان اڳ جئڪ سماجواد جي اپٽار کان واقف هو؛ پر اهي ٻيئي پاڻ ۾ مخالف ڌارائون سندس من ۾ ٽڪرائبيون نه هيون، بلڪ ٻيئي گڏ هليون ٿي.

جئڪ جي پيار جي اقرار وارو سال ختم ٿيڻ تي آيو پئي؛ پر سندس آمدني اڃا ٿائين اُهائي هئي. اها ڇوڪري سندس غربت

۾ ڀاڳي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ تيار هئي؛ پر ماڻس کي اها ڳالهه قبول نه هئي- انهيءَ ڪري هوءَ روئي جئڪ کان موڪلائي هلي ويئي...

ويهين صديءَ جي جنم واري رات جئڪ کي لڳو ڄڻ اها سندس اڳئين جنم جي رات هئي... هڪ پبلشر سندس ڪهاڻين جو ڳٽڪو شايع ڪرڻ قبوليو هو.

جئڪ شادي ڪئي، گهر وسايائين، پنهنجي ڪهاڻين تي پنهنجي شخصيت جي مهر هنيائين، دل کولي ڪمايائين، اُڏايائين ۽ اها ڳالهه ايتري مشهور ٿي جو تقدير به کلڻ لڳي - جنهن اخبار، جڏهن هو ماءُ جي گرڀ ۾ هو، سندس مرڻ- جيئڻ جي خبر ڇپي هئي، انهيءَ اخبار جئڪ جي تصويرن سان پنهنجا صفحا ڀري ڇڏيا... ۽ بنا ٽڪيٽ گاڏين ۾ سفر ڪندي، جنهن کي گاڏين وارا ڳولي پڪڙيندا هئا، انهن ئي گاڏين مان لهڻ تي مٿس گل نڇاور ڪيا...

وقت آيو، جڏهن جئڪ لنڊن امريڪا جو 'ڪارل مارڪس ڪونجڻ لڳو. هن ستن ورهين جي ساموندي سفر وسيلي، سموري دنيا ڏسڻ جو ارادو ڪيو، جنهن لاءِ هڪ وڏو جهاز ٺهرائڻ شروع ڪيائين. سفر جي دوران ڪيس جيڪي ڪجهه لکڻو هو، انهيءَ لاءِ پبلشرن کان اڳواٽ پيسا ورتائين، پر ڏهه هزار ڊالر خرچ ڪرڻ تي به خبر پيس، ته جهاز اجا اڌ به تيار نه ٿيو هو. وڌيڪ اوڌر ورتائين، ٽڪريءَ واري گهر لاءِ خريد ڪيل هڪ سؤ ٽيهه ايڪڙ زمين به گروي رکيائين، پر پنجويهه هزار ڊالر خرچ ڪرڻ کان پوءِ جيڪو جهاز تيار ٿيو، پاڻيءَ ۾ پونديئي حادثي جو شڪار ٿي ٽٽي پيو ۽ زمين ۾ ڦاسي پيو. اخبارن ۾ خبرون ڇپيون. دوستن جو چوڻ هو: 'هن جهاز ۾ سفر ڪرڻ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي.'

پر جئڪ کي اهو موت مرڻ منظور هو، انهيءَ ڪري سفر شروع ٿيو. انهيءَ سفر دوران لکيل ناول، جيڪو به سال پوءِ شايع ٿيو، جئڪ جو سڀ کان اُتم ناول مڃيو ويندو آهي- 'مارٽن ايڊن!' ايڪٽيهن ورهين جي ڄمار تائين پهچندي پهچندي، جئڪ لنڊن جا ويهه ڪتاب شايع ٿي چڪا هئا.

’آئرن هِيل‘ جئڪ لنڊن جو اهو ڪتاب هو، جنهن جي ڪري آمريڪا جي سامراج نواز پريس سندس خلاف تي وئي هئي ۽ ڏهن ورهين ڪان پوءِ جڏهن اهو ڪتاب ڇپيو ۽ دنيا ۾ ’انقلاب جو عظيم ڪلاسڪ‘ مڃيو ويو، تہ سماجوادين بہ مٿس سخت تنقيد ڪئي، ڇو تہ جئڪ پنهنجي جهاز تي جيڪو خرچ ڪيو هو، اهو سماجوادين جي نظر ۾ گهٽو ڪٽڪيو ٿي.

هر صبح هڪ هزار لفظ لکڻ جو سلسلو، جئڪ جي عمر جيترو ڊگهو هو. جئڪ جيئن زندگيءَ جي حادثن مان گذرندو رهيو، تيئن ئي اهو هڪ هزار لفظ هر روز لکڻ جو اڻ ٽٽ نيم بہ هلندو رهيو. جئڪ جي لکڻ واري ڪمري جي پٽ تي هڪ ننڍو نظم ٽنگيل رهندو هو، جنهن ڏانهن جئڪ اڪثر ڏسندو هو ۽ لکڻ شروع ڪندو هو، اهو نظم هو:

’هاڻي، جڏهن مان ڪم شروع پيو ڪريان
دعا ٿو گهران تہ اي خدا، ڪم ڪان منهن نہ موڙيان
جي رات ڪان اڳ موت جي گهڙي اچي پهچي
دعا ٿو گهران تہ اي خدا، ڪم مون سان گڏ هجي
مان ڪم ڪندو هجان...‘

جئڪ جو ٽڪريءَ وارو گهر، قلعي جي پٿرن جهڙين ديوارن جيئن جُڙي رهيو هو، جنهن کي روز نهندي ڏسڻ، سندس زندگيءَ جو هڪ سهڻو سپنو هو... ۽ **انهيءَ جي ٽيويهن ڪمن مان اڌ دنيا ڀر جي ڪلاڪارن لاءِ مهمانن لاءِ ڪمرا ٺهي رهيا هئا.**

جئڪ جهڙو وشال من ۽ ڪلمڪ شايد ليکڪن جي نسل ۾ ٻيو ڪونہ ٿيو هوندو. پنجن ورهين تائين سندس گهر هر مهمان لاءِ کليل رهيو، سندس ميز ڪاڌي ۽ شراب سان پرچيل رهي... ۽ سندس گهوڙا... مهمانن جي تفريح لاءِ... انيڪ شامون آيون، جڏهن هو چئن گهوڙن واري بگيءَ ۾ دوستن کي وهاري، پنهنجي ٽڪريءَ واري گهر کان هيٺ ڳوٺ ڏانهن لهندو هو، تہ گهوڙن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل خاص گهنڊڙيون وڄڻ لڳنديون هيون ۽ هو ڳوٺ جي

هر شراب گهر ۾ وڃي دوستن کي شراب پيارينڊو هو، کلندو هو ۽ کلائيندو هو. نہ رڳو ايترو، پر سندس گهر جوڙيندڙ مزدور ۽ رازا، جڏهن شام مهل ڳاڙهو شراب پيئندا هئا ۽ ڳائيندا هئا، تڏهن جئڪ انهن سان شامل ٿي ويندو هو ۽ ساڻن گڏجي پيئڊو هو ۽ ڳائيندو هو...

جئڪ جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ سندس چپن تي جهڙي مُرڪ هئي، جيڪڏهن اهڙي ڪنهن پادريءَ جي چپن تي هجي ها، تہ سموري دنيا مذهبي خيالن جي ٿي وڃي ها...

پوڪ سان جڏهن لاڳاپو گهرو ٿي ويو تہ سندس جيڪو اندوروني رشتو سمنڊ سان هو، اهوئي ڌرتيءَ سان ٿي ريو. زندگيءَ ۾ ٻہ، ڪيرتين ۾ ٻہ. ٽيونجاهہ هاري سندس ٻنين ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ پنجٽيهہ سندس گهر جوڙڻ ۾ جُٽل هئا، جنهن لاءِ سندس پاڙيسري زميندار مٿس کلندا هئا: ’اهو انن ڪلاڪن جو سماج واد آهي!‘

پٿرن جي ديوارن واري ٽڪريءَ واري گهر جي اڏاوت جڏهن پوري ٿي، تہ خرچ اسي هزار ڊالرن تائين پهچي چڪو هو ۽ جنهن صبح جو جئڪ لنڊن کي انهيءَ گهر ۾ رهڻ لاءِ وڃڻو هو، انهيءَ رات، اڄ تائين ڪنهن کي خبر ناهي، تہ انهيءَ کي ڪيئن باهہ لڳي - ۽ جئڪ جي اکين اڳيان رڳو باهہ جون ڄڀيون هيون...

انهيءَ باهہ جي باري ۾ ماڻهن جا انومان ئي آهن. ڪئين دشمنيون ۽ شڪ سوچي سگهجن ٿا، پر سڀ ڪجهہ سڙي وڃڻ کان پوءِ، جئڪ لنڊن جو هڪ جملو تاريخ ۾ ائين لکيل آهي، جنهن کي ڪا باهہ ڪڏهن بہ ساڙي نٿي سگهي. انهيءَ رات جئڪ جا لفظ هئا: ’مان اهوئي ماڻهو ٿيڻ چاهيندس جنهن جو، گهر سڙيو هجي؛ نہ ڪي اهو جنهن ساڙيو هجي!‘

جئڪ جو سپنو سڙي ويو... انسانيت ۾ وشواس سڙي ويو. ڪڏهن ڪڏهن هو ايلسا کي چوندو هو: ’اقرار ڪر ايلسا، جيڪڏهن مان چريو ٿي پوان، تہ تون مون کي چرين جي اسپتال ۾ نہ ڇڏيندينءَ... تون پاڻ... پاڻ منهنجي پرگهور لهندينءَ... ۽

جنهن مان مري وڃان، تہ مون کي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي دفنائيندينءَ...'

۽ ايلسا، جنهن نوَن ورهين جي ڄمار ۾، سال پر جي ڄمار واري جڪ کي پهريون گهمرو هنج ۾ کنيو هو ۽ پوءِ کيس پنهنجي پٽ جيئن پاليو هئائين، اکين ۾ پاڻي آڻي، اقرار ڪندي هئي.

جڪ زندگيءَ ۾ ٻہ ڀيرا شادي ڪئي هئي ۽ ٻئي ڀيرا نراس ٿيو هو... سُپنو پڇاڙيءَ تائين رهيو... جيڪڏهن ڪٿي هو پاڻ جهڙي گنڀير عورت تلاش ڪري سگهي، ۽ کيس پيار ڪري سگهي...

۽ جنهن رات جڪ زهر کاڌو، سندس اکين ۾ خبر ناهي ڪهڙي سپني جو لاش هو.

ايلسا انهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي کيس دفنايو، جتي جڪ چيو هئس. اتي وري ٻہ وڻ ٻہ پوکي ڇڏيائين ۽ هڪ وڏو ڳاڙهو پٿر ٻہ آڻي رکيائين تہ جيئن اوٽ رهي. انهيءَ پٿر کي جڪ ڪنهن نالو ڏنو هو: "اهو، جنهن کي عمارت جوڙيندڙن عمارت ۾ ڪم آڻڻ کان خارج ڪري ڇڏيو."

(2) ولادمير ماياڪووَسڪي (Vladimir Mayakovsky : 1893_1930)

فيوچرزم (Futurism) روس جي انقلابي شاعريءَ جي اها لهر هئي، جيڪا 1910 ۾ شروع ٿي ۽ جنهن جي پڌرنامي تي ولادمير ماياڪووسڪي بہ صحي ڪئي. انهيءَ جي سري جو مفهوم هو: 'انسانيت جي ڇهري تي چماٽ!' روس جي فيوچرسٽ ليکڪن، قديم ورثي جي پاڙ پٽي نئون شعور پيدا ڪرڻ چاهيو ٿي. انهيءَ لهر جي اثر هيٺ ماياڪووسڪي 'پتلونن ۾ بادل' (Cloud in Paints-1915)، 'آزادي' (1918) ۽ 'جنگ ۽ امن' (1917) نظم لکيا. 1918 ۾ ماياڪووسڪي 'پراسرار بئوفي' (Mystry-Bouffe) نالي سان نظم ۾ ناٽڪ لکيو، جنهن ۾ هن انقلاب جي جيت کي ڇنڀيو آهي. انهيءَ کان پوءِ مزاحيہ ناٽڪ 'مُنگهڻ' (Bed-bug 1921) ۽ 'اسناناگار' (1930) لکيائين.

پر تصوراتي آزاديءَ جي عمل م آيل روپ مان هي شاعر مايوس ٿيندو ويو ۽ 1930 ۾ خودڪشي ڪيائين. سندس هٿ لکيل آخري سٽون هيون: ’هر روز زندگيءَ جي چپن سان ٽڪرائجي پيار جي بيڙي ڀڄي ڀُري پيئي!‘ انهيءَ جو مطلب اهو به لڳائي سگهجي ٿو ته شاعر کي پنهنجي ذاتي محبت ۾ مايوسي ملي ۽ اهو به ته کيس سياست هٿان نراسائي ملي.

’مان پيار ڪريان ٿو‘ (I love you) نظم ۾ ماياڪوسڪي ’پاڻ‘ کي چٽيو آهي:

’مون کي سُڌ آهي- جتي ٻين کي دل ٿي هجي
سيني ۾، جيئن سڀن کي سُڌ آهي
پر منهنجو وارو آيو
ته رچنا جو وڳيان پاڳل ٿي پيو
مان سمورو دل بڻجي ويس
۽ سموري بدن ۾ ڌڙڪيس ٿي.‘

۽ مياڪوسڪي ’پاڻ‘ ۾ سج کي ڏٺو ۽ سج ۾ پنهنجو ’پاڻ‘ کي:

**”هميشه چمڪڻ**
**۽ هر جاءِ چمڪڻ**
**۽ انت تائين چمڪڻ**
**اهو سج جو ڏيئُ آهي**
**-- ۽ منهنجو به.“**

مياڪووَسڪيءَ جو هي هڪ نظم اٽجائي روشن ڪرٽي جي ڪهاڻي آهي:

’بوندن سان ڀِنل شام، بادلن جي گهيريل پيڙ،
ٽڪل ٽنل سمهيل مزدور، ساڻ ستي آهي سندن اندر جي پيڙا.

بوندن ڇيڙي پاڻ ۾ ڳالهه--
ڏس، پراڻي گاڏيءَ جا ڦيٿا
ڪيئن ٿا ناهين نئين پانت!
ورڪا- ڏارائون ڇون ٿيون سپن ڪي وسار-
چئن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ ۾ گُل.

ورڪا جون اهي ڏِگهيون تارون ڪري ويون اونداهي رات
وسامي ويون آليون ڪاٺيون - ڏيئي اٿندو شعلا
ڇڏي ويون سياري جي بات.

گپ جي آلاڻ سان باهه ويئي ٿڌي ٿي
چئن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ جا گل.

سُجيْل ٿڌن، نيرن ڇپن مان اچي ٿو آواز--
سرجيندڙ انهن هٿن جي رکٽي آهي لڄ.
اندر آلاڻ پريل، ٻاهر سوڪهڙي جو تهه
جمي ويئي آهي هر شيءِ،
مانيءَ ڪي گهيريو آهي ٻوڏ،
جا اک ڇيري اونده جو پڙدو
جنهن جو سهي نه سگهي تاب
اها ملڪيت ڪيئن ڪندي--
اچي ڪي ڪارو؟
پٿرن جي مُڙي تي نوڪ--
وِڪ وِڪ تي،جنهن رکيو آهي بارود!
تکو، ڌرتيءَ کي ڇيريندو، ڪويل وانگي،
پوءِ گڏجي ڇپن تي اُپريو،
توتاري جو گيت...
اي سج، ڌرتيءَ جو سرد اڱڻ ڪوسو ڪر
ٻنين جي منهن ۾ جڳمڳ چمڪ، سؤ سؤ چلهن جي

چت پنهنجي هٿ سان چانوَ ڪندي، ڪتوري پريل ماني،
سونهن جي ڪُک مان هڪ دري اسان ڪولي ڇڏيون
هن ٿائيگي نديءَ جون لهرون ڌرتيءَ کي ڏين ٿيون رستو
اڄ ڪا اک اونداهيءَ جا چوڏا لاهيندي
۽ مٺل ۾ پوندو ساهه.

ڌرتيءَ جي ڇاتي ڌڙڪندي، اُبرندو هڪ شهر
سرد ويران خالي اڱڻ ۾- سونهن ڌريندي پير
مستقبل جا چپ پوءِ ٻڌندا زندگيءَ جو گيت
چئن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ جا گُل.

(3) ارنيسٽ ٽولر (Ernest Toller: 1893 – 1939)

ارنيسٽ ٽورلر هڪ جرمن شاعر ۽ ناٽڪ ڪار هو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هو قتنجي پيو، جنهن وچ ۾ مٿس سماجوادي خيالن جو اثر ٿيو. 1939 ۾ خودڪشي ڪيائين. سندس هڪ نظم آهي: 'جيئرن جي نالي':

'ڪُندن توکي نٿو سُونهي
۽ نہ سونهي ٿي توکي دير
توکي جيڪا امانت ملي آهي
لٽڙيل آهي رت سان
وهيو آهي جو تنهنجي ڀاءُ جي دل مان...
پريل گلي سان
تڪي ٿو راهه - توهان سين جي.
وقت جو تمام ڳورو بار
توهان جي سِرن تي اچي ٽُٽو آهي.
ڪولي ڇڏيو طاق
بند آهن جي ڪپاٽ
چمڪندڙ صبوح جا!'-

(4) آتيلا جوزف (Attila Jozef: 1905 – 1937)

هنگريءَ جو شاعر آتيلا جوزف، پنهنجي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ لکيل نظم جي پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

’ڪير وارن ڏندن سان تو جبل ٽوڙڻ چاهيو
مورک!
سپنا ڏسڻ لاءِ ڇا ڪا رات ئي ڪافي نہ هئي؟‘

(5) يوڪيومشيما (Yukio Mishima: 1925 _ 1970)

خودڪشي ڪرڻ کان اڳ مِشيما جا آخري جملا: ’ماٺيو زندگيءَ جي هڪ سرحد آهي، پر مان سدائين لاءِ جيئڻ ٿو آهيان!‘

مشيما جو سوانح نگار هينري اسڪارٽ اسٽوڪس لکي ٿو: 1960 ۾ مشيما هڪ ڪهاڻي لکي - ’وطن دوست‘، جنهن ۾ هن خودڪشيءَ کي عجيب موت چيو آهي. پوءِ پنجن ورهين کان پوءِ هڪ فلم ناهيائين، جنهن ۾ نائڪ جي شروعات هن پوري طرح نڀائي، جنهن بہ خودڪشي ڪئي. وري 1968 ۾ هڪ ناول لکيائين، جنهن ۾ انتها پسند نائڪ خودڪشي ڪري ٿو. وري هڪ سال کان پوءِ هڪ ٻي فلم ۾ ڪم ڪيائين، جنهن ۾ هڪ ڪردار خنجر سان پنهنجو پيٽ ڦاڙي وجهي ٿو... ان ريت مشيما ڊگهي عرصي کان پنهنجي موت جي ريهرسل ڪري رهيو هو.

مِشيما جي هڪ نظم جي پڇاڙي:

’هر سانجهي پنهنجي دريءَ ۾ ويٺو مان
عجيب حادثن، عجيب اُپسوٽن جي آشا ڪريان ٿو
هڪ ريتيلو واچوڙو
گلين ۾ گهُمريون کائيندو رهي ٿو
۽ رات جو
۽ رات جو ست رنگو جهولو جهولڻ لڳي ٿو...‘

(6) اليگزينڊر سرگيوچ پُشڪن : (Alexander Sergeyevich Pushkin
(1799 - 1837)

پُشڪن جديد روسي ادب جو باني مڃيو وڃي ٿو. سندس جنم 6 جون 1799 (پراڻي ڪئلينڊر موجب 26 مئي) تي ٿيو. ماڻس ابرام هني بال جي پوٽي هئي. ابرام کي غلام جي طور تي خريد ڪيو ويو هو، جيڪو پوءِ پيٽر عظيم جو ساٿي بڻيو. پُشڪن انهيءَ ڪردار کي، پنهنجي اڌوري ناول ’پيٽر عظيم جو نيگرو‘ ۾ تفصيل سان چٽيو آهي. اٺويهين صديءَ جي امير ڪٽنبن وانگي، پُشڪن جي ماءُ- پيءُ به فرانسيسي تهذيب اختيار ڪئي ۽ ٻارن کي فرينچ پڙهايائون.

1817 ۾ پُشڪن کي سينٽ پيٽرسبرگ جي پرڏيهي کاتي ۾ وڏو عهدو مليو، جتي هن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو ورتو ۽ ادبي سنگت ’گرين ليمپ‘ ۾ به شامل ٿيو. پُشڪن جا سياسي نظم هٿ سان لکيل شڪل ۾ ئي گهڻو پڙهيا ويندا هئا، جيڪي سندس موت کان پوءِ ڇپيا، پر سندس رومانوي رچنائون 1820 ۾ شايع ٿيون، جن ۾ لوڪ ڪهاڻين جو رنگ هو. انهن رچنائن تي سخت تنقيد ٿي، پر انهيءَ سان گڏ کيس شهرت به ملي.

مئي 1820 ۾ پُشڪن کي سندس سياسي شاعريءَ ڪري جلاوطن ڪيو ويو، مولڊاويا جي ڏکڻ طرف انهن ڏينهن جا پُشڪن جا لکيل خط ڏاڍا اُداس آهن. هن ڏاڍي ڏک وچان جلاوطنيءَ جي ڪوڙاڻ جو خطن ۾ ذڪر ڪيو آهي. پوءِ جڏهن اهي خط ڇپجي، پڌرا ٿيا، ته روسي تخليقي ادبي لکڻين جو مثال مڃيا ويا.

ڏکڻ جي علائقن جي ڪهاڻين کي پُشڪن شاعريءَ جي روپ ۾ قلمبند ڪيو آهي؛ پر سياست ۾ به پشڪن جي دلچسپي گهري ٿيندي ويئي. اتان پشڪن کي سندس ماءُ جي رياست ڏانهن موڪليو ويو، جتي هڪ ڪائونٽ جي زال سان محبت ٿيس ۽ ڪائونٽ ڪاوڙ ۾ اچي، کيس اتان کان به پري روانو ڪري ڇڏيو.

تخليقي نقطہ نگاهہ کان اهي پشڪن جا ڏاڍا زرخيز ورهيہ هئا، ڏاڍا اداس پر تخليقي. انهيءَ وچ ۾ پشڪن ’جپسي داستان‘

لکيو ۽ اهو ناٽڪ بہ لکيائين، جنهن ۾ حڪمران ڌر جي لاڳاپن جو ٻرندڙ سوال هو.

1825 جي بغاوت کي بند ڪرڻ ڪان پوءِ، نئين زار، نڪولس پهرئين، پشڪن جي شهرت ڏيان ۾ رکندي، متس لڳل ماسڪو ۾ داخلا جي بندش لاتي ۽ سينسر تي. ڊگهي بحث کان پوءِ اقرار ڪيائين، تہ هو پاڻ پشڪن جي لکڻين کي ڏسندو ۽ سينسر جو حق ٻئي ڪنهن کي نہ ڏيندو پر پاڻ وٽ رکندو. پشڪن کي بغاوت دٻجڻ جو ڏاڍو ڏک هو. جن پنجن شخصن کي مارڻ جو حڪم ڏنل هو ۽ جن گهٽن کي سائبيريا جي سزا ملي هئي، پشڪن جي همدردي انهن سان هئي؛ پر هن چاتو تہ ضروري اپاءُ مٿئين سطح تي ئي وٺي سگهجن ٿا؛ پر اهو وقت بہ پشڪن لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو. نہ رڳو سندس شخصي آزاديءَ تي نظر رکي تي ويئي؛ پر هو سڌو پوليس چيف جي نظر هيٺ هو. هو بنا اجازت سرحد تي هليو ويو، جتي ڊسمبر- بغاوت جا انيڪ جلاوطن ساٿس مليا... ۽ سندس قلم اڃا گهرائيءَ ۾ لهندو ويو.

1831 ۾ پشڪن شادي ڪئي ۽ سينٽ پيٽرسبرگ ۾ رهڻ لڳو. انهيءَ وقت هڪ پيرو وري سرڪاري نوڪري ورتائين ۽ پيٽر عظيم جي تاريخ لکڻ شروع ڪيائين. ٽن ورهين کان پوءِ هڪ عهدو مليس 'شهنشاهہ جي حرم جو خاص ماڻهو!' انهيءَ جو ڪارڻ اهو سمجهيو وڃي ٿو، تہ زار جي مرضي هئي، تہ پشڪن جي زال نتاليا راڄ- دربار ۾ اچي سگهي. نتاليا کي اها درٻاري زندگي بيحد پسند هئي؛ پر پشڪن کي راس نہ آئي. پيٽر عظيم جي تاريخ لکندي وقت پشڪن جي لکڻين ۾ هاري- بغاوت جي تاريخ بہ اچي ويئي.

انهيءَ وقت پشڪن جي گهرو توڙي دفتري زندگي، ٻنهي هن لاءِ ڏاڍيون ڏکيون ٿي پيون. درٻاري حلقن ۾ شڪ شبها وڌندا ويا. استعيفا ڏيڻ جي موڪل گهريائين، جيڪا نہ مليس. نيٺ 8 فيبروري 1837 جي ڏينهن ڪيس زبردستي هڪ ڊيوئل ۾ ڦاسايو ويو، جيڪا سندس رسوخ وارن دشمنن جي چال هئي. انهيءَ مقابلي ۾ زخميل پشڪن ٻن ڏينهن کان پوءِ 10 فيبروريءَ تي مري ويو.

### (7) شاندور پيٽوفي (1949 _ Sãndor Petöfi : 1823)

هنگريءَ جا ماڻهو، پنهنجي هن شاعر کي، زندگيءَ جي حقيقي چهري واري ادب جو، سڀ کان وڏو شاعر مڃين ٿا. پٽس جي ڪاسائيڪي ڌنڌي جي شايد اها تقاضا هئي، هُن پنهنجي پندرهن ورهين جي ڄمار واري شاعري ڪنڊڙ پٽ سان لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا، جنهن ڪري سندس ڪومل پير رستن تي ڌڪا کائيندي، هڪ پيرو موت جي ڪاهيءَ ۾ ڪرندي ڪرندي بچيا. ناٽڪن ۾ ڪيس ننڍا ننڍا ڪردار ملي ويندا هئا؛ پر گذاري لاءِ اهو ڪافي نه هو. تنگ ٿي هو فوج ۾ڀرتي ٿيو؛ پر ڪمزور جسم جي ڪري، سال- ڏيڍ کان پوءِ ڪيس اُتان ڪڍيو ويو. هو وري دوستن ۽ ٿيئٽرن جا در ڪڙڪائڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري دستاويزن جي نقل ڪرڻ جو ڪم ملي ويندو هوس؛ پر سندس شاعريءَ کي، جيڪا ايندڙ وقت جو دستاويز هئي، ڪنهن به نه ڇاپيو. ايڪويهن ورهين جي ڄمار ۾، هڪ اخبار جي ايڊيٽر منجهس لڪل فنڪار کي سڃاتو ۽ ڪيس ٻانهن ٻيلي ڪيائين، تڏهن سندس پهريون نظم شايع ٿيو- 'شرابي'

انهن ڏينهن پلويڪس ڪيفي هڪ اهڙي جاءِ هئي، جتي آسٽريائي حڪومت جي خلاف هنگريءَ ۾ ٿيندڙ بغاوت پنهنجو گَر ڪنيو هو. پيٽوفي به ڏگها داستاني نظم لکيا - 'ڳوٺ جو هتوڙو' ۽ 'نايڪ جان'. اڄ اهي نظم هنگريائي ادب ۾ امر تخليقون مڃيون وينديون آهن، جيتوڻيڪ انهيءَ وقت جي نقادن انهن کي غير معياري قرار ڏيئي، جڻ پيٽوفي جي مَن تي حملو ڪري ڇڏيو هو؛ پر انهيءَ ڪري پيٽوفي جي قلم کي پاڻ وڏيڪ مان مليو ۽ قلم جو لوڪ- گيتن جهڙو ميناج ۽ لوڪ - گيتن جهڙو رس، هنگريءَ لاءِ مُڏي ترار جي ڌار بڻجي ويا. انهن ڏينهن جو سندس ناول 'جلاد جي رسي' به انهيءَ نقطءِ نظر جو نئون موڙ آهي ۽ هڪ عظيم تخليق آهي.

1946 جي هاري انقلاب سندس من جي انقلابي ٻج کي اهڙو پاڻي پياريو، جو هن دوستن جو هڪ هٿياربند جٿو ناهيو -

’ڏهن جو جتو‘ نظم لکيائين. ’وڻ ڏکن تا‘، ’شاعر جو سپنو‘، ’وٽن کي ڇهندڙ اُداس پن- ڇڻ جي هوا‘ - آخر ۾ 1947 جي پڇاڙيءَ ڌاري ’هڪ خيال مون کي پريشان ڪري ٿو‘ لکي، سوچ ۽ عمل کي هڪ ڪرڻ جي خيال کان سندس هٿ اڳتي وڌيا... ۽ هن هنگريءَ جو قومي گيت لکيو: ’سمنڊ جاڳي اُٿيو آهي‘.

آسٽريائي حڪومت ڪيفي مان اٿندڙ انقلاب جو دونهون ڏنو ۽ راڄ ڌانيءَ ۾ خوف ۽ هراس جو ٻارڻ ٻاريائين. پيٽوفي 31 جولاءِ 1949 تي سرڪاري فوج سان وڙهندي مارجي ويو. اُن وقت سندس ڄمار رڳو ستاويهه ورهيه هئي.

پيٽوفي جو هڪ نظم سندس زندگيءَ کي پاڻ ۾ سميٽيندي هڪ اڳڪٿي ڪري ٿو - جهڙي موت جو تصور ڪيو هئائين، اهڙو ئي ماڻيائين:

’هڪ خيال مون کي پريشان ڪري ٿو
متان ڪٿي وهاڻي تي مٿو رکي مري نه وڃان
يا هوريان ڪنهن گل جيئن ڪومائجي نه وڃان
متان ڇاتي منهنجيءَ کي جيوڙا ڇهڻي نه ڇنين
۽ منهنجي پنڪڙي پنڪڙي ڏانديءَ مان ڇٽندي رهي
يا ڪنهن ويران ڪمري جي روشنيءَ جئن
اونداهيءَ ۾ سڏ ڪندي رهي...
اي مالڪ! شل ائين ڪو نه مري...
مان چاهيان ٿو - ته مان ڪو وڻ هجان
۽ آسمانن جي وِڄ مون تي ڪِري.
يا ڪا ڳوري چپ هجان
جا جبل تان ٻولاٽيون کائي ڪنهن وٽڪار تي ڪِري.
۽ ٻيڙين ۾ جڪڙيل هر قوم جڏهن جنگ جي ميدان ۾ اچي
ته سندس چهري تي لهوُ جي لالاڻ هجي
هٿ ۾ جهليل جهنڊو اُيو هوا ۾ لهرائيندو رهي -
اسان کي آزاد ٿيڻو آهي

۽ انهيءَ آواز جو پڙاڏو اوير کان اولهہ ۾ هجي...
اُن وقت مان، ڏاڍو خوش، اُن ميدان ۾ هجان
۽ رت منهنجي جو آخري ڦڙو انهي ڌرتيءَ تي ڪِري
۽ منهنجو پڇاڙڪو آواز لوهہ جي آواز ۾ ٻُڏي...
پوءِ منهنجي لاش مٿان
فاتح فوجين جا گهوڙا ڊوڙندا لنگهن
۽ دليرن جي ياد ۾ هڪ ماتمي جلوس هجي

جي تو لاءِ مُئا آهن، اي سموري دنيا جي آزادي!
هي منهنجون هڏيون انهن جي هڏين سان گڏ قبر ۾ هجن...
اي سموري دنيا جي آزادي!

(8) خَرِستو بوتيف (Hristo Botev: 1848 _ 1876)

ڪالڪان جبلن جي ڪُک ۾ هي شاعر ڪالوفر نالي ڳوٺ ۾ 25 ڊسمبر 1848 تي ڄائو هو. وطن سان حُب جو ٻج سندس من ۾ ٻڌس پوکيو هو. اوائلي تعليم کان پوءِ ذهني لاڙو کيس روس ڏانهن ڇڪي ويو. 1867 ۾ جڏهن پنهنجي وطن بلغاريا موٽي آيو، تہ سهيوڳي نوجوان نسل سندس سامهہ ۏادي نظريئي کي وڏي اُتساهہ سان قبول ڪيو، پر ستت ئي بلغاريا جي ان وقت جي حڪومت کيس جلاوطن ڪري ڇڏيو.

رومانيا پهچڻ کان پوءِ، سڀ کان اول بوتيف 'سووبودا' (آزادي) نالي انقلابي اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لڳو؛ پر پوءِ جلدئي پنهنجي اخبار ڪڍيائين: 'بلغاريائي جلاوطنن جي دنيا.' وري هڪ ٻي اخبار ؔ بہ شروع ڪيائين: 'الارم ڪلاڪ'. انهيءَ وقت بوتيف شاعري بہ شروع ڪئي. سندس سموري شاعري هڪ انقلاب آهي. اهوئي ڪارڻ آهي، جو سڄي ملڪ ۾ لڙائيءَ جي وقت سندس گيت 'پوڄا منترن' جيئن ڳائبا هئا.

1875 ۾ جڏهن انقلاب جي لهر اُٿي، تہ بوتيف جي هڪ اشاعت 'ٻئنر' ماڻهن جو آواز سمجهي ويندي هئي. انهيءَ سال

رومانيا جي راڄ ڌاني بخارسٽ ۾، آزاديءَ جي متوالن جي هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن جو مکيہ ڪم بوتيف کي سونپيو ويو. اپريل 1876 ۾ اها لهر سموري ملڪ ۾ ڦهلجي ويئي. زندگي ۽ موت جي انهي لڙائيءَ ۾،حڪومت جي هٿيارن سان مقابلو سولو نہ هو. بوتيف قلم پاسيرو رکي، هٿيار کڻي ٻن ساٿين جي مدد سان پنهنجي وطن روانو ٿيو. آسٽرين جهاز ۾ پنهنجي ساٿين سميت ڊئنيوب ندي اُڪري پنهنجي ڌرتيءَ تي پهتا.

بوتيف پنهنجي موت جو گيت، پنهنجي جيئري پنهنجي قلم سان لکيو:

’جيڪو جنگ جي ميدان ۾ موت ٿو ماڻي
اهو موت ناهي.
جيڪو آزاديءَ جي ويڙهہ وڙهي ٿو-

ڌرتي ۽ آڪاس، ونس حاضري ڏين ٿا
۽ فطرت جهنگلن سان گڏ ڳوڙها ڳاڙي ٿي
۽ وقت جا چارڻ سندس اوسارو ٿا ڪن.‘

وراتسا ديلاگ جي ٽڪرين ۾ بوتيف ۽ سندس ساٿي دشمنن جي فوج سان وڙهيا هئا ۽ چِتي ويڙهہ کان پوءِ، 2 جون 1876 جي رات جو، جڏهن بوتيف جنگ جي ميدان جو معائنو ڪري رهيو هو، تہ اونداهيءَ جي اوٽ مان دشمن کيس گولي هڻي ماري ڇڏيو. ستاويهہ ورهيہ ۽ پنجن مهينن جي ڄمار ۾ مري ويل هن شاعر، پنهنجي موت کان اٺ ورهيہ اڳ، پاڻ جهڙي سورهيہ هڪ ساٿي ’حاجي دِمِتر‘ جي موت تي هڪ اهڙو نظم لکيو هو، جو هر شهيد تي لکيل نظم چئي سگهجي ٿو:

[1] حاجي دمتر پنهنجي فقط 128 ساٿين جي مدد سان ترڪيءَ جي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي هئي ۽ 28 ورهين جي ڄمار ۾ جولاءِ 1868 ۾ قتل ٿي ويو هو.

’هو زندهہ آهي... هو زندهہ آهي...
هوڏانهن، هُن ٽڪريءَ تي، رت ٻڏل ۽ آخري پساهن ۾
هڪ بهادر، جنهن جو سينو پرڻ
جوان، چپ جهڙو اڏول مرد
مجاهد
هڪ پاسي بندوق رکيو، هو پيو آهي، هڪ پاسي تلوار پيئيو...
سموري دنيا تي لعنت وجهندڙ سندس چپ ڏڪن تا...
ڌرتيءَ تي ليٽيل ۽ آڪاس ۾ سج،
لاباري جا ڏينهن آهن
پري وٽڪار ۾ ڪو ڳائي پيو
۽ سڀ رڪاوٽون پيچي هن جو رت وهي پيو...
لاباري جا ڏينهن آهن - اي غلام ڇوڪريون!
ڏکن جا گيت ڳايو! ڏينهن چڙهي رهيو آهي
غلامن جي ملڪ تي سج سڙي رهيو آهي
۽ هڪ سرويچ ڪي اڄ اجا مرٽو آهي...
جو ويڙهہ ۾ مري ٿو، اُهو نٿو مري
هي ساري ڌرتي هن لاءِ روئي ٿي

۽ هي آسمان بہ ٿو روئي.
بن، پن ۽ جانور بہ ٿا روئن
۽ چارڻ سندس چاهت جا گيت ٿا ڳائين
سرڻ سندس منهن تي ڇانوَ ڪري ٿي
۽ واگهہ سندس ڦٽ چٽي ٿو
عقاب- پکين جو سرويچ
منهن سندس مٿان ڦيرا ڏي ٿو- جوڏو جو آهي!
هر شيءِ ويجهو ويجهو ٿيندي اچي
چند چڙهي ٿو ۽ تارن جو آسمان تي آهہ راڄ
گهاٽا جهنگل جهومن ٿا

هوا اکيون مهٽي ٿي، جبل 'هائيڊڪ گيت'، ٿا ڳائين
جهنگل جون پريون جهومن ٿيون، ڪيت لهرائين ٿا
- ۽ هُن جا گيت ڳائين ٿا
سائي گاهہ تي هوريان ٿلنديون
پڇن جي سهاري پرسان ويهن ٿيون،
ڪا هڪڙي ڇهري تي پاٽي تي چٽڪائي
ڪا وري ڦٽن تي مرهم ٿي لڳائي
ڪا جهُڪي چپ ٿي سندس چمي
هو چپر اکين جا ڪٽي تڪي ٿو
۽ مُرڪي ٿو:
'حسينو! 'ڪاراجا' ڪٿي آهي؟
منهنجي يارن جو ٽولو ڪٿي آهي؟
مون کي ٻڌايو
۽ منهنجي آتما کي منهنجي تن مان ڪڍي ونو
هي تن هينئر، هتي ئي، هن پل ختم ٿيڻ ٿو چاهي...'
اهي اچا ويجهو اچن ٿيون
جهومن ٿيون
هٿن ۾ هٿ ڏين ٿيون

۽ پوءِ اڳي جيئن جهونگاريندي‍ون
ڪيس آسمان ڏانهن وٺيو وڃن ٿيون-
اڏامنديون، ڳائينديون، آسمان ڏانهن وڌنديون...
باک ڦٽي آهہ ۽ هن ٽڪريءَ تي اهو سرويچ سمهيو پيو آهي
سندس رت اجا پيو ٽِمي
واڳهہ رت چٽي ٿو
۽ سج هڪ دفعو وري ساڳي ريت سڙي رهيو آهي.

---

[2] ان وقت گوريلن جو گيت.
[3] حاجي دمِتِر جو ساٿي جيڪو حاجيءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ جنگ ۾ زخمي ٿي ترڪ حاڪمن جي جيل ۾ مري ويو

(9) اوسپ مئنڊيلستام (1938_ 1891 : Osip Mandelstam)

هي روسي شاعر وارسا (پولينڊ) ۾ ڄائو هو. ماسڪو موٽي آيو تہ کيس Concentration Camp ۾ رکيو ويو. مير مارڪوف 'جديد روسي شاعري' جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ 'اسٽالن جي باري ۾ طنز و مزاح جا نظم لکڻ ڪري، Concentration Camp ۾ رکيو ويو، جتي سندس موت ٿيو. اُتي هو پنهنجي حصي جو ڪاڏو نہ کائيندو هو، ڇو جو کيس ڊپ هو تہ ڪاڏي ۾ زهر ملايل هوندو. انهيءَ ڪري ساٿين جو ڪاڏو چورائي کائيندو هو، جنهن ڪري اُهي کيس ماريندا هئا.'

مئنڊيلستام جو هڪ نظم آهي:

'اڇو پائرو-'
'اڇو پائرو! آزاديءَ جي جدوجهد جو گيت ڪو ڳايون
هي مهان ڏنڊلو ورهيہ آهي...
رات جي تپندڙ پاڻيءَ ۾
چار جو جهنگ وڇايل
۽ تون- اُداس ورهين ۾ اُتندا ڏسندين...
اي سج! اي نياءُ ڪاري! اي لوڪو!
اچو هن ڏنڊ جا جس ڳايون
جنهن ڪي لوڪن جا اڱواڻ اکين سان کنيو وينا آهن
۽ طاقت جي ڪاري ڌُنڌ جا جس ڳايون
جن ڪي ڪٺڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
اي وقت! تون بہ ٻُڌ! تنهنجو ٻيڙو ٻڏڻ وارو آهي...
اسان سڀ ايمان پي چڙيا

۽ ڪين جنگي لشڪر تائين وني وياسين
هاڻي سج نتو ڏسجي ڪٿي
۽ سيڪجهہ هڪ چار ۾ لُڏي پيو ڇڻ
هڪ گهاٽي ڏنڊ ۾ جهلڪي پيو جيئرو جهڙو

سچ ڪٿي ڏسجي نٿو- ۽ ڌرتي تمام ڏور آهي.
خير... جتن تہ ڪريو
ڳؤرا، بڇڙا، رڙندڙ ونجهہ تہ هٿ ڪريون
ڌرتي وهي پيئي... مردو، حوصلو رکو!
سمنڊ کي ڪيڙيون چڻ هر تا ڪاهيون
۽ لينٿي٭ جي تڏاڻ ۾ بہ ياد رکنداسين
تہ اسان ڌرتيءَ جي قسمت ڳڏي هئي-
پورن ڏهن بهشتن جي عيوض.

(10) گيومِليوَ (Geo Milev: 1895 _ 1925)

ڪنهن وقت جو ڏوهہ، ڪيئن وقت گذرڻ کان پوءِ، هڪ نيڪ عمل بڻجيو ٿو وڃي، بلغاريائي شاعر گِيومِليوَ جو ڏگهو نظم 'سيپٽمبر' انهيءَ جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. انهيءَ نظم فاشزم جي ڇهري کي بي نقاب ڪيو: انهيءَ ڪري فاشسٽ پوليس، هن ڏوهہ ۾ هن شاعر جو گلو گهُٽي، ڪيس صوفيا جي پرسان هڪ کاهيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو.

جون 1923 ۾ فاشسٽ ٽولي، ان وقت جي هاري- جماعت کان حڪومت کسي هئي ۽ ملڪ جي سماجوادين 23 سيپٽمبر جو بغاوت ڪئي هئي. شروعاتي ڏينهن ۾ ڪن هنڌن تي سندن قبضو ٿي ويو، جيتوڻيڪ ٻنهي ڌرين ۾ جهڙپون جاري هيون. هڪ پاسي گهرن ۾ ناهيل ننڍا ننڍا هٿيار هئا، ٻئي پاسي خوفناڪ هٿيار. اها بغاوت رڳو رت جون نديون بڻجي پوري ٿي ويئي ۽ جهنگ لاشن سان پرجي ويو.

گِيومِليوَ هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو هو ۽ ٻن ورهين تائين صوفيا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ کان پوءِ برلن هليو ويو. پوءِ اٺويهن ورهين جي هن شاعر لنڊن جون آرٽ گئلريون ڏسنديں، بيلجيم جي قومي

٭ لينٿي، پاتال- لوڪ جي هڪ ندي آهي جنهن جي پاڻيءَ ۾ گذريل ڳالهيون وسريو وڃن.

چوٽين ۽ اوچاين تان... ۽ ڪلهن تان
۽ پان پان ڪندڙ وٽڪار مان
۽ جهنگل جي پيلن پن- پڻ ۾ چٽيل پنن مان

پٽرن ۽ پاٽيءَ مان
جهوپڙين، واڙن، انگوري باغيچن ۽ جوٽيل ٻنين مان
۽ رڍن جي واڙن، ڪنڊ پاسن ۽ اونداهن ڪوهن مان
۽ ڪنڊن ۽ ڪسين تان لنگهندي-
هي قاتل ڪپڙا پاتل، بکيا ۽ ڪومايل چهرن وارا تيز گرمين ۾ پڪل
پاري ۽ لُک جا ستايل
آڪڙيل ۽ منهن قاتل مهاندن وارا
۽ جهڪيل پني ۽ سُسيل بدن وارا
ميرن ڪپڙن ۾ هميشہ کان اگهاڙا
لقون پيرن ۾
داڳن سان ستيل چهرا، اڻ پڙهيل، اٻوجهہ جهنگلي
ڪاوڙيل ۽ برندڙ ڪانين جيئن...
هٿن ۾ نہ ڪو گلاب...
چپن تي نہ ڪو گيت...
نہ گهڙي، نہ گهڙيالُ...
نہ بگل، نہ توتاري، نہ ڪو سُر سنگيت...
لباس تار تار
چمڪندڙ تلوار بدران ڏنڊا ۽ لٺيون کنيو
هي پورهيت
لٺيون، ڪهاڙيون، خنجر، ڏانداريون
ڪُرپا کنيو
۽ ڪي سورج مُکيءَ جا گل کنيو
جوان پوڙها چٽني ڏسن کان آيا آهن
چڻ جانورن جا واڙا کُلي ويا هجن...
هي بيشمار-- مچريل سانُ

سيني ۾ خدا جو سڏ ڪنيو
وات ۾ فرياد ڪنيو
ٽُٽا آهن بند جيئن- اڳتي وڌندا وڃن
واڙ جيئن اٿل ۾ اٿموٽ
خوفناڪ
مهان ماڻهو!'-

(11) فيڊريڪو گارشيا لورڪا :Federico Garcia Lorca)
(1898 ـ 1936)

هن اسپيني شاعر ۽ ناٽڪ ڪار جو جنم 5 جون 1898 تي ٿيو هو. اوائلي سال پٽس جي ٻنين تي گذريس. لورڪا جو بدن شروع کان ئي نازڪ هو، جنهن ڪيس ننڍي عمر ۾ ئي ڳنڀير بڻائي ڇڏيو هو. ڪلاسڪ ۽ روماني ادب پڙهندي پڙهندي لورڪا کي سنگيت جو به گهرو شوق ٿي ويو هو. هن قانون جو به اڀياس ڪيو؛ پر سندس بنيادي لاڙو ادب ڏانهن ئي هو. سندس پهريون ڪتاب هڪ اسپيني ڳوٺ جي باري ۾ آهي. انهيءَ وقت هن شاعري ۽ ناٽڪ لکڻ شروع ڪيا ۽ ڪيترائي ورهيہ ناٽڪ منڊلين سان اسپين جي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ اسٽيج ڪيائين. 1922 ۾ لورڪا هڪ سنگيت ڪار ۽ هڪ چترڪار جي مدد سان لوڪ - فن ۽ لوڪ - سنگيت کي پنهنجي فن ۾ شامل ڪيو، جنهن ڪري ڪيس اسپين ۽ ڏکڻ امريڪا ۾ گهڻي شهرت ملي. لورڪا جي فن ۾ شروع کان ئي موت جي ٽرئجيڊي ڳنڍيل نظر اچي ٿي. وري ڏڱن سان وڙهندڙ هڪ دوست جي موت، کيس انهيءَ ٽرئجيڊي ڏانهن پاڻ وڌيڪ لوڙهي ڇڏيو. سندس ان وقت جي ناٽڪ 'ٻنپهرن جو پنجين لڳي' ۾ اهو اثر پڌرو آهي.

لورڪا ڇپسي ناٽڪ بہ لکيا تہ روماني پڻ. 1936 ۾ جڏهن اسپين ۾ جنگ ڇڙي، تہ ڪيس ميڪسيڪو مان دعوت مليل هئي؛

پر هو نہ ويو. ڪن دوستن کيس فاشسٽن کان بچڻ لاءِ پنهنجي گهرن ۾ پناهہ ڏني پر هڪ ڏينهن، جڏهن هو اڪيلو هو، گهر تي هٿياربند حملو ٿيو ۽ کيس گهر کان ٻاهر وڻن جي وچ ۾ بيهاري گولي هڻي ماريو ويو.

(12) بينجامِن فيبوئيانو (Benjamin Fundoianu: 1898–1944)

هنن رومانيائي شاعر جو پهريون ڪتاب 'لينڊ اسڪيپس' 1930 ۾ شايع ٿيو هو؛ پر رومانيا جي ادبي ڪيتر ۾ کيس ايڏي مڃتا نہ ملي هئي، جنهنڪري هو پيرس هليو ويو. اُتي دادا وادي لهر ۾ شامل ٿيو ۽ انهيءَ نئين لهر جي باري ۾، يورپ توڙي ڏکڻ امريڪا ۾ ليڪچر ڏيندو رهيو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ، هن شاعر کي فرانس ۾ شهرت ملي ۽ کيس فرانسيسي شاعر مڃيو ويو. اُتي هو بينجامِن فادين جي نالي سان لکندو هو.

فرانسيسي فوج سان وڙهندي، هي شاعر نازين جي ور چڙهي ويو ۽ کيس 1944 ۾ کيس چيمبر ۾ مرڻو پيو. سندس هڪ دل ڏاريندڙ نظم آهي، جنهن جو سرو آهي: 'سادو سودو گيت.'

'هڪ شام جو مان هتان هليو ويندس،
اڻڄاڻ تہ ڪيڏانهن پيو وڃان
۽ جي اهو وقت جنگ جو هوندو
تہ مان چُپيءَ هيٺان ائين دٻجي ويندس
جيئن ڪو مٽيءَ هيٺان دٻجي وڃي...
۽ تون شام جو ايندئينءَ اٿهئي وانگي
۽ هڪ سرد پاڇو ايندو توسان گڏ
پاڻيءَ ۾ ٻڏندڙ پنن جهڙو.
۽ تون سيڪجهہ سمجهي ويندئينءَ...
'ڪجهہ' منهنجي سر ۾ جلندو رهندو
ڪنهن پهرين ميڻ بتي جيئن...
۽ تون ڪنهن کان ڪجهہ نہ پڇي نہ سگهندئينءَ
تہ تنهنجا گوڏا، ڪنن جا جهومڪ ۽ حسين روح

اج ايڏا ڳؤرا ڇو آهن...
بس چپ چاپ ويٺي رهج
نين راهن، نكور لفظن كي ڳوليندي رهج
شايد تنهنجو اندر
كجهه ڀوڙو ٿي ويو آهي
يا ڇڻ واچوڙي جهڙين تيارين ۾ هجي...
پر انسان جي هك رڙ وانگي
مان توكي پيار كريان ٿو
۽ هر انهيءَ پٿر سان پيار اٿم جتي ٻه هك يهوديءَ جو نالو اكريل آهي...
غريبيءَ جي قبرستان ۾
ماكيءَ جي مكين جو مانارو
جو پري پٿرن تائين ڦهلبو ٿو وڃي...
اهو عجيب نظارو
دنيا جو نقشو آهي
مان موت كان هاڻي لكيل رهي نٿو سگهان.

(13) جوليس فيوچك (Julius Fučik: 1903 — 1943)

’ڦاسيءَ جي تختي تان‘ جيل جي ادب جون اهي ساروٽيون آهن، جيكي چيكوسلوواكيا جي جوليس فيوچك ڦاسيءَ جي تختي جي چانوَ هيٺ وڃي لكيون هيون. هن صحافي ليكك كي سياسي نظرين جي كري، كيترا ڀيرا جيل وڃڻو پيو ۽ چيكوسلوواكيا تي نازين جي حكمرانيءَ دوران فيوچك كي 24 اپريل 1942ع جو پراڳ ۾، پكيٽس گيسٽاپو جيل اماٽي پيانك عذاب ڏنا ويا. 24 آگسٽ 1943ع جو نازي عدالت فيوچك كي موت جي سزا ٻڌائي ۽ ان كان چوڏهن ڏينهن پوءِ 8 سيپٽمبر 1943ع جي ڏينهن كيس گولي هڻي ماريو ويو.

جيل ۾ كولنسٽي نالي هك رحمدل چيك سپاهي هو، جيكو فيوچك كي كاغذ پينسل آڻي ڏيندو هو ۽ لكيل پنا لكائي

سنيالي ڪٽي ويندو هو. فيوچڪ جي موت ڪان پوءِ انهن پنن کي گڏ ڪيو ويو. فيوچڪ شاعر نہ هو، پر سندس سيني ۾ جتي هڪ مفڪر رهيو ٿي، اُتي ڌرتيءَ جي سونهن سان پيار ڪندڙ هڪ شاعر بہ رهيو ٿي. فيوچڪ جو نثر، نظر جهڙو گهرو آهي. سندس جيل- ڊائريءَ جو ڪجهہ حصو هن ريت آهي:

'ڪنن ۾ آواز ٻُري ٿو-
جڏهن سج جي گرمي ۽ تارن ڀري چانڊوڪي
اسان وٽان لنگهي وڃي ٿي- لنگهي وڃي ٿي
تہ آتما ڪيڏي خوشيءَ وچان اُڏامي ٿي.
اوچي آسمان ۾- ڪليل آسمان ۾
جتي رات جي اونداهي نٽي هجي
رڳو ڏينهن جو اُجالو ٿو هجي- رڳو اُجالو...
ٻہ شخص ڪٽي موت جو گيت پيا ڳائين
پر اُتي رڳو اُهي آهن: ۽ مان.
اي معزز لوڪو! مان اجا مئو ناهيان، جيئرو آهيان
مون کي هينئر نہ دفنايو.
اهي منهنجو آواز ٻڌي نٽا سگهن

ڇا مان سچ پچ مري ويو آهيان؟
ڇا منهنجو جسم ائين ئي اونڌو پيو هوندو
۽ مان پنهنجو پاڻ کي دفنائيندي ڏسندو رهندس؟...
منهنجي ڪوٺڙيءَ ڪان ٻاهر جرمن سنتري گهمن پيا
۽ ٻاهر ڪٽي سياستدان بي اعتماديءَ جا ڏاڳا اُٽين پيا.
ماڻهن جون اکيون ڪولڻ لاءِ ڪيترين صدين جي ضرورت ٿيندي؟
اڳيرو ٿيڻ لاءِ انسان جيلن جون ڪيتريون ڪوٺڙيون پار ڪري چڪو آهي
۽ ڪيتريون اجا پار ڪرڻيون آهن؟
بهادريءَ جي خاندانن جا خاندان ماريا ويا آهن

انهن مان ڪنهن هڪ کي پيار ڪرڻ لاءِ چونڊيو
انهن لاءِ نيڪ انهيءَ ماءُ کي محسوس ڪجو
جيئن توهان ڪنهن اهڙي وڏي ماڻهو لاءِ محسوس ڪيو هجي
جو مستقبل جي ساڏنا ۾ جيئرو رهيو هجي...
اهي، اڄ رات منهنجي گُستينا کي
گيهليندا پولنڊ وٺي ويندا
غلاميءَ لاءِ، ٽائيفس سان مرڻ لاءِ.
هروز سانجهيءَ جو هن جا سڀ ڪان پيارا گيت ڳايان ٿو
نيري نيري گاهہ جا گيت- ڇاپا مارن جا گيت
۽ انهيءَ قزاق ڇوڪريءَ جا گيت جا پنهنجي مڙس سان گڏ
آزادي جي ويڙهہ وڙهندي مارجي ويئي.‘

(14) يي يڪ- سا (Yi, Yuk_sa: 1904 – 1944)

هي ڪوريائي شاعر پيڪنگ يونيورسٽيءَ ۾ سوشالاجي پڙهائيندو هو، اُتيئي پڪڙيو ويو ۽ جاپاني فوجي پوليس ڪيس عذاب ڏيئي ماري ڇڏيو. سندس هڪ نظم آهي: ’چوٽي‘:

’سخت سرديءَ جو ماريل
مان اڃا اُتر ڏانهن ڌڪبو ويس.
ڪوهيڙو، تلوار جي ڌار جهڙو، جتي مان بيٺو آهيان
خبر نٿي پوي-

گوڏن کي ڪيئن ڪوڙيان، ڪٿي ڪوڙيان؛
۽ برفيلي پيرن کي ڪيئن رکان، ڪٿي رکان؛
رڳو اکيون بند ڪريان
۽ خيال ڪريان تہ سيارو
لوهہ جو هڪ ست رنگو پينگهو آهي.

(15) موسيٰ جليل (Musa Cälil: 1906–1944)

تاتاري شاعر موسيٰ جليل (موسيٰ جليلوف) جو جنم 1906 تي، ڊرين برگ پرسان هڪ ڳوٺ مستافِنو ۾، هڪ هاريءَ جي گهر ۾ ٿيو هو. هو مهڙ کان ئي ساميہ وادي سوچ رکندڙ هو ۽ سياءُ ۾ شاعر هو.

لڙائي ڇڙنديئي هو فوج ۾ ڀرتي ٿي ويو ۽ محاذ تي هليو ويو. جولاءِ 1942 ۾ هو دشمن جي گهيري ۾ اچي ويو ۽ تمام گهڻو زخمي ٿي پيو. کيس پولينڊ هيلم جي Concentration Camp ۾ رکيو ويو. سال جي پڇاڙيءَ ۾ کيس جنگي قيدين جي ڪيمپ ۾ موڪليو ويو ۽ پوءِ ٻئي سال برلن ڪيمپ ۾. اُتي هن روپوش سنستا جي هدايتن تي ڪم شروع ڪيو؛ 12 آگسٽ 1943 جي رات جو کيس وارسا جيل موڪليو ويو- نيٺ 1944 ڊريسڊين جي عدالت کيس موت جي سزا ٻڌائي. سال جي پڇاڙيءَ ۾ کيس قتل ڪيو ويو.

جيل جي سيخن پويان رهي هن 115 نظم لکيا، جن ۾ آڪٽوبر 1943 تي لکيل هڪ نظم آهي: ’دوست جي نالي‘:

’دوست، افسوس نہ ڪج تہ اسان هيئن وڇڙي وياسين
ڌرتيءَ تي هر ڪنهن جي ڀاڳ ۾ موت لکيل آهي
هرڪو پنهنجي ڄمار جي ورهين جي سرحد پاڻ طئہ ڪري ٿو
پر ورهيہ جيون جي گاڏيءَ ۾ ساٿي نٿا بڻجن
نہ ئي ڪنهن جو جنم کان موت تائين جو وقت گاڏيءَ ۾
ساٿ جو عرصو آهي.
سچي مقصد ڪاڻ وهايل رت سرويچن کي امر ڪري ٿو
۽ سندن مقصد کي ديوي طاقت ٿي بخشي.‘

موسيٰ جليل جو هڪ ٻيو نظم آهي:

’منهنجي گيتن سيکاري آهي
آزاديءَ سان محبت
۽ گيت ئي سيکاريندا- بيدپو موت

منهنجي زندگي لوڪ جو هڪ گيت هئي
۽ منهنجو موت، لڙائيءَ جي للڪار هوندو.'
پنهنجي دشمنن سان مخاطب ٿي هن هڪ نظم لکيو:

'قاتلو! مون کي گوڏن پر ڏسڻ ڏيو
سر نوڙ ڪوشش نہ ڪريو!
اڇو! مون کي ڏيئو نہ گهرجي
تنهنجو رت سان رڱيل هٿوڙو
منهنجي اک کي نہ چيپائيندو
مان ويهي نہ، بيهي مرندس.'

(16) رادنوتي مِلڪوش (Radnōti Miklōsh: 1909–1944)

1930 ۾ رادنوتي هنگري توڙي فرانس جي ادب جو اڀياس ڪندي شاگرد سنگت ناهي ۽ ڳوناٽي زندگيءَ جو اڀياس شروع ڪيائين. رادنوتي کي، يهودي هجڻ ڪري ڪو باقاعدي روزگار نہ هو؛ پر ڪڏهن ڪڏهن ترجمي جو ڪم ملي ويندو هئس. 1941 کان کيس اڪثر زوري ڪيمپ ۾ گهرايو ويندو هو. 1944 ۾ کيس يوگوسلوويا جي بور نالي شهر ۾ هڪ ڀيانڪ عذاب ڏيندڙ ڪيمپ ۾ رکيوويو ۽ جڏهن جرمن فوجون يوگوسلوويا کان واپس موٽيون، تہ ڪيمپ جي قيدين کي 'Death Parade' ڪرائينديون پاڻ سان گڏ وٺي هليون. قيدين جي جٿي سان جڏهن رادنوتي پنهنجي وطن مان لنگهيو ٿي تہ ٿڪجي ڪِري پيو. نازين جي چوڻ تي جڏهن هو بيهر اٿي نہ سگهيو، تہ کيس گولي هٽي ماريو ويو. پوءِ سندس ڪوٽ جي کيسي مان ڪجهہ شعر مليا.

رادنوتي جي شعرن جا ڇپيل مجموعا آهن ۽ 'پيگن گريٽنگ' (1930)، 'سانگ آف ماڊرن شيفرڊس' (1931)، 'رائيزنگ ورلڊ' (1933)، 'نيُومُون' (1935)، 'ڪيپ آف واڪنگ يُوڊُومڊ' (1936) ۽ اسٽيپ روڊ' (1938) ۽ موت جي ڪنڊائين تار جي واڙ جي گهيري ۾ آخري ڏينهن ۾ هن اٺ نظم لکيا: 'ايٽ ايڪلوگس'.

**’هڪ وياڪل گهڙي‘**

مان تمام اوچو، هوا ۾ جيئندو هوس، سچ پرسان
هنگري، تو پنهنجي ڇاتي کي ڌرتيءَ سان ڪيئن ٻڌي رکيو؟
ڏس، منهنجي تن تي پاڇن جي پوشاڪ آهي
۽ لهندڙ سجن جي ٻانهه منهنجا هٿ نتي گرمائي
جبلن جون چوٽيون تمام پري ۽ آسمان ان کان به پري
مان گونگن پٿرن جي پاتال ۾ ڪِريو آهيان
شايد مون کي مٽ ۾ رهڻ گهرجي
اڄ شعر چو پيو لکان!
زندگيءَ جي ڳالهه ڪيئن نڪتي؟ ڪنهن به نه ڇيڙي
۽ شعر جو سوال به ڪنهن نه ڪيو،
سُڌ اٿم- اها رڳ به اجنبي آهي
اهي مون کي مٽيءَ ۾ نه دفنائيندا
رڳو هوا ئي هڏين کي وکيري ڇڏيندي...
پر وري، هڪ پٿر مان آواز گونجندو
اهي لفظ جي اڄ چوان پيو
۽ جوان مرد ۽ عورتون-
سڀ سمجهي ويندا.

**(17) نِڪولا واپتساروف (Nikola Vaptsarov: 1909—1942)**

واپتساروف جو ننڍپڻ ۽ جواني بلغاريائي لڙائي ۽ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي ڏکين ورهين ۾ گذريا. جن سندس من تي اڻ مٽ اثر ڇڏيو. گورڪي سندس پيارو ليکڪ هو، ۽ پوءِ سندس واقفيت انهن جهازين سان ٿي، جيڪي انهن ڏينهن مارڪسي ادب ۽ سوويت اخبار لِڪي ڇپي ونندا هئا. واپتساروف روس وڃڻ جو فيصلو ڪيو، پر پنهنجي وطن جي سڏ کيس وڃڻ نه ڏنو. هن ملٽري اسڪول ۾ تعليم ورتي ۽ پوءِ کيس هڏ ٽوڙ محنت ڪرڻي پيئي ۽ ٻُکن جا ڏينهن ڏسڻا پيا. ريلوي ۾ ڪوئلا ڍوئڻ جو ڪم ڪيائين ۽ مستري به ٿيو. اهوئي

ڪارڻ آهي، جو پورهيت طبقي جي زندگيءَ جا سمورا نقش سندس تخليقن ۾ ملن ٿا.

ماياڪووسڪيءَ کي هن ليڪڪ گهڻو اتساهه ڏنو.

پوءِ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي باهه ڀڙڪي اُٿي. 1940 ۾ روسي سفير پنهنجي حڪومت پاران بلغاريا کي دوستيءَ جي معاهدي ڪرڻ لاءِ چيو؛ پر بلغاريا جي فاشسٽ حڪومت انهيءَ آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ اها حقيقت ماڻهن کان لڪيل رکي ويئي. بلغاريا جي ليکڪ طبقي انهيءَ ڳالهه کي ڪنيو، پرن جي علائقن ۾ اهو ذميدار ڪم واپتساروف کي سونپيو ويو. 4 مارچ 1942 جي ڏينهن فاشسٽ پوليس واپتساروف کي گرفتار ڪيو. 23 جولاءِ 1942 تي فوجي ٽربيونل ۾ مٿس مقدمو هلايو ويو ۽ موت جي سزا ڏني ويئي. واپتساروف ڏاڍي ٺڌي دل سان اهو فيصلو ٻڌو ۽ چيائين: ’پنهنجي ڌرتيءَ جي هڪ سپوت هئڻ جي ناتي، مان فاشسٽن کان نفرت ڪريان ٿو - انهيءَ ڪري مون اهو قدم کنيو هو.‘

جنهن ڏينهن کيس گولي هڻي ماريو ويو، هن شاعر چيو هو: ’**سياڻي اها زندگي جوان ٿيندي، اهو وشواس منهنجي اندر ويٺل آهي ۽ انهيءَ وشواس کي لڳڻ واري گولي ڪٽي به ناهي.**‘

واپتساروف جي شاعري گهري ماتوَتا واري آهي، جيڪا ملڪن ۾ امن ۽ دوستيءَ جي اميد ڪري ٿي. سندس گيتن تي لوڪ گيتن جي سهج سمجهه ۽ سادگيءَ جي ڇاپ آهي. سندس موت کان پوءِ 1953 ۾ عالمي امن ڪانفرنس واپتساروف جي لکڻين تي Grand Honourary Prize ڏنو. واپتساروف جون سموريون لکڻيون امن ۽ انصاف کي اجاگر ڪن ٿيون. سندس هڪ نظم آهي: ’اتهاس جي نالي‘-

’اسان گمنام ڪارڪن آهيون، تون اسان جو ذڪر ڪندين؟
پنهنجي ڪنهن پني ۾ اسان جو نالو لکندين؟
بصر ۽ ماني سنگهي اسان هيءَ ٻني کيڙيندا رهياسين
۽ زندگيءَ جي منهن تي ڦٽڪار وجهندا رهياسين.

شڪر ڪر اسان توکي خبرون ڏيندا رهياسين
توکي جنهن جي اچ هئي: اسان رت پنهنجي سان ريج ڏيندا رهياسين
ايندڙ وقتن جي شاعرن جا قلم ترقيءَ جا گيت لکندا،
پر پيڙا جي هيءَ ڊگهي ڪٿا اڻ لکيل رهجي ويندي
۽ اسان جي هن زندگيءَ جي ڪا معنيٰ ناهي ڇا؟
زهر جو بس هڪ وَڏُ آهي- اسان کي ٻيو ڪجهه چوڻو ناهي.
ڪنڊن جي هڪ واڙ هئي جنهن جا پاڇولا گهٽندا وڌندا رهيا،
۽ اسان جي ماءُ اسان کي جڻي سورن ۾ سڙندي رهي.
پن- ڇڻ ۾ اسان مکين جيئن مُئاسين
مائرن جي سور کي رڳو جهنگلي پن ئي ٻڌي سگهيا.
جيڪي باقي رهيو، پگهر سان تر هو
اسان کي ڏڳن جيئن جوٽيو ويو
وڏن چيو- اهوئي آهي ارتوان جيون!
پر اسان جو ڏوهه رڳو اهو جو اسان انهيءَ ڏيک تي ٺُڪيو...
انهيءَ دک جي، پيڙا جي، قيمت نتا گهُرون
عيوضي ۾ ڪنهن اجوري، شهرت جي گهرج ناهي
نه ئي ڪئلينڊر جي تصوير ٺهجڻو اٿئون-
بس، جي اسان کان پوءِ اچن، کين ايترو چئجو:
هڪ زندگي، هڪ ڪلپنا، هڪ مورت گهڙيندا رهياسين
روشنيءَ لاءِ، اونداهي ۾ وڙهندا رهياسين. •••

## شرلاڪ هومز. سَر آرٿر ڪانن ڊائل*
## جو لافاني ڪردار



شرلاڪ هومز (Sherlock Holmes) لاءِ عام طرح ڪن تورن ڪي سُڌ هوندي تہ هو رڳو هڪ افسانوي ڪردار آهي، جيڪو سر آرٿر ڪانن ڊائل Sir Arthur Conon Doyle (1859-1930) تخليق ڪيو هو. شرلاڪ هومز جو نالو جاسوسي ادب جو هڪ اهڙو لازمي حصو آهي جيڪو سندس ذڪر کان سواءِ جاسوسي ادب جو تفصيل هميشہ اڻ پورو لڳندو. سر آرٿر ڪانن ڊائل جاسوسي ليکڪ ٿيڻ کان اڳ پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر هو. سندس افسانوي ڪردار- شرلاڪ هومز- جاسوسي ادب جي ٻين نائڪن کان وڌيڪ مشهور ۽ هرواسي آهي. ڪٿي وري ماڻهو اهو سمجهندا آهن تہ هو هڪ ڳوناٽو هو ۽ اجا تائين لنڊن ۾، بيڪر اسٽريٽ جي 221 نمبر گهر ۾ رهندو آهي. ڪانن ڊائل پنهنجي ڪتابن ۾ ڄاڻايو آهي تہ شرلاڪ هومز ۽ سندس دوست ڊاڪٽر واٽسن انهيءَ گهر ۾ گڏ رهندا هئا. هر سال دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان هزارين سياح انهيءَ پتي تي انهيءَ عظيم جاسوس جي پڇا ڪندا آهن. هر هفتي سندس نالي تي خطن جا ڍير ايندا آهن.

---

* SIR ARTHUR CONON DOYLE 1859-1930 : Scottish Author of Detective Novels and Physician.

جيڪڏهن شرلاڪ هومز جو واقعي وجود هجي ها تہ هو هيل تائين 130 ورهين جي ڄمار جو هجي ها.

شرلاڪ هومز جي پهرين مهم 'اي اسٽڊي اِن اسڪارليٽ' (A Study in Scarlet) هئي، جيڪا ڪنهن انگريزي مخزن ۾، پورا هڪ سؤ ورهيہ اڳ ڇپي هئي. اُن ۾ هو ايڏو تيز ۽ ڦڙت ڏسڻ ۾ آيو جو اُن وقت جي گهڻن پڙهندڙن ليکڪ تي زور آندو تہ هو سندس مسئلن کي سلجهائڻ لاءِ ڪين شرلاڪ هومز سان ملائي.

1891ع کان 1927 جي وچ ۾، ڪانن ڊائل، شرلاڪ هومز جون 59 ڪهاڻيون لکيون، جن کي سڊني پئليٽ نالي چترڪار تصويرن جو روپ ڏنو. تصويرن ۾ هن شرلاڪ جو چهرو باز جهڙو ۽ جسم سنهڙو ڏيکاريو آهي، جيڪو عام ماڻهن جي ذهن ۾ اهڙو ويهي ويو آهي جو اڄ تائين ڪيس اهڙو ئي سمجهيو وڃي ٿو. Adventure of Sherlock Holmes (1892), Memoirs of Sherlock Holmes (1894) ۽ The Rrturn of Sherlock Holmes(1905) ۽ The Hound of The Baskervilles اهي ڪهاڻيون قسطوار Strand Magazine ۾ ڇپيون، جيڪي پوءِ (1905) Sherlock holmes ۾ شايع ٿيون.

پڙهندڙن انهيءَ نئين طرز جي جاسوسي ادب کي ڏاڍو پسند ڪيو، پر ليکڪ ڪانن ڊائل خود تاريخ لکڻ کي ترجيح ڏني، تنهنڪري شرلاڪ هومز جون ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏيڻ جو فيصلو ڪيائين. 1893ع ۾ هن هڪ ڪهاڻي 'دي فائينل پرابلم' (The Final Problum) لکي، جنهن ۾ شرلاڪ هومز ۽ سندس جاني دشمن پروفيسر موريارٽي جي وچ ۾ آخري مقابلو ٿئي ٿو ۽ ٻئي ڄڻا سُئٽزرلينڊ جي ايچ بيچ جي آبشار ۾ متي پرڪِرن ٿا ۽ ليکڪ پنهنجي ڊائريءَ ۾ 'شرلاڪ هومز مارجي ويو' لکي سُک جو ساهہ کنيو.

انهيءَ فيصلي تي، عام پڙهندڙ جي ردِ عمل، ليکڪ کي ڏاڍو حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. لنڊن جي واپارين پنهنجن ٽوپلن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون. امريڪا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ 'Keep Hilmes Alive' (شرلاڪ هومز کي زنده رکو) نالي ڪلبون قائم

ڪيون ويون. هڪڙي پڙهندڙ ڪانن ڊائل کي احتجاجي خط لکيو:
’يوُ برُوٽل‘ (او ظالم!).

پر ڪانن ڊائل مڃڻ کان انڪار ڪيو. ماڻهو شرلاڪ هومز جي ڪهاڻين کان اڻن ورهين تائين وانجهيل رهيا. نيٺ انهيءَ جاسوسي افسانوي ادب جي ليکڪ کي انهيءَ عظيم جاسوس کي سڀ کان مشهور ڪهاڻي ’The Hound of the Baskervilles‘ لکي ورري جيئارڻو پيو. اها ڪهاڻي ’اسٽرانڊ‘ اخبار ۾ ڇپي ته اُن جون ٽيهه هزار ڪاپيون وڪامجي ويون. ڪانن ڊائل لاءِ شرلاڪ هومز جي مهر جوئي جون ڪهاڻيون لکڻ ايڏو آسان هيون جو هڪ ڀيري هن ’لارڊ ڪرڪيٽ گرائونڊ‘ ۾ لڳ ڀڳ سموري ڪهاڻي لکي ورتي، پر مينهن پوڻ جي ڪري اُتان اٿڻو پيس.

ڪانن ڊائل جون شرلاڪ هومز جي باري ۾ لکيل ڪهاڻيون 40 ٻولين ۾ ڏهن ڪروڙن جي تعداد ۾ وڪرو ٿيون آهن. اهي ڪهاڻيون بريئل لپيءَ ۾ پڻ موجود آهن. شرلاڪ هومز سنيما جي پردي تي پهريون گهمرو 1903ع ۾ ظاهر ٿيو. اُن کان پوءِ، سندس باري ۾ ڏيڍ سؤ کن فلمون تيار ٿيون، جن ۾ جان بئري مور، ڪلائيوَ برُوڪ ۽ رئمنڊ مئسي- سيني شرلاڪ هومز جاسوس جو ڪردار ادا ڪيو، پر اهو شخص باسِل راٿون هو، جنهن جو مهاندو شرلاڪ هومز سان گهڻو نهڪندڙ لڳو، جنهن 1939ع کان 1946ع جي وچ ۾ 14 فلمن ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو.

شرلاڪ هومز کي ٽيهن اسٽيج ناٽڪن ۾ پيش ڪيو ويو. براڊوي ميوزيڪل ’بيڪر اسٽريٽ‘ لاءِ نيويارڪ اشتهارن ۾ لکيل هو: ’هن جيمس بانڊ کي اهو سڀ ڪجهه سيکاريو، جنهن جي کيس ڄاڻ آهي.‘ شرلاڪ هومز جي موضوع تي سيڊلرس ويلس، بيلي پڻ پيش ڪيو. شرلاڪ هومز جي ڪهاڻين کي ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ لاءِ پڻ ايڊيٽ ڪيو ويو، جن مان ڪجهه پاڪستاني ٽي. ويءَ تي پڻ ڏيکاريون ويون.

ڊاڪٽر جان ايڇ- واٽسن ايم- ڊي، شرلاڪ هومز جو دوست ۽ ساٿس گڏ ساڳئي ڪمري ۾ رهندڙ، اهو شخص هو، جيڪو

شرلاڪ هومز جي سلجهايل سيني ڪيسن جو سمورو رڪارڊ سنڀالي رکندو هو. ڪهاڻين ۾ اهي ٻئي گهڻو ڪري انهن ڪيسن جي باري ۾ گفتگو ڪندي ڏسجن ٿا. حل ڳولڻ جي ڪوشش جي دوران، شرلاڪ هومز گهڻا نقطا پنهنجي اعتبار جوڳي دوست واٽسن سان طئہ ڪيا ٿي، جنهن ڪي هو گهڻو ڪري واردات جي هنڌن تي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. ڊاڪٽر واٽسن ايڏو تيز فهم نہ هو، جيترو سندس اُستاد جاسوس شرلاڪ هومز. ڊاڪٽر واٽسن ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ۾ نسبتاً ڪجهہ وڌيڪ وقت وٺندو هو. شرلاڪ هومز جي اک ۽ ذهن اُهو ڪجهہ ڏٺو ۽ سمجهيو ٿي، جيڪو ٻئي ڪنهن نٿي ڏٺو ۽ سمجهيو سندس علم وسيع هو ۽ هو مڪمل طور تي سائنسي طرح سان ڪم ڪندو هو.

شرلاڪ هومز جي پرستارن مٿس تحقيقي ڪم ڪيو آهي. اهي ڪهاڻين کي باريڪ بينيءَ سان پڙهن ٿا ۽ منجهانئن اهو ڪجهہ ڳولين ٿا، جيڪو ٻين کي نظر نٿو اچي. اهي هر سال جنوريءَ ۾، جيڪو شرلاڪ هومز جي جنم جو مهينو آهي، ساليانو دعوت جو اهتمام ڪندا آهن.

لنڊن جي ٽرئفلگر اسڪوائر ۾ 'شرلاڪ هومز' نالي هڪ شراب خانو آهي، جنهن ۾ ڪانن ڊائل جي ڪهاڻين ۾ ڏيکاريل بيڪر اسٽريٽ ۾ سندس بينڪ کي سهڻي طريقي سان سجائي رکيو ويو آهي. شروع ۾ اهو ڪمرو بيڪر اسٽريٽ ۾، 1951ع ۾ برطانيہ جي هڪ اهم جاءِ جي طور تي ڏاڍي خبرداريءَ سان ڊزائين ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪمري ۾ سندس استقبال جي هر ڪا شيءِ موجود آهي. ايتري قدر جو چانهہ جي ٽري تي ڪيڪ پڻ هميشہ موجود هوندا هئا. هڪ ڪيڪ ٺاهيندڙ فئڪٽريءَ هر روز تازا ڪيڪ نمائش لاءِ موڪليندي رهندي هئي. اهي سڀ اهڙي طرح رکيا ويندا هئا جو اهو تاثر ملندو هو تہ اڃهو شرلاڪ هومز ۽ سندس دوست ڊاڪٽر واٽسن ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ ٻاهر نڪتا آهن. ايتري قدر جو اُتي روزانو ڪو اچي ڪيڪن مان ٻہ ٽي چڪ پڻ اڏ ڪاڏل ائين ڇڏي ڏيندو هو. جڻ اڃهو ضروري

ڪيس لاءِ پيچي نڪتا آهن. شرلاڪ هومز جي ڪيڪ مان وڏو چڪ پريل هوندو هو ۽ واٽسن جي ۾ نندو، چاڪاڻ ته ڪيس جي منجهيل نقطن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ۾ هو ڪيڪ کُترينڊو رهندو هو.

شرلاڪ هومز جي هڪ پرستار هڪ ڀيري لکيو هو، ”شرلاڪ هومز ۽ واٽسن انهن لاءِ اڄ به زنده آهن جيئن دل جي رومانوي خاني مان ۽ ذهن جي ناسٽلجيائي ڏيهه مان ساڻن محبت ڪن ٿا.“ اهڙي طرح سر ڪانن ڊائل جو تخليق ڪيل ڪردار سنڌس ويساهه ڪان به وڏيڪ امر ٿي ويو آهي.•••

# ڪجھ ڪرشن چندر جي باري ۾•



ڪرشن چندر جو جنم 23 نومبر 1914ع تي لاهور ۾ ٿيو. ٽن ورهين جي ڄمار کان پنهنجي ڪٽنب سان گڏ پونچ (ڪشمير) ڏانهن هليو ويو، جتي پٽس ڊاڪٽر هو. سندس ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جو هڪ حصو اتي ئي گذريو، تنهن ڪري سندس زندگيءَ تي ڪشمير جي سونهن ۽ غربت جو گهرو ۽ اڻ وسرندڙ اثر پيو. هوُ سونهن کي حاصل ڪرڻ ۽ غربت کي ختم ڪرڻ ۾ ئي انسانيت جا بنيادي مسئلا سمجهندو هو ۽ سندس تخليقون انهن موضوعن تي لکيل آهن.

تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي ته ڪرشن چندر ڪاليجي زندگيءَ ۾ لاهور اسٽوڊنٽس يونين آرگنائيزيشن جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ هنديءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار يشپال وانگر ڀڳت سنگهه جو ساٿي هو ۽ جڏهن ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿي گرفتار ٿيا ته ڪرشن چندر کي به پوليس پڪڙي ورتي ويئي هئي. ڪيس لڳ ڀڳ مهينو لاهور جي قلعي ۾ بند رکيائون ۽ پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ جيتوڻيڪ ڪيس آزاد ڪيو ويو، پر منجهس سياسي سمجهه پيدا ٿي چڪي هئي. لاهور مان انگريزي ادب ۾ ايم اي ۽ ايل ايل بي پاس ڪرڻ دوران سياست ۾ سندس دلچسپي وڌڻ لڳي ۽ هو پنجاب ۾ ينگين جي پهرين يونين جو صدر چونڊيو ويو. پنهنجون مشهور ڪهاڻيون 'يرقان'، 'انگور'، طلسم خيال'، 'دو

---

• Krishan Chander (19: 4-1977): Urdu And Hindi Novelist And Short-story Writer.

فرلانگ لمبي سڙڪ‘ هن انهن ڏينهن ۾ لکيون. هو پنگين جي ڪالونين ۾ ويندو هو، تقريرون ڪندو هو ۽ سندن مسئلن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪيس پنهنجي قلم جي جادوءَ تي ايترو ڀروسو نہ هجي ها تہ هو جيڪر سياست کي سدائين لاءِ ڇهتي پوي ها. اردوءَ ۾ انساني نفسيات جي نالي ۾ جڏهن عصمت چغتائي جي ’لحاف‘، منٽو جي ’ڪالي شلوار‘، ۽ اشڪ جي ’اُبال‘ جهڙيون ڪهاڻيون لکيون پئي ويون تہ ڪرشن چندر سماجي ڪهاڻيون لکي اردو ڪهاڻيءَ جو رُخ ئي

ڦيرائي ڇڏيو. سماجي زندگيءَ جا ننڍا وڏا مسئلا سندس ڪهاڻين جا موضوع هئا. ڪلڪتي ۾ سياسي قيدين جي حمايت ۾ عورتن جي جلوس تي گولي هلي (1949) تہ ’برهم پتر‘ لکيائين، بمبئي ۾ ٽيڪسٽائيل مزورن جي هڙتال تي (1954) تہ ’سرخ قوس‘ لکيائين، اپريل- جون 1948ع ۾ هن سينسرشپ ۽ شهري حڪام جي تشدد جي خلاف ’بت جاگتي هين‘ لکي. ڪرشن چندر انهن ڪهاڻين ۾ اردو ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو.

’مهالڪشمي ڪا پُل‘ ۾ هو چوي ٿو:

”اوهان هن پل جي ساڄي- کابي ٻنهي طرفن کان ڏسو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کان پڇو تہ اوهان کهڙي طرف وڃڻ ٿا چاهيو؟ مان رڳو اهو پڇڻ ٿو گهران تہ اوهان مهالڪشمي جي پل جي ساڄي طرف آهيو يا کابي طرف؟“

”مهالڪشميءَ جي پل جي ساڄي طرف بورجوائي آهن اِهي اُهي ماڻهو آهن جن جا ڪارخانا ۽ جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيون آهن ۽ دولت آهي ۽ کابي پاسي محنت ڪش ۽ پورهيت انسان آهن.“ ڪرشن چندر پنهنجي هڪ نہ پر انيڪ ڪهاڻين ۾ پڌرو ڪيو آهي تہ هو پُل جي کابي پاسي وارو ليکڪ آهي.

پل جي کابي طرف وارن ليکڪن جي اها مجبوري آهي جو انهن پنهنجي فن جي چوڌاري ليڪا ڏيئي ڇڏيا آهن. اُهي پنهنجي سرحدن کان ٻاهر نڪري ٻيو ڪجهہ ڏسي نہ سگهندا آهن. انهيءَ دٻاءَ جي ڪارڻ سندس لکڻيون ٻي معنيٰ ۽ ادب جي آفاقيت

حاصل ڪري نہ سگھنديون آهن. پر ڪرشن چندر سان اها ڳالهہ لاڳو نٿي ٿئي. جيٺ مهيني جي نہ سهڻ جوڳي منجهند جي گرميءَ ۾ نم جي پنن جي ٿڌي هوا وانگر هن فن ۾ جذبن جو سنگم قائم رکيو آهي. سماج جي پيڙيل، ڏکويل ۽ ڏتڙيل طبقي سان سندس همدردي فطرت سان هم آهنگي جي صورت ۾ پڌري ٿئي ٿي. وٽس فطرت ڪٿي بہ انسان کان جدا ناهي. اها انسان سان جڙيل جڙيل نظر اچي ٿي. ٿامس هارڊي وانگر هن فطرت کي انسان کان اُتاهين نہ مڃيو آهي ۽ نہ ئي انهيءَ کي اهڙي طرح چٽيو اٿس جو ان جا هٿ رت سان رنگيل آهن. هو فطرت کي انسان جي دشمن جي روپ ۾ نٿو پسي پر پاڻ ائين مڃي ٿو تہ انسان پنهنجي بدنصيبيءَ جو پاڻ ذميوار آهي. فطرت تہ پنهنجي املهہ سونهن ڪشمير تي گهوري ڇڏي هئي، پر اُتي جيڪا غربت آهي، جهالت آهي، بدحالي آهي، انهيءَ لاءِ انسان پاڻ ذميوار آهي. ڪشمير جي سُرمائي وٽڪار ۽ غريبيءَ جا گهرڙا انسان خود جوڙيا آهن. فطرت کي هن تمام شاعراڻي ٻوليءَ ۾ چٽيو آهي. پر ڪٿي ڪٿي انهي چترڪاريءَ ۾ يڪ رنگي بہ اچي ويئي آهي ۽ لڳندو آهي تہ سندس هڪ ڪهاڻي ٻي ڪهاڻيءَ جو اولڙو آهي. انهيءَ جي باوجود فطرت سندس ڪهاڻين ۾ پس منظر ۾ ئي رهندي آهي ۽ فطرت جي هنج ۾ ڪيڏيندي ڪيڏيندي طرح طرح جي ڪردارن سان واقفيت ٿيندي رهي ٿي. ڪرشن چندر جو رچنا - سنسار ايڏو تہ وشال آهي جو سندس ڪهاڻين ۾ مزدور ۽ هاري ملن ٿا، نوجوان ۽ ٻڍا ملن ٿا، ڪلارڪ ۽ آفيسر ملن ٿا، يتيم ۽ بيروزگار ملن ٿا. نہ رڳو اهي پر سندس گڏهہ ڪنهن بہ انسان کان گهٽ تهذيب يافتہ نظر نٿو اچي. سندس گڏهہ نہ رڳو بيوٽي ڪامپيٽيشن ۾ حصو وٺي ٿو، پر جواهر لال نهرو ۽ چو - اين لائيءَ سان پڻ ملاقاتون ڪري ٿو ۽ زندگي، سياست توڙي بين القوامي سطح تي ڪجهہ اهم سوال اٿاري ٿو. هڪ ڀيري ڪرشن چندر کان جڏهن پڇيو ويو تہ تو پنهنجو هيرو گڏهہ ڇو چونڊيو؟ تہ وراڻيو هئائين، "انهيءَ لاءِ جو سڀني جانورن ۾ مون گڏهہ کي ئي وڌيڪ عقلمند

ڏنو آهي. چوڻ لاءِ تہ انسان ئي سڀ کان وڌيڪ عقلمند مجيو ويندو آهي، پر انسان گڏريل ٻن جنگين ۾ جيڪي ڏنو آهي، اُهو ڏسي ۽ انهيءَ تي غور ڪري اهوئي محسوس ٿئي ٿو تہ دنيا ۾ سڀ کان علقمند جانور گڏهہ ئي آهي.“

سندس طنز تمام تکي ۽ پُر اثر آهي. ’تائي ايسري‘ کان وٺي ”ايڪ گڏي کي آتم ڪٿا“ تائين سندس فن کي ارتقا پذير ٿيندي ڏسي سگهجي ٿو. ڪرشن چندر جا ڪردار ڪانئس مختلف ناهن. هڪ پيري ڪانئس پڇيو ويو، ”’شڪست‘ جو شيام ڪير آهي؟“

”مان!“ ڪرشن چندر وراڻيو.

”تائي ايسري؟“

”مان...“

”۽ اهو گڏهہ؟“

”اهو بہ مان ئي آهيان.“

ڪرشن چندر ڪُل وقتي ۽ گهڻ لکڻو ليکڪ هو. پنهنجو شروعاتي ناول ’شڪست‘ هن ڪشمير جي گلمرگ هوٽل ۾ رهي فقط 21 ڏينهن ۾ لکي پورو ڪيو هو، جنهن جا پوءِ ڪيترائي ڇاپا شايع ٿيا. سندس لکڻين تي کيس 1966ع ۾ سوويت ليند نهرو ايوارڊ بہ مليو.

پنهنجي عادتن جي باري ۾ ڪرشن چندر بيباڪيءَ سان لکيو آهي:

”عادتون سٺيون نہ اٿم. ٿُڪندو گهڻو آهيان، ڳالهائيندو گهٽ آهيان. ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ بدن جا ڪپڙا صاف نہ رهندا اٿم. نشي کان پرهيز ناهي پر ڀنگ ۽ چرس نہ پيئندو آهيان. گهڻو ڪري بيمار رهندو آهيان ۽ افسوس انهيءَ ڳالهہ جو اٿم تہ اخبارن ۾ منهنجي باري ۾ بليٽن نٿي ڇپجي.“

سندس ياءُ مهيندر ناٿ، ڀيڻ سرلاديوي (جن جو ديهانت ٿي ويو آهي) ۽ سندس زال سلميٰ صديقي اردو ۽ هنديءَ جا مڃيل ڪهاڻيڪار آهن.

ڪرشن چندر 8 مارچ 1977ع تي ممبئي ۾ ديهانت ڪري ويو. •••

# ترقي پسند شاعر ڪيفي اعظميءَ جي موت تي•



ڪيفي اعظمي ننڍي کنڊ جي ترقي پسند تحريڪ سان وابسته رهيو. هو قومي سطح جو هڪ مشهور شاعر هو، جنهن جو مهاندو مضبوط هو، مٿي جا وار هر وقت هوا ۾ لهرائيندا رهندا هئا ۽ رعبدار شخصيت سبب محفل ۾ ڇانيل رهندو هو. سندس زال شوڪت اعظمي به مشهور اسٽيج اداڪارا هئي، جيڪا مشهور فلمي اداڪار سنجيوَ ڪمار جي اسٽيج گروپ سان لاڳاپيل رهي ۽ نهايت معتبر ۽ معزز فلمن جهڙوڪ "گرم هوا ۾ ڪم ڪيائين. سندن شادي اڌ صدي کن اڳ ٿي هئي ۽ اها به روايتن ۽ رسمن کان هٽيل لوَ ميريج هئي، جنهن ۾ مائٽن جي مرضي جو عملِ دخل نه هو.

سندن ڌيءُ شبانا اعظمي، جيڪا انڊين فلم انڊسٽري ۾ جدت آڏيندڙ (Avent Garde) اداڪارا طور پنهنجي شهرت جي اوچاين تائين پهچي، ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪري، ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجو قدر ڪرائي چڪي آهي، عام سماجي ۽ فلمي دنيا ۾ اڄ کان 25 ورهيه اڳ چڱي خاصي تڪراري (Con roversial) بنجي ويئي هئي. هُن پوني جي فلمي انسٽيٽيوٽ ۾ اداڪاريءَ ۾ ڊگري حاصل

---

•Kaifi Azami (Sayyid Akhtar Hussein Rizvi- 1919-2002): Indain Urdu Peot.

ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي هئي. هوءَ جنهن غير روايتي ڍنگ سان ماڻهن کي ڪيڪارڻ لاءِ ڪرڻ لاءِ چمي ڏيندي هئي يا ڀاڪر پائيندي هئي، اُن مان لڳندو هو تہ ڪا هاليوُڊ جي اسٽار هجي ۽ اُهي بہ هاليوُڊ جا اسٽار هجن.

ڪيفي اعظميءَ جو جڏهن انهيءَ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو تہ چيائين تہ هُن بي_اي ڪرڻ ڪان پوءِ جرنلسٽ ٿيڻ چاهيو ٿي. هن جيئن تہ جيا ڀادري ۽ ٻين ڇوڪرين کي اسڪرين تي ڏٺو هو، تنهن ڪري هُوءَ بہ اداڪارا ٿيڻ ٿي چاهي. ونس صلاحيت (ٽئلينٽ) آهي ۽ سندس ماءُ بہ ڪيترو عرصو ائڪٽنگ سان وابستہ رهي آهي، پر مون کي هميشہ پوُرڻتا (Perfection) جي ڇڪ ٿيندي آهي ۽ اها شبانا ۾ آهي. هُن تنهنڪري انسٽيٽيوٽ جوائن ڪيو ۽ پنهنجو فلمي ڪيريئر شروع ڪيائين. اسان کي پيسن جي لالچ ناهي. اسان نهايت سادا ماڻهو آهيون ۽ اسان جون ضرورتون محدود آهن. اسان رڳو اهو چاهيون ٿا تہ منجهس خود اعتمادي اچي ۽ هوءَ ذهين هجي تہ جيئن سندس ڪو استحصال نہ ڪري. اها ڳالهہ هر انهيءَ ڇوڪريءَ سان لاڳو ٿئي ٿي، جيڪا ڀلي نرس هجي، ٽائيپسٽ هجي يا ڪنهن بہ پروفيشن ۾ هجي. ڪم ڪندڙ ڇوڪرين (ورڪنگ گرل) جي ساک پت (ريپوٽيشن) لاءِ ائين ئي سوال ڪيا ويندا آهن.“

ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو بنياد 1936 ۾ پيو هو. 1940 کان 1942 تائين جو زمانو تنظيم ڪاري، جلسن ۽ ڪانفرنسن جو ڪم ڊرو ٿي ويو هو. انهيءَ زماني ۾ فيض جو ”نقشِ فريادي“، ڪرشن چندر جو ”طلسم خيال“، بيديءَ جو ”دانہ و دام“، نديم ۽ اشڪ جي افسانن جا مجموعا شايع ٿيا. انهيءَ زماني ۾ ادب لطيف ۽ نيا ادب ترقي پسند شاعري، تنقيد ۽ افسانن جا مجموعا شايع ٿيا. هي اهو زمانو هو، جنهن ۾ لکندڙ يا تہ شاگرد هئا يا باقاعدي اديبن جي قطار ۾ داخل نہ ٿيا هئا. اهي جيڪي ترقي پسند ادب جي

تحريڪ ۽ ترقي پسند نظريئي کان متاثر ٿيا، اُهي هئا: احمد نديم قاسمي، ساحر لڌيانوي، ظهير ڪاشميري، عبدالله ملڪ، عبادت بريلوي، وامق جونپوري، ممتاز حسن، ابراهيم جليس، شاهد صديقي، هنسراج رهبر. اهو زمانو 1943ع ۽ 1944 جو هو ۽ ڪيفي اعظمي جو نالو شاعر جي حيثيت سان ٻڌجڻ ۾ اچي ٿو.

ممبئي ۾ اُن زماني ۾ انقلابي مشاعرن جي تحريڪ زور هئي. ممبئي جا مسلمان مزدور شعر ۽ ادب کي پسند ڪندا آهن. اُتي ادبي محفلون ۽ مشاعرا منعقد ٿيندا رهندا هئا ۽ سال ۾ هڪ وڏو مشاعرو ڪندا هئا، جيڪو انقلابي شاعري جي نالي سان مشهور هو. انهن مشاعرن ۾ مخدوم محي الدين، مجروح سلطان پوري، سردار جعفري، اسرارالحق مجاز ۽ ڪيفي عظمي شريڪ ٿي پنهنجو ڪلام ٻڌائيندا هئا. انهن مشاعرن جي مقبوليت جو سهرو ڪيفي اعظمي جي سر تي هوندو هو. ڪيفي اعظمي ۽ سردار جعفري پنهنجون ڊگهيون مثنويون انهن مشاعرن لاءِ لکيون، جن جا موضوع قومي ۽ بين القوامي سياست هوندا هئا. اهي مثنويون آسان ۽ روان زبان ۾ هونديون هيون. هتي اها ڳالهه ٻڌائڻ دلچسپي کان خالي نه ٿيندي ته ڪيفي اعظمي جون مثنويون ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ ۾ ختم ٿينديون هيون، پر ماڻهو ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا. سردار جعفري جڏهن 1944 ۾ ”نيا دور“ جي ادارتي بورڊ کان جدا ٿي هڪ پبلشر جي اداري ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ته ظ- انصاري ۽ محمد مهدي اُتر هندستان کان اچي ”نيا زمانه“ جي ايڊيٽري حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪيفي اعظمي به ”نيا زمانه“ کان جدا ٿي ويو ۽ ”نيا ادب“ جو ايڊيٽر ٿيو. مجاز، جذبي ۽ جان نثار اختر ڪافي عرصي کان بمبئي ۾ رهيل هئا، اوپيندرناٿ اشڪ به بمبئي ۾ هو اهي سڀ باقاعدگي سان انجمن ترقي پسند تحريڪ جا ميمبر ٿيا ۽ ان جي ڪارروائين ۾ حصو وٺڻ لڳا. 1945 ڌاري ڪيفي اعظمي جي ڪلام جو مجموعو ”جهنڪار“ شايع ٿيو.

هو پنهنجا سياسي نظم زوردار ۽ مخلص انداز ۾ تحت اللفظ ۾ پڙهندو هو. سندس ڪلام پڙهڻ جو انداز دلچسپ ۽ پُراثر هوندو هو. هر نظم ختم ٿيڻ تي ٻڌندڙن طرفان مٿس زور پوندو هو ته ٻيا به نظم ٻڌائي.

شبانا اعظمي جاويد اختر جي زال آهي، جنهن نه رڳو فلمي ڪهاڻين جا اسڪرپٽ لکيا. هوُ جان نثار اختر ۽ صفيه اختر جو پٽ آهي، جيڪا جيتري قدر مون کي خبر آهي ته اسرارالحق مجاز جي ڀيڻ آهي. اڄڪلهه فلمي دنيا ۾ شاعريءَ جي اُتاهين تي جاويد اختر هڪ نالو آهي ته اداڪاريءَ ۾ وري شبانا اعظمي. جيئن جاويد اختر جان نثار اختر ستين پيڙهين جو تسلسل آهي ته شبانا اعظمي ڪيفي اعظمي ۽ شوڪت اعظمي جي نسلن جو تسلسل. اهو ڪيڏو نه عجيب سنگم ۽ تسلسل آهي، جن جي فن جو چمڪندڙ ستارو هن ننڍي کنڊ جي اُفق تي روشن آهي.

هڪ فلم ۾ شبانا کي ڊائريڪٽر چيو ته فلم جي هيرو هيني هو پنهنجي مڙس (فلمي) جي اڳيان سندس جوتا وجي رکي. شبانا چاتو ته انهيءَ سين جو ڪو واسطو نٿي نهيو، هُن نهه پهه اها ڳالهه ڊائريڪٽر کي چئي ڏني. هن چيو ته هوءَ اهو سين ڪيترائي ڀيرا ڪرڻ لاءِ تيار آهي بشرطيڪ سندس مڙس هڪ ڀيرو ئي سهي، پر ڪيس به سندس جوتا آڻي ڏي. هن بهرحال ڊائريڪٽر کي اهو سينَ مٽائڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ جي بدران هن فلم جي هيروئن جي طور تي پنهنجي مڙس کي کير جو گلاس ڏنو.

هڪ فلم ۾ شبانا هڪ جوان ٿيندڙ ڇوڪريءَ جي ماءُ ڏيکاريل آهي. ڇوڪريءَ سان زيادتي (rape) ٿئي ٿي، ماءُ کي چوڻو هوندو آهي ته ”اسان جو ته سروَناش ٿي ويو.“ يعني خاتمو. شبانا انهي جملي تي سخت اعتراض ڪيو جو هن سمجهيو ته ريپ ٿيڻ سان ڪنهن جي زندگيءَ جو انت نٿو ٿئي ۽ ڊائريڪٽر کي چيائين ته ريپ هڪ ڏکوئيندڙ تجربو (Traumatic Experience) ٿئي ٿو، اهڙو

جملو ڙيادتيءَ جي شڪار (rape victim) ڪي ڪنهن ڏڪوئيندڙ حادثي جو شڪار بنائي ڇڏيندو ۽ جنهن سان هر اُميد جو ڪرٽو ختم ٿي ويندو. ڊائريڪٽر شبانا جو نقطو سمجهيو ۽ جملو تبديل ڪري ڇڏيائين.

اڄ جيڪي ڪجهه شبانا فلمن ذريعي يا عام زندگيءَ ۾ عورتن جي حقن جي حاميءَ طور ڄاتي وڃي ٿي، انهيءَ جي پويان سندس پيءُ ۽ سندس ماءُ جي تربيت آهي، جنهن تي سندن پورو پورو اعتماد هو. اهو اعتماد هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ سموري عورت ذات کي موٽائي ڏيئي رهي آهي. •••

# بئپسِي سڌواءِ سندس ناول جو سفر



منهنجي بئپسي سڌوا جي نالي سان پهرين شناسائي تڏهن ٿي هئي، جڏهن سندس ناول The Crow Eaters (ڪانگ کائو) مون کي منهنجي دوست ظفر حسن 18 آڪٽوبر 1978ع تي اهو لکي تحفي طور ڏنو هو ته "هيءُ ڪتاب موڪليان پيو. سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿئي ته واهه واهه! پهرين ڀلي قسطوار اچي. پر پوءِ مڪمل صورت ۾ شايع ٿئي." هن ڪتاب جي ڪاپيءَ جي مُهڙ ۾ اڳتي لکيو هو: "پارسي لوڪ سنڌ جا رهاڪو آهن. انهن جو اسان تي ۽ انهن تي اسان جو حق آهي. هي پنهنجا آهن ۽ نادر بيگ مرزا ته پنهنجين ڪهاڻين ۾ پارسي ماحول جي ڪافي نمائندگي ڪئي هئي. ڳالهه کي وڌائيندي هيئن پورو ڪيو هئائين ته "سنڌي ٻوليءَ ۾ قوم لاءِ اڄ ڪلهه پارسين جي به ضرورت آهي _ هنن کي شايد اسان جي ضرورت نه هجي پر انهيءَ خود غرضي هيٺ ئي سهي، هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ اچڻ گهرجي."

آئون انهيءَ ناول جو ترجمو ته ڪري نه سگهيس. پر بئپسي سڌوا جي قلم جو سفر جاري رهيو ۽ هن ٻيا ٽي ناول The Bride (ڪنوار)، The Ice Candy Man (ڪلفيءَ وارو) ۽ An American Brat (ڪريل آمريڪي) لکي ورتا ۽ تازو گذريل 16 اپريل 2001ع تي سندس انهن چئني ناولن جو گڏيل مجموعو The Bapsi

(ڪليات بئپسي سڌوا) Sidhwa Omnibus جي عنوان سان آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي وارن شايع ڪري برٽش ڪائونسل جي سهڪار سان پڌرو ڪيو آهي. جنهن ۾ ناول نگار پاڻ بہ موجود هئي.

نندي ڪنڊ جي انگريزي لکندڙ ناول نگارن ۾ اڄ ڪلهہ جيڪي گهڻو پڙهيا وڃن ٿا ۽ جن شهرت ماڻي آهي. انهن ۾ آر ڪي نارائڻ، راجا راءِ، ڪمل مارڪنڊيہ، خوشونت سنگهہ، انيتا ڊيسائي، وي ايس نائپال، حنيف قريشي، سلمان رشدي، وڪرم سيٺ، اميتاؤ گهوش ۽ اروڻ ڌتي راءِ تہ آهن ئي، پر انهن ۾ هڪ نالو بئپسي سڌوا جو بہ آهي، جيڪا پاڪستان ۾ رهندڙ آگرين تي ڳڻڻ جيتري ٿورائيءَ واري پارسي جاتيءَ سان وابستہ آهي. پاڻ اڄڪلهہ آمريڪا ۾ رهي ٿي ۽ اتان جي يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ادب پڙهائي ٿي. سندس ناول جرمن، فرينچ، روسي، يوناني، اطالوي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چُڪا آهن. سندس فن جي مڃتا طور کيس پاڪستان جو اعليٰ ايوارڊ 'ستارهءِ امتياز' ڏنو ويو آهي.

ڪوبہ تخليقي ليکڪ هڪ ڏينهن ۾ تبديلي محسوس ڪري لکڻ جو فيصلو نٿو ڪري. سندس ذهن ۾ لکڻ لاءِ اُتساهہ ۽ اُن جي تياري سرجندي ۽ ڪر کڻندي رهندي آهي، پر بئپسي سڌوا جي ذهن ۾ اهڙي ڪا اڳواٽ رٿا نہ هئي. هوءَ هڪ عام روايتي قسم جي عورت هئي. جنهن جي گهرو زندگي مڙس ۽ ٽن ٻارن تي مشتمل هئي ۽ کيس ڪرڻ لاءِ ٿورو گهڻو سماجي ڪم هو. هن مُلڪ جي روايتي سماج ۾، هوءَ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهي! کيس ماڻهن وچ ۾ ڳالهائڻ جي سکيا جو ڪو پس منظر ڪونہ هو. ابتدائي تعليم لاءِ هوءَ ڪراچيءَ ۾ ماما پارسي اسڪول ۾ داخل ٿي هئي، پر پوليو جو حملو ٿيڻ سبب گهر جي چوديواري تائين محدود ٿي ويئي. اباڻي گهر لاهور ۾ ٽيوٽر جي مدد سان مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ ورهيہ ڪاليج ۾ پڙهي شادي ڪيائين. اهو سمورو سلسلو اهڙو تہ بي ترتيب رهيو جو آسمان جي بلندين کي ڇهڻ جو هُن ڪو خواب ڏٺو ئي نہ هو. پر 1970ع ۾ سندس زندگيءَ

۾ هڪ وڏو ڦيرو آيو. ٿيو هيئن جو کيس ۽ سندس مڙس کي سندن هڪ دوست پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني، جيڪو اُن وقت هماليه جي قراقرم جبلن جي هاءِ وي جي تعمير تي انجنيئر طور مقرر ٿيل هو. اهو تجربو بپسيءَ لاءِ بجليءَ جي تار تان گذرڻ کان گهٽ نه هو. جبل جي چوٽين ۽ انهن جي ڦهليل نظارن کيس ڏاڍو موهيو هو ۽ هوءَ ڪائنات جي وسعتن ۾ وچائجي روحاني رنگن ۾ رل مل محسوس ڪرڻ لڳي هئي. پر پوءِ جيڪا ڳالهه سندس مشاهدي ۾ آئي، تنهن سندس ذهن کي لوڏي وڌو. هاءِ وي جي ڪئمپ ۾، جتي پاڻ ٽڪيل هئي. اُتي خبر پيس ته تازو ڪنهن پنجابي ڇوڪريءَ جي، سندس مرضي خلاف اُتان جي ڪنهن قبائلي نوجوان سان شادي ڪرائي هئائون ۽ اها اُتان راتو واهه ڀڄي نڪتي هئي. هوءَ جبلن جا خوفناڪ پُر پيچ پيچرا لتاڙي، جڏهن اُتان جي سرحدن جي سيمائن کي اورانگهڻ واري هئي ته سامهون سندس مڙس غيرت جي صورت بنيو بيٺو هو. جنهن پنهنجي خطي جي روايتن مطابق پنهنجا حق ۽ فرض ادا ڪندي پنهنجي لاِل ڪنوار جو ڪنڌ لاهي ڇڏيو.

انهيءَ واقعي ۽ پهاڙي قبائلين جي انهيءَ رسم بپسيءَ کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو. هن لاهور موٽي اچي انهيءَ سفر کي قلمبند ڪيو. اُن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنائين ۽ پوءِ اُن کي 'The Bride' ناول جي صورت ۾ ڦهلائي ڇڏيائين. اهو سندس پهريون تحريري ناول هو، جيڪو 1983ع ۾ انگلينڊ ۾ ڇپيو هو، پر سندس ناول "Crow Eaters" اُن کان اڳ پاڻ لاهور مان 1978ع ۾ شايع ڪرايو هئائين، جو کيس صلاح ڏني ويئي ته اهو ناول وڏيڪ سنو ۽ تز ۽ پارسين تي وقتائتي طنز رکندڙ آهي، تنهن ڪري ڏاڍو مقبول ٿيندو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انهيءَ ناول ۾ بپسي پنهنجي پارسي برادريءَ وارن جي زندگيءَ تي ظاهري طرح ٽوڪ واري انداز ۾ چٽر ڪئي آهي. پر مزاحيه لهجي ۾ موضوع کي ايڏي احتياط ۽ حساسيت سان نڀايو اٿس جو کيس ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

اهو ناول حقيقت ۾ وڏيڪ توجهہ لهڻي ٿو، جو اهو ناول اسان جي سماج ۾ زوري شادي ڪرائڻ ۽ ڪاروڪاريءَ جي ڪُڌي رسم جي رواج کي وڏيڪ چِٽو ڪري ٿو. ڪارو ڪاريءَ جي رسم دنيا جي هر سماج ۾ مختلف ڊگرين ۽ شڪلين ۾ موجود آهي، جنهن جي پس منظر ۾ هڪ ڪان وڏيڪ شادي ڪرڻ جو رواج ۽ اُن مان پيدا ٿيندڙ نتيجا ۽ غيرت مان اشتعال ۾ اچي قتل ڪرڻ جو جاري رهندڙ عمل آهي، جنهن ۾ ذليل عورت کي ئي ٽيٽو پوي ٿو. انهيءَ ناول ۾ اسان جي سماج جو نهايت ئي بڇڙو ۽ پوائنٽو روپ نظر اچي ٿو. بئپسيءَ جو جڏهن ٽيون ناول "The Ice Candy Man" شايع ٿيو تہ هوءَ پنهنجي ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ مشهور ٿي چڪي هئي. هن انهيءَ ناول ۾ ورهاڱي جي سانحي کي هڪ ٻارڙيءَ جي نگاهہ ڪان ايڏو شديد ۽ اثرائتو چِٽيو آهي جو منجهس بيان ڪيل واقعا پنهنجي تکي چُڀن محسوس ڪرائين ٿا. جڏهن انساني دائمي قدر، ثقافتي سمورا پهلو، لکين ماڻهو، عورتون ۽ ٻار ڪسجي وڃن تہ انهن جي درد کي چِٽڻ لاءِ هڪ نهايت ئي وسيع ڪينواس جي ضرورت ٿئي ٿي. اها روئداد بئپسي پنهنجي ذاتي مشاهدي مان هڪ ننڍڙي پارسي ٻارڙي جي اک سان پسي هئي. جيتوڻيڪ انهيءَ موضوع تي اردوءَ ۾ ڪرشن چندر، راجندر سنگهہ بيدي، سعادت حسن منٽو ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن ڪافي قدر لکيو آهي. پر انهيءَ ڏس ۾ ٻيپسيءَ جو هيءُ ناول ميل جو پٿر آهي، جيڪو انسان جي اندر ويندل مرونءَ جي هر پل ياد ڏياريندو رهندو. "The Ice Candy Man" آمريڪا ۾ 'Cracked India' ۽ انگلينڊ ۾ 'Earth 1947' جي عنوانن سان شايع ٿيل آهي. اهو ٽن مختلف عنوانن وارو ناول هڪ ئي آهي، جنهن تي ديپا مهتا 'Earth' جي عنوان سان فلم ٺاهي، جنهن لاءِ بئپسي پاڻ چوي ٿي تہ جڏهن ديپا مهتا منهنجو اهو ناول پڙهيو تہ هوءَ انهيءَ تي فلم ٺاهڻ لاءِ ايڏي تہ اُتساهڪ ٿي جو نہ رڳو سندس ذهن ۾ ناول جي نقطہ نگاهہ جو خاڪو ويهجي ويو، پر سندس ڪاروباري ايجنٽ جي وٽس پهچڻ کان اڳ، هن اسڪرپٽ پڻ مڪمل ڪري ورتو. انهيءَ فلم جي

جڏهن نيويارڪ ۾ نمائش شروع ٿي ته اُن جي هلڻ جي صفا اُميد نه هئي. پر پوءِ حيرت جي حد تائين ڏسندڙن جي رش وڌندي ويئي، جيڪا هفتن جا هفتا جاري رهي.

بئپسيءَ جو چوٿون ۽ آخري ناول "An American Brat" آهي. هن ناول جو تاثر ساڳيو The Crow Eaters واري پارسي برادري آهي. هن ناول تي فلم ناهڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو قابل ڊائريڪٽر پنهنجي صلاحيت استعمال ڪري ته اها پڻ هڪ سٺي تفريح ميسر ڪندڙ فلم ثابت ٿي سگهي ٿي. بئپسي جيئن ته پاڻ پارسي ڪميونٽي سان لاڳاپيل آهي، تنهن ڪري سندن وچ ۾ زندگيءَ گذارڻ جي ڍنگ ڪي چڱي طرح ڄاڻي ٿي ۽ هن اُن کي ناول ۾ ڏاڍي نزاڪت سان سمويو آهي. بئپسي ستوا اچ ڪلهه پنهنجين ڪهاڻين جي مجموعي جي سهيڙڻ ۽ ان کي شايع ڪرائڻ ۾ رڌل آهي. هوءَ چوي ٿي ته اسان جون عورتون جيڪي ورجينيا وولف کان گهٽ ۾ گهٽ وڌيڪ خوش نصيب آهن. جن وٽ هڪ ڪمري کان وڌيڪ جڳهه آهي. جن ۾ ويهي هو گهڻو ڪجهه لکي سگهن ٿيون، انهيءَ لحاظ کان هتي ليکڪائن جو وڏو تعداد هجڻ گهرجي. پر ايئن ناهي، جو سندن همت افزائي نٿي ڪئي وڃي. اهوئي سبب آهي جو هزارين بلڪ لکين عورتون ڪجهه به نٿيون ڪن. بلڪ انهن کي ڪجهه نه ڪرڻ لاءِ زور ڪيو وڃي ٿو. مٿن سماج جو دٻاءُ ڪجهه نه ڪرڻ جو آهي. ڇاڪاڻ ته ان جو اثر عورتن جي مرد ماڻهن تي پوي ٿو. اُهي عورتن جا چبرا ڪڍن ٿا. سماجي ظلم جي نتيجي ۾ اُهي رواجن کان دٻجي سندن سماجي ميل ـ جول کي نندين ٿا ۽ چون ٿا ته اهي سمورا جنسيات ۾ ورتل آهن. اها نهايت ڏک ڀري صورتحال آهي.

بئپسيءَ جي ويڳاڻپ اصل ۾ سندس پنهنجي محدود زندگيءَ جو اولڙو آهي. هوءَ پنهنجن ناولن وسيلي پنهنجي ڀرپور مشاهدي جي قوت جو اظهار ڪري ٿي، پوءِ اُها قبائل جي پهاڙين جي اوچاين جي ڪهاڻي هجي يا پارسين جي مصروف ۽ محدود زندگيءَ جي.

•••

# گلاب موتئي جي مهڪ - ڊاڪٽر مهڪري

## ولي رام ولڀ



اخبار ۾ جڏهن پڙهيم تہ ڊاڪٽر مهڪري هن سنسار مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي تہ منهنجو ذهن سندس گلاب ۽ موتئي جهڙين ملاقاتن جي مهڪ سان واسجي ويو. ڊاڪٽر صاحب پهرين ملاقات ۾ پنهنجي نالي ”جي. ايم مهڪري“ جي وضاحت ڪندي ٻڌايو هو تہ ”جِي“ سان مراد ”گلاب“، ”ايم“ سان مُراد ”موتيو“ ۽ ”مهڪري“ سان مراد ”مهڪ“ يا خوشبو آهي. سچ پچ هُو هو بہ گلاب- موتئي جي مهڪ. سندس ڳالهين ۾ گلاب ۽ موتئي جو سدا بهار هٻڪاءُ هو. منهنجي ڏيٺ ويٺ ڪا ايتري پراڻي نہ هئي- پندرهن ورهيہ کن پراڻي شناسائي هئي. هو تڏهن شيخ اياز جي وائيس چانسِلريءَ جي دؤر ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي ۽ سائيڪولاجي ڊپارٽمينٽن ۾ وزٽنگ پروفيسر هو. اُن کان اڳ ۾ آئون سندس ذڪر سائين روچي رام کان ٻڌندو رهندو هوس. هو ورهاڱي واري وقت کان سندس دوست هو ۽ سندس ڳالهيون ڏاڍي چاهہ سان ڪندو هو. هُن مهڪري صاحب سان سنڌ جي مختلف هنڌن جو گڏجي سفر ڪيو هو ۽ مختلف ڪانفرنسن ۽ گڏجاڻين ۾ گڏ شريڪ ٿيو هو، تنهنڪري اوڏانهن گڏ وڃڻ جي واقعن ۽ ساڻس گفتگو جو ذڪر هُو نهايت احتريم ۽ اُڪير سان ڪندو هو. مهڪري صاحب کي فوٽوگرافي جو ڏاڍو شوق هو: پاڻ سان قسمين قسمين ڪئمرائون رکندو هو ۽ سنڌ جي مختلف ماڳن ۽

ماڻهن جون تصويرون ڪڍندو هو. بين الاقوامي وسعتِ نظر سان، سنڌ جيٖ ماڻهن جي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ، انهن جي مختلف پهلوئن تي غور ۽ بحث مباحثا ۽ گفتگو ڪرڻ ۽ انهن تي لکڻ- سندس خاص مشغلو هو. اهي خبرون مون ڪي سائين روچي رام کان، وقت بوقت ساڻس ملاقات دوران پونديون رهنديون هيون. سنڌ يونيورسٽيءَ سان وابستہ هئڻ دوران، علمي، ادبي ۽ تعليمي حلقن ۾ سندس چوٻول هوندو هو. رات جو گهڻو ڪري سنڌي ادبي بورڊ ۾ نهيل ريسٽ هائوس ۾ يا وري أتي ئي ناشاد جو گهر سندس آستانو هوندو هو. مون ساڻس مهڪري صاحب سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. هڪ ڏينهن، منجهند کان پوءِ ٽين وڳي ڌاري، هو مهڪري صاحب کي حيدرآباد ۾ منهنجي گاڏي کاتي واري فليٽ تي پاڻ سان گڏ وٺي آيو، جتي آءٌ تڏهن رهندو هئس. منهنجو دوست، ڪنول لوهاڻو، جيڪو هاڻي بدين ۾ وڪالت ڪري ٿو، بہ ساڻن گڏ هو. هو اُن زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جرنلزم ۾ ايم. اي ڪري رهيو هو. مهڪري صاحب جي چوڏاري شاگردن جا ميڙ هوندا هئا. ڪيس پنهنجي علمي چاڻ ۽ اُن جي مظاهري وسيلي ماڻهو موهڻ جو فطري ڏانءُ هو. بين الاقوامي سطح تي سندس نقطہ نظر عالماڻو هو ۽ ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي وارن ڏينهن ۾، هن اُن وقت جي حساس موضوع "Social Background of Hindu-Muslim Relationship" (هندو- مسلم لاڳاپن جو سماجي پس منظر) تي بمبئي يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي ڊپارٽمينٽ مان ڊاڪٽوريٽ ڪئي هئي. سندس تعليمي پس منظر نهايت وسيع و عريض ۽ جامع هو. سندس دلچسپيءَ جا موضوع نهايت ئي ڦهليل هئا، جن ۾ سوشالاجي، سئڪالاجي، اُنٿراپالاجي، سماجي ڪم، تاريخ، تعليم، فلاسافي، ڪلچر ۽ ادب اچي وڃن ٿا. هو پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ صفا سڪيولر هو. هو چوندو هو تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اُستاد کي سڪيولر هئڻ گهرجي، نہ تہ هُوَ اُستاد ٿيڻ جي لائق نہ ٿيندو. ڪيس زندگي ۽ زندهہ رهڻ سان بيحد چاهہ هو ۽ مزاح جي حس تيز هئس. پڇاڙڪن ڏينهن ۾، بيماريءَ دوران، ٻارن لاءِ لکيل ڪالم انگريزي

اخبار ڊان جي ’ينگ ورلڊ‘ ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا، جن جي پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ هو ڪيڏو انسانيت پرست، انسان دوست ۽ ٻارن سان انتهائي محبت ڪندڙ معصوم انسان هو، جنهن هميشہ زندگيءَ سان اٿاهہ محبت ڪئي.

انهيءَ ملاقات ۾ ئي سُڌ پيئي تہ پاڻ دل جو مريض آهي ۽ دل جي ڌڙڪي کي توازن ۾ رکڻ لاءِ دل سان Pace-Maker لڳارايو اٿس. انهيءَ زماني ۾ ميڊيڪل ٽيڪنالاجي ۾ اها مشين تازو متعارف ٿي هئي. هُو ڳالهين جو ڳهير هو. نهايت ئي محبت ۽ شفقت سان مليو ۽ ڪيترن ئي موضوعن تي ڳالهائيندو رهيو. بين الاقوامي ادب ۽ عالمي شخصيتن، سهيوڳي سياست، مذهبي موضوعن ۽ هندو مسلم جي ايڪي ۽ ويڇي سان وابستہ سماجياتي پهلوئن تي دل کولي ڳالهايو هئائين. هندو- مسلم جي ويڇي جو سماجياتي تجربو، هن هندوستان جي زرعي- سماجي ڍانچي، عربستان جي چراگاهي- سماجي ڍانچي ۽ انهن سان لاڳاپيل وراثتي قانون ۾ ٽڪراءُ جو نتيجو ٻڌايو هو. هن مٿالاجي ۽ تاريخ جي فرق کي واضح ڪندي، هندو مٿالاجي ۾ آيل ڪردارن جي حوالي سان اهڃاڻن جي خوبصورتي جو ذڪر ڪندي، اسلامي تاريخ ۾ آيل واقعن ۽ ڪردارن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ٻڌايو. هو ڳالهائي رهيو هو. ڪنول ۽ آءٌ ڪانئس وقت بوقت وچ ۾ سوال پڇي رهيا هئاسين. سندس گفتگو جو انداز دلچسپ ۽ حيرت انگيز طور تي سحر انگيز هو.

ڳالهين ۾ ڪافي دير ٿي ويئي هئي. اسان گڏجي گاڏي ڪاتي جي ڪئنٽان ريسٽورينٽ ۾ چانهہ پيئڻ هليا وياسين، جتي ڪلاڪ کن جي ويهڪ دوران سندس وٽندڙ ۽ پُر مغز گفتگو مان لطف اندوز ٿيڻ کان پوءِ جڏهن وري موٽي آياسين تہ شام ٿي ويئي هئي ۽ موسم ۾ سندس ڳالهين جهڙو سڳنڌ پريو وايو منڊل ڇانئجي ويو هو. اولهہ ڏانهن ڪُلندڙ دريءَ مان ٿڌي مٺي هير گهُلي رهي هئي. سامهون ڇهچ ساون وڻن جي جهرمر ۾ املتاس ۽ گُل مهر جا وڻ سهڻو ڏيک پيش ڪري رهيا هئا، جڻ

مورچل هٽي رهيا هجن. جت چريو ڪندڙ اُهي منظر پسي اوڏيءَ مهل مهڪري صاحب ڪان گفتگو جو سرو ڇڏائجي ويو ۽ بي اختيار چيائين:

”ولي رام، هيءَ هوا ۽ هيءُ ساوڪ پريو منظر آءٌ وساري نه سگهندس.“ هو پنهنجي مخصوص دکني لهجي ۾ چئي رهيو.

منهنجي واتان ته پهه نڪتو، ”مهڪري صاحب، اڄ جي هن ملاقات ۽ گفتگوءَ جي حوالي سان، مون ڪان به زندگي ڀر اوهان ڳالهه نه وسرندي ته اها هن دريءَ جو منظر ڏنو جيڪو اوهان کي ڏاڍو وڻيو هو.“

هاڻي هُو پنهنجي ڳالهين جي سحر مان نڪري پوپٽي هيرانندانيءَ جي شهر ’هاءِ ڙي منهنجي حيدرآباد‘ جي سحر ۾ وڃي ويو هو. اوڏيءَ مهل منهنجي پٽ ڪمليشور، جيڪو انهيءَ ماحول جو حصو بڻجي ويو هو، پنهنجو آٽوگراف بُڪ ڪڍي آيو ۽ مهڪري صاحب جي اڳيان ڪولي بيٺو. ڊاڪٽرمهڪري ڏانهس ڏٺو ۽ پوءِ دريءَ جي منظر تي هڪ نظر وجهي آٽوگراف بڪ ڪانئس وٺي لکيائين:

"This writing will be there, when I am no where."

(هيءَ لکت هتي رهندي، جڏهن ته آءٌ ڪٿي به ناهيان).

ڊاڪٽر صاحب جي چهري جي اُداسي، سموري وايو منڊل کي ڏکوئيندڙ بڻائي ڇڏيو هو. جلد ئي پوءِ ڊاڪٽر صاحب اٿڻ جي ڪئي. آئون کيس يونيورسٽي ڪئمپس ڏانهن ويندڙ SRTC جي بس تي چڙهي ڪانئس موڪلائي پاڻ سان ڪيترائي خيال کڻي آيس. حيدرآباد ۾ منهنجي اها ساڻس پهرين ۽ آخري ملاقات هئي.

اُن کان پوءِ مون کي سندس خط ايندا رهيا ۽ سلام پهچندا رهيا. اهي خط چاڻ جي ڪاڻ هئا. هُو پنهنجن خطن ۾ انهيءَ خواهش جو اظهار ڪندو هو ته سندس لکڻين جا سنڌي ترجما اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن، جنهن لاءِ هو پنهنجا آرٽيڪلس مون ڏانهن موڪليندو رهندو هو، جن جا ڪجهه ترجما شايع به ٿيا، جهڙوڪ:

(2) Symbolism (سنڌ جي کنڊرن مان), (1) From the ruins of Sindh

, (4) A letter to (جويي ڏانهن خط) (3) A letter to Joyo(اهڃاڻ),
, (5) The lads and lasses of (نثار حسينيءَ ڏانهن خط) Nisar Hussini
and (6) The Joys of symbolism (سنڌ جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون)Sindh
(اُهڃاڻ جا مزا).

اُنهن کان اڳ محترم محمد ابراهيم جويي جي جاکوڙ سان، سنڌس ٻه ڪتاب (1987) The Sorrows of Sindh (1) ۽ (2) ”محڪريءَ جا مضمون“ (1985) شايع ٿي چڪا هئا. اهي ٻئي ڪتاب مهڪري صاحب جي اعليٰ سوچ ۽ اُتم ويچارن تي مشتمل آهن ۽ انهن جي مقبوليت ۽ پسنديدگيءَ جو اهو عالم آهي جو هن وقت بازار ۾ دستياب نہ آهن.

مون کي افسوس آهي تہ هينان آرٽيڪلس سنڌس زندگيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرائي نہ سگهيس:

(1) When Will the Boiler Burst (2) The Stream of Reason (3) Minority and Pakistani T.T (4) Be Your Own God (5) When a Wrong Horse Backs You (6) What Is Hindering Our Progress in Science.

ڪراچي وڃڻ ٿيندو هو تہ مهڪري صاحب سان ملڻ لاءِ چڪ ٿيندي هئي پر موقعو ميسر نہ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن شام جو سنيما انڊورٽائيزنگ جي گوونڊ راجواڻي کي ساڻ ڪري ماڊرن ڪالونيءَ ۾ واقع سنڌس گهر تي ويس. پاڻ گهر ۾ موجود هو. گهر جي اڱڻ ۾ ئي ڏاڍي پابوهہ ۽ پيار سان مليو ۽ وٺي اچي پنهنجي ڪمري ۾ وهاريائين. هڪ ٽيبل تي ٽائيپ رائيٽر ۽ ٻئي تي گراموفون ۽ ڪئمرائون رکيون هيون. ونس ڪُرسين تي ٻہ ٽي ملاقاتي ويٺا هئا. يوناني فلاسافرن جهڙي شخصيت واري مهڪري صاحب کي ڪافي عرصي کان پوءِ ڏٺو هئم. مون کي سنڌس رعب واري قد بُت ۾ هڪ نهايت سادگي پسند شخص نظر آيو، جيڪو پنهنجي عام قسم جي گهر ۾، پنهنجن پرستارن سان علمي ۽ عالماڻي گفتگو ۾ رڌل هو. گفتگو جو موضوع تبديل ٿيڻ سان مون کي مخاطب ٿيو، ”ولي رام، تنهنجي لاءِ هڪ خاص سوکڙي

رکي اٿم.“ پاڻ پنهنجي پلنگ تان اُٿيو ۽ پٽ تيٰ ٽنگيل هڪ تصوير لاهي، مون کي ڏيندي چيائين، ”هي منهنجي طرفان توکي سوکڙي آهي.“ اها فريم ٿيل تصوير مشهور سائنسدان آئنسٽائين جي هئي. منهنجي لاءِ اها فخر جيٰ ڳالهه هئي جو آئنسٽائين جهڙي شخصيت جي تصوير ڊاڪٽر مهڪري هٿان سوکڙي طور ملي هئم.

اجا اُتي ئي ويٺا هئاسين ۽ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ملاقاتيءَ سان گفتگو ۾ مشغول هو تہ هڪ ٻئي نوجوان ملاقاتي، جيڪو منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو ۽ مهڪري صاحب جو حُجتي ٿي لڳو، مون سان مخاطب ٿيندي چيو. ”مان آرٽسٽ آهيان ۽ تصويرون پينٽ ڪندو آهيان. آئون انهيءَ تصوير جو اسڪيچ ٺاهڻ چاهيان ٿو. اوهان مون کي اها تصوير ڏيو. آءٌ اوهان کي اها تصوير جلدي موٽائي ڏيندس.“

آئون چاهيندي بہ ناڪار ڪري نہ سگهيس. اهو سوچي تہ هي ڀلي تصوير جو اسڪيچ ٺاهي؛ ڪيس تصوير ڏيئي ڇڏيم. هن اخلاقاً مون کان منهنجو حيدرآباد جو ڏس پتو ورتو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ اُتي موڪلائي هليو ويو. مون کي دل ۾ تصوير بروقت کسجي وڃڻ جو هلڪو احساس ٿيو، پر سوچيم تہ مهڪري صاحب جو دوست آهي، منهنجي ائين ڪرڻ سان مهڪري صاحب کي خوشي ٿيندي. پر اُنهيءَ ملاقاتي جي اُتي وڃڻ سان ئي مهڪري صاحب مون کي چيو، ”تو تصوير ڏيئي سٺو نہ ڪيو جو منهنجي ساڻس معمولي ڄاڻ سڃاڻ آهي. ٻيو تہ اها تصوير مون طرفان توکي سوکڙي هئي.“ انهيءَ ڳالهہ پاڻ مون کي مايوس ڪري ڇڏيو ۽ دل ۾ انهيءَ تصوير جي وڃائجڻ جو ڏک رهجي ويو. اسان ڪجهہ دير وٽس ويهي ۽ چانهہ پي اُتان هليا آياسين. اُها تصوير واپس تہ نہ ملي پر اُن جي وڃائجڻ جو اڄ بہ افسوس باقي آهي.

هڪ ڀيري ڪراچيءَ ۾ سنيما ائڊورٽائيزنگ جي سائين ڦلاڄ ڀيماڻي وٽ بندر روڊ تي سنڌس گهر ۾ ترسيل هئس. مون سان گڏ منهنجو پٽ ڪمليشور ڪراچي گهمڻ هليو هو. اُتي مون کان اڳ ۾ ڪامريڊ روچي رام بہ مهمان ٿي ٽڪيل هو. رات جو

نائين وڳي ڏاري ماني کائڻ کان پوءِ، مهڪري صاحب سان ملڻ لاءِ ماڊرن ڪالونيءَ ۾ سندس گهر ڏانهن پيدل پنڌ نڪري پياسين. سندس زال اچي در کوليو ۽ اسان کي چيائين، ”مهڪري صاحب ڇت تي آهي. اوهان متي وڃي ساڻس ملو.“ اسان (شايد) ڪاٺ جي ڏاڪڻ چڙهي ڇت تي آياسين. اونداهيءَ ۾ بروقت خبر نٿي پيئي تہ مهڪري صاحب ڪٿي هو، پر پرءِ پاڻ سڏيائين تہ ڏٺوسين تہ مهڪري صاحب ڪاٺ جي صندل تي سڌو ٿيو ليٽيو پيو هو. ماحول سانتيڪو ۽ اونداهو هو. آسمان ۾ تارا چمڪي رهيا هئا. هو واقعي رات جي حسن جو لطف ماڻي رهيو هو. مهڪري صاحب جو چهرو اونداهيءَ ۾ ويڙهيل هو، پر گفتگو مان روشنيءَ جا ڪرڻا ڦٽي پئي نڪتا.

ماڊرن ڪالونيءَ جا گهر اڪثر ڪري گهڻ ماڙ بلڊنگن ۽ فليٽن جي اُبتڙ هڪ ماڙ ۽ کليل آهن. اهي گهر گهٽو اڳي جا ٺهيل آهن، تنهنڪري اُتي جو ماحول سانتيڪو ۽ ڳوناٺو لڳي رهيو هو. اوچتو اهڙي ماحول ۾ مور جي رڙ ٿي، جنهن جو پڙاڏو فضا ۾ ڪافي دير گونجندو رهيو. مون ڪنايو تہ اهو آواز تمام ويجهائپ کان آيو هو. آئون حيرت ۾ هئس تہ ڪراچيءَ جي هنگامي ۽ گهماگهميءَ واري ماحول ۾ هيءَ مور جو آواز ڪٿان آيو! ايتري ۾ مور جي ٻيهر رڙ ٿي تہ مهڪري صاحب کان پڇڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيس.

مهڪري صاحب هٿ ڏس ڪري چيو، ”اهي مور اِجهو اتي ئي هن ڇت تي ٺهيل چارين جي پڃري ۾ آهن. انهن ۾ ڪبوتر، جهرڪيون ۽ ٻيا پکي بہ آهن.“ مون ڇتائي ڏٺو تہ واقعي انهيءَ ساڳي ڇت تي پڃري مان پکين جي چُرپر نظر اچي رهي هئي ۽ آواز پئي آيا. مون کي اوڏي مهل احساس ٿيو تہ هن ڄمار ۾ هن شخص کي فطرت جي ويجهو رهڻ ۽ ان مان لطف ماڻڻ جو ڪيڏو موهہ آهي!

آڌي رات ٿي چڪي هئي ۽ ڳالهين ۾ ڪافي وقت ٿي ويو هو. اسان اتان هلڻ جي ڪئي ۽ بندر روڊ تائين پيدل پنڌ ڪندا ۽

هن نرالي شخص بابت ڳالهائيندا موٽي آياسين. اڄ جڏهن ڪراچيءَ جي حالتن کي ڏسجي ٿو تہ اعتبار ئي نٿو اچي تہ اسان بندر روڊ کان ماڊرن ڪالونيءَ تائين رات جي وڳڙي ۾ دير سان پيدل هليا ھونداسين!.

مهڪري صاحب جا ٻارن لاءِ لکيل ڪالم ڊان جي ٻارن واري مخزن ۾ ڏسبا رهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن محترم مظهر يوسف سان ڄامشوري ۾ ملاقات ٿيندي هئي. ڪانئس سندس صحت جو حال احوال وٺبو رهبو هو. هُو بيمار رهڻ لڳو هو. ڪڏهن ڊان ۾ ڪالم نہ ڏسبو هو تہ ڳڻتي ٿي پوندي هئي. ڪراچيءَ جي خوبصورتي راڪاس جي پوائتي روپ ۾ بدلجي ويئي هئي. مهڪري صاحب سان ملاقات ڊگهي عرصي کان نہ ٿي سگهي هئي. ساڻس ملڻ لاءِ چڪ ٿيندي هئي. منهنجا ٻار پشپا، گوري ۽ ڪمليشور بعضي چوندا هئا تہ اسان کي مهڪري صاحب سان ملائڻ لاءِ وٺي هلو. هنن کي بہ انهيءَ شخص سان ملڻ جي خواهش هئي ۽ احساس هو تہ متان ساڻس ملڻ جي حسرت رهجي نہ وڃي!

پوءِ هڪ ڏينهن سنڌالاجيءَ ۾ خط آيو تہ مهڪري صاحب بيمار آهي ۽ ڏينهن جو مهمان آهي. هو، تنهنڪري پنهنجي لئبرريءَ جا ڪتاب سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لئبرريءَ کي امداد طور ڏيڻ ٿو چاهي تہ جيئن سندس انهيءَ سرمايي مان پڙهندڙ ۽ تحقيق ڪندڙ وڌ ۾ وڌ فائدو وٺي سگهن. سنڌالاجيءَ مان ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ (اُن وقت جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر)، محترم گل محمد مغل (لائبررين) ۽ آئون گڏجي ڪراچي روانا ٿياسين. ماڊرن ڪالوني ۽ اُن ۾ واقع سندس گهر ڳولڻ ۾ چڱي دقت ٿي، جو اها يڪ منزلہ ڪالوني وڏين بلڊنگن جي اوٽ ۾ ڍڪجي ويئي هئي ۽ مون کي نئين صورتحال ۾ ڊاڪٽر صاحب جو گهر ڳولهيو نٿي مليو. نيٺ گهر مليو. ڊاڪٽر صاحب گهر ۾ هو. اسان کي اندر سڏيو ويو. ڪمري ۾ ڊاڪٽر صاحب پلنگ تي سڌو ٿي چادر اوڍيو ليٽيو پيو هو. آجياڻي نگاهن ۽ مُرڪ سان پليڪار ڪيائين. مون سندس خط

جي حوالي سان ٻڻ صاحب ۽ مغل صاحب جو تعارف ڪرايو ۽ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي صحت جو پڇيم. ڊاڪٽر صاحب ورنديءَ ۾ چيو: "Don't ask such things from a dying person" زندگيءَ سان پيار ڪندڙ شخص پنهنجي لاءِ "مرٽينگ ماٿهو" چئي زندگيءَ مان آسرو لاهي ويٺو هو. زندگي جي ٻي بقا آهي. بيشڪ فنا ڪي ئي بقا آهي. هو مون کي مٽالاجي جي اهميت ۽ ان جون اهڃاڻي معنائون ٻڌايو رهيو هو. سندس بيمار جسم ۾ زندگيءَ جي رمق موٽي آئي هئي. مون کي پروسو جمڻ لڳو ته هن شخص کي موت ماري نٿو سگهي. هن مون کي پڇاڙيءَ ۾ چيو ته "مٽالاجيءَ جي ماهرن تي هن مُلڪ ۾ ٻيو ڪير لکندو، تون لکج- مون سان وعدو ڪر." هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ مان آزاد ڪري ڇڏيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سنڌالاجيءَ ۾ سندس لئبرريءَ جا ڪتاب فهرست سميت پهچي چڪا هئا. ڪيس اطمينان ٿي ويو هو. هو سموري جمار علم ۽ اُن جي ڦهلاءُ سان واڳيل رهيو. هن پاڻ سان ڪمٽمينٽ پوري ڪئي هئي. هو پنهنجو سمورو ڪتابي سرمايو سنڌ جي ثقافت جي ضامن اداري "سنڌالاجيءَ" جي حوالي ڪري پنهنجي فرض ادائيءَ کان آجو ٿي ويو هو.

اڄ منهنجي اڳيان سندس ٻئي ڪتاب "Sorrows of Sindh" ۽ "محڪريءَ جا مضمون" سامهون رکيا آهن؛ اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ڪالم وڪريا پيا آهن؛ ۽ "From the Ruins of Sindh" سان گڏ پنهنجي پٽ ڪمليشور جو آٽوگراف بُڪ رکيا آهن. دريءَ ۾ ساوڪ پريو منظر ساڳيو آهي. آٽوگراف بُڪ جا ورق اُڏري، پهرئين صفحي تي بيهي رهيا آهن، جنهن تي سندس تحرير پڙهڻ ۾ پيئي اچي:

"This writing will be there when I am no where"

***

### سنڌ جي کنڊرن مان

نوٽ: ڊاڪٽر مهڪريءَ آخري ڏينهن ۾ پنهنجي ڪتاب "From the Ruins of Sindh" تي ڪم ڪري رهيو هو. اُنهيءَ ڪتاب جو موضوعاتي نظم هن مون کي 1987ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ

لاءِ موڪليو هو، جيڪو پنڌرهن_روزه ”عبرت“ ۾ اُنهن ئي ڏينهن ۾ شايع ٿيو هو. هتي موقعي جي مناسبت سان ڪيس شرڌانجلي پيش ڪندي، اهو نظم پيش آهي:

سنڌ جي ڪنڌرن مان
هِتي، هُتي، سموريءَ ڌرتيءَ تي،
موهن جي دڙي، رني ڪوٽ، آمري، ٺٽي، امرڪوٽ، پنيور، ننگر، ٻکر مان
هڪ منو آواز ٿو ٻُڌجي،
هميشہ چنڊ جي چانڊوڪين ۾،
روپي ريتيءَ جي موڪل ماٺ ۾،
ٿڌيءَ هير جي سدا لڳندڙ نرم ڇهاءُ ۾،
پري ڪان چانديءَ جي گهنڊڻيءَ جي هڪ ڊگهي ڇمڪي وانگيان!
اهو مِنو آواز اُڀري ٿو
اهو هڪ منو آواز آهي؛
ڪا رڙ نہ آهي،
ڪا آهہ نہ آهي،
ڪا دانهن نہ آهي،
ڪو اوسارو ڪونهي، ڪا ڪُڙڪ نہ آهي؛
پر هڪ مِنو آواز،
آس جو ڪو سُرٻاٽ،
خوشيءَ جو ڪو وچن،
پيار جي ڪا مِني،
ويساهہ جو ڪو ڇهاءُ،
ڪو سُرٻاٽ:
”مان آهيان، مان، ڇيڪا تنهنجي ماءُ آهيان،
”مان تُنهنجي سنڌ آهيان،
”هتي، هنن ڪنڌرن ۾،
”پر مان ڪنڌر ناهيان،

”ڪنبر جيڪي هتي ڦهليل آهن،
”۽ ماضيءَ جي مهانتا جا شاهد آهن.
”پر مان هتي آهيان، اوهان ۾
”منهنجون ڌيئروءِ! منهنجا پُٽڙوءِ! منهنجو واسُ اوهان ۾ آهي،
”اوهان سان گڏ،
”اوهان جي مُون لاءِ پيار سان گڏ،
”اوهان جي مُون لاءِ ويساهه سان گڏ،
”اوهان جي آس مون ۾
”۽ اوهان لاءِ منهنجي سموريءَ آس سان گڏ.
”منهنجا پُٽڙوءِ، منهنجون ڌيئروءِ!
”مان- سنڌ، ڪيئن تي ڪنبر تي سگهان؟
”منهنجا ٻچڙوءِ!
”مان سنڌ آهيان، مان مارئي آهيان،
”مان سسئي آهين، ۽ سهڻي ٻه مان آهيان
”سموري ڌرتيءَ جي گولي تي اوهين منهنجو نالو ڪٺو تا،
منهنجا ٻچڙوءِ!
”اوهين منهنجا گيت، منهنجو نانءُ، منهنجي مهما ڳايو تا؛
”اوهين ’امان سنڌ‘ چئو تا، چڻ مون لاءِ رڙو تا.
”اوهان جي دلين ۾ مان گيت آهيان،
”اوهان جي ڪنن ۾ سنگيت آهيان،
”پوءِ مان ڪيئن تي ڪنبر تي سگهان؟
”مان اوهان ۾ زنده آهيان،
”مان اوهان جي ٻارن جي اکين ۾ چمڪ آهيان،
”مان سندن چپن جي مُرڪ آهيان....
سدا مني سُرٻات ۾ سڏُ ڪندڙ آواز:
”جاڳو جاڳو، منهنجون ڌيئروءِ، منهنجا پٽڙوءِ!
”هاڻي جاڳو، جاڳو ۽ اُٿو
”۽ منهنجو چهرو، روشنيءَ ۾
”اُيرندڙ سج جي سونهريءَ مهانتا ۾ ڏسو!“ •••

# قرة العين حيدر ۽ سنڌي ادب•



6 جولاءِ 2001ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ جن ٽن ڪتابن جي مهورتي تقريب ٿي گذري. انهن ۾ هڪ منهنجو ترجمو ڪيل ڪتاب "پوئين پهر جا پانڌيئڙا" به هو، جيڪو نديءَ ڪنڌ جي وڏن فڪشن رائيٽرس ۾ شامل ٿيندڙ اردو ليکڪا قرة العين حيدر جي ناول "آخر شب کي همسفر" جو ترجمو آهي. انهيءَ مهورتي تقريب جي صدارت هند جي سنڌي ليکڪ ۽ "ڪونج" جي ايڊيٽر هري موٽوانيءَ ڪئي، جڏهن ته مهورتڪار هو ڊاڪٽر آصف فرخي. انهيءَ تقريب جو اهتمام "آج کي ڪتابين" وارن ڪيو هو، جنهن سان ٽرسٽ فار رورل ڊيولپمينٽ ۽ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد وارن سهڪار ڪيو هو. ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل ادبي محفلن ۽ ڪتابي مهورتن ۾ اها هڪ يادگار تقريب چئي سگهجي ٿي، جنهن ۾ اديبن جي هڪ وڏي ڳاڻيٽي شرڪت ڪئي هئي.

قرة العين حيدر جو نالو سنڌي پڙهندڙن ۾ نئون ناهي. سندس ڪهاڻيون ترجمو ٿي مختلف رسالن ۾ وقت بوقت ڇپبيون رهنديون آهن. اُن کان سواءِ سندس شايع ٿيندڙ ڪهاڻين جا

---

• QURATULAIN HAIDER (1928-2007): Influential Indian Urdu Novelist and Short-story Writer, an Academic, and a Journalist.

مجموعا. ناول سفرناما وغيره سڏي طرح اردوءَ ۾ ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهيا ويندا آهن ۽ سندس ڪتابن جا سنجيده پڙهندڙ سندس فن ۽ فڪر تي گفتگو ڪندي جا بجا ملندا. اهو سلسلو سندس پهرئين عظيم ناول ”آگ ڪا دريا“ جي 1959ع ۾ شايع ٿيڻ کان وٺي جاري آهي. هن انهيءَ ناول ۾ هندستان جي تهذيب جو وسيع منظر ويدن واري دور کان وٺي نندي ڪنڌ جي ٻن آزاد ۽ خودمختيار ملڪن جي ورهاڱي ۽ 1971ع واريءَ پاڪستان ٽائين جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. انهيءَ فارميٽ ۽ ٽيڪنيڪ کان متاثر ٿي، آغا سليم به سنڌ جي مختلف دؤرن کي پنهنجي ناول ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ ۾ سموهيو آهي. جنهن جون شروعاتي قسطون ماهوار ”سهڻي“ ۾ شايع ٿيون هيون. ”آگ ڪا دريا“ جي پهرين ڪجهه بابن جو ترجمو مون به انهن ڏينهن ۾ شروع ڪيو هو، پر طوالت جي ڪري ٽڪائيندڙ پورهئي ۽ پبلشرن جي اٿاٽ سببان اهو ڪم وچ ۾ ڇڏڻو پيو. اهو ناول ڪيترائي پيرا هندو پاڪ جي پبلشرن ڇپيو ۽ نيشنل بڪ ٽرسٽ پاران هندستان جي مختلف ٻولين ۽ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو. پر پڪ ناهي ته هند ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپيو آهي يا نه. (بقول قرة العين حيدر جي ڪيس ان ناول جي رائلٽيءَ جو هڪ پئسو به نه مليو آهي، جڏهن ته ڪيترا پبلشر ان مان سيٺيون بنجي ويا) هتي اهو ذڪر ڪرڻ بي محل نه ٿيندو ته مون سندس طويل آتم ڪٿائي پيرائي ۾ لکيل ڪهاڻي ”ڇُٽي اسير تو بدلا هوا زمانه ٿا“ جو ترجمو ”ڪڙا ڪوٽ پڳياس ته ملڪ نه مارو ساڳيا“ جي عنوان سان ڪيو هو، جيڪو ڪتابي سلسلي ”سنڌ رنگ“ لاڙڪاڻي جي آڪٽوبر 1974ع جي شماري ۾ ڇپيو هو. ٿي سگهي ٿو ته قرة العين حيدر جون ٻيون ڪي ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي رسالن ۾ شايع ٿيون هجن، پر منهنجي خيال ۾ اها سندس سنڌيءَ ۾ پهرين نمائنده ترجمو ٿيل ڪهاڻي هئي، جيڪا 1857ع جي آزادي/ غدر جي آندولن جي پس منظر ۾ لکيل هئي. اها ڪهاڻي سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪ/ جدوجهد ۾ اُتساهيندڙ فئڪٽر جي طور تي

محسوس ڪئي ويئي ۽ هاڻي منهنجي ترجمي ڪيل هندي- اردو ڪهاڻين جي مجموعي ”نيڻ تارا ۽ ٻيون ڪهاڻيون“ ۾ ڇپائي هيٺ آهي. ساڳي ڪهاڻي، سنڌيءَ جي نامياري ڪهاڻيڪار ۽ صحافي مدد علي سنڌي ساڳئي عنوان سان ترجمو ڪئي هئي. جيڪا قرة العين حيدر جي ٻين پنجن ترجمو ڪيل ڪهاڻين جي مجموعي ”قلندر“ ۾ شامل آهي. ليکڪا جي ڪهاڻين جو اهو پهريون سنڌي ڪتابي مجموعو آهي، جيڪو 1983ع ۾ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ ليکڪا جون ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. (1) قلندر، (2) فوٽوگرافر، (3) رولاڪ، (4) گهوٽن جيئڻ ٽورا ڏينهڙا ۽ (5) عجيب اڪڙيون.

1977ع ۾ قرة العين جي ناول ”سيتا هرڻ“ (سيتا جو اغوا) جو، منهنجو ڪيل ترجمو شايع ٿيو، جيڪو سندس ناوليٽن مان پهريون سنڌي ترجمو هو. جيڪو لاڳيتو ٽي ايڊيشن 1977ع، 1982ع ۽ 1997ع ۾ شايع ٿيو. توڙي جو اردو version مارڪيٽ ۾ هر وقت دستياب هوندو آهي. هتي اها ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندي تہ شيخ اياز جي حوالي سان قرة العين حيدر پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ هو انهيءَ ناوليٽ جو وڏو مداح هو ۽ ٻہ دفعا پڙهيو هئائين. هن انهيءَ ناول جي ترجمي ڪرڻ بابت ساڻس اظهار بہ ڪيو هو. پر هو ڪري نہ سگهيو، مٿيون ذڪر هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ بہ ڪيو آهي. ليکڪا انهيءَ ساڳي انٽرويو ۾ پنهنجي انهيءَ ناول لاءِ چيو آهي تہ هن انهيءَ ناول ۾ سنڌ جو پورو نقشو آڻڻ چاهيو ٿي، جيڪو ڪڏهن اردوءَ ۾ پيش نہ ڪيو ويو هو. هن سنڌ جي سموري ڏند ڪٿا، سمورين ڳالهين جن کان اردوءَ وارا اڻ ڄاڻ آهن، سنڌ جي ڪلچر جو هندو فئڪٽر، جيڪو تصوف جو حصو آهي، ان کي هن ناول ۾ آندو آهي. •••

ويندو آهي. اهو ناوليٽ هند و پاڪ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڇپيو ۽ نيشنل بوڪ ٽرسٽ پاران هندستان جي چوڏهن ٻولين ۽ روسي ٻوليءَ کان سواءِ، دنيا جي ٻين سترنهن ٻولين ۾ ترجما شايع ڪيا ويا آهن. اهو ناوليٽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اردوءَ جي ايم. اي جي ڪورس تي نصاب طور پڻ رکيل هو. انهيءَ کان سواءِ ساهتيہ اڪادمي پاران سندس مجموعو 'پت جهڙ ڪي آواز' تي، جيڪو ٽن ڀاڱن (Triology)- 'پت جهڙ ڪي آواز'، 'جلاوطن' ۽ 'هائوسنگ سوسائٽي' تي مشتمل آهي، 1967ع ۾، ۽ 'آخرِ شب ڪي هم سفر' تي 1971ع ۾ انعام بہ ڏنا ويا آهن.

ڪيس تاريخ سان گهري دلچسپي آهي. سندس وڏا صوفي پرچارڪن مان هئا، جيڪي ٻارهين عيسوي صدي ڌاري بخارا کان هندستان لڏي آيا هئا. سندس پڙ ڏاڏو انگريزن سان 1857ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ وڙهيو هو ۽ پڻس 'نوجوان ترڪ هلچل' ۾ حصو ورتو ۽ ترڪي ڪهاڻيون جديد اردوءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

قرة العين حيدر ڪهاڻي- ڪيتر ۾ انساني جذبن جو ڀرپور اظهار ڪري ٿي، جنهن ڪري سندس فن اعليٰ شاعريءَ جي اوتاهين تائين وڃي ٿو ڪلهو هڻي ونس نديءَ جي وهڪري جهڙي تيزي تہ ناهي، پر چاندوڪي رات ۾ باغ جي سڳنڌ ضرور ملي ٿي. هوءَ انسان جا لڙڪ ۽ مُرڪون، خوشيون ۽ خواب پنهنجي پلاند ۾ ڪٺي نڪري ٿي ۽ جيڪي پلاند ۾ اٿس، وندبيندي ورهائيندي ٿي وڃي. جيڪي انساني ضمير جي آرسيءَ ۾ جيون جي سيني دکن ۽ سپنن جو روپ ڏسڻ ٿا چاهين ۽ اِهو بہ چاهين ٿا تہ انساني جيونءَ ڪنهن سپني جي ساڀيا بنجي پوي تہ اُهي سندس رچنائن کي پسند ڪن ٿا. گهڻو ڪري حقيقي ڪردار ۽ انهن جي سپنن جا پاڇولا، سندس ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اُلجهيو ائين ٿا گڏجيو وڃن جو ڪين هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. وقت جيڪڏهن هڪ مسلسل حقيقت آهي، جو ڪڏهن بہ ڪٿي نٿو بيهي ۽ روان دوان آهي، تہ وڏي ۾ وڏي ٽرئجڊي بہ اُن وقت تائين انسان جي عظيم جذبن ۾

اُمنگن جي ترجمان نثي بنجي سگهي، جيستائين قرة العين حيدر جهڙين ليکڪائن وانگر اها ڪوشش نہ ڪئي وڃي تہ جيون جي ڏکن ۽ سکَن جي رنگن مان جيڪي ڪردار جنم وٺن ٿا، اُهي سپيئي انهن سپنن جا پاڇولا بنجي وڃن، جن جو واسطو هڪ عظيم انساني سماج ۽ عظيم انساني تصور سان آهي. عظيم انسان مان منهنجي مراد خيالي انسان نہ، پر هڪ اهڙو انسان آهي، جنهن جو درد سمنڊ جيترو گهرو ۽ آڪاس جيڏو وشال آهي. لڙڪن ۾ معصوم انسان جي مرڪ ۽ مرڪندڙ انسان جي منهن تي دکي انسانن جي ڏکن جا پاڇولا- اِها 'اُس- ڇانوَ' واري ڪهاڻي جيڪڏهن ڪهاڻيءَ ۾ ناهي تہ اها عظيم ڪهاڻي ٿي نٿي سگهي.

'سيتا هرڻ' ۾ فن جون بنيادي ڌارائون هڪ هنڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جنهن ڪري اهو ناوليٽ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن ناوليٽ جو ڪينواس جاگرافيائي، تاريخي ۽ تهذيبي طور تي وسيع آهي، جنهن ۾ هندستان جي رزميہ شاعري 'رامايڻ' جي واقعن کي حوالو (System of reference) بنائي سيتا ميرچندانڻيءَ جي ڪهاڻي دل سان (Personal involvement) سان پيش ڪئي ويئي آهي.

تنهن ڪانسواءِ هي ناوليٽ برصغير ۾ آيل هڪ نهايت دکدائڪ اُٿل پٿل جي پس منظر کي واضح ڪري ٿو، جنهن ۾ بي وطن ٿيل ماڻهن جو اُهو ڏک ۽ درد سمايل آهي، جيڪو هو پنهنجي اصلي وطن جي ياترا مهل محسوس ڪن ٿا.

ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار، سيتا ميرچندانڻي، هڪ پڙهيل لکيل عورت آهي- پروگريسو سوچ جي حامي ۽ پرچارڪ آهي. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان 'هندستان جي سماجي انقلاب' جي موضوع تي ريسرچ ڪري پي ايچ- ڊي جي ڊگري ورتي اٿس. هوءَ مذهب، سياست، زندگي، موت ۽ دنيا جي هر شيءِ جي باري ۾ سوچي ٿي ۽ بحث ڪري ٿي. هندو آهي، پر سنڌ ۾ پهرين محبت ۽ پوءِ شادي جميل نالي اردو ڳالهائيندڙ هڪ مسلمان سان ٿئي ٿي، جيڪو فيض آباد (هندستان) جو رهاڪو آهي. پر نوڪريءَ سانگي

آمريڪا ۾ رهي ٿو. هوءَ پاڻ اصل ۾ سنڌي ۽ حيدرآباد جي رهاڪو آهي. سندس ننڍپڻ سنڌ ۾ گذريو آهي. سندس پيءُ ڪراچيءَ ۾ عامل ڪالونيءَ ۾ ميڊيڪل پرئڪٽس ڪندو آهي. پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ٿو وڃي.

ناوليٽ جي شروعات، جميل جي ٻي شاديءَ جي خبر سان ٿئي ٿي. سيتا علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪسمن جي گڏجاڻين ۾ مشغول رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سندس دوستيءَ جي دائري ۾ متئين طبقي جي امير پڙهيل لکيل نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي دنيا آهي، جيڪا بيحد ذهين، خوبصورت ۽ آزاد آهي. سندن دلچسپيون، گفتگو جا موضوع، ماحول ۽ گڏجاڻيون- سڀ هڪجهڙا آهن. زندگي انهن لاءِ خوشيءَ جي ڪيڏ آهي، ڇهڇٽو آهي. پر زندگيءَ جي دک جو ايذاءُ ڪيس ڇپيندو ۽ ڪُرائيندو رهي ٿو. ننڍڙي پٽ راهُل جي ياد ۾ جميل لاءِ محبت جي ڇڪ، انهن ٻنهي ڪارڻن ڪري، زندگي ڪيس خالي ۽ فضول لڳي ٿي. پوءِ هوءَ هيڪلائي جي شديد احساس هيٺ حالتن جي بيرحم ۽ تکين لهرن ۾ بيوس ٻنجي اڳيان لڙهندي وڃي ٿي ۽ خبر نٿي پويس ته نيٺ انهيءَ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. پر زندگيءَ جي دکن سکن مان گذرندي سندس بنيادي احساس پاڻ وڏيڪ گهرو ٿيندو وڃي ٿو ۽ ڏوهه جو احساس ڇاتيءَ تي بار ٻنجي ٻيهي ٿو وڃيس. انهيءَ بار کي جهڪو ڪرڻ لاءِ، آسائش جون پناهگاهون ڳولي ٿي. پڇاڙيءَ ۾ عرفان، جيڪو سندس آخري پناهه گاهه آهي، جي بيوفائي کان ته سيتا جي دل بلڪل وساميو وڃي ٿي ۽ زندگي هيڪاري وڏيڪ اونداهي ٿي وڃيس ٿي. تمام شديد گهرو احساس سندس دل ۽ روح تي حاوي پئجي ٿو وڃيس.

سيتا جي جذباتي محرومي، هن ناوليٽ جي دل آهي. اها محرومي هڪ ماءُ جي محرومي آهي، هڪ زال جي محرومي آهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي جنم ڀوميءَ کان به محرومي آهي، جيڪا ليکڪا پنهنجو وطن ڇڏي پرڏيهه ۾ اچي محسوس ڪئي هئي ۽ سيتا جي ڪردار ۾ سموئي، تاريخي فريم ۾ رکي، موضوع ۾

وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي اٿس. بنيادي طور تي سيتا جي ٽرئجڊي، ليکڪا جي پنهنجي فطرت ۽ سياءُ جي ٽڪراءُ جو نتيجو آهي. پنهنجي وطن مان لڏڻ جي تجربي مان، ٽرئجڊيءَ جو عمل شديد ٿئي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ جوان ٿيندڙ مهاجر نسل جون پاڙون ڪنهن زمين ۾ نٿيون کُپن. سندس جذبا جن علائقن سان ڳنڍيل هئا، ڪين اُتان نڪري بين هنڌن تي وڃي رهڻو پيو. ليکڪا انهيءَ جذبي کي شدت سان محسوس ڪري هيءُ ناوليٽ لکيو آهي. تهذيبن جو منجهڻ، لکين ماڻهن جو ڌرتيءَ جلاوطن ٿي بي گهر ٿيڻ، قرة العين جا پسنديده موضوع آهن. هن ناوليٽ ۾ جلاوطنيءَ جي مسئلي کي ننڍي ڪنڊجي حدن کان ٻاهر وسيع پئماني تي ۽ ڀرپور انداز سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، جيڪا سندس فني پئٽرن ۾ هڪ نئين شيءِ آهي.

هن ناوليٽ ۾، اڻ ورهايل هندوستان جي هندن ۽ مسلمانن کي هڪ لحاظ کان هڪ ئي ثقافت جو حامي ڏيکاريو ويو آهي. ليکڪا جي خيال ۾ ڏڻن، رسمن رواجن ۽ عبادت جي طور طريقن ۾ ظاهري فرق ته هو، پر اصل ۾ انهن جو بنياد هڪ هو. جيتوڻيڪ اخلاقي، سماجي ۽ اقتصادي آدرشن جي فرق کي پاسيرو ڪري، ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم ۽ اسلام کي پاڻ ۾ ملائي ۽ منجهائي ڇڏيو ويو آهي، پر انهيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ورهاڱي کان پوءِ انسانيت پرستيءَ جي لاڙي کي ڇيهو رسيو آهي، جيڪو آهستي آهستي، گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پراڻي شڪل ۾ ختم ٿي ويو آهي.

قرة العين جي ڪهاڻي- رچنا جي شروعات محدود ماحول ۾ خاص طبقي کان ٿي آهي، پر سندس ذهنيٰ اُڏام جو Aperture آهستي آهستي کُلندو ويو آهي، ايتريقدر جو سموري ثقافت سندس موضوعن ۾ سميٽجي آئي آهي. پر سندس ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ جيڪي موضوع داخل

ٿيا آهن، انهن جو رنگ ۽ روپ سندس ذاتي تجربن جي روشنيءَ ۾ بلڪل بدلجي ويو آهي. جيئن سندس تجربن ۾

محرومي پڙيل آهي، انهيءَ ڪري انسانيت پرستيءَ ۽ ترقي پسنديءَ جي پيشڪش ۾ سندس لهجو سايوس ڪُن آهي. سندس لکڻيون ترقي پسند تحريڪ جي اوساري جي حيثيت رکن ٿيون، جنهن جي پويان سندس حساس شخصيت پوري آب ۽ تاب سان اُجاگر ٿئي ٿي. هيءُ ناوليٽ بي انت خلوص سان ڀرپور جذباتي تاثر جو نتيجو آهي، جنهن ۾ خوبصورت عورت جي محبت جو ڏُکائيندڙ ڪلائيميڪس، سندس پنهنجي وطن جو وڃڻ مان لَڏڻ جو تجربو ۽ انسانيت پرستيءَ جي روايت جي ناڪاميءَ جو اوسارو- اِهي ٽي موضوع، جيڪي قرة العين جي ڪهاڻيءَ ۾ تاڃي پيٽي جي حيثيت رکن ٿا- اچي وڃن ٿا ۽ جذبات جي انهيءَ خانہ جنگيءَ کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ گهرجي.

**پوئين پهر جا پانڌيئڙا:** قرة العين حيدر جو ناول ”آخرِ شب کي همسفر“ 1979 ۾ جڏهن شايع ٿيو هو تہ ترقي پسند ادبي حلقن ۾ تنقيد جو نشانو بڻيو هو ۽ چيو ويو تہ ”قرة العين هڪ رجعت پسند ليکڪا آهي، جنهن پنهنجي انهيءَ ناول ۾ سماج ۾ اُسرندڙ ترقي پسند لاڙن کي لوڙيو آهي، تڏهن ڪنهن جي سوچ ويچار ۾ بہ نہ هو تہ سماجوادي ترقي پسند لاڙن جا عَلمبردار مُلڪ، پنهنجين ئي تهذيبي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي حالتن مان پنهنجو اختيار ڪيل ڏڳ ڇڏي، ساڳيو ئي رستو اختيار ڪندا ۽ هِن مُلڪ جي پوئتي پيل غريب ۽ ڏتڙيل رهاڪن جي اُتساهہ جو سبب نہ رهندا.

قرة العين حيدر هن ناول ۾ پنهنجي اڀياس جو مرڪز نديءَ ڪنڌ جو اهو خطو رکيو آهي، جتي 1939 ۾ بنگال جي دهشت پسند هلچل پنهنجي عروج تي هئي. 1942 جي ’هندستان ڇڏي وڃو‘ تحريڪ جو زور هو. پاڪستان جي گهر لاءِ زوردار جلسا جلوس ۽ نعرا لڳي رهيا هئا. پوءِ هندستان جو ورهاڱو ٿيو، اوڀر بنگال، اوڀر پاڪستان سڏجڻ ۾ آيو ۽ ويهن ورهين کان پوءِ اهو بنگلاديش بڻجي ويو. انهيءَ اُٿل پُٿل جي نتيجي ۾ نہ رڳو سياسي تبديليون رونما ٿيون، پر وڏي پئماني تي ماڻهن جي لڏ

پلاٽ تي، جن سماجي ڍانچي ۽ ذهني لاڙن ۾ ڦيرو آندو، تنگدلي ۽ تفرقن لاءِ رستو پيدا ٿيو، جتان گذرنديءَ، هن خطي جي ماڻهن پنهنجا ماڳ ۽ منزلون مٽائي ڇڏيون: آدرش ۽ اخلاقي قدر ڇڏي ڏنا ۽ سچاين ۽ عقيدن جا رُخ تبديل ڪري ڇڏيا، ايتريقدر جو پنهنجي شاندار ماضيءَ جي روايتن تي فخر ڪرڻ جي شناخت نه رهي ۽ روشن مستقبل کي اڳواٽ ڏسڻ جي آس ۾ اکين ۾ ٽمڪندڙ ترورا به مذم ٿي ويا.

قرة العين حيدر ماضي، حال ۽ مستقبل جو تاريخي شعور رکندڙ اها ليکڪا آهي، جنهن پنهنجي اظهار جو وسيلو هن ناول جي صورت ۾ ڳوليو آهي، پر سندس عظمت رڳو هڪ ڪهاڻي/ ناول لکڻ ۾ نه، پر زندگيءَ جي هڪ حصي کي تخليق ڪرڻ ۾ آهي، هن ناول جي اسٽائيل ۾ عمدگيءَ کي نقل نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ خوبي سندس هن ناول کي ننڍي کنڊ جي سماج جي ڪنهن حصي (Segment) جو نه، پر پنهنجي دؤر جو هڪ اهم ناول ثابت ڪيو آهي.

مون اڄ کان ويهارو ورهيه اڳ اهو ناول پڙهيو هو ته اُن کي ترجمو ڪرڻ جي خواهش جاڳي اُٿي هئي، پر ترجمو ڪرڻ ۽ اُن کي شايع ڪرائڻ ۾ ڏهاڪو سالن تائين جو عرصو لڳي ويو، جڏهن روس ۽ ٻين يورپي ترقي پسند سماجوادي حڪومتون پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪيون آهن. هتي آئون ناول نگار کي رجعت پسند لاڙو رکندڙ نه، پر هندستان مان لڏي آيل طبقي ۾ رجعت پسندانه لاڙن ۽ ذهني زوال پذير روين جي سڃاڻپ ڪرائيندڙ ۽ دور رس نگاهه رکندڙ ليکڪ جي طور تي ساراهيان ٿو، جنهن ننڍي کنڊ جو تاريخي تناظر ويهارو ورهيه اڳ، پنهنجي ناول ۾ چٽو ڪيو هو.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ ترجمن جي کوٽ آهي، جنهن لاءِ اسانجن ادارن وٽ ڪو چٽو ۽ متوازن پروگرام ناهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڌارين ٻوليءَ جو ڪتاب، ڪنهن کي ترجمو ڪرڻ لاءِ اُتساهي ٿو ته اُن جي ڇپائڻ جو ڪنهن انتظام ميسر نٿو ٿئي،

جيڪڏهن ڪو پبلشر جوکم کڻي ڇپائي وجهي ٿو ته ونس مترجم کي مناسب اُجورو ڏيڻ لاءِ ڏوڪڙ ڪونهن ۽ ايتري قدر جو اُن جي ورهاست جو انڊو منڊو نيٽ ورڪ به ڪونهي. اسان جي ليکڪ برادريءَ ۾ به ترجمي جو ڪم ٻئي نمبر جو ڪم سمجهي، ڪرڻ کان ڪيٻايو وڃي ٿو ۽ نه وري ان ڪم کي اُتساهيو وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارا جيستائين اڳيان نه ايندا تيستائين ادب ۾ گهربل ترقيءَ جي کوٽ ئي رهندي ۽ مترجم کي به ترجمي جو ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي نه رهندي.•••

# عظيم مستشرقين جي آخري خاتون ـ اين ميري شمل

تائمن راشده لطيف

بين الاقوامي معاملن ۾ موجوده وقت اسلام ۽ مغرب جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جو شاهد آهي. اسلامي دنيا ۾ مغرب جي مخالفت جا جذبا زورن تي آهن. اُهي اڪثر ماڻهو ”دهشتگرديءَ خلاف جنگ“ کي اسلام کي اڳي کان به وڌيڪ پوائنٽو ڪري ڏيکارڻ ۽ مختلف مسلم ملڪن کي ٻيهر نوءَ آبادي بنائڻ جو بهانو سمجهن ٿا. اهڙي جذباتيت جي گرمائش ۾ جيڪا ڳالهه نظرن کان اوجهل آهي، اُها آهي ته مغرب ۾ اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو آهن، جيڪي نه رڳو من سان سچا آهن، پر اسلامي پيغام جي ڳوڙهي فڪر کي به مختلف طريقن سان اثرائتي نموني ڇنڊ ڪن ٿا.

آنجهاني اين ميري شمل انهن عظيم مستشرقين مان آخري خاتون هئي، جنهن پنهنجي زندگي اسلام جي مختلف پهلوئن جو مطالعو ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، جڏهن ته منجهانئن اڪثر تي لاڳيتو يورپي هئڻ سبب تنقيد ٿيندي رهي، پر شمل جي ڪم پوءِ جي نوءَ آبادياتي مسلم دنيا يا يورپ ۾ پنهنجي برتري يا اثر ڪڏهن نه وڃايو. سندن وفات کان فقط ڪجهه مهينا اڳ، تهران وُمين يونيورسٽي طرفان کيس ڊاڪٽوريٽ جي اعزازي ڊگريءَ سان نوازيو ويو ۽ پاڪستان سرڪار کيس ميچتا ڏيئي سندس ڪتابن تي ڪافي اعليٰ ايوارڊ به ڏنا. هُن اعليٰ ذهن رکندڙ مسلم شخصيتن جي خيالن کي پنهنجي شاعري ۽ ادب جو آواز ڏيئي اسلام بابت مغرب کي ٻڌائڻ ۾ هڪ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو. رومي ۽ اقبال بابت سندس تحريرن انهن موضوعن لاءِ حقيقي موهه پيدا ڪيو. نه رڳوا هو پر بي

ضرر تحقيقي ڪم ۾ ۽ فارسي، اردو (۽ ٻين ٻولين) جي ادارڪ تي پڻ پختي رهي. سندس زندگي ۾ جو پورهيو ڪلاسيڪي ڪتابن جهڙوڪ: Mystical, Islamic Calligraphy, Dimensions of Islam and Muhammad is His Messenger, Islamic Names ۽ Oriental Cats تي ڦهليل آهي. سندس ڪتاب مان اهي رڳو چند ڪتاب آهن، جيڪي سوين مقالن سان گڏ سندس عالم هجڻ ۽ مغرب ۾ دنيا جي محققن جي ايندڙ نسلن تائين اهو علم پهچائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪرڻ جي ڪسوٽي آهي.

شمل طرفان مغرب کي اسلام بابت ڏنل اهڙا تحفا ڪنهن کان ڳجها ناهن، پر پاڪستان کي ڏنل سندس هڪ ٻئي قسم جي تحقيق جي خبر گهٽ آهي. شمل جي قريبي دوست ۽ پرستار زوءِ هرسوف (Zoi Hersov) سندس نالي سان منسوب The Anne Marrie Schimmel Scholorship (AMSS) قائم ڪئي. سندس ملاقات تڏهن تي هئي جڏهن شمل هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندي هئي. زوءِ اسلام ۽ عيسائيت جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپا پيدا ڪرڻ جي مشن سان جڙيل آهي ۽ چاليهن سالن کان وڏيڪ عرصي دوران اورچائيءَ سان برطانيا ۽ آمريڪا ۾ عيسائين ۽ مسلمانن جي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو اٿس. هوءَ يونيورسٽيءَ جي عهدي تي ڪا پيشيور عالم ته ناهي، پر اسلام کي گهرائيءَ سان سمجهڻ ۾ مدد ڪرڻ ۽ مغرب کي پيشيورانه طور مصروف رکڻ واري ڪم ۾ ڪنهن به طرح پوئتي ناهي. هوءَ خود محقق آهي ۽ تاريخ ۽ فقه ۾ سندون حاصل ڪيل اٿس. هن علمي جرنلس لاءِ مقالا تحرير ڪيا آهن ۽ فرينچ زبان ۾ ترجمو ٿيل قرآن شريف جو متن شايع ڪرايو اٿس. اهو ڪم هن اسلام ۽ مغرب کي وڌيڪ ويجهو آڻڻ لاءِ پنهنجي دليان ڪيو آهي.

زوءِ شمل جي ڪم ۽ شخصيت کان متاثر هئي. تنهن ڪري ساڻس دوستيءَ کي خراج پيش ڪندي پنهنجي وراثتي ملڪيت مذڪوره اسڪالرشپ لاءِ وقف ڪري، سندس نالي ۽ ڪم

سان منسوب ڪئي اٿس، پاڪستان سان انهن ٻنهي خواتين جي گهري محبت جي موٽ ۾ برطانيا ۾ اعليٰ تعليم لاءِ هڪ خاتون (بعضي ٻن) کي AMSS طرفان اسڪالرشپون ڏنيون وينديون آهن. انهيءَ فياضاڻه مڪمل مالياتي سهائتا کان سواءِ AMSS ٻن ڳالهين جي ڪري منفرد آهي. اول ته انهيءَ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ لاءِ عمر جي ڪابه پائبندي ناهي بشرطيڪ اُميدوار واقعي ضرورتمند هجي ۽ تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ موٽي اچي قومي ترقيءَ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي خاطري ڪرائي.

ٻي نرالي خصوصيت هڪ طرح سان شمل جي وسيع علميت لاءِ خراج آهي. ڪجهه موضوعن کان سواءِ، جن ۾ صحافت جو موضوع شامل آهي، (جنهن لاءِ اڪثر خالص محققن وٽ وقت نٿو هجي)، اها اسڪالرشپ سائنس، هيومنيٽيز ۽ آرٽس جي موضوعن لاءِ کليل آهي.

AMSS جي ابتدا 1990ع کان ٿي هئي. اُن کان پوءِ اها اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ اسڪالرن ائڊوائنسڊ ٽريننگ حاصل ڪئي ۽ اسلامڪ آرٽ، پبلڪ هيلٿ، لسانيات، نرسنگ، انگريزي ادب، اپلائيڊ سائڪالاجي ۽ سوشل ڊيولپمينٽ جهڙن مختلف ميدانن ۾ تحقيقي ڪم ڪيو. جيئن ته اُهي AMSS 2002 جا اسڪالر ڏندن جي ڊاڪٽري Orthodontics ۽ ماحولياتي ايپاس (Environmental Studies) ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ ويا هئا، تنهنڪري انهن 1996ع ۾ ليزر فزڪس ۾ امپيريل ڪاليج لنڊن مان پي. ايچ. ڊي حاصل ڪئي.

زوءِ هرسوف، اين ميري شمل ۽ اهڙن ٻين ماڻهن جي زندگي ۽ ڪم پاڪستان ۽ مسلم دنيا لاءِ هڪ مختلف نقطهءِ نظر پيش ڪن ٿا، جيڪي مغرب کي دهريا ۽ ماده پرست سمجهن ٿا. موجوده مخالف ثقافتي صورتحال هيٺ جتي مسلمان قوم ڏاريائپ ۽ ظلم جي اثر هيٺ رهندي هجي، اُتي اهڙن ماڻهن جو ڪم واضح نظر نه ايندو. انهن جو مذهبي نقطهءِ نظر، علم سان سچائي ۽ جذبي

جي فراخدلي پاڪستان ۾ ساڳئي نقطء نظر جي حقيقي عدم موجودگي هڪ نهنائي پريو ٽڪراءُ پيش ڪري ٿي.

درحقيقت، مغرب ۾ اهڙا بيشمار ماڻهو آهن، جيڪي خاموشيءَ سان، ساندهہ اسلام جي خوبصورتيءَ کي چٽو ڪندا رهن ٿا. اُهي نہ رڳو محقق جي طور تي، پر وقت بوقت فڪرمند شهريءَ جي حيثيت سان پنهنجي معاشري ۽ مسلم دنيا جي وچ ۾ پُليون جوڙڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. اُن جي پيٽ ۾ مسلمان بہ عملي طرح خدمت جي ساڳئي جذبي جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا، خاص ڪري جڏهن اهو مذهبي معاملو هجي. افسوس آهي جو پنهنجين اوٽاين تي نظر وجهڻ بدران، شمل جي باري ۾ لکيل اڪثر تعزيت نامن ۾ رڳو سندس تحريرن کي ڳٽايو ويندو آهي ۽ اسلام بابت پيش ڪيل سندس مثبت تصوير مان پاڻ کي لطف اندوز ڪيو ويندو آهي. انهيءَ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهہ اها آهي تہ اُهي تعزيت ناما بعض مذهبي عالمن لکيا آهن، جن پاڻ کي صحيح سمجهندي، سندس اسلام جي ڪيل خدمت کي ميجتا ڏيندي، اهو ورجائڻ جي تڪليف ورتي تہ هوءَ هڪ تارڪ الدنيا (راهبہ) ۽ غير مسلم هئي. اهڙن متضاد (غير متعلق) بيانن کان قطع نظر، اُهي ٻڌائين ٿا تہ شمل عورتن جي هڪ اهڙي خاص گهاڙيٽي مان نڪتل آهي، جيڪو عالمانہ سطح تي مذهب سان جڙيل آهي، پر سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ پاڪستان ۾ اسلام بابت هڪ جداگانہ ۽ برتر ذهني سطح ظاهر ڪري ٿو. بهرحال ڏسجي ٿو تہ سندس تنگ نظر هڪ مسلمان هجڻ کان باهرئين طور ڏسي ٿي. زوءِ هرسوف جي چوڻ مطابق، اهڙو ذهن شمل ۽ خود سندس باريڪ، گهري اشاري کي سمجهڻ کان قاصر آهي. اُهي جيتوڻيڪ ”اسلام جي دائمي سچائي آڏو جهڪن ٿا، پر پوءِ بہ پنهنجو پاڻ کي ”زميني اُمت جو ميمبر“ نٿا سمجهن.“

اهي ٻئي عظيم خواتين پنهنجي خاموش طريقن سان هڪ اهڙو آئينو ڏيکارين ٿيون، جنهن ۾ اسان مان هرڪو پنهنجي مذهب

جو نقش ۽ روح ۽ نقطء نظر پسي ٿو. اهو آئينو ڏيکاري ٿو ته جيڪا ڳالهه هڪ مسلمان هجڻ لاءِ ضروري آهي. اُها مذهبي عقيدي ۽ رسمن کان ڪجهه اڳتي آهي، ۽ اهو موٽ ۾ خاص ڪري قرآن شريف ۾ موسيٰ ۽ مسيح جي سمايل هجڻ جي روشنيءَ ۾ اسان کان سوال پڇي ٿو ته هڪ مسلمان هجڻ جي ڇا معنيٰ آهي.

ممڪن آهي ته اسانجين انهن ٻنهي دوست خواتين جا آواز اسان کي جواب تي سوچڻ ۾ مدد ڪن. اين ميري شمل، اسي سالن جي ڄمار ۾، پنهنجي وفات کان هڪ هفتو اڳ، زوءِ هرسوف کي هڪ خط ۾ لکيو هو:

"مان شڪرگذار آهيان جو مان اينڊو ڪم ۽ سفر ڪري سگهان ٿي. تهران ۾ ٿيل تقريب ۾، جتي وُمين يونيورسٽي طرفان مون کي اعزازي ڊگري ڏني ويئي، سچ پچ شاندار هئي ۽ اها اڃا جاري آهي. منهنجي خواهش آهي ته اسين گڏجي ويهي. چانهه جي ڪوپ تي ڪچهري ڪريون .. هاڻي مون کي زيورخ وڃڻ لاءِ جهاز تي پهچڻو آهي، جو مون کي ودوز جي ديول ۾ تبليغ (!!!) ڪرڻي آهي."

۽ هتي، پنهنجي دوست ۽ سرپرست (Mentor) جي باري ۾ زوءِ هرسوف جي تحرير سان پڄاڻي ڪريان ٿي:

"اين ميري پنهنجي آخري سفر تي رواني ٿي ويئي، جيتوڻيڪ هوءَ هميشه لاءِ پنهنجي ماءُ جي پرسان آرامي ٿيندي، پر مون کي پڪ آهي نه هوءَ روحاني طور پنهنجي محبوب صوفين سان گڏ هوندي. هوءَ اسان سيني لاءِ، جيڪي ٻنهي جهانن ۾ آباد آهن اُتساهه جو سبب بڻيل رهندي. اسين مسيحي ۽ مسلمان گڏجي سندس روح لاءِ دعاگو آهيون.

Last of the great ۾ شايع ٿيل تحرير The Friday Times, Lahore)
Orientalist جو ترجمو) ●●●

# آصف فرخي جي سهيڙيل•

## "Fires in an Autumn Garden" جي باري ۾



گذريل سال(1997) جي پڇاڙڪي ٽماهي دوران، آڪسفورڊ يونيورسٽي، پريس ڪراچيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محترمہ امينا سيّد پاڪستان جي گولڊن جوبليءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي اداري جو شايع ٿيل ڪتاب "Fires in an Autumn Garden" (پن ڇڻ جي باغ ۾ ڇٽڪون) مون ڪي مٿس تجزيو (Review) ڪرڻ لاءِ موڪليو.

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس بنيادي طرح آڪسفورڊ يونيورسٽي انگلينڊ جو هڪ بين القوامي اشاعتي ادارو آهي، جنهن جا مرڪز آڪسفورڊ کان سواءِ نيويارڪ، نيو دهلي ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگيءَ جي سبب بيحد ساکائتا آهن. تازو گذريل سال دوران ڪراچي مرڪز طرفان پاڪستان جي 50 سالہ گولڊن جوبلي ملهائڻ جي سلسلي ۾ 37 ڪتاب شايع ڪيا آهن، جيڪو هڪ ريڪارڊ آهي ۽ جنهن لاءِ اهو ادارو ۽ اُن جي سربراهہ محترمہ امينا سيّد کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، جنهن پنهنجي ڏاهپ ۽ صلاحيت سان ڪتابن جي مناسب چونڊ ڪري نہ رڳو انهيءَ موقعي کي ملهايو آهي، پر مُلڪ جي

---

• ASIF FARKHI (1959): Pakistani Doctoı, Writer And Translator.

ائنتالاجي تيار ڪئي آهي، جن ۾ سهيڙيندڙ پنهنجي اردوءَ ۾ لکيل ڪهاڻيءَ جو ترجمو Of Flesh and the Earth شامل ڪئي آهي. شامل ڪهاڻين ۾، سهيڙيندڙ پنجابيءَ جي هڪ ۽ سنڌيءَ جون ڇهه ئي ڪهاڻيون، شاهه محمد پيرزادي جي ساڻ سان ترجمو ڪيون آهن، جيڪو سنڌيءَ جو سنو شاعر آهي، جنهن جو هڪ شعري مجموعو شايع ٿي چڪو آهي. هو اڪثر سهيڙيندڙ سان سنڌي جي ترجمي جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو اچي.

رِيويو جي ٽيڪنيڪي محدوگيءَ ۽ اخباري ضرورتن کي آڏو رکندي، ائنتالاجيءَ ۾ شامل ڪهاڻين ۽ سيني ٻولين جي تفصيل ۽ پس منظر کي پاسيرو رکندي، هتي رڳو سنڌي ڪهاڻين جا نالا ڳڻائيندي اهو چوندس تہ جمال اَبڙو، نسيم کرل، امرجليل، علي بابا، ماڻڪ ۽ نورالهديٰ کي شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي سهڙيندڙ پنهنجي پسند پٽاندر ۽ ميل سنڌي ڪهاڻين ۾ سمجهيون آهن.

ائنتالاجي جي سهيڙيندڙ پنهنجي ڪهاڻين جي تعارف ۾ لکيو آهي تہ ”هي جداگانہ ڪهاڻيون، فِڪشن جي فن ۽ ٽيڪنڪ جون لاجواب مثال آهن، ۽ ساڳئي وقت پنهنجي تاريخي وجود جي ڪنهن ڏکئي موڙ تي ملڪ جي قوم جي نمائندگي ڪندي، ليکڪ جي تصوراتي تناظر مان قيمتي لوچ مهيا ڪن ٿيون.“

اڳتي هلي هو ڪنهن بہ مُلڪ جي تاريخ ۽ فڪشن جي ڪردارن بابت لکي ٿو تہ ”... تاريخ هزارين ۽ لکين عورتن ۽ مردن جي سچاين کي محفوظ ڪري ٿي، جيڪي واقعن جي اڻ تبديل ٿيڻ جوڳي تاريخن ۾ زندگي گذارين ٿا، پر اُهو تجربو جنهن مان ماڻهو گذرن ٿا جڏهن تاريخ نهي رهي هوندي آهي، فڪشن ۾ ڳولڻ گهرجي، جو اهو فڪشن ئي آهي جيڪو ملڪ جي تارِيخ جي محسوس ڪيل ۽ گهاريل سچ جو اظهار ڪري ٿو. پاڪستان جي گولڊن جوبليءَ جي موقعي تي مختلف پليٽفارمن تان سياسي، سماجي ۽ ادبي تقريبن جو سلسلو هلندو پيو اچي. انهيءَ ڏس ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل کي آڏو رکي ڪيل ڪمن جا تجزيا ۽ آئنده ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جا عزم ڪيا پيا وڃن. پر ادبي ميدان ۾

ڪهاڻيڪار آصف فرضي ۽ ادب جي گهڻ پاسائين شخصيت هئڻ سان گڏ هڪ سٺو مترجم به آهي.

407 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪهاڻين کان پوءِ 6 سنڌيءَ جون ڪهاڻيون پاڪستان سان سلهاڙيل سنڌ جي پنجاهه سالن تي مشتمل گولڊن جوبليءَ واري سال دوران، هر ميدان ۾ ڪيل جدوجهد ۽ حاصلات جو پوتاميل پاڪستان جي سطح تي ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، پر صوبن جي سطح تي عام طرح ۽ سنڌ جي سطح تي خاص طرح، ڪنهن مستند دستاويزي طرز تي تفصيلي طور تي نٿو ڏسجي. مجموعي ڇنڊڇاڻ ڪي ڇڏي، ادبي سطح تي پڻ جيڪا بي توجهي نظر آئي آهي، اها خود ۾ هڪ بي حسي جي معني ۾.

اهي ساڳيا ماڻهو آهن، جيڪي مسيح خلاف هئا ۽ هاڻي سندس پوڄا ڪندا آهن. اهي ساڳيا ماڻهو آهن جڏهن آئون نه هوندس ته منهنجي پڄاڻان به ائين ڪندا. اها آهي انسانيت جي بيوقوفي ۽ حماقت هوشيار ۽ ڏاهو ماڻهو اهو هو جيڪو يسوع سان سنڌي حياتي ۾ گڏ هو ۽ بيوقوف ماڻهو اهو آهي جيڪو سنڌي مرڻ کان پوءِ سندس پوڄا ڪري ٿو.

آصف فرخي پنهنجي هيءَ انٿالاجي سڀ کان اول علي بابا جي ڪهاڻي 'نوان پيغمبر' (The New Prophets) سان ترتيب ڏي ٿو. هو محقق ڪي ڪي عزيز جي ڪتاب History of the Idea ۾ پيش ڪيل "تاريخ جي قتل" جي ڇنڊڇاڻ سان سهمت ٿيندي ٿيکي ٿو ته سرڪاري قومي ادارن جي تيار ڪرايل درسي ڪتابن ۾ ماضيءَ کي نهايت آسانيءَ سان حڪومتي نظرياتي پاليسيءَ سان هم آهنگ رکيو ويندو آهي. فڪشن تاريخ کي سهارو ڏيئي مڪمل ڪري ٿو ۽ انهيءَ قتل جون حالتون علي بابا جي انهيءَ ڪهاڻي ۾ بيان ڪيل آهن، جنهن جو مُکيه ڪردار هڪ اسڪولي ٻار آهي جيڪو عزيز جي حوالي ڏنل درسي ڪتاب وانگر تاريخ پڙهي ٿو ڪهاڻي جي ڪلائمڪس ۾ تاريخ درسي ڪتاب کي رد ڪري ٿو اهڙي

گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن. اها ڳالهه سماج ۽ ملڪ جي هر ميدان سان لاڳو ٿئي ٿي.

هتي آئون ادبي ميدان جي رٿابنديءَ جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو. عام طرح ٿيڻ ته اهو گهرجي ته ادب جي مختلف صنفن جو هر سال جي پڇاڙي واري مهيني ۾ هر پيريادبيڪل پاڻ وٽ ڇپيل مواد جو وچور پيش ڪندو آهي ۽ انهيءَ آڌار تي ٻئي سال شروع ٿيڻ سان، سال دوران ٿيل ڪم جو هڪ جائزو پيش ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ مواد مان صنفن ڪي آڏو رکي هڪ چونڊ ڪري، جدا انتخاب ڇپايو ويندو آهي. اهو انتخاب، ظاهر آهي ته مواد جي چنڊڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ ئي هر سال شايع ٿيندو ۽ سال بسال جي اهڙي مواد مان وري انٿالاجيون ڇپيون وينديون آهن، جيڪي ادب جي تاريخ کي سهيڙڻ ۽ اپ ڊيٽ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون آهن.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ جدا جدا صنفن جهڙوڪ ڪهاڻين، شاعري ۽ موضوعاتي مضمونن جي انٿالاجين جي شايع ڪرڻ جي ڪا مضبوط روايت قائم نه ٿي سگهي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ادارن پاران ڪو ذاتي پسند جي بنياد تي ڪو انتخاب نظر ايندو آهي نه ته بس. ڪهاڻين ۽ شاعري جي ترجمي ۽ انتخاب ۾ صفا پُٺڙي آهي. باقي اهي دعوائون ته چوٽ تي آهن ته سنڌي ادب، بين القوامي سطح جو آهي ۽ عالمي مقابلي ۾ بيهارڻ جوڳو آهي. اهو پاڻ پڌائڻ يا پنهنجي منهن مِٺو ڪوٺائڻ بدران، سنڌي تخليقي ادب جو ڏيهي توڙي پرڏيهي ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي. شيخ اياز جي شاعري جو ئي مثال وٺو، جنهن جو جزوي طور پنجابي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي. پر اهو ڪم وڏي سطح تي ٿيڻ گهرجي. سندس موت جي تعزيتي ميڙن ۾ ڪٿي نوبيل پرائيز جي لائق ڪوٺيو وڃي ٿو، ته ڪٿي فيض احمد فيض کان پوءِ ڪيس درجو عطا ڪيو وڃي ٿو ته ڪٿي وري ڪيس اُپکنڊ جي نوبيل انعام يافته ٽئگور سان گڏ بيهاريو وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ منهنجي ذاتي راءِ آهي ته سندس شاعريءَ جي انتخاب سان گڏ، سندس سموري شاعريءَ کي

مختلف صنفن ۾ ڪلاسيفاءِ ڪرڻ جو ڪم ۽ موضوعن جي لحاظ کان، مثال طور سنڌس انقلابي، قومي، رومانوي موضوعن واري شاعري کي ڪلاسيفاءِ ڪيو ويجي ۽ انهيءَ آڌر تي سنڌس شاعري جو انگريزي، اردو، هندي، پنجابي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمي جو ڪم ۾ ورهايو وڃي، تڏهن ئي اياز جي شاعريءَ جو رنگ ۽ روپ نروار ٿي سگهندو.

اها سموري تمهيد مون انگريزيءَ ۾شايع ٿيل پاڪستان جي سيني ٻولين ۾ 30 سالن دوران شايع ٿيل ڪهاڻين جي باري ۾ تبصرو ڪرڻ لاءِ ٻڌي آهي. تازو پاڪستان جي 50 سالا سلور جوبليءَ جي ساساي ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي وارن ڪهاڻين جي انٿالاجي Fires in an Autumn Garden (خزان زده باغ ۾ چٽنگون) شايع ڪيو آهي. جيڪو اردوءَ جي ناليواري ڪهاڻيڪار ۽ تنقيدي مضمون متحرم ۽ نثر نويس ڊاڪٽر آصف فرخي جي محنت جو نتيجو هو. هن جو اهو سهيڙيل ڪتاب پاڪستان جي 6 ٻولين اردو (20 ڪهاڻين)، سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، انگريزي تي مشتمل آهي. •••

۾ هئي، اهڙي ئي اڄ بہ آهي. انهيءَ عرصي وچ ۾ بين بہ شاعريءَ کي موضوع بڻايو، پر سندس بلنديءَ کي ڪوبہ پهچي نہ سگهيو آهي. شاهہ صاحب سنڌي زبان جو نہ فقط محافظ آهي، بلڪ سنڌ جو خالق بہ لڳندو آهي. سندس شاعريءَ جي تازگيءَ سبب هاڻي بہ ماڻهن جا چهرا خوشي وچان ٽڙي پوندا آهن ۽ وجد ۾ اچي پٽڪا بدل سِر جهُومڻ لڳندا آهن. هُو عوام ۾ ائين رل مل ٿي ويو آهي جو سنڌي عوام ۽ سندس ڪلام کي هڪٻئي کان جدا ڪرڻ مشڪل آهي. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ اهڙيءَ طرح لازم ملزوم آهن، جهڙي طرح اهو ناممڪن آهي تہ سنڌ جو تذڪرو ٿئي ۽ شاهہ لطيف جو ذڪر نہ اچي. تهڙي طرح اهو بہ ناممڪن آهي تہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو تذڪرو ڪجي ۽ سنڌي عوام جو ذڪر نہ اچي.

هن مقالي جو مقصد انهن ڳالهين جي تلاش ڪرڻ آهي، جيڪي سندس مقبوليت جو بنيادي سبب آهن. اهوڪم آسان ناهي. موجوده حالتن ۾ جڏهن هر شخص، شاهہ لطيف کي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ مذهبي لبادو مٿانئس وجهي سندس شڪل بدلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، تڏهن اهو ڪم اڃا پاڻ وٽيڪ مشڪل ٿي پيو آهي. منهنجو مقصد معنوي تشريحن جي، مخالفت ڪرڻ نہ، پر رڳو اهو معلوم ڪرڻ آهي تہ ڪٿي اهي ماڻهو اصل شاهہ کي وڃائي تہ نہ وينا آهن! باريڪ بيني چڱي شيءِ آهي بشرطيڪ انهيءَ سان اصليت کي سمجهڻ ۾ ڪا مدد ملندي رهي. پر جيڪڏهن تشريح جو مقصد، هڪ خاص ڍنگ سان معنيٰ پارائي مطلب ڪيڻ آهي تہ اها چڱي ڳالهہ ناهي. تصوف هڪ وسيع معنيٰ وارو علم آهي. يعني لفظن کي ڦهلائي ان جون ڪيئي معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون. هي جاگيردارانہ معاشري جي ايمائيت يا رمز آهي، جنهن کي مذهبي ماڻهن پنهنجو محبوب مشغلو قرار ڏنو آهي. ايتري قدر جو عام لفظن کي بہ تصوفي معنيٰ ڏيئي ڇا جو ڇا ڪيو ٿو وڃي. منهنجو مقصد شاهہ سائين جي اهڙن شارحين جي مخالفت ناهي، پر اهو معلوم ڪرڻ آهي تہ ڪٿي اُنهن پنهنجو

مذهبي جوش ۽ تصوفي لاڙو شاهه سائين جي متي تي نه مڙهيو آهي. هن مقالي ۾ تصوف جي متعلق ڪا راءِ نٿي ڏئي سگهجي. هن ۾ صرف انهيءَ تصوف سان مطلب آهي، جيڪو شاهه سائين جي ڪلام ۾ آهي ۽ جنهن کي ان جا گهڻا شارحين سندس شاعريءَ جو بنيادي نُڪتو قرار ڏنو آهي. انهن جو خيال آهي ته شاهه سائينءَ جي مقبوليت جو اصل سبب سندس صوفي شاعر هئڻ آهي، ڇڻ شاهه سائينءَ عوام تائين اسلام جو پيغام شاعريءَ جي نُڪتن ۽ تصوف جي رمزن ذريعي پهچايو. اصل مقصد اسلام جو بنيادي پيغام پهچائڻ آهي. شاعري ان جو هڪ ذريعو آهي، مقصد ناهي. عشق ۽ عاشقيءَ جا قصا، سالڪ جي ذاتِ حقيقت ۾ جذب ٿيڻ جا مرحلا آهن ۽ بس! ڇڻ شاعري ذريعوآهي عشقِ حقيقي جون رمزون بيان ڪرڻ ۽ شاعر جو مقصد سالڪ (پڙهندڙ) کي حقيقي راهه ڏيکارڻ آهي ۽ بس!

شاه سائين جا گهڻا شارحين ڪجهه انهن قسمن جي خيالن جو اظهار ڪندا اهن. وٽس پاڻي عالمِ روحانيت آهي ، جنهن کي پُر ڪري سالڪ پنهنجي محبوب سان ملي ٿو سُر سهڻي ۾، سهڻي سالڪ آهي، جيڪا پنهنجي محبوب ميهار (خدا) سان ملڻ وڃي ٿي. گهڙو مرشد آهي ۽ ڪچو گهڙو، اهو مرشد آهي جيڪو ڪامل نه هجي. سُرسَسئيءَ ۾ سسئي سالڪ ۽ پُنهون رسول الله آهي جيئن:

> مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
> تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

ڪجهه صوفي شارحين جي خيال ۾ اهو معراج ڏانهن اشارو آهي. انهيءَ سُر ۾ اُٺ سان مراد نفس آهي ۽ ننڊ سان غفلت، جيڪا سالڪ کي محبوب کان غافل ڪري ٿي ڇڏي.

اهي ڳالهيون توهان مجذوب جو وڙ نه سمجهو پر هي اُهي ڳالهيون آهن، جيڪي يونيورسٽيءَ ۾ شاهه سائينءَ جو ڪلام پڙهائيندا آهن ۽ انهن شاگردن جو، جيڪي شاعريءَ جي انهن رمزن کان اڻڄاڻ آهن. انهن شاگردن جو ڇا حال ٿيندو، انهيءَ بابت آئون ته ڪجهه به نٿو چئي سگهان، تنهن هوندي به شاهه سائين زنده

هجي ها تہ ضرور چوي ها، "منهنجو ڪلام يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن پهچايو؟"

شاهہ سائين بنيادي طور تي شاعر آهي ۽ اهڙو شاعر جنهن کي پنهنجي عوام سان بي انتها محبت آهي. هن لاءِ عوام ئي سڀ ڪجهہ آهي.

مُند تي مندل مندبا، آيو جُهڙ جهانيءَ،
هڪ ارزان اَنَ تيو، مکڻ منجهہ مانيءَ،
ڪلمي سان ڪاڻيءَ، لاٿم ڪس قلوب تان
(شاهہ لطيف : سُر سارنگ)

هن خدا جي دنيا ۾ سڀ کان عجيب و غريب شيءِ جنهن هن دنيا کي معنويت بخشي آهي، اها آهي انهيءَ ۾ رهندڙ مخلوق ـ انسان آهي. اها مخلوق ئي شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جو بنيادي مرڪز آهي، جنهن جي چوڌاري سندس شاعري ڦري ٿي. انهيءَ مخلوق جي عقيدن ۽ جذبن سان بہ ڪيس محبت آهي ۽ اُن جي عشق ۽ محبت جي داستانن سان بہ اوترو لڳاءُ. عقيدن ۽ جذبن کان پوءِ سندس سڀ کان وڏي ميراث لوڪ ڪهاڻيون آهن اهي ڪهاڻيون، جيڪي صدين کان سينہ بہ سينہ هلنديون پيون اچن. انهن ڪهاڻين سندس دلي جذبن کي اڀاريو آهي.

هڪڙي عجيب ڳالهہ اها آهي تہ انسان مذهب تہ سولائي سان مٽائي سگهي ٿو، پر سندس عادتون ۽ خصلتون صدين تائين قائم رهنديون آهن. هاري طبقي ۾ مذهب جي ايتري اهميت ناهي جيتري رسم و رواج جي ۽ اهي رسم ۽ رواج لوڪ ڪهاڻين ۾ سمائجي، صدين تائين پنهنجو اثر عوام ۾ برقرار رکن ٿا جيتري قدر هاري طبقي جي مذهب جو تعلق آهي انهيءَ باري ۾ آر.سي. ٽيمپل (R.C. Temple: 1850-1931) لکي ٿو:

"منهنجو نظريو اهو آهي تہ پنجاب ۽ اترهندستان جو عام ماڻهو نہ دل سان مسلمان آهي، نہ هندو، نہ سک ۽ نہ اهو انهيءَ معنيٰ ۾ ڪنهن مذهب جو پوئلڳ آهي جيڪو انهيءَ مذهب جي قديم يا صحيح طور تي ـ مبلغين انهي مان مراد وٺندا آهن، پر

سندس مذهب ڪجهہ انسانن يا هندن جي بنان سوچڻ سمجهڻ جي عبادت ڪرڻ ۽ ڪين تقدس جو درجو ڏيڻ آهي.“ساڳيو مصنف اڳتي راءِ ڏئي ٿو تہ، ”سموري هندستاني هاري طبقي ۾ مظاهر پرستي جا گهرا نشان ملن ٿا. هندُن جو گرو گورکناٿ، اتر هندستان جي مسلمانن جو پير سخي سرور ۽ ڏکڻ هندستان جي بي دين مخلوق جو ڪوجينا، بنيادي طور تي هڪ ئي آهن. انهن سڀن ۾ هڪ جهڙيون خصوصيتون آهن ۽ لوڪ ڪهاڻين جي ڪردار جي حيثيت سان اُن جو نالو ملڻ انهي ڳالهہ جو دليل آهي تہ هاري طبقي جو مذهب مظاهر پرستيءَ کان اڳتي نٿو وڌي.“

هاري ـــ پنهنجي، هاري پاڻرن کان مختلف ناهي. سندس عقيدا ۽ جذبا بہ ڪجهہ اهڙي ئي قسم جا آهن. اهي تہ ڳوناٽن جون ڳالهيون هيون، پر ’حڪاياتِ پنجاب‘ ۾ هڪ قاضيءَ جو جملو لکيل آهي: ”گنگا اسان جي وچ ۾ آهي ۽ قرآن اسانجي مٿن تي.“ چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ فقط ڳوناٽا ئي انهيءَ ’وحدت‘ کان واقف ناهن پر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو بہ انهيءَ وحدت کي تسليم مڃين ٿا ۽ اها وحدت انسان ۽ انساني جذبن جي وحدت آهي. انسان سڀني قيدن ۽ بندي خانن کي ٽوڙي رڳو انهيءَ وحدت، ڏانهن وڃڻ چاهي ٿو. صوفي انهيءَ جي ڪا ٻي معنيٰ وٺن ٿا، پر وٺ اها انسان جي اُها ڪامل هيڪڙائي آهي، جنهن تائين هو ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

شاعر جي نظر انهيءَ انساني هيڪڙائيءَ تي گهري ٿئي ٿي. محبت جو رشتو صرف قبيلن ۽ ذاتين جون حدون نٿو ٽوڙي، پر مذهب جون حدون بہ. ٿيپي وجي ٿو. شاهہ سائين جي شاعري بہ انهيءَ وسيع معنائن ۾ انساني جذبات جي شاعري آهي، جنهن ۾ اختلاف جدائي جو سبب بنجي ٿو ۽ اتحاد وصل جو. شاهہ سائينءَ بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ هيڪڙائي يا انهيءَ منزل طرف سفر ڪري ٿو، جيڪا انسان جي قسمت آهي- هڪ ڏينهن ايندو جو ماڻهو ۽ ماڻهو جي ذات پات، مذهب جا سمورا اختلاف ختم ٿي

پنجاب جو آهي جو اتان جي ماڻهن سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. راءِ ڏياج جو قصو ٻارهين صدي عيسويءَ جو آهي ۽ انهيءَ جو تعلق ڪانياواڙ جي علائقي سان آهي. ڪجھ قصن ۾ عورت جي پاڪيزگي جو امتحان باھ سان ورتو وڃي ٿو.(عمر ماروي ). قديم هندي ڪهاڻين ۾ بہ اهڙو پاڪيزگي جي امتحان وٺڻ جو ذڪر آهي. چيو وڃي ٿو تہ سيتا ۽ انوپ ديويءَ جي بہ اهڙي طرح پرک ورتي وئي هئي.

شاھ سائين هر نموني جون لوڪ ڪهاڻيون پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيون آهن. خالص حسن و عشق ،وطن جي محبت ،غير ملڪي حملہ آورن کان نفرت،چ ورن ۽ ڊاڪن جو نيڪ بنجي انسانن جي خدمت ڪرڻ، فن ۽ فنڪارن سان انتهائي عشق، ڏڪار جي زماني ۾ هارين جي مدد ڪندڙ حڪمرانن جي تعريف، رعايا پروري ۾ مشهور حاڪمن جي قصن جا بنيادي نُڪتا، سندس شاعريءَ ۾ عوام ۽ عوام سان محبت رکندڙن جو ذڪر آهي. حسن ۽ عشق جي قصن ۾ بہ جيڪڏهن تصوف جي موشگافين کان پاسيرو ٿي ڳالھ ڪٽبي تہ انهن سچن انسانن جا قصا آهن، جيڪي ذات پات جي ٻنڌنن ۾ جڪڙيل آهن، سماجي پابنديون سندن هٿن جون هٿڪڙيون ۽ پيرن جون ٻيڙيون آهن. شاھ سائين عام انسانن سان ملي انهن ٻيڙين کي وڍيو آهي، تہ جيئن انسان هن دنيا ۾ بهتر زندگي گذاري سگهي.

هند جا عشقيہ داستان گهڻو ڪري راجپوتن جي عشق سان واسطو رکن ٿا. شاه سائين جون بہ ڪهاڻيون، ”مومل راڻو“ ۽ ”سهڻي ميهار“ بہ انهي تنازع کي ظاهر ڪن ٿيون، جيڪي راجپوت ۽ غير راجپوت انسانن جي عشق مان پيدا ٿين ٿيو. سندس گهڻيون ڪهاڻيون سنڌ جي هينئين علائقن ڪڇ ۽ ڪانيا واڙ جون آهن. هُن پنجاب جي داستان ”سهڻيءَ“ کي بہ موضوع بڻايو آهي. انهن قصن جي موسيقي هندستاني آهي، جيڪا تصوف جي هلڪي مناس ڏيئي ٿي هُن انهن قصن جو هڪ علحدو رنگ

رکيو آهي، پر اسان کي انهيءَ ۾ اِنهي تصوف کي وسعت ڏيئي، اصل قصن کي مِتائڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي.

شاهہ سائين جي ڪلام ۾ لوڪ ڪهاڻيون سمايل آهن، جنهن جو عوامي احساسات و جذبات سان گهرو ربط آهي. انهن ڪهاڻين جي تفصيلي جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي ۽ انهن جي تاريخي حيثيت کي بہ معلوم ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح شاهہ سائين تي تنقيدي ڪم ۾ آساني تي پوندي، پر هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي واقعا تمام جلدي روايات جي صورت اختيار ڪن ٿا، اتي اصل ڳالهين جو انت ڪڍڻ مشڪل ڪم آهي، انهيءَ ڳالهہ جو اندازو هير رانجهي جي داستان مان بہ ڪري سگهجي ٿو جيڪو تاريخي لحاظ کان چار سؤ سالن کان وڌيڪ پراڻو نہ آهي. اها هڪ قبائلي ڪهاڻي آهي، هڪ راجپوت ڇوڪري کي هڪ ٻئي نسل (جاٽ) جي نوجوان اغوا ڪيو، راجپوتن انهيءَ جو انتقام ورتو مگر جهنگ ۾ سندن مزار کي مقامي تقدس حاصل تي ويو آهي. رانجهي کي برڪت وارو فقير ڇيو وڃي ٿو ۽ سندس تعلق لوڪ ڪهاڻين جي مشهور ڪردار گُرو گورکناٿ سان ڏيکاريو ويو آهي. جيڪا هڪ نهايت ئي پراڻي شخصيت تي گذري آهي. راجهي جو سخي سرور وانگر بزرگ بنجي وڃڻ محض اتفاق ۽ وقت جي ڳالهہ آهي. مسلمان هئڻ جي باوجود هندي رسمن جو ايڏو اثر آهي جو راجپوت جيڪي پنهنجي پاڻ کي اعلىٰ نسل جا سمجهندا آهن، جاٽ کي سنگ نہ ڏيندا آهن جيتوڻيڪ انهن کان سنگ وٺندا آهن. قصي جو تڪرار بہ اهو آهي، پر وقت سان گڏو گڏ ۽ شاعري ۽ عوامي مزاج ۾ سميٽجي قصي ڪجهہ ٻي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. شاهہ سائين جي بيان ڪيل ڪهاڻين جو بہ اهو ئي حال آهي. انهن جي اصليت کان قطع نظر شاهہ سائين انهن ڪهاڻين مان ڪجهہ ٻيو ڪم وٺڻ چاهي ٿو. سندس اڳيان انسانيت جا عظيم قدر آهن. هُو انهن ڪهاڻين جي ذريعي عالمي ڀائيچاري ۽ محبت جو درس بہ ڏيندو وڃي ٿو. انسان وٽس سڀ کان وڏو ۽ دائمي قدر آهي.

شاهه جي رسالي تي تصوف جي گهري ڇاپ هئڻ جي باوجود، اهو چوڻ مشڪل آهي تہ جيڪڏهن شاهه سائين انهن مقبول عام ڪهاڻين ڪي استعمال نہ ڪري ها، جيڪي سنڌ جي بي علم هارين ۾ مشهور هيون تہ انهن کي اها ئي مقبوليت حاصل هجي ها جيڪا اڄ حاصل اٿن.

جهڙي طرح وارث شاهه جو رانجهو، اُنهيءَ رانجهي کان مختلف آهي جيڪو تاريخي حيثيت رکي ٿو. اهڙي طرح شاهه جا گهڻا ڪردار پنهنجو اصلي ۽ تاريخي روپ ڇڏي افسانوي رنگ اختيار ڪري ورتو اٿن. رانجهو مسلمان آهي پر وارث شاهه هيئن چئي:

آيا ديس پرديس مين چوڙ سائين
مجهي اپنا ڪرو فقير سائين

گُورو گورکنات جو چيلو بنائي، مذهب جو فرق مِٽائي ڇڏيو آهي. شاهه سائين جي تصوير ڪشيءَ مان ڪنهن ڪردار جو هندو يا مسلمان ثابت ٿيڻ تي ۽ آفاقي نظريو رکندڙ شاعر اهڙن اجاين عقيدن ۾ مشڪل قاسندا آهن، پر جاگيرداراڻي سماج جي ذات پات جو هُو شڪار ٿيل آهي. اهي ڳالهيون سسئي ۽ نوريءَ جي قصن ۾ بہ واضع ٿين ٿيون .

بدقسمتيءَ سان اڃا تائين شاهه جي رسالي جو ڪو مستند ترجمو اردوءَ ۾ شايع نہ ٿيو آهي. جيڪو ترجمو سنڌ يونيورسٽي شايع ڪيو آهي، انهيءَ کي ترجمو نٿو چئي سگهجي. وڌ ۾ وڌ اهو چئي سگهجي ٿو تہ شاهه جي خيالن کي آزادانہ انداز ۾ اردو ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ٻنهي زبانن جي خوبين کي ڇڏي خرابين کي جمع ڪيو ويو آهي، اهو ترجمو گهڻن هٿن مان لنگهڻ سبب ايڏو سٺو نہ ٿي سگهيو آهي. جيڪڏهن نثر ۾ ترجمو ڪيو وڃي ها تہ شايد ڪجهہ بهتر ٿئي ها. وري بہ انهيءَ ترجمي جا ٻہ ٽي بيت نقل ڪريان ٿو:

ڪهان هي ڪيچ اور ڀنڀور ڪيسا
يہ ساري رشتي و پيوَند ڪيا هين؟

*

تيري فُرقت مين فرطِ حسرت سي
آنکھہ اب شبنمي نهين هوتي!

*

وائي: مين پنهون کي پاؤن کي، پَلڪون سي جهاڙون ڈُول
باندي بنون بلوچ کي، جائون سب ڪُڇ پول.

*

انهن بيتن مان شاهہ سائين جي انهيءَ عظيم گرفت جو اندازو نٿو ٿي سگهي، جيڪو ڪيس سنڌ ي عوام کان حاصل ٿيو آهي. سندس شاعري جي عظمت انهيءَ ۾ آهي تہ هو ڪنهن بہ وقت اوهان کي آزاد نٿي ڇڏي.

سندس ڪلام جي جائزي مان اسان کي انهن ماڻهن جي باري ڪجهہ ڄاڻ ملي ٿي، جن جي لاءِ اهي قصا لکيا ويا ۽ جيڪي سترهين ۽ ارڙيهن صديءَ ۾ سنڌ ۾ آباد هئا. اهي هاري آهن، ڏنار آهن، اُٺ، ڍڳا، رڍون، ٻڪريون پاليندڙ آهن، مقبرا آهن، سيد آهن، گُرو آهن، گرمي آهي، درياء جو لاهہ ۽ چاڙهہ آهن.

شاهہ سائين پنهنجو ڪلام انهن ئي عام ماڻهن لاءِ چيو آهي، جيڪي انهيءَ سر زمين تي آباد هئا. سندس بيتن ۾ قدرتي منظرن جو گهرو مطالعو (سنڌ جهڙي ريگستاني علائقي ۾ جتي درياهہ ئي سڀ ڪجهہ آهي ۽ فاصلا ريگستاني آهن) مشڪل بہ هو يا انساني نفسيات يا انساني عادتن جو گهرو تجزيو بہ گهٽ آهي. ڪهاڻيون بيان ڪندي شاهہ سائين جُزئيات کي ترڪ ڪري ڇڏيو اٿس ڇو تہ جن ماڻهن لاءِ اهي ڪهاڻيون بيان ڪيون ويون آهن، اهي اُنهن کان واقف هئا. اوڊيسي (Odyssy) يا ٻين يوناني شهہ پارن مان جهڙي طرح اسان انهي زماني جي زندگيءَ جو نقشو تيار ڪري سگهون ٿا، تهڙي طرح شاهہ جي ڪلام مان ارڙهين صديءَ واري سنڌ جو اهڙو واضح نقشو تيار نٿو ڪري سگهجي، اها مشرقي شاعريءَ جي هڪ عام ڪمي آهي. اصل ۾ منجهس خيالن جي وهڪ ايڏي تکي هجي ٿي جو اکين سامهون شيون ڏٻجي رهجي وڃن ٿيون. مشرقي شاعريءَ ۾ احساس جي شدت ايتري

قدر سخت آهي جو پڙهندڙ نہ ٻيون ڳالهيون سوچي سگهي ٿو ۽ نہ ئي انهن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. خود شاعر بہ احساس جي شدت شڪار معلوم ٿئي ٿو.

شاهہ سائين جي باري ۾ ڪئين سوچ ڪان متيريون ڳالهيون بيان ڪيون وڃن ٿيون، جن جي لکڻ جي هتي ضرورت ناهي، ڇو تہ اُهي ليلارام وطڻ مل، مرزا قليچ بيگ ۽ گربخشاڻي جي ڪتابن ۾ ڦهليون پيون آهن. اهي عقيدت مندن جون ڳالهيون آهن، جيڪي پنهنجي پيرن ۾ مافوق الفطرت ڳالهيون ڏسڻ جا عادي آهن، اُنهن ڳالهين مان اُنهن جي عظمت ظاهرضرور ٿئي ٿي.

پر اسان ڪي عظمت ڪان وڌيڪ انهي محبت ۽ قلبي لڳاؤ جو ذڪر ڪرڻ گهرجي، جيڪو عوام کي شاهہ سائين سان آهي. انهي دلي لڳاؤ جو هڪ اظهار هي بہ آهي تہ ماڻهن ڪيس پير ۽ پهتل بزرگ بنائڻ چاهيو. هيرو جي لاءِ اهڙين عقيدت منداڻين ڳالهين جو ڦهلجڻ ڪجهہ عجب ناهي، پر انهن ڳالهين ڪان قطع نظرسندس عوام دوستي کي اوپارڻ ۽ اُجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

شاهہ سائين جي شاعري جي سڀ ڪان وڏي خصوصيت سندس عواميپڻو آهي عواميپڻي مان منهنجي مراد انهن ڳالهين سان آهي، جيڪي ڪتابي ناهن، عوام ۾ مشهور ٿيل ۽ انهن مشهور موضوعن ڪان سواءِ پاڻ پنهنجي شاعري ۾ انهن سيني ميون، گلن ۽ ٿر ۾ خودرو (پاڻ مرادو پيدا ٿيندڙ) ٻوٽين ۽ عام استعمال ۾ ايندڙ شين جو عوامي ٻوليءَ ۾ئي ذڪر ڪيو اٿس ۽ لغت کي وسعت بخشي عوام جي محاورن ۽ لفظن کي ادب ۾ داخل ڪيو اٿس. سندس عظمت انهيءَ ۾ آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ڌاريو محسوس نٿو ڪرائي ۽ ٻئي طرف ماڻهو ائين محسوس ڪن ٿا تہ هي شخص منجهائن ئي آهي، ڇو تہ سندن جهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري، سندس محاورن ۽ لفظن جو خزانو سندس ئي آهي. زبان جي اها پنهنجائپ شاهہ سائين جي شهرت جوهڪ وڏو سبب آهي. سندس زبان پڙهيل طبقي جي فارسي، عربي آميز سنڌي ناهي پر عوام جي روزمره جي ڳالهہ ٻولهہ آهي.

سنڌس شاعري موسيقي جي سُرن تي مرتب آهي ۽ گهٽي حد تائين انهيءَ جو پابند بہ ، تنهنڪري ڳائي سگهجي ٿو (پر اسان جي زماني کان اڳ جڏهين ڇاپي جون سهولتون نہ هيون، تڏهن صرف ڳائي سگهبو هو.) اصل ۾ سنڌس ڪلام ڳائڻ لاءِ ئي تخليق ٿيو هو. ڳائڻ ۾ سنڌس زور ۽ اثر اجا وڌي ويندو آهي ۽ عوام لاءِ انهي جي پر اسراريت ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو ۽ دل تي اثر انداز ٿئي ٿو. اهڙي طرح هُن جي گرفت سخت ۽ پائيدار ٿي وڃي ٿي .

شاهہ سائين جي ڪلام جو هڪ گهرو ۽ وسيع تصور آهي، جنهن ۾ هاريءَ جي احساسن ۽ جذبن کي پاڻ اندر سهيڙيو ويٺو آهي. سنڌي عوام لاءِ مذهب تصوفي هم آهنگي ۽ باهمي محبت جو نالو آهي .وٽس مذهب عوام لاءِ نفرت جو باعث نٿو بنجي، پر محبت جو تعلق قائم ڪري ٿو. شاهہ سائين محبت جي انهيءَ تصور کي پنهنجي ڪلام ۾ سهيڙيو آهي. سنڌس شاعري سنڌي عوام بلڪ دنيا لاءِ محبت ۽ امن جو پيغام آهي.•••

# امرتا پريتم جي ديهانت تي



امرتا پريتم جو نالو سنڌي ادبي دنيا ۾ ايترو ئي ڄاتل سڃاتل ۽ مشهور و مقبول آهي، جيترو سندس لکڻيون هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ ترجمو ٿي اسان وٽ پهتيون آهن. جيئن ئي امرتا جو ڪو ڪتاب شايع ٿيندو آهي تہ اُهو هڪدم اردوءَ ۾ ترجمو ٿي پاڪستاني ايڊيشن ۾ لاهور مان شايع ٿيو وڃي. گهڻو ڪري سندس سمورا ڪتاب پنهنجي مقبوليت سبب جلدي مارڪيٽ مان کپيو وڃن ۽ اُنهن جا نوان ايڊيشن شايع ٿي مارڪيٽ ۾ پهچيو وڃن.

امرتا پريتم هڪ ئي وقت پنهنجي اظهار جا وسيلا شاعري، ناول، ڊائري، آتم ڪهاڻي، خط خاڪا ۽ ڪهاڻين لکڻ ۾ ڳوليا آهن، پر هوءَ بنيادي طور تي شاعرا آهي ۽ ٻيا سڀ اُن جا تسلسل ۽ توسيع آهن. شاعرا هجڻ جي ناتي سندس ٻولي سگهاري آهي. سندس پُر اثر ۽ موضوع اندر ۾ پيهي ويندڙ آهن، جيڪي سنڌي پڙهندڙن کي اوپرا نہ پر پنهنجا محسوس ٿين ٿا.

جيتري قدر مون کي ياد آهي تہ مون امرتا پريتم جي شاعري ۽ ڪهاڻين جا اردو ترجما پهريون ڀيرو پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾، ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ اردو ماهوار 'افڪار' ۾ پڙهيا هئا، جن مان پهرين پهرين 'ڪوري هنڊي' ۽ پوءِ سندس سيلف انٽرويو 'آرسي اڳيان' جي عنوانن سان ترجمو ڪيا هئم. سٺ واري ڏهاڪي ۾، مون کي اردوءَ ۾ سندس ناول 'بند دروازہ' پڙهڻ جو موقعو مليو، جنهن جي موضوع ۽ اسلوب مون کي سنڌي ۾

ترجمو ڪرڻ تي آماده ڪيو، جيڪو ساڳئي عنوان سان پهريون ڀيرو 1978 ۾ آگم پبلشنگ ايجنسي وارن شايع ڪيو. اهو ناول پڙهندڙن ۾ ايڏو پسند ڪيو ويو هو جو اهو ٻيو ڀيرو پڻ 1991ع ۾ سنڌي ساهت گهر وارن شايع ڪيو، توڙي جو انهيءَ ناول جو پهريون ترجمو سنڌري اُتم چنداڻي ”هڪ سسئي - سؤ سُور“ جي عنوان سان ستر واري ڏهاڪي ۾ شايع ڪري چڪو هو، جنهن جي خبر مون کي گهڻو پوءِ پئي.

انهيءَ کان پوءِ، هنديءَ جي مشهور رسالي ’ساريڪا‘ ۾ امرتا پريتم جو هڪ ڏکهو مضمون ”ايڪ اُداس ڪتاب“ جي عنوان سان شايع ٿيو هو، جيڪو دنيا جي انهن ليکڪن ۽ شاعرن جي باري ۾ آهي، جن جي موت جو ڪارڻ آتم هتيا هو يا جيڪي ماريا ويا هئا. مون اهو مضمون ”پن ڇڻ جا ڇٽيل. سادا ساوا پن“ جي عنوان سان ترجمو ڪيو هو ۽ ٽماهي مهراڻ 1978/2 ۾ شايع ٿيو هو. اهو مضمون پوءِ سُڌارن ۽ واڌارن سان اردوءَ ۾ اصلوڪي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ احمد سليم جي نالي ۾ ڇپيو هو. انهن ڪانسواءِ نيپال جي نيواري ٻوليءَ جي شاعر ڌُوسوان کان امرتا پريتم جو ورتل انٽرويو، ”نيپالي شاعر ڌُوسوان کي گهر- آڱن مين“ جي، عنوان سان ڇپيا هئا، جن جا ترجما پڻ مون سنڌيءَ ۾ ڪيا آهن.

امرتا جو هڪ ٻيو گُرمُکيءَ مان ترجمو ٿيل هندي ناول ’ڪهاني اُن ڪي‘ جو سنڌي ترجمو ”هُنن جي ڪهاڻي“ جي عنوان سان ڪيم. اُن جي پهرين قسط دادوءَ مان شايع ٿيندڙ امرتا ڪتابي سلسلي جي پهرين ڪتاب ’... پنهنجو رشتو‘ (سيپٽمبر 1981ع) ۾ ڇپيو، جيڪو اڃا تائين ڪتابي صورت ۾ ڇپجي نہ سگهيو آهي. انهيءَ ناول تي هنديءَ ۾ ’ڏاڪو‘ نالي فلم باسو ڀٽاچاريا جي پروڊڪشن ۾ ٺهي چڪي آهي، جنهن جا مُک ڪردار ڪبير بيدي ۽ بندوُ نڀايا آهن.

امرتا پريتم جڏهن زندگيءَ جا آخري ساهہ کڻي رهي هئي، تڏهن دهليءَ ۾ رهندڙ اسماء سليم، جيڪا اردوءَ سان گڏ هندي ۽ انگريزي صحافت سان لاڳاپيل آهي، ساهتيہ اڪادميءَ لاءِ امرتا

پريتم جي باري ۾ پنهنجو مضمون هنديءَ ۾ لکيو هو، جنهن جو اردوءَ ۾ ترجمو ”دنيازاد“ جي (نمبر 14 مارچ 2005) ۾ ’مينون اگني نئين ديندي‘ جي عنوان سان شايع ٿيو هو. هُن لکيو هو:

”گذريل مهيني جي ڪنهن ڏينهن جڏهن آئون امرتا سان ملڻ لاءِ ويئي هئس ۽ پير سندس ڪمري طرف وڌايم ته امروز چيو هن ڪي لائبريري ۾ شفٽ ڪري ڇڏيو آهي. مون لائبريري ڏانهن ڏٺو. بيڊ تي امرتا ليٽيل هئي. هوءَ جنهن حالت ۾ هئي لڳم، امروز سندس ڪپڙا مٽائيندي مٽائيندي اُٿيو هو. آئون اُتي بيهي رهيس. امروز جو آواز آيو! اسماء اچ، امرتا آسپاس کان بي خبر، هر شي کان ۽ پاڻ کان بہ بي نياز پئي هئي. ٽنگون ۽ هٿ ٻئي پيٽ ڏانهن مُڙيل هئا، جيئن ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي. منهنجي اکين ۾ بي اختيار لڙڪ پرجي آيا، امروز منهنجي دلي ڪيفيت کي محسوس ڪندي چوي ٿو، ٻاهر جوان امرتا سان ملو ۽ اندر هُن جي ٻُڍاپي سان. اهو هڪ نيچرل پروسيس آهي، باڊي ڊڪي (Body Decay) کي ڪي نٽا روڪي سگهون. هن هاٿي ڪائڻ، پيٽڻ بلڪل ڇڏي ڏنو اٿس. ٽنگ پهرين سڌي نٽي ڪري سگهي ۽ هاٿي ساڳي طرح جڙي ويئي آهي. نظر ٻاهر ڊرائنگ روم ڏانهن کڄي وڃي ٿي. سمورو گهر امرتا جي تصويرن سان سينگاريل آهي. جواني، جوش ۽ جذبن سان ڀريل امرتا - ڪٿي بيٺل، ڪٿي ويٺل، ماني پچائي رهي آهي، لکي رهي آهي، ماڻهن سان ملي رهي آهي، ٻارن سان کيڏي رهي آهي، سوچي رهي آهي، زندگيءَ کي هر روپ، هر رنگ ۾ جي رهي آهي... پهرين ملاقات ۾ هُن مون کي چيو هو ته گهڻو ڪري ڇوڪرين کي رڳو ڪنهن جي زال بڻجڻ ايندو آهي، پر هوءَ دوست نٿيون بڻجي سگهن. تو ۾ اها خوبي آهي. ۽ پنجاهه سالن جي فاصلي کي پاسيرو ڪري هو منهنجي دوست بڻجي ويئي هئي. پر هن وقت هو فاصلو ۽ اُن جي حقيقت پنهنجي سڄي سنگينيءَ سان گڏ منهنجي سامهون آهي.

آئون سندس گُهنجن ڀريو چهرو تڪي رهي آهيان. هو اکيون کولي ٿي، امروز سندس وارن ۾ اگريون ڦيريندي گئي ٿو

”ماجا اسماء آئي آهي“. هُن ڏنو، ”تون اچي وينءَ“، مون چيو ”ها“. هُن منهنجو هٿ جهلي ورتو، ”هُڻ تو آگئي اين تي مينون اگني دي دي. ايني ذن هوگئي موئي پئي هون ڪوئي مينون اگني نئين ديندا“ (هاڻي تون اچي ويئي آهي تہ مون کي ٻاهہ ڏيئي ڇڏ. ايتري ڏينهن کان مئي پئي آهيان ۽ ڪو (چڪيا) کي ٻاهہ نٿو ڏي). منهنجي دل تڙپي ويئي. ضبط جو بند ٽوٽي پيو. سکي ائين چئو، سکي ائين نہ چئو. هُن پوءِ اکيون بند ڪري ڇڏيو.

امروز کي ڪمر سان بازار وڃڻو آهي. آئون چئي تي ڇڏيان تہ توهان بي فڪر تي وڃو. مون کي ڪا جلدي نہ آهي ... امرتا جو آواز اڀري تو، ” مينون ڪُٽ دي“ (مون کي زور ڏي.) آئون آهستي آهستي پير دٻائڻ شروع ڪريان تي، پر هُن جي رڙ نڪري تي وڃي، ايڏو زور سان نہ. مون کي حيرت تي ٿئي تہ مون تہ زور ڏنو ئي نہ آهي. گڏوگڏ هن ڳالهہ جو شديد احساس تہ جوانيءَ جو جوش، ٻڍاپي جي تڪ ۽ ڪمزوريءَ جو اندازو لڳائي ئي نٿو سگهي. هاڻي آئون فقط ڇُهي رهي آهيان. هوءَ شانت آهي. پڇي تي، آئون ڪٿي آهيان. جواب ڏيان تي، پنهنجي گهر ۾، لائبريري ۾. پر سندس اصرار آهي تہ هي منهنجو گهر نہ آهي، مون کي منهنجي گهر وٺي هل. آئون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان تي، هي تنهنجو ئي گهر آهي. تو پنهنجي لائبريريءَ ۾ آهين، پنهنجن سيني ڪتابن جي وچ ۾. ”ڪتاب، ڪهڙا ڪتاب!“. هڪ ڪن لاءِ ڪمري ۾ چئني طرف نظر گهمائي تي پر سڃاڻپ جي ڪا رمق ئي نظر نٿي اچي. اوپرائپ جي احساس ۾ گهيريل بي وسيءَ سان انڪار ۾ ڪنڌ لڏي تي - نہ هي گهر پنهنجو لڳي ٿو نہ ڪتاب، جيڪي ڪيس دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ پيارا هئا.

گهڙي گهڙي پاڻي گُهري تي. هڪ هڪ ڍُڪ پاڻي اسٽرا (Straw) سان پياريان تي. پُڇانس تي، ڪجهہ کائيندينءَ. امروز چيو هو هي اڌ چمچو حلوو بہ هن جي وات اندر وڃي تہ گهڻو آهي. هوءَ انڪار ڪري ڇڏي تي، وري سوال پُڇي تي، هي امروز منهنجو ڇا

تو لڳي؟ ڇا منھنجو پيءُ آهي؟ آئون وقت جي جبر تي ڏکي ٿي وڃان. هي تنهنجو سڀ ڪجهه آهي. هن جملي جو خيال ٿو اچي، جنهن ۾ هن لکيو هو تہ پيءُ، ياءُ، پٽ، مڙس، دوست، محبوب، امروز جي شڪل ۾ هر رشتي جو ديدارڪيو آهي ۽ اهو خواب جنهن ۾ زائچي جي ٻارنهن خانن ۾ هُن کو ستارو نہ، صرف امروز جو نالو لکي ڇڏيو هو. هاڻي ڪيس امروز جي باري ۾ ڪجھ بہ ياد نہ ٿو اچي پر بس ڪيس سڏيندي رهي ٿي. ساحر جو ڪٿي ڪو بہ ذڪر ئي نہ آهي.

الڪا (نُهن) اچي ويئي آهي. امرتا جيڪي ڪجھ چيو هو، آئون الڪا کي ٻڌايان ٿي - الڪا چوي ٿي تہ ڪيس ڪجھ بہ ياد نہ آهي. مون کان پُڇي ٿي، امروز تنهنجو ڇا ٿو لڳي؟ ٻارن کي چوي ٿي، هي ڪنهن جا ٻار آهن؟ هڪ ڏينهن چوڻ لڳي تہ ڇا انهن ٻارن جي شاديءَ کان پوءِ پنهنجي شادي ڪندينءَ؟ مون چيو، ممي هي ٻار مون پنهنجي شادي کان پوءِ ئي پيدا ڪيا آهن.

وقت انسان کي ڪڏهن ڪٿي آڻي بيهاريندو، ڪنهن کي خبر نہ آهي. هن Journcy of Consciousness جهڙو ڪتاب لکيو، پُراڻن (اساطير) جي تشريح ۽ توضيح ڪئي، شعور ۽ لاشعور جون ڳنڊيون کوليون ۽ هاڻي هي هوشيار، سجاڳ ذهن خودفراموشين جي جهنگ ۾ گم آهي. جڏهن ڪو بہ خيال ٽپا ڏي ٿو تہ ڪو تعلق ساڻس لڳاپيل لمحي کان پوءِ چمڪي وري اونداهين ۾ گم ٿي وڃي ٿو. اهي سڀ چهرا، شيون سامهون اچي بہ وڃن تہ سڃاڻپ ۾ نٿيون اچن.

امروز بازار مان موٽي آيو. هو امرتا جو حال پڇي ٿو، تڏهن ئي امرتا جو آواز ڪنن سان ٽڪرائجي ٿو، "مينون ڪول نئين ديندي". منهنجي سمجھ ۾ نٿو اچي. امروز اچا ويجهو وڃي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، چوي ٿو تہ ڪوئلا پئي گهري. امرتا جي خيال ۾(جيڪڏهن هو آهن) تن هوءَ ٻاھ ڏيڻ جي انتظار ۾ چڪيا تي پئي آهي. اننت ۾ گم ٿيڻ لاءِ تيار. امروز نرمي سان چئي ٿو،

”ماجا مين ني ڪول دي ديئي تينون پتہ نهين چليا.“ (مون ڪوئلا ڏيئي ڇڏيا، تو ڪي خبر نہ پئي؟) امرتا انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. پر هڪ سڪون سندس چهري تي ڦهيلجي ويو، ڄڻ ڪيس تسلي ٿي ويئي تہ هاڻي باهہ ڏيئي ڇڏي آهي.

هي امروز ئي جو حوصلہ آهي جو هو ڪيس اهڙي طرح سنڀالي سگهي ٿو. ڪنهن بہ موقعي تي مون ڪيس ششدر، مايوس ٿيندي ناهي ڏٺو. هڪ ڪرم يوگي.وانگر حال ۾ جيءَ ٿو ۽ ڪو بہ ڪم وڏو هجي يا ننڍو، پوري لگن، ذميداري ۽ خوش مزاجيءَ سان پورو ڪري ٿو. هاڻي هو مانيءَ جو انتظام ڏسڻ لاءِ ڪِچن ۾ هليو ويجي ٿو.

آئون آهستي آهستي پيرن کي زور ڏيندي رهان ٿي. ٿوري دير کان پوءِ امرتا وري پڇي ٿي، آئون ڪٿي آهيان. منهنجو وري ساڳيو جواب! پنهنجي گهر ۾، لائبريري ۾. پر ڪيس سڪون نٿو اچي. هاڻي هي دنيا، هي گهر، هي ماڻهو سندس لاءِ اجنبي آهن. هُن دنيا ۽ هِن دنيا جي وچ ۾ هو ڪٿي ڀٽڪي رهي آهي. هوءَ جيڪا اڻڄاتل وقت ڏسندي هئي ۽ خبر ناهي ڪهڙي ڪهڙي يُگن ۾ ڪهڙن ڪهڙن روپن ۾ پنهنجو پاڻ سان ملندي هئي - هاڻي ڪنهن کي بہ نٿي سڃاڻي. پاڻ کان بہ اجنبي امرتا جي لاءِ هن وقت ”آئون“ جي خبر ناهي ڇا معنيٰ آهي، هوءَ پنهنجي شناخت بہ ڪهڙي طور ڪري رهي آهي، خبر ناهي. جن ماڻهن سان گهاٽو تعلق هئس، جيڪي جيئڻ جو ڪارڻ هئا، اُهي سڀ ماڻهو، اُهي سڀ شيون هاڻي ڪجهہ بہ ناهن. ڪٿي نہ، ڪو بہ نہ.

جن ڏينهن ۾ آئون سندس نظم اردوءَ ۾ ترجمو ڪري رهي هيس، هُن مون کان واعدو ورتو هو تہ جڏهن سندس آخري وقت ايندو تہ آئون سندس پرسان هونديس. اُنهن ڏينهن ۾ هوءَ وڏي شدت سان موت جو ذڪر ڪندي هئي. ”آج“ ”رخصت“ ”مين تمهين پهر ملون گي“ وغيره نظمون بہ هن انهيءَ دوران لکيون هيون. تڏهن انهيءَ احساس جي شدت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مون ڪيس چئي ڇڏيو

هو تہ اُهو وقت اچا آيو ناهي ۽ جڏهن ائين ٿيندو تہ آئون دنيا ۾ جتي بہ رهنديس، پاڻ ئي تون وٽ اچي وينديس ... منهنجو روئڻ روئڻ هن وقت دعا ڪري رهيو آهي: خدا ڪري اُهو وقت اچا نہ آيو هجي ! سگهي تون ٿورڙي همت ڪر، ٿورڙو اچا جي وٽ ...!

**

انهيءَ مضمون جي ردِعمل طور مون ”دنيازاد“ (نمبر15، اگسٽ 2005) ۾ خط لکيو هو تہ

اسماء سليم جي تحرير مان امرتا پريتم تي گذرندڙ لمحا ڪيترا ڪربناڪ هوندا، سندس وري ورجايل لفظ ’مينون اگني نهين ديندي‘ مان اندازو ٿي سگهي ٿو. هُن روايتي ڌرم مارگ جي پيروي ڪرڻ جي بدران شاعري، ڪهاڻي، ناول، خاڪا، انٽرويوز، آتم ڪهاڻي وغيره جو مشڪل رستو اختيار ڪيو ۽ وڏو نالو ڪمايو ۽ مڃتائون ماڻيون.

هوءَ پنهنجي هڪ سيلف انٽرويو ۾ لکي ٿي تہ جڏهن هو ڇهن ورهين جي هئي تہ پنهنجي پيءُ جي حڪم تي لاهور جي سڀ کان وڏي گوردواري ۾ ويهي هڪ ڊگهي ارداس (دعا) آسپاس بيٺل شرڌالُن جي سامهون پڙهڻي هئس. پر ڪيس ارداس جا پهريان لفظ ئي وسري ويا. هُن گهبرائجي اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ دل ئي دل ۾ پنهنجي پيءُ جي چهري جو تصور ڪيو تہ هڪدم سموري ارداس ياد اچي ويس ۽ هوءَ ارداس پڙهڻ لڳي. هوءَ لکي ٿي تہ اُتي موجود سڀني ماڻهن محسوس ڪيو تہ اهو تہ ڪو وڏو معجزو هو. ڇهن ورهين جي اُها ڇوڪري نہ بيٺي، نہ ئي ڪو لفظ ڇڏيائين. ماڻهن ڪيس گلن جي هارن سان ڍڪي ڇڏيو. هوءَ ڇاتل سڄاتل ڇهرن کي حيرت سان ڏسندي پنهنجي پيءُ جو چهرو ڳولهڻ لڳي. جڏهن اُهو ڇاتل سڄاتل چهرو ڏٺائين تہ پنهنجي ڳچيءَ مان گلن جا سڀ هار لاهي پنهنجي پيءُ جي ٻانهن سان چنبڙي پئي ۽ ڪانئس پڇڻ لڳي، ” هاڻي مون کي پيار ڪندين نہ ؟“ امرتا اڳتي لکي ٿي تہ اُنهيءَ ننڍڙي ڇوڪري پنهنجي هٿ ۾

ڪاغذ قلم کڻي شعر لکڻ شروع ڪيا. ماءُ مري ويئي هئي. پڻس شادي نہ ڪئي. هو پاڻ سنو شاعر هو. هوءَ شعر لکي وٺندي هئي تہ ڪاغذ پنهنجي پيءُ جي اڳيان رکي سندس چهرو تڪڻ لڳندي هئي جڻ اُهي پريشان نظرون رڳو هڪ ئي سوال پڇڻ چاهينديون هجن:" هاڻي تہ پيار ڪندين نہ؟".

هاڻي امرتا ارداس وانگر سڀ لفظ، يادون ۽ چهرا پلجي ويئي آهي ۽ امروز لاءِ پڇي رهي آهي تہ ڇا هي منهنجو پيءُ آهي؟ ڀاوِي پربل آهي، (وقت سڀ کان طاقتور آهي) پر ڇا وقت امرتا جي تحريرن کي ختم ڪري سگهي ٿو؟ لطيف چواڻي "وڃي رهندو واس!" صرف خوشبوءِ ئي رهجي ويندي.•••

# محمد خالد اختر کي الوداع



محمد خالد اختر جي گذاري وڃڻ جي خبر منهنجي نهايت محبتي دوست ذيشان ساحل ڪراچي مان فون ڪري ٻڌائي. سندس آواز ڏکي رهيو هو. شايد هُو روئي بہ رهيو هو. پريل آواز ۾ ٻُڌايائين تہ ٻئي ڏينهن تي دفنائيندا. هُن جلدي فون اجمل ڪمال کي ڏيئي ڇڏيو، جنهن سندس باري ۾ وڌيڪ ٻڌايو تہ هوُ چوندو هو تہ آئون بيمار ٿي بستري تي مرڻ نٿو چاهيان. هوُ شام جو هڪ عرصي کان ريگيولر واڪ ڪندو هو ۽ ڪالهہ بہ واڪ ڪري موٽيو هو ۽ ماني کائڻ کان پوءِ سمهي پيو هو. رات وچ ۾ سندس ساهہ جو پکيئڙو جسم جو بند ٽڙي نڪري ويو. صحت جي ناچاقي سبب آئون سندس دفنائڻ جي رسمن ۾ وڃي نہ سگهيس، پر ٻئي ڏينهن پنهنجي پُٽ ڪمليشور کي دفنائڻ جي رسم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ موڪليم. مرڻ وارو غير رسمي طور هليو ويو، پر اسان جيئرن کي تہ رسم نباهڻي هئي.

اڃا تازو سندس وفات کان بہ ٽي مهينا اڳ سٽي پريس جي بُڪ شاپ جي خوشگوار ماحول ۾ ملاقات ٿي هئي. صبح جا 11 ڪن وڳا هئا. آئون جڏهن اُتي پهتو هوس تہ رکو ياجائي زينت حسام پهتي هئي پر سندس ورُ اجمل ڪمال جي باري ۾ خبر پيئي تہ هوُ جلدي اچي ويندو. مون کي اها خبر هئي تہ هوُ جڏهن پنهنجو لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو هو تہ گهر تي ترسي، اُهو پورو ڪري پوءِ

شاپ تي ايندو هو. سو اهو ڄاڻي آئون ڪتابن جي شيلفن ڏانهن لڙي ڪتاب ڏسڻ لڳس، ويرم ئي نہ گذري تہ محمد خالد اختر پنهنجي قداور ۽ ڪمزور ڏيل سان شاپ ۾ داخل ٿيو ۽ مون کي ڏسي سندس منهن تي مخصوص مُرڪ ۽ چهري تي بشاشت جي لهر ڇانئجي ويئي. اک ڇنڀ ۾ اسان ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ هئاسين. جسماني طور تي آئون ڀرپور جسم جو مالڪ تہ ناهيان، پر هُو مون کان گهڻو ڪمزور هو، جڻ ڪپڙن ڍڪيو هڏائون پڃرو هو. مون کي خبر آهي تہ هو گذريل ڪافي سالن کان پراٽيسٽ جي آپريشن کان پوءِ گردن جي صحيح ڪم نہ ڪرڻ ڪري پيشاب جي عارضي ۾ مبتلا هو. اسان ٻئي شاپ ۾ رکيل ڊگهين ڪرسين تي ويهي رهياسين. اسان جي وچ ۾ ڪرُسين جي ڊگهائي هڪ جيڏي پيل هئي. شاپ ۾ هڪ سيلف سروس مختصر ڪينٽين آهي، جتي چانهہ ۽ ڪافيءَ جو انتظام ٿيل آهي. زينت حسام سندس آڊر ياءُ ڪيو ۽ ٿوري دير ۾ اسان ٻنهي لاءِ ٻہ چانهہ جا مگ پري ڪٽي آئي، جڏهن تہ اسان ٻئي پنهنجن خبرن چارن ۾ مصروف ٿي ويا هئاسين. محمد خالد اختر صاحب پنهنجي مخصوص لهجي ۾ مختصر جملا ڳالهائيندي، منهنجون، منهنجي لکڻ پڙهڻ جون ۽ منهنجن ٻارن-ٻچن، گوري ۽ ڪمليش جي باري جون خبرون پڇندو رهيو ۽ مون کي ٻڌائين تہ آئون پنهنجون ٿر جي پس منظر جون يادگيريون ُچو نٿو لکان. مون کيس ٻڌايو تہ اهو ڪجهو مواد جيڪو ذهن ۾ پچي رهيو آهي، اوهان جهڙي وڏي ليکڪ جي اُتساهہ ڏيارڻ تي ضرور لکندس. پنهنجي باري ۾ ٻڌايائين تہ هاڻي صحت اجازت نٿي ڏي جو لکان، پر پنهنجو گهڻو وقت پڙهڻ ۾ گذاريان ٿو. سندس پڙهڻ ۾ يڪسوئي جو عالم اهو هو جو هُو بنا ساهي پٽڻ جي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي هفتي ۾ هزارين صفحا انگريزيءَ ۾ پڙهي وٺندو هو. منهنجي خيال ۾ سندس پڙهڻ جي عادت، لکڻ جي خواهش تي غالب هوندي هئي ۽ اردو ۾ جيڪي لکندو هو، ان مان انگريزي تحريرن جو مزو ملندو هو. ڪيئن بہ هجي، سندس لکڻيون-ڪهاڻيون، ناول، مضمون، سفرناما وغيره اردو ادب ۾ هڪ نرالي

اسلوب جو نمونو آهن، جنهن جو نقل نتو ٿي سگهي ۽ اُهي پنهنجو مَٽ پاڻ آهن. اُنهيءَ ڏينهن هُن ذيشان ساحل جي نين نظمن کي خراج تحسين ڏيندي چيو تہ هُن هڪ خط ۾ کيس لکيو هو تہ هُن کي اهڙا سنا نظم لکڻ لاءِ اهڙا تخيلقي ويچار ڪيئن ٿا اچن! اسان پنهنجين ڳالهين ۾ ايترو محو هئاسين جو اهو خيال ئي نہ رهيو تہ ڪنهن مهل زينت اسان کي هڪ ٻئي چانهہ جي مگ سان نوازيو. ڏينهن جا ٻہ وڄي رهيا هئا. اجمل صاحب بہ پهچي ويو هو. لنچ لاءِ هو اسان کي پنهنجي موٽر ۾ ڪنهن هوٽل ۾ وٺي هليو، جتان هو ماني کائڻ کان پوءِ اسان کي پنهنجي پنهنجي ماڳ تي پهچائي هليو ويو. اسان جي اها يادگار ملاقات هئي. اُن کان پوءِ آئون ساڻس ملاقات کان هميشہ لاءِ وانجهجي ويس.

مون کي ياد آهي تہ اُن کان اڳ سٽي پريس جي شايع ڪيل ڪتاب جي افتتاحي تقريب ۾ رڳو هٿ ملائڻ جي حد تائين، هڪ مختصر ملاقات ٿي هئي. آئون جڏهن بہ ڪراچي ويندو هوس تہ 'بيڪ اينڊ ٽيڪ ريسٽارنٽ' ۾ اجمل ڪمال جي معمول مطابق ڇنڇر ڏينهن تي سندس دوستن اديبن سان چانهہ تي غير رسمي گڏجاڻي ۾ ضرور شامل ٿيندو هوس، جتي افتخار جالب، افضال احمد سيد، فهميده رياض، تنوير انجم، عذرا عباس، رفيق احمد نقش ۽ ڪڏهن ڪڏهن سعيد الدين ۽ ذيشان ساحل بہ شامل هوندا هئا، پر منهنجي لاءِ ان گڏجاڻي جي اهميت خصوصي طور تي محمد خالد اختر جي موجودگي سبب وڌيڪ ڪشش واري ۽ اهم لڳندي هئي. انهيءَ گڏجاڻين ۾ اجمل ڪمال خاص طور تي محمد خالد اختر کي سندس ڊفينس واري گهر تان پاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو. محمد خالد اختر ڳالهائڻ ۾ تمام ڌيمو ۽ مختصر هوندو هو، جڏهن تہ ٻيا بحث ۾ گهڻو وچڙي پوندا هئا. پر سندس موجودگي سبب هر اها گڏجاڻي جنهن ۾ خالد صاحب هوندو نهايت سنجيده ۽ معزز بنجي ويندي هئي ۽ اها ئي ڳالهہ انهيءَ گڏجاڻيءَ جي خاص ڳالهہ هوندي آهي.

منهنجي پهرين ڏيٺ منيءَ ۾ تڏهن ٿي هئي، جڏهن آئون منيءَ هاءِ اسڪول ۾ پنجين هين درجي ۾ پڙهندو هئس. اسان جو ڪلاس ٽيچر چوڌري ضيالحق هوندو، جيڪو پنهنجي الڳ ۽ منفرد انداز سبب مقبول هوندو هو. محمد خالد اختر وٽس مهمان ٿي آيبگ هو ۽ ٻئي ڄڻا ڳڏجي ڳوٺ جي گهٽين ۾ رات جو گهمندا هئا ٻئي قد جا ڊگها _ خالد صاحب جسم ۾ سنهڙو ۽ چوڌري صاحب ٻُت ۾ جهه پريل پينٽ شرٽ ۾ اوچتو رات جي اونداهيءَ ۾ مُنهن سان مهمان اچي ويندا هئا ته ڏاڍا پُراسرار لڳندا هئا. اهو زمانواڄ ٻه مون کي پُراسرار لڳندو آهي ۽ منيءَ ۾ ورلي وڃڻ تي رات جو انهن جا از غيبي پاڇولا گهٽين ۾ گهمندي محسوس ٿيندا آهن.

سندس پٽ جي ڪراچيءَ ۾ شادي هئي ۽ مون کي دعوت جو ڪارڊ موڪليو هئائين. آئون اُنهيءَ تقريب م شامل نہ ٿي سگهيو هوس تنهنڪري معذرت ۽ مبارڪن جو خط لکي موڪليو هئم.

ڪافي وقت تائين وري ساڻس ملاقات نہ ٿي. 1970ع ڌاري، جڏهن آئون سينما ائڊورٽائيزنگ ڪمپنيءَ حيدرآباد ۾ نوڪري ڪندو هوس ۽ گاڏي کاتي ۾ شمس چيمبرس ۾ آفيس سان گڏ گهر جي فليٽ ۾ رهندو هوس تہ هڪ ڏينهن اوچتو چٽري ضيالحق صاحب سان گڏجي آيو ۽ اُن کان پوءِ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڀڻ جي نهاني يا 'سوم رس' شاپ تان وٺي ڏيڻ لاءِ ايندو رهندو هو. اهو سلسلو ڪافي وقت هلندو رهيو، پر پوءِ 1997ع کان جڏهن کان شريف اسڪوائر ۾ اچي رهيو آهيان تہ چوڌري صاحب جو اچڻ ٻہ بند ٿي ويو.

چوڌري صاحب باقاعدگيءَ سان ٽئين _ چوٿين مهيني جڏهن پنهنجي ڳوٺان (ملوانہ ضلع) کان ڪراچيءَ ۾ پنهنجي دوست محمد خالد اختر سان ملڻ لاءِ نڪرندو تہ حيدرآباد ۾ پنهنجن دوستن سان ملندو، ملاقاتون ڪندو وڃي ڪراچي پهچندو ۽ ٻہ ٽي ڏينهن اُتي رهي وري واپسيءَ جي سفر ۾ \حيدرآباد ۾ رهيل دوستن سان ملندو، واپس پنهنجي وطن ورندو هو. پوءِ خبر پئي تہ هو بيمار آهي. مون کيس خط لکي سندس صحت جي باري ۾

معلومات ڪيم. ڊگهي انتظار کان پوءِ هڪ ڏينهن لاهور مان لکي موڪليائين تہ هُو چاق ناهي ۽ خط بہ لکي نٿو سگهي. اُن کان پوءِ سندس خبر پئجي نہ سگهي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ محمد خالد اختر هن جهان مان موڪلائي ويو. آئون سندن هڪ ٻئي لاءِ محبت ۽ چڪ کي اج بہ مثالي سمجهان ٿو. ڪين ياد ڪري اجبہ اکيون آليون ٿيو وڃن. •••

# پائلو فراري- برازيل جو تعليمي نظرياتي ماهر°



تازو هڪ غير سرڪاري تنظيم ٽرسٽ فار رُورل ڊيولپمينٽ (TRD) حيدرآباد طرفان ظفر جوڻيجي ۽ سرتاج عباسيءَ جو ترجمو ڪيل ’پالو فريري‘ (Paulo Freire) جو آتم ڪٿائي ڪتابڙو شايع ڪيو ويو آهي. جيڪو تعليمي ڏس ۾ سندس انقلابي فڪر جي ميڃتا جو مظهر آهي. هن ڪتابڙي مان پالو فريري جي باري ۾ مختصر پر جامع ڄاڻ ملي ٿي؛ ته سندس زندگي مسلسل ڄاڪوڙ ۽ جدوجهد جو سفر هئي ۽ هُن اِهو سفر پنهنجي تخليقي ۽ نظرياتي سوچ جي بنياد تي، پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن جي روشنيءَ ۾ طئه ڪيو هو. هُو لئٽن آمريڪا جي برازيل مُلڪ جو رهواسي هو، جتان جون سياسي، اقتصادي ۽ سماجي حالتون اسان جين حالتن کان مختلف نه هيون. هُن پنهنجي مُلڪ ۽ پوءِ جلاوطنيءَ واري عرصي دؤران تعليمي ڏس ۾ جيڪي نوان نظريا پيش ڪيا ۽ انهن تي عمل ڪيو، تن نه رڳو سندس پنهنجي مُلڪ ۾ مثبت نتيجا آندا ۽ ٻين ملڪن لاءِ پڻ اُتساهه ۽ عمل جو سامان ميسر ڪيو، پر روايتي ۽ مُدي خارج طريقن ۾ به تبديلي آندي.

هونئن ته پالو فريري جو نالو اسان وٽ سنڌ جي تعليم ۾ ايڏو عام، ڄاتل سڃاتل ۽ هرواسي نه هو، پر آمريڪي کنڊ ۾ جڏهن سندس فڪر ۽ نظرين کي اهميت ملڻ لڳي ۽ قومي ترقيءَ

---

° PAULO FREIRE (1921-1997): Brazilian Educator and Philosopher.

جي مجموعي جدوجهد لاءِ سندس پيغام جو پڙاڏو ڏورانهن ملڪن تائين پهتو، تڏهن جس هجي اسان جي عالم، دانشور ۽ علم تدريس سان زندگي پر جو ساٿ نيائيندڙ محمد ابراهيم جويي صاحب کي، جنهن وقت جي ضرورت کي پروڙيندي، پنهنجي علمي حاصلات کي "ايميلي". "فلسفي جو ابتدائي ڪورس". "پارن جو مسيح"، "وحشي جيوت جا نشان" ۽ ٻين ڪتابن ۽ مضمونن جي ترجمي ڪرڻ سان گڏ، پالو فريري جي اسپيني زبان ۾ لکيل مشهور تصنيف "Padagogy of the Oppressed" جو سنڌيءَ ۾ "علم تدريس مظلومن لاءِ" 1984ع ۾ شايع ڪرائي نه رڳو انهيءَ موضوع جي مواد ۾ واڌارو ڪيو، پر سنڌي سماج جي سوچ کي نئون سج ڏيکاريائين.

"علم تدريس مظلومن لاءِ" عنوان مان چٽو آهي، ته اهو ڪتاب سماجي طور تي ڏتڙيل، پوئتي پيل ۽ ڏاڍ جو نشانو بڻيل ماڻهن کي پڙهائڻ جي علم بابت آهي، تنهن ڪري پرماريت جي هٿ ٺوڪين هَٿين جي شناخت ڪري، اُهي اُپاءَ ۽ عمل ڏسيا اٿس، جيڪي کين غربت ۽ مظلوميت جي اسٽيٽس ڪو (Status quo) جيِ اوڙاهه مان ٻاهر ڪڍي، شعور جي روشن فضا جو روپ ڀَسائيندا. انهيءَ ڏس ۾، سندس ٻيا ڪتاب جهڙوڪ " Educacao Comopractica da Liberadado" (آزاديءَ لاءِ علمي تعليم) برازيل ۾ 1967ع ۾ ۽ "Accion Cultural" چليءَ ۾ 1969ع ۾ جلاوطنيءَ دؤران لکيائين، جنهن جو انگريزي ترجمو "Cultural Action to Freedom" (تهذيبي جدوجهد آزاديءَ لاءِ) 1970ع ۾ شايع ٿيل آهن. سندس انهن ۽ اهڙن ٻين ڪتابن جي فهرست ڊگهي آهي، جيڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو نه ٿي سگهيا آهن. اُميد ٿي ڪجي ته منجهائنس چونڊ ڪتابن جا ترجما ڪري تدريسي علم جي فڪري ادب واري کوٽ کي پريو ويندو.

منهنجي خيال ۾، ڪڏهن ڪڏهن اهم ڪتاب عام پڙهندڙ جي نظر کي گُسُسيِ پڙهڻ کان رهجي ويندا آهن. نهنجي بدقسمتي آهي، جو پال فريري جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب "علم تدريس مظلومن لاءِ" مون کنهن کان 1984ع جو ڇپيل اهو هٿ ڪري

پڙهيو تہ دنگ رهجي ويس ۽ محمد ابراهيم جويي صاحب جي سنڌي سماج تي انهيءَ احسان لاءِ سنڌس وڏائيءَ جو قدر ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نہ سگهيس.

پالو فريري جو آتم ڪٿائي ڪتابڙو اصل ۾ سنڌس تصنيف ڪيل ٿن ڪتابن جي اپياس جي نتيجي ۾، ظفر جوڻيجي ۽ سرتاج عباسي انهن جو ترجمو ڪري ٿاهي جوڙي آتم ڪٿا جي انداز ۾ تيار ڪري شايع ڪيو آهي، جڏهن تہ هڪ ئي جُلد ۾ ڇپيل سنڌس اهڙو ڪتاب ڪو ڇپيو ئي ڪونهي. هڪ طرف فاضل مترجمن جو اهو ڪارنامو خود بہ پالو فريري جي ڪيل جاکوڙ ۽ سنڌس شخصيت جي اعليٰ حيثيت کي مڃتا ڏيڻ جو ثبوت آهي، تہ ٻئي طرف اهو سنڌس اپياس ۽ تحقيق تي ٻڌل ڪم آهي، جيڪو هُنن پالو فريري جي. نالي ۾ ڪيو آهي ۽ پاڻ کي مترجم جي حيثيت سان متعارف ڪرايو اٿن.

هن ڪتابڙي جا مترجم ظفر جوڻيجو ۽ سرتاج عباسي ”ٽرسٽ فارم رورل ڊيولپمينٽ“ جا روح روان فرد آهن. سنڌس ذهنن ۾ سماج جي عام

ڀلائيءَ جي رٿائن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. انهيءَ فهرست جو هڪ عنوان آهي: ”منهنجي حياتي، منهنجو نياپو.“ جنهن جي پهرين ڪڙي ڇاٽايل ڪتاب آهي. اُميد آهي تہ هو انهيءَ سلسلي جا ٻيا ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائيندا ۽ پنهنجو مشن جاري رکندا.

پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان ٿو. پائلو فراري جو سنڌس نالي Paulo Freire جي انگريزي اسپيلنگ پٽاندر، سنڌيءَ جو اُچار 'پالو فريري' لکڻ گهرجي، نہ ڪي 'پائلو فراري'. تي سگهي ٿو، آئن صحيح نہ هجان، پر انگريزي اسپيلنگ مان اُچار اهو ئي نڪري ٿو. •••

# مليالم ادب ۾ تڪشي شِوَ شنڪر پلِئي جو ناول "چيمين"°



مليالم زبان ۾ نئين ناول جي تاريخ اڻ صديءَ کان مٿي ناهي، جديد گهاڙيٽي واريون ڪهاڻيون، انگريزي ادب سان لهه وچڙ جي نتيجي ۾، 1880ع کان پوءِ لکجڻ ۾ آيون، جن جو شاندار دؤر 1930-1950 دوران رهيو. مليالم ادب ڪهاڻين جي وسيلي نئي جمهوري بنيو ۽ ادب جي مختلف صنفن ۾ مختلف ذاتين جي هڪ هٽيءَ جي روايت ختم ٿي. هيءُ اهوئي دور هو، جنهن ۾ ڪهاڻي- ساهت ۾ فارم ۽ ڪنٽينٽ جي نقطه نظر کان تجربا ڪيا ويا ۽ ڪهاڻي جي صنف گهڻي ترقي ڪئي.

ڪهاڻين جي مقبوليت کان پوءِ، ڪهاڻيڪارن محسوس ڪيو تہ زندگيءَ جي جامع تصوير چٽڻ لاءِ وڏي ڪئنواس جي ضرورت هئي ۽ جنهن جو جواب ناول ۾ هو، تنهن ڪري انهن

° TAKASHI SHIV SHANKAR PILLAI (1902-1989): Indian Malayalam Litreture Novelist And Story Writer.

وڏين ڪهاڻين، ناوليٽن ۽ ناول لکڻ لاءِ سوئچ اور ڪيو، پر اهي سڀ جا سڀ ڪهاڻيڪار ناول لکڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا جو ناول لکڻ لاءِ زندگيءَ جي ڳتيل، ڳنڊيل ۽ پيچيدگي نقطهء نظر ۾ وڏيڪ خصوصي مواد، قدرن جي گهري احساس ۽ گهڻي صبر ۽ ٽيڪنڪ جي ڄاڻ گهربل هئي. انهيءَ ڏس ۾ ڪامياب 1957ع ۾ جڏهن تڪشي جي ناول "چيمين" ساهتيه اڪادميءَ جو ڪهاڻيڪارن ۾، ٻين سان گڏ تڪشي شِو شنڪر پلئي جو نالو صفِ اول ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

نئين ناول تي ترقي پسنديءَ جي ڇاپ آهي، جنهن ۾ هيٺين سطح جي زندگيءَ کي نه رڳو ناول جي گهاڙيٽي ۽ موضوع لاءِ درست سمجهيو ويو پر بدلجندڙ دنيا ۾ پورهيت طبقي کي فوڪس ۾ آندو ويو، جنهن پٽاندر ناول جي نائڪ کي عام ماڻهوءَ مان چونڊيو ويو. انهيءَ اثر هيٺ، تڪشي به ناول "تونٽي ٽيوُڊ مڪن" (گونهه خور جو پُٽ) ۽ "ٽينڊي ورگم" (بکاري طبقو) لکيا.ايوارڊ حاصل ڪيو ته اُن کي هندستان ۾ ڪيرالا جو شاهڪار ناول سمجهيو ويو. هن ئي ناول جي ڪاميابيءَ کان پوءِ، تڪشي باقاعده ناول لکڻ ڏانهن رجوع ڪيو. مليالم زبان ۾ هن ناول تي فلم ناهي ويئي، جنهن تي کيس 1966ع ۾ صدارتي سونو ٻلو انعام طور ڏنو ويو. "چيمين" هندستان جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو ۽ پوءِ انگريزي ۽ ٻين ٻولين سان گڏ پرڏيهي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو.

"ساگر جي سنتان" تڪشي جي مذڪور ناول "چيمين" جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ساهتيه اڪادميءَ طرفان پهريون ڀيرو 1979ع ۾ شايع ٿيو. سندري اُتم چنداڻيءَ جو هيءَ ترجمو اصلوڪي ٻوليءَ جون سِڪُونَ ٿو لاهي، جنهن لاءِ هوءَ واڌاين جي مستحق آهي. اصل سان وفاداري ۽ مواد جي روح جي تحفظ جو خاص خيال رکيو اٿس جو ڪٿي به اوپرائپ جو احساس ئي نٿو ٿئي.

هيءُ ناول هڪ رومانوي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن جي اُٿت هڪ طوائف جي چوڌاري ٿيل آهي، جيڪا ساموندي ڪناري

تي آباد مهاڻن جي برادريءَ جي رهڻي ڪهڻي، رواجن ۽ رَوَئين کي شڪل ڏي ٿي. جيئن ته ناول ۾ طبقاتي جدوجهد موجود ناهي، انهيءَ ڪري اُن کي اوچي سطح جو ناول نه سمجهيو ويو، پر ناول جي ڪهاڻي- عنصر ۾ پاٽمرادو جيڪا بي پناهه قوت پيدا ٿي ويئي آهي، انهيءَ ڪيس شاهڪار جي درجي تي پهچائي ڇڏيو آهي.

تڪشي جيتوڻيڪ ڪيرالا کان ٻاهر ”چيمين“ ناول جي ليکڪ جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو، پر مليالم پڙهندڙن لاءِ هو ٻين ناولن جي ليکڪ طور وڌيڪ بهتر فنڪارانه صلاحيتن جو مالڪ آهي. مثال طور ”رنتي تناگلي“ ۾ هو ڪيرالا جي اڇوت هارين جو حقيقي چِٽ چٽڻ ۽ ڪردار نگاريءَ ۾ اڳيان هئڻ ڪري اڳيرو آهي. اهو ناول ڪيرالا جي ٻي زمين هارين جي مسئلي تي لکيل آهي. انهيءَ ناول تي به مليالم زبان ۾ فلم ٺاهي ويئي ۽ ڪيترن ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. سنڌي زبان ۾ ”ٻه سير ان“ جي عنوان سان ڊي ايل ڪينٽرا ترجمو ڪيو جيڪو ساهتيه اڪادمي شايع ڪيو آهي. سندس ٻيو مشهور ناول ”ايني پاديڪال“ (ڏاڪڻ جا ڏاڪا) آهي. هن ناول ۾ هڪ ڪلارڪ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جيڪو ترئوُنڪور جي مٿئين سطح جي سرڪاري حيثيت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جتي جائز ناجائز طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن. اهو دلڪش ناول سرڪاري ڍانچي ۽ طريقهء ڪار کي اگهاڙو ڪري

ٿو. هن ناول تي پڻ 1973ع ۾ ڪامياب فلم ٺاهي ويئي.

تڪشي جي لکيل سوين ڪهاڻين مان، چونڊ 50 کن ڪهاڻين کي ڪتابي شڪل ۾ ”تران جيدوتا ڪتاڪال“ جي عنوان سان ساهتيه اڪادمي شايع ڪيو آهي. •••

## [پڇتاءُ] 'REPENTANCE'
# 1980ع جي ڏهاڪي جي هڪ ڪلاسِڪ فلم

گذريل مهيني فرانس جي شهر ڪينيس ۾ منعقد ٿيل چاليهين ساليانيءَ فلمي ميلي ۾ پيش ٿيل 10 ملڪن جي چونڊ 20 فلمن مان بهترين فلم جو 'گرانڊ پرڪس' (Grand Prox) انعام 63 سال جارجيائي ڊئريڪٽر تينگئز ابولادزي (Tenguiz Abuladze) کي سندس فلم Repentance (پڇتاءُ) تي ڏنو ويو آهي. اها فلم 1980ع جي ڏهاڪي جي هڪ ڪلاسڪ فلم آهي، جيڪا مڪمل ٿيڻ کان ٻه سال پوءِ ريليز ٿي هئي.

پنهنجي پيشي جي ٽيهن ورهين کان وڌيڪ وقت جي دوران، ابولادزي جون ڇهه فلمون رليز ٿيون آهن، جن تي ڪيس گهٽائي وڏا انعام مليا آهن ۽ اظهار جي قوت سان نوازيل، صاف ستري دانشور ڊئريڪٽر جي حيثيت سان شهرت حاصل ڪئي اٿس. فلمي دنيا جا پارکو ڪيس قدر ۽ تحسين جي نگاهه سان ڏسن ٿا، پر فلم بينن جي گهٽائي ڪيس ايتري اهميت نٿي ڏي.

پر ابولادزي جي هن فلم ڪيس سموري روس جي گهر گهر ۾ مشهور ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ وڏو هٿ اخبارن جو آهي. هيءَ فلم بڻ لاڙن ـ فن لطيف ۽ اوچي فلسفيانه مواد سان ڀرپور ٻرندڙ سماجي موضوع ـ کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿي، جيڪي گهٽو ڪري سهيوڳي سنيما ۾ هڪ ٻئي کان ڌار ڌار آهن. مختلف سماجي تجربن مان گذرندڙ ۽ زندگيءَ جي مختلف حلقن سان واسطو رکندڙ فلم بين اها ڳالهه سمجهن ٿا ـ جيتوڻيڪ مختلف نقط نگاهه کان سمجهن ٿا. انهن نقط نگاهن مان هڪ اها آهي ته جڏهن اُهي

فلمون پارکن وٽ پهچڻ ٿيون تہ اُهي سنيما کي اُن جي مڪمل طور تي جمهوري فن جي حيثيت ۾ واپس آڻڻ لاءِ، هر ڪنهن جي دل کي ڇُهن ٿيون.

تينگُئز ابولادزي جي هيءَ فلم عقيدي ۽ اخلاقي قدرن تي ڏاڍ ۽ جبر جي راڄ جو غلبو ڏيکاري ٿي، جنهن ۾ روحانيت جو ذرو بہ ناهي ۽ تنهنڪري اهو ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ هراس، ڦهلائڻ سان پاڻ مڃائي ٿو. سندس ڪُوڙن جي بچاءُ جو ڍَڪ ڪيترو بہ پيچيدو ڇو نہ هجي ۽ اهو ڪيترو بہ معصوم رت ڇو نہ وهائي، پر تاريخ پنهنجو فيصلو دير يا سوير ظالم راڄ تي ضرور ڏيندي.

اهي آفاقي سچ فلم جي باري ۾ پنهنجو جامع رايو ڏين ٿا. جيتوڻيڪ هن فلم جا ڪردار جارجيائي نالن وارا آهن، پر سمورو اٿالو مختلف عقيدي وارن مان چونڊيل آهن ۽ پوشاڪون سيني دؤرن مان ڪنيل آهن، ايتري قدر جو اهو ڏسڻ ڏاڍو مشڪل آهي تہ اهو عمل ڪڏهن ۽ ڪٿي جو آهي. پر اها تجريدي حڪايت خود روس جي تاريخي تجربي ڏانهن اشارو ڪري ٿي ـ يعني اسٽالن جو دؤر. مختصر طرح، اهو نحس دؤر جيڪو شخصي مَت (Personality Cult) جي طور تي ڄاتو وڃي ٿو، جنهن جي بي.قانوني ڪيتريون ئي جانيون ورتيون.

فلم جي شروعات هڪ ئي وقت ڏُکاري ۽ ڪلائيمڪس آهي. هڪ اڌڙوٽ عورت، جنهن جو نالو ڪيتيوان آهي، اخبار ۾ موت جي خبر پڙهي ٿي تہ ميئراربيبدزي گذاري ويو. ٻئي ڏيک ۾ اهو معزز خاندان ڪيس دفناڻ جون رسمون ادا ڪرڻ ۾ رڌل نظر اي ٿو. ڪافي مهلائتا تفصيل، تخليقڪار جي فوتيءَ جي باري ۾ راءِ ظاهر ڪن ٿا، مثال طور ورلام جي دشمنن کي دوست ۽ دوستن کي دشمن ڪرڻ جي خصوصيت جي باري ۾ سندس لاش پنهنجي باغ ۾ ملي ٿو. اها ڀيانڪ صورتحال تي پيرا ورجائي وڃي ٿي تہ ورلام جو پوٽو قبر جي بي حرمتي ڪندڙ کي لڪي ڏسي ٿو:

تڏهن اُها اڏڙوٽ عورت ڪميٽيوان ڪُلئي ڏيک ۾ نظر اچي ٿي. ڪيٽيوان تي مقدمو هلايو وڃي ٿو. هوءَ جيوريءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿي تہ ورلام امن سان تيستائين نہ رهندو جيستائين هوءَ زنده آهي. ڪيس دفنائڻ جي معنيٰ آهي ڪيس معاف ڪرڻ، پر هُن توڙي هن جهڙن کي معاف نٿو ڪري سگهجي. ڪيٽيوان ڪانئس نہ رڳو پنهنجي مائٽن جو پر سموري قوم جو بدلو وٺي ٿي، جنهن جي تاريخ هن رتهاڻي ڪئي هئي. سڀ ڪان وڌيڪ ياد رکڻ جوڳن ايپيسوڊن مان هڪ ۾، نندي جمار دوران ڪيٽيون پنهنجي ماءُ سان گڏجي ريلوي جي هڪ ڪاٺين جي ٿال تي اچي ٿي، جتي ڏورانهين آرامشين ڪان آيل ڏوهاري پنهنجي ويجهن رشيتيدارن ۽ پيارن کي پيغام جي طور تي، ڪاٺ جي بُندن تي پنهنجو نالو لکي ٿا وڃن. اُن محل اُتي هڪ خوبصورت عورت هڪ ڪاٺ جي بُند کي ياڪر پائيندي سجي ٿي، جنهن تي سندس محبوب پنهنجو نالو لکي ويو هو، ۽ هڪ نندڙي نينگر ڪاٺ جي ڇڄون سان ڪيڏيندي ڏسجيي ٿي _ هڪ پوائتي، نہ وسارڻ جوڳي تصوير!

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ابو لاڌزي هڪ ذهني فلمي تخليقڪار آهي ۽ 'Repentance' سندس نهايت اوچي اُٽٽ، ڪاريگري ۽ اُتساهہ پريل ڪلپنا جو مظهر آهي، جنهن ۾ اوَتاندِل مهراڌزي جي اداڪيري قابل ذڪر آهي. هو ٻن ڪردارن - ورلام ۽ ابيل، سندس پُٽ - جي روپن ۾ پٽرو ٿئي ٿو.

هيءَ فلم حڪايت سياسي طنز جي طور تي ظاهر ٿئي ها، پر ڊئريڪٽر ۽ ائڪٽر ڪڏهن بہ اها حدبندي نٽا ٽوڙين هڪ مجموعي عڪس کي ڪارٽون ڪان ڏار ڪري ٿي. جيتوڻيڪ ورلام ظاهري طرح ليورينٽلي بيريا جهڙو ٿو لڳي، پر سندس مهاندا سيئي دؤرن جي ظالمن- نيروُ ڪان مسوليني سان ملن ٿا. هن فلم جي تخليقڪارن ڪيس مڪمل طرح ڪارو نہ ڇنيو آهي ۽ نحس تاثر پيدا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

جهن ورلام پنهنجي افتتاحي تقرير ڪري ٿو تہ پ منظر ۾ قاسي گهاٽ نظر اچي ٿو، جتي مٿانهين تي ڪانءَ وينل ڏسجي ٿو. ٻيو ايپيسوڊ مخالف نقطي جي طور تي اچي ٿو، ارنيڊزي ٻن عمر رسيده دانشورن کي ادب سان ٻڌي ٿو، جيڪي ڪيس پراڻي ديول کي ڊاهڻ جو حڪم نامو رد ڪرڻ لاءِ ليلائين ٿا. لُڙڪ اُسي هو متاثر ٿئي ٿو ۽ پلو ڦاڙي ٿو ڇڏي. ڪجھ دير کان خبر پوي ٿي تہ ٻئي ڏينهن ٻئي دانشور گرفتار ڪيا وڃن ٿا.

ورلام کي ذهانت سان نفرت آهي. هو هر موقعو پنهنجون مختلف صلاحيتون ڏيکارڻ لاءِ استمال ڪري ٿو. هو اٺالئين ڏنون سهڻي ڍنگ سان ڳائي ٿو ۽ شيڪسپيئر جا حوالا جزباتي طرح ڏي ٿو:

...And Simple Truth Miscall'd Simplicity,

And Captive Good, Attending Captain ill...

(... ۽ عام سچ کي غلطيءَ سان سادگي سڏيو وڃي ٿو، ۽ سگھو قيدي بيمار ڪپتان جي تيمارداري ڪري ٿو...)

تلخ ۽ ڪاوڙ ڀريل سانيٽ LXVI مان کنيل آهي مصرعون، سچ ۽ سنائي تي طنز آهن. هن فلم ۾ هر هڪ ننڍڙو تفصيل، ڪنهن ٻي شيءِ لاءِ چيل آهي ۽ مهان ڏک ناٽڪ مان کنيل حوالا، نهن ٻئي اينڊڙ ڏک _ ناٽڪ جو پڙاڏو آهن.

جيئن ورلام پنهنجي آئيندي جي شڪارن کي شيڪسپيئر جا نظم ٻڌائي ٿو تہ سمجهي ٿو تہ 'هي سموري دنيا هڪ اسٽيج آهي ۽ هو پاڻ ڊئريڪٽر آهي. پر هو هڪ خسيس اداڪار آهي. حقيقت ۾ هڪ ڏکيو اداڪار.

هڪ هڪ ننڍڙي حقيقت 'Repentance' ۾ واقعن جي زنجير کي وڌائيندي وڃي ٿي. ورلام پنهنجي پوٽي کي شڪاري بندوق ڏي ٿو، جيڪا وٽس رات جو قبرستان جي چوڪي ڏيڻ مهل هجي ٿي. هو ڪيٽيوان کي زخمي ڪري ٿو. ٻئي وقت، جڏهن ڪيس پنهنجي ڏاڏي جي ڪَرتوتن ۽ پاءُ جي ڪُوڙن جر سُڌ پوي ٿي تہ هو خودڪُشي لاءِ بندوق جو فائر ڪري ٿو. الاويدزي خاندانتي انتقام

سوار آهي ڪاوڙ پريل پڇتاءُ جي دؤري ۾، ابيل پنهنجي پاءُ جو لاش قبر مان ٻاهر ڪڍي ٽڪريءَ تان هيٺ الائيندي، ورلام ۽ سموري خاندان تي لعنت وجهي ٿو، جنهن ڪيس بي عزتيءَ سان ڏڪي ڇڏيو آهي. هو ڦاسي گهاٽ جي مٿانهين تي وينل ڪانءُ کي شوٽ ڪري ٿو، جتي هو ورلام جي شڪارن جو منتظر وينل هو ۽ مُئل حاڪم جي لاش تي ڪِري پوي ٿو ـ ۽ تاريخ ظالم تي پنهنجو فيصلو صادر ڪري ٿي.

هاءَ فلم ماڻهن جي مزاج سان يڪجا، هڪ اهڙو شاهڪار آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا ايڏا وا انبوهه آهن، جنهن جو مثال نٿو ملي. •••

# خودڪشيءَ کان اڳ°

## ڊائري جا ورق

## ورجينيا وولف



ورجينيا وولف (Virginia Woolf) انگريزي ٻوليءَ جي ناول نگار 1882ع ۾ انگلنڊ ۾ ڄائي، Stream of Consciousness ۾ (شعور جي وهڪري) جي ٽيڪنڪ ۾ لکندڙ ناول نگارن مان، هڪ تمام ڏات واري ليکڪا هئي. جيمس جوائس (James Joyce) جي 'يوليسس' (Ulysses)مان ٽيڪنيڪي ڏانءُ حاصل ڪري ۽ ان کي پنهنجي طريقي سان استعمال ڪيو اٿس. ڪردار جي داخلي ڪيفيت بيان ڪرڻ ۾ ورجينيا پنهنجو شاعراڻو ذريعو استعمال ڪري ٿي To The Light-house، The Waves ۽ Between the Acts ، ورجينيا جون اصلوڪيون تخليقون آهن. هن تنقيد تي چار ڪتاب لکيا آهن. ڪهاڻي ڪلا جي باري ۾ پنهنجي مضمون، Mr Bennett and Mrs Brown ۾ پرماڻن جي وسڪاري کي قابو ڪرڻ، داخلي کوج جي بي ربطي جي آزادي ۽ ڄمڻ کان مرڻ تائين عورت جو پنهنجي شعور جي خاني ۾ بند هئڻ، جي حمايت ڪئي اٿس. سندس لکيل Orlando راويتي آتم ڪهاڻيءَ تي ڀرپور طنز آهي. پاڻ بلومز برگ گروپ جي بنيادي ميمبر هئي. مڙس ليونارڊ وولف

° ADELINE VERGINIA WOOLF (1882- 1941): English Novelist, Critic and Journalist.

سان گڏجي هڪ پريس جو بنياد وڌائين، جيڪا اڳتي هلي هوگارٿ پريس جي نالي سان وڏو ۽ مشهور ادارو بنجي وئي.

ورجينيا ٻي مهاڀاري لڙائي دوران انگلنڊ تي بمباريءَ کان پوءِ خودڪشي ڪئي. هوءَ 1941ع کان وٺي خودڪشيءَ کان چار ڏينهن اڳ تائين ڊائري لکندي رهي. هتي سندس ڊائريءَ جا ڪجھ آخري صفحا پيش ڪجن ٿا.

**ڇنڇر، 31 آگسٽ:** انگلنڊ تي حملا ٿي رهيا آهن. لڙائي ڇڙي وئي آهي. انهيءَ جو احساس پوريءَ طرح ڪالھ ٿيو هئم. خطري، دٻاءَ ۽ پوڙ جو احساس. ائين ٿو لڳي ڄڻ.لڙائي ٿي رهي آهي - هڪ خوفناڪ لڙائي. شايد چار هفتا جاري ٿي رهندي. مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي، هر پل ٿيندو رهي ٿو. سڀ کان وڌيڪ ڊپ اهو لڳندو اٿم تہ ٻئي ڏينهن دل ۽ دماغ ڪم ڪري نہ سگهندا. شايد اها شروعات آهي. هي ڪهڙو دٻاءَ آهي؟ نہ ڪو فائدو ناهي. مان پڪ سان چئي سگهان ٿي تہ آمريڪا جي لاءِ اهو بمباري وارو ليک لکڻ جي بدران جيڪڏهن مان ڪهاڻي لکي سگهيس تہ سمجهنديس تہ بيٺل پاڻيءَ ۾ تري رهي آهيان.

**سومر، 2 سيپٽمبر:** گذريل ٻہ ڏينهن لڙائي نہ ٿي سڀ، ڪجھ ماٺ آهي. پر ڪيترا ڏينهن؟

**خميس، 5 سيپٽمبر:** گرمي، گرمي، گرمي. ايڏي گرمي اڳ ڪڏهن ڪانہ ٿي. هن گرميءَ ۾ جيڪڏهن ريڪارڊ رکجي تہ هوائي جهازن جو ٿي رڪٽو پوندو. اڏائي وڃي هڪ جهاز اچي ٿو، ۽ ڏهن منٽن کان پوءِ بم ڪرڻ جا آواز ۽ ويهن منٽن کان پوءِ چوڌاري ماٺ ڇانئجي وڃي ٿي. اوهہ، ڪيڏي گرمي آهي! ڇا مان نظم لکي سگهان ٿي؟ سڀ ليکڪ دکي ٿيندا آهن. جن وٽ لفظ نہ آهن، اهي سُکي آهن. اها عورت جنهن وٽ گهر آهي ۽ باغيچا آهن، بيشڪ اها دنيا جي سچي تصوير ناهي. فقط هڪ ليکڪ جي آهي. ڇا ڪلاڪار ۽ سنگيت پريمي سکي هوندا آهن؟ ڇا سندس دنيا وڌيڪ خوشين ڀري هوندي آهي؟

چڪي آهي. انهيءَ زهر کي اوڳاڇڻ لاءِ کهڙي دوا واپرايان؟ مون کي ٻڌاپي جي سختي کان نفرت آهي. مان اُن کي محسوس ڪري سگهان ٿي: ٿوڪي سان مان پاڻ کي وڏڻ ٽُڪڻ ٿي چاهيان. سڀ ڪجهه تکو مرڙ جندڙ تو لڳي، پر مان تہ مان آهيان. مان ڪنهن جو نقل ڇو ڪريان؟ شايد انهي ڪري ئي مان زنده آهيان جو لکان ٿي. ۽ هاڻي ڪاڏو ڪيڏو لذيذ تو لڳي. مان خيالي ڪاڏو تيار ڪندي رهندي آهيان.

آچر، 1 جنوري: گذريل آچر تي جڏهن مان 'گريٽ فائر' جي باري ۾ هڪ ڪتاب پڙهي رهي هيس، تڏهن لنڊن باهہ ۾ وڪوڙيل هو. منهنجي شهر جا اٺ چرچ پسر تي چڪا آهن. گلڊ هال بہ تباهہ ٿي چڪو آهي. اهو سڀ ڪجهہ گذريل سال ۾ ختم ٿي چڪو آهي. هن سال جو پهريون ڏينهن هڪ هوا جي جهوتي جيئن آهي، گول ڪارائي جيئن آهي. هي ڊائري پوري طرح ضايع ٿي ناهي، اها مان 37 صفحي کان بچائي ڪٽي آئي آهيان. شايد مون کي ايترا گهٽا لفظ نہ لکڻ کپن پر کهڙو فرق تو پوي! ڪيترائي صفحا ڪٽي لکو، نکو ڪو چپيندڙ آهي ۽ نہ ئي وري ڪو پڙهندڙ.

خميس، 9 جنوري: هڪ خالپٽو. هڪ سرد پٽو. ٻرندڙ اجاڻ. ٻرندڙ نيراڻ. ڳاڙها ايلم جا وڻ. اهو کهڙو مثال آهي جو مون کي هميشہ ياد رهندو آهي. يا هميشہ وسري ويندو آهي. خوبصورت شين کي هاڻي مان آخري پيرو پئي ڏسان. ٽڪريءَ جي پرئين پر لال نيري سفيد برف نہ هوندي.

اربعا، 15 جنوري: شايد ڪنجوسي ئي هن ڪتاب، جي پڇاڙي هوندي ۽ پنهنجي ئي پڙهئي تي شرم تو اچي. مون کي ڪنهن کان شرم تو ٿئي؟ پاڻ کان ئي، جڏهن مان پنهنجو لکيو ئي پڙهندي آهيان. جويس مري ويئي آهي. مون کان هو ڇهہ ڏهن ڏينهن ننڍي هئي. روجر، مس بور کي اسان وٽ موڪليو آهي. هوءَ "يوليسس" ڇپائڻ ٿي چاهي. هر صفحو ڏار ڏار ۽ ڦاٽل، بلڪل اڻ ڇپيل هو ۽ هر صفحو عجيب بوءِ سان پريل هو. مون اهو ڪتاب پنهنجي ميز جي خاني ۾ بند ڪري رکيو هو. هڪ ڏينهن

چوڏن جهڙا سخت چهرا ڪنيو بڇڙيون عورتون منهن تي بہ لالي لڳل، نهيل جڙيل، پوءِ بہ لاش جيان بيجان!

وينڙس سوٽي ڪپڙن ۾ هئا. نہ، مان پنهنجن ويچارن جو پاڻ ئي تجزيو نٿي ڪريان. هينري جيمس جو هڪ ئي جملو مون کي ياد ٿو اچي: جذبن

جو تجزيو ڪندا رهو، وڏنڊڙ ڄمار جو تجزيو ڪريو. لالچ جو تجزيو ڪريو. پنهنجي من جي اتساهہ کان خالي پنهنجي ئي اداسي جو تجزيو ڪريو. ائين ڪرڻ سان سڀ ڪجهہ ڪارائتو ٿي ويندو آهي. مان اهو وقت سٺي نموني گذارڻ چاهيان ٿي. مان خوشيءَ سان هتان وڃڻ چاهيان ٿي. شايد اهو طريقو آهي پنهنجي اندر جو ڇيو مڃڻ جو- چڱو مڄ ڪٽي، مان هر روز ٽڪيٽ خريدي ميوزيم وڃان؛ هر روز سائيڪل تي گهمان ۽ تاريخ پڙهان ۽ پڙهندي پڙهندي هر دور مان هڪ عظيم ماڻهو کي چونڊي سندس باري ۾ لکان. سڀ کان وڏيڪ ضرورت آهي، ڪم ۾ جٽو رهڻ جي. ست وڄي چڪا آهن. شُڪر آهي هاڻي مان رات جو کاڌو تيار ڪنديس. هيڙاڪ مڇي ۽ سوسيج ميٽ ئي ٺيڪ ٿينديون. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن هيڙاڪ ۽ سوسجز کي ڪاغذ تي رکبو تہ ڪين جهلڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي. •••

# ڊائريءَ جا ڪجهه ورق

## ڪافڪا



ڪافڪا جي بي اطميناني جو ڪو ڇيهه ڪونهه هو. هڪ پڙهندڙ جي طور تي هن پنهنجين رچنائن کي ڪڏهن پسند نه ڪيو. هو پنهنجي بدصورت هئڻ جي ڄاڻ جي، بار کي به لاڳيتو ڍوئيندو رهيو. هُو هوئي اهڙو- پيشيور بندوبست، ڪارخانن ۽ دوستن جي وچ ۾ هڪ بي چئن تجربيڪار ساهوارو. تڪڙن پلن ۾ لکيل ڪافڪا جي ڊائريءَ جا هي پنا رڳو واقعن جي اُپٽار ناهن، بلڪ سندس اندر جي تڙپ ۽ جيون ڏانهن هڪ ڏسندڙ جي بي ضبط روپئي جو تخليقي پهلو آهي. سندس تجزيو، مقامي حالتن ۽ جيئرن تي هڪ نظر آهي.

**ڊائري 1910ع**

سنگيت پريمي ناچڻي ايڊريو راڊڙوا پڻ وائلن وڄائيندڙن سان گڏ ٽرام ۾ سفر ڪري رهي آهي. اڪثر هوءَ ناچ ڪندي آهي ۽ اهي وائلن وڄائيندا آهن. جيڪڏهن ٽرام ۾ ناچ ڪرڻ وٽي، مسافرن جي وندر ٿئي ۽ خرچ ڪجهه به نه ٿئي، ته ڇا ۾ خراب آهي! شروع ۾ اهو عجيب لڳندو آهي ۽ وري ٿوري دير لاءِ هرڪو

باھہ لڳي وڃڻ گھربي هئي. جنهن ۾ مان بہ شايد سڙي وڃان ها ۽ ڏسندڙن کي خبر بہ نہ پوي ها. اهائي منهنجي خصوصيت هجي ها. پر جيترو تي سگھيو تي ان کان ڏھوٽو ٿيو. پر مون کي انهيءَ بي چئني ۽ دک جو ڪو افسوس ناهي. مان ڏکي ناهيان، پر سُکي بہ ناهيان. مون ۾ ڪنهن لاءِ ڪو ڏک ناهي، ڪا ڪمزوري بہ ناهي، ڪٿي ڪا دلچسپي ناهي، پر اهو سڀ آهي ڇا؟ مان سمجهي نہ پيو سگھان. ڇا منهنجي هن ذهني ڪيفيت جو سنبنڌ منهنجي لکڻ جي بي همتي ڪري آهي؟ ها، مون کي ڪارڻ جي خبر ناهي. پر لڳي پيو، اهو سڀ منهنجي، لکڻ جي بي همتي ئي آهي. پر ائين مون کي بلڪل، جڙ کان اندر ۾ نتو لڳي، ڪٿي وچ ۾ محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. ڪو انهن سيني ڳالهين کي شروع کان ئي، سمجهي سگھي ٿو. ڳاھ جڏهن اُيرڻ لڳي، تڏهن کان ئي انهيءَ جي ڪٿائي ٿئي تہ اُهو وري نہ اپري سگھندو.

•

19 جولاءِ: سُمهي پيس، جاڳيس، وري سُمهي پيس ۽ وري جاڳيس. زندگي سني ناهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿو، شاگرد بنجي مان هڪ طرح سان گھاٽي ۾ رهيو آهيان. دراصل مون پنهنجي جڳھ کان باهر آزاد فضا ۾ سکيا نہ پاتي آهي. اها ڪجھ اهڙي ڳالھ آهي، جنهن تي پڇتاءُ جو هڪ لفظ بہ مان نہ چوندس.

منهنجن گذريل اُستادن اهو سڀ نہ سمجهيو، پر مان چاهيان ٿو تہ اها پڙهائي، غفائن ۽ ويران کنڊرن ۾ ٿئي ها، جتي منهنجي ٻنهي طرفن کان پٿر هجن ها. يلي ڪٿي انهيءَ قسم جي پڙهائي ۾ منهنجا گڻ اُيري نہ اچن ها، پر جهنگلن ۾ سگھ کان اهي گڻ رڌي ڊگھا ٿي وڃن ها.

اهو سڀ سوچي ئي مان چوان ٿو تہ شاگرد ٿي مان ڪافي نگاهن کان گھاٽي ۾ رهيس. شاگرد بنجي پڇتائڻ جي ڳالھ گھٽن ماڻهن سان هوندي. ماءُ پيءُ، ڪيترائي ويجها مٽ مائٽ، گھر ايندڙ ويندڙ ماڻهو، انيڪ ليکڪ، خاص ڪري گھر جو اهو نوڪر، جيڪو هڪ ورهيہ تائين مون کي اسڪول وٺي ايندو ويندو رهيو

۽ پوءِ استادن جي هڪ ڊگهي قطار- سڀ مون کي ياد اچن ٿا. اهو اسڪول انسپيڪٽر بہ مون کي ياد آهي، جو هوريان هوريان پسار ڪندو اسان جي ڪلاس ۾ هليو ايندو هو. اها سموري سکيا سماج تي هڪ خنجر وانگر لڳندي آهي ۽ اهو خنجر ڪڏهن اڳيان تہ ڪڏهن پنيان نظر اچڻ لڳندو آهي.

پڙهيل هئڻ تي پڇتاءُ ۾ ڪو بہ گڏ ناهي. ڪجھ ماڻهو انهيءَ کي اڪيلو سمجهن ٿا. اهي آئون بندو آيو آهيان. مان تہ ڪُفاري ۾ انهن؟ اڪيلن کي بہ شامل ڪريان ٿو ۽ پوءِ چوان ٿو پڙهيل هجڻ يا تعليم حاصل ڪرڻ ۾ گهاٽي ۾ رهيو آهيان.

آئون گهڻو ڪري انهيءَ تي سوچيندو رهندو آهيان ۽ پوءِ مون کي چوٽو ئي پوندو آهي۔ هن سيا مون کي نقصان پهچايو. منهنجو اِهو سڀڄڻ پنهنجي لاءِ ئي ناهي، گهڻن جي لاءِ آهي. دراصل اِهو ڪجھ ائين آهي، جڻ ڪٽنب جي وڏي فوٽو ڪڍائڻ جي لاءِ اُتي بينو هجي ۽ ڪيس اِها خبر نہ هجي، اسان کي هاڻي ڪرڻو چا آهي! ڪيس پاڻ اِها خبر ناهي تہ اسان کي پنهنجيون اکيون هيٺ ڪرڻيون آهن يا پوءِ سوچي رکو تہ فوٽو ڪڍائڻ وقت مُرڪڻو بہ آهي. اهڙي طرح جي قطار ۾ منهنجا ماءُ پيءُ، انيڪ ميٽ مائٽ، ماسترياڻي، اهو نوڪر، ناچ _ اسڪول جون ڇوڪريون، اسان جي گهر اچڻ وڃڻ يا ايندڙ ويندڙ ماڻهو، ليڪڪ ۽ اسڪول تو ڙي گهر سان لڳاپيل سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا. آئون انهن سيني ماڻهن کي ڪڏهن ياد نہ ڪندس. زندگيءَ ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو آهن. جن جي طرف کان اُداس ٿيڻو پوندو آهي. پنهنجي سکيا تي پڇتاءُ ڪري آءُ انهن ماڻهن جو هاڻي هڪ بئي سان تعارف ڪرائي رهيو آهيان. مون تي پهرين کان ئي الائجي ڪيترن ئي وِسنگتين جو بار آهي! هاڻي بس اِهو ئي چوندس تہ سکيا حاصل ڪري مون نقصان ئي پاتو.

منهنجي انهيءَ ڳالھ کي ٻڌي شايد ڪو بہ اِهو شڪ ڪرڻ لَڳي تہ منهنجي تعليم اسڪولن ۾ نہ، ٻئي ڪٽي تي هوندي. نہ جبلَنَ ۾، نہ ڪٽي گندرن ۾، نہ ڊنڊ ڪناري. اجا تائين تہ سکيا جي معاملي ۾ آءُ پنهنجي ماءُ پيءُ کي وني ئي پڇتاءُ ڪري رهيو هئس.

اڄڪلهه آئون پنهنجي پاڻ ۾ جيتري انشچيتاتهه محسوس ڪريان ٿو، ايتري اڳ ۾ ڪڏهن محسوس نہ ڪئي آهي. جيئڻ جي همت پاڻ ۾ محسوس ڪريان ٿو. آئون رات جو جبلن تي بهتڪڻ واري هڪ رڍ آهيان يا وري اهڙي رڍ جيڪا ٻئي جي پويان ڊوڙندي رهي آهي. غم بہ تي ويو آهيان ۽ وڃائڻ جو ڏک بہ ناهي.

**ڊائري 1914ع**

11 **فيبروري:** جيڪڏهن آئون آتم هتيا ڪري ڇڏيان تہ ڪو بہ اُن جي لاءِ ڏوهي ڇو هجي. تمثيلي طور تي اُن جو هڪدم ڪارڻ هڪ جو ورتاءُ تي سگهي ٿو. هڪ ڏينهن ڪجهہ سمندي ڪجهہ جاڳندي مون هڙ منظر جو تصور ڪيو، آخري الوداع جو خط آئون پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيندس. پهرين آئون هُن جي گهر ويندس ۽ مون کي اُهو پريمي ٽوڙي پڙس جي روپ ۾ نا قبول ڪري ڇڏيندي، بس گهر اچي آئون خط تہ ميز تي رکي ڇڏيندس ۽ ٻراندي ڏانهن وڃندس. ڪو منهنجي پويان ڪان پڪڙيندو تہ بہ آءٌ هيٺ ٽاپو ڏئي ڇڏيدس. خط ۾ لکيل هوندو- جيئن تہ آءٌ هڪ ڪانسواءِ نٽو ڌهي سگهان، انهيءَ ڪري ٽپو ڏئي رهيو آهيان. پر جيڪڏهن هو منهنجو سُجاءُ قبول بہ ڪري ڇڏيندي، تہ بہ ڪا تبديلي هئڻ واري نہ هئي. پوءِ بہ منهنجو هنڌ تہ هيٺ ئي هو. هڪ ڪا منهنجو ڀاڳ / قسمت بڏل آهي، آئون ان ڪانساوءِ نٽو رهي سگهان، پر هڪ کي شڪ آهي تہ آئون هُن سان گڏ نٽو رهي سگهان. اڄ جي رات ئي اِهو سڀ ڇو نہ ڪري وڃان. اڄ شام جو تہ ڪجهہ ماڻهو هوندا ئي جيڪي زندگي جي، ۽ اُن کي بهتر ڪرڻ جي ڳالهہ ڪندا. پر اِهو سڀ خام خيالي آهي. آءٌ اِهو سڀ نٽو ڪري سگهان، آءٌ تمام خاموش ماڻهو آهريان. ٽورو قميض جو ڪالر بہ چمڻ لڳي ٿو تہ مون کي لڳي ٿو تہ ساهہ منجهي رهيو آهي. •••

# زلاٽا جي ڊائري*

## زلاٽا فِلپووِڪ



”جيڪڏهن اوهان بوسنيا جي انساني رتوڇاڻ جي عڪسن سان ڍَئجي ويا آهيو: اُتان جي دوزخ جهڙيون تصويرون ڏسڻ تي هيرايا ويا آهيو، جيڪي ٽي. وي خبرن ۽ اخباري اڳين صفحن کي داغدار ڪنديون رهن ٿيون، ۽ انهن ۾ اهو ڳولڻ کان بيزار ٿي چڪا آهيو تہ اهي شيطان ڪير آهن- تہ اهڙي صورت ۾ هڪ ننڍڙي معصوم نياڻيءَ جو آواز شايد اوهان جي دل ۾ رحم جو جذبو وري جاڳائي وجهي.“

مٿيان لفظ رابن اُبڪارين جا آهن، جيڪي هُن هڪ ٻارنهن ورهين جي سراجيوو ڇوڪري، زلاٽا فِليپووِڪ جي ڊائريءَ کي متعارف ڪرائيندي لکيا آهن. هو لکي ٿو تہ زلاٽا اينڊرز 3 ڊسمبر تي تيرهن ورهين جي ٿي ويندي. هن پنهنجي ڊائري لکڻ جي شروعات 1991ع ۾ پنهنجي يارهين جنم ڏينهن تي ڪئي هئي، جيڪا سندس ٽيچر بوسنيائي لڙائيءَ جي مخالف گروهہ جي حوالي ڪئي هئي، جنهن اُها گذريل جولاءِ ۾ شايع ڪرائي آهي.

---

* ZLATA FILIPOVIC (1980): Bosnian Croat Writer and Author of the Book, Zlata's Dairy.

انسان پنهنجي تهذيب يافتہ هجڻ جي ثابتيءَ ۾، مختلف حوالن سان جيڪو انساني رت وهايو آهي، تاريخ جا ورق اُن سان ڀريا پيا آهن، پر ادب جنهن اک سان رتوڇاڻ جي انهن واقعن کي ڏسي ٿو، اُها انساني قدرن ۽ رشتن جي شناس ۽ ڄاڻ رکي ٿي. ٻي عظيم جنگ دوران نازين جي ظلم ۽ بربريت جا داستان ڪتابن جي ورقن ۽ فلمن جي ويڙهن ۾ محفوظ پيا آهن، پر اين فرئنڪ جي ڊائريءَ کي اهم جاءِ انهيءَ ڪري حاصل آهي جو اها ڊائري عالمي ادبي دنيا ۾ انساني ضمير جي آواز طور ڄاتي وڃي ٿي، جنهن تهذيب يافتہ انسان کي لوڏي ڇڏيو آهي. اهڙي ئي هڪ ڏک ڀري ڊائري زلاٽا فِلپووِڪ جي آهي. جنهن ۾ هن انهيءَ معصوم سچائيءَ سان بوسنيا ۾ ٿيندڙ انساني ڪوس جي واقعن تان، پنهنجي پتڪڙي هٿ جي ننڍڙين ۽ نازڪ آڱرين ۾ قلم جهلي، پردو کنيو آهي، جنهن معصوم سچائيءَ سان لوڪ ڪهاڻي واري ننڍڙي معصوم ٻار، ساراهيندڙ سموري رعايا جي وچ مان جلوس ۾ گذرندڙ، سندن اگهاڙي بادشاه کي اگهاڙي هجڻ جو سچ ٻنان ڊپ ڊاءُ جي چئي ڏنو هو.

گذريل اونهاري ۾، جڏهن سراجيوو ۾ ڊائريءَ کي ڇاپڻ جي خاص تقريب ۾ پڌرو ڪيو ويو تہ زلاٽا ماڻهن جي ميڙ کي ٻڌايو تہ کيس گهيري ۾ قاتل هڪ اهڙي تارو وانگر محسوس ٿيو هو، جنهن کي سندس مرضيءَ جي اُبتڙ ٿڌي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هجي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ”آئون پاڻ کي عجب ۾ اُداس، ناخوش ۽ ڊنل محسوس ڪريان ٿي، ۽ مون کي حيرت آهي تہ اُهي مون کي ڪيڏانهن وٺي پئي ويا. مون پنهنجي ٻالپڻ جو مزو ماڻيو. آئون اُتي سرگرم هيس، ٻين ٻارن وانگر خوش هيس، جن جو ٻالپڻ برباد ڪيو پيو وڃي.“

سراجيوو جي نياڻي، زلاٽا فِلپووِڪ جو پنهنجي ڊائريءَ ۾ اوتيل ڏک ۽ خوف هيٺين حصي مان محسوس ڪري سگهجي ٿو:

26 ڊسمبر، 1991ع

موسيقيءَ جي اسڪول ۾ اڄ سال جو آخري ڏينهن هو. آئون موسيقيءَ جي اسڪول جي امتحان ۾ ’اي سُپر‘ ۾ پاس ٿي آهيان. سَٽريسپِسي ٿي. وي وارن کي خط لکيو هئم، جن انعام طور ’ننجا ٽرٽلس شو‘ جو ٽڪيٽ ڏياري موڪليو آهي. ڪالهه ڪرسمس جو ڏيهاڙو هو ۽ اسان مارٽينا ۽ ماتيئا سان ملڻ وياسين. امان ۽ بابا جن سردان کي ديرووَنڪ ۾ تحفو موڪليو. ديرو وَنڪ ۾ چتي ويڙهه جاري آهي. يومِ نؤ سال ويجهو آهي. خبر ناهي، اسان اهو ڏهاڙو ڪٿي يا ڪنهن سان ملهائڻ ويندا سين.

30 مارچ، 1992ع:

هيلو ڊائري! توکي خبر آهي ته آئون ڇا ٿي سوچيان؟ اين فرئنڪ پنهنجي ڊائريءَ جو نالو ’ڪِٽي‘ رکيو هو. ٿي سگهي ٿو، آئون به توکي ڪو نالو ڏيان: اسفالٽينا، سيفيڪا، سيوالا، مِمي يا ٻيو ڪو؟ آئون توکي مِمي ڪري ڪوٺينديس... سِپاٽي، چيو اٿن ته اسان کي اسڪينڊريجا جي ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي محفل ۾ وڃڻ گهرجي. منهنجي ٽيچر چيو آهي ته اسان اوڏانهن نه وڃون- اُتي ڏهه هزار ماڻهن ۽ ٻارن جو ميڙ هوندو- معاف ڪجو- ۽ متان ڪو اسان کي يرغمال نه ڪري وٺي يا موسيقيءَ جي هال ۾ بم نه ڦٽو ڪري. امان مون کي چيو ته نه وڃ، تنهنڪري نه وينديس. مون کي اها ڳالهه ٻڌائڻ جي همت ئي نٿي ٿئي. ميليڪا هيئر ڊريسر جي دڪان تي ٻڌو ته چنچر جو، 4 اپريل تي سراجيوو تي بم اُڇليو ويندو.

3 اپريل، 1992ع:

پياري مِمي، جيڪڏهن سراجيووتي ڪو بم اُڇلي ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ عذرا اڄ آسٽريا ڏانهن اُسهي ٿي. ڪيس لڙائي ڪان ڊپ تو ٿئي. آئون ايمر- ريڊيو ٻڌان پيئي. آئون پاڻ کي وڏيڪ محفوظ پئي محسوس ڪريان. امان چوي ٿي ته ميليڪا

جيڪي هيئر ڊريسر جي دڪان تي ٻڌو آهي، اها خبر غلط آهي. او خدا! شل ائين ئي هجي. مِمي، مون کي توسان محبت آهي.

**6 اپريل، 1992:**

(سراجيوو جو گهيرو شروع ٿي ويو آهي). هتي ڪابه شيءِ ۽ ڪوبه ماڻهو محفوظ ناهي! باسڪرسيجا تباهه ٿي وئي آهي. ماڻهو ڪالهه کان پارليامينٽ ۾ آهن. منجهانئن ڪي پارليامينٽ جي سامهون ڏرڙو ڏيئي وينا آهن. هاڻي هاليڊي ان (هوٽل) جي ڇت تان مٿن گوليون پيا هلائين. ٿي سگهي ٿو ته اسان تهخاني ۾ هليا وڃون. تون، مِمي، پڪ سان مون سان گڏ هلندينءَ. آئون ڏاڍي پريشان آهيان. مِمي، هتي لڙائي پيئي هلي! هاڻي ماٺ ڪري ويهه! گهر جي آس پاس هاڻي گولين جا آواز نه پيا ٻُڌجن. ٺڪ ٺڪ. آئون بخت جي بهتري لاءِ ڪاٺ تي ٺڪ ٺڪ ڪريان ٿي. ساهه کڻان ٿي! اهو سڀ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. پر آهه! هو وري پيا گوليون هلائين؟؟!

**15 اپريل، 1992ع:**

پياري مِمي، موجميلو جي گهر تي خطرناڪ گوليون پيون هلن... ڪيڪا، براڪو ۽ امان سڀ روئن پيا. ۽ 'هو' ٺڪرين تان اسان ڏانهن دستي بمن سان رڙهندا وڌندا پيا اچن. اوهه! ماڻهو ڇو ٿا لڙايون ڪن؟

پيار مان زلاٽا.

**23 اپريل، 1992ع:**

سراجيوو ۾ اجوڪو ڏينهن ڏاڍو خوفناڪ هو. هر طرف کان گولا پيا ڦاٽن، ماڻهو ۽ ٻار پيا مرن، هر هنڌ گوليون پيون هلن. اسان شايد سموري رات تهخاني ۾ گذاريون. هاڻي آئون تيار ٿي رهي آهيان. ڪيڪ، جوس، تاس جي جوڙي ۽ ٻيون شيون پنهنجي شولڊر بئگ (ڪُلهي- ڳوٿري) ۾ وجهان ٿي. ۽ توبن جي گولين ۽ بارود ڦاٽڻ جا آواز ٻڌان ٿي.

پيار مان زلاٽا.

28 اپريل، 1992ع:

پياري مِمي... واۀ! هرڪو سيبئي هليا ويا. رڳو آئون پنهنجي ٻوستن ڪان سواءِ هتي رهي پيئي آهيان.

29 اپريل، 1992ع:

پياري مِمي... هن لڙائيءَ جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکنديس، جيڪڏهن لکي سگهيس. پر اهي سمورا ڏُکارا واقعا ياد ڪريان ٿي تہ برداشت نٿي ڪري سگهان. آئون انهن کان ڏاڍي بيزار ٿي ويئي آهيان! مون تي ناراض نہ ٿج.

پيـر مان زلاٽا.

20 مئي 1992ع:

پياري مِمي، 5 مئي تي پارڪ ۾ بم گولوڪريو. گهڻائي ماڻهو زخمي ٿيا... سلميٰ گردي کان وانجهجي ويئي ۽ نينا مري ويئي. شيل جو ٽڪر سندس مغز ۾ گهڙي ويو ۽ هوءَ مري ويئي. اوهہ، هوءَ ڪيڏي پياري ۽ سٺي ڇوڪري هئي! اسان ڪنڊرگارٽن ۾ گڏ هيوسين ۽ پارڪ ۾ گهڻو ڪري گڏجي کيڏينديون هيوسين. آئون نينا لاءِ هڪ گلدستي جي تصوير ناهينديس، جيڪا هِن ٻُچان ڏيندڙ لڙائي ۾ مارجي ويئي!

27 مئي 1992ع:

پياري مِمي... قتل ! رتوڇاڻ! ڌهڪاءُ! ڌوهہ! رت! رڙيون! اهو واسو مِسڪِن گهٽيءَ جي اڄوڪي منظر جو تفصيل آهي. بہ گولا گهٽيءَ ۾ ڪريا ۽ هڪ گولو مارڪيٽ ۾ ڪِريو. امان تہ تمام پرسان هئي. بابا ۽ آئون تہ ڇريا ٿي پيا هئاسين جو امان واپس نہ موٽي هئي. انين وڳي شام جو بابا امان جي پڇا ڪرڻ لاءِ اسپتال وڃڻ جو فيصلو ڪيو، پر گهڙي ڪن کان پوءِ اسان ڪيس پُل تان ٻوڙندي ايندو ڏٺو. هوءَ جڏهن گهر ۾ گهڙي تہ سموري ڏڪي پئي. ايندي ئي چيائين، ”مرن ماڻهن کي ڪُسجندي ڏٺم! “

18 جون، 1992ع:

اسان جو ٻه سوءِ سالہ پراڻو ڏوبرو سيويسي وارو گهر ساڙي ڇڏيائون. (اسان اُتي گذريل اونهارو گذاريو هو). سمورو سڙي ويو پيڙهہ جي پٽر تائين. اسان جا پاڙيسري زِگا، ميهو ۽ بيسِر مارجي ويا. ڊاڪٽر جو گهر پڻ سڙي ويو. ڪافي ماڻهو قتل ٿي ويا.

26 جون، 1992ع:

ڪَن ٽا ڪاڄن! گولي پيئي هلي! گولا پيا ڦاٽن! ماڻهو پيا مارجن! مايوسي! بُک! مصيبت! ڏهڪاءُ! اها منهنجي زندگي آهي 11 سالہ معصوم اسڪولي ڇوڪريءَ جي زندگي!!!

14 آگسٽ، 1992ع:

پياري ممي... گذريل ڏينهن کان وٺي اسان وٽ نہ پاڻي آهي نہ بجلي.

15 سيپٽمبر، 1992ع:

پياري مِمي... منهنجي ادبي سنگت جو هڪ ڇوڪرو مارجي ويو. هڪ گولو عمارت جي سامهون اچي ڪريو ۽ اُن جي هڪ خوفناڪ حصي، ڪيٰ پنهنجي بَک بنائي ڇڏيو. ندايا... هي ڇا ٿيو ٿئي....؟ •••

لکن تا. مون ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ڪو انهيءَ کي ڪتابي شڪل ڏينديس.“

زلاتا مِمي کي ٻڌايو ته هوءَ سياست ۾ دلچسپي نٿي رکي. اڄ هوءَ وڌيڪ چوي ٿي، ”مون کي سياست ۽ سياستدانن کان نفرت آهي ڇو جو اُهي لڙائي چاهين ٿا. پر ظاهر آهي ته سياستدانن جي پيٽ ۾ ماڻهو وڌيڪ قاتل آهن. سراجيوو ۾ اسان کي فلاحي تنظيمن کان کاڌو ۽ ٻيو سامان ملندو هو. پر اهو ڪافي نه هو. اوهان جو پيٽ ڀريل هو پر اوهان ڪنهن به وقت مري سگهيا ٿي. اهو ڪافي ناهي ته اُهي رڳو کاڌو موڪلين ۽ لڙائي بند نه ڪرائين. اها ڪافي وڏي مدد ٿيندي جيڪڏهن اُهي لڙائي بند ڪرائيندا.

زلاتا لاءِ اُها لڙائي اڻين ناهي ته سرب مسلمانن کي گوليون هڻي مارين ٿا. نه، اها لڙائي نينا جو موت آهي، جيڪا ساڻس گڏ راند ڪيڏندي هئي. ڪيس بم جي، گولين سان ماريو ويو، جنهن ”سندس کوپري ڦهي رکي.“ زلاتا 7 مئي 1992ع تي لکيو، ”هوءَ ڏاڍي سٺي ڇوڪري هئي. اسان ڪنڊرگارٽن (ڪي. جي اسڪول) گڏ ويندا هئاسين، اسان پارڪ ۾ هميشه گڏ ڪيڏندا هئاسين. نينا، مان ڪيس ورې ڪڏهن به ڏسي نه سگهنديس، نه، اها اڻ ٿيڻي آهي. نينا، فقط ٻارهن ورهين جي نينا- واهيات لڙائيءَ جو معصوم نشانو! مان اُداس آهيان. مان رڙان ٿي ڇو ته مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هوءَ ڇو مري ويئي. هن ڪنهن جو ڇا ڦٽايو هو.“

اوهان سندس تازگي ۽ سادگي ۾ سندس 13 سالن جي خوبصورتي ڏسي سگهو ٿا، پر سندس لفظ گهري سوچ ۽ ٻي وقتي ڏاهپ جو ڏس ڏين ٿا. اها ڏاهپ هن تمام جلدي ۽ وحشت سان حاصل ڪئي هئي. ”لڙائي کان اڳ.“ هوءَ چوي ٿي، ”اسان کي.اها خبر نه هئي ته ڪير مسلمان آهي، ڪير دين تي پڪو آهي اسان ڪڏهن انهيءَ باري ۾ سوچيو به نه هو. سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي، ’هو سٺو آهي يا خراب؟‘ ٻيو ڪجهه به نه.

جڏهن بم ڪرڻ شروع ٿيا ته ماڻهو پنهنجي تهخانن ۾ وڃي پيا. مون سمجهيو ته اُتي هيٺ، ڪي ڏائڻيون هيون. اُتي اوندهه

هئي ۽ منجهانئس ڏپ ٿي آئي. پر جيئري رهڻ جو اهوئي واحد رستو هو. ”بمن بارن کي جلدي وڏو ڪري ڇڏيو، پوءِ اُهي اٿهن سان هري ويا. ”پهريںءَ مان ڏجي ويس، مان سچ پچ پوَ ۾ ورتل هئس. مان رئڻ ۾ اچي چنڪيس. پوءِ اهو سمورو نيڪ ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن انهن گوليون هڻڻ شروع ڪيون تہ پوءِ رڳو بُليٽ پروف صدري پائڻي هئي ۽ تهخاني ۾ وڃڻو هو. هڪ قسم جي مشين بنجي وياسين. هر ڳالهہ تي، سنين ڳالهين ۽ اڻ وڻندڙ ڳالهين تي هري مري وياسين.

هڪ ڳالهہ جنهن سان زلاٽا فرانس ۾ هِري ناهي، اُها آهي بوسنيا يا سراجيوو جي بمباريءَ جي باري ۾ ٽيليويزن تان خبرون. ”مون کي گهر، گهٽي، هر پاڙي جي خبر آهي.“ هوءَ چوي ٿي، ”اُهي ويجها هجن، منهنجي رشتدارن جي گهرن کان پري هجن_ مون کي انهن جي خبر آهي... ٽيليويزن تان هر هر ساڳيون تصويرون ڏيکاريون وڃن ٿيون. مان سمجهان ٿي تہ اوهين انهن کان ڇو بيزار آهيو. بعضي مان پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪريان ٿي. مان هتي ڇو آهيان؟ مون وٽ پاڻي، بجلي ۽ کائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي. بيا سڀ اجا سراجيوو ۾ آهن، ۽ مون کي خبر آهي تہ سراجيوو ۾ ڪيئن ٿو رهجي.“

پوءِ بہ هوءَ گهڻوڪري مشڪي ٿي، ڇڻ اهڙيون بي مزي ڳالهيون چوڻ لاءِ پاڻ کي معاف ڪندي هجي. پئرس ۾ پنهنجي هم عمر نون دوستن سان، زلاٽا پنهنجي گذريل زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌائڻ نٿي چاهي. ”اهي ٻار آهن.“ هوءَ چوي ٿي. ”انهن ڳالهين جي باري ۾ ڳالهائڻ درست ناهي.“ اهي سندس هم عمر آهن پر زلاٽا مختلف نموني کائڻ پاڻ کي وڏي ڄمار جي محسوس ڪري ٿي. سمورا ٻار جيترو جلد ٿي سگهي وڏي ڄمار جا ٿيڻ چاهين ٿا. زلاٽا ائين نہ ڪيو هو. ”لڙائي اوهان کي جلدي وڏو ڪري ٿي. مان ٻار ناهيان.“ هوءَ چوي ٿي ۽ سندس اکيون ٿورو مشڪن ٿيون. ”جڏهن لڙائي نڳل هوندي آهي تہ ٻار پنهنجي گريدن، ٽيسٽن يا پنهنجي دوستن جي بہ پرواهہ نہ ڪندا آهن، جيڪڏهن گوليون هلنديون آهن

جيڪڏهن بجلي هوندي آهي يا نه، ڪين پاڻيءَ جو فڪر ٿيندو آهي. ڪين پارن جا مسئلا ننڍا هجن. ڪين اُهي ئي مسئلا هوندا آهن جيڪي سندن والدين ڪي هوندا آهن. اها ڳالهه مون کي هڪ ڏينهن سمجهه ۾ آئي. نه سوئٽس، نه ڪئنڊي، نه دوست. مون وٽ منهنجو ننڍپڻ ختم ٿي ويو هو، جيڪڏهن اهو اوهان وٽ نٿو رهي ته ان جو مطلب: اوهان ٻار نه رهيا آهيون. اوهان ٻيو ڪجهه آهيو. پئرس ۾ پڻ مون لاءِ ساڳي ڳالهه اهي. جڏهن سراجيوو ۾ لڙائي ختم ٿيندي تڏهن شايد مان وري ٻار ٿي پوان.“

۽ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي پراڻن دوستن سان ڳالهائين سگهي ته هوءَ ڪين اهو چوندي، ”نوجوانو، اوهان کي خبر آهي، خبردار رهجو، ٻاهر نه وڃجو، سنا ٽجو... پر اها سڀ بي وقوفي آهي. جيڪي ڪجهه مان ڪين چونديس، اهو سڀ بيوقوفي هوندي. مان ائين چوان ٿي ته مان اوهان جي باري ۾ سوچيان ٿي ۽ اهو به بيوقوفي آهي. مون خط لکڻ شروع ڪيو، مون اهو ٻيهر پڙهيو ۽ اهو مون کي بيوقوفي لڳو.

ڇا صحافين سان ڳالهائڻ ۽ انٽرويو ڏيڻ به بيوقوفي آهي؟

”مون کي خبر ناهي، ٿي سگهي ٿو. مان ته گهٽين ۾ مئل ماڻهن ۽ زخمين جون ساڳيون تصويرون ڏسي بيزار ٿي چڪي آهيان. مان اُهي شيون ڏسڻ چاهيان ٿي، جيڪي ٻئي نقطه نظر کان هجن: سراجيوو ۾ روزمره زندگي ڪهڙي آهي؟ اها ٻارن لاءِ ڪهڙي آهي؟ مئل ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪنهن فلم مان ڪجهه ٻاهر هجي، ڪجهه غير حقيقي. روزمره زندگيءَ جا مسئلا وڌيڪ حقيقي آهن. عوام جي دلچسپيءَ جي ويجهو.

سراجيوو ۾ روزمره جي زندگي ساڳي ئي ساڳي آهي. زلاتا ٻڌائي ٿي ته اُها زندگي اسڪول ۾ ياد ڪرڻ جهڙي هڪ اُداس گيت وانگر لڳي ٿي. ”صبح جو مان گهٽو ڪري گولين جي آواز تي ڇٿين وڳي صبح جو جاڳندي هئس مان پنهنجي گرم بستري مان اُٿي برف تيل وهنجڻ جي جاءِ ۾ ويندي هيس جتي پاڻي نه هوندو هو. تنهن ڪري بوتل مان پاڻي گلاس ۾ اوتي منهن ڌئندي

هيس. پوءِ مان بورچي خاني ۾ ويندي هيس ۽ پنهنجي ماءُ کان نيرن لاءِ پڇندي هيس. هو اُداس ٿي ويندي هئي ۽ هميشہ ساڳي ڳالهہ چوندي هئي، توکي خبر آهي تہ پاڻ وٽ کاڌي لاءِ ڇا آهي: ٻي مختلف شيءِ تہ نہ اٿم.“ اسان اهوئي کائيندا هئاسين، جنهن جو بندوبست ٿي سگهندو هو. پر سيئي بد سواد شيون هونديون هيون. ڪڏهن فلاحي تنظيمن کان کاڌو ملندو هو. اسان سچ پچ ڳڏيل قومن جي اداري جا شڪرگذار آهيون، پر جڏهن اوهان کي ٻن سالن کان ساڳي شيءِ کائڻ لاءِ ملي تہ پوءِ آخر ۾ اُهي شيون اوهان کان برداشت نہ ٿينديون. پوءِ اسان ٻاهر ويندا هئاسين ۽ پاڻي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. يا پوءِ فليٽ ۾ بند رهندا هئاسين. مان پڙهندي هيس يا پوءِ پيانو وڄائيندي هيس. بعضي منهنجي ماءُ ٻاهر ڪم تي ويندي هئي، پر رڳو ڪڏهن ڪڏهن، پوءِ سچ پچ آءٌ چري ٿي پوندي هيس. مان سڄو وقت دريءَ مان پيئي گهوريندي رهندي هيس تہ ڪڏهن ٿي امان واپس موٽي.“

”جڏهن پاڻي ايندو هو يا بجلي يا گئس ايندي هئي تہ اسان هن ڌرتيءَ جا خوش نصيب ترين ماڻهو هوندا هئاسين. پر جڏهن اوهان وٽ بجلي ۽ گئس هجي تہ اوهان کي ٻيو ڪجهہ بہ گهرجي. هاڻي سراجيوو ۾ ڪين رڳو بجلي گهرجي. اهي سڀ شيون بند ڪري ڇڏين ٿا. پوءِ اوهان ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڳو ڪرسيءَ تي ويٺا هجو. اوهان ٻي ڪنهن ڳالهہ جي باري ۾ سوچي بہ نٿا سگهو. اوهان پلاسٽڪ جي ٽڪري وانگر ٿي ويندؤ... مان ڪڏهن بہ لڙائي جو خواب نہ ڏسندي آهيان.“ زلاٽا مشڪندي چوي ٿي، ”مان جڏهن ننڊ ۾ سمهيل هوندي آهيان تہ محفوظ هوندي آهيان. مان بمن جي باري ۾ تڏهن سوچيندي آهيان جڏهن جاڳيل آهيان. •••

# مون کي پيار ڪندي رهج...!؟*

نيپوليئن بوناپارٽ



’ناممڪن لفظ جنهن جي
ڊڪشنريءَ ۾ نه هو، انهيءَ
بهادر نيپولين جو خط
پنهنجي سڀ کان پهرين
محبوبا دزايري جي نالي،
جنهن کي هوُ ساري ڄمار
وساري نه سگهيو.‘

پياري!

آئون بيحد اُداس ٿي ايوُگناڻ پهتو آهيان. هڪ ڊگهو عرصو مون کي توکان پري رهڻو پيو، انهيءَ ڪري هيءُ سفر مون کي ڏکيو ۽ تڪليف وارو لڳو.

”آئون توکي هميشه پيار ڪندي رهنديس.“ تنهنجي واعدي جي اِهائي آس بس، منهنجي ڏک کي گهٽ ڪري ڇڏي ٿي ۽ آئون سڀ ڪجهه برداشت ڪري وڃان ٿو.

پئرس پهچڻ کان اڳ مون کي تنهنجو ڪو به خط نه ملي سگهندو. اهو ڪڏهن منهنجو اُتساهه وڌائيندو ته آئون جلد کان جلد اُتي پهچي ڏسان ته تنهنجا ڪهڙا ڪهڙا احوال منهنجو انتظار ڪري رهيا آهن.

سڀاڻي شام جو لِينس پهچي ويندس، هاڻي موڪلاڻي! مون کي نه وسارج... ۽ مون کي پيار ڪندي رهج، جيڪو زندگيءَ لاءِ تنهنجو آهي. ـ نيپولين بونا پارٽ•••

---

* NAPOLEON BONAPARTE (1769-1821): French Military and Political Leader.

# توکي ڪھڙي خبر!؟*

جان ڪيٽس



چاتل سڃاتل برطانوي شاعر جان ڪيٽس جو پريم-پتر ھڪ انام ڇوڪريءَ جي نالي:

منھنجي پياري،

مان اڄ صبح جو سير تي ويس، ھٿ ۾ ھڪ ڪتاب کڻي. پر ھميشه وانگر ڪنھن ٻئي جي نه بلڪ تنھنجي ئي خيالن ۾ گم ھئس. ڪاش، مان توکي انھيءَ جو ويساھ ڏياري سگھان! مان ڏينھن رات اھڙي پيڙا ۾ ورتل آھيان جا سَنئي نٽي ٿئي اڄڪلھ اھي منھنجي اٿلي وڃڻ جون ڳالھيون ڪري رھيا آھن ۽ مان اھو محسوس ڪريان ٿو ته مان ڪڏھن تندرست نه ٿي سگھندس جيستائين تون مون کان الڳ ھوندينءَ. پر تنھنجي پڪ ڏيارڻ جي باوجود شايد مان تنھنجو ويساھ جيتي نه سگھندس. منھنجا گذريل تجربا، جيڪي تنھنجي ۽ منھنجي الڳ ٿيڻ سان جُڙيل آھن، مون کي بي حد دکي ڪن ٿا، جن جي باري ۾ ڳالھائڻ جي ضرورت ناھي.

ھاٽي ٻه تنھنجي ممي ايندي آھي، مان ڪانئس ھڪدم پڇندو آھيان ته ڇا اھا مسز ڊائڪ ڏانھن ويئي ھئي، جنھن تي سندس ورندي مون کي خوشي ڏيڻ کان انڪاري ٿئي ٿي. مان موت جو منتظر آھيان جو منھنجي لاءِ رڳو اھوئي رستو آھي. مان وساري نٿو سگھان جيڪي مون سان گذريو آھي. ڪو ٻيو دنياوي

---

* KEATS, John (1795-1821): A Finest Poet of Romantic School of Writing.

شخص تي سگهي ٿو اهو وساري ڇڏي. پر مون لاءِ اهو هڪ ڏاڍي ڏيڇاريندڙ ڳالهه آهي. مان پنهنجي زندگي کان انهيءَ کي الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. جڏهن تون برائون سان پريم جو ناٽڪ ڪندي هئينءَ ۽ ساٽس گڏجي ويندي هئينءَ، منهنجي دل جي حالت جو اندازو نہ ڪري سگهئينءَ. برائون ڇڱو ماڻهو هو. پر ڪيس ڪهڙي سُڌ هئي تہ هو مون کي هوريان هوريان موت جي منهن ۾ اڇلي رهيو هو. مان انهن گهڙين جو اثر هينئر بہ محسوس ڪريان ٿو.

مون کي توکان خبر پئي تہ ڪجهہ ورهين جو انتظار خراب نہ لڳندوآهي. تو خوب مزو ماڻيو، تنهنجي دل مون کان الڳ رهي. ڇڻ مون هڪ ويچار ورهين لاءِ سَنو پر تون سهي نٿي سگهينءَ.

تون منهنجي لاءِ هڪ بيحد ضروري شيءِ آهين- ۽ جنهن هنڌ تون نہ هجين، منهنجي لاءِ اُتي رهڻ گناهہ آهي. مان تنهنجي لاءِ ڪٿي بہ ناهيان.

تو وٽ هزارين ڪم آهن. تون مون کان سواءِ خوش رهي سگهين ٿي. ڪابہ مصروفيت يا ڪوبہ ڪم جيڪو ڏينهن ڪڍي وڃي، تو لاءِ ڪافي آهي. تو گذريل مهينو ڪيئن گذاريو؟ اهي سموريون ڳالهيون تون مون ۾ نہ ڏسندينءَ. تون اهڙو تجربو نٿي ڪري سگهين، جهڙو مان. توکي ڪهڙي خبر، پيار ڇا ٿيندو آهي؟

مان ڏٺيءَ جي نالي توکي عرض ٿي ڪريان تہ جيڪڏهن گذريل مهيني ڪو اهڙو ڪم ڪيو آهي، جو مون کي پيڙا ڏي تہ مون کي نہ لکج. ٿي سگهي ٿو تون بدلجي ويئي هجين ۽ جيڪڏهن تون نہ بدلي آهين ۽ تفريح ماڻڻ ۾ مگن آهين تہ مان جيئرو رهڻ نٿو چاهيان...! ۽ جيڪڏهن تو ائين ڪيو تہ منهنجي مرضي اها هوندي تہ هيءَ رات منهنجي آخري رات هجي. •••

# شايد مون توکي غلط سمجهيو هو!*

## ابراهم لنڪن



معمولي ڪاٺير جو بدصورت چوڪرو، جنهن جي سيرت امريڪا جو صدر بنجي غلامن جي واپار جي بدنما داغن کي امريڪا جي چهري تان مٽائي ڇڏيو. ابراهم لنڪن جي صدر ٿيڻ کان ڪئين سال اڳ ميري ڪووَنس کي لکيل خط.

سپرنگ فولڊ: 7 مئي 1837ع

پياري دوست ميري،

هن خط کان اڳ ٻه خط لکي ڦاڙي چڪو آهيان، ڇو جو پهريون خط گنڀير نه ٿي سگهيو هو ۽ ٻيو ڪجهه وڌيڪ ئي گنڀير ٿي ويو هو. هاڻي هي خط جهڙو به لکيم، موڪلي ڇڏيندس.

تو وٽ اچي رهڻ جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون اسان ٻنهي ۾ ٿيون هيون، انهن تي آئون اڪثر سوچيندو رهندو آهيان، مون کي ڊپ آهي ته تون هتي مطمئن ٿي نه رهي سگهندينءَ. هتي بگين جي گهٽي چهل پهل رهندي آهي. تون انهن کي هر روز ڏسندينءَ پر پاڻ اهڙي شان شوڪت سان رهي نه سگهندينءَ! توکي ترسڻو پوندو، جو ته توکي غريبيءَ ۾ بسر ڪرڻو پوندو... ۽ تو وٽ پنهنجي غريبيءَ کي لڪائڻ جو جڳاڙ به نه هوندو! ڇا توکي ويساهه

---

* IBRAHAM LINCON (1809-1865): President of USA

آهي تہ تون اِهو سڀ ڏيرج سان سهي سگهين ٿي؟ تون يا جيڪا بہ منهنجي زندگي جي ساٿياڻي بڻبي، آئون ڪيس خوش ۽ مطمئن رکڻ ۾ ڪثر نہ ڇڏيندس. جيڪڏهن آئون اُن ڪي نہ ڪري سگهيس تہ سنهنجي لاءِ بيحد ڏک ۽ بدنصيبي ٿيندي. توسان گڏ رهي.

آئون اڄ ڪي نظرانداز ڪري سُکي زندگي گذاري سگهندس. پر مون تنهنجي چهري تي بي اطمينانيءَ جي جهلڪ ڏسي ورتي تہ منهنجو سمورو سُک مٽي ۾ ملي ويندو. اهو حو تو چيو هو، شايد ڪِل يوڳ ۾ چيو هو، يا مون ئي توکي غلط سمجهيو هو. جيڪڏهن ائين آهي تہ چڱو ٿيندو تہ اسان انهيءَ ڳالهہ کي وساري ڇڏيون. پر مون توکي ٺيڪ سمجهيو هو تہ آئون چاهيندس تہ تون فيصلو ڪرڻ کان اڳ گمڀيرتا سان سوچي ڏسين. آئون تنهنجي فيصلي مطابق هلڻ لاءِ تيار آهيان.

تون مون کي هڪ تمام وڏو خط لکج. تون جيڪو ڪجهہ لکندينءَ، اُهو تي سگهي ٿو تہ توکي ٺيڪ نہ لڳي، پر منهنجي لاءِ هتي رش جي اڪيلائپ ۾ اُهو هڪ سٺي ساٿي جو ڪم ڏيندو.

_ ابراهم لنڪن

لنڪن جي شاديءَ جي آڇ کي ميري ڏاڍي بي رحميءَ سان انڪار ڪيو هو. ●●●

# چيخوف جو گورڪيءَ ڏانهن لکيل جوابي خط

يالٽا 3 فيبروري 1900ع

تنهنجو خط مليو- مهرباني.

ٽالسٽاءِ ۽ "انڪل وانيا" جي باري ۾ تنهنجون سِٽون پڙهيم "انڪل وانيا" کي مان اسٽيج تي نہ ڏسي سگهيس. هتي يالٽا ۾ خطن کان سواءِ خوشي، سان زنده رهڻ ڪافي مشڪل آهي.

توکي ڦڦڙن جي بيماري آهي تہ پوءِ نجني ۾ ڇو رهيو پيو آهين؟ ٿررو سوچ، نجني ۾ توکي ڪهڙي مدد ملي سگهندي؟ انهيءَ شهر کي تون ڇا جي ڪري چهٽيو پيو آهين؟ جيڪڏهن توکي ماسڪو پسند آهي تہ لِک، تون ماسڪو ۾ ڇو نٿو رهڻ چاهين؟ ماسڪو ۾ ٿيئٽر آهن، ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي. نجني ۾ رهندي، تون سڀ چمار اڳتي وڌي نہ سگهندين. تون گهڻو ڏسڻ چاهين ٿو، ڄاڻڻ چاهين ٿو... پنهنجي نگاهہ کي زنده رکڻ چاهين ٿو. مون کي خبر آهي تہ تنهنجو تصور ڪافي تيز آهي، پر اهو انهي تندور وانگر آهي جنهن کي ٻارڻ نہ ملي. ڪوبہ شخص انهيءَ کي محسوس ڪري سگهي ٿو ۽ خاص ڪري ڪهاڻين ۾.. تون ٻن يا ٽن ڪردارن کي، پيش ڪرين ٿو، پر اُهي ڪردار ميڙ کان الڳ رهن ٿا. ڪوبہ سمجهي سگهي ٿو تہ اهي ڪردار رڳو تنهنجو تصور آهن... عوام سان انهن جو ڪو سنبنڌ ناهي. اها تنقيد مان تنهنجي سڀني تخليقن (جهڙوڪ 'منهنجي سفر جو ساٿي') جي باري ۾ نٿو ڪريان. تنهنجي سڀني تخليقن ۾ ڪردارن سان گڏوگڏ انهي سموري سرحدن جي جهلڪ ڏسجي ٿي، جتان اُهي آيا آهن. سندن پس منظر ۾ سموريون انساني سچايون لڪل رهن ٿيون. ڏس، مان ڪيڏو ليڪچر ڏيئي رهيو آهيان توکي!

هاڻي توکي نجني ۾ نہ رهڻ گهرجي. تون هڪ جوان شخص آهين. رشٽ پشٽ آهين، سگهارو آهين، جيڪڏهن تنهنجي جڳهہ تي مان هجا ها تہ هندستان وڃان ها. اهڙي طرح مان ٻيا ملڪ ڏسان ها. ٻن يا وڌيڪ يونيورسٽين مان ڊگريون وٺان ها. ها، مان بلڪل ٺيڪ ٿو چوان. تون ڪلندين، پر ڇا ڪريان، چاليهن سالن جي هن ڄمار ۾ ساهہ سان گڏوگڏ ٻين گهٽين بيمارين مون کي گهيري رکيو آهي. خير، هڪ سٺي دوست ۽ ساٿي وانگر تون منهنجي هن پادري جهڙي خطبي جي ڪري ناراض نہ ٿج.

مون کي خط لکج. مان 'فوما گارڊيو' پڙهان پيو... اڃا تائين ڊنگ، سان انهيءَ کي ڏٺو بہ نہ اٿم.

تنهنجو: چيخوف•••

# مري بہ وڃون تہ ڇا!*

## موهن داس ڪرمچند گانڌي



سنت ۽ سياستدان (ڀارت جي) ديش پتا مهاتما گانڌي جو خط ڏکڻ افريقا جي جيل مان لکيل پنهنجي زال ڪستوربائيءَ جي نالي.

9 نومبر 1908

تنهنجي طبيعت جي باري ۾ مسٽر ويهر اڄ تار موڪلي آهي. منهنجي دل چُور چُور ٿي رهي آهي. تنهنجي خدمت جي لاءِ پهچي سگهان، اهو ممڪن ناهي. ستياگره جي لڙائيءَ ۾ مون سڀ ڪجهہ ارپي ڇڏيو آهي. آئون اتي اچي ئي نٿو سگهان. ڏنڊ ڀريندس، تڏهن اچي سگهندس. پر ڏنڊ تہ هرگز نٿو ڏئي سگهجي! تون همٿ ٻڌي رهہ. نيم سان کاڌو کائيندينءَ تہ ٺيڪ ٿي ويندينءَ. پوءِ بہ منهنجي نصيب مان تون ويندينءَ ئي، ائين ٿيو تہ آئون توکي ايترو ئي لکان ٿو تہ تون جدائيءَ ۾، منهنجي جيئري هلي ويندينءَ تہ خراب ڳالهہ نہ ٿيندي. منهنجو سنيهہ تو تي ايترو آهي جو مرڻ تي بہ تون منهنجي من ۾ زنده ئي رهندينءَ! اهو آئون پڪ سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن تون هلي ئي ويندين تہ تنهنجي پويان آئون بي

---

* MOHANDAS KARAMCHAND GANDHI (1869-1948): Leader of Indian Nationalism in British-Ruled India

عورت کي ڙال ٻنائڻ وارو نا آشيان[1] اِهو مون توکي هڪ ڀيرا چيو ٻه آهي. تون ايشور تي ڀروسو رکي پساهه پورا ڪج... تون مري وئينءَ ته اهو ٻه ستيا گرهه جي ڪاتي ۾ ٿيندو. منهنجي لڙائي رڳو ملڪ سان وابسته نه آهي. اِها ڌارمڪ لڙائي آهي ۽ يعني نِج آهي اِن ۾ مري وڃون ته ٻه چا ۽ زنده رهون ته ٻه چا؟ تون ٻه ائين ئي سمجهي پنهنجي دل ۾ خراب نه سمجهج، اهڙي مون کي اميد آهي. توکان اِها منهنجي تقاضا آهي! موهن•••

# آئون توکي ياڪر پايان ٿو!*

## لينن



جنهن مارڪس کي ڪتابن مان ڪڍي زندگيءَ ۾ آڻي بيهاريو. 'ساميہ واد جي ابي' لينن جو، روسي انقلاب جي ڏينهن ۾ لکيل هڪ خط ڪروپسڪايا جي نالي.

ماسڪو: 9 جولاءِ 1919

پياري ڪِرِيا!

تنهنجو احوال حاصل ڪري مون کي بيحد خوشي ٿي. آئون اڳيئي هڪ تار ڪزان موڪلي چڪو هوس. اُتان ڪو جواب نہ مليو تہ مون ٻي تار ٻِزني موڪلي. اُتان اڄ جواب آيو آهي 'جويجڙا جهاز' کي 8 جولاءِ تائين ڪزان پهچڻو آهي ۽ اُهو اُتي 24 ڪلاڪن کان گهٽ نہ بيهندو مون اُنهيءَ تار ۾ پڇيو هو تہ ڇا جهاز ۾ گورڪي کي هڪ ڪئبن ڏيئي سگهجي ٿي. هو سياڻي هتي پهچي رهيو آهي، ۽ آئون ڪيس پيٽرو گريڊ کان ڪڍي اچڻ چاهيان ٿو. هُتي سندس همت چُور چُور ٿي چُڪي آهي ۽ هو گهبرائجي چڪو آهي. مون کي اُميد آهي تہ توکي ۽ ٻين ساٿين کي گورڪيءَ سان

---

* VLADMIR LLYICH LENIN (1870-1924): Russian Communist Revolutionary Poloticicn and Political Theorist.

ڳڏ سفر ڪرڻ ۾ خوشي ٿي ٿيندي. هو ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي تورو اڏول دل وارو ضرور آهي، پر اها معمولي ڳالهه آهي.

مون اُهي خط، جن ۾ مدد گھري ويئي آهي، پڙهيا آهن. جيڪي آئون ڪري سگھان ٿو، ڪري رهيو آهيان. تون سڀ ڪجهه، خوب سمجهه... تيستائين تون سياري تائين ڪم ڪار لاءِ تيار ٿي وينديءَ! آئون توکي ياڪر پايان ٿو، تون مون کي لِک ۽ جلدي جلدي تار موڪل. لينن•••

# ڳهر مون کي ڪاڻ ٿو اچي!*

منشي پريمچند



سموري زندگيءَ جو آڌار پريم آهي، شادي نه. دل ٻڌجي وڃي ته لڳن چاهي ٻڌجي نه ٻڌجي، ڪو فرق نٿو پوي!- انهيءَ ڳالهه کي اصول ناهي زنده رهندڙ ناول جي بادشاهه منشي پريم چند جو خط شِوراڻيءَ جي نالي.

پياري راڻي

آئون توکي ڇڏي ڪاشي آيس، پر هتي توکان سواءِ سُڃ ئي سُڃ لڳي ٿي، ڇا چوان؟ تنهنجي پيڻ جي ڳالهه ڪيئن نه ميجان؟ نه ميڄڻ تي توکي خراب لڳي ها. جنهن وقت توکي هُن روڪيو، آئون مَن ماري ويٺس. تون ته پنهنجي پيڻ سان اُتي خوش هوندينءَ، پر آئون هتي پريشان آهيان. جهڙوڪ هڪ آڪيري ۾ ٻه پکي رهي رهيا هجن ۽ اُنهن مان هڪ جي نه رهڻ تي ٻيو پريشان هجي! تنهنجو اهو ئي نياءُ آهي ته تون اُتي موج ڪر ۽ آئون تنهنجي نالي جي مالها جپيان؟ تون مون وٽ رهين ها ته آئون ڪيڏانهن وڃڻ جو نالو ئي نه وٺان ها. تون اچڻ جو نالو نٿي وٺين مون کي 15 تاريخ جو پرياگ يونيورسٽي ۾ سڏيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو آئون اجا تائين نه آيس، نه ته ڪڏهن جو

* MUNSHI PREMCHAND (1880-1936): Indian Writer

پهچي وڃان ها. انهيءَ ڪري آئون صبر ڪري ويٺو آهيان. هاڻي تون 15 تاريخ تي اچڻ لاءِ تيار رهج. سچ پيو چوان... گهر مون کي ڪائڻ ٿو اچي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿو ته ٻيا سيٺ جي طبيعت ساڳي طرح فڪرمند ٿي وڃي ٿي يا منهنجي ٿي؟ ته وٽ پيسا پهچي ويا هوندا. پنهنجي پيٽ کي منهنجا نمستي چئج. ٻارن کي پيار ڪج. ڪٿي ائين نه ٿئي جو هن خط سان گڏ ئي آئون به پهچان! جواب جلد لکج.

-پريم چند•••

# اوھان جي ڊپ جي گرفت*

## فرانز ڪافڪا جي ڊائري جا ورق



(منھنجيون لکڻيون گھڻو ڪري اوھان جي ارد گرد گھمنديون رھيون. نتيجي جي طور تي، مون پنھنجين لکڻين ۾ اھوئي روئڻو رنو، جيڪو اوھان جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي روئي نہ سگھيو ھوس. "ڪافڪا جو اھو مشھور ڊگھو خط، جيڪو ھن پنھنجي پيءُ جي نالي لکيو ھو (Brief and d.. , Vater, 1949) ۽ عالمي ادب جو ھڪ دستاويز بنجي ويو. ھو خط ڪافڪا نومبر 1919ع ۾ لکيو ھو، پر اھو خط سندس پيءُ کي ملي نہ سگھيو ھو.)

محترم بابا سائين،

اوھان مون کان پڇيو آھي تہ مان اوھان کان ڊڄڻ ڇو لڳو آھيان. ھميشہ وانگي مان اوھان جي سوال جو جواب سوچي نہ سگھيس. ڪجھہ تہ انھيءَ ڪري جو مان اوھان کان ڊڄندو رھندو آھيان ۽ ڪجھہ انھيءَ ڪري تہ انھيءَ ڊپ جي ڪارڻ جي تفصيل

* FRANZ, KAFKA (1883-1924): Czech Novelist and Short-story Writer.

۾ مون کي اهڙا دليل ڏيڻا پوندا، جن کي مان اوهان سان ڳالهائڻ وقت لڳ ڀڳ پنهنجي دماغ ۾ رکندو هوس. جيڪڏهن مان پنهنجا جواب لکي به ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ته اُهي پڻ اڻ پورا هوندا. انهيءَ جو هڪ ڪارڻ ته اهو آهي ته اوهان جي باري ۾ لکڻ مهل به اوهان جو ڊپ ۽ ان جو اثر مون تي حاوي رهندا آهن ۽ ٻيو ته اهو موضوع ايترو وساريل آهي جو انهيءَ کي پنهنجي ياداشت ۽ ضمير جي سگهه جي سرحد ۾ قابو ڪرڻ سولو ناهي.

حقيقت ۾، اوهان جي اثر کان پوري طرح آزاد ٿي، جيڪڏهن مان پلجان- نپجان ها، شايد تڏهن به مان اوهان جي مرضيءَ مطابق بنجي نه سگهان ها. مان شايد تڏهن به رڳو هڪ ڪمزور، ڊٻيل، شرميلو ۽ بي صبر شخص ئي هجان ها. اوهان خاص طرح مون تي انهيءَ ڪري حاوي ٿيا جو منهنجا ننڍا ڀائر ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا ۽ منهنجون ڀينرون هن دنيا ۾ ڪافي پوءِ آيون. انهيءَ ڪري اِهي ڌڪ مون اڪيلي کي سهڻا پيا، جن سيني لاءِ مون ۾ گهربل همت نه هئي.

مان ننڍپڻ ۾ ڊٻيل هئس. اهوئي نه، پر عام ٻارن وانگر ضدي به هئس. اهو سچ آهي ته مون کي اَمان به خراب ڪيو هو، پر منهنجو ذهن انهيءَ ڳالهه کي بلڪل نٿو مڃي ته مون کي سنڀالڻ ڪو وڏو تمام وڏو مسئلو هو. مون کي انهيءَ ڳالهه تي ويساهه ئي نٿو اچي ته جيڪڏهن ڪو مون سان مٺا ٻول ڳالهائي ها، هٿن سان مون کي ٻچڪاري ها، هڪ پيار ڀري نظر وجهي ها ته مون کان ڪو ڪم نٽي ڪرائي سگهيو. جيتوڻيڪ اوهان اندر ۾ بي حد مانيٽا ۽ نرم آهيو، پر بابا سائين، سيني ٻارن جي دلين ۾ ڊٻيل همدرديءَ کي ڳولڻ جو سبب بي ڊپائي ته نٽي هجي!

ٻالڪپڻ جو رڳو هڪ ئي واقعو مون کي چڱي طرح ياد آهي. اهو واقعو اوهان کي پڻ ياد هوندو. مان پاڻيءَ لاءِ واجهائي رهيو هوس. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته ائين مان اڃيو هجڻ جي ڪري نه، بلڪ ناراضگي جتائڻ ۽ ڪجهه پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪري رهيو هئس. ڪافي زوردار دڙڪن جي باوجود جڏهن مون

تي ڪڏهن پوري طرح عمل چو نہ ڪيو. بي دنيا، جيڪا مون کان پري هئي، جنهن ۾ اوهين رهيا تي. انهيءَ جو سنبنڌ سرڪاري ڪم ڪار سان هو، جيئن تہ حڪم جاري ڪرڻ ۽ انهن تي عمل نہ ڪرڻ تي چڙي پوڻ وغيره. آخري ۽ ٽين دنيا منهنجي لاءِ اُها هئي، جتي سيئي خوشحال هئا. جتي ڪنهن لاءِ نہ ڪو حڪم هو ۽ نہ ئي ڪنهن کي اُتي ڪنهن حڪن جي بجاوري ڪرڻي پوندي هئي، پر مان هميشہ بي عزت زندگي گهاري رهيو هوس.

اوهان جي مُشڪ ۾ هڪ عجيب قسم جي دلڪشي هئي. اهڙي مُشڪ گهٽ ئي ڏسڻ لاءِ ملندي آهي. سڪون، اطمينان ۽ قابو ڪرڻ واري مُشڪ. اهڙي مشڪ، جا انهيءَ شخص کي پوري طرح خوش ڪري ڇڏي، جنهن لاءِ اُها هجي. مون کي ياد نٿو اچي تہ نندپڻ ۾ ڪڏهن اهڙي مشڪ منهنجي حصي ۾ بہ آئي هجي، پر مان سوچيان ٿو تہ شايد ائين بہ ٿي سگهيو ٿي.

اهو سچ آهي تہ اوهان شايد ئي ڪڏهن مون کي ماريو هجي، پر اوهان جو زور زور سان چيخڻ، چهري جو ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿيڻ، جلدي جلدي چهبڪ جا ور کولڻ ۽ اهو هميشہ ڪرسيءَ جي پويان مارڻ لاءِ لڙڪائي رکڻ وغيره جي حالت تہ منهنجي لاءِ اجا وڌيڪ بدتر هئي. منهنجي لاءِ اها حالت نيڪ انهيءَ شخص جهڙي هئي، جنهن کي ڦاسي ملڻ واري هجي، ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان اڳ وارن سيني مرحلن مان هو گذري چڪو هجي، تڏهن ڪيس اوچتو ٻڌايو وڃي تہ ڪيس موت جي سزا کان آزاد ڪيو ويو آهي. تڏهن اهو شخص سموري زندگي انهي موت جي سزا جي پيڙا کي محسوس ڪندو رهندو.

اوهان جي انهيءَ پالنا جي مڪمل مصيبت جو بيو باهريون اثر مون تي اهو پيو جو مان انهن سيني شين کان پڄندو رهيس، جيڪي مون کي ڪٿي پري پري کان بہ اوهان جي ياد ڏياريندڙيون هيون. پهرين شيءِ تہ واپار هئي- خاص ڪري منهنجي نندپڻ جي ڏينهن جو اهو دُڪان. مون کي اهو ڏاڍو پسند اچڻ گهرجي ها. اهو ڏيک ڪيڏو گهڻو جيئرو هو. شام جي روشنين جي جڳ مڳ،

دماغ ۾ اهڙيون ڳالهيون پريل هئڻ جي ڪري مان پنهنجي باري ۾ تمام گهڻو فڪر ڪرڻ لڳس. اهو فڪر گهڻن شڪلين ۾ هو. مثال طور: پنهنجي صحت جي باري ۾ فڪر ڪرڻ، رڏپچاءَ جي اهليت، وارن جي ڪِرڻ ۽ ريڙهه (پٺيءَ) جي جهڪڻ جي باري ۾ سوچڻ سان انهيءَ فڪر جي شروعاتي نتيجي ۾ اهو فڪر ڏينهون ڏينهن وڌندو نيٺ سچ پچ بيماري ۾ بدلجي ويو.

مان انهن اتساهيندڙ ڏينهن جي هڪ ننڍڙي ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏيان ٿو. مون اوهان کي شاديءَ جي ارادي جي باري ۾ آخري پيرو ٻڌايو هو. ان وقت اوهان مون کي جو ڪجهه چيو هو، اُهو ڪجهه هن طرح هو:

”هوءَ شايد پراگ جي يهودڻين جي فيشن جهڙو اُهو خوبصورت بلائوز پائيندي هوندي، جيڪو ڏسي تون متس چريو ٿي پئين ۽ جهٽ شاديءَ جو فيصلو به ڪري ورتئه. رڳو اهو نه، تون سگهو يعني اج يا سڀاڻي ئي شادي به ڪرڻ چاهين ٿو. مان چا چوان! آخرڪار تون وڏو ٿي ويو آهين. هن شهر ۾ رهين ٿو، هر ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ کان سواءِ، ڇا تون ٻيو ڪجهه سوچي نٿو سگهين؟ ڇا تون ڪجهه نٿو ڪري سگهين؟ جيڪڏهن تون ڊڄي ويو آهين ته مان توسان گڏ هلندس.“

منهنجو خيال آهي ته شايد ئي ڪڏهن اوهان مون کي پنهنجين ڳالهين سان ايترو گهڻو لتاڙيو هجي ۽ ايتري گهڻي نفرت ڏيکاري هجي.

شاديءَ جي باري ۾ منهنجين ڪوششن تي اوهان ڪڏهن به ڌيان نه ڏنو. مون هڪ سان به پيرا رشتو ٽوڙيو ۽ ٻئي پيرا ساڻس رشتو جوڙيو، اوهان ۽ امان کي رشتي جي رسم نڀائڻ لاءِ ڇڪي وٺي ويس، پر اها ڪوشش پڻ ناڪام ويئي. انهن سڀني ڳالهين جو ڪارڻ اهو هو ته اوهان منهنجي فيصلي کي ڪا خاص اهميت نٿي ڏني، پر ائين ڇو ٿيو؟

ائين قطعي نه هو ته مون پنهنجي شاديءَ جي ٻي ڪوشش ۾ پهرئين پيري وانگر جلد بازي ۽ لاپرواهي ڪئي هئي. تڏهن به

منهنجي شادي ڇو نہ ٿي سگهي؟ انهيءَ ۾ ڪجهہ خاص قسم جون رنڊڪون هيون جن بدقسمتيءَ سان هر خاص معاملي لاءِ پنهنجو الڳ آزاد وجود رکيو ٿي. منهنجي شاديءَ ۾ سيني کان وڏي رنڊڪ تہ اها هئي تہ مان پنهنجي پاڻ کي ذهني طور تي شاديءَ لاءِ ڪڏهن پوري طرح تيار نہ ڪري سگهيس. انهيءَ ڳالهہ مان خود ئي ظاهر آهي تہ مان جڏهن بہ شادي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪريان ٿو تہ گهري ننڊ نٿو ڪري سگهان. رات ڏينهن مٿو سڙندو رهي ٿو. ايتري قدر جو زندگي نالي جي ڪا شيءِ باقي نٿي بچي. مان مايوسيءَ جي کُن ۾ ورڪوڙيل رهندو آهيان.

مان اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهيان تہ لکڻ ۾ اُن سان لاڳاپيل سيني معاملن ۾ مون آزاد رهڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، جن ۾ مون کي ورلي سڦلتا ملي، پوءِ بہ مان انهن ڪوششن جو حساب ڪتاب ڪندو رهڻ پنهجو فرض سمجهان ٿو يا هيئن چئجي تہ منهنجي جيون جو مقصد اهو آهي تہ اهڙو ڪو خطرو ان تائين پهچي نہ سگهي، جن کي مان ختم نہ ڪري سگهان، بلڪ اهڙن خطرن کي اُن تائين پهچڻ جو انديشو ئي نہ رهي.

پڇاڙيءَ ۾ مان اميد ڪريان ٿو تہ هن خط جون آخري صورتون جيڪي ورجائبيون جن جي باري ۾ تفصيل سان نہ مان چئي سگهان ٿو ۽ نہ چوندس. انهن سان منهنجي خيال ۾ ڪجهہ اهڙو حاصل ٿي سگهندو جو اسان ٻنهي جو جيئڻ ۽ مرڻ سوکو ٿي سگهي.

اوهان جو. فرانز

ooo

# گونگا ۽ گهرا ڏينهن•

(1)

نيويارڪ

ڇنڇر، 6 جنوري، 1912ع



اڱارو منهنجي لاءِ اڄ کان نسبتاً وڌيڪ جنم ڏينهن لڳو ٿي، انهن ڪجهه ڪلاڪن جي اصليت هڪ اهڙو دروازو آهي جيڪو خوشين جي اجازت، درد جي نئين دانهن ۽ زندگيءَ جو نئون روپ، آسمان ۾ ڏيکاري ٿو. اُنهيءَ شام کان پوءِ مون ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪئي تہ توکي لکان، پر هر ڀيري هڪ اهڙي عجيب ماٺ جي عالم، مون کي گهيري ٿي ڇڏيو، جيڪو رڳو گهرن سمندن ۽ اڻڄاتل علائقن ۾ ملندو آهي، جنهن کي اڻڄاتل ديوتائن جي ماٺ چئجي ۽ هِن وقت بہ جڏهن مان توکي لکڻ وينو آهيان، ائين محسوس ٿي رهيو آهي، ڄڻ زندگي جو سڀ کان پوائنتو تتوَ گونگو هجي. ڪنهن پوائنتي طوفان کان اڳ، جا ڪجهه ڪلاڪ ۽ ڪنهن اڻڄاتل دک يا خوشيءَ کان پوءِ جا ڏينهن هڪجهڙا هوندا آهن. ڦهليل ڪنين ۽ بيٺل هوائن سان ڀريل، گونگا ۽ گهرا ڏينهن.

- خليل

---

• KHALIL JIBRAN (1883-1931): Lebnon Great Artist, peot and Weiter.

(2)

سومر، 21 جنوري، 1912ع

اُها ماٺ اڃا تائين ختم نہ ٿي آهي. مان اڃا تائين اُنهيءَ ننڍڙي اسٽوڊيو ۾ جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ لنگهندڙ تصويرن کي ٽڪٽڪي لڳائي ڏسي رهيو آهيان. ڪجهہ اهڙي طرح جي رهيو آهيان، ڄڻ اڳ ۾ ڪڏهن زندهہ نہ رهيو هجان. ڏينهن ائين لڳن ٿا ڄڻ پرندڙ سوچن جا گدام هجن ۽ راتيون عجيب سپنن جي سمنڊ ۾ ٻڏل لڳن ٿيون. ڏينهن جي خاتمي ۽ رات جي شروع ٿيڻ جي وچ وارو ڪلاڪ سِتن تهن واري چادر سان ڍڪيل لڳندو آهي.

زندگي ۾ دردناڪ سُک ۽ دردناڪ منو درد- ٻئي آهن. تنهنجي خليل کي سک ۽ دک ٻنهي جي گهراين ۾ لهڻ گهرجي، جنهن مان ڪيس سُڌ پهچي سگهي تہ ڪيئن هڪڙي سِٽ لکي وڃي ٿي يا چتر ڪيئن ٺاهيو وڃي ٿو.

_خليل•••

# پر سڀ کان پيار جون ڳالهيون اُهي آهن، جيڪي اڃا ڪرڻيون اٿم•

ناظم الحڪمت



ترڪيءَ جو ٻرندڙ انقلابي شاعر، جنهن جي شاعريءَ ۾ سوين سِجن جي گرمي موجود آهي... ۽ جنهن جي زندگيءَ جو ڏڪوئيندڙ انت پاڳلپڻ ۾ ٿيو... ناظم الحڪمت جو خط پنهنجي گهرواريءَ جي نالي:

.... پوئين خط ۾ تو لکيو آهي، ”جيڪڏهن توکي ڦاسي ڏني ويئي ۽ مون توکي وڃائي ڇڏيو ته آئون سچ پچ زنده نه رهي سگهندس!“ پر پياري! تون زنده رهندينءَ، زنده رهندينءَ. منهنجي ياد هوا ۾ ڪاري دونهين وانگر ضرور تي مِٽجي ويندي، ۽ تون زنده رهندينءَ! هن ويهين صديءَ ۾ مرندڙ لاءِ رڳو سال کن روئبو آهي.

خاموش ۽ ڪومل دل ساٿي! مون کان غلطي ٿي ويئي، جو مون توکي لکي ڇڏيو ته هي مون کي ڦاسي چاڙهڻ لاءِ بيچين آهن. اڃا ته مقدمو شروع ٿيو آهي ۽ هو عڪ ماڻهو جو سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ چاهين ٿا... اهو ڪم ايترو آسان ناهي، جيترو گوگڙو پٽي

---

• NAZIM HIKMET (1902-1963): Turkish Peot, Playwright, Novelist and Memoirist.

ڪيڻ! تون اجايو فڪر نہ ڪر، منهنجو موت اجا گهٽو پري آهي! جيڪڏهن تو وٽ ڪجهہ پيسا آهن تہ مون لاءِ فلالين جو پٽيون خريدي رکج، چو تہ منهنجي ٽنگن ۾ سوُر رهي ٿو. اهو تون ڪڏهن نہ وسارج تہ قيديءَ جي زال کي سدائين خوش رهڻ گهرجي

ڏس، سڀ کان ڪشش رکندڙ اهو مها ساگر آهي، جنهن کي ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي! سڀ کان خوبصورت ٻار اُهو آهي، جيڪا اجا هن ڌرتيءَ تي پير رکي نہ سگهيو آهي! سڀ کان موهيندڙ ڏينهن اُهي آهن، جيڪي اجا هن زندگيءَ ۾ نہ آيا آهن! سڀ کان پياريون ڳالهيون اُهي آهن، جيڪي مون کي تو سان اجا ڪرڻيون اٿم .. جن کي منهنجا چپ توسان اجا تائين نہ ڪري سگهيا آهن.

- ناظم الحڪمت•••

سال ۾ رڳو هڪ صفحو ڪري ۽ اوهان ڏانهن موڪليندو رهي، ته سنڌي ٻوليءَ جو فڪري خزانو ڪتان ڪان ڪٿي پهچي تو سگهي.

پڙهيل ڳڙهيل سنڌيءَ جي هٿان هڪ سال ۾ رڳو هڪ صفحو ترجمو ڪرڻ تي، منهنجو زور شعوري ۽ سوچيل سمجهيل آهي. چو ته اهڙين سيني ڳالهين ۾ ڪوبه بار نه هئڻ گهرجي.

مان ڏڄي ويو آهيان، جويا صاحب، مان اهو ڏسي ڏڄي ويو آهيان ته ڪيئن تعليمي اختياريءَ وارا اسان جي گريجوئيٽن کي بلڪل ئي ڄاڻي واڻي معلومات کان وانجهيل رکن ٿا. چو ته اهو رڳو اتفاق سان تي ئي نٿو سگهي.

سچ ته ڪين هڪ اهڙو لاش بنايو پيو وڃي، جنهن کي ڪاري جادوءَ سان زنده ڪري رکبو آهي. سندن ڏاهپ کي خصي ڪيو پيو وڃي، سندن ذهن کي برفايو پيو وڃي؛ جمالياتي طور تي ڪين اُتهي سانجي ٿلهو ٺڪر جو ٺڪر ئي رکيو پيو وڃي ۽ سندن ارادن کي اهڙي طرح پٽرايو پيو وڃي، جو پنهنجي مرضيءَ سان ڪڏهن اُهي چُري ئي نه سگهن. ۽ اوهان جهڙن تعليم ڏيندڙن، اوهان جهڙن مفڪرن کي اهو يقين ڪرائي گمراهه ڪيو پيو وڃي ته هاڻي هن دؤر ۾، پنهنجي سڄي تصليمي ۽ فڪري معاملات سان اوهين سياست کي مقصد بڻائي سياست کي ئي لڳي وجو.ورثي جي طور تي، ايتري گهٽي تعليمي فڪر رکڻ سان، اوهان جو مقصد سياست آهي.

ڇا اوهان کي خبر ڪانهي ته وئشيائن جي وچ ۾ رهندڙ ڪا ڪنواري ڪنهن ڪم جي ناهي- نه پنهنجي ڪم جي نه وري وئشيائن جي ڪم جي. جيڪڏهن ايمانداري، سچائي ۽ پورٽتا ڪنهن ڦل جون خاصيتون آهن ته منهنجي خيال ۾ سياستدانن ۽ وئشيائن جي وچ ۾، وري به وئشيائون اُن تهذيبي خيال کان، هائو، تهذيبي خيال کان اڄ وڌيڪ ايماندار، سچيون ۽ ڪامل وئشيائون آهن.

- جويا صاحب، اوهان کي سڌ آهي ته منهنجي سمجهه پٽاندر

باراڻي سطح جي دماغ رکندڙ بالغن جو موجوده توڙي مستقبل جو نسل متان ائين چوي تہ جڏهن باقي دنيا ترقي پئي ڪري تڏهن اسان کي بچائڻ لاءِ ڪوشش ونندڙ ڪوبہ نہ هو.

اهو سڀ اوهان تي آهي، جويا صاحب، اهو سڀ اوهان تي آهي.

رکو اهو ڏسو تہ سائنس سان ذوق رکندڙ هتان جي شاگردن جي نسل سان ڇا پيو ٿئي، ۽ پوءِ بہ اوهان انهن لاءِ ڪک جيتري پرواهہ بہ نہ ڪريو تہ پوءِ اها انهن جي شايد صرف شومئي قسمت ئي چئجي. جي بنياد وارن شاگردن سان ڇا پيو ٿئي، ۽ پوءِ بہ اوهان متن اِهو ڪرڻ ۾ ڪسر نتا ڇڏيو تہ پوءِ اها سندن قسمت ئي چئجي. ●●●

# ڊاڪٽر مهڪريءَ جو نثار حسينيءَ ڏانهن خط

ڊاڪٽر جي. ايم مهڪري

ايل-4/1، ماڊرن ڪالوني، ڪراچي-16



سائين نثار حسيني

مان اوهان جي خط نمبر KS/128/87 تاريخ 1987_1_25 لاءِ ٿورائتو آهيان.

مون کي افسوس آهي ته مان پنهنجي ٻڍاپي ۽ بيماريءَ جي ڪري قليچ سنگت ۾ شرڪت نه ڪري سگهندس، جيڪا گهڻو گهڻو اڳ ٿيڻ گهربي هئي.

بيشڪ اها ڪانفرنس بين القوامي ٿي ٿيڻ گهرجي.

سموري نندي ڪنڌ ۾، ڪنهن به هڪڙي شخص ٿيمس نديءَ کي سنڌو دريا سان ملائڻ لاءِ ايڏي ڪوشش نه ڪئي هوندي، جيتري هن مهان شخصيت ڪئي.

جيڪڏهن اها حقيقي، پڙتي ۽ تصديق جوڳي سچائي نه هجي ها ته سچ پچ اهو وسهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ها ته ڏاهپ ۽ ڪلچر جي ڪوڙ سارن شعبن ۾ ايترن ماڻهن تي رڳو هڪ شخص جو ايڏو قرض آهي.

اسان ڪيڏو نه ايمان ۾ پرجي فخر تا محسوس ڪريون جڏهن ڪنهن عظيم نظم جو هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءِ ۾ ترجمو تا ڪريون.

۽ مرزا قليچ بيگ انساني ڪوششن جي ڪيترن ئي ڏسن ۾، پنهنجي بيحد لاڀدائڪ لکڻين سان گڏوگڏ انگريزي ادب جي جوهر کي سنڌي ادب ۾ منتقل ڪيو.

حقيقت ۾ ثقافتي طور تي، هو پاڻ پنهنجي طور مڪمل طرح 'جديد سنڌ' آهي.

جڏهن مون کي سنڌس گهر جي ياتين جي ذريعي، سنڌس گهر ۾ سنڌس لائبرري ڏسڻ جو شرف حاصل ٿيو ته مان سنڌس ڪارنامن کي ڏسي دنگ رهجي ويس ۽ ديون جي ديار مان هڪ چامڙي وانگر ٻاهر نڪتس، ۽ تڏهن کان مان ور ور ڪري حيرت ۾ آهيان ته سنڌ يونيورسٽيءَ کي سنڌس نالي پويان ڇو نٿو سڏيو وڃي. سنڌس نالو ملڻ سان ته يونيورسٽيءَ جي عزت افزائي ٿيندي.

گهٽو گهٽ ماڻهن جا پنهنجي هروڀرو نالن پويان ڪاليج آهن[1] مرزا قليچ بيگ کي عظيم انگريزي زبان سنڌيءَ کي ڪو ڇيهو رسائيندڙ نہ لڳي. اُن جي بدران، هن تہ بنگال جي راجا رام موهن راءِ (هڪ صدي اڳ) وانگر انگريزي زبان ۾ اهڙا جرڪندڙ موتي سونجهي ڪديا ۽ سو بہ ايڏي وڏي ڳاٽيتي ۾، جو سنڌيءَ کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ ڪيس موهہ جاڳي پيو. پوءِ تہ هو ۽ سنڌس ڪجهہ هندو ساٿي انگلنڊ جي ادبي ۽ ثقافتي دولت کي پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ ترجمي جي ڏکئي ڪم ۾ جنبي ويا.

سوچيو تہ سهي، شيڪسپيئر، ملٽن، ورڊ سورٿ، شيلي، ڪيٽس ۽ ٻين وڏن شاعرن جي شاهڪارن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ، جڏهن ساڳئي وقت شروعاتي دور جي سرڪاري نوڪريءَ جي فرض ادائي سان گڏوگڏ پنهنجي تخليقن- نثر، نظم، ناٽڪ ۽ ٻين سماجي، ثقافتي ۽ علمي ڪمن ۾ بہ رڌل رهڻو پوندو هجي! ڪيڏو نہ اعليٰ دماغ هئس؛ ڪيڏي نہ اڻ جيت دل هيس؛ ڪيڏو نہ فولادي ارادو هوس؛ ڪيڏو نہ الاهي اتساهہ هئس ۽ ڪيڏي نہ اڻ کٽ قوت هئس! سچ پچ، هو ايڏو وڏو ماڻهو هو جو علم ۽ ثقافت ۾ دلچسپي رکندڙ سنڌس باري ۾ سوچي بہ نٿا سگهن.

اسان کي بہ اسان جي سموري وقت جا ساڳيا ڏينهن جا 24 ڪلاڪ، هفتي جا ست ڏينهن ۽ سال جا 12 مهينا آهن. پر ڏسو تہ سهي، هن پنهنجو وقت، ونسٽن چرچل وانگر ڪيئن سجايو ڪيو

۽ ڪلچر جي سنڌس روشن ڪيل اولمپيائي مشعل ڪڻڻ لاءِ همٿائڻ گھرجي.

ٽي.وي مقابلي جي سنڌي پروگرام ۾ اهڙن چوڪرن ۽ چوڪرين کي انعام ڏنا وڃن جيڪي قليچ بيگ جي زندگيءَ بابت سوالن جا صحيح جواب ڏين.

قليچ بيگ جي ياد ۾، آئيندي تقريبن ۾، سموري سنڌ ۾، هاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي 'ڪل سنڌ قليچ بيگ مضمون چٽاڀيٽي' ڪوٺائي انعام ڏيئي سگھجن ٿا.

سنڌ جي هر ڪنهن اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾، ۽ انهن جي گهرن ۾ پڻ، جيڪي ڪيس قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا، سنڌس مانُ ۾ اُن ذات جو ڏيئا ٻاري رکيا وڃن.

اِن موقعي لاءِ ناٽڪ لکيا وڃن ۽ اسٽيج ڪيا وڃن. منهنجي خيال ۾، اهو ڪم ڪيترن ئي ثقافتي سببن ڪري، سڀ کان وڌيڪ اهم آهي.

منهنجي خيال ۾ ته سنڌس ڏهاڙو رکي حيدرآباد ۾ ملهائڻ ڪافي ناهي. اهو ته سموري سنڌ جو ميلو هئڻ گهرجي. سنڌس مانُ ۾ سموري سنڌ جي اسڪولن جي ٻارن کي ڳائڻ ۽ نچڻ گھرجي ۽ انهيءَ ڏينهن تي سموري سنڌ جي ڪافي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا نالا قليچ بيگ جي نالي سان منسوب ڪيا وڃن.

روڊن جا واهيات نالا نه هئڻ گھرجن پر سنڌ جي پارڪن 7 باغيچن کي سنڌس نالي پويان سڏيو وڃي. خاص ڪري لائبررين ته سنڌس نالي پٺيان هئڻ گهرجن.

ڏسو، ٽئگور ڪيئن نه سموري بينگال ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو.

هو زندگيءَ ۾ رڳو هڪ ڀيرو ڪلڪتي يونيورسٽي ويو هو ۽ ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جي احاطي ۾ هڪ يادگار پٿر لڳل آهي، جنهن تي اُڪريل آهي: 'ڪلڪتي يونيورسٽيءَ ۾ اُچڻ تي ڪوي سري رويندرناٿ ٽئگور هِن هنڌ تي ويٺو هو.'

۽ اسان پنهنجن مرزا قليچ بيگ ۽ شيخ اياز سان چا ڪندا رهيا آهيون!

ڪراچيءَ ۾، ميلن جا ميل اُهي ڍگها رستا ڏسيو ڪنڌ جهڪيو وڃي، جيڪي انهن شخصن سان منسوب آهن، جن مان ڪجهہ اڳيئي سنڌس پنهنجن پريشان پونيرن لاءِ شرم ۽ بي عزتيءَ جو باعث آهن. ۽ اجا تائين ڪوبہ روڊ قليچ بيگ جي نالي ناهي. هڪ ڳالهہ ڪري، اهو سنو بہ آهي. جيڪڏهن سنڌس نالي سان منسوب ڪيل روڊ تي فساد ٿين ها تہ سنڌس عظيم نالو پاڻ گند ۾ گيهلجي ها.

اُن بدران، سنڌس مهذب نالو يونيورسٽي، ڪاليج، اسڪول، باغيچي ۽ پارڪ سان ڳنڍيل هجي تہ بهتر.

اِن ڏهاڙي، اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن ۾، چوڪرن ۽ چوڪرين ۾، علمي چٽاپيٽي نٿي ٿي سگهي؟

اِن ڏهاڙي، 'گلن جي نمائش' پڻ نٿي ٿي سگهي؟

پوءِ اهو ٽيليويزن تي ڏيکاريو وڃي!

جيڪو ڏاهپ ۽ ڪلچر جي شمع روشن ڪري ٿو، اُهو اونداهيءَ جو خاتمو آڻي ٿو.

جديد علم جي ميدان ۾، مرزا قليچ بيگ اسان لاءِ ئي سڀ ڪجهہ ڪيو. اُن دور ۾، اسان جي چوقير ڏاهپ جي ڪيڏي نہ ڪاري رات ڇانيل هئي، جنهن جي سُڌ رڳو ڪيس هئي.

پر هن انهيءَ سوچ تي عمل ڪندي اڳواٽي ڪئي تہ "اونداهيءَ تي روئڻ بدران شمع روشن ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي" ۽ پوليس جي لافاني آس سان، جنهن مايوسيءَ جي عالم ۾ چيو هو:

Come my friends, it is not too late to seek a newer world... for my purpose holds to sail beyond the sunset and the bath of all the we western stars... strong in will to strive, to seek, to find, and not to yield.

سنڌ جا ڏاهو، متحد ٿيو! ڏاهپ ترقيءَ جو بنياد آهي، ڊانچو آهي ۽ اوچو منارو آهي •••

# ليٽرس ٽو ايميلي

(ايميليءَ ڏانهن خط)

شيرين نانا

انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب (1996) "Letters to Emily" جي ليکڪا شيرين نانا جي نالي ڪان آئون تڏهن واقف ٿيس، جڏهن سنڌالاجيءَ پاران منهنجي نگرانيءَ ۾ مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻين سهيڙڻ جو ڪم محترم نصير مرزا جي حوالي ڪيو ويو. مرزا نادر بيگ جون ڪهاڻيون هلندڙ صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي دوران شڪارپور مان شايع ٿيندڙ "سنڌو" رسالي ۾ ڇپيون هيون، پر ماهوار "سنڌو" جا شمارا نه پئي مليا. انهيءَ سلسلي ۾ نصير مرزا صاحب سان صلاح مشورا پيا ٿيندا هئا. ڳالهين ڳالهين ۾ هن ٻڌايو ته ڪيس پنهنجي سموري خاندان جي اوري پري جي سيني فردن بابت ڄاڻ آهي ۽ مرزا نادر بيگ جي شخصيت ۽ سندس ادبي اهميت ۽ حيثيت بابت سندس نياڻي شيرين نانا سان انٽرويو ڪندس، جيڪو هن پوءِ اهو انٽرويو سندس ڪراچيءَ جي گهر ۾ وڃي ڪيو ۽ جيڪو 'مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻين جي مجموعي' ۾ ڇپيو تبصري هيٺ ڪتاب جي ليکڪا سان منهنجي اها پهرين واقفيت هئي.

شيرين نانا سنڌيءَ ادب جي تمام قداور ۽ ماناتي شخصيت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي پوٽي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوائلي دور جي وڏي ڪهاڻيڪار، مرزا نادر بيگ جي ڌيءَ ۽ ناماياري تعليمي ماهر پروفيسر انيتا غلام عليءَ نانا جي ماءُ هئي سندس جنم 10 سيپٽمبر 1915ع تي خيرپور ۾ ٿيو هو، جتي سندس

والد صاحب جج جي حيثيت سان فائز هو. تازو وڏي ڄمار ۾ 1992.1.3 تي ڪراچيءَ ۾ گذاري ويئي. سندس خاندان ۾ عورتون، علم و ادب سان دلچسپي رکنديون هيون، پر روايتن موجب ڪين باقاعدي اسڪول نہ موڪليو ويندو هو. مسز شيرين جي شادي 18 ورهين جي ڄمار ۾ ٿي ۽ ڪيس پنهنجي خاوند جسٽس فيروز نانا جي بدلين جي ڪري سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهڻو پيو، جتي انهن ڳوٺن ۽ شهرن جي روايتي زندگيءَ ڪي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو مليس. جسٽس نانا شڪار تي يا ثقافتي ماڳن جي مشاهدي ۽ اڀياس ۾ لڳل هوندو هو تہ شيرين نانا ڳوٺاڻين عورتن سان ويهي ڪچهريون ڪندي هئي ۽ انهن جي روزمره جي زندگيءَ جون ڳالهيون ٻڌندي رهندي هئي. ان طرح شيرين نانا، سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جو ويجهڙائيءَ کان هڪ ڀرپور ذاتي مشاهدو حاصل ڪري، ان مان ڄاڻ حاصل ڪري ورتي.

تبصري هيٺ ڪتاب Letters to Emily اصل ۾ هڪ انگريز خاتون ايميلي ڏانهن سندس لکيل خطن جو مجموعو آهي. هوءَ 1950ع دوران ڪراچيءَ ۾ رهندي هئي، تڏهن هُن ڪانئس ملڪ جي باري ۾ ڪافي سوال پڇيا هئا. جواب ۾ بيگم شيرين جيڪي خط لکيا هئا، اُهي سنڌ جي اُن وقت جي روزمره جي زندگيءَ بابت گهڻي ڄاڻ ڏين ٿا.

بيگم نانا ايميليءَ کي ٻڌائي ٿي تہ سنڌ ۾ حويليءَ جي زندگي يوٽوپيائي ناهي. وٽن مکيون، مڇر ۽ وچون گهڻا ۽ صفائي پوري ساري آهي. هوءَ شروعاتي خطن مان هڪڙي ۾ معذرت ڪندي هڪ بي مزي ريمارڪ سان ختم ڪندي لکي ٿي تہ "اتان جي ڪاڪوسن ۽ انهن جي قسمن جي بيان ڪرڻ کان سواءِ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي تصوير مڪمل نہ ٿي سگهندي."

مذڪور خطن جي مجموعي ۾ سيني کان دلچسپ خط گلن جي باري ۾ سوالن بابت آهي. 'تزڪِ جهانگيري' ۾ بيان ٿيل اجنتا جي غارن ۽ لاهور جي مغليہ باغن ۾ پيدا ٿيندڙ ڪنول ۽ گلاب جي گلن ۽ نورجهان جي ايجاد ڪيل عطر جو ذڪر ڪري ٿي. هو

پوءِ اُپکنڊ ۾ مغرب ۾ عطر جي استعمال جي طريقن جي مشابهت ۽ فرق جو ذڪر ڪري ٿي. هوءَ لکي ٿي: ”ايميلي! جيتوڻيڪ تنهنجي ملڪ جا ماڻهو ۽ منهنجا هم وطن سنڌي گلن سان پيار ڪن ٿا، پر ٻنهي وٽ انهن جو استعمال جدا جدا آهي. اوهين ڏکيون ڏانديون ڪپي اُنهن کي سهڻي بيهڪ ۾ آٽي گهرن ۾ ميزن تي سجائي رکو. جڏهن ته اسين مٽان مٽان گل پٽيون ۽ ڏاگڻ سان ٻڌي زيورن وانگر ڳچين، ڪراين، ٻانهن ۽ وارن ۾ ٻڌون....“

ايميليءَ ڏانهن اهي خط محبت ۽ احساس جي گرمائش جي جذبن سان لکيل آهن. منجهس ڪراچيءَ جا دلچسپ واقعا ۽ سندن خاندان جو پوٽ بنگلوِ پڻ شامل آهي. لکي ٿي:

”جسٽس نانا جي ڪورٽ ۾ هليل ڪيسن جون يادگيريون ذهن ۾ محفوظ آهن، جن ۾ انهن ٻن ماڻهن جو ذڪر شامل آهي، جن جو هڪ ٻئي سان وڏو مقابلو ٿيو هو ۽ جن کي موت جي سزا ملي هئي.“

بيگم نانا خاص ڪري ٽن غريب عورتن جي زندگيءَ جا واقعا لکيا آهن، جيڪي ساڻس مختلف موقعن تي مليون هيون. انهن پنهنجي ايمان جي سلامتيءَ سان پنهنجي ذاتي نقصان کي جنهن همت سان برداشت ڪيو هو. انهيءَ ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو.

خطن کان سواءِ مذڪور ڪتاب ۾ رنگونيءَ جي ڪهاڻي به شامل آهي، جنهن ڪوڙهه جي مرض مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو هو. بيگم نانا پنجويهه ورهيه اڳ جڏهن ميري انڊليڊ ليپر ڪلينڪ؟ جو دورو ڪيو هو ته اتي ساڻس ملاقات ٿي هئس، جنهن سان آخر تائين سندس واسطو رهيو. اهو احوال گهڻو ڪري رنگونيءَ جي زباني ٻڌايو اٿس. جيڪو افسانوي نه پر حقيقت تي ٻڌل آهي. هو پنهنجي مرض جي تشخيص کان اڳ ۽ پوءِ جو ڏکوئيندڙ احوال ٻڌائي ٿو ته هو ڪيئن معجزانه طور تي خودڪشي جي ڪوشش مان بچي ٿو وڃي ۽ اڇاتل ماڻهن جي انساني همدردي سبب زنده رهي ٿو. آخر ۾ هو ڪوڙهه ۾ ورتل بيمارن جي ڪالونيءَ ۾ رهي ٿو، جتي بهتر ماحول ۾ رهي ڪلِنڪ جي

ڪارڪنن هتان علاج ڪرائي ٿو ۽ اهڙي طرح سندس زندگي، موت جي منهن مان ٻاهر نڪري اچي ٿي

سندس پهرئين خط جو عنوان آهي "Advice to Emily"، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي انگريز دوست خاتون کي سنڌ جي ٻهراڙي ڏسڻ لاءِ هِرکائي ٿي ۽ ڪيس اتان جي سماجي ريتين ۽ رسمن بابت ڄاڻ ڏئي ٿي. جنهن ۾ ڪيس اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ حويليءَ جي ميزبان خاتون سان ڪيئن ڪيڪارجي. هوءَ لکي ٿي:

"ايميلي، ساڻس هٿ نہ ملائج. جيڪڏهن تون سچ پچ سندس دل جيتڻ چاهين ٿي تہ پوءِ تون ائين ملج جيئن روايتي نموني اسان سان يا ٻي ڪنهن سهيلي، مائٽياڻي يا ڏاريئن سان ملندي آهين- يعني هڪ ٻئي جي ڊِري ڀاڪر ۾ پنهنجو کابو ڪلهو سندس کابي ڪلهي سان ملائج، پوءِ ساڄو ڪلهو سندس ساڄي ڪلهي سان ملائج. تون ائين بہ يا ٽي ڀيرا ڪج ۽ انهيءَ وچ ۾ اهو پڇندي رهج تہ تون ڪيئن آهين ٻار ٻچا خوش آهن. هوءَ بہ توسان ساڳي طرح ملندي ۽ ساڳيا سوال پڇندي. جڏهن تون ويهندينءَ تہ وري ساڳيو سلسلو شروع ٿيندو. پوءِ تون انهن جا جواب ڏيڻ بدران ساڳي ريت پڇڻ شروع ڪج...."

بيگم نانا انهيءَ ڪتاب ۾ اهڙو منفرد نثر لکيو آهي جو پڙهندڙ پاڻ ڳالهائي پيئي. سموري ڪتاب ۾ اها ڳالهہ پڌري آهي تہ زندگيءَ سان پيار ۽ ماڻهن سان سندس دلچسپي سندس زندگيءَ جو انگ آهن. هيءُ ڪتاب شروع کان وٺي پڄاڙي تائين نهايت دلچسپ آهي.

مسز شيرين نانا کي ڪافي يورپي ٻولين تي پورو عبور حاصل هو. تاريخ ۽ شاعري سندس پسنديده موضوع هئا. سندس "Sindhi Embroidery" ڪلچر کاتي وارن ڇپايو هو. اهو ڪتاب ڊائري ۾ انگر لکيل آهي. ڪتاب ۾ تصويرن جي حوالي سان ڪپڙن تي جيڪي سيبا ۽ ٽوپا ڏنل آهن، اُهي سندس خاندان جي ميراث آهن

# آرسيءَ آڏو
## *(Self Interview)
### امرتا پريتم



- منهنجي جانِ جي دشمن!
* جان جي دشمن شايد آهيان، پر ايمان جي دشمن نه.
؟ توکي ياد آهي، ڏکئي وقت ۾ مان توکي سڏيندي هيس- مون وٽ هلي اچ! منهنجي دوست! توکي دنيا نه سهندي، رڳو مان توکي سهي سگهان ٿي.
* سڀ ياد آهي منهنجي دوست! تون ئي منهنجي جسم جا ڪندا ڪڍندي رهي آهين.
؟ پوءِ اڄ مون سان اهي ڳالهيون، سلينڊئنءَ، جيڪي تو اڳ ۾ ڪنهن سان نه سليون آهن؟
* سڄي ڄمار ڳالهيون ئي ته ڪندي رهي آهيان. جيڪي به من جي تهن ۾ ٿيندو رهيو، اهو ئي قلم جي حوالي ڪري دنيا ۾ پڌرو ڪري ڇڏيم. توکان ڇا لڪائڻو اٿم، مون ته دنيا کان به ڪجهه لڪايو ناهي.

---

* AMRITA PRITAM (1919-2005): Panjabi (Indian) Short-story Writer, Novelist and Poetess.

* نه، انهيءَ کان سٺا پيا ناول به آهن، جيڪي مون پنهنجي باري ۾ نه لکيا آهن. مثال طور: 'پيڄرو'، 'ياتري'، 'جلاوطن'، 'جيب ڪترو' ۽ 'يڪي جا پتا'.

؟ توکي خبر آهي، مون توکي پنهنجي جان جي دشمن ڇو چيو هو؟ تو لکڻ جي لگن ۾ نه ڏينهن ڏٺو نه رات. ڪڏهن سموري رات لکندي رهئينءَ، نه ننڊ، نه بک. ڪڏهن سمورو ڏينهن چانهه پي پي ۽ سگريٽ ڦوکي گذارو ڪيئه.

* انهيءَ ڪري مون چيو هو، مان جان جي دشمن آهيان پر ايمان جي دشمن نه. هي قلم منهنجو ايمان آهي.

؟ تو قلم کي ايمان جي حد تائين ڇو وٺي وئينءَ؟

* منهنجي خيال ۾ ايمان جي حد کان ڪجهه به اورتي نٿو هجي. غلط رڳو اهو ڪجهه هوندو آهي جيڪو ايمان جي حد تائين نٿو پهچي. مثال طور محبت، اها محبت کان سواءِ ڪجهه ب. ٿي سگهي ٿي، پر محبت نه، جيڪڏهن اها ايمان جي حد کان اورتي رهجي وڃي. دنيا جي سياست انهيءَ ڪري دنيا کي ڪجهه ڏيئي نه سگهي ڇو ته اها ڪڏهن به ايمان جي حد تائين نه پهتي.

؟ تو دنيا جي درد کي ڪهڙي حد تائين پنهنجو سمجهيو؟

* تون مڃيندينءَ، جيڪڏهن مان چوان ته انهيءَ حد تائين جنهن حد تائين پنهنجي ذاتي درد کي.

؟ مان تنهنجي ڳالهه کي سچ کان اورتي نٿي سمجهي سگهان، سچ جي حد تائين سمجهان ٿي.

* مهرباني!

؟ پر تو هاڻي چيو هو ته لکڻ جو ڪم اهڙو آهي جنهن ۾ ڪجهه به پنهنجو نٿو رهي ۽ ڪڏهن ائين به لڳندو آهي جو پنهنجو درد به پنهنجو نٿو رهي.

* ها، چيو هوم.

؟ سو، هڪ طرف تو پنهنجي درد کان به سرخرو ٿيڻ چاهيو، ۽ ٻئي طرف هڪدم ڌارين دنيا جي درد کي به پنهنجو ڪري ورتو. ڇا اهو اُبتو عمل ناهي؟

* نه، دل درد جي لائق هجي ته اها پنهنجي ۽ ڏارئين درد ۾ حد بندي نٿي ڪري. مون رڳو لکڻ جي عمل کي درد سان سرخرو ٿيڻ چيو آهي.

؟ پر سرخرو ٿيڻ تي واسطو ختم ٿي ويندو آهي؟

* نه، واسطو ختم نٿو ٿئي، پاڻ وڌيڪ چٽو نظر ايندو آهي. جهڙي طرح ڪينواس تي رنگن ۾ اپريل صورتون ٿورو پري کان بيهي ڏسبيون ته صحيح نظر اينديون آهن. درد اسان کي ڪردار بنائي ٿو، پر لکڻ جو عمل اسان کي ڏسندڙ ناهي ٿو. اهو پنهنجو پان کي ڪجهه فاصلي تي بيهي پاڻ کي ڏسڻ جو عمل آهي ۽ اِهائي اُها سرخرو ٿيڻ جي گهڙي هوندي آهي، جڏهن اسان ڪردار کي ڏسندڙ بنجي ڏسون ٿا، چاهي خود ئي ڪردار هجون يا خود ئي ڏسندڙ.

؟ پوءِ ڪهڙو حرج هو جو دنيا جي درد کي تون رڳو هڪ ڏسندڙ وانگي ڏسندي رهين، تون پنهنجي نند ڪرين ها، پنهنجي مرضيءَ سان اُٿين ها، هن جو ڪردار نه بنجين ها.

* اهو ڪنهن ٻه ٻئي انسان لاءِ ممڪن ٿي سگهي ٿو، پر ليکڪ جي لاءِ نه. اها ليکڪ جي تقدير ٿئي ٿي جو ڪيس رڳو پنهنجو نه، ٻي جو موت به مرڻو پوندو آهي.

؟ تو کي ڪڏهن انهيءَ تقدير کان شڪايت نه ٿي؟

* جيڪڏهن ڪڏهن شڪايت ٿي آهي ته انهيءَ ڳالهه کان ته هن تقدير جي لائق ٿيڻ لاءِ هڪ ڄمار تمام ٿوري آهي.

؟ حيران آهيان! هڪ طرف تنهنجي اها همٿ آهي، ۽ ٻئي طرف اها هٻڪ نه تون منهنجي هر سوال جو جواب ڏيئي سگهين ٿي، پر هڪ سوال جو نه؟

* انهيءَ ۾ هٻڪ جو سوال ناهي.

؟ پوءِ ڇو نٿي ٻڌائي سگهين ته تنهنجي ناول ۾ 'انيتا' تون هئينءَ ته ساگر ۽ اقبال ڪير هئا؟

* تو ناول پڙهيو آهي، توکي خبر آهي ته انهيءَ ۾ انيتا به ساگر کي نٿي سڃاڻي سگهي. هوءَ رڳو اقبال کي سڃاڻي سگهي.

؟ اقبال جو حقيقت ۾ نالو ڇا آهي؟

* امروز!

؟ تو امروز کي ٻين ناولن ۾ به ڪردار ٺاهيو آهي؟

* ها، سڀ کان پهرين ’هڪ سوال‘ ناول ۾ جڳديپ ڇئي، پوءِ ’بند دروازو‘ ناول ۾ سمير ڇئي، پوءِ ’هڪ هئي انيتا‘ ۾ اقبال ڇئي، پوءِ ’ناگمٽيءَ‘ ۾ ڪمار جو نالو ڏيئي. هاڻي ته مون تنهنجي هر سوال جو جواب به ڏيئي ڇڏيو آهي.

؟ ها، گهڻو ڪري، پر تنهنجي زندگيءَ ۾ ساگر جي به ڪا اهميت رهي هوندي جو توکي اهو هڪ ڪردار جي روپ ۾ رچڻو پيو؟

* اهميت کان انڪار ناهي، نه انهن نظمن کان جيڪي مون هن جي محبت ۾ لکيا، پر مان ڪيس سڃاڻي نه سگهيس. هن جو رڳو منهنجي تصور سان تعلق هو. نه، اصل ۾ اهو منهنجي تصور جو منهنجي تصور سان واسطو هو ۽ جيڪا ڪهاڻي تصور کان شروع ٿي تصور تي ختم ٿئي، اها ڪنهن جي نالي جي نه، پنهنجي ئي خيالن جي ڪرامت هوندي آهي.

؟ هاڻي مان سمجهي آهيان، تو ڇو چيو هو ته مان هڪ سوال جو جواب نه ڏينديس. تو نيڪ چيو هو، ڪو پنهنجي ئي خيالن جي ڪرامت کي ڪيئن ڇوي. چڱو، اهو ٻڌاءِ- هڪ ڀيري تو پنهنجي باري ۾ چيو هو ته توکي بيحد پيار مليو آهي ۽ بيحد نفرت، انهيءَ مان ڪهڙي مراد آهي؟

* انهيءَ جو مطلب صاف آهي. مون کي پنهنجي پڙهندڙن کان بيحد پيار مليو آهي ۽ مون کي پنهنجي ٻوليءَ جي همعصر ليکڪن کان نفرت به ملي آهي.

؟ جيڪڏهن مان اهڙ پڇان ته توکي زندگيءَ ۾ ڪو پڇتاءُ ٿيو آهي؟

• رڳو هڪ پڇتاءُ آهي ته منهنجا همعصر ليکڪ منهنجا واقف نه هجن ها. ليکڪ جي ڪئريئر جو مون جيڪو ’اينٽي

ڪلائيميڪس‘ ڏنو آهي، اهو ڏاڍو ڏکدائڪ آهي.

؟ جيڪڏهن مان اهو چوان تہ اهو تنهنجي ’آئيڊلزم‘ جو قصور آهي، تو هن ڪئريڪٽر سان ايڏو ’آئيڊلزم‘ ڇو جوڙيو هو؟

* نہ، تون اهو نٿي چئي سگهين ڇو تہ اها منهنجي وشواس جي ڳالهہ آهي. مان اڃا بہ چوان ٿي تہ اڄ جڏهن اسان جو سمورو ديس ڪئريڪٽر جي ڪرائسس مان لنگهي رهيو آهي تہ ليکڪ کي ڪو حق ناهي تہ هو بہ ڪرائسس مان لنگهي، پر هو لنگهي رهيو آهي. جهڙي طرح اڄ سياست جي ميدان ۾ ڪنهن جي اڳيان پنهنجي ديس جو تصور ناهي، هر ڪنهن جو مفاد رڳو پنهنجي جياپي جي لاءِ آهي، اهڙي طرح ليکڪ جي اڳيان بہ رڳو پنهنجي جياپي جو مقابلو آهي. ڏس، سپنا ڪيستائين ٽٽي ويا!

؟ پنهنجي جان جي دشمن! تنهنجو من چوي ٿو تہ اهي بہ پنهنجي جان جا دشمن بنجي وڃن.

* ها، جان جا دشمن، پر ايمان جا دشمن نہ. اهڙا تمام گهٽ، پر ڪيترائي هوندا، ضرور هوندا. تو اڄايو اهڙو لفظ استعمال ڪيو آهي. اصل ۾ جان جي دوستي بہ اهائي هوندي آهي ۽ ايمان جي دوستي بہ اهائي. ڏس، انهيءَ ڪري تو مون کي جان جي دشمن چئي بہ پنهنجو دوست چوين ٿي....

؟ ها، دوست! پر اڄ مون تو کان هڪ سوال زبردستي پڇيو آهي، ناراض نہ ٿج.

* نہ، خوش آهيان جو تو پڇيو آهي ڇو تہ تون اهڙي طرح لکندينءَ جهڙي طرح مون ٻڌايو آهي، نہ تہ، ڪڏهن ڪڏهن انٽرويو ڏيئي پڇتائيندي آهيان- انٽرويو وٺندڙ بعد ۾ منهنجن ئي لفظن کي ٿوڙي مروڙي منهنجي مرضيءَ جا نہ، پنهنجي مرضيءَ جا مطلب ڪيندا آهن.•••

# هڪ نيپالي گهر جو اندريون اڱڻ

(نيپالي ۽ نيواري ٻولين جي ليکڪ ڌُوسوان جو انٽرويو)

امرتا پريتم



ڌُوسوان نيپالي ۽ نيواري ٻوليءَ جو ليکڪ آهي. هن وقت تائين سندس ڇهه ناول نيواريءَ ۾ ۽ هڪ هنديءَ ۾ ڇپجي چڪا آهن، جن مان هڪ نيپاليءَ ۾ ۽ هڪ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. پنجابيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪا امرتا پريتم نيپال جي انهيءَ ليکڪ جي زال وسُنترا جي من اندر ۾ ليئو پائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عورت جي اندر ۾ ڇا ڇا لڪل آهي، اهو هڪ عورت ئي ڄاڻي سگهي ٿي. دائيءَ کان ڪو ڏُن ڳجهو؟

امرتا: ڌُوسوان صاحب! مون نيپال ڪجهه پنهنجي اکين سان ۽ ڪجهه اوهان سان ملي، اوهان جي اکين جي رستي ڏٺو آهي. اڄ ڪجهه نيپال اوهان جي زال جي اکين سان ڏسڻ چاهيان ٿي. اوهان جي نگاهه هڪ ليکڪ جي نگاهه آهي، مون وانگي، پر اوهان جي زال جي نگاهه "لوڪ نگاهه" آهي. اوهان به اسان جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺو، پر مان وسُنترا جيءَ جي "عورت- هڪ نگاهه" مان جيڪي ڪجهه ڄاڻڻ چاهيان ٿي، انهيءَ ۾ جيڪي نيپال جي هڪ عورت جي باري ۾ هوندو، اهو ته هوندوئي، پر انهيءَ ۾ هڪ ليکڪ جي زال جي طور تي، اوهان مهرباني ڪري دخل نه ڏجو.

انهيءَ پٽر کي ڇهي مون قسم کاڌو هو تہ مان ڪڏهن شادي نہ ڪنديس.

امرتا: پوءِ ڏوسوان صاحب کي ڏنئہ ۾ قسم ٽوڙي ڇڏيئہ.

ڏوسوان: مان تڏهن امرتا جي، 'ڏوُسوان' نہ هئس. مان اڄا بنارس ۾ پڙهندڙ هڪ ڇوڪرو هئس، گووند.

وسنترا: ڪيترن ئي گهرن مان منهنجي سڱ جي گُهر ٿيندي هئي. نہ مون کي دلچسپي هئي، نہ منهنجي پيءُ کي، پر جڏهن هنن جي گهران گُهر ٿي. منهنجي جنم پَترِي پچيائون تہ خبر ناهي ڇو منهنجي من ۾ اوچتو شاديءَ جي خواهش جاڳي اٿي. امان اڳيئي چاهيو ٿي. منهنجا بہ ڀائر آهن، سندن خواهش هئي تہ مان پڙهان. سو نہ منهنجي پيءُ جي خواهش پوري ٿي، نہ ڀائرن جي امان منهنجي شاديءَ جي هاڪار ڪري ڇڏي، ۽ مون انهيءَ هاڪار ۾ هاڪار ملائي ڇڏي.

امرتا: شاديءَ کان اڳ ڀلا ڪيس ڏٺو هيئي؟

وسُنترا: ڪيترائي ڀيرا ڏٺم، پر چار ورهيہ گهر ۾ جهيڙو هلندو رهيو. نہ منهنجي پيءُ ٿي مڃيو، نہ منهنجي ڀائرن. هنن جي گهران جڏهن بہ ڪو ماڻهو ايندو هو، منهنجا ڀائرکيس گاريون ڏيئي گهر موٽائي ڇڏيندا هئا.

امرتا: تڏهن تہ ڏوسوان صاحب! اوهان وڏي تپسيا ڪري وسُنتراجيءَ کي حاصل ڪيو آهي؟

ڏوسوان: منهنجي حاصل ڪرڻ جي تہ انهيءَ ۾ ڳالهہ ئي ناهي. هيءُ منهنجي ماءُ پيءُ جي پسند هئي. مان تہ ان وقت هندستان ۾ پڙهي رهيو هوس. منهنجو پيءُ مون سان سهمت هو، پر امان جي وڏي خواهش هئي تہ گهر ۾ نهن اچي. انهيءَ جي پويان هڪ تمام وڏو ڪارڻ هو- هڪ ڀيري اسان جي ڪنهن مائٽياڻي ڳالهين ڳالهين ۾ ئي چيو هو تہ اڪُل بهادر جي ڌي وسُنترا تمام سهڻي آهي. امان پڇيس "سچ پچ تمام سهڻي اهي؟" تہ انهيءَ مائٽياڻيءَ جي واتان نڪتو، "اوهان پل ڪٽي نڪ گسايو پر اُنهي ڇوڪريءَ کي نٿا حاصل ڪري سگهو."

انهيءَ ڳالهہ تي امان پڪو فيصلو ڪيو تہ اهائي ڇوڪري گهر ۾ نهن ڪري آڻيندي.

امرتا: سو هڪ قسم جي پوري ٿيڻ لاءِ ٻئي قسم جو ٽٽڻ ضروري هو.

ڏوسوان: ٻيو ڇو، ٽيو بہ. منهنجو بہ پاڻ سان فيصلو هو تہ مان اجا شادي نہ ڪندس. منهنجو قسم بہ امان جي مرضيءَ اڳيان ٽُٽي پيو. ڳالهہ اها هئي تہ وسُندرا سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي طرفن کان ڪوششون ٿي رهيون هيون. اسان جي ذات ماننڊر ۾ ئي هڪ گهراڻو تمام وڏو مڃيو ويندو هو، انهن بہ ڪوشش پئي ڪئي. امان چوندي، هئي تہ منهنجي پڙهائي ختم ٿيڻ تائين اها ڇوڪري ڪنواري نہ رهندي. هڪ ڀيري مان موڪلن ۾ اوڏانهن ويس تہ حيران رهجي ويس جو منهنجون سڀ مرضيون رکيون پئي ويون. مون کي نوان ڪپڙا سبرائي ڏنا ويا، نوان بوٽ خريدي ڏنا ويا ۽ نيٺ بهاني سان مون کي ڇوڪريءَ وارن جي گهر پرسان، پاڙي واري گهر ۾ موڪليو ويو، جيئن ڇوڪر کي ڪنهن بهاني سان ڇوڪري ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ طرح مون کي ڪنهن بهاني سان ڇوڪري ڏيکاريائون.

وسُندرا: اڳتي مان ٻڌايان ٿي. ڳالهہ اها هئي تہ اسان جي گهر ۾ لڙائي متل هئي. پائُرن چيو ٿي تہ مان پڙهان پر منهنجو ٻيءُ مون کي ڪنهن اسڪول موڪلڻ لاءِ تيار نہ هو. هن ڌرمي سکيا ڏيڻ لاءِ گهر ۾ مون کي تبتي ٻولي ۽ ٻوڌي ادب پڙهڻ لاءِ چيو ٿي. پائُر سمجهائي رهيا هئا تہ مان شادي نہ ڪريان، ڇو تہ ڇوڪرو گهڻو پڙهيل آهي. مان پڙهيل نہ هيان، انهيءَ ڪري شاديءَ کان پوءِ اهو ڇوڪرو مون کي اڻ پڙهيل ڇئي، مون کان لاپرواهہ ٿي ويندو ۽ سس مون کي رنڌڻي جي راڻي بنائي ڇڏيندي. سو منهنجي پاءُ گهر ۾ اسڪول کولي مون کي ۽ اوڙي پاڙي جي لڳ ڀڳ پنجاهہ ڇوڪرين کي گڏ ڪري پڙهائڻ شروع ڪري ڏنو. پنهنجي پاءُ جي، ڊپ کان سون شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو، پر دل کان انڪار نہ ڪيو هئم. انهيءَ ڏينهن جڏهن هي اسان جي پاڙي ۾ آيا تہ مون

کين ڏنو. اهو پاڙي وارو گهر منهنجي چاچي جو هو. انهيءَ گهر جي نهن سندن سڀني ڦڦي هئي. ٻنهي گهرن ۾ پوڄا جو مندر ساڳيو هو. مان پوڄا ڪرڻ ويس ته انهيءَ گهر مان ڪل ٻوڳ جا آواز پئي آيا. منهنجي من چئي ڏنو ته اڄ "هو" آيل آهي. هيءُ چوڪرين ۾ وينل هو. مون هيٺ ڪان متي تائين ڏنو، مون کي اهو شخص ڏاڍو سهڻو لڳو. پوءِ مون چاچيءَ جي نهن جي پڇڻ تي شاديءَ لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو، پر من ۾ مون کي انهيءَ شخص جي لنؤ لڳي ويئي ۽ مون هڪ مهينو ڀڳوان ٻڌ جا ورت رکيا. انهن ورتن کي اسان جي ٻوليءَ ۾ "گونلي" چئبو آهي. ورتن جي مهيني ۾، ڏينهن ۾ رڳو هڪ ڀيرو اناج کائبو آهي ۽ پوءِ جيڪا خواهش هجي اُها پوري ٿي ويندي آهي. مون ورت رکيو ۽ ڀڳوان ٻڌ کان منورٿ گهريو ته منهنجي شادي هنن سان ٿي وڃي. منهنجي خواهش پوري ٿي. منهنجي هن سان شادي ٿي. جنهن شخص کي مون هيڏي تپسيا سان پاتو هجي ۽ اهو ٻي عورت کي چاهي، ته ڇا مون کي دک نه ٿيندو؟

امرتا: مون ته اڳيئي چيو هو ته نيپال جون ڳالهيون ڪرڻ کان اڳ، نيپال جي هن ليکڪ جي سيني اوٽاين جي هڪ فهرست ٺاهي ونون.

وسُندرا: پهرين پيڙا سهاڳ رات جو ٿي هئي. هن پهرين رات جو مون کي ڪنهن چوڪريءَ جو خط ڏيکاريو ۽ سندس موڪليل ٻه رومال مون کي ڏنا. خط تمام ڏکهو هو- هنن ڏانهن لکيل هو پراڻي پيار جو. ڀلا اها کهڙي شيءِ هئي پهرين رات جو ڏيڻ لاءِ؟

امرتا: شايد انهيءَ ڪري ته ڏارين سان جيڪو پراڻو حساب ڪتاب هو، ختم ٿئي ۽ اڳتي توسان نئون ٻي دخل حساب شروع ٿئي.

وسُندرا: پر حساب ڪٿي ختم ٿيو. بعد ۾ ٻه ڪيترين ئي چوڪريون سندن زندگيءَ ۾ آيون. هونئن نه ڄاڻان ڇو- مون کي هر ڀيري هي ٻڌائي ڇڏيندا آهن ۽ ائين چاهيندا آهن ته مان ٻه انهي چوڪري جي ساهيڙي بنجي وڃان. هر چوڪري شروع ۾ ته منهنجي ساهيڙي بنجي ويندي هئي، پوءِ مون کي جهٽڪي پري

ڪري ڇڏيندي هئي. جيڪي بہ ڳالهيون هُن سان ڪندي هيس، هوءَ اهي سڀ هنن کي ٻڌائي، پاڻ سندن ويجهو ٿي ويندي هئي ۽ مون کي پري ڌڪي ڇڏيندي هئي، ائين ڪوئي تيرهن پيرا ٿيو.

ڏوسوان: تيرهن پيرا نہ، ٻارهن پيرا.

امرتا: چڱو تيرهون گناهہ اڻ ڪيل، ۽ ٻارهن گناهہ قبول.

وسُنڌرا: اهي منهنجي دل جا ٻارنهن گهاءَ آهن. ڏاڍي پيڙا ٿي، ڏاڍي تڪليف... ٻارهون تہ اجا بہ هلي رهيو آهي، نہ ڄاڻان ڪڏهن ختم ٿيندو... مون ڪيترائي ڀيرا پوڪري ۾ ٻڏي مرڻ چاهيو. ٻيءَ جڏهن ڪنهن ڇوڪري سان وڙهي ايندو آهي تہ مون بيگناهہ کي ڇينڀيندو آهي. پر هڪ ڀيري مون وٽ هڪ جيوتشي کي هنن جي جنم پتري ڏيکاري، جنهن چيو تہ هنن جي زندگيءَ ۾ گهٽيئي ڇوڪريون اينديون، پر هي شخص توکي ڪڏهن نہ ڇڏيندو، سو مون صبر ڪري ورتو. پر هڪ وڏي ڏک جي ڳالهہ ٻڌايان- جڏهن منهنجي پهرئين پٽ جو جنم ٿيو تہ مان پنهنجي پيڪن ۾ هيس ۽ ڏاڍي بيمار هيس. هي موڪلن ۾ بنارس کان گهر آيل هئا. انهن ڏينهن هنن جي جيڪا گرل فرينڊ هئي، ڪيس سندن ماءُ پاڻ وٽ گهرايو... مون کي گهرايو هئائون پر مان ڏاڍي بيمار هيس، وڃڻ چاهيم ٿي پر وڃي نٿي سگهيس، سو سس غصي ۾ اچي انهيءَ ڇوڪريءَ کي گهرايو... مون تڙپي پنهنجي رت سان هنن ڏانهن خط لکيو هو تہ وڃڻ کان اڳ مون سان بہ ملي وڃن.

امرتا: ڏوسوان صاحب، اوهان ملڻ ويا يا نہ؟

ڏوسوان: ضرور ويو هوس. اوهان کي انهيءَ سموري قصي جو پس منظر ٻڌايان ٿو- ڳالهہ هيئن هئي جو جيستائين شادي نہ ٿي هئي، منهنجي ماءُ انهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائڻ لاءِ آتي هئي، پر جيئن ئي شادي ٿي منهنجي ماءُ آڪڙجي ويئي. هوڏانهن بدلي ۾ هن جا ماءُ پيءُ بہ آڪڙجي ويا. اسان ٻئي هڪ ٻئي کي چاهڻ لڳا هئاسين پر اسان ٻنهي جا ماءُ پيءُ...

وسُنڌرا: انهن ڏينهن هي مون کي بنارس مان هر ٻئي ڏينهن خط لکندا هئا. پر هنن جي ماءُ سندن ٻي شادي ڪرڻ چاهي

ٿي. اسان ۾ هڪ رسم آهي ته جڏهن نهن گهر ۾ ايندي آهي ته سس ڳاڙهي رنگ جي ”نوُن“ سان سندس پير ڌئندي آهي....

امرتا: ”نوُن “ ڇا ٿيندو آهي.

وسُنترا: جنهن کي انگريزي ۾ بيئر ڇئبو آهي. ”نوُن نيواري ٻوليءَ ۾ چوندا آهن ۽ نيپاليءَ ۾ “جانرو.” پلا ٻڌايو، جنهن جا اهڙي ريت پير ڌوتل هجن، ڪيس انهيءَ ڪان پوءِ اهڙي طرح ڪيئن بي عزت ڪري سگهجي ٿو....

امرتا: منهنجو خيال آهي، وسُنتراجي! اهو تنهنجي سس صاحبہ جي من جو بدلو هو. توکي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪئين پيرا جهڪڻو پيو، سو هن پنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ....

ڏوسوان: منهنجي من ۾ بہ ڪجهہ ري ايڪشن هو. هيءَ پيڪن ويندي هئي تہ هن جا ماءُ پيءُ ڪيس واپس اچڻ نہ ڏيندا هئا. هن سان ملي منهنجي من ۾ پيار جي ٻک جاڳي اٿندي هئي. هيءَ سهٽي تہ هئي ئي، جڏهن پيڪن مان نہ موٽندي هئي تہ مان ائين سمجهندو هوس تہ وڏ گهراڻي ڌي آهي تنهن ڪري آڪڙجي هلي ٿي. مون دراصل چاهيو ٿي- هيءَ منهنجي زال ٿي رهي ۽ هن ڪان سواءِ ٻي ڪا ڇوڪري منهنجي دوست هجي.

امرتا:- ڏوسوان صاحب! اوهان ليکڪ آهيو، عام ماڻهو ناهيو. اوهان مڃو ٿا تہ جيڪو حق مرد کي حاصل آهي اهوئي عورت کي هجي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي لاءِ اهڙي طرح سوچيو ٿي تہ ڇا بدلي ۾ اهوئي حق هن کي ڏيئي سگهيا ٿي؟ ڇا اوهان قبولي سگهيا ٿي تہ اوهان هن جا خاوند ٿي رهو ۽ ٻيو ڪو هن جو دوست بہ هجي؟

ڏوسوان: اها ڳالهہ مون ڪڏهن بہ نہ سوچي.

امرتا: ڇڻ عورت سان اها ڳالهہ ڪنهن طرح لڳي ئي نٿي. انهيءَ جو تعلق رڳو مرد سان ئي هجي.

ڏوسوان: ترسو، ٿورو سوچڻ ڏيو. اوهان منهنجي زال جي باري ۾ پڇيو آهي تہ، زال تہ زال، پر مان پنهنجي دوست ڇوڪرين جي باري ۾ بہ نٿي سوچي سگهيس تہ انهن جو تعلق ڪنهن ٻئي سان هجي. پر هڪ ٻي ڳالهہ اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان تہ منهنجي دوست ڇوڪرين مان ڪڏهن ڪنهن جي مجال نہ ٿي جو ڪا منهنجي زال جي خلاف ڇئي

سگهي. مان جن ڏينهن ڪٽي افيئر ڪري رهيو هوندو آهيان- انهن ڏينهن بہ پنهنجي زال لاءِ منهنجو پيار گهٽ نہ ٿيندو آهي. دنيا جي ڪا ڇوڪري هن جي جاءِ نٿي وٺي سگهي. اڳي ڪڏهن جڏهن منهنجي ڪنهن ڇوڪريءَ سان دوستي ختم ٿيندي هئي تہ مان سوچيندو هئس تہ اها منهنجي زال ختم ڪرائي آهي. پر هاڻي ڊگهي تجربي ڪان پوءِ مان سمجهي ويو آهيان تہ اُها دوستي ختم ٿيڻي ئي هئي. هر ڇوڪري سوچيندي هئي تہ مان شادي شده آهيان. اهو تعلق انت ۾ ڪٿي نہ پهچندو، انهيءَ ڪري اها پاڻ ئي اهو تعلق ختم ڪري ڇڏيندي هئي. آخر مان اهو بہ سوچڻ لڳس تہ چڱو ٿيو هي وسُنترا منهنجي زال آهي، نہ تہ انهن ڇوڪرين مان ڪنهن جي ڦندي ۾ ڦاسي وڃان ها.

امرتا: پر ڏوسوان صاحب! اوهان کي هر هر ڪنهن افيئر جي ضرورت ڇو ٿي پوي؟

ڏوسوان: منهنجي اندر ۾ هڪ جهنگلي شينهن آهي، چاهيان ٿو ڪو مون کي زنجيرن ۾ جڪڙي رکي. مان لکڻ چاهيان ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ ڪو مون کي حڪم ڏي، ”تون ضرور لک، هاڻي لک.“ ۽ مان سندس حڪم مجي لکڻ شروع ڪريان. مان جڏهن هتي، امرتا جي! توکي ۽ امروز کي ڏسان ٿو تہ تنهنجي پٽڪ ختم ٿي ويئي آهي، تڏهن مان سوچيان ٿو: منهنجي پٽڪ بہ ساڳي طرح ختم ٿي وڃي، مان بہ سيڪجهہ گهر ۾ ڳولهي وٺان. پر....

امرتا: اهو ”پر“ ڇا آهي، ڏُوسوان صاحب!

ڏُوسوان: اهائي تہ خبر نٿي پوي. منهنجي شاديءَ کي پنجويهہ ورهيہ ٿيا آهن، پر هاڻي بہ ڪڏهن پنهنجي زال کي ئي چٺي ڏيندو آهيان: وڃ، تون پيڪي هلي وڃ، مان نئين سر توسان عشق ڪندس ۽ پوءِ توسان شادي رچائيندس.

وسُندرا: مان ڪئين ڀيرا چوندي آهيان: تون ٻي ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏ. مان تنهنجي زال ناهيان، مان تنهنجي محبوبا بنجڻ ٿي چاهيان.

امرتا: اوهان وٽ نيپال ۾ هڪ رواج آهي- تہ ڪنواري ڇوڪري اول وشنو سان وهانءُ ڪندي آهي.

وسُندرا: هاڻي مان هنن جي ٻارهين عشق جو چا ڪريان؟ مان تہ چوان ٿي، جيڪڏهن هي هُن سان خوش آهي، تہ خوش رهي پر مون سان ڇو ٿو وڙهي؟

ڏوسوان: مون کي تہ بس! تو عدالت ۾ آڻي بيهاريو آهي. مان ڪنهن ٻي ڳالهہ تي بہ ناراض ٿيان تہ نالو انهيءَ ڇوڪريءَ جو پئجيو وڃي. هوءَ هر وقت منهنجي سر تي سوار ناهي.

امرتا: ڳالهہ اها آهي، ڏوسوان صاحب! وسُندرا جيءَ جي سموري پيشاني تي بنديا ڦهليل آهي، پر اوهان جي مٿي ۾ ڪنهن ٻي جو بہ خيال آهي، پوءِ پل اوهان جي چوڻ موجب هر وقت نٿو رهي.

وسُندرا: دل چوي ٿي: هڪ مهيني لاءِ ڪيڏانهن هلي وڃان، غائب ٿي وڃان. پهرين هنن جي هڪ ڇوڪري هتان تنگ ٿي نيپال مان هندستان تيرٿ ياترا لاءِ هلي آئي هيس. موٽي ويس تہ هنن جي دوست ڇوڪري چوڻ لڳي: "تون ڪيڏانهن نہ ويندي ڪر! تنهنجي وئي پڄاڻان تنهنجو مڙس مون سان اهڙي طرح ورتاءُ ڪرڻ لڳو ڄڻ مان ڪانئس گناهہ ڪرائي رهي هجان." سمجهہ ۾ نٿو اچيم، ڪيڏانهن هلي وڃان ٿي تہ هي مون کي ياد ڪندا رهن ٿا، ويجهو رهانس ٿي تہ وڙهن ٿا.

ڏوسوان: هاڻي وري تنهنجي دل گهمڻ تي ٿي آهي، ائين ٿو لڳي. تون اجايو انهيءَ نئين ڇوڪريءَ جو بهانو ٿي ڪرين. وڃ، جيڏانهن تنهنجي مرضي اچي، گهمي اچ. مان گهر ويهي تنهنجو انتظار ڪندو رهندس.

امرتا: اڄ نيپال جي اوچن جبلن ۾ مندر ڏسڻ جي خواهش هئي، اهي تہ نہ ڏٺم، پر وسُندرا جي! توسان ڳالهيون ڪري نيپال جي هڪ گهر جو اندريون اڱڻ ڏسي ورتم. اهو شايد انهيءَ ڪان بہ قيمتي آهي، جو تہ ڪنهن ڌارئين ديس جي ماڻهو کي اهو ڏسڻ نصيب نٿو ٿئي. چڱو، وسُندرا جي! آخر ۾ پنهنجي ديس جو ڪو پيارو گيت ٻڌاءِ ڇڏ.

وسُندرا: نيپاليءَ جو جيڪو گيت مون کي وڻندو آهي، اهو هڪ پڇن آهي: "اي مورک من! تون ڪيڏو پڻڪين ٿو، سک جي

لالچ ۾ تون ڪيڏو دک ڀوڳي رهيو آهين. “

امرتا: اهو تہ ائين لڳي ٿو، ڄڻ اڄ وسُنترا جي گهر ڄِي انهيءَ ڇت تي بيٺي آهي جتي گلن جي جهڳٽن ۾ سورج ديوتا جي روپ جو اهو پٽر پيو هجي، جتي بيهي ٻارهن ورهين جي وسُنترا قسم کاڌو هو تہ هو يکشڻ ٿيندي، شادي نہ ڪندي، ۽ هاڻي شاديءَ جي ڏکهي سفر ڪان پوءِ هوءَ انهي ديوتا کي پنهنجي ٽوڙيل قسم جو حشر ٻڌائي رهي هجي.

وسُنترا: ڇا ڪريان. اڄ بہ وسنترا ڪجهہ بہ نٽي ڪري سگهي. پريان ڪنهن راهہ ڏانهن وڃڻ لڳي تہ اڳيان اهائي تيرهن ورهين جي وسُنترا اچيو بيهو رهي، جنهن پورو هڪ مهينو ڀڳوان ٻڌ جو ورت رکي هيءُ خاوند گهريو هو.

امرتا: وسُنترا جو مطلب آهي ڌرتي! امبر (آڪاس) ڪجهہ بہ ڪري، ڌرتي ڪيڏانهن ويندي؟ هوءَ امبر جو قهر ۽ رحم ٻئي پي جهليندي.

ڏوسوان- ڌو جو مطلب آهي ڌوڙ. مان ڌوڙ يعني مٽيءَ جو گل آهيان- هن ڌرتيءَ جو، هن وسُنترا جو.

وسُنترا: مون هڪ جيوتشي کي پنهنجي جنم پتري ڏيکاري هئي، هن ٻڌايو تہ مان اڳئين جنم ۾ ويٺا وڃائيندي هيس، شايد انهن ڏينهن ۾ ڪلا ۽ سونهن جي نشي ۾ ٻڌل هيس. ڪيس پنهنجي بي پرواهيءَ سان تنگ ڪيو هئم، هاڻي شايد اُنهيءَ جنم جو بدلو وٺي رهيو آهي. ڪير ڄاڻي- ڪنهن کي خبر.

امرتا: اوهان تہ ڏوسوان صاحب! وشنو ۽ شِوَ جا رقيب آهيو. هر نيوار ڇوڪري وانگي وسُنترا جي بہ ڀهرين ول- گل سان شادي رچائي هئي- پوءِ اوهان سان. سو، اوهان جو درجو هن لاءِ وشنو ۽ شِوَ جي برابر ٿيو. جنهن اوهانِ کي اهو درجو ڏنو، اوهان هن جي طرفان نااميد نٿا ٿي سگهو. •••

# منهنجو ناٽڪ لاءِ موهه•

## ٿيئٽر جي ليجينڊ اداڪار نصيرالدين شاهه جو انٽرويو



نصيرالدين شاهه سنيما جي پردي تي مهان آهي. پر هو منچ (اسٽيج) تي وڌيڪ جيئرو ٿي اچي ٿو. جڏهن هو جيئرن جاڳندن ناظرين اڳيان اچي ٿو ته سندس سگهه ۽ ذات ڏسي سندن اکيون ڦاٽيو وڃن. هو پنهنجي اندر واري فنڪار کي وري جيئارڻ ۽ جوان ڪرڻ لاءِ ٿيئٽر جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿو. هن وڻندڙ آتم ڪٿائي ٽڪري ۾ هو پنهنجي مڪمل ٿيئٽر جي تجربي بابت ٻڌائي ٿو. هن لاءِ تجربو ئي سڀ ڪجهه آهي.

اوهان هر ڪنهن کي ٿيئٽر ۾ گهلي آڻي نٿا سگهو ڇو جو ٿيئٽر مالي طور تي ڪجهه نٿو آڇي. اهو توهان پنهنجي ذاتي خوشيءَ خاطر ڪريو ٿا، جنهن لاءِ توهان کي ڪارڻ ڳولهڻو پوندو. ويساهه ڪريو، ڪارڻ ڳولهڻ سولو ناهي- اجا تائين مان ڳولهي نه سگهيو آهيان.

مان نيشنل اسڪول آف ڊراما (NSD) جا ڪجهه ڊراما ڏسڻ کان پوءِ، منجهس لڙهندو ويس. مون اداڪاري ڪرڻ گهري ٿي. مان جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس تڏهن کان ئي مون پنهنجو لاڙو

---

• NASEERUDDIN SHAH (1905): Actor, Director and Performer of Theater of Stage and Film of Indian Screen

اوڏانهن محسوس ڪيو هو. جيافري ڪينڊل (ششي ڪپور جو سهرو) منهنجو اتساهه هو. هن سموري هندستان جو سفر ڪيو ۽ ٿيئٽر جي باري خاص ڪري منهنجي بورڊنگ اسڪولن وانگي، پنهنجو سنيهو پکيڙيندو رهيو. جيڪڏهن هو انگلنڊ ۾ هجي ها تہ اُتي جي مهان شخصيت هجي ها. پر هن مون جهڙن ڇوڪرن کي ٿيئٽر جي حيرت انگيز دنيا سان روشناس ڪرائڻ لاءِ هڪ پرچارڪ ٿيڻ تي ترجيح ڏني. گهڻو ڪري پنهنجي اٽڪلاٽائي ۽ ذهني ڪچائي جي ڪارڻ، مون هن مان ڪو ايترو گهڻو فائدو نہ ورتو جو مون کي ٿيئٽر جي تبديليءَ جي فارم يا گنڀير ڪميونيڪيشن جي طور تي ڄاڻ نہ هئي. ۽ جيئن تہ مون کي بهترين رول ملندا هئا ۽ مان پنهنجو پاڻ کي بهترين اداڪار سمجهندو هوس، تنهن ڪري مان ٿيئٽر يا ٿيوريءَ تي گهرائيءَ سان نہ سوچيندو هوس. منهنجو اهو حال ڏسي NSD جو خالق- ابراهيم الفاني اصل چريو ٿي پيو. هن منهنجي مستقبل کي ڏٺو ٿي پر مون کيس ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو.

مون کي اصل پڪ ناهي تہ ٿيئٽر يا سنيما جهڙي ميڊيا کي سماجي سڌاري لاءِ ميڊيا جي طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ اهو اجايو هٺ ٿيندو جيڪڏهن ڪو پنهنجو پاڻ کي مٿي ٻيهاريندو ۽ پرچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. مان سمجهان ٿو تہ سنيما ۽ ٿيئٽر جي ذميواري آهي پنهنجي دور جو رڪارڊ پيش ڪرڻ. هڪ اداڪار جي حيثيت سان، مون کي پڪ ناهي تہ اهو ممڪن آهي. انهيءَ معنيٰ ۾، سڀ ڪان وڌيڪ اهم ڳالهہ ڪميونيڪيشن ٿيندي.

ٿيئٽر جي باري ۾ منهنجي راءِ جرزي گراٽووَسڪي (Jerzy Grotowski) سان ڪم ڪرڻ کان پوءِ تبديل ٿي. جرزي گراٽووَسڪي هڪ اهو وهائو تارو آهي، جنهن 1980ع ۾ ڊرامي جو پنهنجو فارم- The Poor Theatre تخليق ڪيو، جنهن ۾ هو اسٽيج تي جيئرن جاڳندن ماڻهن جي موجودگي ضروري ٿو سمجهي. ونس اداڪاريءَ جو مقصد وڌ کان وڌ سگهہ سان ماڻهن تائين ڳالهہ پهچائڻ آهي.

گراٽووسڪي پٽاندر، ٿيئٽر جو انت هڪ اداڪار ۽ هڪ ناظر آهن. ٻين لفظن ۾: تون ڳالهاءِ، مان ٻڌان. يا تون ٻڌ، مان ڳالهايان. ٻئي طرف ائبسرڊ ٿيئٽر منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪميونيڪيٽ ڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو ته ناظرين گهڻو نہ سمجهندا هجن، پر ڪجھ نہ ڪجھ ڪٿي پهچيو وڃي. منهنجي لاءِ وقتي طور تي اهو ئي ڪافي آهي.

مان نٿو سمجهان تہ هندي ٿيئٽر ختم ٿي چڪو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو جيئاري سگهجي ٿو. بيشڪ اسان وٽ ناٽڪڪار گهٽ آهن، پر خبر ناهي تہ اها شڪايت ڪيستائين ڪندا رهنداسين. گهڻا هندي ناٽڪڪار بهرحال اولھ جي اڄ جي ائبسرڊزم جا چهرا پيا ڪڍن، توڙي جو اهو سڀ ڪجھ ڏسڻ لاءِ ناظرين ڏاڍي مشڪل سان اچن ٿا. اڄ، جيڪڏهن مان ناٽڪ ۾ اداڪاري ڪريان ٿو، جيئن مان وقت بوقت ڪندو رهندو آهيان، گهڻا ماڻهو رڳو انهيءَ ڪري ڏسڻ اچن ٿا جو نصيرالدين شاھ منجهس آهي. اهائي انهن لاءِ هڪ لطف پيري ڳالھ آهي، جيڪا ٿيئٽر جي مقصد کي شڪست ٿي ڏي.

ناٽڪ جي طور تي ڏسڻ لاءِ رڳو ڪِن ڪچرو اچي ٿو. ٻيا بہ اچن ٿا پر اهو چوندي ڏک ٿئي ٿو تہ اُهي تڏهن اچن ٿا جڏهن ڪين فلم جا ٽڪيٽ نٿا ملن. مان سمجهان ٿو تہ اسان اهو مسئلو ٿيئٽر کي سندس وچايل تشخص ڏيڻ سان حل ڪري سگهون ٿا. نڳٽن روين کي تخليق ڪرڻ ۾ اسان کي ٽيليويزن ۽ فلمن سان مقابلو نہ ڪرڻ گهرجي. جُلابي تجربو جيڪو سنيما ۾ ممڪن آهي، هتي ناممڪن آهي.

ستيہ ديو دُبي هڪ پيري چيو هو تہ مون کي ٿيئٽر وڌ لذت/ اُتيجنا (Orgasm) بخشي ٿو. هن محسوس ڪيو تہ سنيما ۾ پاڻ مڃائڻ کان پوءِ، مون کي هڪ پيرو وري اسٽيج جو لطف حاصل ڪرڻ جي خواهش جاڳي اُٿي هئي، جيڪا هر حالت ۾ اداڪار جي 'پهرين محبت' هجي ٿي. مان ڪيترو بہ مصروف چو نہ هجان،

ٿيئٽر لاءِ اجا تائين وقت ڪڍندو آهيان، ڇو جو مان ان مان مزو ماڻيان ٿو ۽ فلم ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ مون ۾ ڪافي سگهہ بچيل هوندي آهي. اسٽيج تي ڪم ڪرڻ منهنجو شوق آهي، جنهن لاءِ مون کي پيار آهي ۽ اهو گنييرتا سان وٺان ٿو. منهنجي خيال ۾ جنهن مان لطف ملندو آهي، اُن لاءِ وقت نڪري ئي ايندو آهي.

تازو ستيہ ديو دُبي جي ڊرامي "Don Juan in Hell" ۾ ڪم ڪيو هئم، جيڪو منهنجي ڪئريئر جي سڀ کان سٺن ڪردارن مان هڪ هو. انهيءَ کان اڳ دُبي جي ٻن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو هئم پر ٻئي ناڪام ويا هئا. سمجهان ٿو تہ سندس هدايتڪاريءَ جي طريقي کي سمجهي نہ سگهيو هوس. پر "Don Juan" ۾ اسان انهي مخصوص اندر اسٽينڊنگ تي پهچي ويا هئاسين. اهو پهريون گهمرو نہ هو جو مون هن قسم جي ڊرامي ۾ ڪم ڪيو هو، جنهن ۾ منهنجو مُک ڪردار هجي ۽ ڊگها خود ڪلاميءَ وارا ڊائلاگ هجن. مون اهڙن گهڻن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي پر اهو پهريون گهمرو هو جو "The Zoo Story" ۽ ٻين ڊرامن جي اُبتڙ، جيڪي منهنجي هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيا ويا هئا، هڪ اهڙي ڊرامي ۾ بهتر طور تي مون کان ڪم ورتو ويو جنهن ۾ تقرير تمام اهم هئي. مون جڏهن بہ ڪنهن ڊرامي جي هدايتڪاريءَ جا فرض بجا آندا آهن تہ مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ ڪنهن ڳالهہ جي اوڻائي رهجي ويئي آهي.

گذريل ڪجهہ سالن ۾ مون پنهنجي وس آهر ڪافي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي. مثال طور 1982ع ۾ شانتا گانڌي جو 'Jasma Odan'؛ 1981ع ۾ وينا پاڻي چاولا جو 'Oedipus' ۽ 1983ع ۾ 'Rosencrantz and Guilderstem'؛ 1983ع ۾ دُبي جو 'Don Juan in Hell' (جيڪو پنهنجي انتهائي ڪامپليڪس فارم ۾ Shavian ٿيئٽر آهي) ۽ 1985ع ۾ 'بالي'.

ٿيئٽر منهنجي زندگي آهي. گهڻن موقعن تي مان شوٽنگ کان سڌو ريهرسل ڪرڻ ايندو آهيان ۽ اُتان ئي ٻي شفٽ تي سڌو

هليو ويندو آهي. مون ڪي اهو ڪم ٽڪائيندڙ نہ لڳندو آهي، پاڻ قوت بخشيندو آهي. مان پنهنجي زال رتنا پاٺڪ سان پهريون ڀيرو اسٽيج تي مليو هوس. 1974ع ۾ انهن ڏينهن امان دُبي جي ’سنيوگ سي سنياس تڪ‘ ۾ ڪم ڪري رهيا هئاسين. آهستي آهستي ڊرامن ۾ گڏ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسين- ۽ نتيجو چڱو ڪامياب ويو آهي.

منهنجو ٿيئٽر لاءِ موھ ڪڏهن پربو ئي ڪونہ. شايد دُبي صحيح چيو آهي تہ ٿيئٽر منهنجو اظهار آهي. بيشڪ ناٽڪ هڪ شيءِ آهي. •••



ISBN 978-969-625-034-0

Rs. 400/-